# التبیان فی مسائل السلوک والاحسان

المعروف بہ

# دلائل السلوک

افادات

شیخ سلسلہ نقشبندیہ اویسیہ

حضرت العلام مولانا اللہ یار خان

نوراللہ مرقدہ

ناشر

ادارہ تالیفات اویسیہ

مرشد آباد ضلع میانوالی

افادات: حضرت العلام مولانا الله يار خانؒ نورالله مرقده
تاليف و ترتيب : حضرت ابوالحسن نقوي دامت برڪاتهم
ترجمو: سعيد سمون
نظرثاني: مولانا محمد حسين شاهه سجاولي
ڇاپو: پهريون: سن 2011ع
ڪمپيوٽر لي آئوٽ:فهيم احمد سولنگي
تعداد: هڪ هزار
ناشر: ادارو تاليفات اويسيه مرشدآباد (ضلعو ميانوالي)

# سنڌاءُ

**نشانِ راهه............................................................................. 9**
**عرض حال.............................................................................. 18**

باب پهريون.......................................................................22
**اسلامي تصوف جي حقيقت........................................................ 22**
تصوف ڇا آهي؟ .....................................................................22
علم تصوف جو موضوع .........................................................24
علم تصوف جي تعريف ۽ مقصد ................................................24
تصوف ڪجهه ناهي ڇا؟..........................................................25

باب ٻيو.............................................................................27
**تصوف بابت مختلف نظريا ........................................................ 27**
تصوف جا منڪر....................................................................27
تصوف کي مڃيندڙ ................................................................28

باب ٽيون............................................................................30
**تصوف جو ثبوت ............................................................... 30**
حديثِ جبرائيل ؑ...................................................................30
انبياء عليهم السلام جي بعثت جو مقصد .......................................32
دين ۾ تصوف بدن ۾ روح وانگر آهي...........................................33
تصوف حاصل ڪرڻ فرض عين آهي............................................33
امام غزالي ؒ جي راءِ ............................................................34
تصوف دين جي اصولن مان آهي ..............................................35
اهلسنت والجماعت جو مدار شريعت ۽ طريقت تي آهي............35
تصوف تواتر سان ثابت آهي......................................................35
حديثِ احسان تي تفصيلي بحث ..................................................36
نفلن سان الله جو قرب.............................................................44
قرب فرائض ۽ قرب نوافل ۾ فرق ...............................................48

باب چوٿون........................................................................55
**قلب: (دل) جو بحث.................................................................. 55**
اصل مڪلف قلب آهي ...........................................................56
عقل جو مقام قلب آهي.............................................................57
تقويٰ جو هنڌ قلب آهي............................................................57

وحي جو مخاطب ۽ هنڌ قلب آهي ........................................ 57
جزا ۽ سزا جو تعلق ........................................ 57
علم ۽ فهم جي ضد جي نسبت قلب ڏانهن آهي ........................................ 58
قلبِ سليم ........................................ 59

باب پنجون ........................................ 60
**روح جو بحث ........................................ 60**
روح جي تعريف ........................................ 60
روح لطيف جسم آهي ........................................ 60
روح جوهرِ فرد نه آهي ........................................ 61
روح لامڪاني آهي ........................................ 62
روح عالم امر مان آهي ........................................ 68
عالمِ امر ڇا آهي؟ ........................................ 69
ڪهڙيون شيون عالمِ امر مان آهن ........................................ 69
روح جي شڪل ۽ صورت ........................................ 70

باب ڇهون ........................................ 73
**نفس جو بحث ........................................ 73**
نالي جو سبب ........................................ 73
نفس ۽ روح ۾ فرق ........................................ 74
سڪون ڇا آهي؟ ........................................ 74
هڪ شئي جا مختلف نالا ........................................ 74

باب ستون ........................................ 76
**لطيفا ۽ شيخ مرشد ڪامل ........................................ 76**
لطيفا پنج آهن ........................................ 76
لطيفن جي باري ۾ اختلاف ........................................ 77
اختلاف جو سبب ........................................ 78
خلوت ۽ گهٽ ڳالهائڻ جون پابنديون ........................................ 79
شيخ ڪامل (مرشد) جي سڃاڻپ ........................................ 80
شيخ جي ضرورت ........................................ 82

باب اٺون ........................................ 84
**سلوڪ جون منزلون ........................................ 84**
سلوڪ جون ابتدائي منزلون ........................................ 84
استغراق جي حقيقت ........................................ 84
انبياء 8 جي ننڊ وضو کي ڀڃندڙ نه آهي ........................................ 85
نومِ انبياء 8 وحي آهي ........................................ 89
مراقبن جي حقيقت ........................................ 92
دوائر ثلاثه ........................................ 92
سير ڪعبه ........................................ 92
سالڪ المجذوبي جون منزلون ........................................ 93
ولايت اولياء جون منزلون طئي ڪرڻ لاءِ چند شرط ........................................ 95
قطب وحدت ۾ ٽي امتيازي خاصيتون هجن ٿيون: ........................................ 96

باب نائون ........................................ 98

**انبياء عليهم السلام جي ولايت ............................................................ 98**

باب ڏهون ............................................................. 103
**اولياءالله جا منصب ............................................................ 103**
صوفين جون اصطلاحون حديثن مان ورتل آهن ..................... 103
تنبيهه: ............................................................. 106

باب يارهون ............................................................. 108
**اولياءَالله جي منصبن تي تفصيلي بحث ......................................... 108**
غوث ۽ قطب ............................................................. 108
اقطاب جا فرائض ............................................................. 110
قطب مدار ............................................................. 110
قيوم ............................................................. 111
انسان ڪامل ............................................................. 112
لفظ غوث جي تشريح ............................................................. 113
مستجاب الدعوات هجڻ جو مطلب ............................................. 113
شرط ۽ دعا جا ادب ............................................................. 114
دعا جو قبول نه ٿيڻ ............................................................. 117

باب پارهون ............................................................. 120
**اولياءَالله رسول الله ﷺ جي زبان سان ........................................... 120**
قيامت جي ڏينهن اولياءَالله جو شان ................................................ 120
دنيوي زندگي ۾ اولياءَالله جي حالت ................................................ 122
قرب الهي جا مدارج (درجا) ................................................ 124
قرب فرائض ............................................................. 124
نوافل سان قرب حاصل ڪرڻ ................................................ 124
محبوبيت جو درجو ............................................................. 125
الله جي ولين جي سڃاڻپ ................................................ 127
الله جي ولين جو امتيازي شان ................................................ 128
الله جي ولين سان دشمني، الله سان دشمني آهي ......................... 129

باب تيرهون ............................................................. 132
**الله جو ذڪر ............................................................. 132**
ذڪر مطلق قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي. ......................... 132
نماز کان علاوه به ذڪر جي ڪا صورت آهي؟ ......................... 133
قرآن پڙهڻ کان علاوه به ذڪر جي ڪا صورت آهي؟ ........... 134
ذڪر ڪثير مامور به (حڪم ٿيل) آهي ......................... 135
ذڪر جون مختلف صورتون ................................................ 137
ذڪر قلبي افضل آهي ................................................ 137
ذڪر خفي جي فضيلت قرآن ۾ ................................................ 138
ذڪر خفي جي فضيلت حديث ۾ ................................................ 139
ذڪر قلبي ............................................................. 140
اجتماعي ذڪر ............................................................. 142

باب چوڏهون ............................................................. 144
**ذڪر جو حلقو ............................................................. 144**

اجتماعي ذڪر جو ثبوت ............................................... 144
حديث مان انجي تائيد .................................................. 144
مجالس ذڪر قائم ڪرڻ جو حڪم .................................... 145
صوفين جي عمل جو قرآن وسنت تي بنياد آهي ........................ 146
قرآن ڪريم مان ذڪر جي حلقي جو ثبوت ............................ 147

باب پندرهون....................................................... 149
**الله جي ذڪر جي فضيلت ................................................ 149**
الله جو ذڪر سيني عبادتن کان افضل آهي.......................... 149
حضور  هر وقت ذڪر الٰهي ۾ مشغول رهندا هئا................. 149
الله جو ذڪر جاني ۽ مالي عبادتن کان افضل آهي ................... 150
الله جو ذڪر مومن جي لاءِ هڪ قلعو آهي.............................. 151
الله جي ذڪر کان غفلت شيطان جي هٿ تي بيعت ڪرڻ وانگر آهي
.............................................................................. 151

باب سورهون ......................................................... 153
**توجهه ۽ تصرف شيخ........................................................ 153**
قرآن مجيد مان القاء ۽ باطني تصرف جا چند مثال................ 154
حديث فعلي ۾ توجه ۽ تصرف جا مثال.................................. 154
حديث ابن ابي ڪعب ......................................... 155
شيخ جو توجهه ....................................................... 156

**الڪشف والالهام.......................................................... 160**
علم حاصل ٿيڻ جا ذريعا ........................................... 160
ڪشف نه ٿيڻ وڏو پردو آهي.......................................... 161
ڪشف جي لاءِ شرط.................................................... 162
حديث نفس ۽ القائي شيطاني......................................... 162
ڪشف والهام جي صحيح هجڻ جو معيار ............................ 163
قرآن حڪيم مان ڪشف جا دليل ..................................... 164
تلڪ عشرة ڪامله .................................................. 165
ڪشف ۽ الهام ۾ فرق ............................................... 167
برزخي حالت ........................................................... 168
نبين ۽ ولين کي شين جي موجود ٿيڻ کان اڳ انڪشاف ........... 169
ڪشف ۽ الهام نبين جي وحي واري قبيلي آهن........................ 175
ڪشف ۽ خواب ۾ فرق.................................................. 176
ڪشف ۽ الهام ۾ بدڪارن جو حصو نه آهي.......................... 176
الهام جو انڪار مردود آهي ........................................ 176
ڪشف ۽ الهام خاص الله وارن جو حصو آهي....................... 176
ڪشف ۾ انقلابي اثر آهي ............................................ 177
اصل ايمان اطمينان آهي ........................................... 179
علماءِ ظواهروعلماءِ باطن جي وچ ۾ قرآن مجيد جي اعتبار سان
فيصلو......................................................................... 188
خلاصو: ............................................................... 192

باب ارڙهون ............................................................ 195

**نبين ۽ ملائڪن عليهم السلام اجمعين ڪي ڏسڻ..........195**
انبياء 8 ڪي ڏسڻ جو ثبوت..........195
عين ذات ۽ مثالي صورت ۾ ڏسڻ ۾ اختلاف..........197
سجاڳي جي حالت ۾ ڏسڻ جو بنياد..........198
مشائخ (بزرگن) جا قول..........199
امت جي عالمن جي تحقيق..........200
جنن ۽ شيطانن ڪي ڏسڻ..........203
جِنن ڪي ڏسڻ جو ثبوت..........203
خرق عادات ۽ اهل السنت والجماعت جو مسلڪ..........205

باب اوڻيهون..........211
**رسول ڪريم □ سان روحاني بيعت..........211**

باب ويهون..........213
**روحن سان ڳالهه ٻولهه..........213**

باب ايڪيهون..........237
**شيخ (مرشد) سان مريدن جو ادب ڪرڻ..........237**
حضور □ جي مجلس ۾ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي حالت
..........239
اصحاب سڳورا رضي الله عنهم ۽ اطاعت رسول □..........240
اصحاب سڳورا رضي الله عنهم ۽ تعظيم نبوي □..........241
اصحاب سڳورا رضي الله عنهم ۽ محبت رسول..........244
تصوف وسلوڪ شروع ڪان انتها تائين ادب ئي ادب آهي..........246
فيض وٺڻ لاءِ آداب..........251

باب ٻاويهون..........256
**ڪرامتون..........256**
ولين جون ڪرامتون تواتر سان ثابت آهن..........258
1: فرق فاعلي..........261
2: فرق مادي..........262
3: فرق صوري..........262
4: علت غائي..........263
5: ڪهانت ۽ جادو..........263
المرشدي:..........267
2: محمد بن حمزه:..........272
3: عمر بن مبارڪ □:..........273
4: محمد بن يوسف بولاقي□:..........274
5: ابو الغيث بن جميل □:..........275
6: عامر بن عبدالله □:..........275
7: شيبان راهي □:..........275
8: شيخ عبدالقادر جيلاني□:..........276
9: ذوالنون مصري □:..........277
10: غوث يوسف همداني بغدادي □:..........278
11: حضرت ابراهيم دسوتي:..........280

**سلسلو اويسيه ........ 282**
تصوف ۽ تصوف وسلوڪ جي بزرگن تي اعتراض ۽ انهن جا جواب ........ 289
تصوف هڪ بدعت آهي: ........ 292
اظهار نه ڪرڻ شرط سان مشروط آهي ........ 297
جڏهن سماع موتيٰ ممڪن ئي ناهي ته اُن سان تعلق (رابطو) ڪيئن قائم ڪري سگهجي ٿو؟ ........ 298
روح پڌي به ٿو: ........ 299
نڪيرين جي سوال ۽ جواب وقت روح جو بدن ڏانهن موٽڻ: ........ 300
قبر جو عذاب جسم ۽ روح ٻنهي تي ٿئي ٿو ........ 302
سماع موتي تي اجماع امت آهي ........ 303
روح ڪان فيض حاصل ڪرڻ ممڪن ناهي ........ 313
حضور اڪرم جي انبياء 8 جي ارواح سان ملاقات ........ 313
روح ڪان فيض حاصل ڪرڻ ........ 313
روح ڪان فيض جاري ٿيڻ ........ 315
حديث جي حقيقت: ........ 318
رسول الله جو ارادو (قصد) ۽ ڪشف قبور ........ 322
مدرسه محمديه () ........ 323
اسماءُ الرجال مان شواهد ........ 332
نقلي دليل: ........ 336
نائون اعتراض: ........ 337
حرف آخر ........ 342
**حضرت شيخ المڪرم جا معزز خط سوالن جي جوابن ساڻ ........ 346**
ڪابل (افغانستان) ڪان هڪ عالمِ دين جو خط ........ 346
**سلسله نقشبنديه اويسيه ........ 363**
**عڪس سندات ........ 365**
**حواشي ........ 371**
**ڪتابيات ........ 380**
**دلائل سلوڪ تي رايا ........ 384**
**تبرڪاتِ شيخ ........ 388**

□

نحمده و نصلی علیٰ رسوله الکریم

# نشانِ راھ

هنوز آن ابر رحمت درفشان است
خم وخمخانه  با مهر و نشان است

تقريباً ٻاويهه سال اڳ جي ڳالهه آهي ته شيخ العرب والعجم مجدد الطريقه مجتهد في التصوف قلزم فيوض بحرالعلوم حضرت العلام مولانا الله يار خان ؒ والرضوان ڪي دربار نبوي عليٰ صاحبها الصلواۃ والسلام مان حڪم ٿيو ته اسلامي سلوڪ ۽ احسان جي مسئلن ۽ دليلن ڪي ڪتاب ۽ سنت جي حڪمن، سلف صالحين جي سمجهاڻين ۽ امت مرحومه جي عمل جي روشني ۾ اهڙي طرح پيش ڪريو ته جيئن هر خاص ۽ عام جي لاءِ حجت پوري ٿئي. پڻ هن دعوت ڪي عام ڪريو ۽ هڪ هڪ ماڻهو ڪي ساڻ وٺي ان جي تربيت ڪريو ته جيئن اهو خصوصي فيضان جيڪو رسول الله□ جن جي سيني مبارڪ مان حاصل ٿيل انوار ۽ اسرار جي ماڻڪ موتين ذريعي مليو آهي، سلوڪ جي راهه جي طالبن جي سيرابي، شادابي ۽ زندگي جو سبب بڻجي سگهي.

1964ع ۾ حضرت مرشد مخدوم ؓ جن هي ڪتاب ’التبيان في مسائل السلوڪ والاحسان‘ المعروف به ’دلائل السلوڪ‘ اردو ٻولي ۾ تحرير فرمايو جنهن ڪي پروفيسر حافظ عبد الرزاق ايم اي اداره نقشبنديه اويسيه چڪوال مان ڇپائي پڌروڪيو. هن ڪتاب جا ڪيترائي ايڊيشن ڇپجي پڌرا ٿيا ۽ حضرت ؓ جن جي ارشادات عاليه جي روشني ۾ هر ڇاپو هڪ نئين روشني ۽ نئين قوت سان اصحاب بصيرت لاءِ روحاني خوراڪ ۽ قلبي تربيت جو سبب بڻجندو رهيو. ڪجهه عرصو وري انهيءَ ضرورت جي اهميت جو پهريائين احساس ڏياريو ويو ته هن ڪتاب جو نئون ايڊيشن شايع ڪيو وڃي.

اجا تياري جا مرحلا ئي هئا ته حضرت العلام مرشد ومخدوم مولانا الله يار خانؒ والرضوان مختصر بيماري ڪانپوءِ 18 فيبروري 1984ع جي شام پنهنجي محبوب حقيقي سان وڃي مليا.

جعله الله الجنت ماواه ومثواه رحمت الله عليه وبرڪاته و مغفرته و رضوانه.

سندن جدائي جو صدمو جيءَ ڪي جهوريندڙ آهي ۽ ڪنهن دم به وساري نٿو سگهجي ۽ اهو زخم ايڏو ته گهِرو آهي جو انجي ڇٽڻ جي ڪا به صورت نظر نٿي اچي:

وہ نہیں بھولتے جہاں جائیں
ہائے ہم کیا کریں کہاں جائیں۔

پر حضور اڪرم جي صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين ڪان جدائي جي سانحه جي سوچ ڦٽيل دل جي همت وڌائي ٿي ۽ پاڻ سڳورن جن جي پاڪ تعليم ۽ گرامي قدر ارشاد ڦٽن تي مرهم رکن ٿا ته الموت جسر يوصل الحبيب الي الحبيب موت هڪ پل آهي جيڪو دوست کي دوست سان ملائي ٿو ۽ هيءَ ڳالهه ته محبت الٰهيه جا شهيد مرن نٿا:

بل ينتقلون من دار الي دار

(هڪ گهر ڪان ٻئي گهر تائين منتقل ٿين ٿا)

اهي الله ڪريم جي فضل ۽ خصوصي رحمت سبب حياتِ طيبه جي انعام سان سرفراز ٿين ٿا، رفيق اعليٰ جي رحمت پري آغوش ۾ ۽ انجي ڇپر ڇانوَ هيٺ آرام فرمائين ٿا. اعليٰ عليين جا رهواسي ڪڏهن ملاءُ اعليٰ سان وڃي ملن ٿا، انهن کي اصحاب اليمين چئو يا ڪين شهيدان مرضياتِ باري تعاليٰ سان تعبيرڪريو. حقيقي زندگي ته اهڙن ئي خوشنصيبن جي آهي جو هميشه واري سعادت انهن کي پنهنجي دامن ۾ لڪائي ورتو آهي.

”من عمل صالحا من ذكر اوانثي وهو مومن فلنحيينه حيٰوة طيبه“

اها حيات طيبه ڇا آهي؟ ايمان ۽ عمل جي حقيقي ثمر سان فيضياب ٿيڻ جو نالو آهي. هي اهو جوهر آهي جيڪو فنا کي بقا ۽ بقا کي ابديت سان آشنا ڪري ٿو:

میں یہ کہتا ہوں، فنا کو بھی عطا کر زندگی،
تو کمال زندگی کہتا ہے مرجانے میں ہے
اَحۡيَآءٌ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ يُرۡزَقُوۡنَ (١٦٩)ۙ فَرِحِيۡنَ بِمَاۤ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ

ان تي شاهد عدل آهن:

کشتگان خنجر تسلیم را
ہر زمان ازغیب جانی دیگر است
ء
یہ رتبا بلند ملا جس کو مل گیا
ذٰلِكَ فَضۡلُ اللّٰهِ يُؤۡتِيۡهِ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ

دلائل السلوک راهِ سلوک ۽ احسان جي طالبن لاءِ نور جو مُنارو، روشن سج، رستي جو رهبر ۽ مرشد ڪامل آهي.
سندن ارشادن جي خوشبوءِ سَندَ سندَ لاءِ سڪون جي ضامن ۽ روحاني نسبت لاءِ شادابي ۽ فرحت جو سرچشمو ۽ مرڪز، دلين لاءِ روشني ۽ اکين لاءِ نور آهي:

مشام جان میں بسی ہے ابھی وہی خوشبو
ابھی ابھی تو چمن سے بہار گذری ہے

هي ڪتاب ڇا آهي؟ راهِ سلوڪ جو رهبر، طريقت جو مرشد، اسم بامسمي يعني التبيان في مسائل السلوڪ والاحسان،...حقيقت ۾ هيءَ هڪڙي دعويٰ آهي ۽ حضرت مرشد العلامه ؒ جي تربيت يافتگان جي جماعت ان دعوی جو دليل ۽ جيئرو جاڳندو ثبوت آهي.

سلسله نقشبنديه اويسيه سان تعلق رکندڙن ۽ تربيت حاصل ڪندڙ سالڪن لڳ ڀڳ اڌ صديءَ کان انفرادي طور تي ۽ چوٿائي صديءَ کان اجتماعي انداز ۾ شيخ العرب والعجم مجدد الطريقه مجتهد في التصوف حضرت العلامه مولانا الله يار خان جن کان فيض حاصل ڪيو. تحديث نعمت جي طور تي بيان ڪجي ٿو ته حمدالله وشڪرا علي نعمائه سوين بلڪه هزارين خوشنصيب تزڪيه ۽ تعميرِ سيرت جي مرحلن مان گذري سلوڪ ۽ احسان جي اعليٰ رُتبن سان فيضياب ٿيا. الله ڪريم جا لک لک احسان آهن جو ان هن آخري دور ۾ صحيح اسلامي سلوڪ ۽ احسان جي نئين سر اوسر جو اهم ۽ منفرد ڪم الله تعالى حضرت شيخ مڪرم جن کي علمي ۽ عملي طور تي سرانجام ڏيڻ جي خاص توفيق سان نوازيو.

ذٰلِکَ فَضۡلُ اللّٰہِ یُؤۡتِیۡہِ مَنۡ یَّشَآءُ ؕ

(اهو الله جو فضل آهي جنهن کي گهري ان کي عطا ڪري ٿو)

۽

والله يختص برحمته من يشاء

(۽ الله تعالى جنهن کي گهري ان کي پنهنجي رحمت سان خاص ڪري ٿو)

اين سعادت قسمت شهباز وشاهين کرده اند

”جماعت سالڪين اويسيه“ جو وجود سندن فيضان جو عملي ثبوت آهي ۽ دلائل السلوڪ سندن علمي فيض ۽ برڪتن تي شاهد آهي. ڪمالا يخفي علي من له حظ من العلم:

آفتاب آمد دليل آفتاب

سندن تربيت جو طريقو ۽ تصوف جو سلسلو نقشبنديه اويسيه آهي، يعني سندن تربيت ۽ تزڪيه جو طريقو مشائخ نقشبنديه عليهم الرحمة جو طريقو آهي. جنهن جو دارومدار شيخ ڪامل جي صحبت، القاء ۽ نسبت عطا ٿيڻ ۽ انعڪاسِ انوار تي آهي ۽ اويسيت مان مراد روح کان فيض پرائڻ آهي ۽ ان فيضان جي اعليٰ صورت اها نعمت ۽ سعادت آهي جنهن کان وڏي نعمت ۽ سعادت جو سوچي

به نٿو سگهجي ۽ اها آهي حضور نبي ڪريم جن جي هٿ مبارڪ تي روحاني بيعت، هن نعمت ڪبريٰ ۽ سعادتِ عظميٰ حاصل ڪرڻ جي تصور تي به قربان وڃجي ۽ ان مرشد و مخدوم جي جُتين جي خاڪ بڻجي وڃجي جنهن جي نگاهه ڪيميا اثر خاڪي انسان جي روح کي تزڪيه جي دولت سان مالا مال ڪري انهن بلندين کان واقف ڪريو ٿي ڇڏي. جيڪڏهن بدن جو هر هڪ وار زبان بڻجي وڃي ۽ زبان هزارين زبانن سان ترجمانِ حال ٿي وڃي ته تعبير مافي الضمير ڪنهن صاحبِ دل جي همنوائي ۾ هيئن هوندو:

جزاک اللہ کہ چشمم باز
کردی
مرا با جان جان ہمراز
کردی

هتي شيخ الشيوخ عالم حضرت العلامه مرشد مخدوم بحرالعلوم قلزم فيوض جن جي ارشاداتِ عاليه مان ڪجهه مختصراً نقل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪجي ٿي، جيئن پڙهندڙ اجمالي طور تي سندن دعوت تزڪيه ۽ تربيت جو ڪجهه نقش پنهنجي سامهون رکي سگهن. فرمايائون:

”اسانجي سلسلي جو نالو نقشبنديه اويسيه آهي. آئون پنهجي شاگردن جي تربيت نقشبنديه طريقي مطابق ڪريان ٿو ۽ مون پنهنجي محبوب شيخ جي روح کان فيض ۽ اجازت ورتي آهي. منهنجي ۽ منهنجي شيخ مڪرم جي وچ ۾ 400 سالن جو مفاصلو آهي. مون اويسي طريقي سان پنهنجي محبوب شيخ جي روح کان فيض حاصل ڪيو. خلافت به ملي ۽ بحمدالله منهنجي محبوب شيخ جو فيض هن وقت دنيا جي گوشي گوشي (ڪنڊ ڪڙڇ) ۾ پکڙجي رهيو آهي... آئون تصوف کي دين جو جزو ۽ دين جو روح سمجهان ٿو ۽ تحديثِ نعمت جي طور تي چوان ٿو ته جنهن کي سلوڪ سکڻو هجي بندي وٽ انهن شرطن سان رهي جيڪي آئون پيش ڪندس. انشاءَالله تعاليٰ ڏيکاري ڇڏيندس ته روح کان فيض

ڪيئن حاصل ڪيو ويندو آهي. اهو شخص روح سان ڪلام ڪندو. قبر جي عذاب ۽ انعام کي ڏسي وٺندو. انبياء عليهم الصلواة وسلام جي پاڪ روحن سان ملاقات ڪندو ۽ حضور اڪرم  جي هٿ مبارڪ تي روحاني بيعت ڪرائي ڇڏيندس بشرطيڪه اهو شخص سنت جو تا بعدار هجي ۽ خلوص ڪٺي اچي. ڪو فاسد غرض نه رکندو هجي، سچي طلب هجيس، نڪته چيني ۽ امتحان مقصود نه هجيس... هي القائي ۽ انعڪاسي شئي آهي جيڪا القاء ۽ شيخ، مرشد جي صحبت سان حاصل ٿئي ٿي. تصوف جي ڪتابن مان منزل جو نشان ته ملي سگهي ٿو، پر منزل تائين رسائي نٿي ٿي سگهي. حالات، واردات، ڪيفيات ۽ روحاني ترقي جي لاءِ مراقبا ڪتابن مان سکڻ جي شئي نه آهن ڇوته واضع ان لاءِ الفاظ وضع نه ڪيا آهن. اهي ڪمالات شيخ ڪامل جي سيني مان حاصل ٿين ٿا. شيخ جي باطن مان ۽ ان جي روح مان حاصل ٿين ٿا. جنهن ولايت ۽ معرفت جو عملي نمونو ڏٺو ئي نه هجي اهو عارف ڪيئن بڻجندو....درٻار نبوي  تائين رسائي تصوف ۽ سلوڪ جي مقامات مان هڪ مقام آهي جتان سلوڪ جي اعليٰ مقامات لاءِ فيض ملي ٿو. ظاهر آهي ته جيڪو شيخ ان مقام تائين رسائي نٿو رکي تنهن هوندي به سلوڪ طئي ڪرائڻ جي بيعت ورتي ٿو، ان کي ڏوڪي باز نه ته ٻيو ڇا چئجي.“

حضرت العلامه مرشد مخدوم جن جو فيض اڃا به الله جي فضل سان اهڙي طرح بلڪه سندن توجه سان ان کان به وڌيڪ روحاني قوت سان جاري ۽ ساري آهي ۽ ساڻن تعلق رکندڙن کي هر ’منزل‘ ۽ هر ’مقام‘ تي پهچي رهيو آهي.

نفعنا الله و اياکم بفيوضه وبرکاته

(الله تعاليٰ اوهان ۽اسان کي سندن فيضن ۽ برڪتن مان فائدوعطا ڪري)

حضرت شيخ المڪرم هن فيض پهچائڻ لاءِ ۽ هن نعمتِ عظميٰ ۽ امانتِ ڪبريٰ کي ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ ۽ سلسلي جي معنوي اتصال ۽ روحاني تعلق کي قائم رکڻ لاءِ پنهنجي نائبن، خليفن، مجازن۽ اصحاب الراءِ جي هڪ وڏي جماعت پويان ڇڏي آهي جيڪا پنهنجي پنهنجي لياقت مطابق حضرت مرشدؒ جي

تعليمات ۽ فيضان تربيت جي روشني ۾ سندن فيوض ۽ برڪتن، سچي طلب، ارشادات ۽ اسرار وانوار ڪي الله جي فضل سان راهِ هدايت جي طالبن تائين پهچائيندي رهندي ۽ هاڻي به جنهن ڪي هجي طلب اهو اچي ۽ هن نعمتِ عظمي ۽ وڏي بخشش مان پنهنجو حصو حاصل ڪري. سندن فيض جاري آهي ۽ سندن سلسلو موجود آهي :

هنوز آن ابر رحمت درفشان است
خم و خمخانہ با مهر ونشان است

سندن خليفا حضرت ميجر محمد احسن بيگ مدظله العالي(راولپنڊي) ۽ حضرت سيد بنياد حسين شاهه مدظله العالي(سرگوڌا) سالڪن جي رهنمائي ۽ تربيت جا فرائض سرانجام ڏيئي رهيا آهن. هيءَ دعوت عام آهي ته جنهن ڪي به سلوڪ سکڻو هجي اهو انهن ئي آداب ۽ شرطن سان جيڪي حضرت مرشد ؓ جن مقرر فرمايا آهن، اچي، ان جي تربيت ڪئي ويندي. بفضله تعاليٰ حقيقت ان تي ظاهر ٿي ويندي. رضائي الٰهي ۽ نيت جو خلوص شرط آهي " ڪو غرض فاسد نه هجيس، نڪته چيني ۽ امتحان مقصود نه هجيس " اهو پاڻ ڏسي وٺندو ته روح ڪيئن پرواز ڪري ٿو، سلوڪ جون منزلون ڪيئن طئي ٿين ٿيون ۽ الله ؑ جي فضل سان حضور نبي ڪريم ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي روحاني بيعت به ڪرائي ويندي :

اين كار دولت است كنون تاكرادهند

ابوالحسن نقوي
ڪان الله له

## تذڪار شيخ: مختصر تعارف حضرت شيخ المڪرم

شيخ سلسله نقشبنديه اويسيه حضرت العلامه مولانا الله يارخان جن جي ولادت سن 1904ع ۾ سندن اباڻي ڳوٺ چڪڙالا ضلع ميانوالي ۾ ٿي. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ ضلع ڪيمبلپور جي ڪن هنڌن تان حاصل ڪيائون ۽ پوءِ موهڙه ڪور چشم (ضلع چڪوال) ۾ حضرت مولانا خليل احمد سهارنپوري جي خاص شاگرد حضرت مولانا محمد اسماعيل صاحب فاضل ديوبند کان استفادو ڪيائون. ان ڪانپوءِ چڪ نمبر 10 ڏکڻ ضلع سرگوڌا ۾ حضرت مولانا ولي الله صاحب وٽان علم منطق وغيره ۾ ڪمال حاصل ڪيائون. دوره حديث مدرسه امينيه دهلي ۾ سن 1933ع ۾ مفتي ڪفايت الله جي سرپرستي هيٺ مڪمل ڪيائون.

يوناني طب جي مطالعي مان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ درس و تدريس جو سلسلو شروع ڪيائون. سن 1936ع ۾ پاڻ تصوف جي ميدان ۾ قدم رکيائون ۽ 24 سالن جي لڳاتار محنت سان ان ميدان ۾ ڪمال حاصل ڪيائون.

سن 1961ع ۾ پاڻ سلسله نقشبنديه اويسيه ۾ سالڪن جي تربيت ڪرڻ شروع فرمايائون. سندن تربيت يافته بفضله تعاليٰ اڄ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهن، انهن ۾ سوين ڪشف و ڪرامتن جا صاحب پڻ آهن ته پنهنجي ڪامل مرشد جي تعليم جو عملي نمونو پڻ.

سندن سموري زندگي دينِ حق جي تبليغ ۽ ترويج، ۽ باطل مذهبن جي ترديد ۾ گذري. پاڻ چوٽيءَ جا مناظر رهيا ۽ ”فاتح اعظم“ جي لقب سان مشهور ٿيا. باطل فرقن کي بي نقاب ڪرڻ ۾ پنهنجي تقرير ۽ تحرير جو بي ڌڙڪ استعمال فرمايائون. بدنام منڪرِ حديث عبدالله چڪڙالوي جي باطل مذهب جي پاڙ پٽڻ به سندن ئي حصي ۾ آئي.

رافضي مذهب جي رد ۾ پاڻ ’تحذيرالمسلمين عن ڪيدالڪاذبين‘، ’الدين الخالص‘ ۽ ’ايمان بالقران‘ جهڙا معرڪه آرا ڪتاب تصنيف فرمائي امتِ مرحومه کي ڪنهن وڏيڪ تحقيق کان رهندي دنيا تائين بي نياز فرمائي ڇڏيائون. تصوف جي موضوع تي قلم ڪنيائون ته ’دلائل السلوڪ‘، ’حياتِ برزخيه‘، ’حيات الانبياء‘ ۽ ’اسرار الحرمين‘ جهڙا گوهرناياب سالڪن جي هٿ لڳا. اهي ئي مشغلا آخري دم تائين سندن مبارڪ زندگي جو جزولاينفڪ بڻيا رهيا. آخرڪار 18 فيبروري سن 1984ع ۾ تقريباً 80 سالن جي ڄمار ۾ پاڻ اسلام آباد ۾ دارالفنا کي خيرآباد چيائون ۽ 19 فيبروري سن 1984ع جي سج لهڻ سان گڏوگڏ تصوف ۽ سلوڪ جو هي آفتاب عالمتاب پنهنجي سيني ڪمالن سميت ظاهري نظر کان اوجهل ٿي پنهنجي آخري آرامگاه ڳوٺ مرشد آباد (داخلي چڪڙالا، ضلع ميانوالي) ۾ آرامي ٿيو. انا لله وانا اليه راجعون ولنعم من قال

افلت شموس الاولين و شمسنا
ابدا علي افق العلٰي لا تغرب

اسان جو ۽ پهرين جو سج لهي ويو
هميشه کان باقي رهندڙ وڏو سج نٿو لهي

# عرض حال

اعوذبالله من الشيطٰن الرجيم
بسم الله الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
نحمده ونصلي عليٰ رسوله الڪريم وعليٰ آله وصحبه وعليٰ من تبعهم اجمعين

تصوف ۽ بزرگ صوفياءِ ڪرام جي متعلق عوام بلڪه عالمن جي دلين ۾ به ڪجهه شڪ شبها ڏسجن ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي بزرگ ان قسم جي غلط فهمين جو شڪار ٿين ٿا ته طريقت ۽ شريعت ٻه الڳ الڳ شيون آهن، يا اسلامي تصوف عجمي سريت ۽ باطنيت جي مترادف آهي، يا هي ته تصوف شرعي تڪليفن کان آزادي جو نالو آهي. انهن غلط فهمين کي ختم ڪرڻ، ۽ عام و خاص جي علمي تشفي لاءِ الله رب العزت هي ڪتاب لکڻ جي توفيق عنايت فرمائي. جيتوڻيڪ منهنجي زندگي جو گهڻو حصو متڪلمين جي طرز تي اسلام جي حقانيت کي ثابت ڪرڻ ۽ باطل فرقن جي ترديد ۾ گذريو آهي ڪلامي بحثن ۽ تصوف و سلوڪ جي وچ ۾ بظاهر وٿي نظر اچي ٿي پر حق کي ثابت ڪرڻ لاءِ علم ڪلام مان ڪم وٺڻ ۽ تصوف جي ذريعي ايمان ۽ يقين جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ ۾ فرق صرف دليل سمعي ۽ دليل ذوقي جو آهي. پر انجي باوجود ماڻهو هي ڏسي حيران ضرور ٿين ٿا ته اهو شخص جنهن کي ڪالهه تائين اسان هڪ مناظر ۽ مبلغِ اسلام جي حيثيت سان سڃاڻندا هئاسين، اڄ تصوف، ذڪر، حلقه ذڪر، تزڪيه نفس ۽ منازل سلوڪ تي اظهار خيال ئي نٿو ڪري بلڪه پنهنجو باطني تعلق پڻ

صوفياءِ ڪرام سان جوڙي رهيو آهي، پر انهن جي حيرت تي تعجب ٿئي ٿو ته

اَہُمۡ یَقۡسِمُوۡنَ رَحۡمَتَ رَبِّکَ ؕ(الزخرف ـ ٣٢)

ته ڇا اهي ئي توهان جي رب جي رحمت ورهائين ٿا ۽ ان جو جواب ان کان سواءِ ڇا ٿو ٿي سگهي ته

ذٰلِکَ فَضۡلُ اللّٰہِ یُؤۡتِیۡہِ مَنۡ یَّشَآءُ ؕ(الجمعه ـ ٤)

هي الله تعاليٰ جو فضل آهي، جنهن کي گهري عطا ڪري ٿو

دين جي تبليغ ۽ اشاعت سان گڏوگڏ تزڪيه نفوس جو ڪم نبين عليهم السلام کان ورثو پئي ويو، پر نبي آخر الزمان جن جي هن آخري امت ۾ ان جي ذميداري علماءِ ربانيين تي عائد ٿئي ٿي، جيڪي ورثته الانبياء آهن ۽ هر مادي ۽ الحادي دور جي اونداهين ۾ روشن ڏيئا آهن. موجوده فتنن جي دور ۾ هن ذميداري جي اهميت اڃان به وڌي ويئي آهي. هن دور ۾ اسلام جي زبون حالي ۽ مسلمانن جي ديني پستي ان حد تائين پهچي چڪي آهي جو الله تعاليٰ ۽ نبي اڪرم جن سان انهن جو ايمان ۽ روحاني تعلق نالي ماترئي وڃي رهيو آهي. انهن جي اعتقادي خرابين ۽ علمي بي اعتدالين ۽ بدعنوانين جي اها حالت آهي جو جيڪڏهن ڪو الله جو ٻانهو انهن کي هن اونداهي مان ڪڍي ۽ غفلت جي ننڊ مان جاڳائي شريعتِ مطهره جي تابعداري، تزڪيه نفس ۽ باطن جي اصلاح ڏانهن توجهه ڏياري ٿو ته ان جي آواز تي لبيڪ چوڻ جي بجاءِ الٽو پنهنجو پاڻ کي وهم ۽ شڪ جي وادين ۾ ڪيرائي ڇڏين ٿا ۽:

ظُلُمٰتٌۢ بَعۡضُہَا فَوۡقَ بَعۡضٍ ؕ(النور ـ ٤٠)

(اونداهي تي اونداهي ڇانيل آهي) جي صورت پيدا ٿيندي وڃي ٿي.

الله تعاليٰ حق جي حفاظت جو ذمو پاڻ کنيو آهي ان جي رحمت اهو ڪڏهن برداشت ڪري ٿي سگهي ته هو پنهنجي ٻانهن کي گمراهي جي وادين ۾ ڀٽڪندو ڇڏي ڏي. تنهنڪري هر دور ۾ هو پنهنجي خاص ٻانهن جي ذريعي حق جي حمايت ۽ خلق جي اصلاح جي خدمت وٺند و رهيو آهي، ۽ صوفياءِ ڪرام جنهن خلوص ۽ لِلّٰهيت سان هيءَ خدمت ڪئي آهي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

صوفياءِ ڪرام وٽ تعليم و ارشاد ۽ تزڪيه و اصلاحِ باطن جو طريقو القائي ۽ انعڪاسي آهي ۽ هي تصوف جو عملي پاسو آهي، جنهن جو دارومدار مرشد جي صحبت تي آهي. بقول امام رباني حضرت مجدد الف ثاني "تصوف جو تعلق احوال سان آهي، زبان سان بيان ڪرڻ جي شئي نه آهي" پر جيتري قدر تصوف جي علمي پاسي جو تعلق آهي، صحيح اسلامي تصوف جي خدوخال جي تعين ۽ ان جي حقيقت کان علمي حلقن کي واقف ڪرائڻ نهايت ضروري آهي ڇو ته اڄڪلهه جنهن شئي کي تصوف جي نالي سان سڏيو ۽ پيش ڪيو وڃي ٿو انجو اسلامي تصوف سان ذري جو به تعلق نه آهي. اهوئي سبب آهي جو صحيح اسلامي تصوف کي به شڪ ۽ شبهي جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو تنهنڪري ضرورت محسوس ٿي ته عام مسلمانن کي صحيح اسلامي تصوف کان واقف ڪرايو وڃي جنهن جو بنياد ڪتاب ۽ سنت تي آهي ته جيئن انجي روشني ۾ اهي پنهنجي فڪري ۽ علمي اصلاح ڪري هميشه واري ڪاميابي ماڻي سگهن. انهيءَ ئي فرض جي احساس جو نتيجو هيءُ ڪتاب آهي.

وَ مَا تَوۡفِيۡقِيۡۤ اِلَّا بِاللّٰهِ ؕ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ وَ اِلَيۡهِ اُنِيۡبُ (هود ـ ٨٨)

(حضرت علامه) الله يار خان
چڪڙاله (ضلعو ميانوالي)
يڪم شعبان سنه 1385ھ

باب پهريون

# اسلامي تصوف جي حقيقت

تصوف ڇا آهي؟

لغت جي روشني ۾ تصوف جو اصل ڪٽي (پشم) صوف هجي ۽ حقيقت جي اعتبار سان ان جو ناتو ڇاهي صفا سان وڃي ملي پر ان ۾ شڪ ڪونهي ته هيءُ دين جو هڪ اهم شعبو آهي جنهن جو بنياد خلوص في العمل ۽ خلوص في النيت تي آهي، جنهن جو مقصد الله ڪريم سان تعلق جوڙڻ ۽ سندس راضپو حاصل ڪرڻ آهي. قرآن ۽ حديث ، نبي ڪريم جن جي اسوه حسنه ۽ اصحابي سڳورن Σ جي آثارن مان ان ڳالهه جو ثبوت ملي ٿو.

عهد رسالت() ۽ ان ڪانپوءِ اصحابي سڳورن Σ جي دور ۾ جيئن دين جي ٻين شعبن جهڙوڪ تفسير، اصول، فقه ۽ ڪلام وغيره جا نالا ۽ اصطلاح ڪونه ٺاهيا ويا هئا حالانڪه انهن سڀني شعبن جا قاعدا ۽ ضابطا موجود هئا ۽ انهن نالن ۽ عنوانن سان اهي شعبا اڳتي هلي وجود ۾ آيا، ساڳيءَ طرح دين جو هي اهم شعبو به موجود هو، ڇو ته تزڪيه باطن خود نبي پاڪ جي فرضن ۾ شامل هو. اصحابي سڳورن Σ جون زندگيون به انهيءَ جو ئي نمونو هيون، پر ٻين شعبن وانگر ان جي تدوين پوءِ ٿي ڇوته ’اصحابيت‘ جي شرف ۽ لقب جي موجودگي ۾ ڪنهن عليحده اصطلاح جي ضرورت نه هئي. اهو ئي سبب آهي جو اصحابي سڳورن ؓ جي لاءِ متڪلم، مفسر، محدث، فقيهه ۽ صوفي جهڙا لقب استعمال نه ڪيا ويا. ان ڪان پوءِ جن ماڻهن دين جي هن شعبي جي خدمت ڪئي ۽ انهيءَ جا سنڀالڻ وارا ۽ وارث قرار ڏنا ويا انهن جون زندگيون زهد، تقويٰ، خلوص ۽ سادگيءَ جو عمدو نمونو هيون. انهن جو ڪاڌو به سادو ۽ لباس به سادو سُودو گهڻو ڪري صوف

يعني پشم وغيره جو هوندو هو انڪري ماڻهو کين ’صوفي‘ چوندا هئا انهيءَ نسبت جي ڪري انهن سان لاڳاپيل دين جو شعبو اڳتي هلي ’تصوف‘ جي نالي سان سڏيو ويو. قرآن حڪيم ۾ ان کي ’تقويٰ‘، ’تزڪيه‘ ۽ ’خشيةالله‘ جي نالي سان سڏيو ويو آهي ۽ حديث شريف ۾ ان کي ’احسان‘ جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ ان کي دين جو حاصل مطلب قرار ڏنو ويو آهي. ان جوتفصيل حديثِ جبرائيل ؑ ۾ موجود آهي، مختصر اهو ته تصوف، احسان، سلوڪ ۽ اخلاص هڪ ئي حقيقت جون مختلف تعبيرون آهن.

نبوت جا به پاڱا آهن ۽ ٻئي هڪ جهڙي اهميت رکن ٿا، قرآن شريف ۾ ارشاد آهي:

لَقَدۡ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ اِذۡ بَعَثَ فِيۡهِمۡ رَسُوۡلًا مِّنۡ اَنۡفُسِهِمۡ يَتۡلُوۡا عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتِهٖ وَ يُزَكِّيۡهِمۡ وَ يُعَلِّمُهُمُ الۡكِتٰبَ وَ الۡحِكۡمَةَ ۚ(آل عمران ـ ١٦٤)

حقيقت ۾ الله تعاليٰ مسلمانن تي وڏو احسان ڪيو آهي، جو انهن ڏانهن انهن مان هڪ رسول موڪليو جيڪو کين ان جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ انهن کي پاڪ صاف ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ٿو.

نبوت جي ظاهري پاڱي جو تعلق آيتن جي تلاوت ۽ انهن جي تعليم ۽ تشريح سان آهي ۽ باطني پاڱي جو تعلق تزڪيه باطن سان آهي. جن ڀاڳوارن انسانن کي نبوي فيضان جي ظاهري پاڱي مان وڏو حصو مليو سي مفسر محدث فقيهه ۽ مبلغ جهڙن نالن سان سڏيا ويا ۽ جن کي وري ان سان گڏوگڏ نبوي فيضان جي باطني پاڱي سان به نوازيو ويو انهن مان ڪي ابداليت، قطبيت، غوثيت ۽ قيوميت وغيره جهڙن رُتبن تي فائز ٿيا. پر انهن سڀني جو سرچشمو ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله ﷺ آهي. الله تعاليٰ ۽ ٻانهي جي وچ ۾ تعلق قائم رکڻ واري شئي ’اعتصام بالڪتاب والسنة‘ (ڪتاب ۽ سنت سان چنبڙي پوڻ) آهي، اهوئي چوٽڪاري جو مدار آهي. قبر کان وٺي حشر تائين ڪتاب (قرآن پاڪ) ۽ سنت جي پيروي بابت ئي پڇاڻو ٿيندو. اهوئي سبب آهي جو محقق صوفياءِ ڪرام ، شيخ يا پير جي لاءِ ڪتاب ۽ سنت جو عالم ۽ عامل هئڻ لازمي قرار ڏنو آهي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو هوا ۾ اڏامندو اچي پر سندس عملي زندگي ڪتاب ۽ سنت جي خلاف آهي ته اهو ولي الله نه پر ڪوڙو ۽ شعبدي باز آهي، ڇو ته الله سان تعلق جي لاءِ سنت جي تابعداري لازمي آهي. قرآن شريف ۾ ارشاد آهي:

قُلۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تُحِبُّوۡنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوۡنِىۡ يُحۡبِبۡكُمُ اللّٰهُ (آل عمران-٣١)

توهان چئو ته جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ سان محبت رکو ٿا ته منهنجي تابعداري ڪريو، الله تعاليٰ توهان سان محبت ڪرڻ لڳندو

سنتن تي عمل ڪرڻ جو پورو پورو حق انهن الله جي ولين ادا ڪيو جن نبوت جي ظاهري ۽ باطني ٻنهي پاڱن جي اهميت کي محسوس ڪيو ۽ هميشه پنهنجي سامهون رکيو ۽ ڪڏهن به دين جي تبليغ ۽ اشاعت کي تزڪيه نفس کان جدا ٿيڻ نه ڏنو. سڀيئي ڪمال ۽ رتبا فقط نبي ڪريم جن جي تابعداري سان ئي ملن ٿا ۽ تصوف جي اصل دولت سنت جي تابعداري ئي آهي.

علم تصوف جو موضوع

ڪنهن به علم جي موضوع جو تعين انجي عوارضاتِ ذاتيه جي بحث سان ٿئي ٿو، تنهنڪري علم تصوف جو موضوع مڪلفين جا احوال آهن، رڳو سندن احوال ئي نه پر ان حيثيت سان ته ڪهڙو ڪم الله تعاليٰ جي قرب جو سبب بڻجي ٿو ۽ ڪهڙو ڪم الله تعاليٰ کان پري ٿيڻ جو ڪارڻ ٿئي ٿو. جيئن علم طب ۾ موضوع انساني بدن آهي، پر رڳو بدن ئي نه پر من حيث الصحة والمرض آهي.

تنهنڪري علم تصوف ۾ به مڪلفين جي احوال بابت الله تعاليٰ جي قرب ۽ بعد (دُوري) جي حيثيت سان بحث ٿيندو.

علم تصوف جي تعريف ۽ مقصد

هو علم تعرف به احوال تزكية النفوس و تصفية الاخلاق و تعمير الباطن والظاهر لنيل السعادة الابدية و يحصل به اصلاح النفس والمعرفة ورضاءُالرب وموضوعه التزكية والتصفية

والتعمير المزكرات وغايته نيل السعادت الابدية.

تصوف اهو علم آهي جنهن سان تزڪيه نفس، تصفيه اخلاق ۽ ظاهر و باطن جي تعمير جا احوال سڃاتا وڃن ٿا ته جيئن هميشه واري سعادت حاصل ٿئي، نفس جي اصلاح ٿئي ۽ رب العالمين جي رضا ۽ سنڌس معرفت حاصل ٿئي، ۽ تصوف جو موضوع تذڪيه، تصفيه ۽ باطن جي تعمير آهي ۽ ان جو مقصد هميشه واري سعادت حاصل ڪرڻ آهي

تعريف، موضوع ۽ مقصد جو بيان انڪري ڪيو ويو آهي جو هر علم جو شان انهن ٽنهي ڳالهين سان پڌرو ٿئي ٿو ۽ اسان جو مقصد اهو آهي ته تصوف ۽ سلوڪ جو دين اسلام ۾ جيڪو مقام ۽ مرتبو آهي اهو ظاهر ٿئي ۽ ڪنهن لاءِ به ان ڳالهه جي گنجائش نه رهي ته رڳو انهيءَ جي ڪري ته هي علم ظني آهي هو انکي اعتبار جي لائق نه سمجهي. هيءَ هڪ ڪليل حقيقت آهي ته دين جي ٻين شعبن ۾ اهڙا هزارين مسئلا آهن جن جي حيثيت ظني مسئلن جي آهي انهن کي قبول ڪري وٺڻ ۽ علم تصوف کي رڳو ظني هجڻ جو سبب ڄاڻائي ڇڏي ڏيڻ ۽ ان عقيدي ۾ غلو (وڌاءُ) ڪرڻ علمي ديانت کان پري آهي. ايئن ڪرڻ حقيقت ۾ اهلِ تصوف يعني اولياءالله سان دشمني رکڻ جي برابر آهي، جنهن جي لاءِ من عادى لى وليا فقد آذنتة للحرب[1]، (جنهن منهنجي دوست سان دشمني رکي ان سان آئون جنگ جو اعلان ڪريان ٿو) جي وعيد موجود آهي ان ڪري تصوف جا منڪر پنهنجي عاقبت جو فڪر ڪن.

هيءَ مڃيل حقيقت آهي ته جيڪو شخص ڪنهن فن ۾ مهارت نٿو رکي، ان کي انهيءَ فن ۽ اهلِ فن تي تنقيد ڪرڻ جو حق نٿو پهچي. ان ڪري اسان ڏسون ٿا ته اهي فلسفي جن کي پنهنجي علم ۽ تحقيق تي وڏو ناز آهي جڏهن تصوف تي بحث ڪندي ’ڪشف‘ جي مسئلي تي اچن ٿا ته انهن کي ان عاجزائي اعتراف ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو نٿو ملي ته:

هذا طور وراء طورالعقل لا يدركه الاصحاب قوة القدسيه.

تصوف ڪجهه ناهي ڇا؟

تصوف جي لاءِ نه ڪشف ۽ ڪرامت شرط آهي نه دنيا جي ڪاروبار ۾ ترقي ڏيارڻ جو نالو تصوف آهي. نه ڏاڍن ڦيٽن جو نالو تصوف آهي ۽ نه شوڪاري ڦوڪ سان بيماري ڇڏائڻ تصوف آهي. نه ڪيس ڪٽڻ جو نالو تصوف آهي، نه قبرن تي سجدا ڪرڻ، انهن تي چادرون چاڙهڻ ۽ ڏيئا ٻارڻ جو نالو تصوف آهي. نه الله تعالىٰ جي ولين کي غيبي سڏ ڪرڻ ۽ نه مستقبل ۾ ٿيڻ وارن واقعن جي خبر ڏيڻ تصوف آهي. درويشن ۽ بزرگن کي مشڪل ڪشا ۽ حاجت روا سمجهڻ به تصوف نه آهي. نه ان ۾ ٺيڪيداري آهي ته پير جي هڪ توجه سان مريد جي پوري اصلاح ٿي ويندي ۽ سلوڪ جي دولت بنا مجاهدي جي ۽ سنت جي تابعداري کانسواءِ ملي ويندي. نه ان ۾ ڪشف ۽ الهام جو صحيح هجڻ لازم آهي ۽ نه وجد ۾ اچڻ، ناچ ۽ سرود جو نالو تصوف آهي. عام طور تي اهي سڀ شيون تصوف لاءِ ضروري بلڪه عين تصوف سمجهيون وڃن ٿيون، پر حقيقت ۾ انهن مان ڪا هڪڙي شئي به اسلامي تصوف سان تعلق نٿي رکي بلڪه ان قسم جا خرافات اسلامي تصوف جي بلڪل ابتڙ آهن.

باب پهريون

# تصوف بابت مختلف نظريا

## تصوف جا منڪر

تصوف جو انڪار مختلف بهانن ۾ الزامن جي آڙ ۾ ڪيو ويندو آهي. انهن ۾ قدر مشترڪ ۽ متفق ڳالهه اها آهي ته تصوف بدعت آهي. بدعت جي باري ۾ اڳتي مناسب هنڌ تي بيان ڪيو ويندو ۽ اهو ثابت ٿي ويندو ته تصوف بدعت آهي يا سنت ۽ اسلام جو روح. هتي اسان اصولي طور تي اهو واضح ڪرڻ چاهيون ٿا ته تصوف جي منڪرن جي حيثيت نڪي مجتهد واري آهي جو انهن جو انڪار ڪنهن لاءِ حجت بڻجي ۽ نه اهي علماءِ حق ۽ محقق صوفياء تي ڪنهن به طرح فوقيت رکن ٿا جو سندن راءِ جو احترام ڪيو وڃي، بلڪه بقول مولانا احمد علي لاهوري جي ته اهي تصوف جا منڪر چور، ذاڙيل ۽ راهزن آهن، جيڪي دين جو هڪ اهم حصو دين کان خارج ڪرڻ چاهين ٿا. حضرت امام حسن بصري کان وٺي اڄ تائين ڪروڙين قدسي نفسن کي بدعتي چوڻ بدران اهو وڌيڪ مناسب ۽ عقل ۽ انصاف جي ويجهو آهي ته انهن تصوف جي منڪرن کي ئي بدعتي سمجهيو وڃي. انهن جي انڪار جو سبب سندن جهالت ۽ ڪوتاهه علمي آهي. اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي اهڙا ماڻهو هميشه ائين ڪندا پيا اچن: الناس اعداء لما جهلوا

جيئن الله تعاليٰ فرمايو ته:

بَلۡ كَذَّبُوۡا بِمَا لَمۡ يُحِيۡطُوۡا بِعِلۡمِهٖ (يونس: ٣٩)[2]

جيڪڏهن اهي ماڻهو الله جي هن ارشاد کي اڳيان رکن ها:

وَ لَا تَقۡفُ مَا لَيۡسَ لَکَ بِهٖ عِلۡمٌ ؕ(بني اسرائيل: ٣٦)[3]

ته ممڪن آهي ته ڪين انڪار جي جرئت نه ٿئي ها.

تصوف ڪي مڃيندڙ

تصوف ڪي مڃيندڙن جون وري ٻه جماعتون آهن هڪ ننڍي جماعت اعتقادي طور تي تصوف کي مڃي ٿي ۽ عملاً به انجي تصديق ڪري ٿي. اصل ۾ اهي ئي ماڻهو حق وارا آهن ۽ وَ قَلِيۡلٌ مِّنۡ عِبَادِیَ الشَّکُوۡرُ (السبا-١٣)[4] جا مصداق پڻ. انهن جو وجود هر زماني ۾ رهيو آهي ۽ نبوت جي هن شعبي جون برڪتون انهن جي وسيلي سان دنيا ۾ پکڙجنديون رهيون آهن. ٻي جماعت اهڙي آهي جيڪا ظاهري طرح ته تصوف کي مڃيندڙ آهي پر عملي طرح انجي منڪر آهي. انهن وٽ تصوف رڳو تصوف جا ڪتاب پڙهڻ، اولياءالله جون ڳالهيون ٻڌ ڻ ، ڪنڌ لوڏڻ ۽ جهومڻ تائين محدود آهي. اهي ماڻهو پهرين ته ڪنهن عارف ڪامل مزڪي ۽ مصلح جي ڳولا جي تڪليف به نٿا ڪن. جيڪو عملي طرح سلوڪ سيکاري ۽ سنت جي تابعداريءَ تي زور پري ۽ جيڪڏهن اهڙو ڪو شخص ملي وڃي جيڪو تزڪيه باطن جو طريقو سيکاري يا راهِ سلوڪ طئي ڪرائي ته ان تي يقين نٿا ڪن بلڪه ان تان ٺٺوليون ۽ تمسخر ڪن ٿا حالانڪه سندن بي يقيني جو اصل سبب انهن جو فڪري ۽ عملي جمود هوندو آهي. اهي چاهيندا آهن ته محنت نه ڪرڻي پوي، رڳو زباني ڳالهين ۽ حڪايتن سان ئي سلوڪ طئي ٿي وڃي، اهي ماڻهو به اصل ۾ اسلامي تصوف جا منڪر آهن. انهيءَ جماعت ۾ ڪڏهن ڪڏهن هن نعري جي گونج به ٻڌڻ ۾ ايندي آهي ته ”شريعت جدا شئي آهي ۽ طريقت جدا شيءِ آهي.“ اهو نعرو ڇا آهي؟ ڪتاب ۽ سنت کان آزادي ۽ سنت جي تابعداري کان پڇڻ جو هڪ رستو آهي.

حضرت امام يافعي ؒ روض الرياحين ۾ علامه عبدالوهاب شعراني ؒ کان نقل فرمائين ٿا ته:

ڪرامتن جي انڪار جي اعتبار سان ماڻهن جا گهڻا ئي قسم آهن، هڪڙا اهي جيڪي مطلق منڪر آهن، اهي مشهور اهلِ مذهب ۽ پرهيزگاري کان منحرف آهن. ٻيا اهي جيڪي اڳين بزرگن جي ڪرامتن کي مڃيندڙ آهن پر پنهنجي زماني جي بزرگن جي

ڪرامتن جا منڪر آهن اهي ماڻهو بقول سيدي ابوالحسن شاذلي بني اسرائيل وانگر آهن جن حضرت موسيٰ ؑ جي تصديق ان وقت ڪئي جڏهن ان کي ڪونه ڏٺائون ۽ حضرت محمد جوانڪار ڪيائون. ان جو سبب حسد و دشمني ۽ بدنصيبي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. ٿيان وري اهي آهن جيڪي ان کي مڃين ٿا ته سندن زماني جي ماڻهن ۾ به الله تعاليٰ جا ولي موجود آهن پر ڪنهن معين شخص جي تصديق ڪونه ٿا ڪن اهڙا ماڻهو الله تعاليٰ جي ولين جي رهنمائي کان محروم آهن.[5]

باب ٽيون

# تصوف جو ثبوت

## حديثِ جبرائيل ؑ

حديث جي ڪتابن ۾ حديثِ جبرائيل ؑ کي دين جا اصول بيان ڪرڻ ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي، جنهن ۾ دين کي اسلام، ايمان ۽ احسان جو مرڪب بيان فرمايل آهي. احسان جي وضاحت هيئن بيان ڪيل آهي:

> قال اخبرني عن الاحسان- قال ان تعبد الله كانك تراه فان لم تكن تراه فانه يراک قال لي يا عمر اتدري من السائل قلت الله ورسوله اعلم- قال فانه جبريل اتاكم يعلمكم دينكم- [6]

جبرائيل ؑ چيو مون کي احسان متعلق ٻڌايو رسول الله جن فرمايو تون الله جي عبادت ايئن ڪر ڄڻ تون انکي ڏسين پيو پوءِ جيڪڏهن تون کيس نه ٿو ڏسين ته هو توکي ته ڏسي پيو. پوءِ حضور جن فرمايو اي عمر! ڇا تون ڄاڻين ٿو ته اهو سائل ڪير هو. مون عرض ڪيو الله ۽ الله جو رسول وڌيڪ ڄاڻن ٿا، فرمايائوِن اهو جبرائيل ؑ هو توهان کي توهان جو دين سيکارڻ آيو هو.

هن حديث جي شرح ۾ شاهه عبدالحق محدث دهلوي امام مالڪ جو قول نقل فرمايو آهي:

> قال الامام مالک من تصوف ولم يتفقه فقد تزندق ومن تفقه ولم يتصوف فقد تفسق ومن جمع بينهما فقد تحقق.

امام مالڪ فرمايو ته جنهن فقه کان سواءِ تصوف حاصل ڪيو اهو زنديق( دين) ٿيو ۽ جنهن تصوف سکڻ بغير فقه جو علم حاصل ڪيو اهو فاسق ٿيو ۽ جنهن ٻنهي کي گڏ ڪيو اهو محقق ٿيو

”بدانکہ بنائے دین وکمال آن برفقہ وکلام وتصوف است وایں حدیث شریف بیان ایں ہو سہمقام کردہ اسلام اشارت باعتقادات کہ مسائل اصول کلام اند واحسان اشارت بہ اصل تصوف است کہ عبارت ازصدق توجہ الی اللہ است وجمیع معانی تصوف کہ مشائخ طریقت بان اشارت کنندہ اند راجع بہمیں معنیٰ است وتصوف وکلام لازم یکدیگر اند کہ، ہیچ یکے دیگر اندکہ ہیچ یکے بے دیگرتمام نہ پذیر وچرا کہ کلام بے تصوف وتصوف بے فقہ صورت نہ بندو زیرا کہ حکم الٰہی بے فقہ شناختہ نہ شود وفقہ بے تصوف تمام نشود وزیراکہ عمل بے صدق توجہ تمام نہ پذیرد وہر دو بے ایمان صحیح نہ گردد بر مثال روح وجسد کہ ہیچ کدام بے دیگر وجود نگیرد و کمال نہ پذیرد.“ [7]

چڱيءَ طرح سمجهي وٺو ته دين جو بنياد ۽ سندس تڪميل جو دارومدار فقه ڪلام ۽ تصوف تي آهي ۽ هن حديث شريف ۾ انهن ٽنهي جو بيان ٿيل آهي. اسلام مان مراد فقه آهي ڇو ته ان ۾ شريعت جا حڪم۽ عمل بيان ٿيل آهن ۽ ايمان مان مراد عقيدا آهن جيڪي علم ڪلام جا مسئلا آهن ۽ احسان مان مراد اصل تصوف آهي جيڪو سچي دل سان الله تعاليٰ ڏانهن ڌيان تي دارومدار رکي ٿو. طريقت جي مشائخ جي سڀني ارشادن جو مقصد اهوئي احسان آهي تصوف ۽ ڪلام لازم ۽ ملزوم آهن ڇو ته تصوف ڪلام کان سواءِ ۽ فقه تصوف کان سواءِ بي معنيٰ آهي. ان جو سبب هي آهي ته الله جا حڪم فقه کانسواءِ معلوم نٿا ٿين ۽ فقه تصوف کانسواءِ مڪمل نه ٿي ٿئي ڇو ته ڪو به عمل اخلاص نيت کان سواءِ مقبول نه آهي ۽ اهي ٻئي ايمان کانسواءِ بي ڪار آهن. ان جو مثال روح ۽ بدن وانگر آهي جيڪي هڪ ٻئي کان سواءِ اڌورا رهن ٿا.

فائدو:

تصوف دين جو جزو آهي ۽ انتفاء جز مستلزم آهي انتفاءِ ڪل ڪي بس تصوف جو انڪار دين جي انڪار ڪي لازم ڪري وٺندو.

عالِمِ جيستائينِ تصوف ۽ سلوڪ کان ناواقف آهي تيستائين اهو نه صحيح معنيٰ ۾ رسول (□) جو وارث آهي ۽ نه رسول(□) جي

نائب چوائڻ جو مستحق آهي.

ولا يكون الخليفة الامن جمع المقاصد الثلاثة التي ذكرناها وحفظ الكتاب والسنة وتدرب في قوانين السلوک وتربية السالكين- [8]

رسول جو نائب فقط اهو شخص هوندو جنهن دين جي ٽنهي شعبن کي گڏ ڪيو هجي جن کي اسان ذڪر ڪيو آهي ۽ الله جي ڪتاب ۽ سندس رسول جي سنتن کي ياد رکيو هجي ۽ علم سلوڪ جي قانون سکڻ ۽ سالڪن جي تربيت ۾ ڪوشش ڪئي هجي.

فائدو:

(1) العلماء ورثة الانبياء [علماء نبين جا وارث آهن] مان مراد اهي علماء آهن جن دين جي انهن ٽنهي جزن کي گڏ ڪيو هجي ڇاڪاڻ ته: "فانه جبريل اتاكم يعلمكم دينكم" [اهو جبرائيل ؑ هو، توهان کي توهان جو دين سيکارڻ آيو هو] مان ثابت ٿئي ٿو ته الله تعاليٰ جنهن دين جي تعليم لاءِ جبرائيل ؑ کي موڪليو ۽ ان نبي ڪريم جن کي پهچايو اهو ٽن جزن اسلام، ايمان ۽ احسان جو مرڪب آهي انهن ۾ سلوڪ به شامل آهي جنهن کي لفظ احسان سان ڳالهايو ويو آهي.

(2) جيڪڏهن ڪي مڃيون ته سلوڪ بدعت آهي ته پوءِ مڃڻو پوندو ته دين بدعت مان مرڪب آهي جڏهن دين ٺهيل ئي بدعت مان آهي ته پوءِ سڄو دين ئي بدعت ٿيو.

انبياء عليهم السلام جي بعثت جو مقصد

انبياءِڪرام عليهم السلام ٽن مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ مبعوث ٿيندا رهيا پهريون عقيدن کي صحيح ڪرڻ ٻيو عملن کي صحيح ڪرڻ ۽ ٽيون اخلاص کي صحيح ڪرڻ.

حضرت شاهه ولي الله محدث دهلوي فرمائين ٿا:

وقد تكفل بفن الاول اهل الاصول من علماء الامة وقد تكفل بفن الثاني فقهاء الامة فهدي الله بهما اكثرين وقد تكفل بفن الثالث الصوفية رضوان الله عليهم- [8]

"عقيدن کي صحيح ڪرڻ جي فن جا ذمه دار علماءِ اصول هجن ٿا،

عملن کي صحيح ڪرڻ جا ذمه دار فقهاءِ امت هجن ٿا ۽ فن خلوص ۽ احسان جا ذمه دار صوفياءِ ڪرام هجن ٿا"

دين ۾ تصوف بدن ۾ روح وانگر آهي

والذي نفسي بيده هذه الثالث ادق المقاصد الشريعة ماخذا واعمقها مهتدا وهو بالنسبة الي سائر الشرائع بمنزلة الروح من الجسد وبمنزلة المعنى من اللفظ۔ [8]

"قسم آهي ان ذات جو جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي ته اهو ٽيون فن شريعت جي مقصدن جي سرچشمي جي لحاظ سان نهايت باريڪ ۽ اونهو آهي ۽ سڀني شريعت جي لاءِ هن فن جي اها ئي حيثيت آهي جيڪا بدن جي لاءِ روح جي آهي ۽ لفظ جي لاءِ معنيٰ جي آهي"

فائدو:

(1) اهو ٽيون فن، اخلاص ۽ احسان جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. اخلاص ۽ احسان سڀني شريعت جو روح آهي، جيئن روح کانسواءِ بدن بيڪار آهي تيئن اخلاص کانسواءِ عقيدا ۽ عمل بيڪار آهن.

(2) تصوف کان سواءِ نڪي شريعت زنده رهي سگهي ٿي نه دين سلامت رهي سگهي ٿو جيئن ان ڳالهه جي وضاحت حضرت شاه ولي اللهؒ ڪري چڪا آهن.

تصوف حاصل ڪرڻ فرض عين آهي

قاضي ثناءُالله پانيپتيؒ سورة التوبه جي آيت "ماکان للمومنين ان ينفروا ڪافة" جي تفسير ۾ تصوف جي مقام ۽ اهميت جي وضاحت ڪندي فرمائين ٿا:

وان العلم الذي يسمون الصوفية الكرام لدنيا فهو فرض عين لان ثمرتها تصفية القلب عن اشتغال بغير الله واتصافه بدوام الحضور وتزكية النفس عن رذائل الاخلاق من العجب والتكبر والحسد وحب الدنيا والجاه والكسل في الطاعات وايثار الشهوات والرياء والسمعة وغير ذالک وتحليتها بكرام

الاخلاق من التوبة والرضاء بالقضاء والشكر علي النعماء والصبر علي البلاء وغير ذالک ولاشک ان هذه الامور محرمات عليٰ كل مومن اشد تحريما من معاص الجوارح واهم افتراضا من فرائضها من الصلوٰة والصوم والزكوٰة و شيء من العبادات لاسيما بشئ منها مالم يقترن بالاخلاص والنية- [9]

صوفياء ڪرام جنهن علم کي لدني چوندا آهن اهو حاصل ڪرڻ فرض عين آهي ڇو ته ان جو نتيجو غيرالله جي توجهه کان دل جي صفائي آهي، دائم حضور سان قلب جو مشغول ٿيڻ آهي، ۽ بداخلاقين جهڙوڪ عُجب، تڪبر، حسد، حبِ دنيا، حبِ جاه، عبادتن ۾ سستي، نفساني، شهوتي ريا ۽ ڏيکاءَ وغيره ۽ ان جو فائدو سهڻن اخلاقن سان متصف ٿيڻ آهي جهڙوڪ گناهن کان توبه ، قضاء تي راضيِ رهڻ، نعمت تي شڪر ڪرڻ ۽ مصيبت ۾ صبر وغيره. ۽ ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اهي سمورا عمل مومن لاءِ اعضاء ۽ جوارح (بدني عضون) جي گناهن کان به وڌيڪ سخت حرام آهن ۽ نماز، روزي ۽ زڪوات کان وڌيڪ اهم فرض آهن ڇو ته هر اها عبادت جنهن ۾ خلوصِ نيت نه هجي بي فائده آهي ۽ خلوص جو ئي نالو تصوف آهي.”

امام غزالي ؒ جي راءِ

وكذالک يفترض عليه علم احوال القلب من التوكل والخشية والرضاء-[9]

”جيئن باقي علم فرض آهن، تيئن علم سلوڪ به فرض آهي. هي علم قلب ۽ دل جي حالتن ۽ احوالن جوآهي جيئن توڪل، خشيت ۽ رضا بالقضاء“

فائدو:

امام غزالي ؒ جي تحقيق هيءَ آهي ته علم تصوف حاصل ڪرڻ فرض عين آهي. مولانا ٿانوي به تصوف جي تعليم کي فرض عين قرار ڏنو آهي-[9]

علامه شامي ؒ قلب جي احوالن جو تفصيل بيان ڪندي هي نتيجو ڪڍيو آهي ته:

فيلزمه ان يتعلم منها مايري تفسه محتاجا اليه وازالتها فرض عين- [10]

"پوءِ مومن لاءِ لازمي آهي ته گناهن کان بچڻ لاءِ ايترو علم حاصل ڪري جيترو پنهنجي نفس کي انجو محتاج سمجهي، انهن جو ازالو ڪرڻ عين فرض آهي."

تصوف دين جي اصولن مان آهي

تفسير جمل ۾ آهي:

والدين الذي لايقبل التغير هو التوحيد والا خلاص والايمان بما جائت جميع الرسل عليهم الصلوٰة والسلام- [10]

"دين اها شيءِ آهي جيڪا تبديلي ۽ ڦيرڦار کي قبول نٿي ڪري، اهو توحيد ۽ اخلاص آهي جيڪو سڀئي نبي سڳورا عليهم السلام کڻي آيا."

فائدو:

انهيءَ مان ثابت ٿيو ته اسلامي تصوف دين جي اصولن مان آهي ۽ اهو خلوص ۽ احسان تي مشتمل آهي ۽ بنا خلوص جي نه توحيد مقبول آهي ۽ نه ايمان و عمل.

اهلسنت والجماعت جو مدار شريعت ۽ طريقت تي آهي

شاهه عبدالعزيز محدث دهلوي فرمائين ٿا ته:

"اهل سنت جو مدار شريعت ۽ طريقت تي آهي انهن ئي پنهي ڳالهين کي موقع رياست ۽ بزرگي ڳڻين ٿا"-[10]

مٿين عبارت مان اهو معلوم ٿيو ته تصوف جا منڪر اهل سنت والجماعت ۾ داخل نه آهن. اهل سنت ۽ محقق صوفين تصوف ۽ تصوف جي عقيدي کي ڪتاب ۽ سنت مان ورثي طور حاصل ڪيو آهي. ان تي سلف کان خلف تائين سڀ متفق رهيا آهن. اهو صوفياءِ ڪرام جو اجماعي مسلڪ آهي. ها وقت بوقت ان ۾ جيڪي خرابيون پيدا ٿينديون رهيون محقق انهن جي اصلاح ڪندا رهيا.

تصوف تواتر سان ثابت آهي

تصوف ۽ سلوڪ تواتر سان ثابت آهي ۽ اهڙي وڏي جماعت

جو تواتر آهي جيڪا علم ۽ عمل، زهد ۽ تقويٰ ۽ خشيت ۾ پنهنجو مثال نٿي رکي. اهڙي ايڏي وڏي جماعت جو ڪنهن ڪوڙي ڳالهه تي متفق ٿيڻ عقلي طور تي محال آهي- [11]

حديثِ احسان تي تفصيلي بحث

مرقاة شرح مشڪوٰة 59:1

> قال اخبرني عن الاحسان- المعهود ذهنا في الايات القرانية من قوله تعاليٰ للذين احسنوا الحسني، وقال هل جزاء الاحسان الا الاحسان- واحسنوا ان الله يحب المحسنين والاظهر ان المراد به في الايات ما اشتمل علي الايمان والاسلام وغيرهما من الاعمال والا خلاق والا حوال-

”الاحسان ۾ الف ۽ لام عهد ذهني آهي جنهن ۾ اشارو قرآني آيتن ڏانهن آهي جن ۾ لفظ ’احسان‘ آيو آهي ۽ اها ڳالهه ظاهر آهي ته انهن آيتن مان مراد اهو احسان آهي جيڪو ايمان ۽ اسلام وغيره ظاهري اعمال، اخلاق ۽ ( صوفياء) تي شامل آهي“

*۽ فيض الباري 149:1*

> ان الاحسان ينقسم الي حال وعلم فان مشاهدة الحق بقلبه كانه يراه حال له وصفته قائمة به وليست علما.

”احسان صوفين جي حال ۽ علم ۾ ورهايل آهي. ڇو ته قلب سان حق جو مشاهدو ڪرڻ ائين آهي ڄڻ سالڪ اکين سان ڏٺو. اها هڪ حالت آهي جيڪا ان صوفي سالڪ جي صفت قائمه آهي ۽ ظاهر آهي ته اها حالت علم نه آهي“

فيض الباري جي عبارت مان ظاهر آهي ته احسان يا تصوف ۽ سلوڪ فقط علم جو نالو ڪونهي. تنهنڪري هن علم جي پڙهڻ سان ماڻهو عارف بالله نه بڻجي ويندو، جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي نماز، روزي ۽ حج جا مسئلا معلوم هجن ته صرف علم هجڻ سان اهو نڪي نمازي بڻجي ويو نڪي روزيدار ۽ نه حاجي. اهي ته اعمال آهن جن جو تعلق صرف علم سان نه پر ڪرڻ سان آهي، اهڙي طرح تصوف و سلوڪ حال ۽ ڪيفيتون آهن جيڪي شيخ جي سيني مان نڪري سالڪ جي قلب کي روشن ڪن ٿيون. انهن

احوالن ۽ ڪيفيتن لاءِ واضع ڪي به لفظ وضع نه ڪيا آهن. تصوف جي ڪتابن مان تصوف و سلوڪ جي باري ۾ علم جي حد تائين رهنمائي ته ملي سگهي ٿي، پر اهي احوال ۽ ڪيفيتون جيڪي اصل مقصد آهن اهي شيخ ڪامل جي توجه ڪانسواءِ ممڪن نه آهن. تحديثِ نعمت جي طور تي آئون اهو چئي ڏيان ٿو ته جنهن کي پنهنجي رب سان تعلق جوڙڻ ۽ تعلق بالله قائم ڪرڻ جي طلب هجي اهو هن عاجز وٽ اچي انشاءَ الله تعاليٰ اهو هن وڏي (غيرمترقبه) نعمت کان محروم نه رهندو.

تصوف و سلوڪ جو انڪار علم يا دليل سان نه آهي پر جهالت، ضد يا عناد جي ڪري آهي ڇو ته قرآن ڪريم جون آيتون تصوف ۽ سلوڪ جو اصل ۽ بنياد آهن. محدثين احسان واريون آيتون ان سلسلي ۾ ثبوت طور پيش ڪيون آهن، جن جو تفصيل نبي ڪريم جن جي حديثن ۽ مشائخن جي قولن ۾ ملي ٿو. حقيقت هيءَ آهي ته تصوف جي ڪليات کان علاوه جزئيات پڻ قرآني نصوص ۽ آثارن مان ثابت آهن. اسان بنا خوف ترديد جي اهو چئون ٿا ته صوفين جا مختلف طريقا ۽ سلسلا جن ۾ اشغال و اعمال ۽ انهن جي نتيجن ۽ فائدن جو ذڪر آهي، انهن جي ڪليات ۽ جزئيات جي تائيد پڻ قرآني نصوص، آثارن ۽ روايتن مان ٿئي ٿي، انهن جو تفصيل اڳيان ايندو.

اسلامي عقيدا فقهي جزئيات، اعمال، اخلاق ۽ عبادات، اسلام جو قالب آهن مگر ان جو قلب ۽ روح اخلاص و احسان يعني تصوف و سلوڪ آهي. مثلاً سڀني فقيهن لکيو آهي ته گلا ڪرڻ سان روزو نٿو ڀڄي، يعني ان عبادت جو قالب مجروح نٿو ٿئي ۽ قانون ۽ ضابطي جي طور تي روزو نٿو ڀڄي پر صحيح حديث ۾ موجود آهي ته روزي جو روح غيبت (گِلا) ڪرڻ سان نڪريو وڃي. ظاهر آهي ته جيئن بي روح بدن بي ڪار آهي تيئن جنهن روزي مان روح نڪري وڃي ان جي حيثيت ڇا رهجي ويئي؟ اها حقيقت تصوف مان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي تنهن ڪري مولوي علم آهي ۽ صوفي عمل آهي. مولوي قالب آهي ۽ صوفي قلب آهي. مولوي جن عملن جي جزا و سزا آخرت ۾ ڏسندو، صوفي دنيوي زندگي ۾ برزخ جون

حالتون ڏسي ٿو، مولوي جيڪي شيون خواب ۾ ڏسي ٿو صوفي سجاڳي ۾ ڪشف جي ذريعي ڏسي ٿو. ان ڪري صوفي کي هڪ لحاظ سان ملائڪن سان مشابهت آهي.

عن جابر في شان اهل الجنة قال رسول الله يلهمون التسبيح والتحميد كما يلهمون النفس.

”حضرت جابر ؓ کان جنتين جي متعلق روايت آهي ته نبي ڪريم جن فرمايو ته انهن تي تسبيح و تهليل الهام ڪئي ويندي، جيئن ساهه کڻڻ توهانجي فطرت ۾ رکيو ويو آهي“

صوفين جي ذڪر ’پاس انفاس‘ ۾ اهائي حالت هوندي آهي جيڪا جنتين جي بيان ٿي آهي. اهائي حديث ساهه سان ذڪر ڪرڻ جو بنياد ۽ انجو ثبوت پڻ آهي. جبرائيل ؑ واري حديث ۾ حبسِ دم (ساهه روڪڻ) جي ڪيفيت ملي ٿي، حضور ڪريم جن فرمايو ته جبرائيل ؑ مون کي ايتري زور سان ڀاڪر وڌو جو بلغ مني الجهد حتيٰ ظننت انه الموت ”يعني مون کي ايتري تڪليف ٿي جو مون ان کي موت خيال ڪيو“ اها ڪيفيت ان وقت ٿيندي آهي جڏهن ساهه رڪجي وڃي ۽ دم گهٽجڻ لڳي. اها ئي حالت حبسِ دم جي وقت هوندي آهي ۽ جڏهن الله تعاليٰ جي نور ۽ تجلين جي گهڻائي هوندي آهي ته ان وقت ذاڪر تي دبأّءُ پوندو آهي ۽ ساهه رڪجڻ لڳندو آهي.

حضرت علامه انور شاه محدث ڪشميري فرمائين ٿا:

واعلم ان لفظ الاحسان شامل لجميع انواع البرمن الاذكار والاشغال وغيرها. والاذكار تقال الاوراد المسنونه وما ذكره المشائخ من الضربات والكيفيات يقال لها الاشغال والنسبة في اصطلاحهم ربط خاص سوي ربط الخالقية والمخلوقية فمن حصل له ربط سوي الربط العام يقال له صاحب النسبة والطرق المشهورة في التصوف اربعة السهروردية والقادرية والچشتية والنقشبندية والسلسلة السهروردية فد تسلسلت في اجد ادنا من عشرة متصلة ثم مانقل الينا من الاوامر والنواهي والوعد والوعيد سمي شريعة والتخلق بها يسمي طريقة وحينئذ تنصبغ الاعمال بصبغ الايمان كما كان في السلف

امااليوم علم بلا عمل وايمان بلا تصديق من الجوارح رب تال القرآن والقرآن يلعنه ثم الفوز بالمقصد الاسني والنيل بالما رب الاعليٰ يسمي حقيقة ومن ههنا ظهران الشريعة والطريقة لاتتغايران كما زعم العوام- [12]

”احسان جو لفظ سڀني نيڪين تي مشتمل آهي، چاهي ’ذڪر اذڪار‘ هجن يا صوفين جا ’اشغال‘. ’ذڪراذڪار‘ جو اطلاق مسنون اوراد تي ٿيندو آهي ۽ صوفي مشائخن، جن ضربن ۽ ڪيفيتن جو ذڪر ڪيو آهي انهن کي ’اشغال‘ چئجي ٿو ۽ صوفي اصطلاح ۾ ’نسبت‘ هڪ خاص قسم جي ربط کي چيو ويندو آهي جيڪو خالقيت ۽ مخلوقيت کان جدا آهي جنهن کي اهو خاص ربط حاصل ٿي وڃي ان کي ’صاحبِ نسبت‘ سڏيو وڃي ٿو. تصوف ۾ چار مشهور سلسلا آهن، سهروردي، قادري، چشتي ۽ نقشبندي. سهروردي سلسلو ڏهن پيڙهين کان اسان جي خاندان ۾ هلندو پيو اچي. پوءِ جيڪي اوامر ۽ نواهي، واعدا ۽ وعيد نقل ٿي اسان تائين پهتا آهن انهن کي ’شريعت‘ چئجي ٿو ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ۽ ان رنگ ۾ رڱجي وڃڻ کي ’طريقت‘ سڏجي ٿو. ان وقت سمورا عمل ايمان جي رنگ ۾ رڱيا وڃن ٿا. سلف صالحين جي اهائي حالت هئي، پر اڄ ڪلهه علم آهي عمل ڪونهي ، ايمان آهي پر اعضاء ۽ جوارح (بدني عضون) سان انجي تصديق ڪونهي، ڪيترائي قرآن پڙهڻ وارا اهڙا آهن جو قرآن انهن تي لعنت ڪري رهيو آهي. پوءِ اعليٰ مقصد کي حاصل ڪرڻ، اعليٰ نصب العين تائين پهچڻ اصل ڪاميابي آهي. انجو نالو ’حقيقت‘ آهي - لاتتغايران ڪما زعم العوام - ان مان ظاهر ٿيو ته’شريعت‘ ۽ ’طريقت‘ ٻه مختلف شيون نه آهن جيئن عوام ۾ مشهور آهي.“

لفظ ۽ انهن جي معنيٰ جو تعلق واضح ڪندي فرمائين ٿا:

اني لست ممن ياخذون الدين من الفاظ بل اولي الامر عندي توارث الامة واختيار الائمة فانهم هداة الدين واعلامته ولم يصل الدين الينا الامنهم فعليهم الاعتماد في هذا الباب فلانسيئي الظن بهم [13]

”آئون انهن ماڻهن مان نه آهيان جيڪي دين کي فقط لفظن مان اخذ

ڪن ٿا پر منهنجي نزديڪ لفظن جي حقيقي معنيٰ امت جو توارث ۽ اها صورت آهي جيڪا ائمه ڪرام اختيار ڪئي آهي، ڇو ته اهي ئي دين جا هادي ۽ نشان آهن. اسان وٽ ته دين انهن جي ذريعي پهتو، اسان ان باري ۾ مٿن اعتماد ڪريون ٿا ۽ انهن متعلق بدظني ڪان بچون ٿا.“

بيشڪ دين متين لفظن جي شڪل ۾ نقل ٿي اسان تائين پهتو پر انهن لفظن جو حقيقي مطلب ٻڌائڻ واري جماعت به گڏوگڏ نسل در نسل هلندي آئي. دين جي لفظن جي معنيٰ جيڪا انهن بزرگن سمجهي ان مطابق عمل ڪري ڏيکاريندا رهيا. اهوئي تعامل ۽ توارث آهي جيڪو دين جو روح آهي ۽ ان تي حقيقي اعتماد ئي اصل دين آهي ۽ اهو ئي دين هڪڙي پاسي فقه جي ڇئن مذهبن ۾ ۽ ٻئي پاسي ڇئن روحاني سلسلن ۾ محفوظ ٿي اسان تائين پهتو آهي. اهل سنت والجماعت جو مدار نبوت جي انهن ٻنهي حصن تي آهي.

جيڪڏهن لفظن کي معنيٰ پهرائڻ جي سلسلي ۾ آزادي هجي ته اهو دين نه پر نفس پرستي هوندي. تنهنڪري جيتري قدر منقول دين جي لفظن جي معنيٰ سمجهڻ جو تعلق آهي ان جو دارومدار امت جي تعامل ۽ عرف تي هوندو.

دين مان ڇا مراد آهي؟ عمدةالقاري (339:1) هيٺين حديث:

”جبرئيل يعلمكم دينكم اي يعلموا العقائد الدينية والاعمال الظاهرة والاعمال القلبية

جبرائيلؑ آيو ته توهان کي دين سيکاري يعني جيئن توهان کي ڄاڻ پوي ته دين جا عقيدا ڇا آهن، ظاهري عمل ۽ قلبي عمل ڪهڙا ڪهڙا آهن.“

*۽ تحفته القاري ( 121:1)*

دل الحديث علي ان علوم الدين ثلاثة الاول العقائد وهو علم الكلام والثاني علم الحرام والحلال ومعرفة الاحكام وهو علم الفقه والثالث علم المكاشفات و المراقبات وهو علم التصوف ومجموعها الدين. والاحسان هو اصل التصوف الذي هو عبارة عن صدق التوجه الي الله وجميع معاني التصوف التي جائت عن مشائخ الطريقة كلها راجعة الي هذا المعني فالدين

وترثلاث رکعات . الاولي رکعة الايمان والثانية رکعة الاسلام الثالثة رکعة الاحسان وهي التي توتر ماقد صلي ولا يصح الاقتصار علي رکعة الاحسان فقط مالم ينضم اليها شفع الايمان والاسلام وقال القرطبي هذالحديث يصح ان يقال له ام السنة وقال قاضي عياض اشتمل هذالحديث علي جميع وظائف العبادات الظاهرية والباطنية ومن اعمال الجوارح ومن اخلاص اسرائر قال علامة الزمان الشيخ محمودالحسن ديوبندي قدس سره ان مقصود المولف بهذا الترجمة ان الاصول والفروع والاعمال والايمان والاسلام والاحسان و الاخلاص والاخلاق کلها من الدين وفي حديث هرقل ذلک بشاشة الايمان هوالاحسان واشار هذا الباب الي ان من ذاق حلاوة الايمان شرح الله صدره للاسلام وخالط بشاشة القلب خلطا ابطيا اتحاديا فيجوزان يقال في حقه انه محفوظ من الارتداد و اما من ليس کذالک فلا يجوزله الوثوق علي ايمانه.

”جبرائيل ؑ واري حديث ٽن علمن تي دلالت ڪري ٿي. پهريون عقيدا، هي ’علم ڪلام‘ آهي. ٻيو حلال و حرام ۽ حڪمن جي معرفت، هي ’علم فقه‘ آهي. ٽيون مڪاشفات ۽ مراقبات جو علم، هي علم ’تصوف‘ آهي. انهن ٽنهي جي مجموعي جو نالو دين آهي ۽ احسان تصوف جو اصل (بنياد) آهي ۽ ان مان مراد سچو ڌيان يا اخلاص آهي. مشائخ کان تصوف جون جيتريون به معنائون منقول آهن اهي سڀ انهيءَ حقيقت ڏانهن ويندڙ آهن. تنهنڪري دين اسلام وتر ٽيو تي رڪعتون، پهرين رڪعت ايمان آهي، ٻي اسلام ۽ ٽئين احسان، ۽ اهو احسان وتر بڻائيندو. فقط احسان جي هڪڙي رڪعت تي پاڙي ويهي رهڻ درست نه ٿيندو، جيستائين ايمان ۽ اسلام جون ٻه رڪعتون ساڻ نه ملايون وڃن. علامه قرطبي فرمائين ٿا ته جبرائيل ؑ واري حديث بابت اهو چوڻ صحيح آهي ته اها سنت جو اصل ۽ بنياد آهي. قاضي عياض فرمايو ته حديث جبرائيل ؑ سڀني وظيفن ظاهري توڙي باطني عبادتن ۽ جوارح (بدني عضون) جي عملن ۽ دل جي اخلاص سڀني تي مشتمل آهي ۽ شيخ الهند

محمودالحسن ديوبنديؒ فرمايو ته هن ترجمي مان امام بخاريؒ جو مقصد اهو آهي ته اصول و فروع، اعمال، ايمان، اسلام، احسان، اخلاص، اخلاق سڀ دين جا جزا آهن ۽ هرقل روم واري حديث ۾ بشاشة الايمان جو مطلب اهو ئي احسان آهي ان سلسلي ۾ هن ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته جنهن ايمان جي حلاوت (مٺاڻ) چکي، ان جو سينو الله تعاليٰ کولي ڇڏيو ۽ ايمان جي لذت سندس دل جي گهرائين ۾ داخل ٿي ويئي ان جي باري ۾ هيءُ چوڻ صحيح آهي ته اهو مرتد نه ٿيندو، ۽ جنهن ۾ اها حقيقت موجود نه آهي، ان جي باري ۾ يقين سان نٿو چئي سگهجي ته ايمان تي قائم رهندو"

امام رباني مجدد الف ثانيؒ مڪتوبات ۾ لکيو آهي ته مراقبو فنا في الله ۽ بقا باالله جڏهن سالڪ کي راسخ (پڪو پختو) ٿي وڃي ته اهو يقيناً ايمان تي مرندو آهي. حديث ۾ لفظ 'بشاشة' آيو آهي. امام صاحب ان مان ئي 'راسخ' وارو قيد لڳايو آهي.

علامه قسطلانيؒ انهيءَ حديث کي 'جوامع الڪلم' جي قبيلي مان قرار ڏنو آهي، فرمائين ٿا:

> هذا الحديث من جوامع الكلم ؒاي تعبد ربک کانک تراه فان لم تکن تراه الخ الاول اشارة الي مقام المشاهدة والمکاشفة والثاني نزول من مقام المشاهدة والمکاشفة الي المراقبة.

"پهرين صورت اشارو آهي مشاهدي ۽ مڪاشفي جي رتبي ڏانهن ، ٻي صورت اشارو آهي مراقبي جي رتبي ڏانهن."

چڻ سالڪ جي ٻن حالتن ڏانهن اشارو آهي. ڪن صوفين کي ڪشف ٿي ويندو آهي اهي دل جي اکين سان تجليات باري تعاليٰ، ملائڪن ۽ ارواح وغيره جو مشاهدو ڪن ٿا. ڪن کي ڪشف نٿو ٿئي ۽ اهي مشاهدو نٿا ڪري سگهن پر ان جي باوجود انهن جي مرتبن ۾ ڪو فرق نه هوندو آهي.

جبرائيل ؑ واري حديث جي تاريخي حيثيت انهيءَ حديث جي اهميت ۾ اڃا به اضافو ڪري ٿي. جبرائيل ؑ جو انساني صورت ۾ اچي هي گفتگو ڪرڻ ان زماني جو واقعو آهي جڏهن حضور ڪريمؐ جن حجة الوداع کان واپس اچي چڪا هئا، يعني پاڻ

سڳورن جي عمر مبارڪ جي آخري حصي ۾ اهو واقعو پيش آيو. ان وقت دين اسلام جي تڪميل ٿي چڪي هئي، احڪام نازل ٿي چڪا هئا، چڻ ته هڪ ئي مجلس ۾ دين جو خلاصو جبرائيل ؑ جي زباني بيان ڪرائي حضور جن جي واتان هي چورايو ويو ته اتاكم ليعلمكم دينكم. يعني حديثِ جبرائيل ؑ جو مقصد لتقرير جميع امورالدين متفرقة في مجلس واحد لتضبيطة يعني هڪ ئي مجلس ۾ دين جي حڪمن کي ملائي منضبط ۽ پختو ڪرڻ لاءِ دين جو خلاصو حضورڪريم جن جي سامهون پيش ڪري ڇڏيو ته دين ٽن ڳالهين جو مرڪب آهي جيئن مغرب جي نماز ۾ ٽي رڪعتون هونديون آهن، جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ٻه رڪعتون پڙهيون پر ٽئين ڇڏي

ڏني ته ان جي نماز نه ٿيندي. اهڙيءَ طرح جڏهن تصوف کي ڇڏيو ويو ته دين جي ٽئين حصي کي ڇڏيو ويو، ظاهر آهي ته دين مڪمل ڪونه ٿيو. جيستائين تصوف جو تعلق آهي، پن قسمن جا ماڻهو ملن ٿا هڪڙا اهي جيڪي تصوف کي ترڪ ڪندڙ آهن انهن جي حيثيت ائين آهي جيئن ڪو ماڻهو نماز کي ڇڏي ڏئي، اهڙن ماڻهن کي فاسق سڏيو ويندو آهي پر جيڪي تصوف جا منڪر هجن انهن ته دين جي ٽئين حصي جو انڪار ڪري ڇڏيو ۽ جيئن ته جُز جو انڪار ڪُل جي انڪار برابر ٿئي ٿو تنهنڪري اهڙن ماڻهن جي باري ۾ ان کانسواءِ ٻيو چا ٿو چئي سگهجي ته الله سائين کين هدايت ڏئي.

شرح عقيدةالسفاريني(430:1) ۾ ان حديث جي متعلق لکيل آهي:

وحاصل ذالک ان الدين واهله كما اخبر خاتم النبيين وامام المرسلين ثلاث طبقات اولها الاسلام و اوسطها الايمان واعلاها الاحسان فمن وصل الي العليا فقد وصل الي التي تليها فالمحسن مومن والمومن مسلم هكذا جاء في القرآن فجعل الامة علي هذه الاصناف الثلاثة قال الله تعاليٰ ثم اورثنا الكتاب الذين اصطفينا من عبادنا فمنهم ظالم لنفسه ومنهم مقتصد ومنهم سابق بالخيرات باذن الله ذالک هوالفضل الكبير فالمسلم الذي لم يقم بواجب الايمان هو الظالم لنفسه

والمتقصد الذي ادي الواجب وترک المحرم هوالمومن المطلق والسابق بالخيرات هو المحسن الذي عبدالله کانه يراه فان لم يکن يراه فانه يراه.

”ان حديث جو حاصل هيءُ آهي ته دين ۽ اهلِ دين جا ٽي طبقا آهن جيئن خاتم النبيين ۽ امام المرسلين خبر ڏني آهي، پهريون طبقو لفظ اسلام سان، ٻيو ايمان سان، ۽ ٽيون احسان سان. ظاهر آهي ته پوءِ جيڪو شخص اعليٰ درجي تي پهتو اهو انتهائي بلندي تي پهچي ويو. يعني محسن مومن آهي ۽ مومن مسلم آهي. اهائي ڳالهه قرآن پاڪ ۾ آيل آهي، الله تعاليٰ امت کي ٽن قسمن ۾ ورهايو آهي. الله تعاليٰ فرمايو ته ”پوءِ انهن انسانن کي اسان هن ڪتاب جو وارث بڻايو جن کي اسان پنهنجي ٻانهن مان چونڊيوآهي انهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي پنهنجي نفس تي ظلم ڪن ٿا، ڪي اهڙا آهن جيڪي وچولو رستو وٺن ٿا، ڪي وري اهڙا آهن جيڪي پنهنجي رب جي مدد سان نيڪين ۾ اڳرائي ڪرڻ وارا آهن، ۽ اهو الله جو تمام وڏو فضل آهي“ اهو مسلم جيڪو ايمان جي واجبن کي قائم نه رکي اهوئي پنهنجي نفس تي ظلم ڪري ٿو ۽ مقتصد اهو آهي جنهن واجبات ادا ڪيا ۽ محرمات کان پاسو ڪيو اهو مطلق مومن آهي. ۽ نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙ اهو محسن آهي جنهن الله جي عبادت ائين ڪئي ڄڻ هو الله کي ڏسي ٿو ۽ جيڪڏهن هو الله کي نٿو ڏسي ته الله ته کيس ڏسي ٿو“

نفلن سان الله جو قرب

قال النبي ما تقرب الي عبدي بمثل ما افترضت عليه ثم لايزال عبدي يتقرب الي بالنوافل حتي احبه فاذا احبتهٖ کنت سمعه الذي يسمع به وبصره الذي يبصربه الخ

”حضورڪريم جن فرمايو ته الله فرمائي ٿو ته منهنجو ٻانهو فرضن جي پابنديءَ سان جيڪو قرب حاصل ڪري ٿو ان جهڙو ٻيو ڪو قرب نه آهي، پوءِ منهنجو ٻانهو نفلن جي ذريعي منهنجو قرب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهي ٿو ايستائين جو آئون ساڻس محبت ڪرڻ لڳان ٿو پوءِ جڏهن آئون کيس پسند ڪري

وٺان ٿو ته آئون ان جا ڪن بڻجي وڃان ٿو جن سان هو ٻڌي ٿو ۽ هن جون اکيون بڻجي وڃان ٿو جن سان هو ڏسي ٿو.

اِن حديث جو ترجمو مٿي لکجي چڪو آهي ۽ ان جي تشريح فيض الباري ۾ حضرت انور شاه جن هن طرح فرمائي آهي:

ومر عليه الذهبي في الميزان وقال لولا هيبة الجامع لقلت فيه سبحان الله قلت اذاصح الحديث فليضعه علي الراس والعين واذا تعاليٰ شئ منه من الفهم فليكله الي اصحابه وليس سبيله ان يجرح فيه اما علماء الشريعة فقالوا معناه ان جوارح العبد تصير تابعه للمرضاة الالهية حتي لا تتحرک الا علي مايرضي به وبه فاذا كانت غاية سمعه وبصره وجوارحه كلها هوالله تعالي سبحانه فحينئذ صح ان يقال انه لايسمع الاله ولا يتكلم الا له فكان الله صار سمعه وبصره قلت وهذا عدول عن حق الالفاظ لان قوله كنت سمعه بصيغه المتكلم يدل علي انه لم يبق من المتقرب بالنوافل الا جسده وشجه وصار المتصرف فيه الحضرة الالهيه فحسب وهوالذي عناء الصوفيه بالفناء في الله اي انسلخ عن دواعي نفسه حتي لايكون المتصرف فيه الا هو كما هذا في القران في قصة موسيٰ ؑ فلما جاء ها نودي ان بورک من في النار- فالمرئي والمشاهد لم يكن الاالنار دون الرب جل مجده ولكن الله تعاليٰ سبحانه لما تجلي فيها قال يا موسيٰ اني انا الله الخ قال فانظر فيه انه كيف سمع صوتا من النار اني اناالله فهونار ثم صح قوله اني اناالله ايضا فالمتكلم في المرئي كان هو الشجرة ثم اسند تكلمها الي الله تعاليٰ وذالک لان الرب جل مجده لما تجلي فيها صارت الواسطة لمعرفته اياه هما الشجرة فاخذ المتجلي فيه حكم المتجلي بنفسه الي ان قال وانما تجلي ربه في النار لحاجة موسيٰ اليها ثم قال فان فهمت معنيٰ التجلي كما حقه وبلغت مبلغه فدع الامثال والصور المنصوبة وارق الي ربک حنيفا فانه اذا صح للشجرة ان ينادي فيها باني انا الله فما بال المتقرب بالنوافل ان لايكون الله سمعه وبصره ويده ورجله كيف وان آدم الذي خلق علي

صورة الرحمن ليس مادون من شجرة موسيٰ وقال المحشي وعليک ان تتامل تلک المباحث بعين التحقيق فانها لا تنحل بالعلوم الظاهره فقط مالم ترجع الي كتب الصوفية فان لكل فن رجالا فلا تعد ها.

ميزان الاعتدال ۾ جڏهن امام ذهبيؒ هن حديث تائين پهتو تڏهن چيائين ته جيڪڏهن صحيح بخاري جي هيبت منهنجي دل تي طاري نه هجي ها ته انهيءَ حديث جي باري ۾ مان هيئن هوندس چوان ها. حضرت شيخ انورشاهؒ فرمائين ٿا ته سبحان الله امام ذهبيؒ منطق نه پڙهيو هو، آئون چوان ٿو جڏهن حديث صحيح آهي ته اکين سان قبول ڪرڻ گهرجي. جڏهن ڪو مسئلو ڪنهن جي سمجهه کان مٿي هجي ته ان علم جي ڄاڻ وارن جي حوالي ڪرڻ کپي پاڻ ئي انهيءَ مسئلي تي جرح شروع نه ڪجي. بهرحال ظاهري عالمن ان حديث جي معنيٰ هيءَ بيان ڪئي آهي ته ٻانهي جا اعضاء و جوارح (بدني عضوا) الله جي رضا جي تابع ٿي وڃن ٿا، انهن کان اهائي حرڪت ٿئي ٿي جيڪا الله کي پسند هجي ۽ ان جي سڀني عضون جي انتها ۽ مقصد الله ﷻ جي ذات هجي ته ايئن چوڻ صحيح ٿيندو ته اهو ٻانهو ٻڌي ٿو ته الله جي لاءِ، ۽ ڏسي ٿو ته الله جي لاءِ ڇڻ ته الله ان ٻانهي جا ڪن ۽ اکيون بڻجي ويو آهي. آئون چوان ٿو ته اها معنيٰ وٺڻ حديث جي لفظن کان ڦري وڃڻ آهي. حديث ۾ متڪلم جو صيغو استعمال ٿيل آهي جيڪو انهيءَ ڳالهه جو دليل آهي ته جيڪو ٻانهو نفلن ذريعي الله جو قرب حاصل ڪري چڪو هجي، جسم ۽ صورت کان سواءِ ان جي ڪابه شئي باقي نه ٿي رهي ۽ ان کي استعمال (تصرف) ڪرڻ وارو رب العالمين ئي آهي. هي اهو مقام آهي جنهن کي صوفي فنا في الله چوندا آهن، يعني اهو شخص پنهنجي خواهشن جي اثرهيٺ نٿو رهي ۽ ان ۾ فقط الله تعاليٰ جو تصرف رهجي وڃي ٿو جيئن قرآن شريف ۾ حضرت موسيٰؑ جي قصي ۾ موجود آهي ته جڏهن پاڻ باهه جي ويجهو پهتا ته باهه جي اندر مان آواز آيو، برڪت واري آهي اها ذات جيڪا باهه جي اندر آهي پر سامهون باه ئي هئي، جڏهن الله تعاليٰ جي نور جي تجلي ان باه مان ظاهر ٿي ته آواز آيو "آئون الله آهيان" ته انهيءَ ۾ غور

ڪريو ته ڪيئن موسيٰ ؑ باهه مان الله تعاليٰ جو آواز ٻڌو. ڳالهائڻ وارو ظاهري طرح اهو وڻ آهي پوءِ ڪلام جي نسبت الله تعاليٰ جي طرف ڪئي وئي، ڇو ته رب العالمين جي نور جي تجلي وڻ مان ظاهر ٿي ته اهو وڻ الله تعاليٰ جي معرفت جو واسطو بڻجي ويو ته متجليٰ فيه(وڻ) متجلي بنفسه(رب العالمين) جي حڪم ۾ اچي ويو. ڳالهه هيءَ هئي ته نور جو ظهور باهه ۾ ٿيو ڇو ته موسيٰ ؑ کي ان وقت باه جي ضرورت هئي. پوءِ فرمايائون ته جيڪڏهن تو تجلي جي حقيقي معنيٰ سمجهي ورتي ته مثالن ۽ صورتن کان اڳيان وڌ ۽ ترقي ڪري الله تعاليٰ جو قرب حاصل ڪر، ڇو ته جيڪڏهن ڪنهن وڻ جي باري ۾ اهو درست آهي ته ان مان آواز اچي ته ’آئون الله آهيان‘ ته الله تعاليٰ جي مقرب ٻانهي لاءِ ڇو درست نه هجي ته رب العالمين ان جا ڪن، اک وغيره بڻجي وڃي جڏهن ٻانهو رحمٰن جي صورت تي پيدا ٿيو آهي ته ڪيس شجرِ موسوي () کان گهٽ ته نه سمجهڻ کپي. انهيءَ بحث تي چڱي تحقيق سان غور ڪرڻ کپي، اهي راز رڳو علومِ ظاهريه سان نه کلي سگهندا، جيستائين علومِ صوفياء ڏانهن رجوع نه ڪيووڃي ڇو ته ’هر هر حال۾ اهو ڪم صوفين جو ئي آهي

هن بحث مان هڪ راز اهو کليو ته ڪلام الٰهي قديم ۽ تجلو ذات باري تعاليٰ قديم آهي، پر حادث وڻ ۾ ظاهر ٿيو ۽ ٻڌڻ ۾ آيو اهڙيءَ طرح قرآن ڪريم ڪلام قديم آهي غير مخلوق آهي پر انجو ظهور حادث مخلوق جي زبان سان ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح الله جو ڪلام ڪشف و الهام جي صورت ۾ هڪ صوفي عارف جي زبان تي ظاهر ٿيڻ بعيد ڪونهي تڏهن ته عارف رومي ؒ فرمايو:

گفته او گفته الله بود،
گرچه از حلقوم عبدالله بود

حديث جي شرح جي شروع ۾ جيڪا ڳالهه شيخ انور شاهه صاحب سبحان الله ڇئي ابهام ۾ رکي ان جو تفصيل ميزان الاعتدال ۾ (301) تي هن طرح ملي ٿو:

ولولا هيبة الجامع الصحيح لعددته في منكرات خالد بن مخلد

جيڪڏهن صحيح بخاري جي هيبت منهنجي دل تي طاري نه

هجي ها ته آئون هن حديث کي خالد بن مخلد جي منڪرات ۾ ڳڻيان ها.

حافظ العصر علامه ابن حجر فتح الباري ۾ ان قول کي وڏي خوبيءَ سان رد ڪيو آهي ۽ شيخ انور ته صاف ڳالهه چئي ڇڏي ته هر فن جي ڳالهه فن جي ماهر جي حوالي ڪرڻ کپي اهوئي ان جي باري ۾ صحيح راءِ ڏيڻ جو اهل هوندو آهي. ماڻهوءَ کي جنهن فن جي واقفيت نه هجي پنهنجو پرم رکڻ لاءِ هروڀرو ان تي جرح شروع نه ڪرڻ گهرجي.

قرب فرائض ۽ قرب نوافل ۾ فرق

فيض الباري (427:4) وههنابحث:

وههنا بحث للصوفية في فضل القرب بالنوافل والقرب بالفرائض فقالوا ان العبد في القرب الاول يصير جارحة الله جل مجده والله سبحانه نفسه يكون جارحة لعبده في القرب الثاني.

[هتي قرب فرائض ۽ قرب نوافل جي سلسلي ۾ صوفين جي لاءِ بحث آهي. صوفين فرمايو ته قرب فرائض ۾ ٻانهو باري تعاليٰ جا عضوا بڻجي ٿو ۽ قرب نوافل ۾ باري تعاليٰ ٻانهي جا عضوا بڻجي وڃي ٿو.

جڏهن ڪو ٻانهو انهيءَ حد تائين پنهنجي رب جو  قرب حاصل ڪري وٺي ٿو ته رب سائين جي طرف کان اهواعلان حيران ڪندڙنٿو لڳي

من عادي لي وليا الخ

وان قال من عادي لي ولم يقل وليا لي تضخيماً  لشان العداوة لان في الاول ايذانا بان عداوة ولي كانها عداوة الله تعاليٰ بخلاف الثاني.

حضوراڪرم جن حديث پاڪ ۾ ”عادي لي وليا“ فرمايو نه ”وليالي“ ان مان دشمنيءَ جو شان ظاهر ڪرڻ مقصود هو ڇو ته پهرين صورت ۾ درحقيقت الله سان دشمني آهي ولي سان ڪونهي، ٻي صورت ۾ اها ڳالهه نٿي ملي

علامه سيوطي ؓ انهيءَ حديث جي تفصيل ۾ هڪ مستقل

رسالو لکيو آهي، جنهن جو نالو آهي ’القول الجلي في حديث الولي.‘ اهو رسالو اسان جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي ۽ الحاوي للفتاوي ۾ علامه انهيءَ حديث کي مختلف لفظن ۾ مختلف راوين کان نقل ڪيو آهي، مثلاً:

1: عن انس بن مالک عن النبي عن جبرئيل عن الله يقول عزوجل من اهان لي وليا فقد بارزني بالمحارية واني لاغضب لاوليائي كما يغضب الليث المرء وما تقرب الي عبدي الخ

2: عن عائشة ام المومنين ϖ قالت قال رسول الله من آ اٰذي لي وليا فقد استحل محاريتي وما تقرب الي عبدي بمثل الفرائض.

3: عن ميمونة ام المومنين ϖ ان رسول الله قال قال الله عزوجل من آذي لي وليا فقد استحل محاريتي وما تقرب الي عبدي بمثل اداء الفرائض الخ

4: عن ابن عباس قال قال رسول الله يقول تعاليٰ من عادي لي وليا فقد ناصبني با لمحماربة الخ

5: عن ابي امامة عن رسول الله قال ان الله تعاليٰ يقول من اهان لي وليا فقد بارزني بالعداوة ابن آدم لم بالنوافل حتي احبه فاكون سمعه الذي يسمع به والبصره الذي يبصربه ولسانه الذي ينطق به وقلبه الذي يعقل به فاذا دعاني اجبته وان سالني اعطيته وان استنصرني نصرته.

انهن حديثن مان حقيقت واضح ٿي وڃي ٿي ته حضوراڪرم جن امت کي اها ڳالهه تعليم فرمائي آهي ته الله جي ولين سان محبت ڪجي ۽ انهن سان دشمني رکڻ جي جرئت نه ڪجي. تنهنڪري آخري حديث جي باري ۾ ابن جوزي لکن ٿا ته:

فارتد تفهيمنا لتحقق المحبة للولي

’ولي الله‘ جي محبت پنهنجي دل ۾ ثابت ڪرڻ لاءِ اسان کي سمهجايو ويو آهي

ٻوءِ حديث ۾ حضوراڪرم جن جي هيءَ دعا به ملي ٿي ته:

اسئلک حبک وحب من يحبک

اي الله آئون توکان تنهنجي محبت جو سوال ڪريان ٿو ۽ انهيءَ جي محبت جو جيڪو توکي دوست رکي ٿو.

علامه شوڪاني ؒ ’تحفةالذاڪرين‘ ۾ صفحي نمبر331 تي انهيءَ حديث جي شرح ۾ فرمايو ته:

وقد وردفي السنة ذكر الاسباب التي يتسبب بها العباد الي محبة الله سبحانه وسالہ حب من يحبہ فانه لايحب الله عزوجل الا المخلص من عباده فحبهم طاعة من الطاعات وقربہ من القرب .

”۽ حديث ۾ انهن سببن جو ذڪر آهي جن کي الله تعاليٰ جا ٻانها محبت الٰهي جو ذريعو ٻڌائين ٿا ۽ حضوراڪرم ﷺ جن انهن ماڻهن جي محبت جو سوال ڪيو جيڪي الله تعاليٰ سان محبت رکن ٿا ۽ هيءَ هڪ حقيقت آهي ته صرف الله تعاليٰ جا مخلص ٻانها ئي ساڻس محبت رکن ٿا تنهنڪري انهن جي محبت اطاعتن مان هڪ اطاعت آهي ۽ قرب الٰهي جي هڪ صورت آهي“

انهن روايتن ۾ ٻن ڪمن جي تلقين ۽ تاڪيد ڪئي ويئي آهي، هڪ جو تعلق پرهيز ڪرڻ يا پاسو ڪرڻ سان آهي ۽ اها آهي اولياءالله جي دشمني. ان ڪان ايترو ڊيڄاريو ويو آهي جڻ ته اولياءالله جي دشمني حقيقت ۾ الله تعاليٰ سان دشمني آهي. ٻئي جو تعلق هڪ ڪم ڪرڻ جي تاڪيد سان آهي ۽ اهو آهي اولياءَ الله سان محبت ڪرڻ، ۽ ان کي اطاعت ۽ قرب جو ذريعو قرار ڏنو ويو آهي. سبب ظاهر آهي ته الله وارن سان محبت ان ڪري ڪئي وڃي ٿي جو اهي الله سان محبت جو سليقو سيکارين ٿا. انهن اوليائن وٽ هڪڙو ئي آزمايل نسخو آهي ته اهي ٻانهي کي الله تعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ جو سليقو سيکارين ٿا. نتيجو هي ٿئي ٿو ته انهن جي ٻڌايل طريقي مطابق انهن جي صحبت ۾ رهي ڪري جڏهن ذڪر ڪيو وڃي ٿو ته لازمي طور تي الله تعاليٰ جي محبت پيدا ٿئي ٿي، چنانچه صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ اهڙي اجتمائي ذڪر جي فائدن ۽ نتيجن بابت نشاندهي ڪئي ويئي آهي.

لايقعد قوم يذكرون الله الاحفتهم الملائكة وغشيتهم الرحمة ونزلت عليهم السكينة وذكر هم الله فيمن عنده هم القوم لايشقي جليسهم.

”جڏهن ڪجهه ماڻهو گڏجي ذڪر ڪرڻ لاءِ ويهن ٿا ته ملائڪ

انهن کي ڏڪي ڇڏين ٿا ۽ الله تعاليٰ جي رحمت انهن تي ڇانئجي وڃي ٿي ۽ انهن تي سڪينه (الله تعاليٰ جي خاص رحمت) نازل ٿئي ٿي ۽ الله تعاليٰ ملائڪن وٽ انهن جو ذڪر ڪري ٿو، اها اهڙي جماعت آهي جو انهن وٽ ويهڻ وارو بدبخت نٿو ٿي سگهي“

انهيءَ صحيح حديث مان ذڪرالٰهي ۽ اولياءَ الله جي صحبت جو اثر واضح طور تي معلوم ٿئي ٿو، ايتري قدر جو انهن جي فقط صحبت مان ئي ايڏو فائدو ملي ٿو جو انسان بد بخت ٿي نه ٿو مري.

فيض الباري شرح بخاري ۾ حضرت انور شاه صاحب انهيءَ حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا:

الا حفتهم الملائکة باجنحتهم وفي الحديث انهم يحيطون بهم کالهالة بالقمر علي شاکلة الدائرة حول الذاکر کما انک تقذف حجرافي الماء فترالامواج تتلاطم من حوله تمتد بقدر قوة الرامي وضعفها فکما ان الماء يتحرک مدي الحرکة وکذالک حال الاشياء التي تشملها دائرة الذکر فانها تصير ذاکرة ونقل عن الشعراني انہ جلس مرة يذکرالله فراي مامن شيي حولہ الاجعل يذکرالله حتي اذا اصبح راي ان ذکره قد استغرق الارض بنواحيها ولم يبق شيئي الا کان يساعده في الذکر وهو معني قول النبي هوالقوم لايشقي جليسهم فانه بجلوسه بين الذاکرين صار مشمولا بالذکر والذاکرين فکان حصهم والسرفيہ ان ذکر الله حياة وحينئذ تتسع دائرة الذکر بقدر اتساع صوت الذاکر حتي تصير الاشياء کلها حول الذاکر احياء ذاکرين وان کنت قد ذقت حلاوة ما القينا عليک تنبيت مع تسبيح الجبال والطير مع داوٗد ؑ لم يکن يذکر ويسبح ربہ کما اخبربہ القران الاجعل ماحوله من الجبال والطير يسبح معه لد خوله في حلقة ذکره واذ کان نبيا من الانبياء عليهم السلام کان ذکره ايضا بقدر مرتبة فکانت الا شياءُ تتاثر منہ مالا تتاثر بذکر احد.

”ملائڪ پنهنجي کنين سان انهن تي ڇانوَ ڪري ڇڏين ٿا، ۽ حديث ۾آهي ته ملائڪ انهن جواحاطو(گهيراءُ) ائين ڪن ٿا جيئن چنڊ جي چوڌاري روشني جودائرو ۽ سمجهي وٺو ته الله تعاليٰ جو ذڪر،

ذاڪرين جي چوڌاري دائري وانگر پکڙجي ويندو آهي جئين تون پاڻي ۾ پٿر اڇلڻ تي ڏسين ٿو ته لهرون چئوطرف چوليون هڻڻ لڳن ٿيون ۽ لهرن جي پکيڙ پٿر اڇلڻ واري جي طاقت تي دارومدار رکي ٿي جهڙي طرح پٿر اڇلائڻ سان پاڻي ۾ چرپر ٿئي ٿي ۽ اها چرپر پاڻي ۾ پري تائين پهچي وڃي ٿي اهڙي طرح جيڪي شيون ذڪر جي دائري ۾ اچن ٿيون اهي سڀئي متاثر ٿين ٿيون، ۽ ذاڪر بڻجي وڃن ٿيون. امام شعراني‌ڪان نقل ڪيو ويو آهي ته هڪ دفعي پاڻ ذڪر ڪرڻ ويٺا ڏٺائون ته چوڌاري سڀ شيون ذڪر پيون ڪن ايستائين جو جڏهن صبح ٿيو ته ڏٺائون ته سندن ذڪر جو اثر سڄي زمين ۾ پکڙجي ويو آهي ۽ هر شئي ذڪر ۾ ساڻن موافقت ڪري رهي آهي. حضورڪريم‌جن جو فرمان ته ”هيءَ اها جماعت آهي جنهن ۾ ويهڻ وارو بدبخت نٿو رهي سگهي“، جو مطلب اهو ئي آهي ته ذاڪرن سان ويهڻ انهن ۾ شامل ٿيڻ آهي. ان ۾ راز هيءُ آهي ته الله تعاليٰ جو ذڪر زندگي آهي جنهن شئي تائين اهو پهچي ٿو انکي زندهه ڪري ڇڏي ٿو ۽ ذاڪر جي آواز جي مطابقت سان اهو دائرو ڪشادو ٿيندو رهي ٿو ايستائين جو سڄو ماحول زنده ٿي وڃي ٿو ۽ ذاڪر بڻجي وڃي ٿو. جيڪڏهن توکي ان حقيقت جو احساس ٿي وڃي ته جيڪر حضرت دائوّدؑ سان گڏ جبلن ۽ پکين (جبال و طيور) جي تسبيح جو راز به معلوم ٿي وڃي جو پاڻ جڏهن ذڪر ڪندا هئا ته ماحول ذاڪر بڻجي ويندو هو، جيئن ته قرآن حڪيم ٻڌائي ٿو چو ته اهي شيون هن جي ذڪر جي حلقي ۾ داخل ٿي وينديون هيون ۽ جيئن ته پاڻ نبي هئا ان ڪري سندن ذڪر جي قوت به سندن منصب جي مطابق هئي، سڀ شيون سندن ذڪرسان متاثر ٿينديون هيون جيڪو ٻين جي شان کان بلند آهي“

وڻن، پٿرن، جبلن ۽ پکين جي ذڪر ڪرڻ جو ثبوت حديث شريف ۾ واضح طور تي موجود آهي. چنانچه ابن ماجه باب الحج، ترمذي باب الحج ۽ بخاري شريف باب الاذان ۾ آهي:

عن سهل بن سعد مرفوعا مامن مسلم يلبي الالبي عن يمينه وشماله من حجراو شجر اومدر حتي تنقطع الارض من ههنا

و ههنا وفي البخاري عن ابي سعيد الخدري في الاذان ايضا قال رسول الله لايسمع مدي صوت المؤذن جن والانس ولاشيئي الاشهد لہ يوم القيامة

”حضورڪريم جن فرمايو ته جيڪو مسلمان وڏي آواز سان تسبيح (تلبيه) چئي ٿو ته سندس ساڄي ۽ کاٻي پاسي جا سڀئي پٿر، وڻ ۽ پتر پڻ تلبيه چون ٿا، ايستائين جو اوپر کان اولهه تائين سڀ تلبيه چون ٿا ۽ بخاري شريف ۾ اذان جي باري ۾ بيان ٿيل آهي ته حضورڪريم جن فرمايو ته جنن، انسانن ۽ ٻي مخلوق مان جيڪو به اذان جو آواز ٻڌي ٿو اهو اذان چوڻ واري (مؤذن) جي حق ۾ قيامت جي ڏينهن شاهدي ڏيندو“

حديث جي شرح مان واضح ٿيو ته شيخ (مرشد) جي توجه جا اثر سڄي ماحول ۾ پکڙجي وڃن ٿا، ذڪر جي حلقه وقت شاگردن (مريدن) جو شيخ جي ويجهو يا پري ويهڻ سان ڪو فرق نٿو پوي، جيئن توهان ڏسي ورتو ته ذاڪر جڏهن ذڪر ۾ ويهي ٿو ته ذڪر جي اثر سان سڄو ماحول زنده ٿي وڃي ٿو ۽ سڀ شيون ذاڪر بڻجي وڃن ٿيون.

هن حديث شريف مان ضمني طور تي هڪ ٻيو فائدو به ونندا هلو، جيڪي ماڻهو سماع موتيٰ جا منڪر آهن اهي ٿورو اکيون کولين ۽ ان تي غور ڪن ته جڏهن مٽي، وڻ، پٿر غرض سڀئي شيون تلبيه ۽ اذان جو آواز ٻڌن ٿيون ته موت کانپوءِ ماڻهوءَ جي ٽڪرا ٽڪرا ۽ مٽي ٿي وڃڻ سان ڪهڙو فرق پوي ٿو. جڏهن مٽي ٻڌي ٿي ته جنهن ماڻهو جو بدن مٽي ٿي ويو اهو ڇو نه ٻڌندو؟ ها انهيءَ ۾ اختلاف آهي ته جڏهن ميت جا ذرڙا پکڙجي ويا، مٽي ۾ ملي ويا يا پاڻي ۾ ڳري ويا يا هوا ۾ اڏامي ويا ته ان وقت ذرڙن جيڪا صورت اختيار ڪئي، انجي خصوصيت جي مطابق ذڪر ۽ تسبيح ڪندو يا ميت جي جزن جي ئي مناسبت سان ذڪر ڪندو. انهيءَ اختلاف جي باوجود ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته جڏهن مٽي، پٿر، ۽ وڻ ۾ سمجهه، شعور ۽ ادراڪ موجود آهي ته ميت مٽي بڻجڻ کان پوءِ به سمجهه ۽ شعور ۽ ادراڪ کان محروم نٿو رهي سگهي، نه ته غير ذي شعور ۽ غير ذي فهم کان ذڪر ۽

تسبيح ڪرڻ جو تصور ئي نٿو ٿي سگهي.

گذريل صفحن تي جيڪي روايتون ۽ انهن جون سمجهاڻيون بيان ڪيون ويون آهن تن مان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون:

1: اولياءَ الله جي محبت الله تعاليٰ جي محبت جو هڪ آزمايل ذريعو آهي.

2: اولياءَ الله وٽ ڪامياب نسخو ذڪر الٰهي جي تلقين ۽ ان جو طريقو سيکارڻ آهي.

3: ذڪر الٰهي جي گهڻائي ۽ اولياءَ الله جي صحبت سان ماڻهو جي دل ۾ الله تعاليٰ جي محبت پيدا ٿي وڃي ٿي ۽ هو ڪڏهن نياڳو ٿي ڪونه ٿو مري.

4: اولياءَ الله سان دشمني الله تعاليٰ سان دشمني آهي، حضرت ٿانوي هڪ ڏينهن فرمايو هو ”اولياءَ الله سان دشمني ڪفر ته نه آهي پر توهين ڪرڻ وارا ڪفر تي ئي مرندا آهن.“

5: فرض راس المال (موڙي) آهن ۽ ترقي هميشه نفلن سان ٿيندي آهي پر جنهن جا فرض پورا نه آهن، ان جي نفلن جو ڪو اعتبار ڪونهي.

6: انهن حديثن مان فنا في الله ۽ بقا باالله جو ثبوت به ملي ٿو.

7: ڪشف ۽ الهام جي منڪرن کي سوچڻ کپي ته ڇا امت محمديه عليٰ صاحبها الصلوٰة والسلام شجرِ موسوي کان به گهٽ درجو رکي ٿي؟

8: هن حديث مان اجتماعي ذڪر جي حلقي جو ثبوت به ملي ويو.

9: صوفي ذاڪر انوار ۽ تجليات باري تعاليٰ جي نزول جا محل آهن.

باب چوٿون

# قلب: (دل) جو بحث

تصوف جو موضوع ’باطن جي اصلاح‘ آهي ۽ ان جو دارومدار ’قلب جي اصلاح‘ تي آهي، تنهنڪري هاڻي اسان ان موضوع تي ٿورو تفصيل سان گفتگو ڪنداسين.

قال رسول الله  ان في الجسد لمضغة اذا صلحت صلح الجسد کلہ واذا فسدت فسد الجسد کلہ الاوهي القلب.

”رسول الله  جن فرمايو ته انسان جي جسم ۾ گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي جيڪڏهن اهو صحيح ٿي ويو ته سڄو جسم صحيح ٿي ويو ۽ جيڪڏهن اهو خراب ٿيو ته سڄو جسم خراب ٿيو، ۽ ٻڌو! اها دل آهي“

هن حديث ۾ بيان ته گوشت جي ٽڪري (مضغة لحم) صنوبري جو ٿيل آهي، پر حڪم ان لطيفه جو آهي جنهن کي هن مضغه سان گهرو تعلق ۽ لاڳاپو آهي، انهيءَ ڪري بيان ٽڪري (مضغه) جو ڪيو ويو. حديث ۾ دل جي صحيح هجڻ کي بدن جي صحيح هجڻ جو سبب ڄاڻايو ويو آهي ۽ اها دل جو صحيح ٿيڻ بغير فنا بقا محال آهي-14. ان درجي ۾ سالڪ قلبي فنائيت کانپوءِ واصل باالله ٿئي ٿو، ان کان پهرين ايمان جي ڏانواڏول ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي. صوفياءِ ڪرام ۾ مشهور چوڻي آهي:

’الفاني لايرد والواصل لايرجع‘

ان جي تصديق بخاري شريف جي هن حديث مان ٿئي ٿي جنهن ۾ ابو سفيان() ۽ هر قل روم جي گفتگو درج آهي:

”وسالتک هل يرتد احد منهم عن دينہ بعد ان يدخل فيہ سخطة فزعمت لا وکذالک الايمان اذا خالطہ بشاشة القلب“

مون توکان سوال ڪيو هو ته ڇا ماڻهو انجو دين قبول ڪرڻ کان

پوءِ انکي برو سمجهي ڇڏي به ڏين ٿا، ته تو جواب ڏنو ته ’نه‘ ۽ ايمان جي به اهائي حالت آهي، جڏهن ان جي تازگي قلب ۾ ڄمي وڃي ٿي (ته پوءِ دور نٿي ٿئي)

فنا في الله ۽ بقا بالله جي مرتبن تي فائز ٿيڻ ڪانپوءِ ايمان دل ۾ ڄمي ويندو آهي، ان حقيقت کي الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ هن طرح بيان فرمايو آهي:

”وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ وَ زَيَّنَهٗ فِيْ قُلُوْبِكُمْ“ (الحجرات-٧)

ليڪن الله تعاليٰ توهان کي ايمان جي محبت ڏني ۽ انکي توهان جي دلين ۾ مرغوب ڪري ڇڏيو

ان جو تفصيل هي آهي ته اصل مڪلف قلب آهي، مخاطب قلب آهي، ڄاڻندڙ، ڳالهائيندڙ، سمجهندڙ قلب آهي، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارو قلب آهي، جوابدار قلب آهي، باقي بدن سان انجو تعلق صرف تدبر و تصرف جو آهي، اکيون ۽ ڪن قلب جا جاسوس آهن، زبان قلب جي ترجمان آهي، اصل انسان ۽ بدن جو بادشاهه قلب آهي.

## اصل مڪلف قلب آهي

تڪليف مشروط آهي عقل ۽ سمجهه سان ۽ انهن ٻنهي جو ذڪر قرآن مجيد ۾ موجود آهي:

”كما قال الله تعاليٰ حاكيا عن اهل النار- وَ قَالُوْا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ -(الملڪ- ١٠) ومعلومہ ان العقل في القلب ولان التكليف مشروط بالعقل والفهم وقال الله تعاليٰ اِنَّ السَّمْعَ وَ الْبَصَرَ وَ الْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا(بني اسرائيل- ٣٦) وقرن تعاليٰ بذكر السمع والبصر لانهما آلتان للقلب في تادية صور المحسوسات والمسموعات“-[15].

”الله تعاليٰ دوزخين جو قول نقل فرمايو ته چوندا ته جيڪڏهن اسان ٻڌون ها يا سمجهون ها ته دوزخ ۾ نه هجون ها. معلوم ٿيو ته عقل دل (قلب) ۾ آهي ۽ دارومدار تڪليف جو عقل ۽ سمجهه تي آهي- ۽ فرمايو، ڪن،اک ۽ دل، هر شخص کان انهن سڀني بابت پڇاڻو ٿيندو ۽ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ کي قلب سان جوڙيو ويو آهي ڇو ته اهي

پئي ڏٺل ۽ پڙهل شين کي سڃاڻڻ لاءِ اوزار جو حڪم رکن ٿا“

عقل جو مقام قلب آهي

”قال الله تعاليٰ فَتَكُوْنَ لَهُمْ قُلُوْبٌ يَّعْقِلُوْنَ بِهَآ “ (الحج- ٤٦)

انهن وٽ دليون هجن ها ته انهن سان سمجهڻ لڳن ها

تقويٰ جو هنڌ قلب آهي

” اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ط“ (الحجرات-٣)

هي اهي ماڻهو آهن جن جون دليون الله تعاليٰ تقويٰ جي لاءِ خالص ڪري ڇڏيون آهن

وحي جو مخاطب ۽ هنڌ قلب آهي

”وَ اِنَّهٗ لَتَنْزِيْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ (١٩٢) نَزَلَ بِهِ الرُّوْحُ الْاَمِيْنُ (١٩٣) عَلٰى قَلْبِكَ لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ (١٩٤)_“ ( الشعراء- ١٩٢ تا ١٩٤)

”۽ هي قرآن رب العالمين جي طرفان موڪليل آهي، ان کي امانتدار ملائڪ کڻي آيو آهي توهان جي دل تي ته جيئن توهان ڊيڄارڻ وارن مان ٿيو“

2: ”فانه نزله علي قلبک وثبت ان القلب هو المخاطب في الحقيقة لانه موضع التميز والاختيار واما سائر الاعضاء فمسخرة له“

”هن قرآن کي توهان جي دل تي نازل ڪيو“، پوءِ ثابت ٿيو ته حقيقت ۾ مخاطب دل آهي، ڇو ته اهوئي مقام تميز ۽ اختيار جو آهي، ۽ باقي اعضاء ان جا زيردست آهن

3: ” اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ_ “ (ق-٣٧)

”تحقيق ان ۾ ان شخص لاءِ وڏي نصيحت آهي جنهن وٽ قلب هجي“

جزا ۽ سزا جو تعلق

قلب (دل)جي عملن سان آهي

”_وَ لٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا كَسَبَتْ قُلُوْبُكُمْ ط_“ (البقره- ٢٢٥)

”پر حساب ڪتاب ڪنداسين ان شئي تي جيڪا توهانجي دلين ڪمائي آهي“

علم ۽ فهم جي ضد جي نسبت قلب ڏانهن آهي
1: "_خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰی قُلُوۡبِہِمۡ وَ عَلٰی سَمۡعِہِمۡ ؕ" ( بقره-٧)
"اللّٰه تعاليٰ انهن جي دلين تي مهر لڳائي ڇڏي آهي"
2: " وَ قَالُوۡا قُلُوۡبُنَا غُلۡفٌ ؕ" (البقره- ٨٨)
[۽ انهن چيو ته اسانجون دليون پردن ۾ آهن]
3: "_كَلَّا بَلۡ ٜ رَانَ عَلٰی قُلُوۡبِہِمۡ مَّا كَانُوۡا یَكۡسِبُوۡنَ_" (المطففين -١٤)
بلڪه انهن جي دلين تي ڪٽ چڙهي ويو آهي
4: " لَہُمۡ قُلُوۡبٌ لَّا یَفۡقَہُوۡنَ بِہَا" (الاعراف- ١٧٩)
انهن جون دليون اهڙيون آهن جن سان سمجهن نٿا
وثبت ان موضع الجهل والغفلة هو القلب.
۽ ثابت ٿي ويو ته جهالت ۽ غفلت جو محل قلب آهي
فائدو: انهن قرآني آيتن مان ثابت ٿيو ته نبوت جي وحي جو امين، اسرار الٰهي و شريعت جو امين، ۽ غيبي اسرارن جو خزانو قلب آهي، هي اهو خزانو آهي جنهن تي عقل جو ڌاڙيل ڌاڙو نٿو هڻي سگهي. قلب ئي تجليات باري تعاليٰ، ولايت اولياءَ الله، ۽ ڪشف والهام جو خزانو آهي.

هر انسان جي سيني ۾ هڪڙي ئي دل آهي ۽ اهوئي تجليات باري تعاليٰ جي لاءِ مخصوص محل آهي تنهنڪري باري تعاليٰ ان ۾ غير جو قبضو پسند نٿو فرمائي. جڏهن قلب تجليات باري تعاليٰ جو مسڪن (گهر) بڻجي وڃي ٿو ته پوءِ سڀيئي گندگيون ذليل ٿي اتان هليون وڃن ٿيون.

اِنَّ الۡمُلُوۡكَ اِذَا دَخَلُوۡا قَرۡیَۃً اَفۡسَدُوۡہَا وَ جَعَلُوۡۤا اَعِزَّۃَ اَہۡلِہَاۤ اَذِلَّۃً ۚ
(النمل- ٣٤)

چنانچه جڏهن قلب جي پوري طرح اصلاح ٿي ويندي آهي ته غيرالله جو، ان ۾ گذر نه ٿيندو آهي ۽ ولي الله چئي ڏيندو آهي:
اَلَیۡسَ اللّٰہُ بِكَافٍ عَبۡدَہٗ ؕ (الزمر- ٣٦)

گناهن جي ڪري قلب انڌو ۽ ٻوڙو ٿي ويندو آهي پر روحاني معالج جي علاج سان اهي مرض دور ٿي ويندا آهن ۽ قلبِ سقيم قلبِ سليم بڻجي ويندو آهي ۽ آخرت جي ڇوٽڪاري لاءِ راس المال

(موڙي) ٻڌجي ويندو آهي.
يَوْمَ لَا يَنْفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوْنَ (٨٨) اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ (٨٩) (الشعراءَ- ٨٨، ٨٩)
ان ڏينهن نه مال ڪم ايندو نه اولاد، ها! پر الله وٽ جيڪو شخص قلب سليم ڪٺي اچي (ان لاءِ مفيد ثابت ٿيندو)

قلبِ سليم

قلب جي سليم ٿيڻ لاءِ ٻه شرط آهن:
پهريون: بيمارين کان صحت - قرآن مجيد قلب جون بيماريون ڪفر، شرڪ، شڪ ۽ نفساني خواهشن جي پيرويءَ کي قرار ڏنو آهي. انهن مرضن کان صحت حاصل ڪرڻ جو واحد ذريعو هي آهي ته ڪنهن روحاني معالج کان علاج ڪرايو وڃي.
ٻيو: دل کي سڌارڻ واري خوراڪ- ٻيو شرط هي آهي ته قلب کي صالح سٺي خوراڪ ڏني وڃي. جهڙي طرح صالح سٺي خوراڪ سان انساني بدن صحتمند ۽ مضبوط ٿئي ٿو، اهڙي طرح قلب جي صحت ۽ قوت لاءِ به صالح خوراڪ جي ضرورت هوندي آهي، پر قلب جي خوراڪ بدني خوراڪ کان جدا آهي. قرآن پاڪ ۾ قلب جي لاءِ صالح خوراڪ جي نشاندهي هن طرح ڪئي ويئي آهي:
”قال الله تعاليٰ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ “ (الرعد – ٢٨)
ٻڌو! ذڪر الٰهي سان ئي دليون مطمئن ٿين ٿيون
قلبي علاج ۽ قلبي خوراڪ عارفين ڪاملين کانسواءِ ڪٿان به نٿا ملي سگهن.

# باب پنجون

## روح جو بحث

اڳ ۾ ڄاڻ گهرجي ته هتي روح جي وصف ’بالوجه‘ هوندي نه’بالکنه‘. ڇو ته روح جي حقيقت جي باري ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته ”وَمَا أُوتِيتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا قَلِيْلًا“. (بني اسرائيل ـ ٨٥) روح جي وصف ۾ اختلاف آهي، اهل سنت والجماعت جي مذهب مطابق ان جي وصف هيءَ آهي:

روح جي تعريف

”ودل عليه الکتاب والسنة واجماع الصحابة وادلة العقل انها جسم مخالف بالماهية لهذالجسم المحسوس وهوجسم نوراني علوي خفيف جي متحرک ينفذ في جوهرالاعضاءِ ويسري فيها سريان الماء في الورد وسريان الدهن في الزيتون والنار في الفخم“ [16]

ڪتاب ۽ سنت، اصحابي سڳورن جو اجماع ۽ عقلي دليل ثابت ڪن ٿا ته روح هڪ جسم آهي جيڪو پنهنجي ماهيت جي لحاظ سان هن محسوس ٿيندڙ عنصري جسم جي مخالف آهي، اهو جسم نوراني علوي هلڪو، زنده ۽ چرپر ڪندڙ آهي جيڪو سڄي بدن جي عضون ۾ سمائجي ويندوآهي. بدن ۾ انجو سمائجڻ ائين آهي جيئن گلاب جي گل ۾ پاڻي، زيتون ۾ تيل ۽ ڪوئلي ۾ باهه سمايل هوندي آهي

روح لطيف جسم آهي

روح جو لطيف جسم هجڻ ۽ هن عنصري جسم جو مخالف

هجڻ قرآن شريف مان ثابت آهي:

” فَاِذَا سَوَّيۡتُهٗ وَ نَفَخۡتُ فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِىۡ فَقَعُوۡا “ (الحجر-٢٩)

پوءِ جڏهن آئون آدم جو بدن پورو ٺاهي وٺان ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان

تنهنڪري معلوم ٿيو ته بدن جي ٺهڻ کانپوءِ روح جو نفخ (ڦوڪجڻ) آهي. ان مان ثابت ٿيو ته بدن ۽ روح به مختلف شيون آهن. وري هيءُ ته بدن ۾ روح جو نفخ (داخل ٿيڻ يا ڦوڪجڻ) ٿيو ۽ نفخ جسم جو ٿيندو آهي ان مان روح جو جسم لطيف هجڻ ثابت ٿيو جيئن هڪ ٻي آيت ”ثُمَّ اَنۡشَاۡنٰهُ خَلۡقًا اٰخَرَ ؕ“ (المؤمنون ـ ١٤) ۾ ان جو بيان آهي ته پهريائين انساني جسم وجود ۾ آيو جنهن جو تفصيل مني، رت ،گوشت، هڏي ۽ هڏي تي گوشت چڙهڻ جي مرحلن سان ڪيو ويو، ان کانپوءِ انکي هڪ ٻيءَ طرح جي مخلوق بڻايو ويو. يعني ان ۾ روح ڦوڪيو ويو جيڪو انجي سڀني عضون ۾ سرايت ڪري ويو، ان مان روح جو جسم کان الڳ هڪ مستقل حقيقت هجڻ ثابت ٿيو ۽ هيءُ به ته اهو هڪ لطيف (نازڪ ۽ باريڪ)جسم رکندڙ آهي جيڪو هن ڪثيف جسم ۾ سمايل آهي.

روح جو هرِ فرد نه آهي

حديث ۾ موت جي وقت روح جي ڪيفيت هيئن بيان ڪئي ويئي آهي ته ”فتفرق في جسده“ يعني ميت جي بدن ۾ پکڙجي ويندو آهي ان مان روح جو جوهر فرد هجڻ باطل ٿيو. بهرحال روح ڪو لطيف جسم آهي جنهن جي حقيقت پڇڻ جي باوجود الله تعاليٰ ڪونه ٻڌائي حالانڪ ملائڪن، جنن ۽ انسانن جي پيدائش پڇڻ کانسواءِ ئي ٻڌائي ڇڏي ۽ روح بابت پڇڻ تي به فقط ايترو ٻڌايو ته:

قُلِ الرُّوۡحُ مِنۡ اَمۡرِ رَبِّىۡ (بني اسرائيل ـ ٨٤)

چئو ته روح ته منهنجي رب جي حڪم مان آهي.

جيڪڏهن ان جي پيدائش ڪنهن مادي مثلاً پاڻي، هوا، باه، مٽي يا نور مان ٿيل هجي ها ته ضرور ان جو ذڪر ڪيو وڃي ها معلوم ٿيو ته اهو نور کان به زياده لطيف (باريڪ)آهي.

”كما قال سهيلي□ والارواح خلقت بما قال الله تعاليٰ وهو

النفخ المتقدم المضاف الي الملڪ والملائكة من نور كما جاء في حديث المسلم فهو (اي روح) ايضا جسم ولڪنہ من جنس الريح ولذالڪ يسمي روحا من لفظ الريح ونفخ الملڪ في معني الريح غير انہ ضم اولہ وهي من ذوات الواو لهذا تجمع علي الارواح اي ضم اولہ لانہ نوراني والريح هو المتحرڪ"[17]

ابو قاسم سهيلي چيو ته روح جي پيدائش ان شئي مان آهي جيڪا الله تعاليٰ فرمائي آهي ۽ اها نفخ آهي جيڪا مضاف فرشتي جي طرف آهي، ۽ فرشتن جي پيدائش نور مان آهي، جيئن مسلم شريف جي حديث ۾ آهي ۽ اهو روح به جسم آهي مگر ريح يعني هوا جي جنس مان آهي انڪري ڪيس ’روح‘ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو جيڪو ’ريح‘ مان نڪتل آهي. فرشتي جو نفخ ريح جي معنيٰ ۾ آهي سواءِ ان جي ته انجو پهريون حرف مضموم (پيش وارو) آهي ۽ لفظ ’روح‘ صاحب ’و‘ آهي انهيءَ ڪري ان جو جمع ’ارواح‘ ٿئي ٿو. ’روح‘ جي ’ر‘ تي ضمه آهي ڇو ته اهو جسم نوراني آهي ۽ هوا ته جسم متحرڪ آهي

فائدو: معلوم ٿيو ته ملائڪن جي نفخ (ڦوڪ) سان روح پيدا ٿيو ۽ ملائڪ نور مان آهن، انڪري روح ملائڪن کان به وڌيڪ لطيف ٿيو. جيئن انسان جسم عنصري آهي، انسان جو ساهه سندس جسم کان وڌيڪ لطيف (باريڪ) آهي تيئن ملائڪن جو ساهه انهن جي جسم کان وڌيڪ لطيف (باريڪ) آهي.

روح لامڪاني آهي

امام رازي روح جي وصف ۾ جيڪو بيان فرمايو آهي اهو ئي اهل حق جو مذهب آهي:

"واعلم ان القائلين في اثبات النفس فريقان الاول منهم وهم المحققون منهم من قال الانسان غير موجود في داخل العالم ولافي خارجہ وغير متصل في داخل العالم ولا في خارجہ وغير متصل ولا منفصل عنہ لڪنہ بالبدن تعلق التدبير والتصرف"[17]

چڱيءَ طرح ڄاڻي وٺو ته روح جي ثابت ٿيڻ ۾ قائلين جا ٻه ٽولا آهن. پهريان جيڪي محققين آهن، انهن مان ڪن جو چوڻ آهي ته روح نه عالم ۾ داخل آهي نه خارج ، نه داخل ۾ متصل (مليل) آهي نه خارج ۾، نه متصل آهي نه ان کان منفصل پر انساني بدن سان ان جو تعلق تدبر و تصرف جو آهي

معلوم ٿيو ته روح هڪ جوهر مجرد آهي، گهڻو لطيف آهي، لامڪاني آهي (لامڪاني روح لاءِ مجازاً چيوويو آهي) ان جي لاءِ مڪان ڪونهي. مڪان ماديات لاءِ هوندو آهي مجردات لاءِ نه، هي بدن کان اڳ به موجود هو ۽ ان کان پوءِ به موجود رهي ٿو، پڙهي ٿو، ڏسي ٿو، ڳالهائي ٿو. ان جي لامڪاني ڪيفيت حديث ۾ لفظ ’عماء‘ سان بيان ڪئي ويئي آهي. جڏهن رسول ڪريم ڪان پڇيو ويو ته ”اين ڪان ربنا“ ته پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ”في عماء“ مڪان الله تعاليٰ جي ذات لاءِ منفي آهي.

سوال : متڪلمين جي نزديڪ ’تجرد‘ اخص صفات باري تعاليٰ مان آهي، جيڪڏهن اها صفت روح جي لاءِ مڃي وڃي ته شرڪ في الذات لازم ايندو؟

جواب: اخص صفات باري تعاليٰ سان ’وجوب‘ (واجب هجڻ) ۽ ’قدم‘ (قديم هجڻ) مطلق آهي، نه اهو تجرد جيڪو ’مسبوق بالعدم‘ هجي ۽ ’ممڪن‘ ۽ ’حادث‘ پڻ هجي. امام رازي سئو جواب ڏنو آهي:

> ”واعلم ان الجماعة من الجهال يظنون انہ لما ڪان الروح موجود اليس بمتحيز وجب ان يڪون مثلا ﷲ وذالڪ جهل فاحش و غلط قبيح وتحقيقہ ماذڪرنا ان المساواة في انہ ليس بمتحيز ولاحال في المتحيز مساواة في صفة سلبية لاتوجب المماثلة“[18]

”خوب سمجهي وٺو ته جاهلن جي هڪ جماعت گمان ڪري ٿي ته جڏهن روح موجود آهي ڪنهن شئي ۾ متحيز نه آهي، ۽ نه متحيز ۾ حال آهي ته پوءِ ان مان لازم ٿيندو ته خدا جي مثل هجي. اهو چوڻ پڙري جهالت ۽ بد ترين غلطي آهي حقيقت اها آهي جيڪا اسان بيان ڪئي آهي ته اهو ”غير متحيز ۽ نه متحيز ۾ حال

آهي” هي اوصاف سلبيه مساوات آهي جنهن سان مماثلت لازم نٿي اچي”

فائدو

1: ثابت ٿيو ته الله تعاليٰ جي اوصاف سلبيه ۽ اضافيه ۾ غير جو شريڪ هجڻ شرڪ نه ٿيندو.

2: لامڪان جي حقيقت سمجهڻ لاءِ عقل انڌو آهي، حديث جو لفظ ’عماء‘ ان تي دلالت ڪري ٿو ڇو ته لفظ ’عماء‘ عدم بينائي (نظر نه هجڻ) تي چيو ويندو آهي.

ارشاد رباني آهي ته قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّیْ يعني روح عالمِ امر جي شئي آهي جڏهن انساني عقل عالمِ امر جي حقيقت جو ادراڪ ڪرڻ کان عاجز آهي ته عالمِ امر جي شين جو ادراڪ ڪيئن ٿو ڪري سگهي ان ڪري علومِ عقلي يا علومِ ظاهري سان روح جي معرفت بالڪ نه محال آهي. در حقيقت روح جي معرفت جو تعلق دلائل ذوقيه، نور بصيرت يعني ڪشف سان آهي ۽ جڏهن دلائل ظاهريه ذوق ۽ ڪشف جي تائيد ڪن ته نور عليٰ نور آهي.

جيستائين ذوق ۽ ڪشف جو تعلق آهي ان باري ۾ صرف ڪشف جي محقق بزرگن جو فيصلو ئي دليل قرار ڏيئي سگهجي ٿو ۽ ڏيڻ گهرجي. ۽ محققين صوفياء ڪاملين اصحاب ڪشف جو فيصلو اهو آهي ته روح مادي، نوراني ۽ لطيف شئي آهي. جتي اسان چيو آهي ته جوهر مجرد آهي ان ۾ جوهر مان مراد آهي ته عرض ناهي ۽ مجرد مان مراد اها آهي ته ڪثيف ناهي. پر جسم لطيف نوراني آهي ۽ ان جي شڪل انهيءَ جسم جي شڪل جي عين مطابق ٿئي ٿي جنهن بدن جو اهو روح آهي. قد بت ۽ هيئت ۾ بلڪل انهيءَ جسم جي مطابق ٿئي ٿو ۽ جمهور علماءِ اسلام به انهيءَ جي تائيد ڪن ٿا. جيئن ته حضرت انور شاهه صاحب ترمذي شريف جي شرح ’عرف شذي‘ جي صفحه 10 تي فرمايو آهي:

”واما الروح فعند اهل الاسلام جسم لطيف علي شكل كل ذالک الروح واحتجوا علي هذا اي علي جسمية الروح بما ورد في الاحاديث كما في حديث براء ابن عازب فينتزعها كما ينزع السفود من الصوف المبلول الي ان قال و احاديث آخردالة علي

جسمية الروح... فانا نتمسک بنصوص الشريعة من القرآن والحديث... والمتقدمون من علماءِالاسلام يريدون بالتجرد عدم الکثافة يظهر ذالک من تفسير الاخلاص للحافظ ابن تيميه - ثم اختلف الصوفية بعد اتفاقهم علي مادية الروح"

۾ جيستائين روح جو تعلق آهي اهلِ اسلام وٽ اهو هڪ لطيف جسم آهي ۽ انهيءَ بدن جي شڪل تي ٺهي ٿو جنهن ۾ اهو هجي. روح جي هن جسميت تي حديثن مان استدلال ڪيو ويو آهي، جيئن ته حديث براء ابن عازب ۾ آيل آهي. فرشتو روح کي بدن مان ائين ڇڪي ٿو وٺي جيئن سيخ پُسيل اُنَ مان ڇڪي ويندي آهي... ۽ ٻيون حديثون روح جي جسميت تي دلالت ڪن ٿيون... پوءِ اسان ته شريعت جي نصوص يعني قرآن و حديث مان دليل وٺون ٿا. ۽ متقدين علماءِ اسلام جن تجرد مان مراد عدم ڪثافت ورتي آهي. اها حقيقت امام ابن تيميه جي سورت اخلاص جي تفسير مان ظاهر آهي. روح جي مادي هجڻ تي متفق هجڻ کانپوءِ صوفين ڪجهه اختلاف ڪيو آهي

ان کان پوءِ رسالة روح وما هيتها علامه بيوني صفحه 67

"قال الامام مالک وهو من المحققين قال الروح هي صورة نورانية علي شاکلة الجسم تماما"

امام مالک جيڪي محقق مان آهن فرمائين ٿا ته روح نوراني جسم آهي جيڪو پوري طرح ان بدن جي شڪل تي ٺهي ٿو جنهن ۾ اهو آهي

۾ روح المعاني صفحه 53:24

"واعلم اولا ان المسلمين اختلفوا في ان الانسان ما هو فقيل هو هذا الهيکل المحسوس مع اجزاء سارية فيه سريان ماء الورد في الورد والنار في الفخم وهي جسم لطيف نوراني مخالف بالحقيقة والماهية للاحبسام التي منها ائتلف هذا الهيکل وان کان لسريانہ فيہ شبهة صورة ولا نعلم حقيقة هذا الجسم وهو الروح المشار اليها بقوله تعاليٰ قل الروح من امر ربي عند معظم السلف الصالح وبينہ وبين البدن علاقة"

ڀريائين اهو سمجهو ته مسلمانن ان ۾ اختلاف ڪيو آهي ته انسان ۾

ڪهڙي شيءِ آهي؟ چيو ويو آهي ته اهو هڪ شڪل محسوس آهي جنهن ۾ اجزاء ائين سمايل آهن جيئن گل ۾ پاڻي ۽ ٽانڊي ۾ باه ۽ اهو جسم لطيف نوراني آهي جيڪو حقيقت ۽ ماهيت ۾ انهن جسمن کان مختلف آهي جن مان هي شڪل محسوس مرڪب (ٺهيل) آهي. هي روح ان بدن ۾ جاري وساري آهي ۽ شڪل وصورت ۾ ان جي مشابه آهي ۽ ان جسم يعني روح جي حقيقت اسان نٿا ڄاڻون جنهن ڏانهن قول باري تعاليٰ ۾ اشارو ڪيو ويو آهي. قل الروح من امر ربي ۽ اها ڳالهه سلف صالحين وٽ مجيل آهي. روح ۽ بدن جي وچ ۾ تعلق آهي

"وهذا الجسم المعبرعنہ بالروح علي ماقال الامام القرطبي في التذكرة ممالہ اول وليس لہ آخر بمعني انہ لايفني وان فارق البدن المحسوس وذكر فيها ان من قال انہ يفني فهو ملحد"

۽ اهو جسم جنهن کي روح سان تعبيرڪيو ويو آهي جيئن امام قرطبي تذڪره ۾ فرمايو آهي ان جي لاءِ ابتدا آهي پر ان جي لاءِ انتها نه آهي يعني ان جي لاءِ فنا نه آهي توڙي بدن کان جدا ٿي وڃي ۽ انهيءَ ضمن ۾ ذڪر ڪيو آهي ته جيڪو ماڻهو اهو چئي ته روح فاني آهي اهو ملحد آهي

ثابت ٿيو ته محققين سلف صالحين ۽ محققين صوفياء جو اهوئي مذهب آهي. ٻيو قول جيڪو مردود آهي، ان جو تفصيل هيءُ آهي:

حضرت انور شاه 'عرف شذي'صفحه 11-10 تي نقل ڪيو آهي جنهن قول جا قائل اصل ۾ فلاسفه آهن ۽ جن صوفين يا عالمن ان قول کي نقل ڪيو آهي اهو فقط فلاسفه کان متاثر ۽ مرعوب ٿي ڪيو آهي

"قال جهلاء الفلاسفة ان الروح مجرد"

جاهل فلاسفه چوندا آهن ته روح مجرد آهي

۽ روح المعاني 53:24 ۽ عرف شذي صفحه 11

"وذهب الي تجرد الروح قاضي زاده والحليمي والغزالي والراغب وابو زيد الدبوسي من الحنفية ومعمر من قدماء المعتزلة وجمهور ومتاخري الامامية وكثير من الصوفية۔ وعندهم الروح جوهر مجرد وليست داخلة في البدن

ولاخارجة عنہ فنسبتها اليہ كنسبت الله تعاليٰ الي العالم وهي بعد حدوثها الزماني عندهم لا تفني- ايضا ورد هذا المذهب ابن القيم في كتاب الروح مالا مزيد عليه“

۽ تجرد روح جو قول قاضي زاده، علامه حليمي، امام غزاليؒ ۽ امام راغبؒ ۽ ابوزيد دبوسيؒ حنفي ۽ قديم معتزله مان معمر ۽ تمام متاخيرن شيعه جو آهي ۽ گهڻن ئي صوفين جو قول به آهي. انهن وٽ روح جوهر مجرد آهي نه بدن ۾ داخل آهي نه بدن مان خارج آهي ۽ انجو تعلق بدن سان اهڙو آهي جهڙو اللّٰه تعاليٰ جو تعلق جهان سان آهي. انهن وٽ روح لاءِ حدوث زماني آهي ۽ روح فاني نه آهي ۽ ابن قيمؒ ان مذهب کي ڪتاب الروح ۾ اهڙن دليلن سان رد ڪيو آهي جو وڌيڪ ترديد جي حاجت نه ڇڏي

هن اقتباس مان معلوم ٿيو ته روح جي متعلق ان ٻئي مذهب ۾ شافعي، حنفي، معتزله ۽ اماميه جا ماڻهو شامل آهن جيڪي سڀ جا سڀ فلاسفه کان مرعوب ٿي ان وهڪري ۾ وهي ويا آهن ۽ قول اول جيڪو بيان ٿي چڪو ان ۾ جمهور علماءِ اسلام ۽ محققين صوفياء جي هڪ عظيم جماعت شامل آهي. خاص ڪري وڏن سلف صالحين اهوئي مذهب اختيار ڪيو آهي ته روح جسم مادي آهي، لطيف آهي، نوراني آهي. جنهن بدن ۾ اهو آهي انهيءَ جي شڪل تي آهي. بدن کان جدا ٿيڻ کان پوءِ ان جي لاءِ جسم مثالي جي ضرورت نه آهي. ان جو تفصيل هي آهي ته. اڳ ۾ اهو معلوم ڪرڻ گهرجي ته حيات ڇا کي چئبو آهي؟ حيات نالو آهي حس و چرپر ڏسڻ، ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ ظاهري و باطني عضون جي موجود هجڻ جو. روح دنيا ۾ بدن کي زندگي بخشي ٿو. دنيا ۾ مادي شين کي ٻڌائڻ ۾ مادي اوزارن جو محتاج آهي نه پنهنجي حيات ۾ مادي بدن جو محتاج آهي بلڪه روح بدن کي حيات بخشي ٿو. برزخ ۾ وڃي روح مادي دنيا کي پنهنجو آواز نٿو ٻڌائي سگهي. ان ڪري مادي اکيون کيس نٿيون ڏسي سگهن، مادي ڪن سندس آواز نٿا ٻڌي سگهن حالانڪه اهو خود ڳالهائي ٿو، ٻڌي ٿو، انجا سڀ عضوا ذاتي آهن، جيئن ثابت ٿي چڪو آهي ته روح پنهنجي بدن جي شڪل تي ٿيندو آهي. روح خود جسم لطيف، انجا ڪن لطيف، انجو آواز لطيف، انکي سڀ لطيف

شيون ڏسي وٺن ٿيون ۽ انجو آواز ٻڌي وٺن ٿيون جيئن ته ملائڪ، انبياء جون دليون، اوليائن جون دليون، لطيف شين کي ڏسڻ يا ٻڌڻ ٻڌائڻ ۾ ڪنهن غير جسم جي اوزارن جا محتاج نه آهن ته جيئن برزخ ۾ ان جي لاءِ جسم مثالي مڃيو وڃي. جيڪڏهن لطيف شين کي ڏسڻ يا ٻڌڻ ٻڌائڻ ۾ جسم مثالي جو محتاج مڃجي ته پوءِ اهو به مڃڻو پوندو ته روح حيات بخش نه آهي بلڪه روح کي جسم مثالي حيات بخشي ٿو ۽ روح جا ڪي ذاتي اوزار (عضوا) نه آهن اهو هڪ ٻئر آهي (العياذ بالله) جسم مثالي کي مڃڻ قرآن جي خلاف، حديث جي خلاف ۽ سلف صالحين جي خلاف آهي ۽ جيڪو شخص جسم مثالي جو قائل ٿيو آهي ان سخت ٺوڪر کاڌي آهي، الله سائين ان کي هدايت ڏي.

روح عالم امر مان آهي

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته روح ڪهڙي شئي مان پيدا ٿيو؟ امام رازي فرمائين ٿا:

الروح عند الہ العرش مبداہ
وتربة الارض اصل الجسم
والبدن
قدالف ملک المنان بينهما
ليصلحا بقبول الامر والمحن
فالروح في غربة والجسم في
وطن
فاعرف زمام الغريب النازخ
الوطن

روح جي ابتدا صاحب عرش سان آهي (من امر ربي) ۽ انساني بدن ۽ جسم جو اصل مٽي آهي. الله تعاليٰ انهن ٻنهي ۾ الفت وجهي ڇڏي. ته جيئن انهن ۾ اوامر ۽ محنتون قبول ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿي وڃي پوءِ روح مسافر آهي ۽ بدن پنهنجي وطن ۾ آهي پوءِ غريب الوطن مسافر جي ذميداري جو خيال رکو

عالمِ امر ڇا آهي؟

حضرت امام غزالي ؒ عالم امرِ ۽ عالمِ خلق تي بحث ڪيو آهي، ۽ اهو ٻڌايو آهي ته انهن ٻنهي جي وچ ۾ عرش بطور برزخ حائل آهي.

”وعالم الامر عبارت من الموجودات الخارجية من الحس والخيال والجهة و المكان وهو مالا يدخل تحت المساحة والتقدير لانتفاء الكمية عنہ“[19]

عالمِ امر عبارت آهي موجودات سان جيڪو حس، خيال، جهت، مڪان ۽ حيز مان خارج آهي. عالمِ امر انتفائي ڪميت جي ڪري مساحت ۽ تقدير هيٺ نٿو اچي سگهي

ڪهڙيون شيون عالمِ امر مان آهن

صاحبِ تفسير مظهري ” اَلَا لَهُ الۡخَلۡقُ وَ الۡاَمۡرُ ؕ“ (الاعراف ـ ٥٤) جي تفسير ۾ انجو تفصيل بيان فرمايو آهي:

”قالت الصوفية المراد بالخلق والامر- عالم الخلق يعني جسمانية العرش وماتحتہ ومافي السماوت والارض ومابينها واصولها الاربعة العناصر- النار والماء والهواء والتراب ومايتولد منها من النفوس الحيوانية والنباتية والمعدنية وهي اجسام لطيفة سارية في اجسام ڪثيفة- وعالم الامر يعني المجردات عن القلب والروح والخفي والاخفاءِ التي هي فوق العرش سارية في النفوس الانسانية والملكية والشيطانية سريان الشمس في المراة سميت بعالم الامر لان الله تعاليٰ خلقها بلا مادة بامره كن فيكون- قال البغوي قال سفيان بن عيينه فرق بين الخلق ولامر فمن جمع بينها فقد كفر“[20]

صوفياء ڪرام چيو ته عالم خلق ۽ عالم امر مان مراد اها آهي ته عالم خلق ۾ عرش ۽ جيڪو عرش جي هيٺ آهي ۽ جيڪا شئي آسمان ۽ زمين ۽ انهن جي وچ ۾ آهي، شامل آهي ۽ ان جا اصول چار عناصر باه، پاڻي، هوا ۽ مٽي ۽ جيڪي شيون انهن مان پيدا ٿينديون آهن يعني نفوس حيواني، نباتاتي ۽ معدني آهن، ۽ اهي لطيف جسم انهن ڪثيف جسمن ۾ ساري آهن، سڀ عالم خلق مان آهن. ۽

عالم امر مان مراد مجردات آهن، يعني (لطائف خمسه) قلب، روح، سري، خفي ۽ اخفاء، اهي فوق العرش آهن، ۽ اهي نفوسِ انسانيه، ملڪيه ۽ شيطانيه ۾ ائين ساري آهن جيئن سج جا شعاع آئيني ۾ ساري هوندا آهن. لطائف کي عالم امر ان ڪري چون ٿا جو الله تعاليٰ انهن کي ڪنهن مادي مان نه پر امر ڪُن سان پيدا ڪيو ۽ بغوي فرمائين ٿا ته سفيان بن عيينه فرمايو ته عالم امر ۽ عالم خلق ٻه مختلف شيون آهن، جنهن انهن ٻنهي کي هڪ سمجهيو ان ڪفر ڪيو

فائدو: معلوم ٿيو ته روح ۽ ٻيا لطائف عالمِ امر جي مخلوق آهن جيڪي بنا مادي جي پيدا ڪيا ويا. عالمِ امر کي عالمِ حيرت ۽ لامڪان به چوندا آهن.

روح جي شڪل ۽ صورت

انساني جسم هڪ سخت مادي شڪل رکي ٿو، انهيءَ جي وضع قطع، قدوقامت (قدڪاٺ) ۽ ان جا عضوا اسان پنهنجي اکين سان ڏسون ٿا. ڇا انساني روح جي به ڪا شڪل وصورت آهي يا بس جوهر لطيف آهي، اهو سوال ذهن ۾ پيدا ٿيڻ قدرتي ڳالهه آهي، ان جي متعلق بخاري شريف ۾ هڪ بحث ڪيو ويو آهي:

"وللروح صورة لطيفة علي صورة الجسم لها عينان واذنان ويدان ورجلان في داخل الجسم يقابل كل جزء منہ عضو نظيره في البدن وقدابهم الله تعاليٰ امرالروح وترک تفصيلہ"

جسم جي شڪل جي مطابق روح جي به لطيف صورت آهي، روح جون به ٻه اکيون آهن، ڪن آهن، هٿ ۽ پير آهن، بلڪه روح جي هر عضوي جو مثال انساني بدن ۾ موجود آهي ۽ روح جي حقيقت کي الله تعاليٰ مبهم (ڳجهو) رکيو آهي ۽ ان جو تفصيل ڇڏي ڏنو آهي (تحفة القاري شرح صحيح البخاري 44:2)

ان مان معلوم ٿيو ته روح جي شڪل هوبهو اهائي هوندي آهي جيڪا بدن جي شڪل آهي جنهن ۾ اهو روح وڌو ويو آهي.

عالمِ برزخ قيامتِ صغريٰ آهي جتي روح زنده رهي ٿو ۽ عالمِ

آخرت قيامتِ ڪبريٰ آهي جنهن جي متعلق ارشاد باري تعاليٰ آهي:

وَ اِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَہِیَ الْحَیَوَانُ (العنڪبوت ـ ٦٤)

يقيناً آخرت جو گهر ئي ته زندگي آهي

۽ ظاهر آهي ته دنيا جي زندگيءَ جي مقابلي ۾ هيءَ اڪمل زندگي آهي. دنيا ۽ ان جي هر شئي لاءِ موت ۽ فنا آهي پر آخرت جي زندگي باقي آهي. ان ڪري دارآخرت جي هر شي جُز توڙي ڪُل موت کان پاڪ آهي. جڏهن روح جي لاءِ جزا ۽ سزا آهي ته ظاهر آهي ته اهو زنده آهي ڇو ته مرده ۽ معدوم جي لاءِ جزا وسزا نه آهي، ان ڪري روح ٻڌي ڏسي ٿو، ڳالهائي ٿو، بلڪه ان جون سڀ قوتون ۽ سڀ صلاحيتون ان ئي جاءِ تي ڪامل درجي تي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

روح کي بدن ۾ جڏهن داخل ڪيو وڃي ٿو ته بدن جون خاصيتون سامهون اچن ٿيون مثلاً ننڍپڻ، جواني، پيرسني ۽ ٻاراڻي زماني ۾ ذهن، عقل، فهم، ادراڪ وغيره جو ناقص هجڻ. پوءِ آهستي آهستي عمر سان گڏ ترقي ڪرڻ وغيره، اهي بدن جون خاصيتون آهن ورنه روح ته پنهنجي پيدائش جي وقت کان وٺي عاقل، بالغ ۽ سمجهدار آهي ۽ جيڪڏهن اها ڳالهه نه هجي ها ته "الست بربڪم" جي جواب ۾ "بليٰ" ڇو چوي ها. سوال ٻڌڻ سمجهڻ ۽ جواب ڏيڻ روح جي پيدائشي عاقل بالغ هجڻ جو دليل آهي.

جڏهن روح کي ڪنهن بدن سان متعلق ڪيو ويندو آهي ته ان سان سندس تعلق استقرائي هوندو آهي. پوءِ ان کي بدن جا عضوا ڏنا ويندا آهن، هن بدن ۾ ڪجهه قوتون ۽ اوزار ڏنا ويا آهن، جن مان ڪي حسي ۽ ڪي معنوي قوتون آهن، هتي رهي روح انهن ئي بدني قوتن ذريعي علم حاصل ڪندو آهي. حسي قوتون پيدائش مهل ڪمزور هونديون آهن ۽ جيئن ته روح کي هتي جسم جي تابع بڻايو ويو آهي، ان ڪري جسم جي ترقيءَ سان گڏوگڏ انهن قوتن ۾ ترقي محسوس ٿيندي آهي. جيڪڏهن هتي روح کي بدن جي تابع نه بڻايو وڃي ها ته پيدا ٿيندي ئي هر شخص مڪلف ٿئي ها، ڇو ته روح ته پيدائش کان ئي عاقل بالغ آهي. مگر بدن سان تعلق جي ڪري مڪلف ٿيڻ لاءِ عمر جي هڪ حد مقرر ڪيل آهي جنهن کي سنِ بلوغت

چون ٿا- انسان دنيا مان موڪلايو، روح  هن جي جسم کان جدا ٿيو ته روح بالذات مڪلف ٿيو. هتي ڪن ماڻهن هڪ وڏي ٺوڪر کاڌي آهي چو ته برزخ ۾ روح جي لاءِ جسم مثالي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن، جنهن جو مطلب اهو آهي ته روح ڪنهن به وقت بدن کان بغير مڪلف نه آهي، اهو عقيدو باطل آهي. اهلِ سنت والجماعت جو اجماعي عقيدو اهو آهي ته برزخ ۾ روح بالذات مڪلف آهي ۽ بدن روح جي تابع هوندو آهي ۽ هن بدن خاڪي کي روح ئي حيات بخشي ٿو. ان سلسلي ۾ شاهه عبدالعزيز فرمائين ٿا :

محرک تن روح است، ومحرک روح نور ومحرک نور عزیز من این مقام راکما ینبغی دانستن کمال محال است وشب روز بذکر و فکروسیر وطیران مقامات ماندن بجز طالب صادق وتوجہ مرشد کامل حصول انتہانمی تواند شد (فتاويٰ عزيزيه 112:2)

بدن کي حرڪت ڏيڻ وارو روح آهي ۽ روح کي حرڪت ۽ زندگي نور کان ملي ۽ روح کي حيات ۽ حرڪت ڏيڻ واري ذات باري تعاليٰ آهي. منهنجا عزيز ان مقام کي پوري طرح ، سمجهڻ محال آهي رات ڏينهن ذڪر و فڪر، سير ملڪوتي ۽ عالم بالا ۾ پرواز سواءِ طالب صادق ۽ توجه مرشد ڪامل جي ممڪن نه آهي

باب ڇهون

# نفس جو بحث

نالي جو سبب

نفس جو لفظ يا ته نفاست مان آهي، ته شرافت ۽ لطافت جي ڪري نفس سڏجي ٿو يا تنفس مان آهي ته ساهه جي اچ وڃ جي ڪري نفس سڏجي ٿو. جيڪڏهن اچڻ وڃڻ جي صفت جي ڪري نفس جو مطلب روح ورتو وڃي ته اهو ان ڪري درست آهي ته ننڊ جي وقت روح خارج ٿئي ٿو پوءِ واپس اچي ٿو.

نفس ۽ روح هڪ حقيقت جا ٻه نالا آهن

النفس الروح اسمين لمعني واحد

نفس ۽ روح هڪ حقيقت جا ٻه نالا آهن

انجو دليل حديث ليلة التعريس آهي:

قال بلال اخذ بنفسي الذي اخذ بنفسک فقال رسول الله

ان الله قبض ارواحنا-

منهنجي روح کي انهيءَ ذات جهليو جنهن توهانجي روح کي جهليو حضوراڪرم فرمايو الله تعاليٰ اسانجي روحن کي قبض ڪري ورتو هو

فائدو: ساڳي ئي شئي کي حضرت بلال نفس سان تعبير ڪن ٿا ۽ حضوراڪرم روح سان تعبير ڪن ٿا ته ان جي تطبيق هن طرح ٿئي ٿي ته نفس ۽ روح کي هڪ ئي مڃجي. قرآن ڪريم ٻه روح تي لفظ نفس جو اطلاق فرمايو آهي.

قال تعاليٰ اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الۡاَنۡفُسَ حِيۡنَ مَوۡتِهَا – (الزمر ـ ٤٢)

الله تعاليٰ ئي قبض ڪري ٿو جانين کي انهن جي مرڻ وقت

وقوله تعاليٰ اَخۡرِجُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ ؕ(الانعام ـ ٩٣)

پنهنجون جانيون ڪيو

فائدو: انهن ٻنهي آيتن ۾ ذڪر نفس جو آهي ۽ مراد روح آهي، جمهور علماء به نفس ۽ روح جي اتحاد جا قائل آهن.

ان النفس والروح مسماهما واحد وهم الجمهور- [21]

نفس ۽ روح جو مصداق هڪ آهي ۽ جمهور ان جا قائل آهن

## نفس ۽ روح ۾ فرق

علامه ابو القاسم سهيلي روض الانف ۾ بحث ڪيو آهي ته روح ۽ نفس هڪ شئي آهي. جدائي ۽ فرق فقط وصفن جي ڪري آهي باعتبار پهرين هجڻ جي ته روح آهي، جڏهن ملائڪ ماءُ جي پيٽ ۾روح ڦوڪي ٿو. جڏهن پيدا ٿئي ٿو ۽ اخلاق و اوصاف حميده يا ذميمه وارا ڪم ڪري ٿو، ۽ بدن سان عشق و محبت پيدا ڪري وٺي ٿو ۽ بدن جي صلاحيتن ۾ مشغول ٿي وڃي ٿو ته ان تي لفظ نفس چيو وڃي ٿو. اڪتساب اوصاف کان اڳ روح تي لفظ نفس جو چوڻ ٺيڪ نه آهي، جڏهن اهو وصفن سان متصف ٿي وڃي ٿو ته ان ۾ صفت غفلت ۽ شهوت پيدا ٿي وڃي ٿي هاڻي ان تي لفظ نفس جو اطلاق ٿئي ٿو ڇو ته نفس جو ڪم به غفلت ۽ شهوت آهي.

## سڪون ڇا آهي؟

نفس جي غفلت ۽ شهوت جي صفت کي مجاهدي ۽ رياضت سان گهٽ ڪري سگهجي ٿو. انهن رذائل (برائين) کي گهٽ ڪائڻ گهٽ ڳالهائڻ، تخليه ۽ تقويٰ سان گهٽ ڪري سگهجي ٿو. انهن برائين جي گهٽتائي جو نالو صوفين جي اصطلاح ۾ سڪون آهي.

سڪون جا ٽي درجا آهن:

پهريون: سڪون تام وڪامل- هي درجو نفس جي اطمينان جو آهي هن درجي ۾ نفس کي 'مطمئنه' سڏجي ٿو.

ٻيو: سڪون غير تام و غير ڪامل- هي نفس 'لوامه ' ٿيو.

ٽيون: عدم سڪون (مطلقاً)- هي نفس 'اماره' ٿيو.

## هڪ شئي جا مختلف نالا

جيڪڏهن هڪ ذات کي مختلف لفظن سان بيان ڪجي ۽ انهن لفظن جو مرجع هڪ هجي ته ڪو ابتڙ ۽ مخالف لازم نه ايندو. جيئن آدمؑ جي پيدائش جي متعلق قرآن مجيد ۾ مختلف لفظ آيل آهن:

قال تعاليٰ خَلَقَهٗ مِنۡ تُرَابٍ__–(آل عمران ـ ٥٩) ان کي مٽي مان پيدا ڪيو

مِّنۡ حَمَاٍ مَّسۡنُوۡنٍ_-(الحجر ـ ٢٦) بدبودار گپ مان پيدا ڪيو

مِّنۡ طِيۡنٍ لَّازِبٍ_-(الصفت ـ ١١) چيڪي مٽي مان پيدا ڪيو

مِنۡ صَلۡصَالٍ كَالۡفَخَّارِ__- (الرحمٰن ـ ١٤) وچڙ واري مٽي مان پيدا ڪيو

پوءِ روح ۽ نفس هڪ شئي جا ٻه نالا آهن. فرق صفتن جي اعتبار سان آهي.

الفرق بين النفس والروح فرق بالصفات لافرق بالذات

نفس ۽ روح جي وچ ۾ فرق صفتن جي اعتبار سان آهي ذات جي اعتبار سان ڪونهي

***

باب ستون

# لطيفا ۽ شيخ مرشد ڪامل

صوفياء ڪرام طريقت جي فن ۽ حقيقت و تصوف جي علم جي باطني حڪمن ۾ مجتهد جو درجو رکن ٿا. اهي صاحب ظني ۽ باطني حڪمن جو اهڙي طرح استخراج ڪن ٿا جهڙي طرح فقهاء مجتهدين بنا نصوص صريحه بنا ڪن احتمالن جي بناء تي محض پنهنجي ذوق سان ظني ۽ ظاهري حڪمن جو استنباط ڪن ٿا. صوفياء ڪرام ۾ فقهاءِ مجتهدين جي مقابلي ۾ هڪ قوت زياده هجي ٿي جو اهي صاحب ڪشف و.الهام هجن ٿا، فقهاء محض ذاتي راءِ سان مسئلن جو استخراج ڪن ٿا ۽ هي ماڻهو الهام و ڪشف جي روشني ۾. ۽ ڪشف و الهام الله جي طرفان اعلام و اطلاع من الله هجن ٿا ۽ ظاهر آهي ته اعلام من الله محض ذاتي راءِ کان افضل آهي. جهڙي طرح قياس ۽ راءِ جي صحيح هجڻ جو معيار اهو آهي ته ڪتاب و سنت جي مخالف نه هجي، اهڙي طرح ڪشف و الهام جي صحت جو معيار به ڪتاب و سنت جي موافقت آهي، بهرحال ان جي فوقيت مسلم (مجيل) آهي:

انماالالهام نور يختص به الله تعاليٰ من يشاء من عباده[22]

الهام هڪ نور آهي، الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي چاهي ان سان خاص ڪري ڇڏي ٿو

آئون ذاتي طور تي فقهاء مجتهدين جي اجتهاد کي صوفياء جي ڪشف و الهام تي مقدم سمجهان ٿو، انجو دليل صوفياء جو تعامل آهي، سڀ صوفياء محققين مجتهدين جا مقلد رهيا آهن. اهڙي طرح فقهاء جي اجتهاد جو مقدم هجڻ ثابت ٿي ويو.

لطيفا پنج آهن

هن اصولي تمهيد کان پوءِ هاڻي هي سمجهي وٺو ته صوفياء ڪرام انساني بدن کي ڏهن جزن جو مرڪب مڃين ٿا، عناصر اربعه ۽ نفس مادي ۽ پنج لطيفا جن جو ذڪر پهريائين ٿي چڪو آهي، غير مادي بلڪه مجرد آهن.

ڪن جي نزديڪ يارنهن آهن. يعني پنج مادي ۽ پنج مجرد ۽ هڪ سلطان الاذڪار- ڪي فرمائين ٿا ته ڏهه لطيفا آهن. مگر حقيقت هيءَ آهي ته لطيفا ته مجرد ۽ لطيف شين جو نالو آهي، پوءِ ڏهه لطيفا ڪيئن ٿيا، البته تغليباً انهن کي لطيفن سان تعبير ڪيو وڃي ٿو. جيئن لطائف خمسه کان علاوه نفس به تغليباً لطيفن ۾ ليکيو وڃي ٿو ۽ سلطان الاذڪار لطيفو نه آهي، بلڪه هڪ ذڪر جو طريقو آهي، جنهن ۾ اهو تصور ڪيو ويندو آهي ته جسم جي هر ذري مان بلڪه هر وار مان ذڪر جاري آهي. بهرحال لطيفا پنج ئي آهن، باقي تغليباً انهن ۾ شامل ڪيا وڃن ٿا.

لطيفن جي باري ۾ اختلاف

ڪي صوفي لطيفن جي تغائر جا قائل آهن، ۽ اهو تغائر حقيقي آهي، ڪي محققين لطيفن جي اتحاد جا قائل آهن، ۽ اصل حقيقي لطيفو صرف قلب کي چون ٿا ۽ انهيءَ کي گهڻين وصفن سان موصوف مڃين ٿا، جيئن زيد گهڻين وصفن سان موصوف هجي مثلاً عالم، قاري، ڪاتب، واعظ وغيره ته انهيءَ وصفن جي گهڻائي جي ڪري زيد ۾ تعدد پيدا نه ٿيندو. ته جڻ ٻين لطائف جو محل و مصداق وموصوف به قلب ٿيو. رهي اها ڳالهه ته هر لطيفي جا اثر، رنگ ۽ انوار جدا هجن ٿا ۽ هي ته هر لطيفي جو ڪم جدا آهي مثلاً قلب جو ڪم ذڪر آهي، روح جو حضور، سري جو مڪاشفو، خفي جو شهود و مشاهدو ۽ فنا ۽ اخفا جو معائنو ۽ فناء الفناء ته اهو اصل ۾ تعدد اوصاف جي سبب ڪري ڪمن ۾ تعدد پيدا ٿيو. ورنه اصل حقيقي لطيفو صرف قلب آهي. جيڪڏهن اهو مڃيو وڃي ته اصل لطيفو صرف قلب آهي ته اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته صوفياء ڪرام ذڪر جي تعليم ۾ مختلف مقام ۽ محال جي طرف خيال ڪرڻ جي هدايت ڇو فرمائين ٿا، حالانڪه صوفياء جو طريقه ذڪر متواتر ۽

متوارث هلندو اچي ٿو ۽ انکي ڪشف جي تائيد به حاصل آهي، ان ڪري تغاير ڪي ئي ميٺو پوي ٿو. جيئن ذڪر قلبي ۾ قلب تي ئي توجه مرڪوز رهي ٿي، ڇو ته اهو تجليات باري تعاليٰ جو محل آهي مگر جيئن لطيفه رباني قلب ڪي قلب صنوبري سان تعلق آهي، اهڙي طرح ٻين لطيفن ڪي به خواهه مجازن ئي سهي انهن محال و مقام سان تعلق آهي. محال و مقام جي تخصيص جي تائيد حديث ابي محذوره سان ٿئي ٿي:

> ثم وضع يده علي ناصية ابي محذوره ثم امر علي وجهہ من بين ثديہ وفي نسخة من بين يديہ علي كبده ثم بلغت يد رسول الله سرة ابي محذوره ثم قال بارک الله لک و عليک۔ [23]

پوءِ رسول اڪرم حضرت ابو محذوره جي پيشاني تي هٿ رکيو. پوءِ پاڻ پنهنجي هٿ ڪي ان جي منهن تي ڪٽي ويا پوءِ سيني تي ..... (۽ هڪ نسخي ۾ آهي ته) ان جي جگر تي ڪٽي ويا پوءِ پاڻ سڳورن جو هٿ ان جي ڌُن تائين پهتو. پوءِ حضور اڪرم جن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ توکي برڪت ڏي

فائدو: حضور اڪرم خواهه اتفاق سان هٿ ڦيرايو، خواهه ڪنهن مقصد لاءِ سمجهيو وڃي، انهن مقامات جو متبرڪ هجڻ ثابت ٿي ويو. فهوالمقصود

اتحاد جا قائلين چون ٿا ته حديث شريف ۾ صرف ذڪر قلبي ملي ٿو، باقي لطيفن جو ذڪر نه آهي. چنانچه امام غزالي ڪجهه لطيفن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن ۾ اتحاد ثابت ڪيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته روح، قلب، عقلّ ۽ نفس هڪ ئي شئي آهي. تغاير اعتباري آهي ۽ اتحاد ذاتي۔ [23]

اختلاف جو سبب

جيئن ته لطيفن ۾ گهڻو اتصال (ميلاپ) آهي، انڪري دل جي ذڪر سان باقي لطيفن ۾ به آثار انوار، رنگ، ڪم سرايت ڪري وڃن ٿا جيئن ته متعاڪس آئينن ۾ شعاعِ آفتاب. جيڪو آئينو سج جي سامهون هجي ان جي سامهون ٻيو ٿيون آئينو رکي ڇڏيو ته شعاعِ

آفتاب (سج جي ڪرڻن) جو عڪس سپني ۾ ظاهر ٿيندو.

عدم تغاير جو دليل ڪشف صحيح به آهي. چنانچه جڏهن سالڪ جا لطيفا منور ٿي وڃن ٿا ته سلوڪ جون منزلون شروع ٿين ٿيون ۽ انهن منزلن جو تعلق زمين ۽ آسمان کان نه پر پهرئين عرش کان شروع ٿئي ٿو ته انهن منزلن ۾ سالڪ کي پنهنجو روح اڏامندو نظر اچي ٿو، پر ٻيا لطيفا نظر نٿا اچن. جيڪڏهن سالڪ کي پنهنجو روح پرواز ڪندي نظر نه اچي ته پوءِ انکي ڪيئن معلوم ٿي سگهي ٿو ته هو سلوڪ جون منزلون طئي ڪندو پيو وڃي. رهيو اهو سوال ته ايترو پري تائين روح  ڪيئن ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته ان جو تعلق عقلي اٽڪلن سان نه، پر ان راهه تي هلڻ ۽ شيخ ڪامل جي صحبت اختيار ڪرڻ سان آهي.

آئون دعويٰ ته ڪونه ٿو ڪريان پر تشڪر ۽ تحديثِ نعمت طور ايترو واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن ۾ سچي طلب هجي، نڪته چيني ۽ امتحان مقصود نه هجيس،  ان کان علاوه ڪو ٻيو غرض فاسد نه رکندو هجي ته صرف ڇهن (حاشيه 24) مهينن لاءِ هن ناچيز وٽ اچي، ان تي چند پابنديون لڳايون وينديون مثلاً صالح ۽ پاڪ کاڌو ۽ اهو به مقدار ۾ گهٽ ڏنو ويندو، ٿوري ڳالهائڻ جو عادي بڻايو ويندو، ننڊ گهٽ ڪرڻي هوندي، خلوت (اڪيلائي) ۾ رکيو ويندو، ذڪر و اذڪار ۾ مشغول رکيو ويندو، ٻه وقت توجهه ڏنو ويندو، پوءِ انشاءَالله تعاليٰ هو ڏسي وٺندو ته روح ڪيئن پرواز ڪري ٿو ۽ پرواز جي وچ ۾  ڪيئن نظر اچي ٿو. اهو ڇهن مهينن جو عرصو رسول الله ﷺ جي عرصي جي مقدار تي آهي، ۽ ڪثرتِ ذڪر ارشاد رباني جي تعميل جي طور تي ڪرايو ويندو، جو:

وَ اذۡكُرۡ رَّبَّكَ كَثِيۡرًا وَّ سَبِّحۡ بِالۡعَشِىِّ وَ الۡاِبۡكَارِ-(آل عمران ـ ٤١)

۽ خلوت و گهٽ ڳالهائڻ جو پابنديون

اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ اِلَّا رَمۡزًا ؕ(آل عمران ـ ٤١)

جي حڪم مطابق سالڪ جي تربيت لاءِ ضروري آهن.

عزيز من! طلب صادق آهي، عوام جو ته ذڪر ئي

کھڙو،علماء به ان ضرورت جي احساس کان محروم آهن، الا ماشاءَالله، علماء جو چوڻ آهي ته ظاهر شريعت تي عمل ڪرڻ ڪافي آهي، آئون چوان ٿو ته تزڪيه باطن بنا شريعت تي پوري طرح عمل ٿي ئي نٿو سگهي، لااله الا الله پڙهڻ سان الهہ ظاهري (ظاهر باطل معبودن) جي نفي ته ٿي ويئي، مگر جيستائين تزڪيه نفس نه ٿيندو الهہ باطنيه (مخفي باطل معبودن) جي نفي نه ٿي سگهندي.

ظاهري علماءِ حلال ۽ حرام بيان ڪري سگهن ٿا، مگر حلال ۽ حرام ۾ فرق نٿا ڪري سگهن، ڇو ته ان جو مدار نور بصيرت تي آهي ۽ اهو اڻ لڀ آهي. الله تعاليٰ سمجهڻ لاءِ انسان کي ٽي قوتون عطا فرمايون آهن، وهم، عقل ۽ نور بصيرت. عقل جي مقابلي ۾ وهم هيچ آهي ۽ نور بصيرت جي مقابلي ۾ عقل ڪا شئي نه آهي. عالم ظاهر بين نور بصيرت کان محروم آهي. اها دولت انبياء عليهم السلام وٽان انهن جي صحيح وارثن علماءِ ربانيين ۽ صوفياءِ ڪرام کي ملي آهي.

دوستو! اها دولت تصوف جا ادارا قائم ڪرڻ سان نٿي ملي، نه تصوف جا رسالا جاري ڪرڻ سان هٿ اچي ٿي، نه تصوف جي ڪتابن پڙهڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي. اها القائي ۽ انعڪاسي شئي آهي جيڪا القاء ۽ شيخ جي صحبت سان حاصل ٿئي ٿي.

شيخ ڪامل (مرشد) جي سڃاڻپ

1: عالم رباني هجي. ڇو ته جاهل جي بيعت شروع کان ئي حرام آهي-[26]

2: صحيح العقيده هجي ڇو ته فساد عقيده ۽ تصوف وسلوڪ جو پاڻ ۾ ڪو تعلق ئي نه آهي.

3: متبع سنت رسول الله هجي، ڇو ته سڀئي ڪمال حضور اڪرم جي تابعداريءَ سان حاصل ٿين ٿا.

4: شرڪ و بدعت جي ويجهو به نه وڃي ڇو ته شرڪ وڏو ظلم آهي ۽ بدعت گمراهي آهي.

5: دنيادار نه هجي، ڇو ته هڪ ئي دل ۾ به محبتون گڏ نٿيون ٿي

سگھن.

6: علم تصوف و سلوڪ ۾ ڪامل هجي ڇو ته جنهن راهه کان واقف نه هجي انتي گامزن ڪيئن ٿو ٿي سگھي.

7: شاگردن جي باطني تربيت جي فن کان واقف هجي، ۽ ڪنهن ماهر فن کان تربيت حاصل ٿيل هجيس.

8: حضور نبي اڪرم جن سان روحاني تعلق قائم ٿيل هجيس، جيڪي بنده ۽ خدا جي وچ ۾ واحد واسطو آهن- [27]

هن ناچيز جو طريقو اهو ئي آهي ته اول پنهنجي هٿ تي بيعت طريقت ڪڏهن نه ورتي صرف تعليم ڏيندو آهيان، ۽ ابتدائي منازل طئي ڪرائي دربار نبوي ۾ پيش ڪري ڇڏيندو آهيان، جيڪي سپني جهانن جا پير آهن. صرف زباني جمع خرچ ڪافي ناهي جو پير صاحب فرمائين ته توکي دربار نبوي ۾ پهچائي ڇڏيم. بلڪه ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سالڪ خود ڏسي ته منازل سلوڪ طئي ڪري رهيو آهي ۽ دربار نبوي ۾ پهچي حضور اڪرم جي هٿ مقدس تي بيعت ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو مدعي دربار نبوي تائين رسائي نٿو رکي، پوءِ به بيعت ڪري ٿو ته اهو دوکي باز آهي، ماخوذ هوندو. پوءِ ڪامل ۽ ناقص جي اهائي سڃاڻپ آهي، چڱيءَ طرح سمجهي وٺو.

ڪي ساده ماڻهو پڇن ٿا ته هڪ شيخ جي فوت ٿي وڃڻ کان پوءِ ٻئي ڪنهن سان بيعت جائز آهي؟ خدا جا ٻانهو! پهريائين ايترو ته غور ڪريو ته بيعت بذات خود مقصد ناهي، بلڪه مقصد جو هڪ ذريعو آهي، مقصد آهي الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ بيعت ذريعو آهي ته جيئن هڪ ڪامل جي شاگردي اختيار ڪري يڪسُوئي تعليم حاصل ڪندو رهي ۽ ترقي ماڻيندو وڃي. جيڪڏهن پير جي فوت ٿيڻ تي ماڻهو ڪو ٻئي استاد جي ڳولا نه ڪندو ته ظاهر آهي ته اڳ ۾ پنهنجو نقصان ڪندو ۽ ان کان وڏو نقصان اهو آهي ته سندس مقصد رضائي الاهي جو حصول نه بلڪه شخصيت پرستي جو شڪار آهي.

پوءِ اهو سوچيو ته حضور اڪرم کانپوءِ ڇا صحابه ڪرام ر ضي الله عنهم خلفاءِ راشدين جي بيعت نه ڪئي هئي؟ پوءِ اهو

سوال ڪيئن ٿيو ته پير (مرشد) جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ ٻئي هنڌ بيعت جائز آهي يا نه؟

تصوف ۽ تزڪيه باطن ۾ شيخ ۽ سالڪ جو رشتو گهڻو نازڪ آهي. ظاهري علوم ۾ معاملو ٻئي قسم جو آهي، استاد کان نفرت ۽ ان جي مخالفت جي باوجود ماڻهو ظاهري علم حاصل ڪري سگهي ٿو، مگر هن راهه ۾ شيخ ڪامل ميسر اچي وڃي ته انجي مخالفت مانع فيض ئي نه بلڪه حرام آهي. شيخ ڪامل جي مخالفت اصل ۾ تزڪيه باطن ۽ رضائي الاهي جي حصول کان نااميد هجڻ جو دليل آهي.

## شيخ جي ضرورت

ضرورتِ شيخ جي سلسلي ۾ هڪ سوال ڪن ذهنن ۾ اڀرندو آهي ته جڏهن تصوف جي ڪتابن ۾ هر قسم جا اذڪار ۽ وظيفا ۽ انهن جي پڙهڻ جا طريقا درج آهن ته انهن تي عمل ڪري انسان ڪامل بڻجي سگهي ٿو. پوءِ شيخ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

ان جو جواب اهو آهي ته طب جي ڪتابن ۾ هر قسم جا نسخا، طريقه علاج، دوائن جا وزن ۽ طريقه استعمال موجود آهن، پوءِ ڪنهن ماهر طبيب ۽ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ڇا ڪنهن معقول ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اهو سوال به اچي ٿو؟ ظاهر آهي ته ائين نه آهي، آخر انجو سبب؟ سبب صرف اهو آهي ته جان پياري آهي ۽ احتياط جي تقاضا هي آهي ته طب جي ڪتابن ۽ پنهنجي علم تي ڀروسو نه ڪجي، بلڪه چڱيءَ طرح چند ڇاڻ ڪري ڪنهن ماهر طبيب کي ڳولجي، ۽ ان کان ئي علاج ڪرائجي. اهڙي طرح جيڪڏهن ايمان پيارو هجي ۽ الله تعاليٰ سان تعلق پيدا ڪرڻ مقصود هجي ته معقوليت جي تقاضا هيءَ آهي ته ماڻهو ڪنهن معالج روحاني کي ڳولي، ڇو ته روحاني طبيب کانسواءِ روحاني صحت ۽ تزڪيه باطن ۽ تعلق مع الله پيدا ٿيڻ محال آهي.

***

باب اٺون

# سلوڪ جون منزلون

## سلوڪ جون ابتدائي منزلون

جڏهن سالڪ جا لطيفا منور ٿي وڃن ۽ ان ۾ وڏيڪ استعداد (طاقت) پيدا ٿي وڃي ته شيخ ڪامل انکي سلوڪ جون منزلون هن ترتيب سان طئي ڪرائي ٿو. اول استغراق ۽ رابطو ڪرايو وڃي ٿو، پوءِ مراقبات ثلاثه، پوءِ دوائر ثلاثه، پوءِ مراقبو اسم الظاهر والباطن، پوءِ سير ڪعبه، سير صلواة ۽ سير قران ۽ ان کانپوءِ فنا في الرسول□ جي منزل اچي ٿي.

## استغراق جي حقيقت

استغراق هڪ ڪيفيت آهي انجي صحيح حقيقت ته مستغرق کي ئي معلوم هجي ٿي، پر ايترو بيان ڪري سگهجي ٿو ته ان ۾ جسم جون ظاهري اکيون ننڊ ۾ هجن ٿيون پر قلب بيدار هجي ٿو. ماڻهو ڳالهيون ٻڌي ٿو، وضو ٽٽي وڃي ته خبر پئجي وڃي ٿي، جهڙيءَ طرح سجاڳي ۾ خبر پوي ٿي. البت انبياء 8 ۽ اولياء ڪرام جي استغراق ۾ وڏو فرق آهي. انبياء 8 جو استغراق تام (مڪمل) هوندو آهي، وضو کي ڀڃندڙ نٿو هجي، ۽ اولياء ڪرام جو استغراق تام نٿو هجي، انکري ناقصِ وضو هجي ٿو ڇو ته ان ۾ ننڊ ملي وڃي ٿي، علامه شاميءَ ان تي بحث ڪيو آهي نوم الانبياء 8 غير ناقص ته انبياء 8 جي ننڊ ناقصِ وضو نٿي هجي.

الاجماع عليٰ انه□ في نواقض الوضوّء ڪالامة الا ماصح من استثناءالنوم ان عيني تنامان ولاينام قلبي - [28]

۽ امت جو اجماع انهيءَ تي آهي ته نبي اڪرم □ نواقض وضو ۾ امت سان شريڪ آهن، پر پاڻ ڪريمن□ جي ننڊ نواقض کان مستثنيٰ آهي ڇو ته حديث ۾ آيو آهي ته ”منهنجون اکيون سمهي رهن

ٿيون پر منهنجي دل نٿي سمهي“ (الحديث)

انبياء 8 جي ننڊ وضو کي ڀڃندڙ نه آهي

محدثين ۽ فقهاء جو ان باري ۾ اتفاق آهي ته انبياء 8 جي ننڊ ناقصِ وضو نه آهي، انڪري قاضي عياض ”شفاء“ ۾ صفحه 281 تي ۽ ”بحرالرائق“ صفحه 39 تي ان بابت بحث ڪيو آهي.

فان النوم مضطجعا ناقض الافي حق النبي صرح في قنية بانه من خصوصياته وهذا هوالمشهور في كتب المحدثين والفقهاء

نبي ڪريم ڪانسواءِ سپني جي لاءِ ليٽي ڪري سمهڻ (ليٽيل حالت ۾ ننڊ ڪرڻ) ناقض وضو آهي. صاحب فتاوي قنيه انجي تصريح ڪئي آهي ته ننڊ سان وضو جو نه ٽٽڻ حضور جي خصوصيات مان آهي ۽ محدثين ۽ فقهاء جو مشهور مذهب اهوئي آهي ۽ فتاوي 5:1 تي آهي:

وفي مشلک الاثار وشرح السنة ان نوم الانبياء ليس بحدث وروي محمد عن ابي حنيفه انہ نام علي جنبہ وصلي بغير وضوء قال تنام عيناي ولا ينام قلبي وهومن خصائصه

امام طحاوي جي مشڪل آلاثار ۽ بغوي جي شرح السنة ۾ آهي ته انبياء 8 جو سمهڻ (ننڊ ڪرڻ) ناقض وضو نه آهي. ۽ امام محمد امام ابو حنيفه کان روايت ڪن ٿا ته حضور پاسي ڀر سمهي رهيا ۽ اٿي وضو ڪرڻ ڪانسواءِ نماز پڙهيائون ۽ فرمايائون منهنجيون اکيون سمهن ٿيون ۽ منهجو قلب نٿو سمهي ۽ اها ڳالهه حضور جي خصوصيتن مان آهي.

۽ ڪتاب الاثار امام محمد صفحه 94:

عن حماد عن ابراهيم قال توضا رسول الله فخرج الي المسجد فوجد الموذن قد اذن فوضع جنبه فنام حتي عرف منه النوم وكانت له نومته تعرف كان ينفخ اذا نام ثم قام فصلي بغير وضوء قال ابراهيم ان النبي ليس كغيره قال محمد ويقول ابراهيم ناخذ ما بلغنا ان النبي قال ان عيني تنامان ولا ينام قلبي فالنبي في هذا كغيره فاما سواه

فمن وضع جنبه فنام فقدوجب الوضوء وهوقول ابي حنيفه
حماد بيان ڪن ٿا ابراهيم ڪان هو چون ٿا ته حضور جن وضو ڪيو پوءِ مسجد ۾ ويا ڏٺائون ته موذن اذان چئي چڪو آهي پاڻ پاسي پر ليٽي رهيا ۽ سمهي رهيا ۽ پاڻ سگهورن جو سمهڻ معلوم ٿي ويو، سندن سمهڻ جي نشاني هيءَ هئي ته پاڻ کونگهرا هڻندا هئا جڏهن پاڻ جاڳيا ته اٿي بغير وضو ڪرڻ جي نماز پڙهيائوِّن، ابراهيم چون ٿا ته حضور ٻين ماڻهن وانگر نه آهن. امام محمد چون ٿا ته اسانجو مذهب اهو ئي آهي جيڪو ابراهيم بيان ڪيو آهي حضور فرمايو ته منهنجون اکيون سمهن ٿيون منهنجي دل نٿي سمهي تنهنڪري حضور ان ننڊ ۽ وضو جي معاملي ۾ ٻين ماڻهن وانگر نه آهن ٻين مان جيڪو پاسي پر سمهي ننڊ ڪري ان لاءِ وضو ڪرڻ واجب آهي، امام ابو حنفيفه جو قول اهوئي آهي ۽ اهوئي سندن مذهب آهي

انهن اقتباسات (حوالن) مان معلوم ٿيو ته محدثين فقهاء ۽ بالخصوص امام ابو حنيفه جو مذهب اهو آهي ته ننڊ سان نبي جو وضو نٽو ٽٽي.

"شيخ القرآن" پنهنجي تفسير جواهرالقرآن جلد اول صفحه 123،124 تي ان عنوان هيٺ تفصيل لکيو آهي ته "محدثين ڪرام جو مسلڪ اهو آهي ته نبين جي ننڊ ناقض وضو نه آهي" ايستائين ته درست فرمايائون پر اڳتي صفحه 125 تي فرمائين ٿا ته "اهو ڪو قانون نه آهي، چنانچه ليلة التعريس ۾ حضور سمهي رهيا هئا" يعني شيخ القران جي اجتهاد محدثين ڪرام جي مسلمه (مجيل) مذهب کي باطل قرار ڏنو، چڻ شيخ القران جو مذهب هيءُ آهي ته ع مستند هي ميرا فرمايا هوا

پنهنجي انهيءَ قول جي تائيد ۾ فرمائين ٿا ته شيخ (مولانا حسين علي) جو فرمان آهي ته هن حديث جي راوين ۾ اختلاف آهي.

راوين ۾ اختلاف جو مطلب ڇا آهي؟ ڇا ڪنهن راوي هي بيان ڪيو آهي ته انبياء 8 جي ننڊ ناقض وضو آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته هو حديث پيش ڪري.

اصول هيءُ آهي ته جڏهن راوين جي لفظن ۾ اختلاف اچي ته

قدر مشترڪ ڪڍيو ويندو ته روايات جو قدر مشترڪ هي آهي ته نوم انبياء 8 غير ناقض آهي. خواه ڪو راوي بعد عشاء چوي، خواه وقت سحر چوي، يا بعد وتر جي بيان ڪري، يا فجر جي سنتن کانپوءِ چوي، اها ڳالهه ته سڀني چئي ته نوم انبياء 8 ناقض وضو نه آهي. پوءِ راوين جي اختلاف توهانجي قول کي ڇا تقويت ڏني آهي؟

جڏهن توهان مڃي چڪا آهيو ته محدثين جو مذهب اهو آهي ته نوم انبياء 8 غير ناقض آهي، پوءِ توهان جي قول سان جمهور محدثين جي اجماعي مذهب کي ڇا لاءِ ڇڏيو وڃي؟ رهيو ليلة التعريس جو حوالو ته سڀ محدثين فقهاء انجو جواب ڏيئي چڪا آهن ته آفتاب (سج) مدرڪ قلب نه بلڪه مدرڪات چشم (اک) مان آهي يعني آفتاب جو ادراڪ قلب جو ڪم نه بلڪه اک جو ڪم آهي، قلب ته لطيف شين کي ڏسي سگهي ٿو، پوءِ ٿي سگهي ٿو ننڊ ۾ استغراق پورو هجي توجه اليٰ باري تعاليٰ هجي ۽ سج کان غفلت هجي، مختصر هي ته شيخ القران جو مذهب حديث و فقه جي خلاف آهي محدثين جي مخالف آهي، امام حماد ابراهيم، امام محمد ۽ امام ابو حنيفه رحمهم الله جي خلاف آهي پوءِ لطف هي ته پاڻ حنفي به آهن، ۽ شيخ القرآن به آهن، ۽ باهمت ۽ جرئتمند اهڙا جو قول رسول کي ٺڪرائي ڇڏين. محدثين ۽ فقهاء جي اجماعي فيصلي کي ٺڪرائي ڇڏين ۽ سندن توحيد تي ۽ حنفيت تي ڪو حرف نه اچي.

ترجمان القران ۽ حبرالامت حضرت عبدالله بن عباس ؓ جو مذهب ابوداؤد 27:1 ۽ انجي شرح بذل المجهود 125:1 ۾ بيان ٿيل آهي:

> قال ابن عباس رضي الله عنهما کان النبي محفوظا من ان يخرج منہ حدث ولم يشعربہ عن عائشة رضي الله عنها تنام عيناه ولا ينام قلبه اي هذا من خصائص الانبياء عليهم الصلواة والسلام و قلب المصطفيٰ فانہ اکرام له لئلا يخلو وقتہ من معارف الالهية والمصالح الدينية

حضور اڪرم انهيءَ امر کان محفوظ هئا ته پاڻ سڳورن جي اندران ريح خارج ٿئي ۽ کين معلوم نه ٿي سگهي حضرت عائشة رضي الله عنها فرمائين ٿيون ته حضور جون اکيون سمهي

رهنديون هيون ۽ قلب تي ننڊ يا غفلت نه ايندي هئي ۽ ننڊ ۾ وضو نه ٽٽندو هو. اها ڳالهه انبياء 8 جي خصوصيتن مان آهي ۽ حضور جي قلب اطهر جي خصوصيتن مان آهي، جيئن حضور جي قلب اطهر تي ڪو اهڙو وقت نه گذريو جو معارف الٰهيه ۽ مصالح دينيه جي حصول کان غافل هجي

هن روايت مان حضرت عبدالله ابن عباس ؓ جو مذهب واضح آهي ته انبياء 8 جي ننڊ ناقض وضو نه آهي، رهيو ليلة التعريس جو سوال ته انجي جواب ۾ هي چيو وڃي ٿو ته:

وقيل انہ کان في وقت ينام قلبہ وفي وقت لاينام فصارت الوادي نومه والصواب اول

چيو ويو آهي ته ڪنهن وقت حضور جو قلب اطهر غافل ٿي ويندو هو ۽ ڪنهن وقت غافل نه ٿيندو هو، ان ۾ ننڊ اچي ويئي ۽ صحيح ڳالهه اول ئي آهي (انبياء 8 جي قلوب تي غفلت نٿي اچي)

اصل ڳالهه ته اهائي ته والصواب الاول يعني ته ڳالهه صحيح اها آهي ته انبياء 8 جي دل تي غفلت نٿي اچي پر پهرين ڳالهه به آخر چئي ته ويئي آهي، پر ڏسڻو اهو آهي ته "قيل" جو قائل ڪير آهي؟ جيڪڏهن قائل جو پتو ئي ناهي ته انجي ڳالهه کي حجت قرار ڏيڻ ڪهڙي دانشمندي آهي.

حديث تنام عيناي ولاينام قلبي بخاري22:1 تي ۽ صفحه 97 تي ۽ صفحه 119 تي ۽ صفحه 254 تي به موجود آهي، ساڳي طرح مسلم شريف ۾ به موجود آهي ۽ خصائص ڪبريٰ 172:1 تي متعدد حديثون مذڪور آهن:-

1. اخرج الشيخان عن عائشة رضي الله عنها قالت قال النبي تنام عيني ولاينام قلبي
2. اخرج ابو نعيم عن ابي هريرة قال قال رسول الله تنام عيني ولاينام قلبي
3. واخرج الشيخان عن انس ابن مالڪ قال قال رسول الله الانبياء ينام اعينهم ولاتنام قلوبهم
4. واخرج ابن سعد عن عطاءَ عن النبي قال انا معشرالانبياء وينام اعينهم تنام اعيننا ولاتنام قلوبنا

5. وعن الحسن مرفوعا تنام عيناي ولا ينام قلبي
6. واخرج ابو نعيم عن جابر ابن عبدالله ان النبي ڪان تنام عيناه ولا ينام قلبہ
7. واخرج ابو نعيم عن ابن عباس الخ الي ان قال ان هذا النبي تنام عيناه ولاينام قلبہ
8. واخرج الحاڪم وصححه عن انس قال ڪان النبي تنام عيناه ولا ينام قلبہ

جمهور اهل اسلام جو عقيدو اهو ئي آهي ته انبياء عليهم الصلواة والسلام جي اکين تي ننڊ طاري ٿيندي آهي، پر انهن جي دلين تي غفلت طاري نٿي ٿئي، اهو ئي عقيدو حضور جن سڀني اصحابن سڳورن ڪي سيڪاريو، جيئن ته حضرت عائشه رضي الله عنها، ابن عباس، انس بن مالڪ، ابو هريره رضي الله عنهم ۽ امام حسن بصري، امام بخاري، امام مسلم، محدث حاڪم، محدث ابو نعيم ۽ ابودائود ۽ امام نووي، امام سيوطي، قاضي عياض، عطاخراساني، ۽ امام محمد ۽ امام ابوحنيفه رحمهم الله عليهم جو مذهب اهوئي آهي. انڪان علاوه بحر الرائق، فتاويٰ شامي ۽ فتاوي قنيه ۾ اهو ئي عقيدو آهي ۽ ملا علي قاري جو اهو ئي عقيدو آهي ۽ گذريل امتن جو به اهو عقيدو هلندو اچي جيئن ته خصائص ڪبريٰ 179:1 تي تفصيل موجود آهي.

ان عظيم جماعت جي مقابلي ۾ ”شيخ القران“ جو مذهب آهي جيڪو جمهور جي مخالف آهي. ۽ ان جو بنياد يا ته شيخ القرآن جي ذاتي راءِ تي آهي يا ”قيل“ تي آهي جنهن جو قائل نڪي روايت ۾ بيان ٿيو آهي نه شيخ القرآن ڇٽائي فرمائي ۽ ان نامعلوم شخص جي ڳالهه تي پنهنجي مذهب جو بنياد رکي ڇڏيو.

نومِ انبياء 8 وحي آهي

قال تعاليٰ- قَالَ يٰبُنَىَّ اِنِّىۡۤ اَرٰى فِى الۡمَنَامِ اَنِّىۡۤ اَذۡبَحُكَ فَانْظُرۡ مَاذَا تَرٰى‌ؕ قَالَ يٰۤاَبَتِ افۡعَلۡ مَا تُؤۡمَرُ‌ ۖ (الصٰفٰت- ۱۰۲)

حضرت ابراهيم ؑ فرمايو ته پٽ! مان خواب ڏسان ٿو ته توکي ذبح پيو ڪريان، سوتون به سوچي وٺ تنهنجي ڇا راءِ آهي. ان

چيو بابا سائين! توهان کي جيڪو حڪم ٿيو آهي توهان ڪريو
ڪان رسول الله اذا نام لم يوقظ حتي يکون هو يستيقظ لاندري مايحدث له في نومه ـ[29]

نبي ڪريم جڏهن ننڊ ۾ هوندا هئا ته ڪين جاڳايو نه ويندو هو، جيستائين پاڻ سجاڳ نه ٿين ڇو ته اسانکي خبر نه هئي ته ننڊ ۾ پاڻ سڳورن تي ڇا ڪجهه نازل ٿي رهيو آهي؟

ابن ڪثير ۽ بخاري ۾ آهي ته:

قال ابن عمير رويا الانبياء وحي

ابن ابي عمير ؒ جليل القدر تابعي فرمائين ٿا ته انبياء 8 جو خواب وحي هجي ٿو

علامه سهيلي ؒلکن ٿا ته:

حتي اتوه ليلة اخري فيما يري قلبہ وتنام عينہ ولا ينام قلبہ وکذالک الانبياء تنام اعينهم ولاتنام قلوبهم ـ [30]

ملائڪ سڳورا رسول اڪرم ڏانهن رات جو ننڊ ۾ آيا ان حالت ۾ جو حضور جي دل سجاڳ هئي ۽ اکيون سمهي رهيون هيون ۽ دل نه سمهي رهي هئي اهڙي طرح انبياء 8 جون اکيون ستل هجن ٿيون ۽ سجاڳ دل هجي ٿي

۽ فتح الباري ۾ آهي ته:

قال الخطابي وانما منع قلبه من النوم ليعي الوحي الذي ياتيہ في المنام ـ [31]

خطابي ؒ فرمائين ٿا ته رسول ڪريم جي قلب اطهر کي ننڊ کان روڪيو ويو آهي، ته جيئن ان وحي کي ياد رکن جا ننڊ ۾ نازل ٿئي ٿي

وعن ابي هريرة ان رسول الله قال بينما انا نائم رئيت في يدي سوارين من ذهب فاهمني شانهما فاوحي في المنام ان انفخهما ـ[32]

حضرت ابوهريرة ؓ کان روايت آهي حضور فرمايو ته مان ننڊ ۾ هوس، مون ڏٺو ته منهنجي هٿ ۾ سون جا ڪنگڻ آهن، مونکي ان ڪري رنج ٿيو پوءِ مون ڏانهن ننڊ ۾ وحي ڪئي ويئي ته انهن تي ڦوڪ هڻو

قال ابن عباس رضي الله عنهما رويا الانبياء وحي-[33]

ابن عباس P فرمايو ته انبياء ؑ جو خواب وحي هجي ٿو
ان الوحي ياتي الانبياء علهيم السلام من الله ايقاطا ومناما [34]
الله تعاليٰ جي طرفان انبياء 8 ڏانهن ننڊ ۽ سجاڳي ۾ وحي اچي ٿي

فائدو:

نص قرآن مان حضرت اسماعيل ؑ جو هي عقيدو ثابت ٿيو ته انبياء 8 جو خواب وحي هجي ٿو. حديث و آثار مان اصحابي سڳورن Σ جو اهو ئي عقيدو ثابت ٿئي ٿو، تابعين رحمهم الله عليهم جو به اهو ئي عقيدوهو، فقهاءِ امت رحمهم الله عليهم جو اهو ئي عقيدو هو، جيئن ته شامي ۾ اچي چڪو آهي، بلڪه سڄي امت جو اهو ئي عقيدو آهي جهڙي طرح روض الانف جي عبارت ۾ ”ڪذالڪ“ مان ظاهر ٿئي ٿو.

سوال: ليلة التعريس ۾ حضور جي نماز فوت ٿي ويئي، جيڪڏهن انبياء 8 جي ننڊ ۾ دليون غافل نه هجن ته نماز جو وقت ۽ سج اڀرڻ جو وقت معلوم ڪري وٺن ها.

جواب: آفتاب (سج) ظاهري اک جي مدرڪات منجهان آهي، اک جي بند ٿيڻ سان ان جي مدرڪات ۾ به بند ٿيڻ اچي ويو. آفتاب (سج) دل جي مدرڪات مان نه آهي، اهو سوال ئي جاهلاڻو آهي.

2: استغراق ۾ دل ماسواءِ الله تعاليٰ کان قطع ٿي ويندي آهي ۽ انواروتجليات ۾ مستغرق ٿي ويندي آهي-

سوال: حديث ليلة التعريس ۾ نبي ڪريم ۽ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي غفلت جو سبب ننڊ ئي بيان ڪيو ويو آهي، استغراق نه ڪيو ويو آهيۓ استغراق جو ذڪر حديث ۾ نه آهي.

جواب: اثر سان موثر تي استدلال غلط آهي. نماز کان غفلت هڪ اثر آهي، پر ممڪن آهي ته رسول اڪرم جي غفلت جو مؤثر استغراق هجي، جنهن جو قرينو ٻيون حديثون آهن ۽ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جو سبب موثر ننڊ هجي.

سوال: جيڪڏهن قلب جي غفلت نه مڃجي خدا سان شرڪت لازم اچي ٿي لاتاخذه سنة ولانوم-

جواب: قرآن مجيد مان ثابت آهي ته ملائڪن کي ننڊ نٿي اچي -(35) ۽ شيطان کي به ننڊ نه ٿي اچي. ڏسو احياءالعلوم جلد3 صفحه21،

سائين! اهي صفتون سلبيه آهن، ۽ سلبيه صفتن ۾ شرڪ ڪٿان؟ اکيون خود حادث آهن ۽ حادث مسبوق بالعدم کي خالقِ ڪُل سان ڇا نسبت؟

حديث ۾ استغراق جو ذڪر نه هجڻ جي ڪري رسول ڪريم جي ننڊ جو سبب غفلت نٿو قرار ڏيئي سگهجي، ڇوته حديث شريف ۾ ننڊ واري غفلت کي شيطان جي طرفان بيان ڪيو ويو آهي، ڇا رسول الله جي نماز جي غفلت جو سبب ننڊ ٿي سگهي ٿي؟ نيز ڪنهن امر جي نص ۾ مسڪوت عنه هجڻ سان انجي دعويٰ ڪرڻ نص جي مخالف نٿي ٿئي.

## مراقبن جي حقيقت

احديت جي مراقبي جو مفهوم ۽ حقيقت هيءَ آهي ته الله تعاليٰ جي ذات جي مقابلي ۾ سڄي دنيا بلڪل موجود نه آهي

پناه بلندی وپستی توئی، ہمہ نیستند آنچہ ہستی توئی

مراقبه معيت ۾ سوچي ته هر جڳه ذاتِ باري تعاليٰ حاضر وناظر آهي، صرف علم جي اعتبار سان نه بلڪه ذات جي اعتبار سان مون سان گڏ آهي، انجي هيبت پنهنجي دل تي طاري رکي.

مراقبه اقربيت ۾ ذات جي وجود جي قرب جو خيال رکي ته هو باعتبار ذات جي ويجهو ۽ باعتبار وجدان جي پري آهي.

## دوائر ثلاثه

انهن مراقبن ۾ هن جي مشق ڪرائي ويندي آهي ته غيرالله جي محبت دل مان ڪڍي ڇڏي، اها ذاتِ پاڪ محبت اختياري ۾ غير جي شرڪت پسند نٿي ڪري، ڇاڪاڻ ته اهو شرڪ في المحبت آهي- [36]

## سير ڪعبه

هن مراقبي ۾ اهو احتياط هجي ٿو ته سالڪ اهو خيال نه ڪري

ته انهن پٽرن جو مراقبو ڪريان پيو، ڪعبه جي حقيقت ڪجهه ٻي آهي.

والبيت عبارة من لطيفة ربانية في بعد موهوم مهبط التجليات الذاتية فمختصة به صورة الكعبة مع كونها من عالم الخلق امر مبطن لايدرکہ حس ولاخيال بل هو مع کونہ من المحسوسات ليس بمحسوس وکونہ في جهة ليس لہ جهة فتمثل ولامثل لہ هذا شان الكعبة وحقيقة الكعبة ۔[37]

بيت الله رباني لطيفي لاءِ (ڳالهايو ويندو آهي) عبارت آهي جو بعد موهوم آهي جو تجليات ذاتيه جي لهڻ جي جاءِ (مهبط) آهي جيڪي انهيءَ سان مختص آهن، پوءِ ڪعبه جي صورت باوجود ان جي ته عالم خلق مان آهي. باطن آهي جنهن کي حس ۽ خيال نٿا سمجهي سگهن، محسوسات مان آهي مگر محسوس ناهي ۽ جهت ۾ طرف ۾ آهي پر، ان لاءِ طرف ۽ جهت ناهي ۽ اهو متمثل آهي پر انجو مثال ناهي، اهو آهي شان ڪعبي جو ۽ اها آهي حقيقت بيت الله جي

جڏهن اهو مراقبو راسخ ٿي وڃي ٿو ته استعداد کانپوءِ سالڪ کي ملائڪن جي ڪعبه بيت العزة ۽ بيت المعمور جو مراقبو ڪرايو وڃي ٿو ۽ تجليات انوارالٰهي ڪعبه کان وٺي عرش تائين نظر اچڻ ٿيون.

سالڪ المجذوبي جون منزلون

انکانپوءِ مراقبه فناءوبقاء ڪرايو ويندو آهي، تنهن کانپوءِ سالڪ المجذوبي جون منزلون طئي ڪرايون وينديون آهن، خيال رهي ته سالڪ المجذوب ۽ مجذوب سالڪ ۾ وڏو فرق آهي. سالڪ المجذوب شريعت جو تابعدار هوندو آهي ۽ مجذوب سالڪ ظاهراً شريعت جو تابعدار نٿو هجي ۽ انجا قوي باطني سڙي ويل هجن ٿا، انجو مثال ائين آهي جئين ڪنهن انڌي کي، يا اکين واري کي اکين تي پٽي ٻڌي موٽر ۾ ويهاري پشاور کان لاهور وٺي وڃجي پوءِ ان کان رستي جا تفصيل يا نشان پڇيا وڃن ته اهو ڪجهه به ٻڌائي نه سگهندو، تنهن ڪري مجذوب سالڪ کان ڪنهن کي فيض نٿو ملي

سگهي. ڇو ته اهو رستي کان واقف ئي نٿو هجي، پر سالڪ المجذوب منزلون طئي ڪري وجي ٿو، انکي رستي جا تفصيل معلوم هجن ٿا، اهي منزلون گهٽيون اوچيون آهن مگر عوام جاهل ته هر چرئي ۽ پاڳل کي مجذوب ئي سمجهندا آهن، ۽ انکي ڪامل ۽ اڪمل ولي الله سمجهن ٿا. ان جو سبب اهو آهي ته ان کان ڪي عجيب ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون، حالانڪه اهڙيون ڳالهيون چرئي کان به ظاهر ٿي سگهن ٿيون، ڇو ته انکي يڪسوئي حاصل هوندي آهي. شرح اسباب ۾ آهي ته چرئي کي يڪسوئي حاصل ٿي ويندي آهي، اهڙي ماڻهو جي متعلق احتياط لازم آهي، نه ان کي برو چيو وڃي، نه ولي الله سمجهيو وڃي، قران ڪريم اصول ٻڌايو آهي. وَ لَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ. (بني اسرائيل ـ ٣٦) تنهن ڪري مجذوب جهڙي ماڻهو جي باري ۾ توقف ڪرڻ قرآن مطابق هوندو. جيڪڏهن عارفين مان ڪو صاحبِ نظر ٻڌائي ته اهو بدڪار آهي ته مردود سمجهيو وڃي، ان کي ڪامل و اڪمل سمجهي شريعت جي توهين نه ڪئي وڃي.

ان کان اڳتي سلوڪ جون منزلون ماوراءالورا آهن، توڙي ٻين سلسلن ۾ سالڪ المجذوب منتهي (آخرين) هجي ٿو پر اسانجي سلسلي نقشبنديه اويسيه ۾ سالڪ المجذوب مبتدي (اولين) هجي ٿو. ولايت صغريٰ يعنيٰ ولايت اولياء جي انتها مقام تسليم آهي، ان کان اڳتي ولايت انبياء 8 شروع ٿئي ٿي جنهن کي ولايت ڪبريٰ چون ٿا. اسان ولايت جي منزلن جو تفصيل بيان ڪري ڇڏيون ها ۽ هر ڪنهن مقام جي نشاندهي به ڪري ڇڏيون ها، مگر هڪ قابل هستيءَ ائين نه ڪرڻ جو مشورو ڏنو، اها ڳالهه دل ۾ ويهي رهي ته ان لکڻيءَ مان فائدو وٺي ڪو ڪوڙو مدعي ولايت جي مقامات جا نالا ٻڌائي ۽ پنهنجي ولايت جو سڪو ڄمائي الله تعاليٰ جي ٻانهن کي گمراه ڪندو رهندو، ها! ايترو اشارو ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا ته جيڪڏهن الله تعاليٰ کي منظور هوندو ته ولايت اولياء جون منزلون انتها تائين طئي ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪرائي سگهجن ٿيون، پر جيئن ته ان جي انتها عالم امر ۽ عالم حيرت ۾ وڃي ٿئي ٿي، انڪري مدت درڪار آهي ۽ ولايت انبياء 8 جي انتها نه ڪنهن ولي کي ٻڌائي ويئي آهي، نه معلوم ٿي سگهي ٿي.

ولايت اولياء جون منزلون طئي ڪرڻ لاءِ چند شرط

انهن منزلن ۽ مقامات کي طئي ڪرڻ لاءِ پنج شرط آهن:

1. شيخ ڪامل واڪمل ۽ تصرف جو صاحب هجي جيڪو توجه ڏيئي سالڪ کي ان راهه تي هلائيندو وڃي مگر ان لاءِ گهڻي عرصي تائين شيخ جي صحبت لازمي آهي، ڪڏهن ڪڏهن جي توجه ۽ شيخ جي صحبت سان ته ولايت صغريٰ جون منزلون طئي ٿيڻ کان رهجي ويندو.
2. ڪنهن ڪامل جي روح سان رابطو ٿي وڃي، پر هي مبتدي نئين سيکڙات جو ڪم نه آهي، البت ڪجهه منزلون طئي ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ائين ٿي سگهي ٿو، ان جي صورت هيءَ هوندي آهي ته ڪامل جي مزار تي وڃي ان جي روح سان رابطو قائم ڪري فيض حاصل ڪري، ان لاءِ لڳاتارڪافي عرصي تائين محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي جيئن جيئري شيخ جي صورت ۾ مسلسل توجه وٺڻ جي ضرورت هوندي آهي.
3. قبر تي وڃڻ بدران روحاني طور تي رابطو قائم ڪري فيض حاصل ڪري.

نوٽ: فيض مان مراد اها روحاني تربيت آهي جيڪا الله وارن کان حاصل ڪئي ويندي آهي، جاهلن وارو فيض نه آهي جو قبرن جو طواف ڪندا رهن، قبرن تي سجدا ڪندا رهن، يا غائبانه پڪاريندا رهن ۽ انهن کي حاجت روا ۽ مشڪل ڪشا سمجهندا رهن.

4. شيخ زبردست جذبي جو مالڪ هجي مقناطيسي طاقت رکندو هجي، ان جي انوار ۾ ايتري طاقت هجي ته سالڪ جي روح کي پنهنجي انوار جي ذريعي چڪي وٺي وڃي ۽ غيبي توجهه سان روحاني طور تي سالڪ جي تربيت ڪري سگهي.
5. سالڪ ۽ الله تعاليٰ جي ذات جي وچ ۾ تعلق پيدا ٿي وڃي جنهن سان سالڪ کي اهڙي طرح فيض ملي جيئن انبياء 8 کي سنئون سڌو فيض ملندو آهي، فرق ايترو آهي ته انبياء 8 ۽ الله تعاليٰ جي درميان ڪو واسطو نه هوندو آهي پر ولي الله ۽ الله

تعاليٰ جي وچ ۾ اتباع نبوي□ جو واسطو هوندو. يعني ان کي اهو فيض نبي ڪريم□ جي واسطي سان ملندو، ۽ حضور□ جي جُتين مبارڪن جي صدقي فيض حاصل ڪندو.

آخري ٻن شعبن ۾ جن الله وارن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ان قسم جا ماڻهو صدين ڪانپوءِ پيدا ٿيندا آهن، جهڙي طرح انبياء 8 ته ايندا رهيا، پر اولوالعزم رسول قليل بلڪه اقل هئا. اهڙي طرح اهڙا ماڻهو به تمام گهٽ هوندا آهن، اهڙا ماڻهو غوث، قيوم، فرد يا قطبِ وحدت هوندا آهن، انهن جي بلند منصبن جي ڪري سندن توجه ۽ فيض پهچائڻ ۾ وڏو فرق آهي، ’قيوم‘ جي هڪڙي توجه ’غوث‘ جي سئوّ توجهن جي برابر هوندي آهي، ۽ اهڙي طرح سان سلسلو اڳتي هلندو آهي، قيوم، فرد ۽ قطبِ وحدت اصل ۾ اولوالعزم رسولن جا منصب آهن، انهن ٽنهيءَ جو شان اولياءالله ۾ ايئن هوندو آهي جيئن انبياءِڪرام 8 ۾ حضور□، حضرت ابراهيم ؑ ۽ حضرت موسيٰ ؑ جو آهي.

انهن انتهائي سلوڪ جي بلند منزلن ۾ سڀ کان اوچو درجو صديقيت آهي، انهن جي ترتيب هن طرح آهي غوث، قيوم، فرد، قطبِ وحدت ۽ صديق، انهن منصبن تي صحابه ڪرام ته ڪافي تعداد ۾ هئا، پر بعد ۾ بلڪل ئي ٿورڙن ماڻهن کي اهي منصب عطا ٿيا، پر خيال رهي ته انهن منصبن ۾ بظاهر برابري ڪانپوءِ به صحابه ڪرام رضي الله عنهم سان برابر ڪو به نٿو ٿي سگهي، صحابه جي فضيلت نص (قرآن وحديث) سان ثابت آهي.

قطب وحدت ۾ ٽي امتيازي خاصيتون هجن ٿيون:

جيڪڏهن ڪو ماڻهو رات ڏينهن لڳاتار ان جي صحبت ۾ رهي ته سيکارڻ بغير ان جا لطيفا روشن ٿي وڃن ٿا، بلڪه سلوڪ جون منزلون به شروع ٿي وڃن ٿيون.

ان جو ڪو تربيت يافته ان جي اجازت ڪانسواءِ به ڪنهن کي جيڪڏهن لطيفا ڪرائڻ شروع ڪري ته ٻئي ماڻهو جا لطيفا روشن ٿي وڃن ٿا، بلڪه صرف لطيفن وارو شاگرد به ڪنهن جي تربيت شروع ڪري، ته انکي ضرور فائدو پهچي ٿو.

اهو پنهنجي شاگردن کي غيبي توجه سان فيض ڏئي ٿو، ۽ منزلون بدستور طئي ٿينديون رهن ٿيون، پر مبتدي شاگرد لاءِ اهو حڪم نه آهي.

صديق ۽ نبي ۾ ايترو ويجهو تعلق آهي ته جتي صديقيت ختم ٿئي ٿي اتان کان نبوت شروع ٿئي ٿي.

كما قال الله تعاليٰ وَ مَنۡ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ الرَّسُوۡلَ فَاُولٰٓئِکَ مَعَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمَ اللّٰهُ عَلَيۡہِمۡ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَ الصِّدِّيۡقِيۡنَ (النساءِ- ٦٩)

۽ جيڪو شخص الله ۽ رسول جو چوڻ مڃي وٺندو ته اهڙا شخص به انهن ماڻهن سان گڏ هوندا، جن تي الله تعاليٰ انعام فرمايو يعني انبياء 8 ۽ صديقين

وَ اذۡكُرۡ فِى الۡكِتٰبِ اِبۡرٰهِيۡمَ ؕ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيۡقًا نَّبِيًّا (مريم- ٤٢)

۽ هن ڪتاب ۾ ابراهيم ؑ جو ذڪر ڪر، هو صديق ۽ نبي هو. صديقيت کان مٿي ولايت جو ڪو به درجو نه آهي، ان ڪانپوءِ نبوت جون منزلون شروع ٿين ٿيون، جن ۾ ڪنهن ولي جو عارضي طور تي داخل ٿيڻ ته ممڪن آهي، جيئن ڪو معمولي خادم بادشاهه جي حڪم سان شاهي محل ۾ ڪنهن خدمت لاءِ هليو وڃي يا جيئن جنت ۾ انبياء عليهم الصلواة والسلام سان گڏ غير انبياء ويندا، جيئن حضور اڪرم سان گڏ جنت ۾ ازواج مطهرات جو وڃڻ آهي. پر مستقل مقام ۽ هميشه لاءِ انهن منزلن ۾ وڃڻ ڪنهن وليءَ لاءِ ممڪن نه آهي.

انهن منزلن جو تفصيل هيءُ آهي:

دائره قرب نبوت، قرب رسالت، قرب اوالولعزمي، قرب محمدي، وصال محمدي، قرب الٰهي، رضاءِ الٰهي، قرب رحمت، بحر رحمت، خزانه رحمت، منبع رحمت ۽ حجابات الوهيت، انهن حجابن کي طئي ڪرڻ لاءِ نوح ؑ جي عمر به ناڪافي آهي، حجابن ڪانپوءِ به گهڻو ڪري پيون سلوڪ جون منزلون هونديون پر اڃا تائين خبر نه پئي آهي. ٿي سگهي ٿو ته هن گناهگار تي الله تعاليٰ پنهنجو خاص فضل فرمائي اڳيون منزلون به طئي ڪرائي، اهو قادر ڪريم آهي ان جي رحمت مان ڪا به ڳالهه بعيد نه آهي.

انهن منزلن کي طئي ڪرائڻ جا ٽي طريقا آهن:

اول: هي ته عارف جي تربيت آنحضرت جن جو روح پرفتوح خود فرمائي.

دوم: هي ته اتباع نبوي جي واسطي سان سنئون سڌو الله تعاليٰ جي ذات بابرڪات کان فيض ملي.

سوم: هي ته جنهن کي رسول الله يا فيض ربي سان تربيت ملي رهي هجي انجي تربيت ۾ رهي ڪامل بڻجي انجي ”غيبي توجه“ سان فيض حاصل ڪري، مگر مستقل مقام ۽ مستقر جي طور تي انهن منزلن ۾ وڃڻ ڪنهن وليءَ لاءِ ممڪن ڪونهي.

كلامنا اشارات وبشارات واسرار وكنوز ورموز لا نصيب للا اكثر فيها الا ان يومنوا بها بحسن الظن فينتج ايمانهم ثمرات تضع لهم ولا يومن بها الامن آمن بقدرة القادر وبحكمة الحكيم

اسان جون ڳالهيون حقيقت ۾ انهن اشارا آهن، بشارتون آهن، ۽ اسرار آهن، انهن مان فائدو صرف اهو ئي وٺي سگهي ٿو جيڪو حسن ظن سان انهن تي يقين رکي صرف انهيءَ صورت ۾ ان جو يقين نتيجه وارو ٿي سگهي ٿو ۽ ان تي يقين اهو ئي رکي سگهي ٿو جنهن جو الله تعاليٰ جي قدرت ۽ ان جي حڪمت تي ايمان هجي.

باب نائون

## انبياء عليهم السلام جي ولايت

انساني نسل جي وجود جو سبب ۽ زمين جي آباديءَ جو ڪارڻ حضرت آدمؑ جو وجود مسعود آهي ۽ محبت ۽ محبوبيت جو سبب به سندن وجود آهي

ڪما قال تعاليٰ اِنِّىۡ جَاعِلٌ فِى الۡاَرۡضِ خَلِيۡفَةً ؕ (البقره- ٣٠)

انهيءَ ڪري رب العالمين محبت جي دائره جو صدر نشين به

ڪين ئي بڻايو. ولايت انبياء 8 جا ڪئين دائرا پيا به آهن، ولايت عيسوي ؑ، ولايت موسوي ؑ ۽ ولايت محمدي جا دائرا، ان کان علاوه مقام تڪلمي ۽ دائره ولايت ابراهيمي ؑ به آهن.

حضرت ابراهيم ؑ کي طرح طرح جي آزمائشن ۾وڌو ويو، پاڻ هر امتحان ۾ پورا لٿا، ان ڪري رب العالمين کين پنهنجو خليل بڻايو، ان جي ولايت جي دائري جو نالو مقامِ خلھ آهي، جهڙي طرح بادشاه جا مقربين خاص هوندا هجن ٿا. جن سان رازونياز جون ڳالهيون ڪيون ويندون آهن، خفيه اسرار ٻڌايا ويندا آهن، اهو ڪليم الله آهي جنهن سان رازونياز جون ڳالهيون ٿيون، ان جي ولايت جي دائري جو نالو محبيت آهي، پوءِ راس ورئيس المحبوبين حضرت محمد آهن، سندن ولايت جي دائري جو نالو دائره محبوبيت ۽ دائره حب صرفه آهي، حب صرفه کانپوءِ مقام رضا آهي، جنهن جي متعلق امام رباني مجدد الف ثاني فرمائين ٿا:

انہ ينبغي مجاوزتها والوصل الي مقام الرضاءالذي هو نهاية مقامات السلوڪ والجذبة وهو عزيز جدا لا يصل اليه الاواحد من الوف ( روح المعاني 2:16)

شان هي آهي ته ڪشف وڪرامت کان اڳتي قدم رکيو وڃي ۽ رضا جو مقام حاصل ڪيو وڃي جيڪو سلوڪ جي مقامات وجذبه جي انتها آهي ۽ انجو حاصل ڪرڻ گهڻو ئي مشڪل آهي، هزارين اوليائن مان ڪو هڪ ان مقام تائين پهچي ٿو

ڪن صوفين سڳورن جو خيال آهي، جيئن امام رباني جي قول مان معلوم ٿئي ٿو ته ولايت انبياء 8 رضا جي مقام تي منتهي (ختم) ٿئي ٿي، مگر رضا جي مقام کان اڳتي ڪمالات نبوت جو دائرو، پوءِ ڪمالات رسالت جو دائروۓ ڪمالات اولوالعزمي جو دائرو آهي. ۽ ان تي سڀني محققين جو اتفاق آهي ته اهي دائرا رضا جي مقام کانپوءِ اچن ٿا، پوءِ مقام رضا کي انتها چو سڏيو ويندو انهن سڀني دائرن جي مراقبن ۾ اصل مقصود ذات باري تعاليٰ جومراقبه آهي ۽ انجي ذات جي فيض جو انتظار آهي، پس ڪمالات نبوت ورسالت ۽ ڪمالات اولوالعزمي جي منشاء اهائي ذات آهي، مگر حيثيت بدلجي ٿي ۽ باعتبار حيثيت جي اهي مراقبا ۽ انهن جون

ڪيفيتون بدلجن ٿيون، مثلاً ان حيثيت سان ته اها ذات جميع قربات يعني مسجوديت وغيره جي منشا آهي ته، اهو دائرو حقيقت صلوٰة جو آهي ۽ ان حيثيت سان ته اها ذات سڀني نقصن، سڀني احتياجن ۽ سڀني رذائل کان مبرا ۽ پاڪ آهي ته، اهو دائرو حقيقت صوم جو آهي ۽ ان حيثيت سان ته اهو جميع خلائق (سموري مخلوق) جو مسجود ومعبود آهي ته انکي دائره حقيقت ڪعبه چوندا آهن ۽ ان حيثيت سان ته اها ذات منشاء آهي ڪتب سماوي جي ۽ ذات واسع بي ڪيف و بي جهت آهي ته ان کي دائره حقيقت قرآن چوندا آهن. قرآن مجيد ذات واسع بي ڪيف جو مظهر آهي، حقيقت صوم کان علاوه باقي ٽيئي دائرا حقيقت الٰهيه آهن انکي ’سيرالي حقائق الله‘ چيو وڃي ٿو، اهي سڀئي دائرا مقام رضا کان اڳتي آهن، انکانپوءِ دائره قيوميت، انکانپوءِ دائره افراديت، پوءِ دائره قطب وحدت ۽ انکانپوءِ دائره صديقيت آهي، جيڪو سلوڪ جي انتها آهي. مقام احديت کان وٺي دائره اولوالعزمي تائين سلوڪ جو اڌ آهي ۽ اڌ انکانپوءِ آهي، جڏهن اهو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ته فلاڻي ولي الله يا فلاڻي خليفي صاحب پورو سلوڪ طئي ڪري ڇڏيو آهي ته حيرت ٿيندي آهي، ڪنهن عارف فنابقا تائين منزلون طئي ڪري ورتيون ته اها به وڏي ڳالهه آهي.

ذٰلِكَ فَضۡلُ اللّٰهِ يُؤۡتِيۡهِ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ( الجمعه ٤)

جيتوڻيڪ فنا بقا سلوڪ جي بلڪل ابتدا آهي، ۽ اولياءَالله جا سڀ ڪمال ولايت نبوت جي مقابلي ۾ مثل مشڪ يا ٻوڪي جي آلاڻ جي آهن، جيئن مشڪ يا ڪلي پاڻي سان پريل هجي ۽ انجي ٻاهرين سطح تي آلاڻ ظاهر ٿي رهي هجي. پوءِ اهي ڪمالات جيڪي بمنزله رطوبت جي آهن صرف تقويٰ جي مدرسي ۾ متقي استاد کان حاصل ڪري سگهجن ٿا سڀئي ظاهري علوم دنيا جي محبت سان گڏ جمع ٿي سگهن ٿا، مگر علوم صوفياء ۽ دنيا جي محبت جو هڪ هنڌ جمع ٿيڻ اجتماع نقيضين جو حڪم رکي ٿو.

ان العلوم کلها لايعد تحصيلها مع محبة الدنيا والاخلال بحقائق التقوي وربما کانت محبة الدنيا عونا علي اکتسابها وعلوم هولاء القوم يعني الصوفية لاتحصل بمحبة الدنيا ولاتنکشف الا بجانب الهوي ولاتدرس

الا في مدرسة التقوي قال الله تعالي واتقو الله يعلمكم ـ[38]

سڀئي محبت جا علم دنيا سان گڏ حاصل ٿي سگهن ٿا بلڪه گهٽو ڪري دنيا جي محبت انهن جي حصول ۾ معاون ٿئي ٿي، سواءِ علومِ صوفياء جي، اهي علم دنيا جي محبت سان گڏ حاصل نٿا ٿي سگهن. انهن جو حصول نفس جي خواهش کي پري ڪري ڇڏڻ تي موقوف آهي، ۽ انهن صوفين جي علم جي تعليم تقويٰ جي مدرسي ۾ ڏني ويندي آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته تقويٰ اختيار ڪريو، اهو توکي علم عطا ڪندو

حقيقت هيءَ آهي ته اسلامي تصوف وسلوڪ صرف شجره پڙهڻ، ٽوپي پائڻ، خرقه پائڻ، وڏي تسبيح هٿ ۾ رکڻ، عرس ملهائڻ، قوالي ٻڌڻ، وجد وتواجد ۽ نچڻ ڪڏڻ سان حاصل نٿو ٿئي، پر انجي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيا شرط آهن، جن مان بنيادي شرط شريعت جي تابعداري آهي، جنهن جي بنيادي تقاضا اها آهي ته توحيد جو عقيدو دل ۾ راسخ هجي ۽ اتباع سنت نبوي اهڙي ڪامل درجي جي هجي جو ان ۾ بدعت جو بلڪل دخل نه هجي، شرڪ وبدعت جي هوا به فيض کان مانع آهي پوءِ شيخ ڪامل سان تعلق ۽ ان سان دلي عقيدت ضروري آهي، انجي مخالفت فيض کان مانع آهي، ان تي حضرت موسيٰ ؑ ۽ حضرت خضر ؑ جو قصو شاهد آهي، پوءِ پوري خلوص سان ذڪر الٰهي جي ڪثرت ۽ مجاهده ورياضت. انهن شرطن ساڻ سلوڪ جون منزلون ڏهن ويهن سالن ۾ طئي ٿي سگهن ٿيون بشرطيڪه الله تعاليٰ کي منظور هجي. تصوف تعلق مع الله ۽ اخذ حقائق جو نالو آهي ۽ انجو حاصل ٿيڻ اهڙي اخلاص مع الله تي منحصر آهي، جنهن ۾ مخلوق کان ڪنهن قسم جي اميد جي ملاوٽ نه هجي.

ولايت عليا جيڪا ولايت انبياء 8 جي آهي، انهن ماڻهن کي ملي ٿي، جن کي انبياء 8 سان ظاهري وباطني مناسبت هجي، ظاهري مناسبت اها آهي ته شريعت جي پوري تابعداري هجي. ظاهري حڪمن جي بجا آوري ۾ هرگز سستي نه هجي. سنت جي تابعداري ۾ قدم مظبوط هجي. شريعت کان بي پرواهي ۽ تصوف وسلوڪ جو پاڻ ۾ ڪو تعلق نه آهي. باطني مناسبت اها آهي ته

جيئن انبياء 8 جون دليون منور آهن ۽ ملائڪن جا وجود منور آهن، تيئن عارف جو باطن به منور هجي، دل ۾ صغيرن ۽ ڪبيرن گناهن کي ڪڏهن به جاءِ نه ڏئي، ولي الله معصوم نٿو هجي. عصمت ته انبياء 8 جو خاصو آهي، پر الله تعاليٰ کي منظور هجي ته ولي به محفوظ ٿي سگهي ٿو، اهو ضروري نه آهي ته ڪاروبار ترڪ ڪري ڇڏي بلڪه:

ڪن ظاهرا جسمانيا وفي الباطن روحانيا قال تعاليٰ رِجَالٌ لا لَّا تُلۡهِيۡهِمۡ تِجَارَةٌ وَّ لَا بَيۡعٌ عَنۡ ذِكۡرِ اللّٰهِ ( النور ـ ٣٧)

چڻ الله تعاليٰ جي ٻانهن کي واپار ۽ ڏيتي ليتي الله تعاليٰ جي ذڪر کان غافل نٿي ڪري

تنهنڪري ذڪر الٰهي لاءِ دنيا کي ڇڏڻ ضروري نه آهي، ها هي ضروري آهي ته غير الله جي محبت دل ۾ نه گهرڪري ويهي.

اسان مقصد ۽ مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ذريعي جي نشاندهي ڪري ڇڏي آهي، صرف ڪتابن ۽ تصوف جي رسالن سان تذڪيه باطن نٿو ٿي سگهي، ان دولت جو ملڻ شيخ ڪامل جي صحبت ۽ القاء وانعڪاس جي بغير محال آهي. تصوف جي رسالن ۽ تصوف جي ڪتابن جي اشاعت جو رحجان واقعي وڌي ويو آهي، پر انهن ادارن مان صرف لفظ ملن ٿا، معنيٰ ناپيد آهي

کورس تو لفظ ہی سکھاتے ہیں
آدمی بناتے ہیں
جستجو ہم کو آدمی کی ہے وہ
کتابیں عبث منگاتی ہیں

( اڪبراله آبادي)

***

باب ڏهون

# اولياءالله جا منصب

صوفين جون اصطلاحون حديثن مان ورتل آهن

اولياءَالله جي مختلف منصبن بابت عام ذهنن ۾ جيڪي غلط فهميون ٿين ٿيون، جن جي خلاف ”بدعت“ جو نالو وٺي نفرت پکيڙي وڃي ٿي، انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ حديث جي ذخيري مان ڪجهه ثبوت پيش ڪجن ٿا، ۽ٔي باب ۾ انهن منصبن تي تفصيلي بحث ٿيندو.

**1.** ذكر ابو نعيم في الحلية خيار امتي كل قرن خمسمائة والابدال اربعون فلا خمسمائة ينقصون ولاالابدال كلما مات رجل ابدل الله مكانه من الخمسماة وادخله في اربعين مكانه

ابو نعيم حليه ۾ ذڪر ڪيو آهي ته حضور فرمايو ته منهنجي امت ۾ هرزماني ۾ پنج سئو خيار هوندا ۽ چاليهه ابدال، انهن ٻنهي ۾ گهٽتائي نه ٿيندي، انهن مان جيڪو فوت ٿيندوته، انهن پنجن سون مان الله تعاليٰ ان جي جڳهه تي ٻئي شخص کي انهن چالهين ۾ داخل ڪري ڇڏيندو.

2. ومنها حديث احمد ـ الابدال في هذه الامة ثلاثون رجلا قلوبهم علي قلب ابراهيم خليل الرحمن كلما مات منهم رجل ابدل الله مكانه رجلا

امام احمد جي حديث. هن امت ۾ ابدال ٽيهه هوندا جن جون دليون حضرت ابراهيم خليل الله جي دل تي هونديون، انهن مان جيڪو فوت ٿيندو الله تعاليٰ انجي جڳهه تي ٻيو بدلائي وٺندو.

3. ومنها حديث الطبراني ـ ان الابدال في امتي ثلاثون بهم تقوم الارض وبهم يمطرون وبهم ينصرون

حديث طبراني. منهنجي امت ۾ ٽيهه ابدال هوندا، انهن جي سبب سان زمين قائم رهندي. انهن جي ڪري برسات وسائي ويندي ۽

انهن جي ڪري مدد ڏني ويندي.

4. ومنها حديث ابن عساكر - ان الابدال بالشام يكونون وهم اربعون رجلا بهم تسقون الغيث وبهم تنصرون علي اعدائكم يصرف بهم عن اهل الارض البلاء والغراق

ابدال شام ۾ هوندا آهن ۽ چاليهه مرد آهن، انهن جي ڪري توهانکي برسات ڏني وڃي ٿي ۽ انهن جي ڪري دشمنن تي فتح ڏني ويندي آهي ۽ انهن جي ڪري زمين وارن تان تڪليفون ۽ مصيبتون دور ڪيون وينديون آهن.

5. منها حديث طبرآني - ان الابدال في اهل الشام بهم تنصرون وبهم ترزقون

ابدال شام وارن ۾ هوندا، انهن جي ڪري توهانکي مدد ڏني ويندي ۽ توهانکي رزق ڏنو ويندو.

6. ومنها حديث احمد - الابدال بالشام وهم اربعون رجلا كلما مات رجل ابدل الله مكانہ رجلا تسقون بهم الغيث وتنصرون بهم علي الاعداء ويصرف عن اهل الشام بهم العذاب.

ابدال شام ۾ آهن، ۽ اهي چاليهه مرد آهن، جيڪو انهن مان فوت ٿي وڃي ٿو، ته الله تعاليٰ ان جي جاءِ تي ٻيو بدلائي ڇڏي ٿو، انهن جي ڪري توهانکي برسات ڏني وڃي ٿي ۽ دشمنن جي مقابلي ۾ امداد ڏني وڃي ٿي. ۽ شام وارن تان انهن جي ڪري عذاب هٽايو وڃي ٿو.

7. ومنهٍا حديث الخلال الذي رواه في كرامات الاولياء ورواه ديلمي ايضا - الابدال اربعون رجلا وامراة كلمامات رجل ابدل الله مكانہ رجلا وكلماماتت امراة ابدل الله مكانها امراة

خلال جي حديث جيڪا ان ڪرامات اولياء ۾ بيان ڪئي آهي، ۽ ديلميءَ مسند فرد وس ۾ ذڪر ڪئي آهي. ابدال چاليهه مرد ۽ عورتون آهن، جڏهن انهن مان ڪو مرد مري وڃي ٿو، الله ان جي جاءِ تي ٻيو مرد بدلائي ڇڏي ٿو ۽ جڏهن عورت مري وڃي ٿي، ته ان جي جاءِ تي ٻي عورت بدلائي ڇڏي ٿو.

8. ومنها حديث الحاكم عن عطاء مرسلا الابدال من الموالي

حاڪم جي حديث. ابدال موالي (سردار، ٻانها آزاد ڪندڙن)

مان آهن

9. ومنها حديث ابن ابي الدنيا مرسلا - علامةابدال امتي انهم لايلعنون شيئا

ابن ابي الدنيا جي حديث منهنجي امت جي ابدالن جي نشاني اها آهي ته اهي ڪنهن شئي تي لعن طعن نه ڪندا آهن.

10. ومنها حديث ابن حبان - لا تخلو الارض من ثلاثين و ثمانين مثل ابراهيم خليل الله - بهم تغاثون وبهم ترزقون وبهم تمطرون

ابن حبان جي حديث ۾ اسي مردن کان زمين خالي نه رهندي جيڪي مثل ابراهيم خليل الله جي هوندا، جن جي ڪري توهانجي فرياد رسي ٿيندي، انهن جي ڪري توهانکي رزق ڏنو ويندو، ۽ برسات وسائي ويندي.

11. ومنها خبر البيهقي - ان ابدال امتي لم يدخلواالجنة باعمالهم ولكن دخلوها برحمة الله وسخاوة الانفس وسلامة الصدور الخ

بيهقي جي حديث: منهجي امت جا ابدال پنهنجي عملن جي ڪري جنت ۾ داخل نه ٿيندا. بلڪه الله جي رحمت سان نفسن جي سخاوت سان ۽ سينن جي سلامتي سان داخل ٿيندا.

12. ومنها خبر ابن عدي في كامله - البدلاء اربعون واثنان وعشرون بالشام وثمانية عشر بالعراق كلما مات منهم احد ابدل الله مكانه اخر - فاذا جاء الامر قبضوا كلهم فعند ذلک تقوم الساعة

ابن عدي جي حديث: ابدال چاليهه آهن، ٻاويهه شام ۾ هجن ٿا ۽ ارڙهن عراق ۾. انهن مان جيڪو فوت ٿيندو آهي، الله تعاليٰ ان جي جڳه تي ٻيو بدلائي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن الله جو حڪم اچي ويندو سڀ فوت ٿي ويندا، ان وقت قيامت اچي ويندي

13. ومنها حديث الطبراني في الاوسط - لن تخلو الارض من اربعين رجلا مثل خليل الرحمان بهم تسقون وبهم تنصرون مامات منهم احد الاابدل الله مكانه

حديث طبراني. چاليهه مرد جيڪي مثل خليل الله جي آهن، انهن کان زمين ڪڏهن به خالي نه ٿيندي، انهن جي ڪري توهانکي برسات ڏني ويندي ۽ توهانکي مدد ڏني ويندي، جڏهن انهن مان ڪو فوت ٿيندو الله تعاليٰ ان جي جڳه تي ٻيو بدلائي ڇڏيندو.

14. ومنها حديث ابونعيم في الحليہ - لايزال اربعون رجلا من امتي قلوبهم علي قلب ابراهيم يدفع بهم من اهل الارض يقال لهم الابدال ومما جاء في القطب كما قال بعض المحدثين خبر ابو نعيم في الحلية انہ وردت احاديث تؤيد كثيرا مما فيہ مما جاء في جميع ماذكر وغيرهم حديث الترمذي الحكيم وابي نعيم في كل قرن من امتي سابقون وحديث ابي نعيم في كل قرن من امتي سابقون وحديث ابي نعيم لكل قرن من امتي سابقون -[39]

حديث ابي نعيم. منهنجي امت ۾ چاليهہ مرد هميشه اهڙا رهندا جن جون دليون، ابراهيم ؑ جي دل وانگر هونديون، انهن جي ڪري زمين وارن تان تڪليفون هٽايون وينديون. انهن کي ابدال سڏيو وڃي ٿو.

۽ قطب جي متعلق جيڪو بيان ٿيو. جيئن ڪن محدثين لکيو آهي. ابو نعيم حليه ۾ بيان ڪيو آهي ته گهڻيون ئي حديثون ان جي تائيد ۾ ذڪر ٿي چڪيون آهن جن جو ذڪر ٿي چڪو آهي، ۽ اهي به جيڪي مذڪور نه آهن. مثلاً حديث حڪيم ترمذي ۽ ابو نعيم، ته هر زماني ۾ منهنجي امت ۾ سابقون هوندا ۽ هر زماني لاءِ سابقون هوندا.

تنبيهه:

مٿين حديثن جي راوين تي جرح ڪئي ويئي آهي. ان سلسلي ۾ علامه سيوطي جي تحقيق پڙهو:

فقد ورد ذكر الابدال ايضا من حديث علي اخرجہ احمد في مسنده وسنده حسن ولہ عن طرق متعددة ومن حديث عبادة بن الصامت اخرجہ احمد وسنده حسن ومن حديث عون بن مالک اخرجہ الطبراني ومن حديث معاذ بن جبل اخرجہ ابو عبدالرحمن السلمي في كتاب سنن الصوفية ومن حديث ابي الدرداء اخرجہ الحكيم الترمذي في نوادرالاصول ومن حديث ابي هريرة اخرجہ ابن حبان في الضعفاء والخلال في كرامات الاولياء ومن حديث ابي سعيد الخدري اخرجہ البيهقي في شعب الايمان ومن حديث ام سلمة اخرجہ احمد

وابن ابي شيبة وابودائوِّد في سننہ والحاكم والبيهقي و من مرسل الحسن اخرجہ ابن ابي الدنيا في كتاب السخاء والحكيم الترمذي والبيهقي في شعب- و من مرسل عطاءِ اخرجہ ابودائود ومن مرسل بكر بن خنيس اخرجہ ابن ابي الدنيا في كتاب الاولياء- وورد عن عمر ابن الخطاب موقوفا اخرجہ الحكيم الترمذي في نوادرالاصول وعن ابن عباس موقوفا اخرجه احمد في الزهد وقد جمعت الاحاديث كلها في تاليف مستقل فاغني عن سوقها ههنا ـ [40]

علامه سيوطي تقريباً ويهن ڪتابن ۾ راوين کان ابدال جون حديثون نقل ڪيون آهن ۽ سڀني کي صحيح ۽ حسن فرمايو آهي، سڀني حديث جي طريقن کي جمع ڪرڻ تي قدر مشترڪ يعني ابدال جو وجود يقيناً مڃڻو پوندو. جنهن مستقل ڪتاب جو حوالو علامه موصوف ڏنو آهي، انجو نالو ”الخبرالدال من وجود القطب والنجباء والابدال“ آهي جيڪو اسانجي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

***

باب يارهون

## اولياءَالله جي منصبن تي تفصيلي بحث

ابدال، قطب، غوث، قيوم وغيره اولياءَالله جون خاص اصطلاحون آهن، انهن جي باري ۾ برزگان دين ۽ صوفياءِ ڪرام جو هي عقيدو هرگز ناهي ته اهي ڪي مافوق الفطرت متصرف، خود مختار، نفعو نقصان ڏيندڙ، غيب ڄاڻندڙ، حاضروناظر يا مخلوق جي سجدي ڪرڻ جي لائق هستيون آهن، جنکي غائبانه فرياد رسي لاءِ پڪارڻ جائز هجي. ڪن بدعتين انهن جو غلط مطلب ورتو آهي، پاڻ گمراهه ٿيا ۽ ٻين کي گمراهه ڪيائون. ٻئي طرف ڪن غالي ماڻهن وري لفظ غوث تي خومخواه اعتراض ڪيا آهن، اهي ٻئي ٽولا افراط وتفريط جو شڪار ٿيا.

غوث ۽ قيوم جون اصطلاحون سڀني نظامي ڪتابن ۾ موجود آهن ۽ وڏن وڏن موحدن پنهنجي لکڻين ۾ اهي اصطلاحون استعمال ڪيون آهن. مولانا حسين علي صاحب جن فوائد عثمانيه ۾ ڪئين جاين تي لفظ غوث استعمال ڪيو آهي. اهڙي طرح شاهه ولي الله، شاهه اسماعيل شهيد، امام رباني مجدد الف ثاني رحمهم الله ۽ قاضي ثناءُالله پاني پتي پنهنجي ڪتاب تفسير مظهري ۾ اهو لفظ استعمال ڪيو آهي.

### غوث ۽ قطب

صوفياء جي ڪن اصطلاحن جو بنياد ته خود قرآن وحديث ۾ موجود آهي، جيئن ابرار، اخيار ۽ نقباء وغيره. علامه سيوطي انهن اصطلاحن تي هڪ مستقل ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو ذڪر اسان گذريل باب ۾ ڪري آيا آهيون ان ۾ غوث ۽ قطب تي بحث ڪندي فرمائين ٿا:

عن ابن مسعود قال قال رسول الله ان ﷲ عزوجل في الخلق ثلاثماة قلوبهم علي قلب آدم ؑ وﷲ في الخلق اربعون قلوبهم علي قلب موسيٰ ؑ وﷲ في الخلق سبعة قلوبهم علي قلب ابراهيم ؑ وﷲ في الخلق خمسة قلوبهم علي قلب جبرائيل ؑ. وﷲ في الخلق ثلاثة قلوبهم علي قلب ميڪائيل ؑ وﷲ في الخلق واحد قلبہ علي قلب اسرافيل ؑ ـ[41]

ابن مسعود کان روايت آهي ته رسول ڪريم فرمايو ته خدا جا ٽي سو ۾انها مخلوق ۾ آهن جن جون دليون حضرت آدم ؑ جي دل وانگر آهن. چاليھ اهڙا آهن جن جون دليون حضرت موسي ؑ جي دل وانگر آهن. ست اهڙا آهن جن جون دليون حضرت ابراهيم ؑ جي دل جهڙيون آهن. پنج اهڙا آهن، جن جون دليون حضرت جبرائيل ؑ جي دل وانگر آهن. ٽي اهڙا آهن جن جون دليون حضرت ميڪائيل ؑ جي دل وانگر آهن. ۽ هڪڙو اهڙو ٻانهو آهي جنهن جي دل حضرت اسرافيل ؑ جي دل تي آهي.

وڌيڪ فرمايائون:

اخرج الخطيب من طريق عبدالله بن محمد العبسي وهو الحافظ ابوبكر ابن ابي شيبة قال سمعت الكناني يقول النقباء ثلاثماة والنجباء سبعون، والبدلاء اربعون والاخيار ستة والعمد اربعة والغوث واحد [42]

خطيب بذريعه ابوبڪر ابن ابي شيبه حديث جو اخراج ڪيو ته مون ڪناني کان ٻڌو ته نقباء ٽي سئوّآهن ۽ نجباء ستر آهن. ابدال چاليهه آهن. اخيار ست، قطب چار ۽ غوث هڪ آهي.

وڌيڪ فرمايائون:

عن انس قال قال رسول الله لن تخلو الارض من اربعين رجلا مثل خليل الرحمان فبهم تسقون وبهم تنصرون وبهم ترزقون الخ قال في مجمع الزوائد اسناده حسن ـ [43]

حضرت انس کان روايت آهي ته حضور فرمايو ته چاليهن ماڻهن کان زمين خالي نه رهندي جيڪي مثل خليل اللّٰه ؑ جي آهن ته انهن جي ڪري توهان تي برسات وسائي ويندي، ۽ انهن جي ڪري توهانجي مدد ڪئي ويندي، ۽ انهن جي ڪري توهانکي رزق ڏنو

ويندو. مجمع الزوائد ۾ آهي ته ان جون اسناد حسن آهن.
فائدو:

حضرت انس جي حديث جا گهڻا شواهد حديثن ۾ موجود آهن. حضرت عبدالله بن مسعود جي حديث جو تفصيل خطيب جي حديث ڪري ڇڏيو، انهن روايتن مان ڇئن قطبن ۽ هڪ غوث جا مناصب ثابت ٿيا.

اقطاب جي فرائض جي متعلق امام رباني تصريح فرمائي ڇڏي آهي.

اقطاب جا فرائض

قطب ابدال واسطہ وصول فیض است کہ وجود عالم بہ بقائی آن تعلق دارد. وقطب ارشاد واسطہ فیوض است کہ بارشاد وہدایت تعلق دارد. پس تخلیق وترزیق وازالہ بلیات ودفع امراض و حصول عافیت وصحت منوط بہ فیوض مخصوصہ قطب ابدال است وایمان وہدایت وتوفیق حسنات وانابت از سیئات نتیجہ فیوضیات قطب ارشاد است - [44]

دنيا جو قطب ابدالن جي وجود ۽ انجي بقا سان تعلق رکڻ وارن معاملن ۾ فيض پهچڻ جو واسطو آهي ۽ قطب ارشاد هدايت وارشاد جي متعلق معاملن ۾ فيض پهچڻ جو هڪ واسطو آهي، انڪري پيدائش، رزق، مصيبتن جي دور ٿيڻ ۽ صحت و آرام حاصل ٿيڻ جو تعلق قطب ابدال جي فيض سان مخصوص آهي، ۽ ايمان، هدايت، نيڪ ڪمن جي توفيق ۽ توبه وغيره جو تعلق قطب ارشاد جي فيض جو نتيجو آهي

قطب مدار

قطب مدار بابت قاضي ثناءالله پانيپتي حضرت موسيٰ ؑ ۽ حضرت خضر ؑ جي واقعي هيٺ امام رباني کان حضرت خضر ؑ جو قول نقل فرمايو آهي:

وجعلنا الله تعاليٰ معينا للقطب المدار من اولياءِالله تعاليٰ الذي جعلہ الله تعاليٰ مدارالعالم ببركة وجوده وافاضتہ فقال الخضر ؑ ان القطب في هذه الزمان في ديار اليمن متبع للشافعي في الفقہ

فنحن نصلي مع القطب ـ[45]

حضرت خضر ؑ فرمايو الله تعاليٰ اسانکي قطب مدار جو مددگار بڻايو آهي جيڪو اولياءَالله مان آهي، جنهن کي الله تعاليٰ دنيا جي بقا جو سبب بڻايو آهي. انجي وجود جي برڪت سان دنيا جي بقاءِ آهي. ۽ فرمايو ته هن وقت قطب مدار يمن ۾ آهي ۽ اهو شافعي فقه جو متبع(پوئلڳ) آهي ۽ اسان ان جي پٺيان نماز پڙهندا آهيون

۽ اها حديث جنهن کي علامه سيوطي کناني کان روايت ڪيو آهي، انجي آخر ۾ والغوث واحد جي اڳيان روايت هن طرح آهي:-

فمسکن النقباءالمغرب ومسکن النجباء مصر۔ ومسکن الابدال الشام۔ والاخيار سياحون في الارض والعمد في زواياالارض ومسکن الغوث مکہ فاذا عرضت الحاجہ في امرالعامہ ابتهل فيها النقباء ثم النجباء ثم الابدال ثم الاخيار ثم للعمد فان اجيبو او الاابتهل الغوث فلاتتم مسالة حتي تجاب دعوتة ـ[46]

نقباء جو مسڪن (رهڻ جو هنڌ) مغرب ، نجباء جو مصر، ابدال جو شام آهي، اخيار سياح هجن ٿا. قطب زمين جي ڪندن ۾ هجن ٿا. جڏهن مخلوق کي عام مصيبت اچي وجي ته دعا لاءِ نقباء هٿ کڻن ٿا، جيڪڏهن قبول نه ٿئي ته نجباء، پوءِ اخيار، پوءِ قطب، جيڪڏهن پوءِ به قبول نه ٿئي ته غوث دعا لاءِ هٿ کڻي ٿو (توڙي اها ترتيب ضروري نه آهي) حتيٰ ڪه ان جي دعا قبول ٿي وڃي ٿي.

قيوم

قيوم جي متعلق امام رباني فرمايو:

آن عارفی کہ بہ مرتبہ قيوميت اشياء گشتہ حکم وزير دارد کہ مهمات مخلوق راباد مرجوع داشتہ اند ہر چند انعامات از سلطان است اماوصول آنہا مربوط بتوسط وزير است ـ [47]

اهو عارف جيڪو قيوم جي منصب تي فائز هجي، وزير جو حڪم رکي ٿو، ته مخلوق جي اهم معاملن جو تعلق ان سان آهي،

توڙي انعام ته بادشاھ جي طرفان هجن ٿا، پر اهي وزير جي واسطي سان ملن ٿا

فرد ۽ قطب وحدت جو مفهوم بعينه اها حديث آهي جيڪا رسول ڪريم کان دعا جي طريقي سان غزوه بدر ۾ زبان مبارڪ تي آئي.

اللهم ان تهلک هذه العصابة لاتعبد في الارض ابدا

الٰهيِ! جيڪڏهن هن جماعت کي ماري ڇڏيئه ته تنهنجي عبادت زمين ۾ ڪڏهن به نه ڪئي ويندي

توحيد جي سڃاڻپ، فيض جو عام ٿيڻ ۽ جلد ٿيڻ قطب وحدت ۽ افراد جي خصوصيتن مان آهي ۽ ذات باري تعاليٰ جي سڃاڻپ ۽ معرفت ان سان لاڳاپيل هجي ٿي.

انسان ڪامل

امام رباني فرمائين ٿا:

”معاملہ انسان کامل تابجائی رسد کہ اورا قیوم جمیع اشیاء بحکم خلافت می سازندوہمہ را افاضہ وجود وبقائی سائر کمالات ظاہری وباطنی بتوسط اومی رسانند“

معلوم ٿيو ته قيوم انسان ڪامل هجي ٿو ۽ سڀئي ظاهري وباطني حڪم قيوم جي ذات سان وابسته آهن، ڇو ته هي بمنزله وزير جي آهي، هي مفهوم حديث مان به ظاهر ٿئي ٿو

قال انما انا قاسم والله يعطي - [48]

مان تقسيم ڪندڙ آهيان ۽ ڏيندو الله تعاليٰ آهي

قيوم اولوالعزم رسول جو نائب هوندو آهي، انجو مخالف فيض کان محروم رهي ٿو، ڇو ته اهو حڪومت جي وزير جو باغي هوندو آهي، ۽ باغي کي حڪومت جي طرفان انعام ڪونه ملندو آهي.

هر شئي سئي يا بري سلطان الملڪ يعني الله تعاليٰ جي طرفان وزير جي ذريعي مخلوق ڏانهن اچي ٿي، جڏهن مخلوق مصيبت ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿي ته غوث بارگاھ رب العزت ۾ درخواست پيش ڪندو آهي، الله تعاليٰ چاهي ته ان جي دعا قبول فرمائي مصيبت دور ڪري ڇڏي ٿو. ياد رکو ته غوث ڪو خودمختار

هستي نه آهي، بلڪه مستجاب الدعوات انسان هجي ٿو. اهڙي طرح قيوم سڀني انعامن جو سبب ٿئي ٿو ۽ قطب ابدال ۽ قطب ارشاد جزوي انعامن جو ذريعو آهن، ۽ خاص هڪ هڪ انعام تي مقرر آهن، ۽ قطب وحدت ۽ فرد جو تعلق براه راست ذات باري تعاليٰ سان هجي ٿو، انڪري انهن جو مرتبو غوث ۽ قيوم کان گهڻو بلند آهي.

لفظ غوث جي تشريح

لسان العرب ۾ لفظ غوث جي تشريح هن طرح ڪئي ويئي آهي: غوث: اجاب الله غوثاه، وغواثه وغواثه- يعني غوث اسم مصدر مبني للفاعل آهي، ۽ انجون معنائون ”پڪارڻ وارو“، ”دعا ڪرڻ وارو“، ”فرياد ڪرڻ وارو“ ٿينديون، دليل ان جو هي آهي ته عرب جي محاوري ۾ غوث بمعنيٰ دعا ۽ پڪار جي آهي، جيئن لسان العرب ۾ آهي:

ولم يات في الاصوات شي بالفتح غيره وانما ياتي بالضم مثل البكاء والدعا وبالكسر مثل النداء والصياح الاغوث

ان ڪري ته، غوث اسم مصدر آهي جنهن جي معنيٰ سڏڻ، پڪارڻ ۽ دعا گهرڻ آهي، جيئن غوث الرجل استغاث صاح واغوثاه صوفين جي اصطلاح ۾ غوث ان مستجاب الدعوات هستيءَ کي چيو وڃي ٿو جيڪو الله تعاليٰ کان فرياد ڪري ٿو ۽ دعا گهري ٿو ۽ عرب جي لغت انهيءَ معنيٰ جي تائيد ڪري ٿي، ان لفظ جي معنيٰ ” فريادرس“ ڪرڻ محض هڪ عام رواج آهي.

مستجاب الدعوات هجڻ جو مطلب

عام طور تي هيءُ خيال هڪ عقيدي جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي ته جڏهن ڪو انسان سلوڪ جون منزلون طئي ڪري عارف بالله ٿي وڃي ٿو ته ان جي هر دعا قبول ٿي وڃي ٿي، ليڪن حقيقت هيءَ آهي ته دعا بهرحال هڪ عرض آهي، حڪم نه آهي. ڏسو، انبياء 8 مستجاب الدعوات هجن ٿا، پر انهن جون به سڀ

دعائون قبول نٿيون ٿين، ۽ امام الانبياء جو شان ۽ مرتبو سڀني انبياء 8 کان بلند آهي، پر پاڻ ڪريمن جي به اها دعا جيڪا رفع اختلاف امت جي متعلق هئي منظور نه ٿي، ته اهو خيال ڪرڻ ته ڪنهن عارف جي هر دعا قبول ٿي وڃي ٿي سراسر زيادتي ۽ ڪم فهميءَ جو دليل آهي.

صوفياءِ ڪرام وٽ اولياءَالله مان صرف غوث، قيوم، فرد، قطب وحدت ۽ صديق مستجاب الدعوات هجن ٿا، انهن کان علاوه به جيڪڏهن الله تعاليٰ ڪنهن کي مستجاب الدعوات بڻائي ته ناممڪن نه آهي. انهن پنجن منصبن جا بزرگ به ڪي خود مختيار، مافوق الاسباب هستيون نٿيون هجن، پر الله تعاليٰ جا محتاج آهن، ۽ ان جي ئي حضور ۾ دعا لاءِ هٿ کڻن ٿا، انهن جي دعا گهرڻ ئي انهن جي محتاج هجڻ جو دليل آهي، ۽ اهي بزرگ دعا به الله تعاليٰ جي حڪم سان گهرندا آهن. انڪري مستجاب الدعوات هجڻ مان مراد هيءَ ٿي ته انهن بزرگن جون گهڻيون دعائون قبول ٿي وڃن ٿيون ۽ جيڪڏهن انهن جي ڪا دعا قبول نه ٿي ته اها انهن جي منصب جي خلاف نه آهي. جهڙي تهڙي جون به ته ڪي دعائوِن قبول ٿي وڃن ٿيون، تان جو ابليس جي هيءَ درخواست الله تعاليٰ منظور فرمائي ته رب انظرني الي يوم يبعثون. ڪنهن هڪ دعا جو قبول ٿيڻ يا ڪجهه دعائن جي قبول ٿيڻ سان ڪو مستجاب الدعوات نٿو ٿي وڃي.

## شرط ۽ دعا جا ادب

الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ عرض ڪرڻ لاءِ ڪجهه آداب آهن، ۽ دعا جي قبوليت لاءِ چند شرط آهن، ڪتاب وسنت ۾ انهن شرطن کي ملحوظ رکڻ لاءِ تاڪيد فرمايل آهي:

1: کاڌي جو حلال ۽ پاڪيزه هجڻ:

قال تعاليٰ يٰاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَ اعْمَلُوْا صَالِحًا (المؤمنون ـ ٥١) وقال تعاليٰ وَ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا (المائده ـ ٨٨)

اي انبياء جي جماعت پاڪيزه رزق کائو ۽ نيڪ عمل ڪريو. اي انسانو زمين جون پاڪيزه ۽ حلال شيون کائو

وعن عباس قال تليت هذه الاية عندرسول الله فقام

سعد ابن ابي وقاص فقال يا رسول الله ادع الله ان يجعلني مستجاب الدعوات فقال لہ النبي يا سعد اطب طعمڪ تڪن مستجاب الدعوة والذي نفس محمد بيده ان العبد ليقذف اللقمة الحرام في جوفہ ما يتقبل منہ عمل اربعين يوما وايما عبدنبت لحمہ من سحت فالنار اولي بہ - [49]

ابن عباس فرمائين ٿا ته جڏهن هيءَ آيت حضور جي سامهون پڙهي وئي ته سعد ابن ابي وقاص اٿي بيٺا ۽ عرض ڪيو ته حضور منهنجي حق ۾ دعا گهرو ته الله تعاليٰ مون کي مستجاب الدعوات بڻائي. حضور جن فرمايو ته اي سعد رزق حلال کاءُ، مستجاب الدعوات بڻجي ويندين. قسم ان ذات جو، جنهن جي قبضي ۾ محمد جي جان آهي انسان جڏهن حرام لقمو پيٽ ۾ وجهي ٿو، ته چاليهن ڏينهن تائين ان جو ڪو به عمل قبول نٿو ٿئي. ۽ جنهن انسان جو گوشت حرام کاڌي سان بڻيو هجي، ان لاءِ باهه ئي بهتر آهي

وقال تعاليٰ يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ- ثم ذكر الرجل يطيل السفر اشعث اغبريمد يديه الي السماء يارب يارب ومطعمہ حرام ومشربہ حرام وملبسہ حرام وغذي بالحرام فاني يستجاب لذالڪ- (رواه مسلم)

حضور فرمايو ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اي اهل ايمان! پاڪيزه رزق کائو، جيڪو اسان توهانکي ڏنو آهي، پوءِ پاڻ انجو ذڪر ڪيائون جيڪو ڊگهي مسافري ڪري ٿو، مٿي جا وار ڪنڊريل ۽ مٿيءَ ۾ پريل اٿس، آسمان ڏانهن هٿ کڻي کڻي الله کان دعا گهري ٿو، حالانڪه انجو کائڻ پيئڻ حرام جو آهي، لباس حرام جو آهي، غذا حرام جي آهي، پوءِ انجي دعا ڪيئن قبول ڪئي ويندي

2: لباس جو پاڪ هجڻ ۽ حلال جي ڪمائي مان تيار هجڻ:

قال تعاليٰ- وَ لِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ؕ(الاعراف ـ ٢٦)

الله تعاليٰ فرمايو، لباس تقويٰ جو سٺو آهي

۽

وقال تعاليٰ وَ ثِيَابَكَ فَطَهِّرْ ۪(۴) (المدثر ـ ۴)

۽ فرمايو اي نبي پنهنجي لباس کي پاڪ صاف رک

وقال النبي من اصاب مالا من حرام فيلبس منہ جلبابا يعني قميصا لم

يقبل صلوتہ حتي ينحني ذلڪ الجلباب عنہ ۔ [50]

۽ نبي ڪريم فرمايو ته جنهن ڪي حرام مال هٿ آيو ۽ انمان قميض بڻائي ۽ پاتي، ان جي نماز قبول نه ٿيندي جيستائين ان لباس کي پنهنجي وجود کان جدا نه ڪري

3: بدن جو پاڪ هجڻ حدث ڪبيري ۽ صغيري کان:

قال تعاليٰ- فِيۡهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوۡنَ اَنۡ يَّتَطَهَّرُوۡا ؕ وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُطَّهِّرِيۡنَ (التوبه ۔ ۱۰۸)

الله تعاليٰ فرمايو. هن مسجد ۾ اهڙا مرد آهن جيڪي پاڪيزگي کي پسند ڪن ٿا ۽ الله تعاليٰ پاڪ صاف رهڻ وارن کي پسند ڪري ٿو.

4: سحر جو وقت هجڻ:

قال تعالي- وَ بِالۡاَسۡحَارِ هُمۡ يَسۡتَغۡفِرُوۡنَ (الذاريات ۔ ۱۸)

(۽ اهل تقويٰ) سحر جي وقت پنهنجي گناهن جي معافي گهرندا آهن.

5: استقبال قبله (قبله رُخ هجڻ)

6: خلوص نيت:

قال تعاليٰ دَعَوُا اللّٰهَ مُخۡلِصِيۡنَ لَہُ الدِّيۡنَ(يونس ۔ ۲۲)

پس الله تعاليٰ کي خلوص دل سان پڪاريو

وقال النبي انماالاعمال بالنيات

حضور جن فرمايو عملن جو مدار نيتن تي آهي

7: ادب سان گوڏن ڀر ويهي دعا گهرڻ:

وبسط يديہ ورفعهما حذ ومنڪبيہ وڪشفهما مع التادب والخشوع والمسڪنہ والخضوع وان يسال الله تعاليٰ باسماء الحسني والادعية الماثورة ويتوسل الي الله تعاليٰ بالانبياء والصالحين بخفض صوت الخ ويمسح وجهہ بيده بعد فراغہ ۔ [51]

هٿن کي پکيڙي، ڪلهن تائين آڻي ۽ کولي رکي، ۽ ادب خشوع وخضوع جو خيال رکي، ۽ الله تعاليٰ جي اسماءالحسنيٰ ساڻ دعا گهري ۽ منقول دعائون پڙهي، ۽ انبياء 8 ۽ اولياءَالله جي توسل سان گهٽي جهيٽي آواز سان دعا گهري. ۽ دعا ختم ڪري هٿن کي منهن تي ڦيرائي ڇڏي.

8: دعا کان اڳ ڪنهن عمل صالح جو هجڻ ضروري آهي.

9: دعا ڪنهن قطع رحمي لاءِ نه هجي.
10: دعا ۾ حرام ۽ گناهه جي طلب نه هجي.
11: دعا اڻ ٿيڻي ڪم لاءِ نه هجي.
12: دعا جي مقبوليت ۾ جلدي نه ڪرڻ، يعني اهو خيال نه ڪرڻ ته هاڻي جو هاڻي دعا قبول ٿي وجي، ۽ جيڪڏهن ائين نه ٿئي ته دعا گهرڻ ئي ڇڏي ويهي.
13: مستجاب الدعوات هجڻ لاءِ متقي هجڻ شرط آهي.

اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ(المائده ـ ٢٧)

متقي جي تعريف حضور اڪرم هن طرح فرمائي:

قال النبي لايبلغ الرجل ان يكون من المتقين حتي يدع مالاباس به حذرا لما بہ باس ـ [52]

حضور اڪرم فرمايو ته ماڻهو ان وقت تائين متقي نٿو ٿئي جيستائين ان شئي کي ڇڏي نه ڏي جنهن ۾ (بظاهر) حرام جو شبهو نه آهي، ان انديشي سان ته اها شئي ڪٿي حرام تائين نه وٺي وڃي

فائدو:

متقي لاءِ مشڪوڪ مال، کاڌي لباس وغيره کان پرهيز لازمي آهي، ڇو ته حرام کائڻ وارو جهنمي آهي ۽ جهنمي متقي نٿو ٿي سگهي.

دعا جو قبول نه ٿيڻ

ولايعترض علي ذلک بتخلفہ عن بعض الداعين لان سبب التخلف وقوع الخلل في شرط من شروط الدعاء کالاحتراز في المطعم والمشرب والملبس اولاستعجال الداعي اويکون الدعاء باثم اوقطيعة رحم او تحصيل الاجابة ويتاخر وجود المطلوب لمصلحة العبد اولامريريد الله تعالي ـ [53]

ڪن دعا گهرڻ وارن جي دعا جي قبول نه ٿيڻ تي اعتراض نه ڪجي، ڇو ته دعا جو قبول نه ٿيڻ ڪنهن شرط ۾ خلل واقع هجڻ جي ڪري ٿئي ٿو، جيئن کائڻ پيئڻ ۽ لباس جي معاملي ۾ احتياط نه ڪجي، يا دعا گهرڻ واري جلدي ڪئي يا ڪنهن گناهه يا قطع رحم(مائٽي ڇنڻ) جي دعا گهري، يا دعا ته قبول ٿي ويئي پر مطلوب

حاصل ٿيڻ ۾ ان پانهي جي مصلحت جي ڪري دير ڪئي ويئي يا ڪنهن اهڙي معاملي جي ڪري دير ٿي ويئي جنهن کي الله تعاليٰ ئي ڄاڻي ٿو

فائدو:

معلوم ٿيو ته ڪڏهن ڪڏهن دعا ته قبول ٿي وڃي ٿي پر قبوليت دير ڪانپوءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، مثلاً حضرت موسيٰ ؑ جي دعا ته قبول ٿي ويئي پر ان جو اثر چاليهن سالن ڪانپوءِ ظاهر ٿيو، حضرت يعقوب ؑ فرمايو ته سوف استغفرلڪم ربي ته ان جو اثر ارڙهن سالن ڪانپوءِ ظاهر ٿيو. حضرت زڪريا ؑ جي دعا ته قبول ٿي ويئي پر تيرهن ورهين ڪانپوءِ پٽ ڄائو.

۽ دعا جي قبوليت جي باري ۾ علامه ابن حجر  فرمايو:

وانما ينفق ذلڪ لمن تعودالذڪر واستانس بہ وغلب عليہ حتي صار حديث نفسہ في نومہ ويقظة فاڪرم من اتصف بذالڪ باجابة دعوتہ وقبول صلوتہ ـ[54]

ان شخص جي دعا جي قبوليت تي اتفاق آهي جيڪو ذڪر الٰهي جو عادي هجي، ۽ ذڪر سان انس پيدا ڪري چڪو هجي، ذڪر الٰهي جو ان تي اهڙو غلبو هجي جو هر ساهه ۾، ننڊ ۾، سجاڳي ۾ غفلت نه هجي، اهڙو شخص مستجاب الدعوات هوندو آهي ۽ قبوليت صلوة سان نوازيو ويندو آهي.

ومن حقوق النفس قطعها عماسوي الله تعاليٰ جل جلاله لڪن ذالڪ يختص بالتعلقات الغلبية ـ [55]

۽ اهو هميشه وارو ذڪر الٰهي ان شخص کي حاصل ٿئي ٿو جنهن جو دلي تعلق ماسواءِ الله کان بلڪل منقطع ٿي چڪو هجي، ليڪن هي ذڪر مختص آهي ذڪر قلبي سان.

فائدو:

معلوم ٿيو ته مستجاب الدعوات اهو شخص هوندو آهي، جنهن جو قلبي تعلق الله تعاليٰ سان پختو هجي. مخلوق کان قلبي انقطاع مڪمل هجي، تزڪيه نفس مڪمل ٿي چڪو هجي. هميشه ذڪر حاصل هجي، اهي صفتون صرف اولياءَالله ڪاملين ۾ ملن ٿيون، انڪري مستجاب الدعوات به اهي ئي هجن ٿا.

شيخ ابن الهمام پنهنجي ڪتاب "سلاح المومنين" ۾ دعا جو طريقو هن طرح بيان فرمايو آهي ته ابتدا هيئن ڪري:

الحمدلله رب العالمين الحي القيوم العلي العظيم- والرحمن الرحيم السميع العليم الاول القديم الحليم الحكيم- حمدا كثيرا طيبا مباركا فيہ حمدا يوافي نعمہ ويكافي مزيده ولا نحصي ثناء عليہ هوڪما اثني علي نفسہ فلک الحمد حتي ترضي

پوءِ چوي:

اللهم صل وسلم وشرف وكرم وعظم علي رسولک سيدنا محمد النبي الامي الطاهرالزكي وآلہ الطيبين وصحبه المحققين وسلم عددما ذكره الذاكرون وغفل عن ذكره الغافلون پوءِ پنهنجو مطلب پيش ڪري.

باب ٻارهون

## اولياءَالله رسول الله ﷺ جي زبان سان

انسان جي حقيقي قدروقيمت ۽ اصلي عظمت وبرتريءَ جو اندازو ان وقت ٿيندو جڏهن ان جو عمل مالڪ حقيقي جي اڳيان پيش ٿيندو ۽ انکي وڏي ڪاميابي جي خوشخبري ٻڌائي انعام واڪرام جو حقدار قرار ڏنو ويندو، تنهنڪري حقيقي ڪامراني وفلاح ۽ حقيقي عظمت ۽ شان اهوئي آهي جنهن کي اخروي ڪاميابي ۽ هميشه واري راحت چيو وڃي ٿو، هن دنيا جي چند ڏينهن جو شان وشوڪت نظر جي فريب ۽ نفس جي غرور کانسواءِ ڪجهه نه آهي.

وَ مَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ(الحديد ـ ٢٠)

قيامت جي ڏينهن اولياءَالله جو شان

1: عن ابن عباس رضي الله عنهما ان رسول الله ﷺ- قال ان لله جلساء يوم القيامة عن يمين العرش وكلتا يدي الله يمين- علي منابرمن نور وجوههم من نور ليسوا بانبياء ولاشهداء ولا صديقين- قيل يا رسول الله ﷺ من هم قال هم المتحابون بجلال الله تبارک وتعاليٰ- المتحابون بجلال الله تبارک وتعاليٰ - (رواه احمد باسناده لاباس به) — [56]

حضرت ابن عباس ؓ کان روايت آهي ته حضوراڪرم ﷺ فرمايو ته قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ وٽ عرش جي ساڄي طرف ويهڻ وارا ڪجهه ماڻهو هوندا ۽ الله جا ٻئي هٿ ساڄا آهن، منبرن تي ويٺا هوندا، منبر نور جا هوندا، انهن جا منهن روشن هوندا، اهي نه انبياء هوندا، نه شهداء هوندا، نه صديقين. عرض ڪيو ويو، حضور ﷺ پوءِ اهي ڪير ماڻهو هوندا؟ ٽي دفعا فرمايائون، اهي الله خاطر پاڻ ۾ محبت ڪرڻ وارا ماڻهو هوندا

2: وعن ابي هريرة قال قال رسول الله ان من عباداللہ ليسوابانبياء يغبطهم الانبياء والشهداء قيل من هم لعلنا نحبهم قال هم يتحابون بنوراللہ من غير ارحام ولاانساب وجوههم نور علي منابر من نور لايخافون اذا خاف الناس ولايحزنون اذا حزن الناس ثم قرا اَلَاۤ اِنَّ اَوۡلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ (يونس ـ٦٢)(نسائي و ابن حبان) ـ [57]

حضوراڪرم جن فرمايو ته الله جا ڪجهه ٻانها اهڙا آهن جيڪي نبي ناهن پر قيامت جي ڏينهن انبياء ۽ شهداء انهن تي ريس ڪندا، عرض ڪيو ويو اهي ڪير آهن، ته جيئن اسان انهن سان محبت رکون؟ فرمايائون اهي اهڙا ماڻهو آهن جو (الله انهن جي دلين ۾ نور پيري ڇڏيو آهي) الله جي نور جي ڪري هڪ ٻئي کي دوست رکن ٿا، نه انهن ۾ رت جي مائٽي آهي نه نسب جو اشتراڪ، انهن جا منهن نوراني هوندا، اهي نور جي منبرن تي ويٺل هوندا. جڏهن ماڻهو خوفزده هوندا (پر) انهن کي ڪو خوف نه هوندو، ۽ جڏهن ماڻهو غمگين هوندا، انهن کي ڪو غم نه هوندو. پوءِ حضور هيءَ آيت تلاوت فرمائي الا ان اولياءَالله الخ ياد رکو الله جي دوستن تي نه ڪو انديشو آهي، نه اهي مغموم ٿين ٿا.

3: وعن ابي امامة قال قال رسول الله ان لله عبادا يجلسهم يوم القيامة علي منابر من نور يغشي وجوههم النور حتي يفرغ من حساب الخلائق... (رواه الطبراني باسناد جيد) ـ [58]

4: وعن ابي ذر قال قال رسول الله ان من عباد الله لاناس ماهم بانبياء ولا شهداء يغبطهم الانبياء والشهداء يوم القيامة بمكانهم من الله فقالوا يا رسول الله فاخبرنا منهم۔ قال هم يتحابون بروح الله علي غير ارحام بينهم ولااموال يتغابطونها۔ فوالله ان وجوههم لنور وانهم لعلي نور ولايخافون اذا خاف الناس ولا يحزنون اذا حزن الناس وقرا هذه الاية الا ان اولياءَالله لاخوف عليهم ولاهم يحزنون (رواه ابوداوِّد) ـ[59]

5: وعن ابي الدرداء قال قال رسول الله ـ ليبعثن الله اقواما يوم القيمة في وجوههم النور علي منابر الؤلؤ يغبطهم الناس ليسوا بانبياء ولاشهداء قال فجثي اعرابي علي رکبتہ فقال يا رسول الله

جلهم لناتعرفهم قال هم المتحابون في الله من قبائل شتي وبلاد شتي يجتمعون علي ذكر الله يذكرونه (رواه الطبراني باسناد حسن) - [60]

6: عن ابي مالڪ الاشعري عن رسول الله قال يا ايها الناس اسمعواواعقلواواعلموا ان لله عزوجل عبادا ليسو بانبياء ولا شهداء يغبطهم الانبياء والشهداء علي منازلهم وقربهم من الله تعاليٰ فجثي رجل من الاعراب من قاصية الناس والوي بيده الي النبي فقال ناس من الناس ليسوبانبياء ولاشهداء يغبطهم الانبياء والشهداء علي مجالسهم وقربهم من الله تعاليٰ الي ان قال ليضع الله يوم القيمة منابر من نور فيجلسون عليها فيجول وجوههم نورا وثيابهم نور يفزع الناس يوم القيمة ولايفزعون وهم اولياءَالله لاخوف عليهم ولاهم يحزنون.....(رواه ابويعلي واحمد والحاڪم وقال صحيح الاسناد) - [61]

فائدو:

هنن حديثن ۾ جن اولياءِ ڪرام جو ذڪر آهي اهي اهڙا ذاڪرين، زاهد ۽ الله جا مخلص ٻانها آهن، جيڪي مجاهدي ۽ رياضت ۽ زهدوعبادت سان تزڪيه باطن ۾ لڳا رهيا. انبياءِ ڪرام ۽ سلسلي وارن بزرگن جو شان ته انهن کان گهڻو بلند آهي ڇو ته انهن الله جي مخلوق کي هدايت جو رستو ڏيکاريو ۽ الله جي ٻانهن جي اصلاح ڪئي، پوءِ انبياء جي غبطه ڪرڻ جو سبب ڇا ٿي سگهي ٿو ان جو سبب اهو آهي ته انبياءِ ڪرام کان انهن جي امتن بابت سوال ٿيندو، ۽ سلسله وارن بزرگن کان انهن جي مريدن بابت سوال ٿيندو، پر هي ماڻهو انهيءَ ذميداري کان آزاد هوندا، ان ڪري انبياء ۽ شهيدن کي غبط هوندو، اهو شخص جنهن کي الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن سوال وجواب جي فڪر کان آزاد ڪري ڇڏي ان جي حالت ۽ انجو شان ڇو نه قابل رشڪ ٿيندو؟

دنيوي زندگي ۾ اولياءَالله جي حالت

عن عمران بن حصين قال قال رسول الله من انقطع الي الله تعاليٰ ڪفاه الله تعاليٰ ڪل مونہ ورزقہ من حيث لايحتسب -[62]

حضور اڪرم فرمايو ته جيڪو شخص مخلوق کان الڳ ٿي

الله جو ٿي وڃي ٿو ته الله تعاليٰ انجي سيني تڪليفن جو خود ذميدار ٿي وڃي ٿو ۽ انکي اهڙي جاءِ تان رزق ڏئي ٿو جو انکي انجو گمان به نٿو ٿئي.

قال رسول الله من عادي لي وليا فقد آذنته للحرب وما تقرب الي عبدي بشيئي احب الي مما افترضته عليه ومازال عبدي يتقرب الي بالنوافل حتيٰ احببته فاذا احببته فكنت سمعه الذي يسمع به وبصره الذي يبصربه ويده التي يبطش بها ورجله التي يمشي بها وان سالني لاعطيته ولئن استعاذني لاعذته ـ [63]

حضور اڪرم فرمايو ته جنهن شخص منهنجي وليءَ سان دشمني رکي، منهنجي طرف کان انجي خلاف اعلان جنگ آهي. منهنجو ٻانهو منهنجو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪجهه ڪري ٿو. مون وٽ سڀ کان محبوب اها عبادت آهي جيڪا مون ان تي فرض ڪئي آهي، ۽ منهنجو ٻانهو هميشه نفلن جي ذريعي منهنجو قرب حاصل ڪري ٿو، تان جو انکي محبوب بڻائي وٺان ٿو. ۽ جڏهن انکي محبوب بڻائي وٺان ٿو ته ان جا ڪن بڻجي وڃان ٿو جن سان اهو ٻڌي ٿو، ۽ ان جون اکيون بڻجي وڃان ٿو جن سان اهو ڏسي ٿو، ۽ ان جا هٿ بڻجي وڃان ٿو جن سان اهو جهلي ٿو، ۽ ان جا پير بڻجي وڃان ٿو جن سان هو هلي ٿو، ۽ جڏهن هو مون کان گهري ٿو ته انکي ڏيان ٿو، ۽ جڏهن مون وٽ پناهه گهولي ٿو ته انکي پناهه ڏيان ٿو.

قال الطوفي هذا الحديث اصل في السلوڪ الي الله والوصول الي معرفته ومحبته، وطريقه اذا المفترضات الباطنية وهي الايمان والظاهرة وهي الاسلام والمركب فيهما وهو الاحسان ما تظهر حديث جبريل عليه اسلام والاحسان يتضمن مقامات السالكين من الزهد والاخلاص والمراقبة وغير ها

علامه طوفي چيو آهي ته هيءَ حديث سلوڪ الي الله ۽ انجي محبت و معرفت حاصل ڪرڻ ۽ انجي راهه تي هلڻ ۾ بنياد جي حيثيت رکي ٿي، انجو طريقو فرائض باطنيه يعني ايمان ۽ ظاهره

يعني اسلام ۽ انهن ٻنهي جي مرڪب يعني احسان جي بجا آوري آهي جيئن ته حديث جبريلؑ مان ظاهر آهي، ۽ احسان مقامات سالڪين تي ڳالهايو ويندو آهي. جيئن زهد، اخلاص ۽ مراقبو وغيره.

قرب الٰهي جا مدارج (درجا)

هي ذڪر ٿي چڪو آهي ته ولايت جا ٻه رڪن آهن، پهريون شريعت جي تابعداري ٻيو باطني طور انوار حقيقت ۾ مستغرق ٿي وڃڻ، ۽ ولايت جو مفهوم آهي قربِ الٰهي حاصل ٿيڻ، ۽ قرب الٰهي حاصل ڪرڻ جا وسيلا ٻه آهن، پهريون اطاعت الٰهي ٻيو گناهن ۽ نافرمانيءَ کان پاسو ڪرڻ.

لما كان ولي الله من تولي الله بالطاعة والتقوي تولي الله تعالیٰ بالحفظ والنصرة ـ [64]

انسان جي طرفان الله تعاليٰ جي دوستي جو ثبوت انجي اطاعت ۽ تقويٰ سان ٿئي ٿو ۽ الله تعاليٰ جي طرفان دوستي جو اظهار سنڀال ۽ مدد سان ٿيندو.

قرب فرائض

بخاري جي هن حديث قدسي مان قرب الٰهي جا ٽي مدارج (درجا) ثابت ٿيا، قرب فرائض، قرب نوافل ۽ درجه محبوبيت، قرب فرائض هي آهي ته ٻانهو پنهنجي هستيءَ کي بلڪل مٽائي ڇڏي جنهن کي صوفياء فناءِ ذات سان تعبير ڪن ٿا، يعني انسان پنهنجو ارادو مٽائي ڇڏي، پاڻ صرف آله (اوزار) بڻجي وڃي ۽ الله تعاليٰ فاعل.

كما قال تعاليٰ- اِنَّ اللہَ اشْتَرٰی مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَہُمْ وَ اَمْوَالَہُمْ بِاَنَّ لَہُمُ الْجَنَّۃَ ؕ

بيشڪ الله تعاليٰ مومنن کان انهن جي جانين ۽ مالن کي ان ڳالهه جي عيوض خريد ڪيو آهي ته انهن کي جنت ملندي. (التوبه- ١١١)

نوافل سان قرب حاصل ڪرڻ

نفلن جي قرب سان اها ترقي ملي ٿي، جنهن جي ڪا حد نه

آهي.

كما قال الرازي- ولما كان لانهاية لتزايد انوارالمراتب لا جرم لانهاية لسفرالعارفين في المقامات العالية القدسية وذلک بحر لاساحل لہ ومطلوب لانهاية سبحان من اعطي تلک القربات لاوليائہ -[65]

جڏهن مرتبن جي انوار جي گهٽائي جو ڪو ڇيهه ڪونهي ته عارفين جي سفر جي به عالمي رتبن جو ڪو ڇيهه ۽ انتها نه آهي، هيءُ اهڙو سمنڊ آهي جنهن جو ڪناروئه آهي ۽ اهڙو مطلوب آهي جنهن جي انتها نه آهي، پاڪ آهي اها ذات جنهن پنهنجي ولين کي اهي قرب عطا فرمايا.

فائدو:

روح انهن جسمن مان نه آهي جيڪي ڇڙوڇڙ ۽ پڇي پري وڃن ٿا، بلڪه اهو اهڙي جوهر مان آهي جيڪو ملائڪن کان به گهڻو لطيف ۽ باريڪ آهي ۽ ان جو هنڌ عرش عالم کان مٿي عالم امر آهي مگربدن سان تعلق جي ڪري پنهنجي اصلي وطن کي وساري ڇڏي ٿو ۽ ان جي پرواز جي قوت يا ته بلڪل ختم ٿي وڃي ٿي يا تمام ڪمزور ٿي وڃي ٿي، جڏهن ڪنهن عارف ڪامل انکي پنهنجي وطن سان مانوس ڪرايو، ذڪر الٰهي جي ڪثرت ٿي ۽ اسم الظاهر والباطن ان جا ڪنپ بڻجي ويا ته اڏامڻ جي طاقت واپس اچي ويئي ۽ روح معرفت جي نورن سان منور ٿي ويو.

واشرقت عليها انوارالارواح السمائية العرشية المقدسة وفاضت عليها من تلک الانوار قويت طيرانها

۽ جڏهن روح تي انوار ارواح سمائيه عرشيه مقدسه پنهنجي نورانيت وجهن ٿا ته انهن جي فيضن سان انجي اڏامڻ جي قوت ترقي ڪري ٿي (۽ اهو پنهنجي اصلي وطن جي طرف عاشقانه پرواز ڪرڻ لڳي ٿو).

(3) محبوبيت جو درجو

عارف کي محبوبيت جو درجو تڏهن حاصل ٿئي ٿو، جڏهن انجي اکين ۾، انجي ڪنن ۾، ان جي هٿن پيرن ۾، بلڪه سڀني اعضاء جوارح ۾ غيرالله جو ذرو به نه رهي، انهيءَ حديث مان ابن

قيم؀ ڪتاب الروح ۾ ثابت ڪيو آهي، ته اولياءَالله جي دل صاف آئينو بڻجي وڃي ٿي ۽ ان سان سڀني شين کي پنهنجي حقيقت تي ڏسن ٿا.

فصار قلبه کالمراة الصافية تبدوافيها صورالحقائق علي ماهي عليه فلاتکاد تخطي له فراسته فان العبد اذا ابصربالله ابصرعلي ماهو عليه فاذا سمع بالله سمعه علي ماهو عليه

پوءِ انجي دل صاف آئينو ٿي وڃي ٿي ۽ انهيءَ صاف آئينه ۾ شين جون حقيقي صورتون ظاهر ٿين ٿيون. انجي فراست خطا نٿي ڪري ڇو ته جڏهن ٻانهو الله تعاليٰ سان ڳڌ ڏسي ٿو ته ان شئي کي پنهنجي اصل صورت تي ڏسي ٿو ۽ جڏهن ٻڌي ٿو پنهنجي اصل تي ٻڌي ٿو.

فائدو:

هن ڪشف حقيقي کان علاوه صورتن کي ڏسڻ جو مراقبو به ثابت ٿيو پر ايتري ترقي ڪرڻ کانپوءِ به طالب صادق ۽ عارف وڌيڪ ترقي جو طالب ئي رهي ٿو.

وفي هذا الحديث ان العبد ولو بلغ اعلي الدرجات حتي يکون محبوبالله تعالي عزوجل لاينقطع عن الطلب من الله تعالي لما فيه من الخضوع له واظهار العبودية ـ [66]

ان حديث مان ثابت ٿيو ته ٻانهو چاهي ڪيترن ئي بلند درجن تي پهچي وڃي، تان جو محبوب خدا ٿي وڃي، پوءِ به الله تعاليٰ کان ترقي جو طالب ئي رهندو. ڇوته ان ۾ خشوع وخضوع ۽ اظهار عبوديت آهي (۽ ٻانهي لاءِ انتهائي مقام عبوديت آهي).

فائدو:

بخاري جي حديث مان هي ڳالهيون ثابت ٿيون:

1. فرائض راس المال (موڙي) آهن ۽ نوافل بمنزله نفعا آهن.
2. جيستائين قرب فرائض حاصل نه ٿئي، نفلن سان قرب حاصل نٿو ٿئي، فرض، پيڙهه ۽ بنياد وانگر آهن.
3. قرب الٰهي فرائض ونوافل جي ادائگي تي موقوف آهي.
4. الله جي وليءَ کي جيڪي منصب ملن ٿا اهي الله جي قرب تي موقوف آهن.

5. قرب الٰهي ڪنهن منصب تي موقوف نه آهي.
6. جيڪو ولي الله محبوبيت جي منصب تي فائز هجي ٿو، اهو مستجاب الدعوات بڻجي وڃي ٿو.
7. الله جي ولي سان دشمني ۽ بغض رکڻ ۾ بري خاتمه (موت ڪان پهرين ايمان کسجڻ) جو خطرو آهي.
8. الهام صاحبِ الهام جي لاءِ دليل آهي بشرطيڪه ڪنهن منصوص شرعي حڪم جي مخالف نه هجي.

الله جي ولين جي سڃاڻپ

ولايت جا ٻه رڪن آهن، جنهن ۾ اهي ٻئي رڪن ثابت ٿي ويا اهو الله جو ولي آهي.

كما قال الرازي- قديعرف كونه وليا فقد احتجواعلي صحة قولهم بان الولاية لها ركنان احدهما كونه في الظاهر منقادا للشريعة والثاني كونه في الباطن مستغرقا في نور الحقيقة فاذا حصل الامران وعرف الانسان حصولهما عرف لا محالة كونه وليا ـ [67]

وليءَ جي سڃاڻپ هيءَ آهي ۽ سندن قول جي صحيح هجڻ تي پاڻ دليل پيش ڪيو اٿن ته ولايت جا ٻه رڪن آهن، هڪ هيءُ ته ظاهر ۾ شريعت جو تابعدار هجي، ٻيو هيءُ ته ان جو باطن حقيقت جي نور ۾ مستغرق هجي، جڏهن اهي ٻئي ڳالهيون لڌيون وڃن، انسان کي انهن جي واقفيت ٿي وڃي ته لازمي اهو الله جو دوست هوندو.

ڪن هن سان اختلاف ڪيو آهي ته عارف بالله کي زاهد، عابد، ملهم ومڪاشف ته چئي سگهجي ٿو، پر ولي الله چوڻ ڏکيو آهي چوته اهو معلوم ٿيڻ مشڪل آهي ته الله تعاليٰ ٻه انکي دوست قرار ڏنو آهي يا نه؟

مشڪوات ۾ اولياء جي سڃاڻپ هيءَ ٻڌائي ويئي آهي ته:

قال رسول الله ﷺ خيار عباد الله الذين اذارء و اذكر الله تعاليٰ

خدا جا سٺا ٻانهااهي آهن ته جڏهن انهن کي ڏٺو وڃي ته خدا ياد اچي وڃي.

هي نشاني ڪا اهڙي قسم جي ڪونهي ته جنهن کي وٽي جنهن جي باري ۾ چاهي چئي ڇڏي ته ”سائين کي ڏسي خدا ياد اچي وڃي ٿو“ ۽ هرڪو ٻڌڻ وارو ان تي يقين ڪري وٺي، بلڪه ان سلسلي ۾ حضرت مجدد فرمائين ٿا:

”اولياء شريعت جي ظاهر ۽ باطن جي موافق تربيت ڪن ٿا، اڳ ۾ مريدن ۽ طالبن کي توبه ۽ انابت ڏانهن رهنمائي ڪن ٿا. شرعي حڪم پورا ڪرڻ جي ترغيب ڏين ٿا. پوءِ الله جو ذڪر پڙائين ٿا ۽ تاڪيد ڪن ٿا ته هر وقت ذڪر ۾ مشغول رهو.“

ظاهر آهي ته وليءَ کي ان تربيت لاءِ جيڪا شريعت جي ظاهروباطن سان تعلق رکي ٿي، خوارق (ڪرامتن) جي ڪهڙي ضرورت آهي. پيري ومريدي ان دعوت ۽ تربيت کي چئجي ٿو، جنهن جو خوارق ۽ ڪرامتن سان تعلق ۽ واسطو نه آهي... اها نشاني جنهن سان ان جماعت جو سچو ۽ڪوڙو جدا ٿي سگهي اها هيءَ آهي ته جيڪو شخص شريعت تي ثابت قدم رهي ٿو ۽ ان جي مجلس ۾ دل کي حق تعاليٰ ڏانهن شوق و توجه پيدا ٿي وڃي ۽ ماسواءِ جي طرف کان دل سرد ٿي وڃي ته اهو شخص سچو آهي

(مڪتوبات دفتر دوم مڪتوب نمبر 92)

الله جي ولين جو امتيازي شان

صاحب تفسير مظهري سورة ”سبا“ جي تفسير جي سلسلي ۾ فرمايو:

> وقد ياتي علي بعض الاکابر حالة يخرج فيه من حيزالزمان فيري الماضي والمستقبل موجودا عنده ويشهد عليه مارواه الشيخان في الصحيحين عن عبدالله ابن عباس رضي الله عنهما۔ قال انخسف الشمس علي عهد رسول الله فصلي رسول الله والناس فقام قياما طويلا۔ الي ان قال قالوا يارسول الله انا راينا ک تناولت شيئا في مقامک هذا ثم راينا ک تکعلعت فقال اني رايت الجنة فتناولت منها عنقودا ولو اخذته لاکلتم منه مابقيت الدنيا الي ان قال لا يقال لعل النبي راي صورة الجنة في عالم المثال مثل ما يري النائم

في المنام لان قوله لواخذتہ لاكلتم مابقيت الدنيا صريح في انہ راي حقيقة النار والجنة دون مثالها ۔ [68]

ڪن اڪابرن تي ڪڏهن اهڙو وقت به اچي ٿو ته اهي زمان جي قيد کان آزاد ٿي وڃن ٿا ۽ گذريل ۽ ايندڙڪي پنهنجي اڳيان ڏسن ٿا، ان تي صحيحين جي هيءَ حديث شاهد آهي ته عبدالله ابن عباس رضي الله عنهما راوي آهن ته حضور جي زماني ۾ سج گرهڻ ٿيو ته حضور جن ۽ ٻين ماڻهن نماز خسوف پڙهي ۽ ڊگهو قيام ڪيو، ماڻهن پڇيو ته اسان ڏٺو ته اوهان ڪنهن شئي کي جهلڻ لاءِ اڳتي وڌيا پوءِ پوئتي هٽيا. پاڻ سڳورن فرمايو ”مون جنت ڏٺي، جنت جي ميوي مان هڪ ڇڳو جهلڻ چاهيو. جيڪڏهن مان انکي جهلي وٺان ها ته توهان رهندي دنيا تائين اهو کائيندا رهو ها“ اتي اهو نه چئجي ته حضور جن جنت جي مثالي صورت ڏٺي جيئن ماڻهو خواب ۾ ڏسي ٿو، ڇوته حضور جو هي فرمائڻ ته جيڪڏهن مان انکي جهلي وٺان ها ته توهان رهندي دنيا تائين انکي کائيندا رهو ها، صاف ظاهر ڪري ٿو ته حضور جن حقيقي جنت و دوزخ ڏٺو، صرف مثالي صورت نه ڏٺي.

فائدو:

1- عارف دل جي اک سان سڀ شيون ڏسي ٿو، مثلاً سلوڪ جون منزلون، بيت المعمور، بيت العزة، سدرة المنتهيٰ، جنت، دوزخ، عرش، ڪرسي، لوح محفوظ ، جنت جا ميوا ۽ ان جون نهرون، ملائڪ، روح ۽ جن وغيره. ۽ انهن جو ڏسڻ حقيقي هجي ٿو، انهن شين جون مثالي صورتون نٿيون هجن.

2- اولياءَالله زمين تي هوندا آهن، پر انهن جو روح زمان ومڪان جي قيد کان آزاد هوندو آهي.

الله جي ولين سان دشمني، الله سان دشمني آهي

هيءُ قاعدو ڪليه آهي ته علم معلوم جي تابع هجي ٿو، جيڪڏهن معلوم اعليٰ ۽ وڏو آهي ته علم به وڏو هوندو، ان قاعدي جي روشني ۾ هن حقيقت تي غور ڪريو:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿۵۶﴾ (الذاريات -٥٦)

مون جنن ۽ انسانن کي صرف ان لاءِ پيدا ڪيو ته اهي منهنجي عبادت ڪن يعني منهنجي معرفت حاصل ڪن.

جڏهن معرفت الٰهي حاصل ٿي ويئي ته تخليق پيدائش جو مقصد پورو ٿي ويو. پوءِ خدا جا اهڙا مقبول ٻانها جيڪي تخليق جي مقصد جا مصداق آهن، انهن سان دشمني رکڻ باطن جي انڌي هجڻ جو دليل آهي.

ويكفي في عقوبه المنكر علي الاولياء قوله في الحديث الصحيح من عادي لي وليا فقداذنته للحرب- اي اعلمته اني محارب له ومن حارب الله لايفلح ابدا وقد قال العلماء لم يحارب الله عاصيا الاالمنكر علي اولياءَالله واكل الربوا وكل منها يخشي عليه خشية قريبه جدا من سوء الخاتمة ولا يحارب الله تعاليٰ الا كافرا اقل عقوبه المنكر علي الصالحين ان يحرم بركتهم قالو ويخشي عليه سوء الخاتمية وقال بعض العارفين من رايتموه يوذي اولياء وينكر مواهب الاصفياء فاعلموا انه محارب لله تعاليٰ مبعد مطرود عن حقيقة قرب الله تعاليٰ _ [69]

ولين جي منڪرين جي لاءِ اهوئي عذاب ڪافي آهي جيڪو صحيح حديث قدسي ۾ حضور کان مروي آهي ته الله تعاليٰ فرمايو ته جنهن منهنجي وليءَ سان دشمني ڪئي ان سان مان اعلان جنگ ڪريان ٿو يعني مون انکي ٻڌائي ڇڏيو ته آئون ان سان جنگ ڪندس. جنهن خدا سان جنگ ڪئي اهو ڪڏهن ڇوٽڪارو حاصل نه ڪندو ۽ علماءِامت چيو آهي ته خدا تعاليٰ سان جنگ ڪرڻ وارا صرف ٻه آهن، هڪ ولين جو منڪر ۽ ٻيو وياج خور، انهن مان هر هڪ جي متعلق خطرو آهي ته ايمان ضايع ڪري مرندو، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ سان جنگ ته ڪافر ئي ڪري ٿو ۽ تمام گهٽ عذاب ولين جي منڪرن لاءِ هي آهي ته ولين جي برڪت کان محروم آهن، ۽ سوءِ خاتمه (موت کان اڳ ايمان کسجي وڃڻ) جو خوف آهي. ڪن عارفن جو فرمان آهي ته جڏهن ڏسو ته ڪو شخص الله جي ولي کي ايذاءُ ڏئي ٿو، ۽ صوفين جي برڪت جو منڪر آهي ته سمجهي وٺو ته اهو خدا سان جنگ ڪرڻ وارو آهي ۽ قرب الٰهي کان پري ۽ مردود

آهي.

وعن ابن عمر Ξ ان عمر خرج الي المسجد فوجد معاذا عند قبرالنبي يبكي... الي ان قال ومن عادي لي اولياءَالله فقد بارزالله بالمحاربة- ان الله يحب الابرار الاتقياء الا خفياء الذين اذا غابوا لم يفتقدوا وان حضروالم يعرفوا- قلوبهم مصابيح الهدي يخرجون من كل غبراء مظلمة اي من كل فتنة جهالة - [70]

حضرت عبدالله ابن عمر ؓ کان روايت آهي ته حضرت عمر مسجد ڏانهن ويو ۽ حضرت معاذ کي حضور جي قبر شريف وٽ روئندي ڏٺائين ۽ چيائين ته جنهن الله جي ولين سان دشمني رکي ان الله سان مقابلو ڪيو. الله تعاليٰ اهڙن نيڪ، پرهيزگارۀ لڪ ۾ رهڻ وارن ماڻهن کي پسند فرمائي ٿو جيڪي جيڪڏهن موجود نه هجن ته انهن جي ڳولا نٿي ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن موجود هجن ته انهن کي سڃاتو نٿو وڃي، انهن جون دليون هدايت جا ڏيئا آهن، اهي هر اونداهيءَ کان ٻاهر نڪري چڪا آهن، يعني هر قسم جي جهالت ۽ ان جي فتنن کان بچيل آهن.

فائدو:

الله جي ولين سان دشمني رکڻ جا ٻه وڏا نقصان آهن، هڪ دنيا ۾ انهن جي برڪت کان محرومي، ٻيو سوءِ خاتمه (موت کان اڳ ايمان کسجي وڃڻ) جو خطرو. اهي ٻئي ڳالهيون حديث قدسي مان ثابت ٿي ويون.

# باب تيرهون

## الله جو ذڪر

ذڪرِ مطلق قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي.

قرآني آيتن مان الله جي ذڪر جو ماموربه (حڪم مليل) هجڻ ثابت آهي، ڪيتريون ئي آيتون موجود آهن، جن ۾ الله تعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ جو حڪم مليو ٿو. ۽ اهو حڪم گهڻائي جي تاڪيد سان ثابت آهي، البت اندازي ۽ نموني جي اعتبار سان مطلق آهي. اندازي جي اعتبار سان مطلق هجڻ مان مراد هي آهي ته ذڪر جو ڪو مقدار يا حد مقرر ناهي. يعني هيتري مقدار ۾ ذڪر ڪيو وڃي، يا هيترو وقت ذڪر ڪيو وڃي. ۽ نموني جي اعتبار سان مطلق هجڻ مان مراد هي آهي ته ڪنهن خاص حالت جو قيد ناهي، يعني اڪيلو هجي يا گهڻن سان گڏ اجتماعي، ٻيهڻ هجي يا ويهڻ يا پاسي پر ليٽي، تنهنڪري جنهن نوعيت جو هجي ۽ جنهن ڪيفيت سان هجي، سڀ عموم نص ۾ داخل آهي. لهٰذا ڪنهن خاص حالت يا نوعيت تي زور ڪرڻ يا اعتراض ڪرڻ ته هي طريقو بدعت آهي اجايو اعتراض آهي، اهڙو اعتراض الله جي ذڪر کان مانع هجڻ جي برابر آهي، اهڙي شخص لاءِ وعيد موجود آهي:

> الذين يصدون عن سبيل الله ويبغونها عوجا، اي الذين يصدون السالكين عن سبيل الله اي الطريق الموصلة اليه تعاليٰ سبحانهـ ويبغونها عوجا بان يصفونها بما ينفر السالڪ منها من الزيغ والميل عن الحق كاهل البدعة والرياء -[71]

صاحبِ روح المعاني انهيءَ آيت جو تفسير هن طرح ڪيو آهي ته جيڪي ماڻهو سالڪين کي ان طريقي کان روڪين ٿا جيڪو حق ڏانهن پهچائيندڙ آهي ۽ ان ۾ عيب ڪڍڻ جو ارادو ڪن ٿا، هن طرح جو ان طريقي کي اهڙي رنگ ۾ بيان ڪندا آهن جو سالڪ کي

ان ڪان نفرت ٿي وڃي ۽ اهو حق جي رستي ڪان هٽي وڃي جيئن بدعتي ۽ رياڪار ڪندا آهن.

الله جي مطلق ذڪر جي ثابت هجڻ ڪانپوءِ هي اعتراض اجايو هوندو ته ذڪر مان مراد صرف فرض نماز، تلاوت قرآن، تسبيح وتهليل ۽ نوافل ئي آهن ۽ صوفين جو ذڪر وارو طريقو جيڪو مروجه ضربن وغيره سان ڪيو وڃي ٿو ان ڪان خارج آهي، ڇوته ذڪر مطلق آهي، انڪري سڀني ذڪرن جون سڀئي صورتون انجا افراد هوندا، نماز ۽ نفل، تلاوت قرآن، استغفار، لااله الاالله، الله موجود يا صرف الله يا درودشريف ان ئي مطلق ذڪر جا افراد هوندا.

نماز ڪان علاوه به ذڪر جي ڪا صورت آهي؟

قرآني نصوص مان نهايت چٽائي سان ثابت آهي ته فرضن۽ نفلن ڪان علاوه به ذڪر جي ڪا صورت آهي: ڪما قال تعاليٰ:

فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوْا فِی الْاَرْضِ وَ ابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَ اذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ (١٠) (الجمعه-١٠)

پوءِ جڏهن نماز پوري ٿي وڃي ته توهان زمين ۾ گهمو ڦرو ۽ خدا ڪان روزي جي ڳولا ڪريو، ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندا رهو

وقوله تعاليٰ:

رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّ لَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَ اِقَامِ الصَّلٰوةِ (النور-٣٧)

هي اهي ماڻهو آهن جنکي واپار ۽ ڏيتي ليتي الله جي يادگيري ۽ نماز ڪان غافل نٿي ڪري.

وقوله تعاليٰ:

فَاِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِكُمْ ۚ فَاِذَا اطْمَاْنَنْتُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۚ اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا (النساء- ١٠٣)

پوءِ جڏهن توهان نماز پڙهي وٺو ته الله جي ياد ۾ لڳي وڃو، بيٺل حالت ۾ به ۽ ويٺل حالت ۾ به، ۽ ليٽيل حالت ۾ به ۽ جڏهن مطمئن ٿي وڃو ته نماز کي قاعدي جي موافق پڙهڻ لڳو، يقيناً نماز مسلمانن تي

فرض آهي ۽ وقت سان محدود آهي.

پهرين آيت مان هي ثابت آهي ته جڏهن نماز کان فارغ ٿي وڃو ته دنيا جي ڪاروبار ۾ لڳي وڃو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو. ظاهر آهي ته دنيا جو ڪاروبار نماز کان جدا شئي آهي، ٻي آيت ۾ الله جي ذڪر ڪانپوءِ نماز جو ذڪر ٿيو ۽ انهن ٻنهي کي عطف ۽ معطوف جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو. ٽئين آيت ۾ اڳ ۾ ۽ پڇاڙيءَ ۾ نماز جو بيان آهي، وچ ۾ الله جي ذڪر جو بيان ٿيو. ۽ هر حالت ۾ ذڪر ڪرڻ جو حڪم ٿيو آهي جيڪو نماز کان جدا آهي، ۽ نماز وقتن سان ڳنڍيل آهي. ۽ ذڪر گهڻائي جي قيد سان وقت جي پابندي کان خالي آهي، ڇوته وقت جي هڪ حد مقرر آهي. پوءِ (ان مان) نماز کان علاوه به ذڪرالٰهي جون صورتون ثابت ٿي ويون.

قرآن پڙهڻ کان علاوه به ذڪر جي ڪا صورت آهي؟

قال رسول الله عليک بتلاوة القرآن وذکر الله عزوجل فانه ذکر لک في السماء ونور لک في الارض ۔ [72]

حضور اڪرم فرمايو ته قرآن پڙهڻ کي لازم ڪري وٺ ۽ الله جو ذڪر الٰهي ڪندو ڪر، ڇوته ان سان آسمان ۾ تنهنجو ذڪر ٿيندو، زمين ۾ تنهنجي لاءِ نور هوندو.

هيءَ حديث حضور جي وصيت آهي جيڪا پاڻ حضرت ابوذرغفاري ٌ کي فرمايائون، ان مان ثابت ٿيو ته:

1: تلاوت قرآن ۽ الله جي ذڪر ۾ عطف آهي جنهن سان تغائر (الڳ الڳ هجڻ) ثابت ٿيو، تنهنڪري ذڪر مان مراد تلاوت قرآن نه آهي، ڇوته قرآن ڪريم پڙهڻ لاءِ لفظ تلاوت يا قرائت چيو وڃي ٿو، ها فقط قرآن تي ذڪرجو لفظ چيو وڃي ٿو پر تلاوت قرآن تي نه.

2: قرآن مجيد ته هر ماڻهوءَ کي ياد نٿو هجي ۽ قرآن ڪريم ياد ڪرڻ يا پورو پڙهڻ فرض ڪفايه آهي فرض عين ڪونهي ۽ ذڪر سڀني مسلمانن تي فرض آهي، ڇوته ماموربه (حڪم ڪيل) آهي.

3: ذڪر مقيد آهي ڪثرت سان، جنهن کي قرآن مجيد سڀني حالتن

۾ لازمي قرار ڏنو آهي، ۽ تلاوت قرآن هر حالت ۾ ۽ هر وقت ممڪن نه آهي، جيئن ننڊ، ڪاروبار، جنب (غسل فرض هجڻ)، جي حالت ۾پيشاب ۽ پائخاني جي حالت ۾.

4: ذڪر جو مقصد مسمّي جو ملڻ آهي ته جيئن ذڪر جيڪو اسم آهي وچ مان نڪري وڃي ۽ مسمّي (الله جي ذات) دل ۾ رهجي وڃي، مگر قرآن ۾ قصص (قصا)، امثال (مثال)، احڪام، عبادات ومعاملات جو ذڪر آهي، ۽ قرآن جي تلاوت مان مقصد هيءُ هجي ٿو ته احڪام سمجهيا وڃن، هيءُ نه ته مسمّي ئي دل ۾ رهجي وڃي ۽ حڪم نڪري وڃن.

مٿئين بيان ڪيل نمبر4 جي سلسلي ۾ هيءَ آيت غور ڪرڻ جي لائق آهي:

واذکر ربک في نفسک اي في قلبک (روح المعاني)

پوءِ جڏهن ذڪر مان مراد ذڪر روحي قلبي ورتو ويو ته انمان مراد قرآن نٿو ٿي سگهي، ڇوته قرآني احڪام جي تلاوت جو تعلق زبان سان پڙهڻ سان آهي توڙي نماز ۾ پڙهيو وڃي يا نماز کان ٻاهر ۽ صرف دل سان قرآن جي تلاوت ڪرڻ سان نماز نه ٿيندي.

سوال: جڏهن توهان ذڪر کي مطلق تي محمول ڪريو ٿا ته هتي ذڪر قلبي سان ڇو مقيد ڪريو ٿا؟

جواب: اسان محض ٺلهي ليکي ڇيو هو ته ماڻهو ذڪر کي گهڻن نفلن ۽ نمازن تي ئي ڇون ٿا ته باقي اذڪار کي بدعت ڇو ڇون ٿا؟ حالانڪه سڀئي اذڪار عموم نص ۾ داخل آهن. وري اسان تخصيص به قرآن مان ٻڌائي ڇڏي ته ان مان مراد صرف نماز نه آهي، توڙي نماز افضل ۽ اعليٰ ذڪر آهي. پوءِ ذڪر قلبي قرآن جي نص مان ثابت ڪيو ۽ اهو ته هر حال ۾ صرف ذڪر قلبي ئي ممڪن آهي، تلاوت قرآن ۽ نماز ممڪن ناهي.

## ذڪر ڪثير ماموربه (حڪم ٿيل) آهي

قرآن مجيد ۾ جتي الله جي ذڪر جو حڪم ڏنو ويو آهي، گهڻين جاين تي ان سان ڪثير صفت موجود آهي. مثلاً:

1: يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا (الاحزاب- ٤١)
اي ايمان وارؤ توهان الله تعاليٰ کي ڪثرت سان ياد ڪندا رهو.
2: وَ الذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا (الاحزاب- ٣٥)
الله تعاليٰ کي ڪثرت سان ياد ڪندڙ مرد.
3: لِّمَنْ كَانَ يَرْجُو اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيْرًا ( الاحزاب- ٢١)

حضور جو عمدو نمونو ان شخص لاءِ آهي جيڪو آخرت جي ڏينهن کان ڊڄندو هجي ۽ گهڻو ذڪر الٰهي ڪندو هجي.

4: يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً فَاثْبُتُوْا وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ (الانفال-٤٥)

اي ايمان وارؤ جڏهن توهانکي ڪنهن جماعت سان مقابلي جو اتفاق ٿئي ته ثابت قدم رهو ۽ الله جو ڪثرت سان ذڪر ڪريو، اميد آهي ته توهان ڪامياب ٿيو.

ابن ڪثير اذڪروالله ذڪرا ڪثيرا جو تفسير ڪندي لکيو آهي ته:

> عن ابن عباس في قوله تعاليٰ اذكروا الله ذكرا كثيرا ان الله تعاليٰ لم يفرض علي عباده فريضة الا جعل لها حدا معلوما ثم عذر اهلها في حال العذر غير الذكر فان الله تعاليٰ لم يجعل له حدا ينتهي اليه ولم يعذر احدا في تركه الا مغلوبا عليٰ تركه فقال اذكروا الله قياما وقعودا وعلي جنوبكم بالليل والنهار في السر والعلانية في البروالبحر في السفروالحضر والغني والفقر والسقم والصحة وعلي كل حال ـ [73]

حضرت ابن عباس انهيءَ آيت جو تفسير فرمايو ته الله تعاليٰ پنهنجن بندن تي ڪا اهڙي عبادت فرض ڪونه ڪئي جنهن جي حد مقرر نه هجي ۽ ان ۾ هڪ معذور ماڻهوءَ جو عذر قبول نه فرمايو هجي مگر الله جو ذڪر اهڙي عبادت آهي جنهن جي ڪا حد مقرر نه ڪئي ۽ نه ڪنهن کي ذڪر ڇڏڻ تي معذور فرمايو، ها جيڪو مغلوب الحال (هوش ۽حواس کان ٻاهر) هجي انجو معاملو جدا آهي، ۽ فرمايو الله جو ذڪر ڪريو، بيٺا هجو، ويٺا هجو يا ليٽيل هجو. رات هجي يا ڏينهن، دل سان هجي يا زبان سان، زمين تي هجو يا سمنڊ ۾، سفر ۾ هجو يا حضر ۾، خوشحال هجو يا تنگ حال، چڱا ڀلا

هجو يا بيمار، هر حال ۾ ذڪر ڪريو {ڪائيندي پيئندي، جُنب وطهرپاڪي وناپاڪي بيع خريد و فروخت، ننڊ ۽ سجاڳي ۾}.

ذڪر جون مختلف صورتون

الله جي ذڪر جون ٽي صوررتون آهن: (1) زبان سان، جهري بلند آوازسان، (2) زبان سان ذڪر سري، (3) ذڪر قلبي ۽ روحاني. پهريون قسم باتفاق علماء بدعت آهي. ها، ضرورت جا مقامات خارج آهن جيئن اذان، تڪبير، خطبو وغيره.

اجمع العماء علي ان الذكر سرا هو الافضل والجهر بدعة الافي مواضع مخصوصة مست الحاحة فيها - [74]

ذڪر قلبي افضل آهي

الثالث الذكر الخفي بالقلب والروح والنفس وغيرها الذي لامدخل فيه للسان وهوالذكر الخفي الذي لايسمعه الحفظة اخرج ابويعلي عن عائشة رضي الله عنها قالت قال رسول الله لفضل الذكر الخفي الذي لايسمعه الحفظة سبعون ضعفا اذا كان يوم القيٰمة وجمع الله الخلق لحسابهم وجائت الحفظة بما حفظوا وكتبوا فيقول لهم انظرو هل بقي له شيءَ- فيقولون ما تركنا شيئا مما علمناه وحفظناه الا وقد احصينٰه وكتبناه فيقول تعاليٰ ان له حسنة لاتعلمه واخبرك به هوالذكر الخفي- قلت وهذا الذكر لاانقطاع لها ولا فتور لها – [75]

ٽيون قلب ۽ روح سان گڏ ذڪر خفي آهي، هيءُ اهو ذڪر آهي جنهن ۾ زبان جو ڪو دخل نه آهي، ۽ جنهن کي ڪراما ڪاتبين به نٿا ٻڌي سگهن. امام ابو يعلي حضرت عائشه ϖ کان روايت ڪئي آهي ته حضور فرمايو جنهن ذڪر خفي کي ملائڪ ڪاتبين ٻڌي نٿا سگهن، انکي غير ذڪر خفي تي ستر دفعا زياده فضيلت آهي. قيامت جي ڏينهن جڏهن الله تعاليٰ مخلوق کي حساب جي لاءِ گڏ ڪندو ۽ ڪاتبين پنهنجون تحريرون پيش ڪندا ته الله تعاليٰ فرمائيندو ته ڏسو هن جي ڪا نيڪي رهجي ته نه ويئي، اهي عرض ڪندا اسانکي

جيڪو معلوم ٿيو سڀ لکي ڇڏيوسين. پوءِ الله تعاليٰ فرمائيندو ته انجي هڪ نيڪي اهڙي آهي جيڪا توهان نٿا ڄاڻو اها ذڪر خفي آهي، مان چوان ٿو ته ذڪر خفي نه ختم ٿئي ٿو، نه ان ۾ فتور اچي ٿو.

ذڪر خفي جي فضيلت قرآن ۾

قال تعاليٰ: اِذْ نَادٰی رَبَّہٗ نِدَآءً خَفِیًّا ( مريم- ٣) وفي هذه الايه ذكر الله تعاليٰ عبده صالحا ورضي عنه ـ [76]

هن آيت ۾ الله تعاليٰ پنهنجي هڪ نيڪ ٻانهي کي ياد ڪيو ۽ انجي هن ڪم يعني مخفي ياد ڪرڻ کي پسند فرمايو.

وقوله تعاليٰ- وَاذْكُرْ رَّبَّکَ فِیْ نَفْسِکَ تَضَرُّعًا وَّ خِیْفَةً - ( الاعراف- ٢٠٥)

انهيءَ آيت جي تفسير ۾ امام رازي فرمائين ٿا ته الله تعاليٰ نبي ڪريم کي وحي جي تبليغ جو حڪم ڏيڻ کانپوءِ متصل ئي هن آيت ۾ حڪم ڏنو.

بان يذكر ربه في نفسه والفائدة فيه ان انتفاع الانسان بالذكر انما يكمل اذا وقع الذكر بهذه الصفة لانه بهذا الشرط اقرب الي الاخلاص والتضرع ـ [77]

ته پاڻ پنهنجي پروردگار کي دل ۾ ياد ڪن، ۽ انجو فائدو هي آهي ته ماڻهو ذڪر کان مڪمل طور تي مستفيد ان صورت ۾ ٿي سگهي ٿو جڏهن ذڪر ۾ اها صفت پيدا ٿي وڃي ڇوته انهيءَ شرط (يعني ذڪر قلبي) سان ذڪر ڪرڻ، اخلاص ۽ تضرع (عاجزي) کي وڌيڪ ويجهو آهي.

فائدو:

ذڪر خفي مبتدي کي رياءُ و ڏيکاء کان بچائي ٿو ۽ منتهي جي لاءِ الله کانسواءِ ٻين جي محبت کان بلڪل قطع تعلق ۽ فنا في المذڪور جو فائدو ڏئي ٿو، جيئن حضور اڪرم فرمايو: من عرف الله كل لسانه ۽ تفسير ابي المسعود ۾ آهي ته: وهو عام في الاذكار كافة فان الاخفاء ادخل في الاخلاص واقرب من الاجابة ـ [78]

اخفاء سڀني اذڪار جي لاءِ عام آهي، ڇوته اخفاء (ذڪر خفي) ۾ اخلاص جو عنصر سڀ کان زياده آهي ۽ قبوليت جي اعتبار کان

ويجهو آهي.
فائدو:
1: عبادتن جي قبول ٿيڻ جو مدار اخلاص تي آهي ۽ ذڪر خفي ۾ سڀ کان وڌيڪ اخلاص ملي ٿو.
2: عبادت جو مقصود قبول ٿيڻ آهي ۽ اخفا المقصود کي گهڻو ويجهو آهي. اهوئي سبب آهي جو گهڻن صوفياءِ ڪرام ذڪر خفي تي هميشگي ڪئي آهي ۽ جن سلسلن ۾ سالڪ جي تربيت جي لاءِ ذڪر جهر لساني ڪرايو ويندو آهي اهو صرف مبتدي جي لاءِ آهي ۽ منتهي جي لاءِ انهن وٽ به ذڪر خفي ئي تي زور ڏنو ويندو آهي.

ذڪر خفي جي فضيلت حديث ۾
عن ابي سعيد الخدري قال سمعت رسول الله يقول خير الذكر الخفي ـ [79]

ابو سعيد خدري ؓ روايت ڪن ٿا ته مون حضور اڪرم کي هي فرمائيندي ٻڌو ته بهترين ذڪر، ذڪر خفي آهي.
وعن سعد ابن ابي وقاص قال سمعت رسول الله يقول خير الذكر الخفي ـ [80]

حضرت سعد ابن ابي وقاص ؓ فرمائين ٿا ته مون حضور کي هي فرمائيندي ٻڌو ته بهترين ذڪر، ذڪر خفي آهي.
اگرچه ذڪر مطلق ماموربه (حڪم ٿيل) آهي، مگر اسان قرآن وحديث مان متوارث ۽ متعامل ذڪر کي ورتو آهي جيڪو ميراث طور اسان کي سلف صالحين ۽ صوفياء عارفين کان مليو آهي جنهن جي افضل هجڻ تي قرآن وسنت مان چٽا دليل ملن ٿا. اسان رتبن جي سنڀال کي لحاظ ۾ رکون ٿا. فرضن کي راس المال ۽ موڙي سمجهون ٿا ۽ نفلن کي نفعي جي جاءِ تي ڄاڻون ٿا ۽ ذڪرن ۾ سڀ کان افضل ذڪر قلبي کي سمجهون ٿا ۽ اهو قرآن وسنت جي عين مطابق آهي. تزڪيه قلب انهيءَ سان حاصل ٿئي ٿو ۽ تزڪيه قلب ئي حقيقي ڪاميابي جو ضامن آهي.
ڪما قال الله تبارڪ وتعاليٰ- اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰٓئِفٌ مِّنَ

الشَّيْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا ہُمْ مُّبْصِرُوْنَ (الاعراف – ١٠٢)اي اذا مسهم الشيطان بالوسوسة والتشويش وارسال الستور وارخاء الحجاب علي القلب تذكروا الله تعاليٰ واذكروا اسمه ثم اذا تذكروا يرد الله عنهم ويرفع حجبه ويبصر قلب الذاڪر

يقيناً جيڪي ماڻهو خدا ترس آهن جڏهن انهن کي ڪو خطرو شيطان جي طرفان اچي ٿو ته ياد ۾ لڳي وڃن ٿا سو هڪدم انهن جون اکيون کلي وڃن ٿيون. يعني جڏهن پرهيزگار ماڻهن کي شيطان جي طرفان وسوسو ۽ پريشاني ٿئي ٿي ۽ اهو انهن جي دل تي پردا وجهي ڇڏي ٿو ته ان وقت اهي ماڻهو الله کي ياد ڪن ٿا ۽ الله جي نالي کي ياد ڪن ٿا ته الله تعاليٰ انهن جي دل مٿان پردا ڪڍي وٺي ٿو ۽ ذاڪر جي دل ڏسڻ لڳي ٿي.

فائدو:

معلوم ٿيو ته الله جو ذڪر موقوف آهي تقويٰ تي ۽ تقويٰ دروازو آهي ذڪر جو، ۽ الله جو ذڪر دروازو آهي ڪشف جو. ۽ ڪشف دروازو آهي وڏيڪ ڪاميابيءَ جو جيڪا معرفت الٰهي آهي. شيطان ته پنهنجا داوَ استعمال ڪري ٿو مگر انجون تدبيرون ڪمزور آهن، بشرطيڪه مقابلي ۾ خدا جو بندو هجي، هويٰ (خواهش) جو بندو نه هجي.

ڪما قال تعاليٰ- اِنَّ کَيْدَ الشَّيْطٰنِ کَانَ ضَعِيْفًا -(النساء – ٧٦)

2: شيطان جو افسون (اثر) الله جي ذڪر سان هڪدم دفع ٿي وڃي ٿو، ۽ الله وارن تي انجو قبضو نٿو ٿئي.

ذڪر قلبي

الله جي ذڪر ۽ ذڪر ڪثير جي لاءِ قرآن مجيد ۾ گهڻيون آيتون ملن ٿيون، ڪٿي ذڪر اسم ذات جي تاڪيد آهي، ڪٿي ذڪر قلبي جي تلقين ڪئي ويئي آهي جيڪا ذڪر ڪثير ۽ ذڪر دائمي جي هڪ صورت آهي. خاص ڪري هيءَ آيت ذڪر جي جامع خصوصيات جي حامل آهي.

وَاذْکُرْ رَّبَّکَ فِیْ نَفْسِکَ تَضَرُّعًا وَّ خِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَہْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ وَلَا تَکُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ (الاعراف – ٢٠٥)

۽ ياد ڪندو رهه پنهجي رب کي دل ۾ پاڻائي ۽ ڊڄندي ۽ پڪار کان گهٽ آواز چوڻ ۾، صبح ۽ شام جي وقت ۽ نه رهه بي خبر

ان آيت جو تفسير مولانا محمد يوسف بنوري□ حضرت انور شاه صاحب□ کان نفحة العنبر من هدي الشيخ انور جي صفحه 135 تي هن طرح فرمايو آهي.

قال شيخ انور□ لانخرج فيه عن اللفظ وعنوانه الي غيره فهو في الذکرلاالصلوة وان کانت ذکرا قوله واذکر ربک الظاهر المرادبه ذکره في القلب ولعله لذالم يقل واذکر اسم ربک وقال تضرعا وخيفة ولم يقل خفية فالخيفة من عقابة امر في القلب کما قال انما المؤمنون الذين اذا ذکرالله وجلت قلوبهم وعندالترمذي من ابواب صفة جهنم عن انس□ عن النبي□ قال يقول الله اخرجوا من في النار من ذکر ني يوما وخافتي في مقام هذا حديث حسن

شيخ انور□ فرمايو: اسان قرآن جي انهيءَ آيت جي لفظ کان ٻاهر نٿا وڃون ۽ نه انجي عنوان کان ڪنهن ٻي معنيٰ ڏانهن وڃون ٿا. پوءِ ان مان مراد ذڪر آهي نه ڪه نماز، حالانڪه نماز به ذڪر آهي. ۽ واذڪر ربڪ، مان ظاهري مراد قلبي ذڪر آهي لساني ڪونهي. نماز ته لساني يعني زبان جو ذڪر آهي، شايد انهيءَ ڪري الله تعاليٰ واذڪر اسم ربڪ نه فرمايو. ۽ فرمايو تضرعا وخيفة ۽ خفيه نه فرمايو. خوف دل جو ڪم آهي ۽ ازقبيل عقاب آهي يعني خوف، جيئن فرمايو مومن اهي آهن جن جي سامهون الله جو ذڪر ڪيو وڃي ته انهن جون دليون ڊڄي وڃن ٿيون. ۽ ترمذي شريف جي حديث صفت ابواب جهنم ۾ حضرت انس□ کان مروي آهي ته حضور□ فرمايو الله تعاليٰ فرمائيندو ان شخص کي ٻاهه مان ڪڍي ڇڏيو جنهن صرف هڪ ڏينهن مونکي ياد ڪيو، يا اهو منهنجي سامهون بيهڻ کان ڊنو.

ان آيت ۽ انجي تفسير مان ثابت ٿيو ته:

1: ذڪر مان مراد ذڪر قلبي آهي.

2: ذڪر جهري لساني جي مقابلي ۾ ذڪر قلبي کي فضيلت حاصل آهي.

3: ترمذي جي حديث مان ظاهر آهي ته ذڪر دوزخ جي باهه کان نجات ڏيارڻ وارو آهي.
4: اللّٰه تعاليٰ صبح ۽ شام ذڪر ڪرڻ جو حڪم ڏنو.
5: صبح ۽ شام ذڪر نه ڪرڻ وارو خدا کان غافل ثابت ٿيو.

اسانجي سلسلي نقشبنديه اويسيه ۾ جيڪو ذڪر ڪرايو وڃي ٿو اهو ذڪر قلبي آهي ۽ صبح ۽ شام ذڪر ڪرايو ويندو آهي، ۽ انهيءَ آيت تي اسانجو پورو پورو عمل آهي.

اجتماعي ذڪر

فيض الباري 315:2 تي درج آهي ته علامه ابن حجر عسقلاني مصر ۾ مجلس ذڪر قائم ڪئي هئي.

ثم اندرست ثم اندرست تلک المجالس حتي جاء السيوطي وشرع ثم انقطعت بعده بالكلية

پوءِ اها مجلس ختم ٿي ويئي، پوءِ امام سيوطي پنهنجي زماني ۾ قائم ڪئي. ڪانئن پوءِ بند ٿي ويئي.

معلوم ٿيو ته متقدمين محدثين مجالس ذڪر قائم ڪرڻ جو اهتمام ڪندا رهندا هئا ۽ فيض الباري 326:2 ۾ آهي ته نمازن کانپوءِ سلف صالحين ۾ اهو دستور هو ته مجلس ذڪر قائم ڪندا هئا.

فالسنة الخاصة في ذلک قاضية علي عموم الاحاديث في الاذكار بعد الصلوة وفي المدخل لابن الحاج المالكي ان السلف الصالحين كانوا يحسبون بعد الصبح والعصر في المسجد لهم زمزمة ودوي كدوي النحل

ان ذڪر ۾ جيڪا خاص سنت آهي اها ان امر جي متقاضي آهي اهو نمازن کانپوءِ حديثن مان ثابت آهي ۽ مدخل ابن حاج مالڪي ۾ آهي ته سلف صالحين يعني صحابه، تابعين و تبع تابعين نماز فجر ۽ عصر کانپوءِ مسجد ۾ ذڪر جو حلقو ڪندا هئا انهن جي ذڪر جو آواز ماکيءَ جي مک جي پڻ پڻ وانگر هوندو هو.

ذڪر جي اها صورت ذڪر خفي آهي يا پاس انفاس، جنهن جو نقشبنديه وارن وٽ خاص اهتمام ڪيو ويندو آهي.

# باب چوڏهون

## ذڪر جو حلقو

گذريل باب ۾ اهو بيان ٿي چڪو آهي ته الله جو ذڪر اندازي ۽ نموني جي اعتبار سان مطلق آهي ان اصول کي ڏسي صوفياءِ ڪرام ضرورت، مناسبت، موزونيت ۽ فائدي جي اعتبار سان جيڪا صورت چڱي سمجهي انکي اختيار ڪيو. ڪٿي اڪيلي طور تي ذڪر ڪرڻ جي تلقين ڪئي، ڪٿي اجتماعي ذڪر جي صورت اختيار ڪئي. مگر ڪي نادان ماڻهو اجتماعي ذڪر ۽ حلقهءِ ذڪر کي بدعت چئي ڇڏين ٿا، حالانڪه مٿين اصول جي بناء تي انکي بدعت چوڻ غلطي ئي نه بلڪه خود هڪ بدعت آهي.

اجتماعي ذڪر جو ثبوت

قال تعاليٰ وَاصْبِرْ نَفْسَکَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّہُمْ بِالْغَدٰوۃِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْہَہٗ

(الڪهف – ٢٨)

۽ توهان پاڻ کي انهن ماڻهن ساڻ ڳنڍيل رکندا ڪريو جيڪي صبح شام پنهنجي رب جي عبادت محض انجي رضا لاءِ ڪن ٿا.

ان آيت جي حصي "مَعَ الَّذِيْنَ " مان اجتماعي ذڪر ۽ حلقهءِ ذڪر جو ثبوت ملي ٿو. حضور اڪرم کي به انهن سان گڏ رهڻ جو حڪم مليو آهي، ان مان ذڪر اجتماعي جي فضيلت به ظاهر ٿي ويئي.

حديث مان انجي تائيد

عن ابي هريرة قال قال رسول الله ان لله ملائكته يطوفون في الطريق يلتمسون اهل الذكر فاذا وجدوا قوما

يذكرون الله تنادوا هلموا الي حاجتكم فيحفونهم باجنحتهم الي السماء الدنيا الي ان قال فيقول تعاليٰ اشهد كم اني قد غفرت لهم قال فيقول ملک من الملائکة فيهم فلان ليس منهم انماجاء لحاجته قال هم الجلساء لايشقي جليسهم ـ [81]

حضور فرمايو ته ملائڪ ذڪر ڪندڙن کي ڳوليندا ڦرن ٿا، جڏهن ڪٿي انهن کي ذاڪرين جي ڪا جماعت ملي وڃي ٿي ته پنهنجن ساٿين کي گهرائين ٿا ته هيءَ آهي اها شئي جنهن جي توهان کي ڳولا آهي، چنانچه اهي ملائڪ ذاڪرين کي آسمان تائين پنهنجن ڪنين سان ڍڪي ڇڏين ٿا. اينريقدر جو فرمايائون ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته مان توهان کي شاهد بڻايان ٿو ته مون انهن ماڻهن کي بخشي ڇڏيو آهي، پوءِ انهن مان هڪ ملائڪ چوي ٿو ته فلاڻو ماڻهو ذڪر وارن منجهان نه آهي، اهو ته پنهنجي ڪم سان آيو هو. ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اها اهڙي مجلس آهي جنهن ۾ويهڻ وارو بدبخت نٿو رهي سگهي.

فائدا:

1: ان روايت مان ثابت ٿيو ته مجالس ذڪر قائم ڪرڻ اهڙو واڪاڻيل عمل آهي جو ملائڪه سڳورا مجالس ذڪر جي ڳولا ۾ ڦرندا رهن ٿا، ڇوته ملائڪن ۽ ذاڪرين ۾ مناسبت آهي. جيئن پهرين ذڪر ٿي چڪو آهي.

2: ذڪر الٰهي اهڙي عبادت آهي جنهن تي معافيءَ جو اعلان ڪيو وڃي ٿو، ڪنهن ٻي عبادت تي نه.

3: صالحن ۽ مشائخن جي صحبت جو وسيلو محمود هجڻ ثابت ٿيو، ذاڪرين جي جماعت ۾ شامل ٿيڻ سان بدڪار به ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺي ٿو.

4: اولياء جي ٿورڙي صحبت ايماندار ماڻهوءَ کي جنتي بڻائي ڇڏي ٿي.

مجالس ذڪر قائم ڪرڻ جو حڪم

عن ابي رزين انه قال له رسول الله الا ادلک علي ملاک هذاالامر الذي تصيب فيہ خير الدنيا والاخرة عليک بمجالس اهل الذلر ـ [82]

حضور فرمايو ته ڇا آئون اهڙي بهترين عمل جي خبر نه

ڏيان جنهن سان توهان دنيا ۽آخرت جي ڀلائي گڏ ڪري وٺو.... پڙو! ذڪر جي مجلسن کي لازم پڪڙيو.

فائدا:

1: مجالس ذڪر جي ڳولا ۽ انهن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تاڪيدي حڪم آهي.

2: مجالس ذڪر دين ودنيا جي ڪاميابي جو ذريعو آهن.

3: الله جي ذڪر سان الله جي رحمت جو نزول ۽ اطمينان قلبي حاصل ٿئي ٿو.

ولنعم مافيل انا من الرجال لايخاف جليسهم ريب الزمان ولايري مايرهب

صوفين جي عمل جو قرآن وسنت تي بنياد آهي

واورادالصوفية التي يقرئونها بعد صلوة علي حسب عاداتهم في سلوكهم لها اصل اصيل فقدروي البيهقي- عن انس ان النبي قال لاني اذكر الله مع قوم بعد صلوة الفجر الي طلوع الشمس احب الي من الدنيا ومافيها ولاني اذكرالله تعاليٰ بعد صلوة العصر الي ان تغيب الشمس احب الي من الدنيا ومافيها

صوفياءِ ڪرام جيڪي ورد وظيفا پنهنجي معمول جي مطابق نمازن کان پوءِ پڙهن ٿا انهن جو ثبوت صحيح موجود آهي. بيهقي حضرت انس جي روايت بيان ڪئي آهي ته حضور فرمايو ته هيءَ شئي مون کي دنيا ومافيها کان زياده محبوب آهي ته ذاڪرين سان گڏ صبح جي نماز کانپوءِ سج اڀرڻ تائين ۽ عصر جي نماز کانپوءِ سج لهڻ تائين الله جو ذڪر ڪندو رهان.

وروي ابوداوّد عنه انه قال لاني اقعد مع قوم يذكرون الله تعاليٰ من صلوة الغداة حتي تطلع الشمس احب الي من اعتق اربعة من ولد اسمعيل ولاني اقعد مع قوم يذكرون الله من صلوة العصر الي ان تغرب الشمس احب الي من ان اعتق اربعة

۽ ابوداوّد ۾ حضرت انس جي روايت آهي ته حضور فرمايو ته ذاڪرين سان گڏجي صبح جي نماز کانپوءِ سج اڀرڻ تائين ذڪر ڪرڻ مونکي اسماعيل جي اولاد مان چار غلام آزاد ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي، ۽ نماز عصر کانپوءِ سج لهڻ تائين انهن سان

گڏجي ذڪر ڪرڻ چار غلام آزاد ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي.

وروي ابو نعيم انه قال مجالس الذكر تنزل عليهم السكينة وتحف بهم الملائكة وتغاشهم الرحمة و يذكرهم الله تعاليٰ

۽ ابو نعيم بيان ڪيو ته حضور فرمايو ته ذڪر جي مجلسن تي ملائڪن جو نزول ٿئي ٿو، اهي انهن کي پنهنجن پکن سان ڍڪي ڇڏين ٿا، ۽ انهن تي نزول سڪينه ٿئي ٿي ۽ انهن تي الله جي رحمت ڇانئ ڪري ٿي ۽ الله انهن کي ياد ڪري ٿو.

وروي احمد ومسلم انه قال لايقعد قوم يذكرون الله تعاليٰ الا حفت بهم الملائكة وغشيتهم الرحمة و تنزلت عليهم السكينة وذكرهم الله تعاليٰ فيمن عنده

۽ امام احمد ۽ مسلم بيان ڪيو ته جڏهن ڪجهه ماڻهو الله جي ذڪر لاءِ ويهن ٿا، ته هڪدم ملائڪ انهن کي پنهنجي پرن سان ڍڪي ڇڏين ٿا، ۽ انهن تي نزول سڪينه ٿئي ٿي، ۽ الله جي رحمت وسي ٿي ۽ الله تعاليٰ انهن ماڻهن جو ذڪر پنهنجي مقربين ۾ فرمائي ٿو.

واذا ثبت ان لما يعتاده الصوفية من اجتماعهم علي الاذكار والاوراد بعد الصبح وغيره اصلا صحيحا من السنة وهو ماذكر فلا اعتراض عليهم في ذالک ـ [83]

جڏهن اهو ثابت ٿي ويو ته صوفين سڀني جي صبح وشام جي اجتماع ۽ اذڪار ۽ وردن وظيفن جو اصل سنت صحيح سان ثابت آهي ۽ انجو اسان ذڪر ڪري ڇڏيو آهي پوءِ ان تي ڪو اعتراض نٿو ٿي سگهي.

هن باب جي ابتدا ۾ اسان جيڪا آيت پيش ڪئي هئي ان جو جامع ۽ مڪمل تفسير فتاوي الحديثيه جي مٿي ذڪر ڪيل عبارت مان ثابت ٿي ويو حلقهءِ ذڪر جو اصل قرآن وحديث مان ثابت ٿي ويو.

قرآن ڪريم مان ذڪر جي حلقي جو ثبوت

تفسير"ڪلام الملوڪ، ملوڪ الڪلام" ۾ هن آيت:

اِنَّا سَخَّرْنَا الْجِبَالَ مَعَهٗ يُسَبِّحْنَ بِالْعَشِيِّ وَ الْاِشْرَاقِ (۱۸) وَالطَّيْرَ

مَحْشُوْرَةً ؕ (ص ـ١٧، ١٨) بعد ما يحمل علي التسبيح القالي ڪما هو ظاهر القرآن ومؤيد بڪشفھ ڪثير من اهل الله تعاليٰ يوخذ منھ امران الاول الاجتماع علي الذڪر تنشيطا للنفس وتقوية للهمة وتعاڪس برڪات الجماعة من بعض علي بعض والثاني موضحة ما يتخيل في بعض الاشغال من اشتغال ڪل مافي العالم بالذڪر ولھ تاثير عجيب في جمع الهمة وقطع الخطرات

قرآني آيت جي تفسير مان هيءَ ڳالهه واضح ٿي ويئي ته حلقهءِ ذڪر يعني اجتماعي صورت ۾ ذڪر ڪرڻ مؤيد بالقرآن آهي ۽ صاحبِ تفسير حلقهءِ ذڪر جي فائدن جي به نشاندهي ڪري ڇڏي، انهن مان فرحت ۽ تقويت جو احساس ته عام آهي پر برڪتن جي عڪس پوڻ ڪي صرف اهل نظر ئي ڏسي سگهن ٿا ۽ مجموعي طور تي انجي”عجيب تاثير“ جي ڪيفيت لفظن جي ذريعي بيان نٿي ٿي سگهي ۽ جيڪي ماڻهو صرف لفظن سان ڪيڏن ٿا انهن کي انهن ڪيفيتن جو علم ٿئي ته ڪيئن. تنهن ڪري پنهنجي محرومي کي لڪائڻ لاءِ انڪار جو سهارو وٺن ٿا.

قاصر گرکند براین طائفہ طعن قصور
ماشاءَ الله کہ بر آرم بزبان این گلہ را
ہمہ شیران جہاں بستہ این سلسلہ اند
روبہ ازحیلہ چسان بگسلد این سلسلہ را

## باب پندرهون

# الله جي ذڪر جي فضيلت

الله جو ذڪر سڀني عبادتن کان افضل آهي

قرآن مجيد ۾ الله جي ذڪر جي صلي(بدلي) ۾ هڪ اهڙي نعمت جو وعدو ڪيو ويو آهي جنهن کان مومن لاءِ ٻي ڪا وڏي نعمت نٿي ٿي سگهي. قال الله تعاليٰ- فاذڪروني اذڪرڪم، اهو واعدو صرف الله جي ذڪر سان مختص آهي ۽ ظاهر آهي ته جنهن کي الله تعاليٰ ياد ڪري ان کان وڌيڪ خوش نصيب ڪير ٿي سگهي ٿو؟ انهيءَ ڪري الله تعاليٰ هيءُ اعلان فرمايو ته ولذڪرالله اڪبر واقعي جيڪڏهن الله جو ذڪر سڀ کان وڏي نعمت نه هجي ها ته انجي صلي ۾ اذڪر ڪم جي نعمت غير مترقبه ڪيئن ملي سگهي ها؟

حضور  هر وقت ذڪر الٰهي ۾ مشغول رهندا هئا

عن عائشة رضي الله عنها قالت ڪان النبي- يذڪر الله علي ڪل احيانه

(رواه مسلم باب مخالطة الجنب)

حضور  هر وقت الله جي ذڪر ۾ مشغول رهندا هئا.

فائدو:

لفظ "احيان" جمع آهي ۽ قاعدو آهي ته جمع جي اضافت پنهنجي مابعد ڏانهن استغراق حقيقي جو فائدو ڏئي ٿي.

پوءِ ان تي سڀني فردن کي احاطو ڪندڙ لفظ "ڪل" به داخل آهي. تنهن ڪري سڀني وقتن ۾ پاڻ الله جو ذڪر ڪندا هئا ۽ سڀني وقتن ۾ ڪاڪوس پيشاب، ڪائڻ پيئڻ، هم بستري ننڊ ۽ ٻيا ڪم به شامل آهن:

ڪما قال الله تعاليٰ- اِنَّ لَکَ فِی النَّہَارِ سَبْحًا طَوِیۡلًا ؕ (المزمل-٧)

ڪل احيان ۾ ذڪر ڪرڻ مان مراد ذڪر قلبي ئي ٿي سگهي ٿو ۽ استغراق حقيقي جي ڪري پنهنجي وقتن ۾ ذڪر لساني به شامل ٿيندو. خيال رهي ته هتي استغراق عرفي يا اضافي نه آهي ڇوته قرينه مخالطة الجنب موجود آهي جيئن ته اهڙي حالت ۾ ذڪر لساني ناجائز آهي، انڪري لازماً ذڪر قلبي مراد هوندو.

حضور  الله جي ذڪر ڪي سڀ کان افضل عبادت فرمايو

عن ابي سعيدن الخدري ان رسول الله سئل اي العبادة افضل درجة عند الله يوم القيامة قال الذاكرون الله كثيرا قلت يا رسول ومن الغازي في سبيل الله عزوجل قال لوضرب بسيفه في الكفار والمشركين حتي ينكسر ويختضب وما كان الذاكرون الله افضل منه (رواه الترمذي) ـ [84]

حضور اڪرم کان پڇيو ويو ته ڪهڙي عبادت الله وٽ قيامت جي ڏينهن سڀ کان افضل هوندي؟ فرمايائون! الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪرڻ وارن جو درجو سڀ کان بلند هوندو، مون عرض ڪيو ته ڇا مجاهد في سبيل الله کان به؟ فرمايائون جيڪڏهن مجاهد في سبيل الله ڪافرن ۽ مشرڪن تي تلوار هلائي، تان جو تلوار ٽٽي پوي ۽ هو خون (رت) ۾ لٿڙجي وڃي تڏهن به الله جو ذڪر ڪرڻ وارا افضل آهن.

الله جو ذڪر جاني ۽ مالي عبادتن کان افضل آهي

عن ابي الدرداء قال قال رسول الله الا انبئكم بخير اعمالكم وازكاها عند مليككم وارفعها في درجاتكم لكم و خيرلكم من انفاق الذهب والورق و خير لكم من ان تلقوا عدوكم فتضربوا اعناقهم قالو بلي يارسول الله قال ذكر الله تعاليٰ قال الحاكم في كتابه المستدرک علي الصحيحين هذا حديث صحيح الاسناد ـ [85]

حضوراڪرم فرمايو ڇا مان توهان کي اهڙو عمل نه ٻڌايان جيڪو سڀ کان افضل هجي، جنهن جو ثواب الله تعاليٰ وٽ سڀ کان وڌيڪ هجي، جيڪو توهانجو درجو سڀ کان بلند ڪري ڇڏي

۽ اهو عمل ڪرڻ سون چاندي خرچ ڪرڻ کان به وڌيڪ پسنديده هجي ۽ جيڪو دشمنن جي خلاف جنگ ڪرڻ ۽ انهن کي قتل ڪرڻ کان به افضل هجي. صحابه رضي الله عنهم عرض ڪيو ته حضور ضرور فرمايو. فرمايائون الله جو ذڪر سڀ کان افضل آهي.

الله جو ذڪر مومن جي لاءِ هڪ قلعو آهي

قال النبي آمركم بذكرالله كثيرا ومثل ذلک كمثل رجل طلبه العدو سراعا في اثره حتي ياتي حصنا حصينا فاحرز نفسه فيه وكذالک للعبد لاينجوا من الشيطان الابذكر الله

حضور فرمايو مان توهانکي حڪم ڏيان ٿو ته الله کي گهڻو ياد ڪريو، ان جو مثال اهڙو آهي ته ماڻهو جي پٺيان دشمن تکو اچي رهيو هجي ۽ اهو ماڻهو ان کان بچڻ لاءِ قلعي ۾ پناهه وجي وٺي، اهڙي طرح شيطان جي حملي کان بچڻ جي صرف هڪ صورت آهي ۽ اهو الله جو ذڪر آهي.

الله جي ذڪر کان غفلت شيطان جي هٿ تي بيعت ڪرڻ وانگر آهي

قال تعاليٰ وَمَنۡ يَّعۡشُ عَنۡ ذِكۡرِ الرَّحۡمٰنِ نُقَيِّضۡ لَہٗ شَيۡطٰنًا فَهُوَ لَہٗ قَرِيۡنٌ (الزخرف-٣٦)

جيڪو شخص الله جي ذڪر کان اکيون پوري اسان انتي هڪ شيطان مسلط ڪري ڇڏيون ٿا پوءِ اهو ان جو ساٿي بڻجي وڃي ٿو.

وقوله تعاليٰ- اِسۡتَحۡوَذَ عَلَيۡهِمُ الشَّيۡطٰنُ فَاَنۡسٰهُمۡ ذِكۡرَ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِکَ حِزۡبُ الشَّيۡطٰنِ ؕ (المجادله-١٩)

انهن تي شيطان پورو قبضو ڪري ورتو آهي سو هن انهن کي خدا جي ياد وساري ڇڏي، اهي ماڻهو شيطان جو ٽولو آهن.

انهن ٻنهي آيتن مان ظاهر ٿي ويو ته الله جي ياد کان غافل ٿيڻ شيطان سان تعلقات قائم ڪرڻ آهي ۽ الله کان تعلق ٽوڙڻ ۽ شيطان سان تعلق جوڙڻ آهي. جيڪو ذڪر کان غافل ٿيو حزب الله (الله

جي جماعت) مان نکري ويو ۽ حزب الشيطان (شيطان جي جماعت) ۾ داخل ٿي ويو.

اللهم احفظنا

باب سورهون

# توجهه ۽ تصرف شيخ

تصوف وسلوڪ القائي وانعڪاسي عمل آهي، تنهنڪري انهيءَ راهه تي هلڻ ۽ ان ۾ ترقي ڪرڻ لاءِ شيخ جي صحبت ضروري آهي ۽ شيخ کان فيض وٺڻ ۽ حاصل ڪرڻ توجه لاءِ شيخ تي اعتماد ڪرڻ نهايت ضروري آهي. توجه تصرف، همت ۽ جمع خاطر هن سلسلي جا خاص اصطلاح آهن، انهن جو ماخذ ڪتاب الٰهي آهي.

قال الله تعاليٰ، وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ؕ(البقره-٨٧)اي تغليب ملڪيته علي بشريته ـ [86]

اسان عيسيٰ ؑ جي تائيد (پٺڀرائي) روح پاڪ سان ڪئي، يعني وصف ملڪيت کي بشريت تي غالب ڪري ڇڏيو.

حديث نبوي ﷺ مان هن حقيقت جي تائيد هن طرح ٿئي ٿي:

قال النبي ﷺ اللهم ايده بروح القدس (رواه مسلم)

حضور ﷺ (حسان بن ثابت ؓ جي حق ۾) دعا ڪئي ياالله هن جي امداد روح پاڪ يعني جبرائيل ؑ سان ڪر.

فائدو:

انهيءَ آيت ۽ حديث مذڪوره سان تائيد وتاثير باطني ثابت ٿيو. حضرت عيسيٰ ؑ ۾ تائيد باطني هن طرح ظاهر ٿي ته اوصاف ملڪيه سان متصف ٿيا ۽ ملائڪن جي دنيا ۾ وجي آباد ٿيا. ۽ وحي جو تفسير وحي سان ڪيو ويو ته حضرت حسان بن ثابت ؓ جي تائيد مان يقيناً تائيد باطني مراد آهي، حضور ﷺ دعا فرمائي ته يا الله حسان ؓ جي دل ۾ جبرائيل ؑ جي القاء ۽ الهام سان ڪفار جي توهين ڪرڻ جي قوت پيدا ڪر ته جيئن هو اهڙا اشعار چوڻ تي قادر ٿي وڃي.

قرآن مجيد مان القاء ۽ باطني تصرف جا چند مثال

قال الله تعاليٰ، اِذْ كُنْتُمْ اَعْدَآءً فَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ بِنِعْمَتِهٖٓ اِخْوَانًا ۚ

(آل عمران-١٠٣)

جڏهن توهان دشمن هئا، پوءِ الله تعاليٰ توهانجي دلين ۾ محبت وجهي ڇڏي، ته توهان الله جي انعام سان پاڻ ۾ ڀائر ٿي ويا.

وقوله تعاليٰ- اِذْ يُوْحِىْ رَبُّكَ اِلَى الْمَلٰٓئِكَةِ اَنِّىْ مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۭ (الانفال-١٢)

ان وقت کي ياد ڪريو جڏهن ته توهان جو رب ملائڪن کي حڪم ڏيئي رهيو هو ته مان توهانجو ساٿي آهيان سو توهان ايمان وارن جي همت وڌايو

ايمان وارن جي همت وڌائڻ ۽ انهن کي ثابت قدم رکڻ جي صورت ڇا آهي جنهن تي فرشتن کي مقرر ڪيو ويو؟ اهوئي ته انهن جي دلين ۾ اهڙي قوت جو القاء ڪن جو انهن جون دليون مضبوط ٿي وڃن ۽ ڪافرن جو مقابلو پوري دلجمعي سان ڪن.

حديث فعلي ۾ توجه ۽ تصرف جا مثال

حضور اڪرم ﷺ جڏهن غار حرا ۾ هئا ته حضرت جبرائيل ؑ آيا ۽ ٽي دفعا فرمايائون"اقرا" په دفعا حضور ﷺ جواب ڏنو "ما انا بقاريء" پر ٽئين ڀيري حضرت جبريل ؑ سيني سان لڳائي ڇڏيو ته حضور ﷺ جن پڙهڻ شروع ڪري ڏنو.

بخاري جي هن حديث ۾ عارف ڪامل ۽ وڏي محدث عبدالله بن ابي جمره ؒ فرمايوآهي:

> قال رسول الله ﷺ فغطني- الخ وفيه دليل علي ان اتصال جرم الغط بالمغط و ضمه اليه وهو احدي اطرق الافاضة يحدث به في الباطن قوة نورانية مشعشعة تكون عونا علي حمل ماالقي اليه لان جبريل ؑ لما اتصل جرمه بذات محمد ﷺ سنيه فحدث له ما ذڪرناه بذالک وهو ماالقي اليه وفوقه سمع

خطاب الملک ولم يکن لہ قبل ذالک وقد وجد اهل الميراث من الصوفية المتبعين المحققين ۔ [87]

هن حديث مان ثابت ٿيو ته دېائڻ واري جو ميلاپ انجي جسم سان ٿيو جنهن کي دېايو ويو، جيڪو هڪ طريقو فيض حاصل ڪرڻ جو آهي، ته ان جسم جي ملڻ سان باطن ۾ هڪ نوراني قوت پيدا ٿي وڃي ٿي ۽ ان قوت سان اهو شخص انهيءَ وزن کي کڻڻ جي لائق ٿي وڃي ٿو. چنانچه جڏهن جبريل ؑ جو جسم حضور اڪرم جي ذات اقدس سان مليو ته ان ۾ اها ڪيفيت نوراني پيدا ٿي وئي، جنهن جو اسان ذڪر ڪيو آهي. وڌيڪ اهو ته ملائڪ جو آواز ٻڌو جيڪو ان کان اڳ نه ٻڌو هو، ۽ ميراث جي وارثن محققين صوفياء اهوئي طريقو حاصل ڪيو آهي.

فائدو:

اسانجي سلسلي ۾ هن فعلي حديث جي روشني ۾ سالڪ تي ابتدا ۾ ٽي دفعا توجه ڪيو وڃي ٿو ۽ اهوئي طريقو اسان وٽ لڳاتار هلندو اچي ٿو.

حديث ابن ابي ڪعب

مشڪوات ۾ حضرت ابي بن ڪعب جو واقعو سندن ئي زباني آيل آهي.

”فسقط في نفسي من التکذيب ولا اذکنت في الجاهلية فلما راي رسول الله ماقد غشيني ضرب في صدري ففضت عرقا وکاني انظر الي الله“

قال صاحب المرقاة فلما ناولہ برکة يدالنبي زال عنہ الغفلة والانکار وصارفي مقام الحضور والمشاهدة ـ [88]

”ابي ابن ڪعب فرمائين ٿا ته اسلام جي تڪذيب زمانه جاهليت کان منهنجي دل ۾ زياده واقع ٿي ويئي، جڏهن رسول الله مونکي ڏٺو ته منهنجي سيني تي هٿ مبارڪ هنيو ته مان پگهرجي ويس، حالت اها ٿي ويئي جو ڄڻ مان پنهنجي رب کي ڏسي رهيو آهيان“.

صاحب مرقات فرمائين ٿا ته حضور جي هٿ مبارڪ جي

برڪت سان غفلت زائل ٿي ويئي ۽ هڪدم مقام حضور جو مشاهدو حاصل ٿي ويو.

فائدو:

توجهه سالن جا سال غفلت کي دور ڪرڻ ۽ ايمان جي نور کي تيز ڪرڻ لاءِ هوندو آهي.

ابي بن ڪعب جي واقعي مان معلوم ٿيو ته توجهه سان انڪشاف ٿي وڃي ٿو.

مجاهدي ۽ رياضت سان ايترو فائدو نٿو ٿئي جيترو شيخ جي ٿوري ئي توجه سان ٿي وڃي ٿو.

شيخ جي توجه جي بغير صرف مجاهدن سان سلوڪ جون منزلون طئي نٿيون ٿي سگهن، ڇوته سلوڪ ۽ تصوف القائي ۽ انعڪاسي عمل آهي.

توجه جي لاءِ دل ۾ قبوليت جي لياقت جو هجڻ ضروري آهي، تنهنڪري هن اعتراض جي گنجائش ڪونهي ته ابوطالب تي رسول اڪرم توجه ۽ تصرف ڇونه ڪيو؟

شيخ جو توجهه

تصوف وسلوڪ جي خصوصيت منازل سلوڪ جون منزلون ۽ مقامات سلوڪ جا مقام طئي ڪرڻ آهي. جيئن ته شامي 239:4 تي آهي:

الطريقة هي السيرة المختصة بالسالكين الي الله تعالیٰ من قطع المنازل والترقي في المقامات

۽ هن مقصد کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو شيخ ڪامل جي توجه آهي ۽ انجو ثبوت حديث ۾ موجود آهي، جيئن فتح الباري شرح بخاري 89:1

وقال هذا القدر من الحديث اصل عظيم من اصول الدين وقاعدة مهمة من قواعد المسلمين وهو عمدة الصديقين وبغية السالكين وكنز العارفين وآداب الصالحين وقد ندب اهل التحقيق الي مجالسة الصالحين ليكون ذالک مانعامن التلبس بشيء من النقائص احتراما لهم واستحياء منهم

فرمايائون هيءَ حديث (جبريل ؑ يا حديث احسان) دين جي

اصولن منجهان عظيم اصول آهي. ۽ مسلمانن جي قاعدن مان هڪ اهم قاعدو آهي. ۽ هيءَ حديث صديقين جي پروسي واري ۽ سالڪين جي گهربل شئي آهي. ۽ عارفين جو خزانو ۽ صالحين جي آداب منجهان آهي. حقيقت هيءَ آهي ته صالحين جي مجلسن ترغيب ڏياري آهي ته جيئن انهن الله جي ولين وصلحاء جي مجلس عيبن ونقصانن پيدا ٿيڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي وڃي جنهن جو سبب انهن صالحين جو احترام يا انهن کان حياء ڪرڻ هوندو

۽ تحفة القاري 21:1 تي توجه صوفياء جو واضح ثبوت بيان ٿيو آهي.

فاخذني وغطني اي ضمني وعصرني قال علماء الشريعة ڪان هذا الغط ضربا من التنبيہ لاحضار القلب ليقبل بكلية الي مايلقي اليہ وعليہ وقال علماء الطريقة كان هذا الغط توجها باطنا لايصال الفيض الروحاني وتغليب الملكية علي البشرية قيل الغط الاول فليتخلي عن الدنيا والثانية يستفرغ لما يوحي اليہ والثالثة للموانسة ومثل هذا التصرف الباطني ثابت بالكتاب والسنة وعليہ السادة الصوفية قال الله عزوجل اذيوحي ربک الي الملائكة اني معكم فثبتواالذين امنو اي بالالقاء الخفية والتوجهات الباطنية

پوءِ جبريل ؑ مونکي جهليو ۽ ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ زور ڏنو. علماءِ ظواهر چون ٿا ته اهو زور ڏيڻ دل کي متوجه ڪرڻ لاءِ هڪ قسم جي تنبيهه هئي ته جيڪا شئي دل تي القاءُ ٿئي انکي قبول ڪري وٺي. ۽ علماءِ طريقت چون ٿا ته اهو ڇاتيءَ سان لڳائڻ فيض حاصل ٿيڻ لاءِ باطني توجه هو، ۽ بشريت تي مَلڪيت کي غالب ڪرڻ مقصود هو. پهرئين دفعي زور ڏيڻ سان دل کي دنيا کان خالي ڪرڻو هو، ٻئي دفعي وحي لاءِ دل کي فارغ ڪرڻو هو، ۽ ٽئين دفعي اُنس پيدا ڪرڻ لاءِ هو. اهڙي طرح تصرف باطني قرآن وسنت مان ثابت آهي ۽ انهيءَ تي صوفياءِ ڪرام جو عمل آهي. الله تعاليٰ فرمايو ته جڏهن تنهنجي رب ملائڪن ڏانهن وحي ڪئي ته توهان سان گڏ آهيان ۽ ايماندارن کي ثابت قدم رکو يعني القاء ۽ توجه باطني سان ثابت قدم رکو.

اسانجي سلسلي نقشبنديه اويسيه ۾ انهيءَ حديث مطابق مبتدي

سالڪ ڏانهن ٿي پيرا توجه ڏنو ويندو آهي، پهرئين توجه مان مقصد روحاني شڪل صحيح ڪرڻي هوندي آهي، ٻئي پيري نپاڳ ڪي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ ٽئين پيري دل کي روشن ڪرڻ لاءِ. انهيءَ سان سالڪ ۾ سلوڪ جا مقام ومنزلون طئي ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي آهي. ڇاڪاڻ ته توجه شيخ ڪامل جي بغير اهي منزلون طئي نٿيون ٿي سگهن.

چنانچه بخاري 241:1 تي حديث موجود آهي:

عن يعلي فانزل الله تعاليٰ علي النبي فستر بثوب فقلت لعمر وددت اني قدرايت النبي وقد انزل الله عليه الوحي، فقال عمر تعال- ايسرک ان تنظر الي النبي وقد انزل الله عليه الوحي قلت نعم فرفع طرف الثوب فنظرت اليه له غطيط واحسبه قال غطيط البكر

پوءِ الله تعاليٰ نبي ڪريم تي وحي نازل ڪئي ۽ پاڻ جن ڪپڙو ويڙهي ڇڏيو. مون حضرت عمر کي عرض ڪيو ته مان چاهيان ٿو ته نبي کي ان حالت ۾ ڏسان جڏهن مٿن وحي نازل ٿي رهي هجي. حضرت عمر فرمايو. هيڏانهن اچ. ڇا توکي اها ڳالهه پسند آهي ته تون نبي ڪريم کي ان حالت ۾ ڏسين ته الله تعاليٰ مٿن وحي نازل ڪري رهيو هجي؟ مون چيو ها! ان تي حضرت عمر ڪپڙي جي هڪ طرف کي کنيو. پوءِ مون حضرت محمد کي ڏٺو ته پاڻ غطيط جي حالت ۾ هئا. ۽ منهنجو خيال آهي ته نوجوان اُٺ جي غطيط جهڙي ڪيفيت هئي.

غطيط جي معنيٰ حبس دم (ساهه کي روڪڻ) آهي. معلوم ٿيو ته وحي جي حالت ۾ حضور تي حبس دم جي حالت ٿي ويندي هئي. حبس دم سان ذڪر ڪرڻ ۽ چادر ويڙهي ذڪر ڪرڻ جو بنياد ان حديث ۾ موجود آهي. صوفياءِ ڪرام پاس انفاس جي طريقي يا حبس دم سان جيڪو ذڪر ڪرائين ٿا ان جو اصل به انهيءَ حديث ۾ ئي موجود آهي. صوفياء جيڪي مراقبا ڪرائين ٿا جنهن جو مطلب فيض الٰهي جو انتظار آهي اهائي ڪيفيت آهي جيڪا نبي ان وقت هوندي هئي جڏهن نزول وحي وقت احڪام الٰهي جو انتظار ٿي رهيو هوندو هو. انهيءَ ئي حديث مان مراقبي جو اصل به ثابت ٿئي ٿو.

***

باب سترهون

## الڪشف والالهام

### علم حاصل ٿيڻ جا ذريعا

انسان جي لاءِ علم حاصل ٿيڻ جا ٽي ذريعا آهن، حواس ظاهري ، وهم و عقل، ۽ نور بصيرت. حواس ظاهري سان جيڪو علم حاصل ڪيو وڃي ٿو ان جو بنياد احساس ۽ ڏسڻ تي آهي. عقل و وهم سان جيڪو علم حاصل ٿئي ٿو اهو انتقال من المعلوم الي المجهول جي طريقي تي ٿئي ٿو. ۽ نور بصيرت سان جيڪو علم حاصل ٿئي ٿو، انجو ذريعو تلقي روحاني عن الغيب آهي، وحي، تحديث تفهيم، ذوق، معرفت، علم لدني، مشاهدو، ڪشف، الهام ۽ وجدان تلقي روحاني جون ئي مختلف صورتون آهن.

وقد تسمي جميع انواع التلقي عن الغيب ما عدا الوحي الڪشف والالهام- ولما انقطع الوحي بخاتم الانبياء صلوات الله عليه لم يبق من اقسام التلقي الا الڪشف والالهام - [89]

ظاهري وحي (جلي) ڪانسواءِ تلقي عن الغيب(غيب جي القاء) جي سڀني قسمن جو نالو ڪشف والهام رکيو ويو آهي ۽ جڏهن وحي جلي خاتم الانبياء ﷺ سان منقطع ٿي ويئي ته هاڻ تلقي عن الغيب جي صرف هڪ شڪل ڪشف والهام باقي رهجي ويئي.

علم نقلي (قرآن ۽ حديث جو علم) به ان ئي تلقي عن الغيب مان آهي، ۽ انجو حاصل ٿيڻ معصوم جي خبر تي موقوف آهي، ۽ هر خبر ٻن طرفن جو احتمال رکي ٿي، يعني صدق (سچ) جو به ۽ ڪذب (ڪوڙ) جو به. هتي اهو اعتراض اجايو آهي ته علامه خياليءَ "اخبار ۾ اصل صدق ڪي ٻڌايو آهي ۽ ڪذب ڪي هڪ احتمال عقلي قرار ڏنو آهي" ڇوته عقل به هڪ مضبوط دليل آهي ۽ احتمال جيڪو ناشي از دليل هجي، اهو به قوت رکي ٿو ۽ دليل کي

باطل ڪري ڇڏي ٿو.

جهڙي طرح ظاهري شريعت ۾ اخبار معصوم جي متعلق صحيح فرق رکڻ وارا علماء موجود آهن جيڪي صحيح مان سقيم (غلط) کي الڳ ڪري ڇڏين ٿا اهڙي طرح ڪشف والهام ۾ به مهارت رکڻ وارا صوفياء عارفين موجود آهن جيڪي صحيح ۽ سقيم ۾ تميز ڪري وٺن ٿا، البته اهو صحيح آهي ته ظاهري علمن کي پرکڻ وارا ماهر تمام گهڻا آهن، مگر ڪشف والهام جا ماهر ٿَا لين، ليڪن نه لڀڻ مان موجود ئي نه هجڻ لازم نٿو اچي ۽ ان ۾ شڪ نه آهي ته ڪشفيه ۽ الهاميه علم به غيب جي علمن جي خزانن مان آهن. جيئن شرعي علوم غيب جي خزاني مان آهن ٻنهي ۾ فرق قطعي ۽ ظني جو آهي.

ڪشف نه ٿيڻ وڏو پردو آهي

خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ ڪشف نه هجڻ وڏو حجاب (پردو) آهي:

ڪما قال تعاليٰ: كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ ؕ(المطففين – ١٥)

قال الرازي قد ثبت بالدلائل العقلية ان عذاب الحجاب اشد من عذاب النار ولذلک قال كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ

ثم انهم لصالو الجحيم- فقدم الحجاب علي الجحيم- ثم انهم كانوا محجوبين في الحال فكان سبب العذاب بكماله الا ان الاشتغال بالدنيا ولذاتها كالعائق عن ادراک ذالک الالم كما ان العضو المخدره اذا مستهٔ النار- فان سبب الالم حاصل في الحال لکنه لايحصل الشعور بذالک الالم بقيام العائق فاذا زال العائق عظم البلاء فكذا ههنا اذا زال البدن عظم عذاب الحجاب – [90]

ائين هر گز ناهي، تحقيق اهي ماڻهو پنهنجي رب کان انهيءَ ڏينهن روڪيا ويندا. امام رازي فرمايو ته هيءَ ڳالهه عقلي دليلن سان ثابت آهي ته حجاب جو عذاب نار جي عذاب کان وڌيڪ سخت آهي. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ فرمايو، كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ

” پوءِ اهي ڪافر دوزخ ۾ داخل ٿيندا“

حجاب کي جحيم کان اڳ بيان فرمايو. پوءِ اهي ڪافر في الحال به حجاب ۾ هئا پوءِ عذاب جوسبب ته مڪمل موجود آهي، پر ڪافرن جو دنيا ۾ مشغول ٿيڻ ۽ ان جي لذتن ۾ غرق هجڻ عذاب کي سمجهڻ کان مانع آهي، جيئن هڪڙو عضوو مخدر هجي ته انکي باهه کي ڇهڻ سان سور جو احساس نه ٿيندو حالانڪه سور جو عذاب ته موجود آهي پر محسوس نه ڪرڻ مخدر هجڻ جي ڪري آهي ۽ جڏهن اهو مانع ختم ٿي وڃي ته عذاب جي سختيءَ جو احساس وڌي ويندو. ڪافرن جي معاملي ۾ به حالت اهائي آهي ته جڏهن بدن روح کان الڳ ٿي ويندو ته حجاب جو عذاب وڏيڪ سخت ٿي ويندو.

ڪشف جي لاءِ شرط

1. ڪشف و الهام ان شخص کي حاصل ٿئي ٿو، جنهن کي الله تعاليٰ قلب سليم عطا فرمايو هجي ڇوته قلب سليم جا باطني حواس سجاڳ هجن ٿا ۽ انهن جي ذريعي دل باطني عمل جو ادراڪ ڪري ٿي. بلڪل ائين جيئن انسان ظاهري حواس سان ظاهري علمن کي حاصل ڪري ٿو.
2. شريعت حقه جو ڪامل اتباع.

ڇڻ ڪشف ۽ الهام لاءِ به شرط آهن، هڪڙو وهبي يعني قلب سليم جو هجڻ، ٻيو ڪسبي يعني شريعت جي تابعداري، جنهن شخص ۾ اهي ٻئي شرط موجود هوندا انکي خير جي الهام ۽رحماني القاءِ سان نوازيو ويندو، جنهن جو عقيدو خراب، عمل ناقص ۽ اخلاص نه هجي انکي ڪيئن ايڏي وڏي نعمت جو حقدار قرار ڏنو ويندو؟

حديث نفس ۽ القائي شيطاني

قال الله تعاليٰ، وَ اِنَّ الشَّيٰطِيْنَ لَيُوْحُوْنَ اِلٰى اَوْلِيٰٓئِهِمْ لِيُجَادِلُوْكُمْ ۚ(الانعام – ١٢١)

۽ ان قسم جي ڪيترين ٻين آيتن مان ثابت ٿئي ٿو ته شيطان جي طرف کان به القاء ۽ الهام جو سلسلو برابر هلي رهيو آهي. مگر ان

لاءِ به هڪ خاص معيار ۽ شرط آهي.
ڪما قال تعاليٰ- هَلۡ اُنَبِّئُكُمۡ عَلٰى مَنۡ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيۡنُ (٢٢١)ؕ تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيۡمٍ (٢٢٢)ۙ (الشعراء – ٢٢١، ٢٢٢)

ڇا مان توهانکي ٻڌايان ته شيطان ڪنهن تي لهندا رهن ٿا، اهڙن شخصن تي لهندا رهن ٿا جيڪي ڪوڙ ڳالهائيندڙ بدڪردار هجن.

ان مان معلوم ٿيو ته شيطاني القاءَ به ان شخص تي ٿئي ٿو جيڪو ڪفر ۽ شرڪ وبدعت ۾ ڪمال پيدا ڪري وٺي. جوڳين، پنڊتن ۽ ٻين بي دينن جا خرافات انهيءَ قبيلي مان آهن.

ڪشف والهام جي صحيح هجڻ جو معيار

:1 جيئن ته مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته ڪشف لاءِ هڪ وهبي شئي يعني قلب سليم جو هجڻ پهريون شرط آهي، اهڙي طرح ڪشف جي صحيح ٿيڻ جو هڪ وهبي معيار صحيح وجدان آهي، ان جو مثال ائين سمجهو ته انساني معدو، مک جو وجود قبول نٿو ڪري ۽ جيئن انساني معدو مک کي ٻاهر اڇلائي ڇڏي ٿو، تيئن قلب سليم شيطاني القاءَ سان بي چيني محسوس ڪري ٿو ۽ انکي رد ڪري ڇڏي ٿو.

:2 هر ڪنهن ڪشف والهام کي ڪتاب و سنت جي سامهون پيش ڪيو ويندو، جيڪڏهن اهو وحي قطعي سان ٽڪراءَ ۾ آهي ته مردود آهي ۽ جيڪڏهن ڪتاب و سنت جي مطابق آهي ته صاحب ڪشف کي يقين رکڻ گهرجي ته هي من جانب الله آهي.

:3 شريعت اهو انتظام نه ڪيو آهي ته هر واقعي معاملي جو تفصيل بيان ڪري. ها، جنهن معاملي جي شريعت نفي ڪري ڇڏي اهو رد ڪيل آهي ۽ جنهن جو اثبات ڪري ڇڏيو اهو ثابت ٿيل آهي، پوءِ ڪشف والهام سان انهن ٻنهي ڳالهين مان جيڪا شئي ثابت ٿيندي، اها حق هوندي، البت اهو ڪشف والهام مردود هوندو جيڪو شريعت جي رد ڪيل کي ثابت بڻائي ڇڏي، يا شريعت جي ثابت ڪيل کي رد ڪيل قرار ڏئي.

پوءِ علم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪشف صحيح ۽ الهام ۽ رباني القاءَ جو انڪار دين جي متواتر شين جو انڪار آهي.

قرآن حڪيم مان ڪشف جا دليل

قال تعاليٰ:

1: فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَاۤ اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَعَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا (٦٥) (الڪهف- ٦٥)

سو انهن اسانجي بندن مان هڪ بندي کي لڌو جنهن کي اسان پنهنجي خاص رحمت ڏني هئي ۽ اسان انکي پنهنجي طرفان خاص طور جو علم سيکاريو هو.

2: فَاَرْسَلْنَاۤ اِلَيْهَا رُوْحَنَا فَتَمَثَّلَ لَهَا بَشَرًا سَوِيًّا (مريم-١٧)

پوءِ اسان ان وٽ پنهنجي ملائڪ کي موڪليو ۽ اهو ان جي سامهون هڪ پورو ماڻهو بڻجي ظاهر ٿيو.

3: وَ اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰكِ وَطَهَّرَكِ وَاصْطَفٰكِ عَلٰى نِسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ

(آل عمران-٤٢)

۽ جڏهن ملائڪن چيو اي مريم (عليها السلام) بيشڪ الله تعاليٰ توکي چونڊيو آهي ۽ پاڪ بڻايو آهي ۽ سڀني جهان جي عورتن جي مقابلي ۾ چونڊيو آهي.

4: يٰمَرْيَمُ اقْنُتِيْ لِرَبِّكِ وَاسْجُدِيْ وَارْكَعِيْ مَعَ الرّٰكِعِيْنَ (آل عمران-٤٣)

اي مريم (عليها السلام) پنهنجي پروردگار جي تابعداري ڪندي رهه ۽ سجدو ڪندي ڪر ۽ رڪوع ڪندي ڪر انهن ماڻهن سان گڏ جيڪي رڪوع ڪرڻ وارا آهن.

5: اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ *ۖ (آل عمران-٤٥)

جڏهن ملائڪن چيو اي مريم (عليها السلام)! بيشڪ الله تعاليٰ توکي خوشخبري ڏئي ٿو هڪ ڪلمي جي جيڪو الله جي طرفان هوندو.

6: وَ اِذْ اَوْحَيْتُ اِلَى الْحَوَارِيّٖنَ اَنْ اٰمِنُوْا بِيْ وَ بِرَسُوْلِيْ ۚ (المائده-١١١)

۽ جڏهن مون حوارين کي حڪم ڏنو ته توهان مونتي ۽ منهنجي رسول تي ايمان آڻيو.

7: وَلَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ ط (اي قلنا ان اشڪر لله)- ( لقمٰن-١٢)

۽ اسان لقمان کي دانشمندي عطا فرمائي ته الله تعاليٰ جو شڪر ڪندو رهه، يعني اسان چيو ته الله جو شڪر ڪندو رهه.

8: وَ اَوْحَيْنَاۤ اِلٰى اُمِّ مُوْسٰى اَنْ اَرْضِعِيْهِ ۚ.... الخ (القصص-٧)

۽ اسان موسيٰ ؑ جي والده کي الهام ڪيو ته تون ان کي کير پيار.

9: قُلْنَا يٰذَا الْقَرْنَيْنِ اِمَّاۤ اَنْ تُعَذِّبَ وَ اِمَّاۤ اَنْ تَتَّخِذَ فِيْهِمْ حُسْنًا (الڪهف-٨٦)

۽ اسان چيو اي ذوالقرنين خواهه سزا ڏي، خواهه انهن جي معاملي ۾ نرمي جو سلوڪ ڪر

10: فَلَمَّا فَصَلَ طَالُوْتُ بِالْجُنُوْدِ ۙ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ مُبْتَلِيْكُمْ بِنَهَرٍ ۚ (البقره-٢٤٩)

۽ جڏهن طالوت فوجن کي وٺي هليو ته ان چيو ته حق تعاليٰ توهانجو امتحان ڪندو هڪ نهر سان.

تلڪ عشرة ڪامله

فائدو:

نصوص قرآنيه سان علوم ڪشفيه ۽ الهاميه ثابت ٿي ويا، اها پوءِ هي ٻي ڳالهه آهي ته اهي علوم قطعيه هوندا آهن يا ظنيه، نفس علم الهام وڪشف ثابت ٿي ويو، انجو منڪر نصوص قرآنيه جو منڪر هوندو.

سوال: ڇا اهو علم غيب نه آهي ته ڪشف سان ڪنهن جي دل جي ڳالهه معلوم ڪئي وڃي؟

جواب: ان کي ڪشف قلوب چيو وڃي ٿو ۽ اهو علم غيب نه آهي، ڇوته علم غيب جي تعريف هيءَ آهي ته انجي ابتدا ۽ انتها نه هجي، ذاتي هجي ۽ ڪنهن واسطي سان حاصل نه هجي، مگر اولياءَالله جو علم ذاتي نه آهي پر ڪشف والهام جي واسطي سان هوندو آهي، قديم ناهي حادث آهي، حضوري ناهي حصولي آهي. ابن قيم ڪشف والهام تي بحث ڪندي لکيو آهي:

ليس هذا من علم الغيب بل علام الغيوب قذف الحق في قلب قريب مبشرا بنوره غير مشغول بنقوش الاباطيل والخيالات والوساوس التي تمنعه من حصول صور الحقائق ـ [91]

هي علم غيب نه آهي، بلڪ علام الغيوب ان دل ۾ وڌو آهي جنهن جي نور سان بشارت ڏنل آهي ۽ هي نقوش باطله، خيالات فاسده ۽ وساوس ۾ شامل ناهي، هي اهي شيون آهن، جيڪي حقيقتن کي حاصل ڪرڻ ۾ مانع هجن ٿيون.

فائدو:

هن عبارت مان معلوم ٿيو ته هي علم غيب نه آهي ۽ الله جي خاص بندن کي ڪشف ٿئي ٿو جن جون دليون صاف ۽ الله جي محبت ۾ غرق هجن ٿيون پڻ اهو به معلوم ٿيو ته جوڳين ۽ بي دينن تي شين جون حقيقتون منڪشف نٿيون ٿين.

امام رازي تفسير ڪبير ۾ فرمائين ٿا:

فاحسن احوال العبد في هذه الدنيا ان يكون مواظبا علي العبادات وهذه اول درجات سعادة الانسان وهو المراد بقوله اياک نعبد- فاذا وجب علي هذه الدرجة مدة فعند هذا يظهرله شيءَ من انوار عالم الغيب وهوانه وحده لايستقل بالاتيان بهذه العبادات والطاعات بل مالم يحصل له توفيق الله تعاليٰ واعانه وعصمته فانه لايمڪنه الاتيان بشيءِ من العبادات والطاعات وهذا المقام هو الدرجة الوسطيٰ في الڪمالات وهوالمراد من قوله واياڪ نستعين ثم اذا تجاوز عن هذاالمقام لاح له ان هداية لاتحصل الا من الله وانوار المكاشفات والتجليٰ لا تحصل الا بهداية الله وهوالمراد من قوله ”اهدنا الصراط المستقيم“ قال بعضهم انه لما قال اهدنا الصراط المستقيم لم يقتصر عليه بل قال صراط الذين انعمت عليهم وهذا يدل علي ان المريد لاسبيل له الي الوصول الي مقامات الهدايه والمكاشفات الا اذا اقتدي بشيخ يهديه الي سواء السبيل ويجنبه من مواقع الا غاليط والا ضاليل - [92]

امام رازي فرمائين ٿا ته مڪاشفات جو دروازو الله جي انهن خاص بندن تي کلي ٿو، جن کي ڪامل شيخ ملي وڃي، سچي طلب ۽ پڪو ارادو ۽ لياقت هجي ته الله تعاليٰ انهن کي ان اعليٰ مرتبي تي پهچائي ڇڏي ٿو.

امام غزالي فرمائين ٿا:

اخبر ان ابصار القلب يحصل بالذكر وانه يتمكن من الذكر بالتقويٰ

يعني ڪشف جو دروازو ان جي لاءِ کلي ٿو جيڪو تقويٰ جي وصف سان گڏ الله جي ذڪر جي پابندي ڪري.

فالتقوي باب الذكر والذكر باب الكشف -[93]

غوث اعظم حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني فرمائين ٿا:

جنهن شخص جو ايمان مضبوط ٿي وڃي ٿو ۽ يقين ڄمي وڃي ٿو اهو قيامت جا معاملا جن جي حق تعاليٰ خبر ڏني آهي، دل جي اکين سان ڏسي ٿو، اهو ڏسي ٿو جنت ۽ دوزخ کي- اهو ڏسي ٿو صور کي ۽ ان ملائڪ کي جيڪو ان تي مقرر آهي، اهو ڏسي ٿو سڀني شين کي جهڙيون اهي حقيقت ۾ آهن [95].

غوث اعظم صرف ايمان کي نه پر ايمان جي مضبوط ٿي وڃڻ ۽ يقين ڄمي وڃڻ کي ڪشف جو ذريعو قرار ڏنو آهي ۽ بندي تي الله تعاليٰ جي خاص عنايت نه هجي ته ايمان مضبوط ڪئين ٿي سگهي ٿو؟

شيخ الاسلام مولانا حسين احمد مدني فرمائين ٿا:

”آثار ذکر خواه انوار هون يا الهامات و کشف و کرامتين وغيره خود بخود ظاہر ہوں تو بیشک معین ومددگارہیں -[95] “

ذڪر جا اثر ڪٿي انوار هجن يا الهام وڪشف ۽ ڪرامتون وغيره پاڻهين ظاهر ٿين ته بيشڪ معين و مدد گار آهن.

شيخ الاسلام ڪشف کي ذڪر جي اثرن ۾ ليکيو آهي ۽ ذاڪر الله جا خاص بندا ئي هوندا آهن.

امام غزالي رحمته الله عليه فرمائين ٿا:

”سلوڪ جي طريقي جا ابتدا ئي مشاهدا ۽ مڪاشفا شروع ٿي وڃن ٿا، تان جو سالڪين سجاڳي ۾ انبياء 8 جي ارواحن ۽ ملائڪن کي ڏسن ٿا، انهن جو ڳالهائڻ ٻڌن ٿا ۽ انهن کان فائدا حاصل ڪن ٿا 95“

ڪشف ۽ الهام ۾ فرق

فيض الباري 19:1

اما الفرق بين الكشف والالهام فكما قال الشيخ المجدد السرهندي ان الكشف اقرب الي ماسموه اهل المعقول بالحسيات والالهام الي ما سموه بالوجدانيات ولعل الالهام اقرب الي الصواب من الكشف فان الكشف رفع الحجاب عن الشيءِ والالهام القاء المضمون

ڪشف ۽ الهام ۾ فرق آهي. جيئن شيخ مجدد سرهندي فرمايو ته منطقي جنهن کي حسيات چون ٿا، ڪشف انکي وڌيڪ ويجهو آهي ۽ جنهن کي وجدانيات چون ٿا، الهام انکي وڌيڪ ويجهو آهي. شايد الهام اقرب الي الصواب آهي ڪشف جي ڀيٽ ۾. ڇوته ڪشف مان مراد ڪنهن شئي تان پردو لهڻ آهي ۽ الهام دل ۾ ڪنهن مضمون جو القاءُ ٿيڻ آهي.

ڪشف يا الهام، اعلام من الله جون ٻه مختلف صورتون آهن، انهن مان الهام اقرب الي الصواب آهي.

برزخي حالت

عالم دنيا ۽ عالم آخرت جي وچ واري وقت کي عالم برزخ چون ٿا. ان عالم ۾ جيڪا حالت پيش اچي ٿي ان کي برزخي حالت چون ٿا ان ۾ ميت تي ٻنهي جهانن جون حالتون ظاهر ٿينديون رهن ٿيون.

انبياء 8 تي هن عالم دنيا ۾ اهي حالتون ظاهر ٿينديون رهنديون آهن. جيڪي عارف بالله، الله جا ولي جيڪي نبوت جي نور سان پنهنجي دلين کي منور ڪري چڪا هوندا آهن، انهن تي به اها حالت ايندي آهي. دنياوي زندگي ۾ انهن تي ٽي حالتون اچن ٿيون، هڪ سجاڳي، ٻي نوم(ننڊ)، ٽين حالت انهن ٻنهي جي وچ ۾ اهائي حالت برزخي آهي. انبياء 8 تي جڏهن وحي نازل ٿيندي آهي ۽ انهن کي الهام ۽ انڪشاف شروع ٿيندو آهي ته انهن تي اهائي برزخي حالت طاري هوندي آهي، ۽ اولياءَ الله تي پڻ نبوت جي نائب هجڻ جي ڪري اهائي حالت ايندي آهي. ان حالت ۾ انبياء ۽ اولياء ڪنهن حد تائين دنيا کان منقطع ٿي وڃن ٿا. اها حالت استغراقي نه سجاڳي هوندي آهي، نه نوم(ننڊ). ان برزخي حالت ۾ الهام وانڪشاف شروع ٿي ويندو آهي.

فيض الباري 26:1 تي انجو ڪجهه تفصيل هن طرح ڏنو ويو

آهي:

يحصل له من الكرب عند نزول القرآن وهي حالة يوخذ فيها عن حال الدنيا من غير موت فهو مقام برزخي يحصل له عند نزول الوحي ولما كان برزخ العام ينكشف فيه للميت كثير من الاحوال خص الله نبيہ ببرزخ في الحياة يلقي اليه فيه وحيه المشتمل علي كثير من الاسرار وقد يقع لكثير من الصلحاء عند الغيبة بالنوم اوغيره اطلاع عليٰ كثير من الاسرار وذلک معتمد من المقام النبوي ويشهد له حديث روياالمومن من ستة واربعين جزءَ من النبوة

حضور ڪي قرآن نازل ٿيڻ جي وقت هڪ حالت پيش ايندي هئي جيڪا موت جي بغير برزخي حالت هوندي هئي. اها حالت القاءِ وحي جي وقت هوندي هئي. عالم برزخ ۾ ميت تي برزخي حالتون ظاهر ٿين ٿيون. الله تعاليٰ پنهنجي نبي ڪي دنيا ۾ برزخي حالتن سان خاص ڪيو آهي، جڏهن مٿن وحي نازل ٿيندي هئي، جيڪا گهڻن ئي اسرارن تي مشتمل هوندي هئي. ۽ اها حالت برزخي جيڪا ننڊ ۽ سجاڳي جي وچ ۾ آهي اها اولياءَالله جي لاءِ به آهي. ان حالت ۾ انهن تي گهڻا ئي اسرار الهي القاء ٿين ٿا. اولياء جي لاءِ اها حالت مقام نبوت کان ماخوذ (ورتل) آهي ان تي هيءَ حديث شاهد آهي ته مومن جو خواب نبوت جو ڇائيتالهيون حصو آهي.

۽ مشڪلات القرآن صفحه 274 تي آهي:

فلذلک الولي اذا اطلعه الله عليٰ غيبه لم يره بنور نفسه وانما يراه بنور متبوعه اي بنور نبيه

ولي الله ڪشف ۾ جيڪو ڏسي ٿو، اهو پنهجي نور سان نٿو ڏسي، بلڪ پنهجي نبي جي نور سان ڏسي ٿو جنهن جو هو تابعدار آهي.

نبين ۽ ولين کي شين جي موجود ٿيڻ کان اڳ انڪشاف

*فيض الباري 182:1*

اعلم ان ما يرونه الاولياء من الاشياء قبل وجودها لها ايضا نحومن الوجود کما ان بايزيد البسطامي لما مرمن جانب مدرسة وهبت الريح قال اني اجد منها ريح عبد من عباد الله فنشاء منه الشيخ ابوالحسن

الخرقاني وكما ان النبي قال اني اجد نفس الرحمٰن من اليمن فنشاء منه الاويس القرني وهذا ايضا نحومن الوجود

ڇاٽي وٺو ته اولياءَالله جنهن شئي کي ان جي پيدائش کان پهرين ڏسن ٿا ان جو به هڪ قسم جو وجود هوندو آهي، جيئن بايزيد بسقطامي هڪ مدرسي وٽان گذريا ته هوا جو جهوٽوآيو. پاڻ فرمايائوِن ته مونکي ان ۾ هڪ مرد خدا جي خوشبوءِ اچي رهي آهي چنانچه سئوِسالن کانپوءِ اتي ابوالحسن خرقاني پيدا ٿيا. اهڙي طرح حضور اڪرم فرمايو ته مان يمن جي طرف کان تجليات باري ڏسان ٿو چنانچه اتي اويس قرني پيدا ٿيا. اهو به پيدائش کان اڳ هڪ قسم جي وجود جو دليل آهي

انهيءَ ئي ڪتاب جي 334:3 تي آهي:

وقد ثبت عند الشرع وجودات للشيءِ قبل وجودها في هذا العالم

شريعت جي روسان ثابت آهي ته شين جي وجود ۾ اچڻ کان پهرين هڪ قسم جا وجود هجن ٿا.

پوءِ 337:3 تي فرمايو آهي:

قال ترون ماري هذا الذي قلت ان للشيءِ وجودا قبل ظهوره في هذا العالم ايضا فالفتن التي راها النبي تقطر خلال بيوتهم لم تكن في زمنه ولكنه راها نحو وجودها قبل ظهورها

مون اهائي ڳالهه چئي آهي ته شين جا هن دنيا ۾ ظاهر ٿيڻ کان پهرين به هڪ قسم جا وجود هجن ٿا. جيڪي فتنا حضور جي زماني ۾ نه هئا ۽ حضور انهن کي ڏٺو. اهي گهرن جي دروازن جي وچ ۾ ٺيڪ ثابت ٿيا، ۽ حضور انهن جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ڪشف سان ڏسي ورتو هو. انهن جو به هڪ قسم جو وجود هو.

۽ روح المعاني 233:1 تي آهي ته اولياءَالله دنيوي حياتيءَ ۾ ئي جنت جو سير ڪن ٿا.

والذي ذهب اليه سادتنا الصوفية قدس الله تعاليٰ اسرارهم انها في الارض عند جبل الياقوت تحت خط الاستواء ويسمونها جنت البرزخ وهي الان موجودة وان العارفين يدخلونها اليوم بارواحهم لا باجسادهم

صوفياءِ ڪرام فرمايو (اها جنت جنهن ۾ حضرت آدمؑ کي الله تعاليٰ رکيو هو) اها زمين تي برزخي جنت آهي جيڪا جبل ياقوت

وٽ آهي، صوفياء پنهنجي روحن سان ڪشف جي حالت ۾ ان جنت جو سير ڪن ٿا، جسمن سان نه.

عوام جو ننڊ جي حالت ۾ خواب ۾ مختلف شيون ڏسڻ هڪ عام ڳالهه آهي، جيڪا ڪنهن جي لاءِ به حيرت جي ڳالهه ناهي. اهائي صورت الله جي ولين کي سجاڳي جي حالت ۾ پيش اچي ٿي. جيئن ننڊ جي حالت ۾ انسان جون اکيون بند هونديون آهن، چرپر ختم ۽ خيالن جي جولاني به نٿي هجي، اهڙي طرح الله جا ولي سجاڳي جي حالت ۾ اونداهي ڪمري ۾ ويهي رهن ٿا، اکيون بند ڪري ٿا ڇڏين ۽ خيالن کي هر طرف کان هٽائي الله تعاليٰ ڏانهن متوجهه ٿي وڃن ٿا. ان يڪسوئي جي حالت ۾ انهن تي حالتن جو انڪشاف ٿئي ٿو.

مرقاة 2:1 تي ملاعلي قاري فرمائين ٿا:

الظلمة في المكان اجلي القلوب في الذڪر

گهر ۾ اونداهي ذڪر جي وچ ۾ دلين کي وڏي روشني بخشڻ واري آهي.

فيض الباري 17:1 تي فرمايو:

ان الاولياء يرون في كشوفهم اشياء بعين الباصرة ولانراها كذلک والانبياء عليهم الصلوة والسلام يرون المغيبات باعين الباصرة في اليقظة

اولياءَالله ڪشف ۾ دل جي اکين سان اهو ڪجهه ڏسن ٿا جيڪو اسان نٿا ڏسي سگهون ۽ انبياءِ ڪرام 8 غيب جي شين کي دل جي اک سان سجاڳي جي حالت ۾ ڏسن ٿا جن کي عوام نٿا ڏسي سگهن.

هر شئي جي هڪ صورت هوندي آهي ۽ هڪ انجي حقيقت. نگاهه ظاهري صورت تائين پهچي رڪجي وڃي ٿي ڇوته انجي حد اهائي آهي مگر باطن جي نگاهه يا بصيرت صورت مان لنگهي حقيقت تائين پهچي وڃي ٿي ۽ نگاه اهائي آهي جيڪا حقيقت جي اندر تائين پهچي سگهي. ڪنهن بلڪل سٺو چيو:

اے اہل نظر ذوق نظر خوب ہے
لیکن
جوشے کی حقیقت کو نہ سمجھے

وه نظر كيا

علماءِ ظاهربين ۽ حقيقت شناس عارفين ۾ اهوئي فرق آهي، جيئن ته فيض الباري 18:1 تي فرمايو:

ونظر العماء احكم ونظر ارباب الحقائق اسبق والطف فهم يمثلون علي ما يظهر من ظاهر الشريعة وهولاء يداعون ماكشف الله سبحانه عليهم من حقائق الشريعة وخبية واسرار ها وفي الحديث "لكل آية ظهر وبطن ولكل حد مطلع" ولكن من لم يجعل الله له نورا فماله من نور.

ظاهر جي عالمن جي نگاهه مضبوط آهي، پر حقيقتن جي ڄاڻ ۾ صوفياء جي نگاه گهڻو اڳتي آهي ۽ تمام باريڪ بين آهي. علماءِ ظاهر ته ظاهري شريعت تي عمل ڪن ٿا ۽ اولياءَالله انهن معاملن جي رعايت رکن ٿا جيڪي الله تعاليٰ شريعت جي حقيقتن ۽ رمزن مان ڪشف جي ذريعي انهن تي ظاهر ڪري ٿو. حديث ۾ آهي ته هر قرآني آيت جو ظاهر به آهي ۽ باطن به، ۽ هر شئي جي هڪ حد آهي، ليڪن جنهن کي الله تعاليٰ بصيرت جو نور نه ڏني ان جي لاءِ ڪو نور نه آهي

شيءِ جي صورت ۽ شيءِ جي حقيقت ۾ جيڪو فرق آهي انکي سمجهڻ لاءِ حضرت موسيٰ ؑ ۽ حضرت خضر ؑ جو واقعو ڪافي آهي.

ڪي پاڻ کي عالم سمجهڻ وارا غلط قسم جا ماڻهو علم حقائق ۽ علم اسرار کي علم غيب مان ليکين ٿا. ۽ علم غيب، الله سان خاص آهي انڪري ڪشف جو انڪار ڪري ڇڏين ٿا. ان جو علمي جواب گذريل ڪنهن باب ۾ ڏنو ويو آهي. اصل ڳالهه اها ناهي ته اعتراض ۾ ڪو وزن آهي، حقيقت هيءَ آهي ته اهي ماڻهو قرآن وحديث کي پنهنجو رهنما بڻائي ان جي پٺيان هلڻ جا عادي ئي ناهن، اهي خدا ۽ رسول کي پنهنجي پٺيان هلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انڪري قرآن وحديث مان صرف ان کي ئي حق سمجهن ٿا، جيڪو انهن جي پنهجي ايجاد ڪيل عقيدي جي مطابق هجي.

فيض الباري 151:1 تي هن مسئلي تي اصولي بحث ڪيو ويو آهي:

اعلم ان هذا الخمس لماكانت من الامور التكوينية دون الشريعة لم يظهر عليها احدا من الانبياء الا بماشاء وجعل مفاتيحه عنده فقال وعنده مفاتح

الغيب لايعلمها الا هو لانهم بعثواللتشريع فالمناسب لهم علوم التشريع دون التكوين ثم المراد منه اصولها ولما علم الجزئيات فقد يعطي منه الاولياء رحمهم الله تعاليٰ ايضا لان علم الجزئيات ليس بعلم في الحقيقة لكونها محظا للتو صلات والتغيرات محظا

خوب سمجهي وٺو ته مغيبات خمسه جو تعلق امور تڪويني سان آهي، تشريعي سان ڪونهي. تنهن ڪري الله تعاليٰ انهن بابت ڪنهن نبي کي اطلاع نه ڏنو. ۽ انجون چابيون پاڻ وٽ رکيون ۽ فرمايوّ ته غيب جون چابيون ان وٽ آهن، ان جي بغير ڪو به نٿو ڄاڻي. جيئن ته انبياءِ ڪرام شريعت جا احڪام بيان ڪرڻ لاءِ مبعوث ٿين ٿا، انڪري انهن جي منصب جي مناسب شريعت جا علوم ئي آهن تڪويني معاملا نه آهن. پوءِ علوم خمسه مان مراد علم جا اصول آهن جزئيات نه آهن. جزئيات جو علم الله تعاليٰ پنهنجي ڪن اولياء کي به ڏيئي ڇڏي ٿو، ڇوته جزوي علم حقيقت ۾ علم ئي نه آهي، ڇوته اهو تبديل ٿي سگهندو آهي.

انهيءَ حقيقت کي ملاعلي قاري مرقاة 76:1 تي هن طرح بيان فرمايو:

فان قلت قد اخبر الانبياء والاولياء بشيءِ ڪثير من ذلک ڪيف، قلت الحصر باعتبار ڪلياتها دون جزئياتها

جيڪڏهن تون چوين ته جڏهن الله تعاليٰ انهن غيبي خبرن مان گهڻن ئي حصن جي متعلق انبياء ۽ اولياء کي خبر ڏيئي ڇڏي آهي ته حصر ڪيئن ٿيو؟ مان چوندس ته ڪليات جي اعتبار سان حصر آهي جزئيات جي لحاظ سان ڪونهي. يعني جزئيات مان انبياء ۽ اولياء کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو جيڪو حصر کان روڪيندڙ نه آهي.

شيءِ جي صورت تائين نگاهه پهچي ڪري رڪجي وڃي ته هي وڏو حجاب (پردو) آهي ۽ اهو حجاب (پردو) حقيقت ۾ عذاب آهي، جيئن مرقاة شرح مشڪوٰة 15:21 تي

وَ مَنۡ لَّمۡ يَجۡعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوۡرًا فَمَا لَهٗ مِنۡ نُّوۡرٍ(النور ـ ٤٠)

جي سلسلي ۾ فرمايو:

قالت السادة الصوفية الحجاب اشد العذاب

صوفياءِ ڪرام فرمائين ٿا ته حجاب (پردو) شديد ترين عذاب

آهي.

ان سلسلي ۾ هڪ سوال توجه طلب آهي ته انبياءِ ڪرام 8 ۽ اولياءَ الله رحمهم الله عليهم کي ڪشف ۾ شيون انهن جي وجود کان اڳ جيڪي ڏيکاريون وڃن ٿيون، اهو ڪهڙو وجود هجي ٿو؟ ڇا اهو وجود مثالي هجي ٿو؟ ڪجهه ماڻهن پنهنجي اٽڪل سان اها ئي راءِ ظاهر ڪئي آهي ته اهو شين جو وجود مثالي هجي ٿو. مگر اها راءِ محض بي بنياد آهي ڇوته.

1: مثال ان شئي جو هوندوآهي جنهن جو اصلي وجود اڳ ۾ موجود هجي.جڏهن ممثل لهٔ جو وجود ئي ناهي ته مثال ڪنهن جو هوندو؟

2: انسانن ۾ وجود مثالي مان تماثل نوعي مراد هوندو آهي جو اهي ٻئي هڪ ئي نوع انساني جا فرد آهن، انڪري وجود مثالي کي ڪير چئي سگهي ٿو ته ان ئي انسان جو فرد آهي. جڏهن شيءِ جو مثال ديدني (ڏسڻ وارو) آهي ٿيڻ وارو (بودني) ڪونهي، جيئن ته خواب ۾ ڏسڻ واري شئي جو ڪو حقيقي وجود نٿو هجي، بلڪ انجو وجود صرف ڏسڻ جي حد تائين آهي پوءِ معدوم ٿي وڃي ٿو.

ڪشف ۾ جيڪو وجود ڏسڻ اچي ٿو اهو اهڙي طرح آهي جيئن ڪنهن مقرر جي ذهن ۾ ٽن چئن ڪلاڪن جي تقرير جو مواد موجود هوندو آهي. پوءِ ان ئي تقرير کي زبان تي آڻي ٿو، يعني جنهن تقرير جو وجود علمي تقديري ان جي  ذهن ۾ موجود هو، ان ئي وجود کي زبان تي آڻي بيان ڪيو. جيڪڏهن مقرر جي ذهن ۾ تقرير جو وجود مثالي مڃيو وڃي ته علم به وجود مثالي جو هوندو، ۽ تقرير به وجود مثالي جي هوندي ڇوته جڏهن اصل وجود جو علم ئي نه هو ته انجو بيان ڪئين ٿيندو.

اهڙي طرح  مستري جي ذهن ۾ مڪان (گهر) جو جيڪو نقشو هجي ٿو، اهوئي مادي طور تي سر، پٿر سان ملي ڪري خارج ۾ ظاهرٿيو. اهو نٿو چئي سگهجي ته ان جي ذهن ۾ مثالي وجود جو نقشو هو ۽ مڪان مثالي ئي تيار ٿيو. مختصر اهو ته جيڪو وجود ذهن ۾ هوندو آهي ان تي خارج ۾ ثمرات، اثرات ۽ احڪام جي بِنا

هوندي آهي.

اهڙي طرح سپني شين جو علمي تقديري وجود، الله وٽ حاضر آهي، هو پنهنجي قديم ازلي علم سان ان کي ڄاڻي ٿو، اهوئي وجود پنهنجي وقت تي خارج ۾ مادي دنيا ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

فان الوجود الخارجية هو مايکون مبدء الاثار مظهر الاحکام وعليه ترتيب الثمرات ماکان للوجود الذهني

پوءِ وجود خارجي آثار جي مبدء ۽ بنياد آهي ۽ احڪام کي ظاهر ڪرڻ وارو آهي، ۽ ان تي ئي ذهني وجود جا ثمرات مرتب ٿيندا آهن.

حقيقت هيءَ آهي ته هر شي جو وجود انجي پيدائش کان اڳ ۾ عالم تقدير ۾ هوندو آهي، جنهن کي وجود علمي وتقديري چئجي ٿو. جنهن کي دنيا ۾ اچڻو آهي انهيءَ جي وجود تي الله تعاليٰ انبياء ۽ اولياء کي واقف فرمائي ٿو يعني انجي جزوي واقعن جي متعلق الله کان اطلاع هوندو آهي. جڏهن الله تعاليٰ اطلاع ڏيئي ڇڏيو ته غيب نه رهيو.

علم غيب جي تعريف هيءَ آهي:

لايعرف بالحواس الظاهرة ولا ببداهة العقل،

تنهنڪري جنهن کي ظاهري اکيون ڏسي وٺن يا عقل جي روشني سان معلوم ٿي سگهي اهو غيب جي تعريف ۾ نٿو اچي. غيب جي ٻي خصوصيت هيءَ آهي ته اهو علم هن جو ذاتي هجي، ڪنهن واسطي يا ذريعي سان حاصل نه ڪيل هجي.

ٽئين خصوصيت هيءَ آهي ته حادث نه هجي انجي ابتدا ۽ انتها نه هجي.

جيڪو علم ذاتي نه هجي، وحي، ڪشف يا الهام جي واسطي سان ٿئي يا خواب جي ذريعي سان حاصل ٿئي ان کي علم غيب چوڻ صرف انهن ماڻهن جو ڪم آهي جيڪي ننهن کان چوٽيءَ تائين جهالت ۾ غرق آهن ۽ جن کي علم جي هوا به نه لڳي آهي.

ڪشف ۽ الهام نبين جي وحي واري قبيلي آهن

قال ابن حجر وهو المقام الذي اشار اليه هو الالهام وهو من جملة اقسام

وحي الانبياء – [97]

۽ اهو اشارو ڪيل درجو الهام آهي، ۽ انبياء جي وحي جي قسمن مان آهي.

## ڪشف ۽ خواب ۾ فرق

ان المنام يرجع الي قوائد مقررة ولھ تاويلات مختلفة ويقع لكل احد بخلاف الالھام فانھ لايقع الاالخواص – [98]

خوابن لاءِ هڪ تعبير جو قانون مقرر آهي ۽ انهن جا مختلف تعبير ٿين ٿا ۽ خواب هر شخص ڏسي ٿو، انجي ابتڙ الهام خاص ماڻهن سان مختص آهي.

## ڪشف ۽ الهام ۾ بدڪارن جو حصو نہ آهي

وقولھ قد كان في امم محدثون- فثبت بهذا ان الالھام حق وانھ وحي باطن وانما حرمھ العاصي لا ستيلاء وحي الشيطان عليه - [99]

حضور فاروق اعظم کي محدث فرمايو ۽ فرمايائوّن ته گذريل امتن ۾ به محدث رهيا آهن، انهيءَ مان الهام جو وحي باطني ۽ حق هجڻ ثابت ٿيو. ۽ بدڪارن کي ان کان محروم رکيو ويو آهي ڇوته انهن تي وحي شيطاني جو غلبو هجي ٿو.

## الهام جو انڪار مردود آهي

قال ابن السمعاني ان انكار الالھام مردود ويجوز ان يفعل الله تعاليٰ بعبده مايكرمھ بھ

ابن سمعاني فرمايو ته الهام جو انڪار مردود آهي اهو جائز آهي ته الله تعاليٰ ڪنهن بندي کي الهام سان عزت وارو بڻائي ڇڏي

## ڪشف ۽ الهام خاص الله وارن جو حصو آهي

ونحن لا ننكر ان الله تعاليٰ يكرم عبده بزيادة نور فيھ يزداد بھ نظره ويقوي بھ رائية وانما هو نور يختص بھ الله لمن يشاء من عباده

۽ اسان ان ڳالهه جو انڪار نٿا ڪريون ته الله تعاليٰ ڪنهن بندي کي عزت وارو بڻائي، انجي نور کي وڌائي انجي قلبي نظر کي

مضبوط بڻائي ڇڏي. ۽ حقيقت ھيءَ آھي ته اھو اھڙو نور آھي جو الله تعاليٰ پنھنجي بندن مان جنھن کي وڻيس خصوصي طور تي عطا فرمائي ڇڏي.

ڪشف ۾ انقلابي اثر آھي

وَ اُلْقِیَ السَّحَرَۃُ سٰجِدِیْنَ....(الاعراف، الشعراءَ) الخ

فما رفعوا رؤسھم حتي راواالجنة والنار وثواب اھلھا.... الخ

ابن ڪثير هن آيت جي تفسير ۾ فرمائين ٿا ته فرعون جا جادوگر جيڪي حضرت موسيٰ ؑ جي مقابلي ۾ ھئا، انھن سجدي مان ان وقت مٿو ڪنيو، جڏھن جنت، دوزخ ۽ عذاب وثواب ڏسي ورتو. (الاعراف ـ ١٢٠)

فائدو:

اھو آھي ڪشف جو انقلابي اثر. فرعون جي جادوگرن درٻاري قرب کي ڇڏيو. انعام تان ھٿ کڻي ويا. موت کي خوشيءَ سان قبول ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ڇوته ڪشف سان حقيقت پڌري ٿي چڪي ھئي، تنھنڪري زندگيءَ جو رخ ئي بدلجي ويو.

حقيقي ايمان به ايمان شھودي (اکين سان ڏسڻ جھڙو) آھي

عن حارث بن مالک الانصاري انه مربرسول الله فقال له کيف اصبحت يا حارث قال اصبحت مومنا حقا قال انظر ما تقول فان لکل شئي حقيقة فما حقيقة ايمانک فقال عزمت نفسي عن الدنيا فاسھرت ليلي واظمات نھاري وکاني انظر الي عرش ربي بارزا وکاني انظر الي اھل الجنة يتزاورون فيھا- وکاني انظر الي اھل النار يتضاغون فيھا فقال يا حارث عرفت فالزم ثلاثة ـ [100]

حارث بن مالڪ الانصاري فرمائين ٿا ته آئون رسول ڪريم جي پرسان لنگھيس. پاڻ فرمايو. اي حارث ڇا حال آھي؟ مون عرض ڪيو. حقيقي مومن آھيان. فرمايائون سوچ ته سھي ڇا چئي رھيو آھين، ھر شئي جي حقيقت ھوندي آھي تنھنجي ايمان جي حقيقت ڇا آھي؟ ته حارث چيو ته منھنجي ايمان جي حقيقت ھيءَ آھي ته منھنجو نفس دنيا کان منھن موڙي چڪو آھي، دنيا جي ڪمن ڪارين ۾ مخلوق تي نگاھه ناھي. رات جو رب کي

ياد ڪريان ٿو. ڏينهن جو روزو رکان ٿو. ڪشف جي اها حالت آهي
ڄڻ عرش الٰهي کي ظاهر ظهور (چٽو) ڏسان ٿو، جنتين کي ڏسان
ٿو ته هڪ ٻئي سان ملاقات ڪري رهيا آهن ۽ اهل دوزخ کي
رڙيون ڪندي ڏسان ٿو ته حضور فرمايو. اي حارث تو صحيح
سڃاتو، پوءِ انکي لازم پڪڙ (ٽي دفعا فرمايو)

امام غزالي ايمان جا مختلف قسم بيان فرمايا آهن ۽ هر قسم
جو ڪجهه تفصيل به ڪيو آهي.

الاول: القول المحض قشر القشر وهو ايمان المنافقين والعياذ بالله

الثاني: التصديق بمعني الكلمة وهو ايمان عموم المسلمين

الثالث: ان يشاهد ذلک بطريق الكشف وهو مقام المقربين وذلک بان
يري اسبابا كثيرة ولكن مع كثرتها صدرت من الواحد القهار

والرابع: ان لايري الاواحدا وهو مشاهدة الصديقين المرشد الامين
صفحه 227

ان کان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو ته مقربين ۽ صديقين جو
ايمان ئي اصل ۽ ڪامل ايمان آهي ۽ اهو شهودي (اکين سان ڏٺل)
آهي.

امام رباني دفتر دوم مڪتوب نمبر8 ۾ فرمائين ٿا:

ايمان بالغيب جيڪو اخص خواص (خاص الخاص) جو نصيب
آهي عوام جي ايمان بالغيب وانگر ناهي عوام سماع ۽ استدلال سان
ايمان بالغيب حاصل ڪيو ۽ اخص (خاص ماڻهن) جمال وجلال جي
پاڇن وتجلين وظهورات جي پردن پٺيان غيب الغيب جو مطالعو
ڪري ايمان بالغيب حاصل ڪيو آهي ۽ متوسط پاڇن کي اصل
خيال ڪري ۽ تجلين کي عين متجلي سمجهي ايمان شهودي سان
خوش آهن. انهن وٽ ايمان بالغيب نصيب اعدا آهي.

۽ تفسير عزيزي پاره الم صفحه66 تي آهي:

ايمان جا ٻه قسم آهن، پهريون ايمان تقليدي، ٻيو ايمان تحقيقي. ۽
تحقيقي جا به ٻه قسم آهن، استدلالي ۽ ڪشفي ۽ هرهڪ انهن ٻن
قسمن سان يا نهايت (انجام) رکي ۽ ان حد کان نه ٽپي يا انتهائي نه
هجي. ۽ جيڪو انتهائي هجي انکي علم اليقين چون ٿا، ۽ جيڪو
انجام نه رکي، اهو به ٻه قسم آهن، يا مشاهدو آهي ته انجو نالو عين

اليقين آهي ۽ يا مشهود ذاتي آهي انجو نالو حق اليقين آهي

اصل ايمان اطمينان آهي

فالطمانة اصل اصول الايمان التي قام عليها بناؤه ثم يطمئن الي خبره عما بعد الموت من امور البرزخ وما بعدها من احوال القيامة حتي كانه يشاهد ذالک کلھ عيانا وھذا حقيقة اليقين- الي ان قال فهذا هوالمومن حقا باليوم الاٰخرة كما في حديث حارثه اصبحت مؤمنا حقا فقال رسول الله ان لکل حق حقيقة فما حقيقة ايمانک قال عزمت نفسي عن الدنيا واهلها وکاني انظر الي عرش ربي بارزاوالي اهل الجنة يتزاورون فيها واهل النار ليعذبون فيها فقال عبد نوراللہ قلبھ – [101]

پوءِ اطمنيان قلبي ايمان جي پاڙ آهي جنهن تي ايمان قائم آهي، ان کان پوءِ ان خبرکان مطمئن هجڻ، جيڪا احڪام برزخ جي حڪمن کانپوءِ قيامت جي احوال سان متعلق آهي، تان جو مومن اهي سڀ شيون ظاهري طرح ڏسي رهيو هجي. پوءِ فرمايو اهوئي شخص آخرت جي ڏينهن تي حقيقي ايمان رکي ٿو، جيئن حديث حارث ۾ آهي ته مان حقيقي مومن آهيان ته حضور فرمايو، هر حق جي حقيقت هوندي آهي، تنهنجي ايمان جي حقيقت ڇا آهي، عرض ڪيو مون دنيا ۽ دنيا وارن کان منهن ڦيري ورتو آهي ڄڻ ته عرش الٰهي ظاهر ڏسان ٿو. جنتين کي ڏسان ٿو ته هڪ ٻئي جي ملاقات لاءِ وڃي رهيا آهن ۽ اهل دوزخ کي ڏسان ٿو ته انهن کي عذاب ڏنو پيو وڃي ته حضور فرمايو هيءُ اهڙو بندو آهي جنهن جي دل کي اللّٰه تعاليٰ منور ڪري ڇڏيو آهي.

فائدو:

انمان ثابت ٿيو ته ايمان جي حقيقت اطمينانِ قلب کانپوءِ حاصل ٿئي ٿي ۽ اطمنيان قلب اللّٰه جي ذڪر سان پيدا ٿئي ٿو.

ڪما قال تعاليٰ اَلَا بِذِكْرِ اللهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ (الرعد ـ ٢٨)

۽ ايمان جي حقيقت هيءَ آهي ته مومن جي دل ايتريقدر منور ٿي وڃي جو ان جي روشني ۾ عرش باري تعاليٰ جتان کان امرنازل ٿئي ٿو، نظر اچي، برزخ جا معاملا ۽ جنت و دوزخ نظر اچن، انجوئي نالو ڪشف آهي، ۽ اهوئي ايمان جي حقيقت جو دليل آهي. (الرعد ـ

(٢٨)

سوال: جڏهن ٻين صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين کان اهڙا واقعا منقول نه آهن ته ڇا هن تي اعتراض وارد ٿيندو؟

جواب: هر ڪنهن صحابيءَ کان نقل نه ٿيڻ ٻي شئي آهي ۽ ڪشف نه ٿيڻ ٻي شئي آهي. نقل نه ٿيڻ سان وجود نه هئڻ ڪٿي ثابت ٿيو. صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جا انڪشاف فرداً فرداً ايترا آهن جوليکي ۾ نٿا اچي سگهن، حديث جو ذخيرو انهن سان ڀريو پيو آهي. اسان جيڪي ڪجهه مثال نقل ڪري چڪا آهيون انهن مان سڀ ذڪر ڪرڻ مقصود نه آهي. بلڪ اهي ته ديڳ مان هڪ چانور آهن.

گذريل باب جو خلاصو هي آهي ته ڪشف والهام وحي باطني آهي ۽ نبوت جي ڪمالات منجهان آهي، ۽ نبوت جو نائب آهي، نبوت ۽ وحي کانپوءِ هي دليلن ۾ داخل آهي. اها باطني دولت انبياء 8 جو حصو آهي جيڪو وراثت طور انبياء جي وارثن جي حقيقي اولاد يعني متبعين (پوئلڳن) کي ملي ٿي، ۽ اهو ته ڪشف والهام بدڪارن کي نٿو حاصل ٿئي، پر خواص کي ٿئي ٿو، جن جون دليون ايمان جي حقيقت سان منور ٿي چڪيون آهن.

هيءُ بحث ڪجهه طويل ٿي ويو آهي، اصل ۾ ڳالهه اها آهي ته جڏهن اسان جي ڪجهه نوَن حلقي جي ساٿين کان ڪشف قبور بابت ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته ڳالهه ڪجهه اڳتي نڪري وڃي ٿي. بصيرت جي نورکان محروم مولوين جي شڪل وارا ماڻهو جڏهن ٻڌن ٿا ته باهوڙجي وڃن ٿا. ولايت وخلافت وسجاده نشيني جا ڪوڙا دعويدار جيڪي اعليٰ حضرت، خليفه مجاز، پير طريقت، رازدان شريعت، قطب الاقطاب ۽ نه ڄاڻ ڇا ڇا بڻيا ويٺا آهن، جڏهن اهي ڳالهيون ٻڌن ٿا ته دل ئي دل ۾ پنهنجي تهي دامني (هٿين خالي هجڻ) تي پشيمان ٿين ٿا، پر پنهنجو ڪوڙو وقار قائم رکڻ لاءِ پانت پانت جون ٻوليون ٻولين ٿا، ڪو چوي ٿو ته نسلاً بعد نسل اهي ڪمالات ته اسان جي نالي رجسٽر ٿي چڪا آهن، پر الله جي رحمت کي خاص خاندان ۾ محدود ڪرڻ جو آخر ڪهڙو دليل آهي؟ ڪو چوي ٿو ته ميان ڪشف والهام ڪا شئي ناهي، اصل

شئي ته رضا الاهي جو حاصل ٿيڻ آهي، بلڪل صحيح پر شايد انهن کي اهو معلوم ناهي ته ڪشف والهام به ته رضائي الٰهي جو ثمر ئي آهي. جنهن تي الله ناراض هجي پلا انهن کي اهو انعام ڪيئن عطا فرمائيندو. ڪو وري حسد جي باھ ڪجهه علمي رنگ ۾ اوڳاڇي ٿو. ارشاد ٿئي ٿو ته ڪشف ظني شئي آهي انجي ڪا اهميت ناهي، هي به صحيح آهي پر وري اهو به ته فرمايو ته ڇا فقه جي ڪتابن ۾ مذڪور سڀ مسئلا قطعيه ئي آهن، ڇا ذخيره احاديث جون سڀ حديثون متواتر ۽ قطعي آهن، ڇا وتر، سنت، نفل جي تعيين نصوص قطعيه مان ثابت آهي؟ جيڪڏهن محض ظني هجڻ جي احتمال تي ڪشف جي ڪا اهميت ناهي ته اسلامي فقه سان ڪهڙو سلوڪ ڪندا؟ ڪو هي چوي ٿو ته ان ۾ غلطي جو احتمال آهي، ان جو جواب آهي ته دين نقل آهيۓ نقل خبر آهي ۽ خبر ۾ احتمال صدق (سچ) و ڪذب (ڪوڙ) ٻنهي جو آهي. ته پوءِ ڇا ان احتمال تي سڄي دين کي ڇڏي ڏجي. ڪو چوي ٿو ته ڪشف ۽ الهام ڪا حجت شرعي ناهي، ان جو تفصيلي جواب گذري چڪو آهي. مختصر هي آهي ته انجي انڪار سان متواترات جو انڪار لازم اچي ٿو، ڪو چوي ٿو ته ڪشف ته ڪافر کي به ٿئي ٿو، اهو محض دوکو آهي، جنهن ٿولي لاءِ الله تعاليٰ جو فيصلو هي هجي ته:

لَا تُفَتَّحُ لَهُمۡ اَبۡوَابُ السَّمَآءِ (الاعراف ـ ٤٠)

انکي ڪشف تي سگهي ٿو؟ اهو جنت ۽ دوزخ ڏسي سگهي ٿو؟ ملائڪن ۽ انبياء جي روحن سان ملاقات ڪري سگهي ٿو؟ سنئين سڌي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن ڪافر کي ڪشف ٿي وڃي ته لازمي پنهنجي پيشوائن ۽ ابن ڏاڏن کي دوزخ ۾ سڙندو ڏسي وٺندو ته ڇا پوءِ به ڪفر تي قائم رهي سگهي ٿو، ۽ ايمان وارن کي جنت ۾ ڏسي ڪفر تي قائم رهندو؟ ڪافر جو عقيدو ظلمت (اونداهي) عمل ظلمت، ڳالهه ۾ ظلمت، دل ۾ ظلمت، ڇا اونداهي ۾ شيون نظر اچن ٿيون. خوب سمجهي وٺو ته ڪافر لاءِ ڪشف ناهي. القاء آهي ته شيطاني آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو ملائڪ نظر آيو جيئن بدر ۾ ٿيو ته اهو عذاب لاءِ آهي، باري تعاليٰ جو انعام ناهي.

ڪن ظاهربين جيڪي ان سلسلي ۾ دوکو کائي وڃن ٿا اسان

انهن کي حقيقت کان واقف ڪرائي ڇڏيون ٿا ته ڪافر لڳاتار مجاهدي سان بکيو اڃيو رهي بدن کي ڪمزور ڪري وٺي ٿو ۽ بدن ۾ رت ۽ چربي گهٽ ٿي وڃي ٿي ته ان کي هڪ طرح جي يڪسوئي حاصل ٿي وڃي ٿي ۽ دل تي ڪن مادي شين جو عڪس پوي ٿو. اها آهي ڪافر جي ڪشف جي حقيقت، انکي شين جون حقيقتون برزخ جا حالات، جنت، دوزخ ۽ عرش وڪرسي ڪٿان نظر ايندا، ڇوته

وانما هو نور يختص به الله لمن يشاء من عباده

سڀ کان پهرين ڪشف جي حقيقت معلوم ڪرڻ ڪپي:

الکشف عندالصوفية هو انکشاف حقائق الالهية للصوفي بعد اتخاذه طرق مخصوصة للوصول الي ذلک، واهل الکشف عندهم الذين وصلوا الي مقام سام في الصوفية فيشاهدون حقيقة العالم الروحاني من غير نظر عقلي بل بنور يقذفه الله في قلوبهم (المنجد)

۽ صوفين جي اصطلاح ۾ ڪشف جي حقيقت هيءَ آهي ته، جيڪڏهن ڪافر کي ڪشف هجي پوءِ مڃٽو پوندو ته ڪافر واصل ٿي ويو. اللّٰه تعاليٰ ڪافر جي دل ۾ اهو نور وجهي ڇڏي ٿو ته انکي حقائق الٰهي جو انڪشاف ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن انکي صحيح مڃجي ته پوءِ ايمان آڻڻ جي ضرورت ئي ڇا رهجي وئي.

امام غزالي احياء العلوم باب جنود القلب ۾ فرمايو

والکشف مفتاح الفوز الاکبر

جڏهن ڪافر کي ڪشف اصطلاحي ٿي وڃي ٿو ته چڻ ان جي هٿ ۾ فوز اڪبر جي چاٻي اچي ويئي. ڇا انجو تصور ڪري سگهجي ٿو؟

ڪافر جي ڪشف جي حقيقت امام رباني جي زباني ٻڌو، فرمائين ٿا:

کثرت جوع البتہ شفا بخش است وصفائی قلب می بخشد وجمع ديگر را صفائی نفس صفائی قلب ہدايت افزا ونور بخش است وصافئی نفس ضلالت نماست وظلمت افزا فلاسفہ يونان وبراہمہ جوگيہ راہمہ را رياضت گرسنگي صفائی نفس بخشيده بضلالت وخسارت دلالت نموده. افلاطون بی خرد اعتماد برصفائی نفس خود نموده صورة

کشفيہ خياليہ خودرا مقتدائي خود ساختہ عجب ورزيد.... ندا ست کہ اين صفا ازپوست رقيقہ اماره اونگذشتہ است واماره اوبہ ہمان خبث ونجاست خود است بيش ازاين نيست کہ نجاست مغلظ را بشکر غلاف رقيق نمائند (مکتوبات امام ربانی مکتوب نمبر 313)

معلوم ٿيو ته ڪافر جيڪڏهن رياضت ڪري ته ان کي نفس جي صفائي حاصل ٿي سگهي ٿي مگر صوفين جي ڪشف جو تعلق دل جي صفائي سان آهي ۽ ڪافر کي صفائي حاصل ٿي ئي نٿي سگهي. پوءِ ڪشف ڪيئن ٿئي.

حضرت لاهوري فرمائين ٿا:

ياد رکھئے، علم اور چيز ہے، تربيت اور چيز ہے، امراض روحانی کا فقط ايک علاج ہے اور يہ الله والوں کی صحبت ہے، ان کی صحبت ميں، الله کے پاک نام کی برکت سے الله کی رحمت کے دروازے کھل جاتے ہيں۔ ميں کيا عرض کروں، ان کے جوتوں کی خاک کے ذروں ميں وه موتی ملتے ہيں جو بادشاہوں کے تاجوں ميں نہيں ہوتی، بشرطيکہ عقيدت، ادب اور اطاعت کا دامن ہاتھ سے نہ چھوٹے، ان ميں سے ايک موتی حلال و حرام کی تميز، دوسرا موتی ہے کشف قبور.... جو سر پھرے نوجوان ان باتوں کو نہيں مانتی ان سے کہا کرتا ہوں کہ چودھ سال کا خرچ ميرے پاس جمع کرادو، تو ميں تمہيں ايسی الله والوں کی صحبت ميں جا بٹھاؤنگا جو تمہاری تربيت کريں گے، پھر ايک منٹ ميں تم بتاسکو گے کہ قبر

هذا المقبور روضة من رياض الجنة وقبر هذا المقبور حفرة من حفر النيران"

( مجلس ذکر حصہ اول صفحہ 69-70

ياد رکو. علم ٻي شئي آهي، تربيت ٻي شئي آهي، روحاني بيماري جو فقط هڪ علاج آهي، ۽ اهو الله وارن جي صحبت آهي، انهن جي صحبت ۾، الله جي پاڪ نالي جي برڪت سان الله جي رحمت جا دروازا کلي وڃن ٿا. مان ڇا عرض ڪريان، انهن جي

جتين جي خاڪ جي ذرن ۾ اهي موتي ملن ٿا، جيڪي بادشاهن جي تاجن ۾ نٿا هجن، بشرطيڪ عقيدت، ادب ۽ اطاعت جو دامن هٿ کان نه ڇڏائجي، انهن مان هڪ موتي حلال وحرام جي تميز، ٻيو موتي آهي ڪشف قبور.... جيڪي مترڏي نوجوان انهن ڳالهين کي نٿا مڃين انهن کي چوندو رهندو آهيان ته چوڏهن سالن جو خرچ مون وٽ جمع ڪرائي ڇڏيو، ته مان توهان کي اهڙن الله وارن جي صحبت ۾ وجي ويهاريندس جيڪي توهان جي تربيت ڪندا، پوءِ هڪ منٽ ۾ توهين ٻڌائي سگهندا ته قبر

هذا المقبور روضته من رياض الجنة وقبر هذا المقبور حفره من حفر النيران.

حضرت لاهوري ڪشف قبور کي جيڪو ڪشف اصطلاحي جو هڪ فرد آهي، هڪ موتي قرار ڏنو آهي جيڪو الله وارن جي صحبت ۾ الله جي پاڪ نالي جي ذڪر جي برڪت سان حاصل ٿئي ٿو ۽ ٻئي هنڌ ڪٿي نٿو ملي، ۽ ظاهر آهي ته ڪافر انهن ٻنهي شرطن کان محروم آهي. پوءِ ان کي ڪشف ڪيئن ٿيندو؟

حضرت لاهوري ته ڪشف قبور کي ئي ڪمال سمجهن ٿا جيڪو وڏي عرصي کانپوءِ الله تعاليٰ جي عنايت سان حاصل ٿئي ٿو، بلڪ پاڻ ته سيکارڻ جي دعوت به ڏين ٿا، فرمائين ٿا:

‘‘سنو ہوش کرو، مجھے اللہ تعالیٰ نے باطن کی آنکھیں دی ہیں اور مجھے علم ہے کہ جو نوجوان علماء کرام کو گالیاں دیتے مر گئے ہیں ان کی قبریں جہنم کا گڑھا بنی ہوئی ہیں۔ اگر تم کو یقین نہیں آتا تو آؤ میرے پاس آکر بیٹھ جاؤ، میں نے یہ فن چالیس سال میں سیکھا ہے تم کو چار سال میں سکھادوں گا۔’’

( خدام الدين22.2.63 )

ٻڌو! هوش ڪريو، مونکي الله تعاليٰ باطن جون اکيون ڏنيون آهن ۽ مونکي خبر آهي ته جيڪي نوجوان علماءِ ڪرام کي گاريون ڏيندي مري ويا آهن انهن جون قبرون جهنم جون کڏون بڻيل آهن. جيڪڏهن توهان کي يقين نٿو اچي ته اچو، مونوٽ اچي ويهي رهو، مون هي فن چاليهن سالن ۾ سکيو آهي، توهان کي چئن سالن ۾ سيکاري ڇڏيندس.

حضرت جي ان اعلان ۾ هڪ ئي وقت ڪيترين ڳالهين نظر اچن ٿيون. پنهجي ڪمال جي دعويٰ به آهي ۽ ٻين کي ڪامل بڻائڻ جو اعلان به آهي. جن ٻن موتين جو مٿي ذڪر ٿيو آهي، انهن مان هڪ موتي يعني ڪشف قبور لاءِ چاليھ سال صَرف ڪرڻ جو بيان به آهي، ۽ چئن سالن ۾ سيکارڻ جي دعويٰ به آهي ۽ يقين پيدا ڪرڻ لاءِ ڪشف قبور کي ذريعو به قرار ڏنو ويو آهي.

حيرت ٿئي ٿي ته حضرت لاهوري جهڙي شخصيت جنهن شئي کي 40 سالن جي محنت کانپوءِ حاصل ڪري، اها ڪافر کي ڪفر جي حالت ۾ رهي ڪري محض تپسيا سان حاصل ٿي وڃي.

ڪشف قبور جي متعلق هڪ غلط فهمي پيدا ٿي ويئي آهي ته اهو ڪشف ڪوني آهي ان جي متعلق بنيادي طور تي هيءَ ڳالهه سمجڻ گهرجي ته ڪشف قبور ۾ مٽي جي کڏ جو ڪشف نٿو ٿئي، بلڪ مقبور (قبر واري) جي حالت جو ڪشف ٿئي ٿو، جيئن ته حضرت لاهوري جو هڪ اقتباس (حوالو) گذري چڪو آهي ته صاحب ڪشف کي معلوم ٿي ويندو ته مقبور روضته من رياض الجنه ۾ آهي يا حفر من حفر النيران ۾. يعني ڪشف قبور ۾ ايمان ۽ الله جي ولين جي درجن ۽ منزلن جو انڪشاف ٿئي ٿو.

عالم ڪون عالم موجودات ظاهريه (هن ظاهري دنيا) کي چيو وڃي ٿو. جنهن کي قرآن، عالم ظاهر، عالم محسوسات ۽ عالم شهادت سان بيان ڪيو آهي ۽ عالم شهادت عالم غيب جي مقابلي ۾ آهي. پوءِ جنهن ڪشف جو تعلق عالم غيب سان هجي، انکي ڪشف ڪوني چوڻ ڪيئن صحيح آهي. ڪشف ڪوني هي آهي ته عالم ڪون (دنيا) جون موجود ۽ ظاهر شيون جيڪي اسان جي نظرن کان اوجهل آهن، زمين تي آهن پر انهن جي حالت ظاهر ٿي وڃي. چوته انهن شين جو تعلق عالم شهادت سان آهي. ويعبرون من عالم الشهادة بالارض (عبقات) يعني عالم شهادت کي زمين سان تعبيرڪن ٿا.

معلوم ٿيو ته ڪشف ڪونيءَ ۾ عالم ڪون جي شين جون صورتون منڪشف ٿينديون آهن، جن جو ايمانيات سان ڪو تعلق ناهي، ۽ عالم غيب جي شين تي ايمان آڻڻ فرض آهي، مثلاً ثواب

وعذاب ۽ قبر تي  ايمان آڻڻ ضروري آهي ۽ اهو عالم غيب مان آهي، عالم ڪون سان انجو ڪو تعلق ناهي. ۽ ثواب وعذاب قبر جو انڪار ڪرڻ ڪفر آهي جيئن ته علامه انور شاه ڪاشميري عرف شذي 389 تي فرمايو:

عذاب القبر ثبت متواتر بقدر المشترک وقال به اهل السنة والجماعة قاطبة ومنکر المتواتر هذا لاريب فيه تبديعه، ومنکر التواتر بالقدر المشترک کافر ان کان التواتر بديهيا وفاسق متبدع ان کان نظريا

عذاب وثواب قبر مشترڪ وتواتر سان ثابت آهي، ۽ انهي تي سڀني اهل سنت والجماعت جو اجماع آهي ۽ ان تواتر جي منڪر جي بدعتي هجڻ ۾ ته ذرو شڪ ناهي ۽  تواتر قدر مشترڪه جو منڪر ڪافر آهي جيڪڏهن تواتر بديهي آهي ۽ بدعتي آهي ۽ بدتر فاسق آهي جيڪڏهن تواتر نظري آهي ۽ عذاب وثواب  جو ثبوت جنهن تواتر سان آهي اهو بديهي آهي. پوءِ ثابت ٿيو ته قبر جو عذاب وثواب عالم آخرت جون شيون آهن، جن تي ايمان آڻڻ فرض آهي، ۽ عالم ڪون جا جبل، وڻ، انسان، حيوان وغيره جي صورتن تي ايمان آڻڻ ضروري نه آهي. يومنون بالغيب جي تفسير ۾ صاحب مظهري فرمائين ٿا- 19:1

فالمراد به ماغاب من ابصارهم من ذات الله تعالیٰ وصفاته والملائکة والبعث والجنة والنار والصراط والميزان وعذاب القبر وغيره

عالم غيب مان مراد اهي شيون آهن جيڪي اکين کان ٻاهر آهن، جيئن ذات وصفات باري تعاليٰ، ملائڪ، قيامت، جنت، دوزخ، پل صراط، ميزان ۽ عذاب قبر وغيره.

اهڙي طرح تفسير قرطبي 163:1 تي آهي:

کل ما اخبربه رسول مما لا تهتدي اليه العقول من اشراط الساعة وعذاب القبر والحشر والنشر والصراط والميزان والجنة والنار.

غيب مان مراد اهي شيون آهن جن جي خبر نبي ڪريم ڏني آهي، جن تائين عقل جي رسائي نٿي ٿي سگهي جيئن  قيامت جون نشانيون، عذاب قبر، حشرنشر، پل صراط، ميزان، جنت، دوزخ

۽ تفسير خازن ۽ معالم ۾ آهي:

والغيب ما کان مغيبا عن العيون قال ابن عباس رضي  الله  عنهما الغيب

ههنا كل ما امرت بالايمان به فيما غاب عن بصرک من الملائكة والبعث والجنة والنار والصراط والميزان

غيب اهي شيون آهن جن کي اکيون نه ڏسي سگهن. ابن عباس رضي الله عنهما فرمائين ٿا ته ان آيت ۾ غيب مان مراد هر اها شئي آهي جنهن تي توهانکي ايمان آڻڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جيڪو اکين جي پهچ کان ٻاهر آهي، جيئن ملائڪ، قيامت، جنت، دوزخ، پل صراط ۽ ميزان.

غوث زمان سيد عبدلعزيز دباغ فرمائين ٿا:

ليکن انہیں (کفار کو) قبر النبی  اور وہ نور جو وہاں سے پھیل کر قبہ بزرخ تک جا پہنچتا ہے یا مثلاً اولیائے عارفین کی ذوات مبارک یا ارواح مومنین جو صحن ہائے قبور میں ہیں، نہ ہے کسی فرشتہ کو دیکھ سکھیں گے اور نہ ہی جنت، قلم لوح اور نہ ان انوار کا مشاہدہ کر سکیں گے۔ الخ

( الابريز اردو صفحه 559)

پر اهي (ڪافر) قبرالنبي ۽ اهو نور جيڪو اتان کان پکڙجي ڪري قبه بزرخ تائين وڃي پهچي ٿو، يا مثلاً اولياءِ عارفين جون مبارڪ هستيون، يا ارواح مومنين جيڪي قبرن ۾ آهن، نه ئي ڪنهن ملائڪ کي ڏسي سگهندا، ۽ نه ئي جنت، قلم، لوح ۽ انهن انوارن کي ڏسي سگهندا.... الخ.

ثابت ٿي ويو ته ثواب ۽ عذاب قبر جو تعلق عالم ڪون (هن دنيا) سان نه آهي، آخرت جي معاملن سان آهي تنهنڪري ڪشف قبور ڪشف ڪوني ناهي پر ڪشف الٰهي ۾ داخل آهي.

ڪشف قبور کي ڪشف ڪوني چوڻ وارن بلاشبه ٺوڪر کاڌي، مگر ڪشف قبور کي علم غيب سان متعلق مڃڻ وارن ته ڪمال ئي ڪري ڇڏيو، ان قسم جا ڪي پڙهيل لکيل جاهل چون ٿا ته ”ڪشف قبور علوم غيب منجهان آهي ۽ جيڪو شخص ڪشف قبور جي دعويٰ ڪري اهو مشرڪ آهي.“

سبحان الله! ڇا اجتهاد آهي، انهن جاهلن کي نه ان ڳالهه جي خبر آهي ته علم غيب ڇاکي چون ٿا، نه انهن کي ولين جي ڪرامت ۽ خرق عادت کان واقفيت آهي، حالانڪه خالي نالي جو عالم به اهو

ڄاڻي ٿو ته علم غيب جنهن جي دعويٰ ڪفر آهي، اهو آهي جنهن تي ڪنهن قسم جو دليل قائم نه هجي جيڪو باري تعاليٰ سان خاص آهي ۽ ڪشف ته هڪ دليل آهي ۽ اعلام من الله جي نالن ۾ داخل آهي. ان تي علم غيب جو اطلاق ڪرڻ خالص جهالت آهي. انهن ماڻهن جي دماغ ۾ علم جا جيڪي طوفان هلن ٿا ته عقيدن و نظرين ۾ توازن برقرار نٿا رکي سگهن. مثلاً جواهرالقرآن 19:1 تي:

”امر دوم (ٻيو امر)- ذات باري تعاليٰ، ملائڪ، ڪتب سماوي، انبياء متقدمين عليهم الصلوة والسلام، احوال برزخ و علامات قيامت، حشر نشر، صراط، ميزان، جنت ودوزخ، ثواب وعذاب قبر، اهي سڀئي حڪم عالم غيب جا آهن، ۽ عالم غيب جا معاملا جيڪي نصوص قطعي سان ثابت آهن، مثلاً عذاب قبر، حشر نشر وغيره انهن جو انڪار ڪفر آهي.“

يعني ”مفسر“ صاحب اقرار ڪري ٿو ته عذاب قبر نصوص قطعيه (قرآن ۽ حديث) مان ثابت آهي، انجو انڪار ڪفر آهي. هاڻي ڏسو جواهرالقرآن 2: 905 - 909.

”عذاب قبر نه روح کي ٿئي ٿو نه بدن کي ٿئي ٿو.“

پوءِ سوال اهو آهي ته ڪنهن کي ٿئي ٿو؟ صاف ظاهر آهي ته عذاب قبر جو انڪار فرمائي رهيا آهن، ۽ صاحب جواهرالقرآن عذاب قبر جي منڪر کي ڪافر قرار ڏيئي چڪا آهن. يعني صاحب جواهرالقرآن جلد اول واري صاحب جواهرالقرآن جلد دوم واري کي ڪافر قرار ڏيئي ڇڏيو.

جلد دوم واري صاحب جواهرالقرآن جو عقيدو اهوئي آهي جيڪو معتزله مان به صرف ٻن ماڻهن جو عقيدو هو.

ولم ينكر احد منهم(من المعتزله)
الاضراربن عمر و بشر المريسي (عرف شذي 389)

علماءِ ظواهروعلماءِ باطن جي وچ ۾ قرآن مجيد جي اعتبار سان فيصلو.

ظاهري عالم ڪشف والهام جي مخالفت کي جائز سمجهن ٿا ۽ صوفياءِ ڪرام انجي مخالفت کي حرام سمجهن ٿا، بشرطيڪه

شرعي قاعدن جي خلاف نه هجي. حقيقت هيءَ آهي ته ڪشف والهام جيڪو پنهنجي مٿي واري علم جي مخالف نه آهي، انتي عمل نه ڪرڻ سان جيتوڻيڪ ديني سزا ۽ عذاب ته لاحق نه ٿيندو جو جزا ۽ عذاب جو ڪارڻ هجي مگر دنيوي ۽ بدني تڪليفن جو يقيناً موجب ٿيندو. لهٰذا جسماني ۽ دنيوي تڪليفن کان بچڻ لاءِ ڪشف والهام تي عمل ڪرڻ ضروري ٿيو. انهيءَ قانون کي چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪري وٺو.

ان تقرير مان ڪشف والهام جو علم جو واجب هجڻ ثابت ٿيو پوءِ ظاهري عالمن جي قول مطابق توجهه نه ڏيڻ غلط ٿيو، پوءِ اهو ثابت ٿيو ته موجب وجوب ناهي، تنهنڪري صوفين جو موجب وجوب قرار ڏيڻ درست نه ٿيو پس حق ہنهي جي بين بين (وچ ۾) آهي، يعني موجب علم آهي، قابل عمل آهي، مگر موجب وجوب ناهي، هاڻي ان جو تفصيل ملاخطه هجي:

قال تعاليٰ، فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ لَهُمَا مَا وٗرِيَ عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا (الاعراف-٢٠)

ان سان عصمت (گناهن کان پاڪ هجڻ) ۽ تصرف يعني شيطان جي وسوسي جو اجتماع ٿيو. معلوم ٿيو ته شيطاني وسوسه في نفسه گناهه ناهي، نه ڪمالات جي منافي آهي، جيستائين گناه تائين نه پهچائي.

حضرت آدم ؑ حضرت حوا عليها السلام کي وڻ کائڻ کان اڳ جيڪوخطاب ٿيو اهو الهامي خطاب هو نه ڪه وحي شرعي جيئن ولا تقربا هذه الشجرة ۽ ناداهما ربهما ۾ امام رازي فرمايو ته ہنهي کي خطاب هو ۽ حضرت حوا عليها السلام کي خطاب حضرت آدم ؑ کان بنا واسطي جي ٿيندو هو.

لانه ما کان مع اٰدم في الجنة من البشر الا حوا وان الخطاب کان يا تيها من غير واسطة اٰدم بدليل قوله تعاليٰ ولا تقربا هذه الشجرة (اربعين في اصول دين 339)

چوته حضرت آدم ؑ سان گڏ جنت ۾ ڪوبه انسان سواءِ حضرت حوا عليها السلام جي نه هو، ۽ حضرت حوا عليها السلام کي جيڪو خطاب خدا جي طرفان هوندو هو بغير واسطي حضرت آدم ؑ جي

هوندو هو، جيئن آيت ولاتقربا مان ظاهر آهي.

3. ان الهام تي عمل نه ڪرڻ سان حضرت آدمؑ ۽ حضرت حوا عليها السلام کي جسماني ۽ دنيوي تڪليفون پيش آيون نه ڪه ديني سزا، اگرچه قرآن حضرت آدمؑ جي لاءِ ”عصي آدم“ فرمايو آهي مگر اها معصيت لغوي آهي. معصيت شرعي قرآن مان ثابت ناهي. قرآن ” بدت لهما سوآتهما“ ئي ڏوهه بيان ڪيو آهي. حالانڪه اهو ڏوهه ناهي، ڇوته زال ۽ مڙس جي بدنن جو هڪ ٻئي جي سامهون کلي وڃڻ شرعي ڏوهه ناهي.

پس ثابت ٿيو ته الهام موجب علم آهي ۽ عمل ڪرڻ جي لائق آهي، ان تي عمل نه ڪرڻ سان بدني ۽ دنيوي تڪليف ٿي، ديني سزا لاحق نه ٿي. يعني موجب وجوب ناهي.

اهڙي طرح حضرت مريم عليها اسالم کي پنجن طرحن جو الهامي خطاب ٿيو:

1. وَّكَفَّلَهَا زَكَرِيَّا: تا : قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا – (آل عمران ـ ٣٧) هي خطاب جسماني تربيت لاءِ آهي.
2. وَ اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ تا: وَاصْطَفٰكِ عَلٰى نِسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ - (آل عمران ـ ٤٢) هي خطاب روحاني تربيت لاءِ آهي.
3. يٰمَرْيَمُ اقْنُتِىْ لِرَبِّكِ: وَارْكَعِىْ مَعَ الرّٰكِعِيْنَ - (آل عمران ـ ٤٣) هي خطاب شرعي تڪليف جو آهي
4. اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ: تا: وَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ - (آل عمران ـ ٤٥) ان خطاب ۾ حضرت عيسيٰؑ جي بشارت آهي.
5. فَنَادٰىهَا مِنْ تَحْتِهَآ : فَلَنْ اُكَلِّمَ الْيَوْمَ اِنْسِيًّا - (آل عمران ـ ٢٤) هي خطاب حضرت عيسيٰؑ جي پيدائش کانپوءِ تسلي لاءِ آهي. انهن مان چار خطاب ملائڪن جي طرف کان آهن، جيڪي ، الله جي طرفان موڪليل هئا.

فائدا:

ا. ملائڪن جو انسان سان ڪلام ڪرڻ (ڳالهائڻ) ثابت ٿيو.

2: حضرت مريم عليها السلام جو واقعو بيان ڪندي ٻڌايو ته انبياء 8 جي متبعين (پيروڪارن) کي اهي ڪمالات بطور ميراث ملن ٿا. توهان به نبي ڪريم جا متبع بڻجي وڃو. توهان کي اهي

ڪمالات اڳوڻن انبياء 8 جي متبعين (پيروڪارن) کان وڌيڪ ملندا.

3. جيڪو الله جو ٿي وڃي الله ان جو ٿي وڃي ٿو اليس الله بڪاف عبده حضرت مريم عليها السلام ۽ حضرت عيسيٰ ؑ کي غيرن کان بچايو. غيبي رزق ڏنو، عزت بچائي. تون به ان جو ٿي وڃ سڀ ڪجهه ملندو ويرزقه من حيث لايحتسب سان وڌيڪ تاڪيد فرمائي ڇڏي.
4. ٻڌايو ته مان پنهنجن بندن جي امداد لاءِ وڏين وڏين هستين کي مقرر ڪندو آهيان. ڏنوَ حضرت مريم عليها السلام جي ڪفالت هڪ نبي ؑ کي سونپي ۽ ملائڪن مان حضرت جبريل ؑ کي مقرر ڪيو.
5. جبريل ؑ ولي الله وٽ اچي سگهي ٿو، صرف وحي شرعي ۽ وحي احڪامي جو سلسلو ختم ٿيو، ڇوته دين مڪمل ٿي چڪو آهي.
6. حضرت مريم عليها السلام کي ڪشف والهام جي ذريعي هدايتون ڏنيون ويون.
7. حضرت مريم عليها السلام انهن هدايتن تي عمل ڪيو.

پوءِ ثابت ٿيو ته ڪشف والهام موجب علم به آهي ۽ عمل جي لائق به.

اولياءَالله جي شان ۾ جيڪي احاديث متعلقه باب ۾ بيان ڪيون ويون آهن ۽ جن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته انبياء 8 قيامت جي ڏينهن اولياء الله تي غبط ڪندا. انهن احاديث جي آيتن سان مطابقت ثابت ٿئي ٿي، مثلاً حضرت زڪريا ؑ حضرت مريم عليها السلام وٽ بي موسم ميوا ڏسي غبط ڪيو، ۽ اولاد جو طالب ٿيو، اهڙي طرح حضرت خضر ؑ ۽ حضرت موسيٰ عليه اسلام جي واقعي مان به غبط ثابت ٿئي ٿو.

ظن (گمان) غالب اهو آهي ته گذريل شريعتن ۾ اهو اصول هو ته جيڪو ڪشف والهام ڪنهن صحيح متبع (پيروڪار) انبياء کي ٿئي ۽ اهو عام قانون جي خلاف هجي ته اهو ڪشف هن قانون جو مخصص هوندو. مثلاً قانون هيءُ هو ته نابالغ ٻار کي خواه ڪافر

هجي قتل نه ڪيو وجي پر ڪنهن مخفي سبب جي ڪري حضرت خضر ؑ ڪافر ٻار کي قتل ڪري ڇڏيو ته اهو خلاف قانون نه ٿيو پر ان قانون جو مخصص قرار ٿيو. والله اعلم بالصواب

خلاصو:

ڪشف والهام اولياءَالله لاءِ خاص آهن، نائب وحي آهن، آسماني علمن جا واسطه آهن، جيتوڻيڪ وحي جي مقابلي ۾ ڪمزور واسطا آهن. يعني موجب علم آهن، عمل جوڳا آهن، موجب وجوب ناهن.

سوال: علم تصوف ۽ ڪشف والهام جو تعلق علم ظاهري سان آهي بي علم کي ڪيئن ٿو ڪشف ٿي سگهي؟ ان سلسلي جا ڪي بي علم به ڪشف ومڪاشفات جو اظهار ڪن ٿا، ڇا اهو ممڪن آهي؟

جواب: صحابه رضي الله عنهم جي حالات ۾ ايمان ۽ علم جي تربيت کي ڏسڻ سان هيءُ مونجهارو خودبخود حل ٿي سگهي ٿو، صحابه ڪرام رضي الله عنهم کي پهريائين ايمان جي دولت نصيب ٿي جيڪا بجائي خود اجمالي علم جو ثمره هئي، ليڪن دين جو تفصيلي علم ايمان کان پوءِ حاصل ٿيو، اهڙي طرح تصوف جو تعلق تزڪيه باطن سان آهي، جيڪو بمنزله ايمان آهي، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ شيخ ڪامل سان عقيدت ۽ تابعداري لازمي آهي، علم تفصيلي شرط نه آهي ۽ ظاهر آهي ته تزڪيه باطن سان ڪشف والهام ٿي وجي ٿو، پس ڪشف والهام لاءِ به علم شرط ناهي، ها، انجي حفاظت ۽ وڌيڪ ترقي لاءِ ظاهري علم جي ضرورت آهي، ۽ اهو ظاهري علم يا ته محنت سان حاصل ٿئي ٿو يا الله تعاليٰ جي طرفان شرح صدر جي طور تي عطا ٿئي ٿو.

كما قال تعاليٰ اَفَمَنْ شَرَحَ اللهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ فَوَيْلٌ لِّلْقٰسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ مِّنْ ذِكْرِ اللهِ ؕ (الزمر-٢٢)

سو جنهن جو سينو الله تعاليٰ اسلام لاءِ کولي ڇڏيو ۽ اهو پنهنجي پرودگار جي نور تي آهي، ڇا اهو شخص ۽ اهل قساوت (اونداهي دل وارو) برابر آهن. سو جن ماڻهن جون دليون خدا جي

ذڪر سان متاثر نٿيون ٿين، انهن لاءِ وڏي خرابي آهي.

ان مان معلوم ٿيو ته الله جي ذڪر سان شرح صدر ۽ نور باطن ملي وڃي ٿو، تصوف جي ابتداء ۽ انتها الله جو ذڪر آهي، ته پوءِ تصوف ۽ سلوڪ جي حاصل ٿيڻ سان يقيناً ڪشف ٿي وڃي ٿو، ڪنهن کي گهٽ ڪنهن کي زياده.

ڪشف کي محفوظ ۽ ان جي تڪميل لاءِ علم جي هن ڪري به ضرورت آهي جو روح جي ڳالهه ٻولهه ۾ اجمال ٿئي ٿو، رمز و اشارا هوندا آهن انهن کي ٺيڪ سمجهڻ لاءِ ائن ڏهن ورهين جو عرصو لڳي ٿو تڏهن وڃي عالم برزخ جا اصطلاحات پوري طرح سمجهه ۾ اچن ٿا ان کان پهرين ڪشف ۾ غلطي جو امڪان رهي ٿو.

ظاهري علم جي ضرورت ان لاءِ به آهي ته ان کان بنا سلوڪ جون منزلون ته طئي ٿي وڃن ٿيون، مگر منصب نٿا ڏنا وڃن، صوفين جا گهڻا قانون ڏٺل آهن ۽ تجربي سان به معلوم ٿيو آهي ته قطب، غوث، قيوم، فرد ۽ قطب وحدت جا مناصب چئن خليفن جي نسل ۾ رهيا آهن اهو قائدو اڪثريه آهي، ڪليه ڪونهي.

ڪشف، علم ۽ مناصب جو ذڪر آيو آهي ته اها ڳالهه به سمجهي وٺو ته الله جي ذڪر سان قبرن جو ڪشف ته لازماً ٿي وڃي ٿو، ڪڏهن ايترو تيز ڪشف ٿئي ٿو ته قبرن ڏانهن محض خيال ڪرڻ سان سڀ حال منڪشف ٿي وڃن ٿا، سوين ماڻهو اهڙا هجن ٿا جن کي ماڻهن غوث ۽ قطب سمجهي ورتو آهي، انهن کي حاجت روا ۽ مشڪل ڪشا سمجهي ڪري انهن جي قبرن جو طواف ڪن ٿا، حالانڪه اها حرڪت عقيده توحيد جي سراسر منافي آهي ۽ قبر واري تي اهو ڪجهه پيو گذرندو آهي جو خدا جي پناهه! هڪ مزار تي وڃڻ جو اتفاق ٿيو، روضو نهيل آهي، قبر تي چادرون چڙهيل آهن، چميون ڏنيون پيون وڃن، مگر قبر وارو زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي، ڪتي وانگر اٿي ڪري حملو ڪري ٿو.

هڪ ٻئي اهڙي ئي "غوث" جي مزار تي هر هفتي ميلو لڳي ٿو، حالانڪه صاحب قبر ڪافر آهي، ڪنهن غلطي سان دفن ڪري ڇڏيو، آهستي آهستي غوث بڻجي ويو، ۽ روضو ڪڙو ڪيو

ويو، ان کي اهڙو درناڪ ۽ ڀيانڪ قسم جو عذاب ٿي رهيو هو جو ان جي ڪا ڳالهه معلوم نٿي ڪري سگهجي.

حقيقت هيءَ آهي ته هن ملڪ ۾ غوث جو منصب صرف ڪجهه هستين کي مليو آهي سڀ کان پهريون غوث عبدالهادي شاهه پيره وارو، جنهن جي قبر لڪل آهي. پوءِ حضرت بهاوّالحق زڪريا ملتاني ۽ بوعلي قلندر آهن. لاهور جي قلعي ۾ هڪ غوث دفن ٿيل آهي، علي هجويري نالو اٿن، هي داتا صاحب کان الڳ ٻي شخصيت آهن، نالو اهوئي آهي، سندن قبر پوشيده آهي، سندن طرفان قبر جو نشان ٻڌائڻ جي سخت منع آهي. هڪ غوث رياست دير جي طرف ٿي گذريا آهن، سندن نالو گل بادشاهه هو. انهن کان علاوه هن ملڪ ۾ ڪو غوث نه ٿيو. ها، وڏيون وڏيون هستيون گذريون آهن، پر اهي قطب جي منصب تائين ئي آهن.

***

# باب ارڙهون

## نبين ۽ ملائڪن عليهم السلام اجمعين ڪي ڏسڻ

نبين 8 و ملائڪه 8 ڪي ڏسڻ ۽ روحن جو معاملو ڪشف سان تعلق رکي ٿو، اهي شيون مقصود بالذات نه آهن. ها، ڪڏهن هن راهه جي مسافر کي اهي نعمتون ضمناً حاصل ٿي وڃن ٿيون.

گذريل ڪيترن بابن ۾ بيان ٿي چڪو آهي ته تصوف وسلوڪ ۾ اصل مقصود الله جي رضا حاصل ٿيڻ آهي. ان ڳالهه کي وري ڪرڻ جي ضرورت انڪري پوي ٿي جو مروجه تصوف ۾ سڀ ڪان وڌيڪ لاپرواهي ان سان ئي ڪئي وڃي ٿي. صحيح اسلامي تصوف ته الله جي محبت ۽ سنت جي تابعداريءَ جو نالو آهي انجي ابتداء ۽ انتها اهائي آهي.

اما البداية فالاشتغال بالعبودية واماالنهاية فقطع النظر عن الاسباب وتفويض الامور كلها الي الله- كل نفس ذائقة الموت ثم الينا ترجعون

تصوف جي شروعات الله جي عبادت ۾ مشغول هجڻ آهي ۽ انجي پڇاڙي سببن کان نظر ڪٽي وٺڻ ۽ سڀني معاملن کي الله جي حوالي ڪرڻ آهي. هر ساهواري کي موت جو مزو چکڻو آهي پوءِ موٽي ڪري اسان وٽ اچڻو آهي.

### انبياء 8 کي ڏسڻ جو ثبوت

رسول ڪريم، انبياءِ ڪرام 8 ۽ ملائڪن 8 کي سجاڳيءَ جي حالت ۾ ڏسڻ مختلف فيه نه آهي، جيڪڏهن ڪجهه اختلاف آهي ته ان ۾ ته مرئي يعني جيڪو ڏٺو وڃي ٿو ان جي ذات مقدسه بعينه آهي يا انجي مثل آهي. هڪ قليل بلڪه اقل جماعت جو خيال آهي ته مرئي صورت عين ذات ناهي بلڪه صورت مثاليه ٿئي ٿي.

علمائي ظواهر وباطن جا گهڻا عالم سجاڳيءَ جي حالت ۾ رسول الله ڪي بعينه ڏسڻ قائل آهن:

1: علامه ابن تيميه اقتضاءِ صراط مستقيم ۾ ان تي راءِ جو اظهار ڪيو آهي ۽ ان جو قائل آهي، فرمائين ٿا ته حضرت فاروق اعظم جي زماني ۾ هڪ ماڻهو حضور اڪرم جي زيارت ڪئي، پاڻ ان کي فرمايو ته عمر کي چئو ته صلواة استسقاء جي لاءِ ماڻهن کي ٻاهر ڪڍو.

2: شاهه ولي الله ته ايتري تائين فرمائين ٿا ته مون قرآن مجيد حضور اڪرم کان پڙهيو.

وان سالتني عن الخبر الصدق فاني تلميذ القرآن العظيم بلا واسطة كما اني اويسي لروح حضرة الرساله [102]

جيڪڏهن سچ پڇو ته (مان قرآن جي تعليم ۾ اويسي آهيان، جيئن باطني فيض ۾ اويسي آهيان) مون نبي اڪرم جن جي روح کان بلاواسطه قرآن مجيد پڙهيو جئين باطني فيض حاصل ڪيو.

وڌيڪ تفصيل لاءِ حضرت شاهه ولي الله جو فيوض الحرمين ۽ تفهيمات الٰهيه ڏسو.

3: علامه سيوطي هڪ مستقل ڪتاب "تنوير الملک في امکان روية النبي والملک" لکيو آهي انجو تفصيل ملاحظه ڪريو.

4: امام غزالي فرمائين ٿا:

ومن اول الطريقة تبتدءُ المشاهدات والمكاشفات حتي انهم في يقظهم يشاهدون الملائكة وارواح الانبياء ويسمعون منهم اصواتاً ويقتبسون منهم فوائد ــ [103]

سلوڪ جي طريقي جي ابتدا ئي مشاهدن ۽ مڪاشفن شروع ٿي وڃڻ سان آهي تان جو سالڪين سجاڳي ۾ نبين جي روحن ۽ ملائڪن کي ڏسن. انهن جي ڳالهه ٻولهه ٻڌن ٿا ۽ انهن کان فائدا حاصل ڪن ٿا.

مگر امام غزالي ٻين صوفين ۽ عالمن سان ايترو اختلاف ڪن ٿا ته ڏسڻ مثالي جا قائل آهن. عين ذات جا قائل نه آهن.

عين ذات ۽ مثالي صورت ۾ ڏسڻ ۾ اختلاف

علامه عبدالوهاب شعراني امام غزالي جي راءِ سان اختلاف ڪيو آهي.

قال (اي غزالي) انما هو مثال روحه المقدسة عن الصورة والشکل وشبهه روية الله في المنام بذالک فلا ادري ارادبه رحمه الله ـ [104]

امام غزالي فرمايو ته حضور اڪرم جي روح جي مثال جي زيارت ٿيندي آهي، نه بعينه جسم مقدس جي ۽ انکي ننڊ ۾ باري تعاليٰ کي ڏسڻ سان تشبيهه ڏني آهي مان نٿو سمجهي سگهان ته ان مان سندن ارادو ڇا آهي.

پوءِ علامه شعراني فرمائين ٿا ته شيخ صالح عطيه ابناسي، شيخ قاسم مغربي ۽ قاضي زڪريا امام سيوطي کان ٻڌو آهي ته:

يقول رايت رسول الله يقظة بضعاً وسبعين مرة ـ [105]

فرمائين ٿا ته مون حضور اڪرم کي ستر کان زياده دفعا سجاڳي ۾ ڏٺو.

علامه سيوطي هن موضوع تي تفصيل سان بحث ڪيو آهي:

هل الروية لذات مصطفيٰ بجسمهٖ وروحه اولمثاله وفصل القاضي ابوبکر بن العربي فقال روية النبي بصفة المعلومة ادراک علي الحقيقة ورئوية علي غير صفته ادراک للمثال وهذالذي قاله القاضي في غاية الحسن ولا يمتنع روية ذاته الشريفة بجسده وروحه وذالک لانه وسائر الانبياء عليهم السلام احياء ـ [106]

ڇا رسول الله کي ڏسڻ بجسمه آهي يا صورت مثالي کي ڏسڻ آهي ۽ قاضي ابوبڪر بن العربي ان تي فيصلو ڪيو ۽ فرمايو ته صفت معلومه سان حضور کي ڏسڻ حقيقت تي محمول هوندو ۽ غير صفت معلومه سان ڏسڻ ۾ مثالي تي محمول هوندو. قاضي موصوف جو محاڪمو تمام سٺو آهي ۽ حضور کي جسدي وروحي ڏسڻ ۾ ڪو به امر مانع نٿو ٿي سگهي ڇوته حضور اڪرم ۽ ٻيا انبياء 8 زنده آهن

پوءِ فرمايائوّن:

قال عبدالله بن سلام ثم اتيت عثمان وهو محصور فقال مرحبا يا اخي اني رايت رسول الله في هذه الخوخة فقال يا عثمان حصروک قلت نعم قال عطشوک قلت نعم فادلي لي دلواً فيه ماء فشربت حتي رويت حتي اني لاجد برد بين ثدي وبين كتفي فقال ان شئت نصرت عليهم وان شئت افطرت عندنا فاخترت ان افطر عنده۔ فقتل ذلک اليوم وهذه القصة مشهورة عن عثمان ممزجة في كتب الحديث بالاسناد اخرجها ابن ابي اسامه في مسنده وغيره وقدفهم المصنف منها انها رويته يقظهة وان لم يصلح عندها في الكرامات لان رئية المنام يستوي فيها كل احد ۔ [107]

عبدالله بن سلام چيو ته پوءِ مان حضرت عثمان وٽ آيس ته جيئن کين سلام عرض ڪريان ۽ پاڻ محصور (قيد) هئا. حضرت عثمان مون کي ڪيڪاريو چيو ۽ فرمايو ته مون حضور کي هن دريءَ ۾ ڏٺو. حضور فرمايو ته ماڻهن توکي محصور ( قيد) ڪري ورتو آهي عرض ڪيم جي ها. پوءِ فرمايائون انهن توکي اڃيو رکيو آهي. عرض ڪيم جي ها. ته حضور مون ڏانهن ڏول وڌايو جنهن ۾ پاڻي هو. مون پاڻي پيتو ۽ (ڍؤ ڪيو تان جو انجي ٿڌاڻ ڇاتيءَ ۾ محسوس ڪريان ٿو پوءِ فرمايو ته جيڪڏهن تون چاهين ته مان تنهنجي مدد ڪريان، جيڪڏهن تون چاهين ته اڄ مون وٽ افطاري ڪرين ته مون ان کي پسند ڪيو ته پاڻ سان گڏ افطاري ڪريان، چنانچه حضرت عثمان ان ئي ڏينهن شهيد ڪيا ويا ۽ اهو قصو مشهور آهي ۽ حديث جي ڪتابن ۾ سند سان موجود آهي، انکي ابن ابي اسامه پنهنجي مسند ۾ بيان ڪيو آهي ۽ ٻين پڻ. ۽ مضبوط ڳالهه هيءَ آهي ته مصنف هن روايت سان رسول کي سجاڳيءَ ۾ ڏسڻ ثابت ڪيو جيڪڏهن نه ته هن روايت کي ڪرامتن جي باب ۾ بيان ڪرڻ ٺيڪ نه ٿيندو، ڇوته خواب ۾ رسول کي ڏسڻ ۾ ته سڀ ماڻهو برابر آهن.

سجاڳي جي حالت ۾ ڏسڻ جو بنياد

عن ابي هريرة قال سمعت رسول الله يقول من راي في المنام فسيراني في اليقظه [108]

حضرت ابوهريره جي حديث جي لفظن مان هي مطلب ڪڍيو ويو ۽ اهائي روايت انجو بنياد آهي ته مون حضور اڪرم کي هي فرمائيندي ٻڌو ته جنهن شخص مونکي خواب ۾ ڏٺو، ته جلدي اهو سجاڳي ۾ به مونکي ڏسي وٺندو.

مشائخ (بزرگن) جا قول

قال الشيخ صفي الدين في رسالته قال له الشيخ ابوالعباس الحرار دخلت علي النبي مرة فوجدته يكتب منا شير للاولياء بالولاية وتكب لاخي محمد منهم منشورا - [109]

شيخ صفي الدين پنهنجي رسالي ۾ فرمائين ٿا ته شيخ ابوالعباس مون سان بيان ڪيو ته هڪ ڀيري مان حضور اڪرم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ڏٺم ته پاڻ ولين جي لاءِ ولايت جا منشور لکي رهيا آهن. انهن مان هڪ منهنجي ڀاءُ محمد جو منشور به هو.

قال ابو عبدالله القرشي سافرت الي الشام فلما وصلت الي قريب ضريع الخليل ؑ تلقاني الخليل فقلت يارسول الله اجعل ضيافتي عندک الدعاء لاهل مصر فدعالهم ففرج الله عنهم قال اليافعي وقوله تلقاني الخليل قول حق لاينكره الاجاهل بمعرفته مايروا اليهم من الاحوال التي يشاهدون فيها ملكوت السماء والارض وينظرون الانبياء عليهم السلام احياء غير اموات كما نظر النبي الي موسيٰ ؑ في الارض ونظره ايضا هو وجماعة من الانبياءِ ؑ وسمع منهم مخاطبات - [110]

ابو عبداللّٰه قرشي چون ٿا ته مون شام جو سفر ڪيو، جڏهن حضرت ابراهيم ؑ جي مزار مقدس تي پهتس ته پاڻ مونکي مليا. مون عرض ڪيو ته توهان وٽ منهنجي مهماني اها آهي ته مصرين لاءِ دعا گهرو. پاڻ دعا فرمايائون ته مصر وارن جي مصيبت هٽي ويئي. امام يافعي فرمائين ٿا ته قرشي جو هي قول آهي ته منهنجي ملاقات حضرت ابراهيم ؑ سان ٿي. ان جو انڪار صرف جاهل ئي

ڪندو جيڪو صوفين جي احوال کان ناواقف آهي. اهي ماڻهو آسمان ۽ زمين کي ڏسندا آهن، انبياء 8 کي زنده ڏسن ٿا جيئن ته حضور حضرت موسيٰ کي زمين تي ڏٺو ۽ انکي جماعت سان گڏ آسمان تي ڏٺو ۽ ان کان ڳالهيون پڇيون.

قال رجل للشيخ ابي العباس المرسي ياسيدي صافحني بكفک هذا فانک لقيت رجالا وبلادا فقال والله ماصافحت بكفي هذا الارسول الله قالو وقال الشيخ لوحجب عني رسول الله طرفة عين ما عددت نفسي من المسلمين - [111]

هڪ شخص شيخ ابو العباس المرسي کي عرض ڪيو، مون کي هٿ ڏيو ڇوته وڏن ملڪن ۾ ڦريا آهيو ۽ وڏن مردانِ خدا سان هٿ ملايا اٿوَ. شيخ فرمايو ته مون هي هٿ رسول اڪرم جي هٿن کان سواءِ ڪنهن سان به نه ملايا آهن، ۽ فرمايو ته جيڪڏهن حضور جي ذات هڪ لمحي جي لاءِ به منهنجي اک کان اوجهل ٿي وڃي ته مان پنهنجو پاڻ کي مسلمان نٿو سمجهان

وقال البارزي وقد سمع من جماعة من الاولياء في زماننا وقبله انهم راوالنبي في اليقظة حيابعد وفاته- [112]

علامه بارزي چيو ته محقق ڳالهه هيءَ آهي ته هڪ جماعت اسانجي زماني ۾ به ۽ انکان اڳ ۾ به رسول اڪرم کي وفات کان پوءِ زنده حالت ۾ سجاڳيءَ ۾ ڏٺو.

شيخ عبدالحق محدث دهلوي فرمائي ٿو ته،

از بعض صالحين حكايات درين باب آمده وبصحت رسيده وحكايات وروايات مشائخ بسيار است نزديک بحد تواتر رسيده است -[113]

امت جي عالمن جي تحقيق

علامه ابن حجر مڪي ان تي بحث ڪندي لکن ٿا:

هل تمكن روية النبي في اليقظة فاجاب بقوله انكر ذالک جماعة وجوزه آخرون وهوالحق فقد اخبر بذالک من رئيتهم من الصالحين بل استدل بحديث البخاري من رآني في المنام

فسيراني في اليقظة اي بعين راسه وقيل بعين قلبه ”ثم قال“ وفي شرح ابن ابي جمرة للاحاديث التي انتقلها من البخاري ترجيع لقاء الحديث علي عمومه في حياته ومماته لمن له اهلية لاتباع السنة ولغيره قال ومن يدعي الخصوص بغير تخصيص منه فقد تعسف ثم الزم منکر ذالک بانه غير مصدق بقول الصادق وبانه جاهل بقدرة القادر بانه منکر بکرامات الاولياء مع ثبوتها بدلائل السنة الواضحة ومراده بعموم ذالک وقوع روية اليقطة الموعودة بها لمن راه في المنام ولو مرة واحدة تحقيقا لوعده الشريف الذي لايخلف واکثر ما يقع ذالک للعامة قبل الموت عند الاحتضار فلاتخرج روحه حتي يراه ـ [114]

ڇا سجاڳيءَ ۾رسول اڪرم جي زيارت ممڪن آهي. علامه ابن حجر جواب ڏنو ته هڪ جماعت منڪر آهي ۽ هڪ جماعت مڃيندڙ آهي ۽ اهائي جماعت حق تي آهي. ڏسڻ جي خبر صالحين (جي اهڙي جماعت) ڏني آهي (جنهن تي بهتان نٿو لڳائي سگهجي) بلڪ جائز هجڻ جو دليل بخاريءَ جي حديث مان پيش ڪن ٿا ته حضور فرمايو جنهن مونکي خواب ۾ ڏٺو اهو جلدي سجاڳي ۾ ڏسندو. يعني مٿي جي اکين سان ڏسڻ مراد ورتي آهي، ڪنهن دل جي اکين سان. پوءِ ابن حجر شارح بخاري عبدالله ابن ابي جمره جو قول پيش ڪيو جنهن بخاري جي حديث جي شرح ڪندي خواب جي حديث کي عموم تي ترجيح ڏني آهي خواه حيات ۾ هجي خواه ممات ۾ مگر اها سنت جي ڪامل تابعدار لاءِ آهي. پوءِ شارح مذڪور فرمايو ته جنهن حديث جي تخصيص جي دعويٰ ڪئي آهي انهيءَ تعسف ڪيو آهي. پوءِ ان کي الزام ڏنو آهي ته جڏهن حضور جن تخصيص نه فرمائي ته اهو ڇو ٿوڪري. پوءِ اهو ته فرمان نبوي جو منڪر آهي پوءِ اهو قادر جي قدرت کان جاهل آهي. ۽ اهو ولين جي ڪرامتن جو منڪر آهي. حالانڪه ڪرامتون واضح سنت رسول مان ثابت آهن ۽ مراد شارح مذڪور جي عموم حديث مان رسول اڪرم جي سجاڳيءَ ۾ زيارت آهي جنهن جو واعدو حضور خواب واري کي ڏنو آهي

پوءِ ڪٽي زيارت هڪ دفعو هجي واعدو پورو ڪرڻ لاءِ بس آهي ان ۾ جائز ناهي ۽ گهڻن عام ماڻهن کي موت جي ويجهو زيارت ٿي وڃي ٿي ۽ ان جي جسد (جسم) مان روح نڪرڻ ڪري جيستائين زيارت نه ٿي وڃي.

بخاري جي انهيءَ روايت جو صحيح مفهوم ته اهوئي آهي جيڪو ڏسڻ يقظه(سجاڳيءَ ۾ ڏسڻ) سان بيان ڪيو ويو آهي البته مسلم ۾ فڪا نها رآني آهي ۽ ابن ماجه ۾ فقد رآني آهي. ان ۾ احتمال آهن. ۽ بخاري جي انهيءَ حديث ۾ هي تاويل ڪرڻ ته عنقريب انجي صحيح تعبير ڏسي وٺندو ڪيترو تعسف آهي. فسيري جو مفعول ضمير متڪلم حضور جي ذات اقدس آهي ۽ خواب جي تعبير کي مفعول بڻائڻ بعيد تاويل آهي حقيقت ۾ مفعول ضمير متڪلم حضور جي ذات اقدس آهي. ان جي تائيد انهن حديثن سان ٿئي ٿي جيڪي ليلة المعراج جي سلسلي ۾ آيون آهن. ته حضور انبياء 8 کي ڏٺو، انهن سان ڳالهيون ڪيون، استفادو ڪيو، اهو حضور جن جومعجزو هو ۽ اهائي ولين جي ڪرامت ٿي.

وقد تقرران ماجاز للانبياء معجزة جاز للاولياء كرامة ـ[115]

اها ڳالهه جمهور وٽ ثابت ٿي چڪي آهي ته جيڪا شئي انبياء 8 جي لاءِ معجزو آهي اها اولياء رحمهم الله لاءِ ڪرامت آهي.

۽ ابن ڪثير فرمايو:

> انا لانجوز ظهور الكراماة علي الولي عند ادعاء الولاية الا اذا اقرعند تلک الدعوي بكونه علي دين ذالک النبي ومتي كان الامر كذالک صارت تلک الكرامة لذلک النبي معجزة وموكده رسالته ـ [116]

اسان ڪنهن ولايت جي دعويٰ ڪندڙ کان ڪرامت ظاهر ٿيڻ جا ان وقت قائل ٿينداسين جڏهن اهو ان دعويٰ سان گڏ هيءُ اقرار به ڪري ته مان ان ئي نبي جي دين تي آهيان. ۽ جڏهن دعويٰ ان صورت ۾ ٿي ته اها ڪرامت ان نبي جو معجزو هوندو ۽ ان جي رسالت جي تائيد هوندي.

پر ڪي ظاهربين علماء جڏهن انکي نٿا سمجهي سگهن ته شروع کان ئي انڪار ڪري ڇڏين ٿا. جيئن امام رازي فرمايو:

فان وراء هااسرار دقيقة وامور عميقة فما لم يصل اليها لم يصدق بها ـ [117]

ان کان اڳتي باريڪ ۽ اونها ڳجهه ۽ اسرار آهن. جيستائين انسان انهن امور (معاملن) تائين نه پهچي ته انهن جي تصديق ان لاءِ محال آهي.

فائدو:

نبي جو معجزو نه عين نبوت آهي نه نبوت جو جزو آهي نڪي نبوت جو شرط آهي بلڪه هڪ دليل ۽ سند آهي ۽ ڪمالات نبوت جي نشانين منجهان آهي. اهوئي معجزو منتقل ٿي نبي جي امت ۾ انجي صحيح وارثن ۾ ڪرامت جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ڪشف، انبياء 8 کي ۽ ملائڪن کي ڏسڻ ۽ روحن کي ڏسڻ ڪرامت جي قسم مان آهن.

## جنن ۽ شيطانن کي ڏسڻ

ڇا جنن ۽ شيطان کي ڏسڻ ممڪن آهي؟ قرآن ۾ اچي ٿو ته جن ۽ شيطان نٿا ڏسي سگهجن، ها اهي اسانکي ڏسن ٿا.

اِنَّہٗ يَرٰىكُمۡ ہُوَ وَ قَبِيۡلُہٗ مِنۡ حَيۡثُ لَا تَرَوۡنَہُمۡ ؕ (الاعراف ـ ٢٧)

۽ حديث ۾اچي ٿو ته قبر جو عذاب وثواب ثقلين نٿا ڏسي سگهن. ڏسڻ، عذاب وثواب جو قائل هجڻ قرآن وحديث جي خلاف آهي ۽ امام شافعي ته جِنُ ڏسڻ جي دعويٰ ڪندڙ جي شاهدي به مردود قرار ڏني آهي.

## جِنن کي ڏسڻ جو ثبوت

واستدل الخطابي بهذا الحديث علي ان اصحاب سليمان ؑ كانوا يرون الجن في اشكالهم وهيئتهم حال تصرفهم قال واما قوله تعاليٰ انه يراكم هو وقبيله الخ فالمراد الاكثر الاغلب من احوال بني ادم

علامه خطابي هن حديث مان دليل ورتو آهي. جنهن ۾ ذڪر آهي ( ته نبي اڪرم جِنَ کي ٻَڌڻ چاهيو هو ته صبح جو مديني جا ڇوڪرا ان سان کيڏن مگر ڀاءُ سليمان ؑ جي دعا جي ڪري اهو

ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو هو ته حضرت سليمان ؑ جا صحابي جِنن ڪان ڪم وٺڻ مهل انهن کي ڏسندا هئا. رهيو فرمان باري تعاليٰ ته شيطان ۽ انجو ڪٽنب توهانکي ان جاءِ کان ڏسي ٿو جو توهان انهن کي نٿا ڏسو. ته اهو حڪم گهڻو ڪري ۽ اغلب آهي. ائين ڪونهي ته جِنَ ڏسي نٿا سگهجن.

ان تي علامه ابن حجر اعتراض ڪيو آهي ۽ فرمايو آهي:

بان نفي روية الانس الجن علي هيئتهم ليس بقاطع من الاية بل ظاهر انه ممكن فان نفي رؤيتها اياهم مقيد بحال رؤيتهم لنا ولا ينفي امكان لهم في غير تلک الحالة ويحتمل العموم - رؤيتنا[118]

آيت مان قطعي طور تي ثابت ناهي، بلڪه صرف احتمال آهي ڇوته اسانجو نه ڏسڻ مقيد آهي انهن جي ڏسڻ جي وقت سان نه ڪه عام. ها، احتمال عموم جو به آهي.

علامه آلوسي ان تي بحث ڪندي فرمايو

وقال والقضية مطلقة لادائمة وفيه عملي هذا لا يفسق مدعي رويتهم في صورهم الاصلية اذا كان مظنة للكرامة وليس في الاية اكثر من نفي رؤيتهم كذالک بحسب العادة ـ[119]

اهو قضيو مطلقه آهي دائمي ڪونهي. ۽ ان ئي روح المعاني ۾ آهي ته ڏسڻ جي دعويٰ ڪرڻ وارو فاسق نه هوندو جو انجي شاهدي رد ڪئي وجي. خصوصاً جڏهن ڪرامت جو گمان به هجي ۽ آيت ۾ نفي ڏسڻ جي عادت طور شاهدي آهي نه ڪه بطور خرق عادت جي. ۽ علامه بيهقي مناقب امام شافعي ۾ ان جو هي قول نقل ڪيو آهي ته:

يقول من زعم انه يري الجن ابطلنا شهادته الا ان يكون نبيا- (عن الربيع)

حضرت ربيع فرمائين ٿا ته مون امام شافعي کان ٻڌو ته جنهن شخص چيو ته مان جِنن کي ڏسان ٿو اسان انجي شاهدي مردود قرار ڏيون ٿا سواءِ انجي ته ڏسڻ وارو نبي هجي.

فائدو:

علامه بيهقي جيڪو قول امام شافعي جو نقل ڪيو آهي ان

مان معلوم ٿيو ته امام شافعي جي مراد اڪين سان ڏسڻ آهي جيڪو عادت جي طورتي آهي نه ڪه خرق عادت. ۽ اهو به معلوم ٿيو ته روحاني ۽ قلبي اک سان ڏسي سگهجي ٿو جيڪو الا ان يڪون نبيا جي استثناء مان ظاهر آهي، ۽ مجيل حقيقت آهي ته ڪشف ڪرامت جي قبيلي کان آهي. ۽ ڪرامت معجزي جو فرع (قسم) آهي، نبي جو جنن کي ڏسڻ معجزو ٿيو ۽ ولي جو ڏسڻ ڪرامت ٿيو.

2. علامه آلوسي جي بيان مان معلوم ٿيو ته عادت جي طور تي نٿو ڏسي سگهجي پر ڪرامت جي طور تي ڏسي سگهجي ٿو. ان مان حديث ثقلين جو مسئلو به حل ٿي ويو ته قبر ۾ عذاب وثواب عادت جي طور تي معلوم نٿا ٿي سگهن، ها خرق عادت جي طور تي معلوم ٿي سگهن ٿا. چنانچه ڪشف قبور جا سوين واقعا رسول اڪرم کان ۽ صحابه رضي الله عنهم کان حديثن ۾ موجود آهن، تنهنڪري نفي سان نفي عادت جي ٿي ۽ ثبوت سان ثبوت خرق عادت جو ٿيندو. رهيو هيءُ سوال ته اهو ڪيئن ٿئي ٿو ته ان جو جواب هي آهي ته جڏهن اهو خرق عادت (عادت جي خلاف) آهي ته عادت سان ڪيئن پڌائي سگهجي ٿو ۽ ڪيئن معلوم ٿي سگهي ٿو، ها، گهٽ ۾ گهٽ ڇهه مهينا لڳاتار خرچ ڪريو جيڪڏهن الله کي منظور هوندو ته ڏسي وٺندؤ.

خرق عادت ۽ اهل السنت والجماعت جو مسلڪ

ڪشف وڪرامت جو تعلق خرق عادت سان آهي ۽ اهل سنت وٽ ڪرامت معجزي جي شاخ آهي، ان جي انڪار سان متواترات جو انڪار لازم اچي ٿو. جن ماڻهن ان جو انڪار ڪيو آهي اهي غلط فهمي سان خرق عادت جي معاملي کي عام طبيعت جي معاملن تي قياس ڪن ٿا. ان صورت ۾ اهي قادر جي قدرت جو انڪار ڪن ٿا.

> عند اهل السنة ان الروية لا يشترط لها عقلا عضو مخصوص ولا مقابلة ولاقرب وانما تلک امور عادية يجوز حصول الادراک مع عدمها عقلا وكذالک حكموا بجواز

روية الله تعاليٰ في الاخرة خلافا لاهل البدع بوقوفهم مع العادة ـ[120]

اهل سنت جو ڏسڻ جي متعلق اهو عقيدو آهي ته ان جي لاءِ ڪنهن خاص عضوي يعني اک جو هجڻ شرط نه آهي. نه مرئي جو مقابل ۽ قريب هجڻ شرط آهي. ڇوته اهي امور عاديه آهن ۽ ڏسڻ عقلا جائز آهي بغير انهن امور عاديه جي، ان جي ڪري آخرت ۾ باري تعاليٰ کي ڏسڻ جي جواز جو حڪم ڪيو آهي. ان جي ابتڙ بدعتي ڏسڻ کي عادت تي موقوف ڄاڻن ٿا.

۽ اها واضح ڳالهه آهي ته جنهن شخص کي نبي ڪريم جي زيارت خواب ۾ ٿئي ٿي اهو صالح انسان آهي، ان جي دل ۾ نور آهي. جيڪڏهن ڪاملين مان ڪو انجي تربيت ڪرڻ وارو هجي ته سجاڳي ۾ به يقيناً حضور جي زيارت سان مشرف ٿي ويندو.

وبعض می گويند که اين بشارت است برانيان که جمال اورا در خواب که آخر بعد از انقطاع وارتفاع کدورات نفسانيه وقطع علائق جسمانيه بمرتبه برسند که بی حجاب کشفا وعيانا در بيداري باين سعادت فائز باشند چنانچه اہل خصوص از اوليا رامی باشد [120]

البت انهن پردن کي دور ڪرڻ لاءِ مناسب ذريعا ۽ وسيلا اختيار ڪرڻا پوندا جن سان تزڪيه نفس ۽ تصفيه قلب ٿي وڃي. پردو هٽيو ته زيارت ٿي ويندي ۽ اهو وسيلو جنهن سان پردا هٽن ٿا ذڪر الٰهي آهي. ان سان قلب ۾ نور پيدا ٿئي ٿو. ملائڪن ۽ نبين سان مناسبت پيدا ٿي وڃي ٿي. ذڪر الٰهي سان گڏ چند شرائط آهن:

تصحيح عقائد ضروري آهي شرڪ وبدعت کي دل مان ڪڍي ڇڏي.

اعمال صالحه جو عادي ٿي وڃي.

حرام کان بچڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪري.

ڪامل جي صحبت اختيار ڪري ۽ ان جي ٻڌايل طريقي تي عمل ڪري.

نبي ڪريم جي نبوت کان اڳ واري زندگي کي ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته:

ان الله بغض اليه الاوثان وحبب اليه خلال الخير ولزوم الوحدة فرارا من قرناء سوء فلما لزم ذالک اعطاء لله علي قدرنيته ووهب له النبوة كما يقال الفواتح عنوان الخواتيم وقال ابن المنير كان مقدمة النبوة في حق النبي الهجرة الي الله تعاليٰ عزوجل بالخلوة في غارحرا [123]

الله تعاليٰ حضور اڪرم جي دل ۾ بتن جي خلاف بغض وجهي ڇڏيو هو ۽ سٺين عادتن کي محبوب بڻائي ڇڏيو هو ۽ حضور اڪيلائي ۽ برن ساٿين کان پري ٿيڻ کي پسند فرمايو. جڏهن پاڻ انهن سهڻين صفتن کي اختيار ڪيائون ته الله تعاليٰ کين سندن نيت جي مطابق ڏنو ۽ نبوت عطا فرمائي جيئن چيو وڃي ٿو ته ابتدا خاتمي جو عنوان ٿئي ٿو ۽ ابن منير شارح بخاري چيو ته هي نبوت جو مهاڳ هو ته پاڻ مخلوق کان خالق ڏانهن هجرت ڪئي ۽ غار حرا ۾ تنهائي (اڪيلائي) اختيار فرمائي.

قلب جي بحث ۾ تفصيل سان بيان ٿي چڪو ته اصل دانا بينا قلب آهي. گناهن ڪرڻ سان ان تي دز چڙهي وڃي ٿي. رفته رفته ان جي نظر ختم ٿي وڃي ٿي. اهوئي دل جو سڀ کان خطرناڪ مرض آهي. الله تعاليٰ ان حقيقت کي ڪٿي هيئن بيان ڪيو آهي "ران علي قلوبهم" ڪٿي فرمايو "اثم قلبه" ڪٿي فرمايو ته "فانها لاتعمي الابصار ولڪن تعمي القلوب التي في الصدور" يعني انهن جي مٿي جون اکيون انڌيون نه بلڪه انهن جي سيني ۾ دليون انڌيون آهن. هتي "عمي" ۽ "بصر" جي پيٺ عدم ۽ ملڪه سان آهي. انڌي جو لفظ انتي چيو وڃي ٿو جنهن جي شان کان ڏسڻ هجي عمي من شانه ان يڪون بصيرا. پٿر ۽ پٽ کي ڪو به انڌو نٿو چئي. معلوم ٿيو ته قرآن مجيد دل کي ان لاءِ انڌو فرمايو جو انجي شان سان بينائي هئي.

سوال: اهي آيتون ته ڪافرن جي حق ۾ نازل ٿيون جن جي دلين تي ڪفر جي ظلمت (اونداهي) ڇانئجي ويئي هئي ۽ اهي حق کي ڏسي نٿي سگهيا.

جواب: اثر ته هڪ آهي يعني دل سان نه ڏسڻ. ها، موثر ۽ سبب جدا ٿي سگهن ٿا. ڪافرن جي دل جي نه ڏسڻ جو سبب ڪفر جي ظلمت

آهي ۽ مسلمان جي دل جي نه ڏسڻ جو سبب گناهن جي اونداهي آهي، فسق وفجور، سنت جي مخالفت ۽ خواهشن جي تابعداري آهي. اهو ضروري ناهي ته اثر ساڳيو هجي ته موثر ۽ سبب به ساڳيو هجي. دل جي بيمارين جا ماهر معالج انبياء 8 هئا، انهن قلب جي صحت جو نسخو ذڪر الٰهي ٻڌايو، جنهن سان قلب، سليم ۽ مطمئن ٿي وڃي ٿو. قلب جي لاءِ صالح غذا، شريعت حقه جي پيروي ۽ احڪام الٰهي جي پابندي ٻڌايو، ۽ فاسد غذا يعني شرڪ وبدعت ۽ اتباع هويٰ کان منع فرمايو. انبياء 8 کانپوءِ سندن صحيح جانشين انهن جي نيابت ڪئي، جن کي صوفياءِ ڪرام ۽ علماءِ رباني چيو وڃي ٿو، پر اڄ انهن جا وجود عنقا آهن. مشيخيت ۽ سجاده نشيني، علم و فضل ۽ وعظ و تبليغ جون دعوائوّن ته موجود آهن پر حقيقت غائب آهي. امام ولي الله دهلوي پنهنجي زماني جي حالتن جو جيڪو نقشو تفهيمات الٰهيه ۾ چٽيو آهي اڄ جون حالتون ان کان به بدتر ٿي ويون آهن.

فرمائين ٿا:

”اي سجاده نشينو! جيڪي پنهنجي ابن ڏاڏن جي مسند تي بغير ڪنهن حقداري جي ڄمي ويٺا آهيو. توهان اهو طريقو ته ڇڏي ڏنو جيڪو الله تعاليٰ نبي اڪرم جي ذريعي انسانن جي هدايت لاءِ نازل فرمايو هو ۽ پنهنجي خواهشن جي تابعداري کي توهان دين بڻائي ورتو ۽ هر شخص پيشوا بڻيو ويٺو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي هادي ۽ مهدي سمجهي ٿو، حالانڪه اهو حقيقت ۾ گمراهه ۽ گمراهه ڪندڙ آهي. اسان انهن ماڻهن کي قطعاً پسند نٿا ڪريون جيڪي صرف دنيوي غرض ۽ مادي فائدن خاطر ماڻهن کان بيعت وٺندا وتن ٿا.... اهي ماڻهو رهزن ۽ ڌاڙيل آهن، ڪوڙا ۽ فتني وارا آهن. ماڻهؤ! خبردار! انهن ڌاڙيلن کان هوشيار رهجو، توهانکي ته صرف ان شخص کي پنهنجو مرشد ۽ پيشوا بڻائڻو آهي جيڪو ڪتاب ۽ سنت ڏانهن سڏي...الخ“

حقيقت هيءَ آهي ته جڏهن کان بازن جا آکيرا ڪانگن جي ڪم ۾ اچڻ لڳا آهن، اهي جايون جتان رشد وهدايت جا چشما جاري ٿيندا هئا اڄ بي هودگي ۽ عياشي، بي ديني ۽ آوارگي جا مرڪز بڻجي ويا

آهن، جتي دين ڪانسواءِ سڀ ڪجهه موجود آهي ۽ جتان ڪان دين داري ۽ هدايت ڪان سواءِ سڀ ڪجهه ملي ٿو. دنيا بڻجي رهي آهي ۽ عاقبت بگڙي رهي آهي بقول اڪبر الٰهه آبادي ان ڪي هڪ ڪاروبار بنايو ويو آهي:

مرده سمجھ ان کو کہ جو پہنچے ہوں خدا تک
مرشد ہے وہی جو ہے گورنمنٹ رسیدہ

۽ عالمن جو جيڪو نقشو امام غزالي احياء العلوم ۾ چڪيو آهي اهو ڇهين صدي هجري جي عالمن جي متعلق آهي، فرمائين ٿا:

انتم ڪالمنخل يخرج منه الدقيق الطيب وتبقي فيه النخالة ڪذالڪ انتم تخرجون الحڪمة من افواهڪم ويبقي الغل في قّلوبڪم افسدتم اٰخرتڪم فصلاح الدنيا عندڪم احب اليڪم من صلاح الاخرة فاي الناس اخسر منڪم لوتعلمون

فائدو:

امام غزالي ڪي پنهنجي زماني جي عالمن ڪان شڪايت آهي ته توهان پرڻ وانگر آهيو جنهن مان سنهو ۽ عمدو اٽو نڪري وڃي ٿو ۽ چاڻ ان ۾ رهجي وڃي ٿو. پر اڄ جي عالمن الا ماشاءَ الله حالت هيءَ آهي ته اهي ان ٿلهي چاڻي وانگر آهن جنهن مان چاڻ به نڪرندي رهي ٿي ۽ اهوئي حصو پرڻ ۾ رهجي وڃي ٿو جيڪو سڀ ڪان زياده ردي ۽ بيڪار هجي. اهڙي طرح انهن جي وات مان جيڪڏهن حڪمت جي هڪ اڌ ڳالهه نڪري ٿي ته ان سان گڏ ڏهه ڳالهيون اهڙيون به نڪرن ٿيون جيڪي تهذيب ۽ شرافت جو ماتم ڪندي فضا ۾ پکڙجي وڃن ٿيون. جڏهن اسانجي فڪر ۽ عمل جي حالت اها آهي، اسانجي عوام ۽ خواص جي ذهنيت ان قسم جي آهي ته دلين جي ڪيفيت جو اندازو چڱي طرح ٿي سگهي ٿو. جڏهن انهن جون دليون بصيرت جي نور ڪان محروم آهن ته پاڻ تي قياس ڪري صلحاءِ امت ۽ اصحاب بصيرت جو انڪار ڪري ڇڏين يا رسول جن جي ڏسڻ جو انڪار ڪري ڇڏين ته اسان انهن ڪي معذور سمجهون ٿا. ڇوته ڪنهن شخص ڪي انڌي ماڻهو ڪان هيءَ ڳالا نٿي

هجي ته هو ڏسي چو نٿو. بلڪه انهن جي حالت رحم جوڳي آهي.،
انهن جون دليون روڳي آهن. انهن جون دليون بيمار آهن. انهن لاءِ
اسانجو مخلصاڻو مشورو اهو ئي آهي ته ڪنهن معالج جي خدمت ۾
وڃي ڪري پنهنجي قلوب جو علاج ڪرائين.

دل بينا بھی کر خدا سے طلب
آنکھ کا نور دل کا نور نہیں

***

وسلم جن مرڪندي مراقبي مان مٿو مبارڪ کنيو، ۽ پنهنجي ٻنهي مبارڪ هٿن سان مون ڏانهن مصافحي ۽ بيعت جو اشارو فرمايو. هيءُ فقير اٿيو پنهنجا گوڏا حضور اڪرمﷺ جي مبارڪ گوڏن سان ملايا، ۽ پنهنجا ٻئي هٿ حضور اڪرم ﷺ جي مبارڪ هٿن جي وچ ۾ رکيا ۽ بيعت ڪئي. بيعت وٺڻ کان فارغ ٿيا ته حضور اڪرم ﷺ جن اکيون بند فرمايون.

باب ويھون

## روحن سان ڳالھه ٻولھه

روحن سان ڳالھه ٻولھه يا ڪشف قبور جو انڪار اصل ۾ دليلن کان سواءِ ڳالھه ڪرڻ کان زياده ڪابه حيثيت نٿو رکي. ان موضوع تي بحث ڪرڻ لاءِ علمي ۽ نقلي دليلن مان رھنمائي حاصل ڪئي وڃي ته اقرار ڪرڻ کان سواءِ نٿو رھي سگھجي، ۽ اھو مجٽو پوي ٿو ته الله وارن تي اھو الله تعاليٰ جو خاص انعام آھي جيڪو نبي ڪريم  جي صحيح جانشينن کي نبي  جي ميراث طور تي الله تعاليٰ عطا فرمائي ٿو.

سڀ کان پھريائين اھا ڳالھه سوچڻ گھرجي ته روحن سان ڳالھه ٻولھه جو شريعت ۾ ثبوت به آھي يا نه؟ پوءِ اھو ڏسڻ گھرجي ته سابقين مان انجو نقل به ملي ٿو يا نه؟ پوءِ اھو ڏسڻو آھي ته اسلاف ۾ ان جا اھڙا مثال به ملن ٿا جن کي نفس الامري حقيقت چئي سگھجي ٿو.

جيڪڏھن انھن ٽنھي صورتن ۾ يقيني دليل ملي وڃن ته انڪار ڪرڻ جھالت يا ضد کانسواءِ ڪجھه نه آھي.

1: بيت المقدس ۾ سڀني نبين سڳورن عليھم الصلواة والسلام کي رسول خدا  جي اقتدا جي لاءِ گڏ ڪيو ويو ھو پوءِ نبين سڳورن جي روحن سان ڳالھه ٻولھه ٿي ٿي، (ابن ڪثير18:2)

> فقال ابراھيم ؑ الحمدلله الذي اتخذني خليلا واعطاني ملڪا عظيما وجعلني امة قانتا يئوتم بي وانقذني من النار وجعلھا علي بردا وسلاما ثم ان موسيٰ ؑ اثني علي ربھ فقال الحمدلله الذي ڪلمني تڪليما وجعل ھلاڪ آل فرعون ونجاة بني اسرائيل علي يدي وجعل من امتي قوما يھدون بالحق وبھ يعدلون ثم ان دائوّد ؑ اثني علي ربھ فقال الحمدلله الذي جعل

لي ملكا عظيما وعلمني الزبور ولان لي الحديد وسخرلي الجبال يسبحن والطير....الخ

حضرت ابراهيمؑ چيو ته تعريف ان الله جي لاءِ آهي جنهن مونکي خليل بڻايو آهي ۽ مونکي وڏو ملڪ عطا ڪيو. ۽ مونکي فرمان بردار جماعت (مان) بڻايو ۽ مونکي باهه مان ڪڍيو ۽ باهه کي منهنجي لاءِ ٿڌڪار ۽ سلامتي بڻائي ڇڏيو. پوءِ موسيٰؑ پنهنجي رب جي ثناء بيان ڪئي ۽ چيو تعريف ان الله جي لاءِ آهي، جنهن مون سان چڱي طرح ڳالهايو ۽ منهنجي هٿان آل فرعون کي هلاڪ ڪيو ۽ بني اسرائيل کي نجات ڏني ۽ منهنجي امت مان اهڙا ماڻهو پيدا ڪيا جيڪي حق ۽ هدايت تي قائم رهيا ۽ رهنمائي ڪندا رهيا. پوءِ اهڙي طرح حضرت دائوّدؑ چيو ته تعريف ان الله جي لاءِ آهي جنهن مون کي بادشاهي عطا ڪئي، مونکي زبور جي تعليم ڏني. منهنجي لاءِ لوهه کي نرم ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي لاءِ جبلن کي تابع ڪري ڇڏيو جيئن مون سان گڏجي جبل ۽ پکي تسبيح پڙهن ٿا.

اهو واقعو ڪلام بالارواح جي اصل جي حيثيت رکي ٿو، انمان ثابت ٿيو ته:

(1) زنده انسان روحن جي ڳالهه ٻولهه ٻڌي سگهي ٿو جيئن حضور اڪرم ﷺ نبين سڳورن جي روحن جي ڳالهه ٻولهه ٻڌي.

(2) زنده انسان برزخ وارن کي ڏسي سگهي ٿو.

(3) انسان تي دنيا جي زندگي ۾ جيڪي حالتون اچن ٿيون، بزرخ ۾ روح کي چٽي طرح ياد هجن ٿيون.

اها ڳالهه ڌيان ۾ رهي ته هي دليل انهن ماڻهن جي نقطه نظر مطابق پيش ڪجن ٿا جن جو عقيدو آهي ته بيت المقدس ۾ روح شڪلين وارا هئا، انهن سان ڳالهه ٻولهه ٿي پر اسان جو عقيدو آهي ته روح جسمن سميت بيت المقدس ۾ حاضر ٿيا هئا ۽ قرآن وسنت مان دليل به اسانجي عقيدي جي حق ۾ مضبوط آهن، جن جو تفصيل اسان پنهنجي ڪتاب "سماع موتيٰ" ۾ بيان ڪري ڇڏيو آهي.

معراج واري رات حضوراڪرم ﷺ جي نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي روحن سان آسمانن تي هڪ کان پوءِ ٻئي سان جيڪا ملاقات ٿي انجو تفصيل صحيح مسلم شريف ۾ موجود آهي.

ڊيگهه جي خوف سبب صرف حوالي تي بس ڪجي ٿي، جنهن مان صاف ظاهر آهي ته حضور اڪرم  جي نبين سڳورن جي روحن سان ملاقات به ٿي ۽ ڳالهه ٻولهه به ٿي.

:2 حضور اڪرم  کي معراج واري رات جيڪي واقعا پيش آيا اهي واقعن جي اعتبار سان روحن سان ڳالهه ٻولهه جي ثبوت جي حيثيت رکن ٿا، هاڻي حضور  جو ارشاد به ڏسو. جيڪو ٻي حيثيت سان ثبوت قرار ڏنو وڃي ٿو. (نسيم الرياض 138:2)

قال النبي  اني اري مالاترون واسمع مالاتسمعون المراد بما الموصولة فيهما مغيبات وامور في الملاء الاعلي اطلعه الله تعاليٰ عليها وغيره  لايراها كروية الملائكة والجنة والنار وعذاب القبر والاطلاع علي الموتيٰ واحوال البرزخ وسماعه لاصوات المعذبين في القبور-

حضوراڪرم  فرمايواهي شيون آئون ڏسان ٿو جيڪي توهان نٿا ڏسو ۽ اها ڳالهه ٻڌان ٿو جيڪا توهان نٿا ٻڌو. انهن ٻنهي جملن ۾ ماموصوله آهي ۽ ان مان مراد غيب جون ڳالهيون آهن، ۽ اهي ڳالهيون آهن، جيڪي ملاء اعليٰ ۾ ٿيون ۽ الله تعاليٰ حضور  کي انهن کان واقف ڪيو جيڪي ٻيا ماڻهو نٿا ڏسن، جيئن ملائڪن کي ڏسڻ، جنت دوزخ، عذاب قبر کي ڏسڻ، برزخ جا حالات ڏسڻ ۽ انهن ماڻهن جا آواز ٻڌڻ جيڪي قبرن ۾ عذاب ۾ مبتلا آهن.

ان حديث مان ۽ انجي شرح مان جتي معلوم ٿئي ٿوته روحن جي ڳالهه ٻولهه جو شريعت ۾ اصل موجود آهي اتي اهو به معلوم ٿئي ٿو ته عذاب قبر غيب جي خبرن منجهان آهي ۽ غيب جي شين تي ايمان آڻڻ فرض آهي، انڪري ڪشف قبور کي ڪشف ڪوني چوڻ علمي لغزش آهي.

بحث جي ٻي شق (حصي) بابت چند اقتباسات ملاحظه ڪيو:

:1 الحاوي للفتاوي 291:2

الثاني ان النبي  في حياته كان يري الانبياء ويجمتع بهم في الارض كما تقدم انه رايٰ عيسيٰ في الطواف وصح انه  مرعليٰ موسيٰ وهو يصلي في قبره وصح انه  قال الانبياء احياء يصلون فكذلک اذا نزل عليه الصلوة والسلام الي

الارض يري الانبياء ويجتمع بهم ومن جملتهم النبي  فياخذ عنه ما يحتاج اليه من احكام الشريعة-

ٻي ڳالهه هيءَ ته نبي  هن دنيوي زندگي ۾ نبين سڀُورن کي ڏسندا ۽ انهن سان ملاقات ڪندا هئا جهڙيءَ طرح گذري چڪو آهي ته پاڻ عيسيٰ ؑ کي طواف ۾ ڏٺائون ۽ اهو صحيح آهي ته پاڻ سڀُورا موسيٰ ؑ وٽان لنگهيا جڏهن ته پاڻ (موسيٰ ؑ) قبر ۾ نماز پڙهي رهيا هئا. ۽ اهو صحيح آهي ته حضور اڪرم  فرمايو ته نبي زنده آهن نماز پڙهن ٿا. تيئن جڏهن عيسيٰ ؑ زمين تي واپس ايندا، نبين کي ڏسندا ۽ انهن سان ملاقات ڪندا. انهن مان هڪ حضور  آهن ۽ عيسيٰ ؑ حضور اڪرم  کان شريعت جا احڪام حاصل ڪندا جن احڪامن جا پاڻ محتاج هوندا.

هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته حضور اڪرم  جي هيءَ ميراث جن ماڻهن کي ملي ٿي انهن ۾ ڪهڙي خوبي آهي جيڪا ٻين ماڻهن ۾ نٿي ملي. جڏهن اهڙن ماڻهن جي حالتن جو مطالعو ڪيو وڃي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته اهي ماڻهو سڀ جا سڀ تصوف وسلوڪ جا صاحب ٿي گذريا آهن. معلوم ٿيو ته ان دولت جي ملڻ جو واحد ذريعو تصوف وسلوڪ آهي. ان علم ۽ فن جي فضيلت جي متعلق علامه وزير فرمائين ٿا:

الروض الباسم 57:2

هذا بحر، عميق لاساحل له لايصح ركوبه الافي سفن المكاشفة وليل جهيم لايحسن مسراه الا بعد طلوع اهله المشاهده... ان ذلک من العلوم الضرورية التجربية المتواترة عن ارباب الرياضات وملازمة الخلوات فانهم يرون في اليقظة مثل ما يراه الناس في النوم ويسمعون مخاطبات من غيررويۃ المخاطب-

اهو (علم سلوڪ) وڏو گهِرو (اونهو) سمنڊ آهي جنهن جو ڪو ڪنارو ناهي، مڪاشفي جي ٻيڙيءَ بنا ان سمنڊ ۾ سفر ڪرڻ صحيح ناهي، ۽ اها هڪ اونداهي رات آهي جنهن ۾ مشاهدي جي چنڊ جي اڀرڻ بنا سفر ڪرڻ درست ناهي. اهي علوم ضروري ۽ پڌرا آهن تجربي سان تواتر سان اصحاب رياضت کان ثابت آهن،

جن اڪيلائي کي لازم سمجهيو ۽ اهي سجاڳي ۾ اهي شيون ڏسن ٿا جيڪي ٻيا ماڻهو خواب ۾ ڏسن ٿا ۽ اهي مخاطب کي ڏسڻ کانسواءِ انجو گفتگو ٻڌي وٺن ٿا.

هاڻي انهن ماڻهن جا واقعا ڏسو جن کي الله تعاليٰ هيءَ نعمت عطا فرمائي هئي.

:1 الحاوي للفتاوي 443:2

قال الشيخ عبدالقادر الجيلاني  رايت رسول الله  قبل الظهر فقال لي يا بني لم لاتكلم؟ قلت يا ابتاه! انا رجل اعجمي كيف اتكلم علي فصحاء بغداد فقال افتح فاک ففتحته فتفل فيه سبعا وقال تکلم علي الناس وادع الي سبيل ربک بالحکمة والموعظة الحسنة فصليت الظهر وجلست وحضرني خلق كثير فارتج علي فرايت عليا  قائما باذائي في المجلس فقال لي مثل ماقال رسول الله -

شيخ عبدالقادر جيلاني  فرمائين ٿا ته مون ظهر کان اڳ ۾ حضور اڪرم  جي زيارت ڪئي. حضور اڪرم  فرمايو، پٽ تون ڳالهائين چونه ٿو؟ مون عرض ڪيو بابا سائين! مان عجمي آهيان، بغداد جي صحيح ڳالهائيندڙ وانگر ڳالهائي ڪيئن سگهان ٿو. فرمايائون پنهنجو وات کول. مون وات کوليو حضور  ست دفعا منهنجي وات ۾ لعاب دهن (وات جي پڪ مبارڪ) وڌو ۽ فرمايائوّن ماڻهن کي حڪمت ۽ موعظه حسنه (بهترين نصيحتن) جي ذريعي الله جي طرف دعوت ڏج، پوءِ مون ظهر جي نماز پڙهي ۽ ويهي رهيس، هڪ ماڻهن جو ميڙ منهنجي چوڌاري جمع ٿي ويو. پوءِ مون حضرت علي  کي پاڻ وٽ بيٺل ڏٺو، ان به مونکي اهوئي ڪجهه فرمايو جيڪو حضور  فرمايو هو.

اهوئي واقعو يافعي  ڪفايه المعتقد صفحه 387 تي لکيو آهي:

:2 الحاوي للفتاوي 444:2

قال في ترجمة الشيخ خليفة بن موسيٰ النهر ملكي كان كثير الروية لرسول الله  يقظة ومنا ما فكان يقال ان اكثر افعاله متلقاة منه  اما يقظة اما مناما وراه في ليلة واحدة سبع

عشرة مرة-

شيخ خليفه بن موسيٰ  جي حالات ۾ لکيل آهي ته پاڻ ننڊ ۽ سجاڳيءَ ۾ گهڻو ڪري حضور اڪرم  جي زيارت ڪندا رهندا هئا. ۽ چيو ويندو هو ته سندن گهڻا ڪم حضور اڪرم  جي چوڻ سان ٿيندا هئا خواه القا ننڊ ۾ هجي يا سجاڳي ۾ ۽ پاڻ حضور اڪرم  کي هڪ رات ۾ ستر دفعا ڏٺائون.

3: علامه الڪمال الاوفي پنهنجي ڪتاب ”الطالع السعيد“ ۾ لکيو آهي:

> كان مشهورا بالصلاح وله مكاشفات وكرامات كتب عنه ابن دقيق العيد وابن النعمان والقطب العسقلاني وكان يذكرانه يري النبي  ويجتمع به-

پاڻ وڏيڪ نيڪ مشهور هئا، ابن دقيق العيد، ابن النعمان ۽ قطب عسقلاني سندن مڪاشفن ۽ ڪرامتن جو ذڪر ڪيو آهي. هو بيان ڪن ٿا ته پاڻ حضور اڪرم  جي زيارت ڪيائون ۽ مجلس ڪيائون.

4: شيخ عبدالغفار بن نوح پنهنجي ڪتاب، ڪتاب الوحيد ۾ فرمايو:

> كان للشيخ ابي العباس المرسي وصله بالنبي  اذا سلم علي النبي  ردً ويجابه اذا تحدث معه-

شيخ ابي العباس المرسي جي نبي ڪريم  سان ملاقات ٿيندي هئي. جڏهن هو سلام چوندا هئا ته حضور اڪرم  جواب ڏيندا هئا ۽ حضور  سان گفتگو ڪندا هئا ته حضور  ان جو جواب ڏيندا هئا

5: ابن فارس جي ڪتاب ”المخ الالٰهيه في مناقب السادة الوفائيه“ ۾ آهي:

> قال ( اي ابن فارس) كنت وانا ابن خمس سنين اقرء القرآن علي رجل يقال له الشيخ يعقوب فاتيته يوما فرايت النبي  يقظة لامنا ما وعليه قميص ابيض قطن ثم رايت القميص علي فقال لي اقرا فقرات عليه سورة والضحي والم نشرح ثم غاب عني فلما ان بلغت احدي وعشرين سنة احرمت لصلوٰة الصبح بالقرافة فرايت النبي  قبالة وجهي فعانقني

وقال لي واما بنعمة ربک فحدث-

ابن فارس چون ٿا ته جڏهن آئون پنجن سالن جو هئس ته شيخ يعقوب کان قرآن مجيد پڙهندو هئس هڪ ڏينهن آئون ان وٽ آيس ته مون نبي ڪريم  کي بلڪل سجاڳيءَ ۾ ڏٺو. ننڍ ۾ نه ڏٺو پاڻ ڪريمن  کي اڇي سوٽي قميص پاتل هئي پوءِ مون ڏٺو ته اها قميص مون کي پاتل هئي. پوءِ حضور اڪرم  فرمايو پڙهه! مون سورة الضحيٰ ۽ الم نشرح پڙهي پوءِ حضور  غائب ٿي ويا. جڏهن منهنجي عمر 21 سالن جي ٿي ته مون قرافه ۾ صبح جي نماز نيت ڪري تڪبير هنئين ته مون حضور  کي پنهنجي سامهون ڏٺو پوءِ حضور  معانقو فرمايو ۽ فرمايو پنهنجي رب جي نعمت بيان ڪر.

6: معجم شيخ برهان الدين بقاعي ۾ بيان ٿيو آهي:

قال حدثني الامام ابوالفضل بن ابي الفضل النويري ان سيد نورالدين الايحي والدالشريف عفيف الدين لما ورد الي روضة الشريفة قال السلام عليک ايها النبي ورحمة الله وبرکاته سمع من کان بحضرتھ قائلا من القبر يقول وعليک السلام يا ولدي-

چون ٿا ته ابو الفضل النويري مون سان بيان ڪيو ته سيد نورالدين جڏهن روضه اطهر تي حاضري ڏيندا هئا ته چوندا هئا السلام عليڪ ايها النبي . جيڪي ماڻهو اتي موجود هوندا هئا اهي قبر مبارڪ مان آواز ٻڌندا هئا ته وعليڪ السلام يا ولدي.

7: حافظ محب الدين بن النجار پنهنجي تاريخ ۾ نقل ڪيو آهي جنهن کي علامه سيوطي الحاوي للفتاوي صفحه نمبر 447 تي بيان فرمايو آهي ته شيخ عبدالواحد بن عبدالملڪ بيان فرمايو ته:

حججت وزرت النبي  فبينا انا جالس عند الحجرة اذا دخل الشيخ ابوبکر الديار بکري ووقف بازاء وجه النبي  وقال السلام عليک يارسول الله  فسمعت صوتا من داخل الحجرة وعليک السلام يا ابابکر وسمعه من حضره-

مون حج ڪيو ۽ نبي  جي زيارت ڪئي، جڏهن آئون روضه اطهر وٽ ويٺو هئس ته، ابوبڪر ديار بڪري آيو ۽ مواجه شريف

جي سامهون بيهي ڪري چيو السلام عليڪ الخ، مون روضه اطهر جي اندران هيءُ آواز ٻڌو وعليڪ السلام الخ ۽ مون ڪانسواءِ جيڪي ماڻهو اتي موجود هئا انهن به اهو آواز ٻڌو.

8: طبقات الشعراني 73:2 سيد محمد شاذلي  جي تعارف ۾ بيان ڪيو:

> وكان  كثير الرويا لرسول الله  وكان يقول قلت لرسول الله  ان الناس يكذبو نني في صحة رويئي لک فقال رسول الله  من كذبک فيها لايموت الايهوديا اونصرانيا اومجوسيا۔

سيد محمد شاذلي  گهڻو ڪري حضور اڪرم  جي زيارت ڪندا هئا، پاڻ چون ٿا ته مون حضور  جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته يا رسول الله ! ماڻهو منهنجي توهان ڪي ڏسڻ (ڏسڻ) جو انڪار ڪن ٿا، حضور  جن فرمايو ته جنهن توکي ڪوڙو چيو، اهو يهودي يا نصراني يا مجوسي ٿي مرندو.

9: طبقات شعراني 75:2

> وكان (اي شاذلي) يقول رايت النبي  فساله عن الحديث المشهور اذكر الله حتي يقولوا مجنون وفي صحيح ابن حبان اكثروا من ذكر الله حتي يقولوا مجنون فقال  صدق ابن حبان في روايتة وصدق راوي اذكرو الله فاني قلتهما معامرة قلت هذا ومرة قلت هذا۔

سيد محمد شاذلي فرمائيندا هئا ته مون نبي ڪريم  جي زيارت ڪئي ۽ مشهور حديث اذڪرو الله الخ جي متعلق پڇيو ته ابن حبان اڪثروامن ذڪر الله لکيو آهي ته حضور  فرمايو ته ابن حبان به سچو آهي ۽ پهرين حديث جو راوي به سچو آهي، مون هڪ دفعي اهي لفظ چيا ۽ ٻئي دفعي ٻيا لفظ

پوءِ انهيءَ صفحي تي آهي ته پوءِ رسول ڪريم  ۽ منهنجي وچ ۾ پردو ٿي ويو ۽ ڏسڻ ختم ٿي ويو هو.

> وكنت اشتغلت بقراة جماعة في الفقه ووقع بيني وبينهم جدال في ادحاض حجج بعض العلماء فتركت الاشتغال بالفقه فقلت يارسول الله  الفقه من شريعتک فقال بلي ولكن يحتاج الي

ادب بين الائمة۔

آئون هڪ جماعت کي فقه پڙهائڻ ۾ مشغول هئس، منهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ ڪجهه علماء جي دليلن جي باري ۾ اختلاف ٿي ويو ته مون فقه جو مشغلو ڇڏي ڏنو. پوءِ مون حضور  جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته يا رسول الله  ڇا فقه جو علم اوهانجي شريعت منجهان نه آهي؟ حضور  فرمايو ڇونه، پر فقيهن جي دليلن کي رد ڪرڻ ۾ ادب ۽ احتياط لازم آهي.

10: طبقات شعراني 16:1

قال (اي عبدالله بن ابي جمره) انا اجتمع بالنبي  يقظة۔

عبدالله بن ابي جمره فرمائين ٿا ته آئون نبي  سان سجاڳي ۾ زيارت ۽ مجلس ڪندو رهندو آهيان.

11: طبقات 88:2

ومنهم سيدنا شمس الدين الحنفي يقول رايت جدي رسول الله  في خيمة عظيمة والاولياء يجيئون فيسلمون عليه واحد بعد واحد.

انهن منجهان هڪ شمس الدين حنفي آهن، پاڻ فرمائين ٿا مون پنهنجي ڏاڏي يعني حضور اڪرم  کي هڪ وڏي خيمي ۾ ڏٺو ۽ ڏٺو ته اولياءِ ڪرام هڪ هڪ ٿي اچن ٿا ۽ سلام عرض ڪن ٿا.

12: طبقات 147:2

ومنهم الشيخ مخلص ولما حج وزارالنبي  سمع ردالسلام من رسول الله ۔

انهن منجهان هڪ شيخ مخلص آهن. جڏهن انهن حج ڪيو ۽ روضه اطهر تي حاضري ڏني ته حضور اڪرم  کان سلام جو جواب پڌو.

13:اليواقيت والجواهر132:1

ومنهم سيوطي يقول رايت رسول الله  في اليقظة بضعا وسبعين مرة وقلت له في مرة منها هل انا من اهل الجنة يا رسول الله  فقال نعم فقلت من غير عذاب يسبق فقال لڪ ذلڪ قال الشيخ العطية وسالت الشيخ جلال الدين السيوطي مرة ان يجتمع بالسلطان الغوري في ضرورة وقعت لي فقال

لي يا عطية انا اجتمع بالنبي  يقظة واخشي ان اجتمعت بالغوري ان يحتجب  عني-

انهن منجهان علامه سيوطي  آهن. پاڻ فرمائين ٿا مون رسول ڪريم  کي سجاڳيءَ ۾ ستر ڪان زياده ڀيرا ڏٺو. هڪ دفعي مون عرض ڪيو يا رسول الله  ڇا مان جنتي آهيان؟ حضور اڪرم  فرمايو ها. پوءِ مون عرض ڪيو بغير ڪنهن عذاب جي؟ فرمايائون تنهنجي لاءِ ائين ئي آهي. شيخ عطيه چون ٿا مون علامه سيوطي سان هڪ ڀيري پنهنجي هڪ ضرورت جي سلسلي ۾ سلطان غوري سان ملڻ لاءِ چيو ته علامه سيوطي فرمايو ته آئون سجاڳيءَ ۾ حضور  جي مجلس ۾ حاضر ٿيندو آهيان، جيڪڏهن مان سلطان غوري جي خدمت ۾ وڃان ته مونکي حضور  کان شرم اچي ٿو.

14:اليواقيت والجواهرا:9

وسئل الحافظ ابو عبدالله الذهبي عن قول الشيخ محي الدين ابن العربي في كتابه الفصوص انه ماصنفه الاباذن من حضرت النبوية  فقال الحافظ ما اظن ان مثل هذا الشيخ محي الدين يكذب اصلامع ان الحافظ الذهبي كان من اشد المنكرين علي الشيخ وعلي طائفة الصوفية هو وابن تيمية-

علامه ذهبي کان شيخ محي الدين ابن عربي جي ان قول جي باري ۾ پڇيو ويو ته ”مون ڪتاب فصوص حضور اڪرم  جي حڪم سان لکيو“ حافظ ذهبي چيو آئون هي گمان نٿو ڪري سگهان ته شيخ محي الدين جهڙو شخص ڪوڙ ڳالهائي حالانڪه علامه ذهبي اهڙو شخص آهي جيڪو ابن عربي ۽ صوفين جو سخت مخالف آهي. هو ۽ ابن تيميه ٻئي شديد مخالفن منجهان آهن.

۽ طبقات شعراني ۾ شيخ عبدالله بن ابي جمره، سيد شمس الدين حنفي الشيخ مخلص ۽ ڪيترن ئي ٻين اولياءِ ڪرام جي احوال ۾ ان ڳالهه جو خاص طور تي ذڪر ڪيو آهي ته اهي سڀورا سجاڳيءَ جي حالت ۾ حضور اڪرم  سان روحاني ڳالهه ٻولهه ڪندا رهندا هئا.

اهڙي طرح اليواقيت والجواهر ۾ ڪيترن ئي اولياءِ ڪرام جي

باري ۾ روحن سان ڳالهائڻ جي سلسلي ۾ حضور اڪرم  سان انهن جي ملاقات، گفتگو ۽ استفادي (فائدو حاصل ڪرڻ) جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هاڻي اسان هڪ اهڙي هستيءَ جو ذڪر ڪريون ٿا جيڪا چڱي طرح ڄاتل سڃاتل آهي ۽ اهي آهن حضرت شاهه ولي الله دهلوي .

تفهيمات الهيه 249

1: سالته  سوالا روحانيا عن معني قوله كنت نبيا وآدم منجدل بين الماء والطين ففاض علي روحي من روحه الكريم الخ-

مون حضور اڪرم  کان كنت نبيا الخ حديث جي معنيٰ جي متعلق روحاني طور تي پڇي ته حضور  جي روح پُر فتوح کان منهنجي دل تي القا ٿيو الخ.

2: سالته  سوالا روحانيا عن معني قوله ڪان في عماء-

مون حضور اڪرم  "ڪان في عماء" جي معنيٰ بابت روحاني طور تي سوال ڪيو.

3: سالته  سوالا روحانيا عن التسبب وتركها ايهما احسن لي ففاض منه  علي روحي الخ-

مون حضور اڪرم  کان روحاني طور تي سبب اختيار ڪرڻ ۽ ترڪ ڪرڻ متعلق سوال ڪيو ته حضور  جي طرفان منهنجي دل تي القاء ٿيو. الخ.

4: سالته  سوالا روحانيا عن سر تفضيل الشيخين علي علي  مع انه اشرفهم نسبا واقضاهم حكما واشجعهم جنانا والصوفية اكثرهم ينتسبون اليه ففاض علي قلبي منه  وجهين وجها ظاهرا ووجها باطنا فالوجه الظاهر اقامه العدل في الناس وتاليفهم وارشادهم الي ظاهر الشريعة وهما بمنزلة الجوارح في ذلک والوجه الباطن الي مراتب الفناء والبقاء وعلوم الروية كلها انما تنبع من الوجه الظاهر-

مون حضور اڪرم  کان حضرت علي  تي شيخين P جي فضيلت جي راز جي متعلق روحاني طور تي عرض ڪيو ته حضرت علي  نسب جي اعتبار کان افضل آهن، فيصلي جي

اعتبار کان تمام بلند آهن ۽ سڀ کان زياده، بهادر آهن ۽ سڀيئي صوفي ڏانهُن ئي منسوب آهن. ته حضور اڪرم □ کان منهنجي قلب تي القا ٿيو ته منهنجي نبوت جا ٻه پاسا آهن هڪ ظاهر ۽ ٻيو باطن، ظاهري پاسي جو تعلق ماڻهن ۾ عدل قائم ڪرڻ، انهن جي دلجوئي ۽ انهن جي هدايت جو انتظام ڪرڻ آهي. ان معاملي ۾ اهي ٻئي (شيخين رضي الله عنهما) منهنجي ٻانهن جي حيثيت رکن ٿا ۽ باطني پاسي جو تعلق فنا وبقاء جي مرتبن وغيره سان آهي. پر انهن سڀني پاسن جو سرچشمو ۽ ماخذ ظاهري پاسو آهي، يعني شريعت آهي

تفهيمات الهيه 25:2

> سالته □ سوالا روحانيا عن الشيعة فاوحا الي ان مذهبهم باطل وبطلان مذهبهم يعرف من لفظ الامام ولما افقت عرفت ان الامام عندهم هوالمعصوم المفترض الطاعة الموحي اليه وحيا باطنيا وهذا هو معني النبي سيلزم انكار ختم النبوة-

مون حضور اڪرم □ کان شيعن جي متعلق روحاني طور تي سوال ڪيو. حضور □ فرمايو ته انهن جو مذهب باطل آهي ۽ انهن جي بطلان جو سبب لفظ ”امام“ مان ظاهر آهي. جڏهن مون غور ڪيو ته اهو راز مونتي کليو ته شيعن وٽ امام معصوم ٿيندو آهي، ۽ انجي اطاعت فرض آهي، ان تي باطني وحي ٿئي ٿي ۽ اهي ئي وصفون نبي جون هونديون آهن انهيءَ ڪري انهن جي عقيدي سان انڪار ختم نبوت لازم اچي ٿو.

> سئالته □ عن هذه المذاهب وهذه الطرق ايها اولي عنده بالاخذ واحب ففاض علي قلبي منه □ ان المذاهب والطرق كلها سواء ولافضل لواحد علي الاخر-

مون حضور اڪرم □ کان انهن مذهبن (مذاهب اربع) ۽ئن سلسلن (تصوف) جي متعلق سوال ڪيو ته انهن مان افضل ڪهڙو آهي ۽ اوهان کي سڀ کان زياده پسند ڪهڙو آهي. ته حضور □ جي طرفان مون تي القاء ٿيو ته سڀيئي مذهب ۽ سڀ سلسلا هڪ جهڙا آهن ۽ ڪنهن کي ڪنهن تي فضيلت نه آهي.

تفهيمات الٰهيه ۾ حضرت شاه ولي الله □ جا ڪئين واقعا درج

آهن، جن مان ان حقيقت جو اظهار ٿئي ٿو ته پاڻ بي شمار علمي ۽ ديني مسئلن ۾ حضور □ جي روح پُر فتوح کان استفادو (فائدو حاصل) ڪيائون جنهن جو واحد ذريعو ڪلام بالارواح هو.

ان ڪانپوءِ زماني جي اعتبار کان اچا به قريب اچو.

نقش حيات مدني صفحه 107 ۽ شيخ الاسلام نمبر صفحه 61:

”مواجه شريفه ۾ جڏهن ته پاڻ سجاڳ آهن آنحضرت □ جي زيارت ان طرح ٿئي ٿي جو پاڻ ۾ ۽ ذات اقدس سرور ڪائنات □ ۾ ڪو به حجاب ڪنهن قسم جو نه آهي.“

۽ شيخ الاسلام نمبر صفحه 164 تي مولانا رشيد احمد صديقي بيان ڪن ٿا:

”ته حضرت مدني رات جو تقريباً ٻين بجي راقم الحروف ۽ چوڌري محمد مصطفيٰ انسپيڪٽر مدارس کي گهرايو، ٻئي فوراً حاضر ٿيا، ارشاد فرمايائون ته ادا باطني بزرگن هندستان جي تقسيم جو فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ هندستان جي تقسيم سان گڏ بنگال ۽ پنجاب کي تقسيم ڪري ڇڏيو. راقم الحروف عرض ڪيو ته هاڻي اسان جيڪي تقسيم جا مخالف آهيون ڇا ڪريون. پاڻ فرمايائون ته اسان ظاهر جا پابند آهيون، ۽ جنهن ڳالهه کي حق سمجهون ٿا انجي تبليغ پوري قوت سان ڪنداسين.“

بلغة الحيران صفحه 8 مولانا حسين علي □ فرمائين ٿا:

رايت رسول الله □ عانقني وذهب بي في معانقته علي الصراط رايت ان رسول الله □ كتب لي ضمينة ختم عليه بيده المبارک وكان معه اكثر الاكابر دعوت عند بيت الله الحرام ثم جئت عند رسول الله □ فقلت الصلوة والسلام عليک يا رسول الله فعانقني □ وعلمني اللطائف والاذكار ورئيته انہ يسقط فامسكته واعصمته عن السقوط وقعدت عند مزار الامام الرباني فقال لي في المكاشفه بيان مسئلة التوحيد اعليٰ درجة عن السلوک ورايت الانبياء كلهم من آدم الي نبينا □ كلهم ينادون با عليٰ نداء ان من دعا غير الله تعاليٰ معتقدا انہ يعلم ويسمع فهو كافر-

مون حضور اڪرم □ جي زيارت ڪئي پاڻ □ مونکي بغل ۾

ورتو ۽ پلصراط تي روانا ٿيا. مون ڏٺو ته حضور  جن منهنجي لاءِ ضمانت نامون لکيو ۽ پنهنجي هٿ مبارڪ سان ان تي مهر هڻئين ۽ پاڻ  سان گڏ گهڻائي اڪابر هئا، مون بيت الله وٽ دعاء گهري، پوءِ حضور اڪرم  وٽ حاضر ٿيس. مون سلام عرض ڪيو. حضور  ڳلي لڳايو ۽ مونکي لطائف و اذڪار سيکاريا ۽ مون ڏٺو حضور اڪرم  ڪِرڻ لڳا آهن. مون حضور  کي جهلي ورتو ۽ ڪِرڻ کان بچائي ورتو ۽ مان امام رباني  جي مزار تي ويٺو هئس. پاڻ مڪاشفي ۾ فرمايائوّن سلوڪ کان به مٿاهون درجو مسئله توحيد جو بيان آهي. ۽ مون حضرت آدم ؑ کان وٺي حضور اڪرم  تائين سڀني نبين سڳورن 8 جي زيارت ڪئي، سڀئي نبي سڳورا نهايت بلند آواز سان فرمائي رهيا آهن ته جيڪو شخص غير الله کي ان عقيدي سان پڪاري ته هو چاڻي ٿو ۽ ٻڌي ٿو ته اهو ڪافر آهي.

انهن اقتباسن مان هيءَ ڳالهه واضح ٿي ويئي ته روحن سان ڳالهائڻ جو اصل شريعت ۾ موجود آهي ۽ حضور اڪرم  جي صحيح جانشينن کي حضور  جي اها ميراث بطور انعام باري تعاليٰ ملندي رهي ٿي. ۽ اهڙا ماڻهو هر دور ۾ موجود رهيا آهن.

معلوم ٿيو ته روحن سان ڳالهائڻ جو اصل نبي  کان ثابت آهي ۽ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم کان ان تي عمل ڪرڻ جا گهڻا مثال ملن ٿا. ڊيگهه جي خوف ڪري هتي ذڪر نه ڪيا ويا. پوءِ اولياءِ ڪرام جي مقدس جماعت، حضور اڪرم  ۽ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي هن سنت تي عمل ڪيو. هيءَ سنت گهڻي وقت کان تقريباً مرده ٿي چڪي هئي جنهن هن مرده سنت کي زنده ڪيو اهو ته حضور اڪرم  جي ارشاد مطابق سئو شهيدن جي ثواب جو مستحق آهي. انجي برخلاف جيڪي ماڻهو انجو انڪار ڪن ٿا اهي حقيقت ۾ حضور اڪرم  جي سنت جو انڪار ڪن ٿا، اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي عمل ۽ انجي فضيلت جو انڪار ڪن ٿا ۽ اولياءِ ڪرام جي مقدس جماعت، جنهن جو تعداد سوَن نه پر هزارن تائين پهچي ٿو انهن جو انڪار ڪن ٿا ۽ انهن تي ملامت ڪري پنهنجي عاقبت خراب ڪن ٿا. رهيو اهو سوال ته اهڙن منقول (بيان ڪيل) واقعن جي حيثيت ڇا آهي؟ ڇا

انهن مان استدلال ڪري سگهي ٿو، ان سلسلي ۾ مولانا عبدالحي لکنوي  جي تحقيق جو خلاصو غور ڪرڻ جي لائق آهي:

ان الذاكرين لهذه المناقب ليسوا ممن لايعتمد عليه اوممن لايكون حجة في النقل بل ائمة الاسلام عند الانام الذين يرجع الي اقوالهم في المهمات و تجعل اخبارهم من القطعيات كا بي نعيم، وابن كثير والسمعاني وابن حجر المكي وابن حجر العسقلاني والسيوطي وعلي القاري وشمس العلماء الكردي والنووي، وعبدالوهاب الشعراني وشيخ الاسلام الذهبي ومن يحذ حذوهم افتري هولاء قد درجوا في تصانيفهم مايري انه كذب، او اعتمد واعلي نقل ماينقلهم ارباب الكذب كلا والله هم ائمة محتاطون لايناقشون فيما يكتبون فان شككت في ذلک فارجع الي الطبقات ينكشف لک احوال صدق هولاء الثقات ...وان وقوع مثل هذا وان استبعد من العوام لكن لايستبعد ذلک من اهل الله تعاليٰ فانهم اعطوامن ربهم قوة ملكية وصلوابها الي هذه الصفات لاينكره الامن ينكر صدور الكرامات وخوارق الصادرة ...والجاهل المتعسف لاينفعه شئٌ وان طولنا هنالک ...فان شک في ذلک شاک علما قطعا انه متعصب خارج عن حد الخطاب لايليق معه الاالزجر والعتاب۔

اهي نقل ڪرڻ وارا اهڙا نه آهن جو انهن تي اعتماد نه ڪيو وڃي ۽ اهڙا نه آهن جو انهن جي نقل کي دليل قرار نه ڏنو وڃي، بلڪه اهي اسلام جا امام آهن ۽ ماڻهن جي لاءِ سُتون (ٿنڀ) آهن. اهي اهڙا ماڻهو آهن جو اهم معاملن ۾ انهن جي قول جي طرف رجوع ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن جي بيان کي يقين جو درجو حاصل آهي، جهڙوڪ ابو نعيم، ابن ڪثير، سمعاني، ابن حجر مڪي، ابن حجر عسقلاني، علامه سيوطي، ملا علي قاري، شمس العماء ڪردي، نَوَوي، عبدالوهاب الشعراني ۽ شيخ الاسلام ذهبي رحمهم الله عليهم اجمعين ۽ انهيءَ پائي جا ٻيا ماڻهو آهن. ڇا تنهنجو خيال آهي ته انهن  پنهنجي ڪتابن ۾ ڪوڙ ملائي ڇڏيو آهي يا ڪوڙن ماڻهن جي نقل تي اعتماد ڪري ويٺا آهن. خدا جو قسم ائين هرگز نه

آهي، اهي امام آهن، وڏا محتاط آهن  جيڪو لکي چڏين ٿا ان ۾ مناقشو نٿو ڪيو وڃي، ۽ توکي ان ۾ شڪ هجي ته طبقات جي طرف رجوع ڪر، توتي انهن معتبر ماڻهن جي سچائي کلي پوندي. عوام کان ته اهڙين ڳالهين جو امڪان آهي پر انهن الله وارن کان انهن ڳالهين جو امڪان نه آهي، ڇوته انهن کي پنهنجي رب جي طرفان قوت ملڪيه عطا ٿي آهي ۽ انهيءَ قوت جي ڪري انهن صفتن تائين پهتا، انهن جو انڪار صرف اهوئي ڪري ٿو جيڪو ڪرامتن جو منڪر هجي، ۽ جيستائين جاهل ضديءَ جو تعلق آهي انکي ڪا شئي فائدو نه ڏيئي سگهندي. جيڪڏهن ڪوبه ان ڳالهه ۾ شڪ ڪري ته اهو قطعي طور تي متعصب آهي اهو ان لائق نه آهي جو ان سان گفتگو ڪئي وڃي، اهو ته جهڻڪڻ ۽ جڻ جي لائق آهي.

علامه سيوطي □ پڻ ابن ابي جمره □ جي حوالي سان ان ئي قسم جو خيال ظاهر ڪيو آهي.

الحاوي للفتاوي 439:2

> قال (اي ابن ابي جمره) والمنكر لهذا لايخلو اما ان يصدق بكرامات الاولياء اويكذب بها فان كان ممن يذب بها فقد سقط البحث معه فانه يكذب ماثبتهه السنة بالدلائل الواضحة وانكان مصدقا بها فهذه من ذلک القبيل لان الاولياء يكشف لهم بخرق العادة عن اشياء في العالمين العلوي والسفلي عديدة فلاينكر هذا مع التصديق بذالک۔

ابن ابي جمره □ فرمائين ٿا ته انجو منڪر يا ته اولياء جي ڪرامتن  کي مڃي ٿو يا تڪذيب ڪري ٿو. جيڪڏهن تڪذيب ڪري ٿو ته ان سان بحث فضول آهي ڇوته اهو ان حقيقت کي ڪوڙو ڇئي رهيو آهي جيڪا سنت مان چٽن دليلن سان ثابت آهي ۽ جيڪڏهن اهو مڃڻ وارو آهي ته اهو انهيءَ ئي قبيلي مان آهي. ڇوته اولياء تي ته عالم سفلي ۽ علوي کان خرق عادت جي طور تي بيشمار شيون ظاهر ٿين ٿيون ۽ ان مڃڻ سان گڏ انڪار جمع نٿو ٿي سگهي.

پوءِ صفحه 102 تي فرمائين ٿا:

وان اعتبر مثل هذا الشک ارتفع الامان عن کتب التاريخ واسماءِ الرجال فانهم يکتبون. جيڪڏهن هن قسم جو شڪ معتبر ڄاڻجي ته تاريخ ۽ اسماء رجال جي ڪتابن تان اعتبار کڄي وڃي ٿو، ڇوته انهن اهي واقعا لکيا آهن.

۽ الرفع والتڪميل جي صفحه 64 تي فرمائين ٿا:

ومن زعم ان الناس اتفقوا علي الخطاء في ذلک فهو اوليٰ بالخطاء منهم ولولا جواز الاعتماد ذلک لتعطل کثير من المصالح قلت من کذب العلماء المتقدمين فهواکذب الکاذبين۔

جيڪڏهن ڪنهن کي اهو خيال هجي ته انهن غلط ڳالهين تي اتفاق ڪري ورتو آهي ته اهو پاڻ هڪ تمام وڏي غلطي ڪري رهيو آهي، جيڪڏهن انهن بزرگن تي اعتماد نه ڪيو وڃي ته بيشمار ڪمن ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي وڃي. آئون چوان ٿو ته جيڪو علماء متقدمين جي تڪذيب ڪري ٿو اهو تمام وڏو ڪذاب (ڪوڙو) آهي.

انهن بزرگن جي تحقيق جو خلاصو هي آهي ته ڪشف قبور ۽ روحن جي ڳالهه ٻولهه جو انڪار ڪرڻ رڳي جهالت آهي اهڙو منڪر انهيءَ جي لائق نه آهي ته علمي سطح تي سائنس ڪا ڳالهه ٻولهه ڪجي.

ان سلسلي ۾ هڪ پهلو اڃا باقي آهي، ته هيءَ نعمت صرف مخصوص ماڻهن کي ئي ڇو عطا ڪئي وڃي ٿي.

ان جي حڪمت حافظ ابن قيم بيان ڪئي آهي. (ڪتاب الروح صفحه 81)

فاذا شاء الله سبحانه ان يطلع علي ذلک بعض عبيده اطلعه وغيبة عن غيره اذلو اطلع العباد کلهم لزالت کلمة التکليف والايمان بالغيب ولما تدافن الناس کما في الصحيحين عنه ﷺ لولا تدافنوا لدعوت الله ان يسمعکم من عذاب القبر ما اسمع۔

جڏهن الله تعاليٰ پنهنجن ڪن بندن کي (عذاب قبر) تي واقف ڪرڻ چاهي، ته ڪري ڇڏيندو آهي. ۽ ڪن بندن کان پوشيده رکندو آهي، ڇوته جيڪڏهن سڀني ماڻهن کي واقف ڪري ته پوءِ مڪلف

هجڻ ۽ غيب تي ايمان آڻڻ جو سوال ختم ٿي وڃي ۽ ماڻهو دفن ڪرڻ ڇڏي ڏين جيئن صحيحين ۾ آهي ته حضور ﷺ فرمايو جيڪڏهن توهان دفن ڪرڻ نه ڇڏي ڏيو ها ته آئون الله کان دعا گهران ها ته توهانکي قبر جو عذاب ٻڌائي ڇڏي ها، جيئن آئون ٻڌان ٿو.

۽ صفحه نمبر 82 تي فرمائين ٿا:

فرؤية هذالنار في القبر كرؤية الملائكة والجن تقع احيانا لمن شاء الله ان يريہ ذلک۔

قبر ۾ جهنم جي باهه کي ڏسڻ ائين ئي آهي جيئن ملائڪن ۽ جنن کي ڏسڻ. جڏهن الله تعاليٰ چاهي ڪڏهن ڏيکاري ڇڏي ٿو.

۽ صفحه 81 تي فرمائين ٿا:

وقدرة الرب تعاليٰ اوسع واعجب من ذالک وقدارانا الله من آيات قدرتہ في هذه الدار ماهو اعجب من ذالک بكثير ولكن النفوس مولعة بالتكذيب بمالم تحط به علماالامن وفقه الله تعاليٰ وعصمه ...فليس مع الزنادقة والملاحدة الامجرد تكذيب الرسول۔

۽ الله تعاليٰ جي قدرت ان کان به وسيع ۽ عجيب آهي، ان هن دنيا ۾ اسانکي پنهنجي قدرت جون اهڙيون گهڻيون نشانيون ڏيکاريون آهن جيڪي انکان به وڌيڪ عجيب آهن. پر انسان جن ڳالهين کي نٿو ڄاڻي انهن جي تڪذيب جي بيوقوفي سان جُرئت ڪري وٺندو آهي. ها، الله تعاليٰ جنهن کي پنهنجي فضل سان بچائي وٺي. بي دين ۽ ملحد رسول الله ﷺ جي تڪذيب کانسواءِ ڪري ئي ڇا ٿا سگهن.

۽ علامه ابن حجر عسقلاني ﷫ ان جي حڪمت هيئن بيان فرمائي آهي.

(فتح الباري 152:3)

والظاهران الله تعاليٰ صرف ابصار العباد واسماعهم عن مشاهدة ذالک وستره عنهم ابقاء عليهم لئلا يتدا فنوا وليست للجوارح الدنيوية قدرة عليٰ ادراک امور الملكوت الامن شاء الله تعاليٰ۔

۽ ظاهر آهي ته الله تعاليٰ انهن شين کي ڏسڻ کان عام ماڻهن جي اک کي روڪي رکيو آهي ائين نه ٿئي جو اهي دفن ڪرڻ ئي ڇڏي ڏين ۽ هنن مادي عُضوَن کي اها طاقت ئي نه ڏني ويئي ته عالم ملڪوت جي معاملن کي ڏسي سگهن.

فائدا:

حافظ ابن قيم جي بيان مان ڪجهه ڳالهين جي وضاحت ٿئي ٿي:

عذاب ۽ ثواب قبر جي باري ۾ الله تعاليٰ پنهنجي خاص خاص بندن کي واقف فرمائي ٿو.

عوام کي واقف نه ڪرڻ ۾ حڪمت هيءَ آهي ته هن دنيا ۾ ايمان بالغيب جو سوال ئي ختم ٿي وڃي ها ۽ ماڻهو خوف سببان مُردن کي دفن ڪرڻ ئي ڇڏي ڏين ها.

قبر جي عذاب و ثواب جو تعلق عالم ملڪوت سان آهي، عالم ڪوني (دنيا) سان نه آهي انڪري ڪشف قبور، ڪشف ڪوني نه آهي. جن ماڻهن انکي ڪشف ڪوني چيو آهي، انهن ٺوڪر کاڌي آهي.

ڪشف قبور ۾ مُردن کي ۽ عذاب وثواب کي ڏسڻ ائين ئي آهي جيئن جنن ۽ ملائڪن کي ڏسڻ. ڇوته روح ۽ عذاب و ثواب قبر به لطيف ۽ جنات و ملائڪ به لطيف آهن.

قبر جو عذاب و ثواب به ملڪوت منجهان آهي ۽ عالم ملڪوت جون شيون ظاهري اکين سان نٿيون ڏسي سگهجن ۽ ڳالهيون ظاهري ڪنن سان نٿيون ٻڌي سگهجن بلڪه انجو ذريعو قلب ۽ روح جون اکيون ۽ ڪن آهن ۽ اهي خاص اولياءَ الله کي عطا ٿين ٿيون، تنهنڪري ڪشف قبور ۽ روحن سان ڳالهه ٻولهه الله تعاليٰ جي خاص بندن جو حصو آهن.

ڪشف قبور ۽ ڪشف ملائڪه جو انڪار صرف ملحد، بي دين ۽ رسول الله  جا انڪاري ئي ڪن ٿا.

گذريل صفحن ۾ اولياءِ ڪرام جا ڪئين واقعا لکيا ويا آهن ته انهن حضور اڪرم  سان مڪالمو (گفتگو ڪرڻ) يا معانقو (ڳلي لڳائڻ) يا مصافحو (هٿ ملائڻ) ڪيو ۽ حضور  کان استفادو (فائدو حاصل) ڪيو. ان سلسلي ۾ علامه سيوطي  جو هڪ قول

پيش ڪرڻ ضروري آهي جيڪو آخري فيصلي جي حيثيت رکي ٿو.
(الحاوي للفتاوي 453:2)

فحصل من مجموع هذه النقول والاحاديث ان رسول الله  حي بجسده وروحه وانه يتصرف ويسير حيث يشاء في اقطار الارض وفي الملكوت وهو بهيئة التي كان عليها قبل وفاته لم يبدل منه شئٌ وانه مغيب عن الملائكة مع كونهم احياء باجسادهم فاذا اراد الله رفعا لحجاب عمن اراد اكرامه بروية راه عليٰ هيئة التي هو عليها لامانع من ذلک ولاداعي الي التخصيص بروية المثال-

انهن سڀني حديثن ۽ منقولات جو مطلب هي آهي ته رسول الله  پنهنجي جسم مبارڪ ۽ روح مبارڪ سان زنده آهن، پاڻ سڳورا  زمين جي جنهن به حصي ۽ عالم ملڪوت ۾ وڃڻ چاهين وڃي سگهن ٿا ۽ تصرف ڪري سگهن ٿا جيئن زندگي مبارڪ ۾ ڪري سگهندا هئا. ۽ پاڻ  انهيءَ هيئت (حالت) ۾ زنده آهن جنهن هيئت ۾ وفات کان اڳ هئا ان ۾ تغير (تبديلي) نه آيو ۽ پاڻ سڳورا  ائين ئي لڪل آهن جيئن ملائڪ جيڪي زنده آهن. جڏهن الله تعاليٰ گهري ۽ جنهن جي لاءِ گهري پردو هٽائي ڇڏي ٿو ۽ انکي حضور  جي زيارت سان نوازي ٿو ۽ هو شخص حضور اڪرم  کي انهيءَ هيئت ۾ ڏسي ٿو، ان ۾ ڪو به مانع نه آهي ۽ عالم مثال سان انهيءَ ڏسڻ جي ڪابه تخصيص نه آهي.

الحاوي للفتاوي 460:2

قلت اظهر من هذا ان يحمل علي الحالة التي تعتري ارباب الاحوال ويشاهدون فيها مايشاهدون ويسمعون مايسمعون والصحابة هم روٌس ارباب الاحوال-

آئون چوان ٿو ان مان ظاهر آهي ته ارباب حال کي اهائي حالت پيش اچي ٿي ۽ انهيءَ حالت ۾ ڏسن ٿا ۽ ٻڌن ٿا جيڪو ٻڌن ٿا اصحابي سڳورا رضي الله عنهم ۽ اهي ته ارباب حال جا سردار آهن.

علامه سيوطي  جي قول مان ڪيترائي فائدا حاصل ٿين ٿا:

1: حضور اڪرم  روح ۽ جسم سميت زنده آهن،

2: حضور اڪرم ﷺ جي اها حيات اهڙي آهي جيڪا عوام جي نگاهه کان اوجهل آهي. جيئن ملائڪ زنده آهن پر عوام جي نگاهه کان اوجهل آهن.

3: جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي ڪنهن خاص بندي کي حضور ﷺ جي زيارت ڪرائڻ چاهي ٿو ته هو پردا هٽائي ڇڏي ٿو.

4: ان ڏسڻ (ديدار) ۾ مثالي صورت جي تخصيص نه آهي.

5: اهي سڀ ڳالهيون انهن حديثن ۽ علماءِ رباني ۽ اولياءِ ڪرام کان نقل ٿيل واقعن جو خلاصو آهن جيڪي ان سلسلي ۾ مختلف ڪتابن ۾ محفوظ آهن ۽ اسان تائين پهتيون آهن.

ان جي باوجود انهيءَ حقيقت جي انڪار ۾ جيڪي آواز اٿي رهيا آهن يا اٿاريا وڃن ٿا انهن جو سبب ڇا آهي؟ سيد محمد حريري بيوني پنهنجي ڪتاب "الروح وما هيتها" صفحه 46 تي بيان ڪيو آهي:

> وانما الناس ينكرون هذه الكرامات لكثافة حجابهم وتلبسهم بالذنوب وتعلقهم بالدنيا وانهم يريدون الاطلاع عليٰ اسرار الاولياء مع استحالة ذلک لماهم فيه اخص بالذكر منهم جفاة العلماء المتمسكين بالغرض الدنيوي الزائل الاشحاء بطبعهم المتعاكفين علي ابواب الحكام والامراء يريدون ان يروا هذه الاسرار بنفوسهم الملوئة ولما لم يصلوا الي شئٍ منها ينكرون الكرامات ويحصرونها في علمهم الظاهري المحدود وكلهم اوغالبهم شر ووبال علي انفسهم و علي الناس فهم كبني اسرائيل يومنون بالانبياء عليهم الصلوة والسلام ولما يرونهم ينكرون جحدا اوحسدا وبغضا اعاذناالله منها-

ماڻهو انهن ڪرامتن جو انڪار پردن جي ڪثافت، گناهن جي آلودگي (غلاظت) ۽ دنيا سان تعلق جي ڪري ڪن ٿا. ان جي باوجود اهي چاهين ٿا ته اوليائن جي اسرارن کان واقف ٿين جيڪو محال آهي. انهن منڪرن ۾ انهن ظالم عالمن جو ذڪر خصوصيت سان اچي ٿو جيڪي عارضي دنيوي غرض سان چنبڙيل آهن، جيڪي حريص الطبع آهن ۽ حاڪمن ۽ اميرن جي دروازن تي خوشامد ڪري رهيا آهن. وري چاهين ٿا ته انهن اسرارن کي ڏسي

وٺن، حالانڪه انهن جا نفس انهن غلاظتن ۾ پريل آهن، جڏهن ڪين انهن تائين رسائي نٿي ٿي سگهي ته اوليائن جي ڪرامتن جو انڪار ڪري ڇڏين ٿا ۽ انکي محدود علم ظاهري ۾ بند سمجهن ٿا، اهي سڀ جا سڀ يا گهڻي ڀاڱي پنهنجي جان جي لاءِ ۽ ٻين ماڻهن جي لاءِ شر ۽ وبال آهن ۽ اهي بني اسرائيل وانگر آهن جيڪي نبين سڳورن ً تي ايمان آڻين ٿا، پر جڏهن انهن کي ڏسن ٿا ته دشمني، حسد ۽ بغض جي ڪري انڪار ڪري ڇڏين ٿا. اللّٰہ تعالیٰ اسان کي محفوظ رکي.

طبقات شعراني 57:2 حضرت شاذلي  جو فرمان:

رايت رسول الله  فقال لي عن نفسه لست بميت وانما موتي عبارة عن تستري عمن لا يفقه عن الله تعاليٰ وامامن يفقه عن الله فها انا اراه ويراني-

مون حضور اڪرم  جي زيارت ڪئي، مونکي حضور  فرمايو مان مرده نه آهيان منهنجي موت جو مطلب آهي انهيءَ شخص کان پوشيده هجڻ جنهن کي اللّٰہ تعالیٰ جي طرفان بصيرت حاصل نه آهي ۽ جنهنکي اللّٰہ تعالیٰ بصيرت ڏني ته مان انکي ڏسان ٿو ۽ اهو مونکي ڏسي ٿو.

۽ تفسير جمل 601:4

قال القرطبي والذي يزيح الاشكال ما قاله بعض مشائخنا ان الموت ليس بعدم محض بالنسبة بالانبياء عليهم الصلوة والسلام والشهداء فانهم موجودون احياء وان لم نراهم-

قرطبي چون ٿا ته اهو جواب جيڪو مونجهاري کي ختم ڪري ڇڏي ٿو، اها ڳالهه آهي جيڪا اسانجي ڪن مشائخن ڪئي آهي ته موت نبين ۽ شهيدن جي لاءِ ’عدم محض‘ (ختم ٿي وڃن) نه آهي، ڇوته اهي زنده ۽ موجود آهن پر اسان نٿا ڏسون.

اهڙيءَ طرح ڪتاب الروح صفحو43

ان موت الانبياء انما هو راجع الي عن غيبوا عنا بحيث لاندرکهم وان کانوا موجودين احياء وذلک کالحال في الملائکة فانهم احياء موجودون ولانراهم-

ابن قيم فرمايو نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جو موت ان کان سواءِ ڪجهه نه آهي ته اهي اسان کان غائب ڪيا ويا آهن، ان

حيثيت سان ته اسان انهن کي نٿا ڏسي سگهون حالانڪه اهي موجود آهن زندهه آهن ۽ اها زندگي انهن جي فرشتن وانگر آهي، پوءِ اهي فرشتا زنده آهن موجود آهن ۽ اسان انهن کي نٿا ڏسون.

۽ آخر ۾ صاحبِ روح المعاني جو هڪ قول پڙهي وٺو، اوليائن جون ڪرامتون بيان ڪندي فرمائين ٿا:

وهذا امر مقرر عند السادة الصوفية مشهور فيما بينهم وهو غيرطي المسافة وانكار من ينكر كلا منها عليهم مكابرة لاتصدر الامن جاهل اومعاند (روح المعاني 13:23)

۽ هيءَ ڳالهه وڏن وڏن صوفين ۾ مشهور آهي ۽ درست آهي ۽ هيءَ پنڌ يا مفاصلي کي طئي ڪرڻ بنا آهي ۽ جيڪو شخص ان جو انڪار ڪري ٿو اهو صرف پنهنجي وڏائي جَتائڻ لاءِ ائين ڪري ٿو ۽ اها حرڪت صرف هڪ جاهل ۽ دشمن ضدي، عنادي ئي ڪري سگهي ٿو.

علماء ۾ به اهڙا ماڻهو موجود آهن جيڪي اختلاف راءِ رکڻ جي باوجود حق ۽ انصاف جو دامن هٿ مان نٿا وڃڻ ڏين، مثال جي طور تي هڪ واقعو پيش ڪجي ٿو.

26 نومبر1971ع مطابق 7 شوال المڪرم ڳوٺ چڪڙاله ۾ قاضي شمس الدين صاحب آيو. مسجد غازي خيل ۾ جمعي کانپوءِ ان تقرير ڪئي، سوَن جو مجموعو هو. موافق ۽ مخالف سڀ موجود هئا، قاضي صاحب کي حاجي عبدالله ۽ مولوي سليمان صاحب دعوت ڏني هئي. مولوي صاحب اسان جو ڪتاب ”اسرارالحرمين“ قاضي صاحب جي سامهون ميز تي رکي ڇڏيو. غرض هي هو ته قاضي صاحب هن ڪتاب جي خلاف تقرير ڪري ته اولياء جي ڪرامتن جي انڪار واري انهن جي عقيدي کي تقويت پهچندي. قاضي صاحب ڪتاب جي تصديق ۽ تائيد ڪندي هڪ غلطي جي نشاندهي ڪئي ته ڪتاب ۾ حضرت فاطمه الزهرا ϖ جو مڪالمو درج آهي جيڪو روحاني طور تي ٿيو. ان ۾ حضرت فاطمه ϖ جي ڪلام ۾ هڪ لفظ ”شڪيت“ درج آهي مگر لفظ ”شڪوت“ هجڻ گهرجي، ڇوته صحيح لفظ اهوئي آهي ۽

حضرت فاطمه ϖته فُصحاءِ عرب مان هئي. پر قاضي صاحب ان سان گڏ اهو به فرمايو ته مان نٿو چئي سگهان ته مولانا کي عبارت جي سمجهڻ ۾ غلطي ٿي يا ڪاتب کان سهو ٿيو. ان کانسواءِ باقي ڪتاب بلڪل صحيح آهي، ان ۾ شڪ ڪرڻ جو ڪوبه سبب نه آهي. پوءِ پنهنجو واقعو بيان ڪيائون ته مان مولانا حسين علي صاحب  وٽ موجود هئس. محمد طاهر پنج پيري ۽ هڪ ٻيو شخص به موجود هو ته سندن لانگري نورمحمد ڪشميري روئندو روئندو آيو، هٿ ۾ هڪ خط هئس، مولانا سبب پڇيو ته چيائين ته سائين منهنجي ماءُ فوت ٿي ويئي آهي. مولانا اها ڳالهه ٻڌي ٿوري دير لاءِ اکيون بند ڪيون ۽ فرمايو ته توکي ڪنهن دوکو ڏنو آهي، تنهنجي ماءُ زنده آهي ۽ هن وقت پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ ٻهاري ڏئي رهي آهي پر ڏس اها ڳالهه منهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن کي نه ٻڌائج، پوءِ نور محمد گهر ويو ته واقعو هوبهو اهڙوئي هو جهڙو مولانا پنهنجي ڪشف سان فرمايو هو.

قاضي صاحب پنهنجي تقرير ۾ اهو به فرمايو ته مان 24 سالن تائين مولانا حسين علي  جي خدمت ۾ ان فن جي تحصيل لاءِ حاضر ٿيندو رهيس، پر منهنجي قسمت ۾ نه هو مونکي حاصل نه ٿي سگهيو. پر پنهنجي محرومي جي ڪري اصل شئي جو انڪار ڪري ڇڏڻ ڪٿان جي دانائي آهي. صوفين جي سلوڪ جي منزلن متعلق ڪتابن جا حوالا پيش ڪريان ها پر وقت جي قلت مانع آهي، البت صوفين کي پنهنجي منزلن جو اظهار نه ڪرڻ گهرجي ڇوته انهن کي نقصان ٿئي ٿو. انتي مولوي محمد سليمان صاحب چيو ته صوفي ته ظاهر ڪري ڇڏين ٿا. قاضي صاحب فرمايو ته ڪي اهڙيون منزلون آهن جو سالڪ انهن مقامن کان اڳتي ترقي ڪري وڃي ته انکي ڪوبه نقصان نٿو ٿئي.

باب ايڪيهون

## شيخ (مرشد) سان مريدن جو ادب ڪرڻ

زندگي ائين ته گذري ويندي آهي پر سليقي سان گذارجي ته ان جو مزو، انجا نتيجا ۽ انجي ڪيفيت ڪجهه ٻي هوندي آهي، اهڙيءَ طرح هر ڪم ڪرڻ جو سليقو هوندو آهي، ڪجهه ادب هوندا آهن، اهي چڱي طرح ڪجن ته گهربل فائدا ٿيڻ جي اميد يقيني هوندي آهي. تعليم و تربيت هڪ اهڙي وڏي ڳالهه آهي، جيڪا پنهنجي جاءِ تي نازڪ به آهي ۽ مسلسل جدوجهد جي متقاضي پڻ. ان ۾ ٿورڙي بي احتياطي وڏي نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ مسلمانن کي پنهنجي محسن ۽ مربي اعظم ﷺ کان تعليم و تربيت حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهم هدايتون ڏيڻ جو اهتمام فرمايو آهي.

ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَلَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ (الحجرات- ٢)

اي ايمان وارؤ! نبي ﷺ جي آواز جي مٿان پنهنجا آواز بلند نه ڪريو ۽ ان سان نه ڳالهايو وڏي آواز سان جيئن وڏي آواز سان هڪ ٻئي سان ڳالهايو ٿا، متان برباد ٿي وڃن توهان جا عمل ۽ توهان کي خبر نه پوي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ (۴) وَلَوْ اَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰى تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ -(الحجرات- ٤، ٥)

جيڪي ماڻهو سڏين ٿا توکي پٺ جي ٻاهران، اهي گهڻا بي عقل آهن ۽ جيڪڏهن اهي صبر ڪن ها، جيستائين تون نڪرين ها انهن

ڏانهن، ته انهن لاءِ بهتر هو.

انهن آيتن هيٺ الابريز صفحي 243 ۽ عوارف المعارف 59:1 تي لکيل آهي ته:

هکذا اداب المريد في مجلس الشيخ ان يکون مسلوب الاختيار لايتصرف في نفسه ومالہ الا بمراجعة الشيخ وامره-

شيخ جي مجلس ۾ مريد کي کپي ته انهن ادبن کي ملحوظ رکي. شيخ جي سامهون پنهنجي اختيار کان هٿ کڻي وجي. پنهنجي جان ۽ مال ۾ شيخ جي مشوري ۽ حڪم جي بغير تصرف نه ڪري.

شيخ جو ڪم به نبوت جي نائبي، پنهنجي شاگردن جي روحاني تربيت ۽ تزڪيو ڪرڻ هوندو آهي ۽ شاگردن جو ڪم اصحابي سڳورن رضي  اللّٰه عنهم جي تابعداري ۾ فيض حاصل ڪرڻ هوندو آهي. انڪري تصوف و سلوڪ ۾ اهي ئي ادب اصل ۽ سند جي حيثيت رکن ٿا، چنانچه فرمايو

وللقوم في ذلک اقتداء واتباع برسول الله  ومن صح اقتدائه واتباعه برسول الله  احبه الله تعاليٰ کما قال قل ان کنتم تحبون الله فاتبعوني يحببکم الله-

۽ صوفياءِ ڪرام ان مسئلي ۾ رسول خدا  ۽ اصحابي سڳورن رضي  اللّٰه عنهم جي تابعداري ڪن ٿا ۽ جنهن شخص صحيح طور تي حضور اڪرم  جي تابعداري ڪئي اهو خدا جو محبوب بڻجي ويو، جيئن ته اللّٰه تعاليٰ فرمائي ٿو ”اي منهنجا حبيب، هيءَ ڳالهه علي الاعلان چئي ڏيو ته جيڪڏهن توهان اللّٰه سان محبت ڪريو ٿا ته منهنجي تابعداري ڪريو، اللّٰه توهان سان محبت ڪرڻ لڳندو“.

انهيءَ تابعداري ۽ انجي فائدن جو صحيح تفسير صحيحين ۾ هن طرح ملي ٿو:

ما تقرب الي عبدي بمثل ما افترضت عليه ولايزال عبدي يتقرب الي بالنوافل حتي احببته فاذا احببته کنت سمعه الذي يسمع ويصره الذي يبصربه ويده التي يبطش بها وبي يسمع وبي يبصر وبي يبطش وبي يمشي-

منهنجو بندو منهنجو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪجهه

ڪري ٿو ان مان محبوب ترين اها عبادت آهي جيڪا مون ان تي فرض ڪئي آهي. ۽ منهنجو بندو هميشه نفلن سان منهنجو قرب حاصل ڪندو رهي ٿو، تان جو مان انکي محبوب بڻائي وٺان ٿو ان وقت مان ان جا ڪن بڻجي وڃان ٿو، جن سان هو ٻڌي ٿو، اک بڻجي وڃان ٿو، جنهن سان هو ڏسي ٿو، هٿ بڻجي وڃان ٿو جنهن سان هو جهلي ٿو، پير بڻجي وڃان ٿو جن سان هو هلي ٿو. پوءِ هو مون سان ئي ٻڌي، ڏسي، جهلي ۽ هلي ٿو.

ظاهر آهي ته بندي جو اصل ڪم الله تعاليٰ جو قرب حاصل ڪرڻ آهي انجو ذريعو نبي  جي تابعداريءَ ۾ فرض جي پابندي ۽ نفلن جي گهڻائي آهي انجو نتيجو الله تعاليٰ جو محبوب بڻجي وڃڻ آهي، هي اهو رتبو آهي جتي انسان جو ارادو ۽ پسند الله تعاليٰ جي ارادي ۽ پسند ۾ فنا ٿي وڃن ٿا. ظاهر ۾ انجا عضوا چرپر ڪندا آهن پر، حقيقت ۾ الله تعاليٰ جي ذات ڪم ڪندڙ هجي ٿي.

۽ و مارميت اذرميت ولڪن الله رميٰ جو نقشو سامهون اچي وڃي ٿو:

گفته او گفته الله بود  گرچه ازحلقوم عبدالله بود

ان ۾ شڪ نه آهي ته الله تعاليٰ وحي جي ذريعي حضور اڪرم  جي ذات اقدس سان معاملي ڪرڻ جي ادبن جي تعليم ڏني آهي. هاڻي اسانکي ڏسڻو آهي ته حضور  جي شاگردن يعني اصحابي سڳورن رضي الله عنهم انهن ادبن جو عملي مظاهرو ڪهڙي صورت ۾ ڪيو. اهي ئي ادب شيخ جي سلسلي ۾ سالڪن جي لاءِ اصل به آهن ۽ تابعداريءَ جي لائق پڻ، بلڪه دين جو شعبو آهن. جيڪڏهن اهي آداب دين مان ٻاهر هجن ها ته يقين سان نبي ڪريم  اصحابي سڳورن رضي الله عنهم کي منع فرمائين ها.

هاڻي اسان حضور اڪرم  جي مجلس ۾ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي ويهڻ جي ڪيفيت ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪي مناظر پيش ڪريون ٿا:

### حضور جي مجلس ۾ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي حالت

عن براء بن عازب قال فجلس النبي ﷺ مستقبل القبلة وجلسنا معه كان عليٰ رؤسنا الطير-

هڪ مجلس ۾ نبي ڪريم ﷺ قبله رخ ويهي رهيا ۽ اسان به پاڻ ڪريمن ﷺ وٽ ويهي رهياسين، پر ڪيفيت هيءَ هئي جڻ اسانجي مٿن تي پکي ويٺا هجن.

۽ لمعات شرح مشڪواة ۾ آهي ته:

ہیئت درنشستن صحابہ کرام رضی الله عنہم در حضرت رسول الله ﷺ در احادیث بسیار آمده ومذکور است-

حضور ﷺ جي مجلس ۾ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي اها صورت گهڻين ئي حديثن ۾ اچي چڪي آهي.

مجلس ۾ ويهڻ جي اها صورت تڏهن پيدا ٿئي ٿي جڏهن: ماڻهو جو توجه شيخ تي مرڪوز رهي.

خيالن ۽ نگاهه هيڏانهن هوڏانهن نه ڀٽڪي، ڪن ان طرف لڳا رهن ته خبر نه آهي ڪهڙي وقت ڪا ڳالهه توجهه جي مرڪزي زبان مان نڪري ۽ ٻڌي ڪري پلاند ۾ ٻڌي وجي.

اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي اها حالت صرف ان ڪري هوندي هئي ته اهي حضور اڪرم ﷺ کي هدايت جو سرچشمو سمجهندا ۽ پنهنجو پاڻ کي محتاج ڄاڻندا هئا. انهيءَ نظرئي سان سالڪ کي پنهنجي شيخ جي مجلس ۾ هن طرح ويهڻ گهرجي ته:

پنهنجي قلب جو رخ مرشد ڏانهن هجي. خيالن ۽ نگاهه کي آواره هجڻ کان بچائي.

جيڪي سالڪ سلوڪ جي اعليٰ منزلن ۾ ويندڙ هجن، اهي پنهنجي آخري منزل تي توجه ڪري ويهن ته شيخ جي سيني مان فيض انعڪاسي عمل جي ذريعي انهن کي پهچي رهيو آهي.

جيڪي سالڪ لطيفا ڪري رهيا هجن انهن کي پنهنجي لطيفن تي خيال رکي ويهڻ گهرجي ۽ قلب جو رابطو شيخ (مرشد) سان ڪرڻ گهرجي ته جيئن اتان کان فيض اچڻ لڳي.

## اصحاب سڳورا رضي الله عنهم ۽ اطاعت رسول ﷺ

عن جابر ﷺ قال استوي رسول الله ﷺ علي المنبر قال اجلسوا

فسمع ابن مسعود  فجلس علي باب المسجد فراٰه رسول الله  فقال تعال-

حضرت جابر  فرمائين ٿا ته حضور  خطبي لاءِ منبر تي ويٺا ته فرمايائون "ويهي رهو" ابن مسعود  جڏهن حضور  جو آواز ٻڌو ته مسجد جي دروازي تي ئي ويهي رهيا. حضور  جي نگاه پيئي ته فرمايائِون "اڳتي اچ".

۽ خصائص الڪبريٰ 165:1 تي علامه سيوطي  لکن ٿا:

عن عائشة رضي الله عنها قالت ان النبي  جلس يوم الجمعة علي المنبر فقال للناس اجلسوا فسمعه عبدالله بن رواحه وهو في بني غنم فجلس مكانه-

جمعي جي ڏينهن حضور  منبر تي ويٺا ته فرمايائوِن "ويهي رهو". عبدالله بن رواحه انصاري  جي ڪن ۾ اهو آواز پيو ته پاڻ ان وقت قبيلي بني غنم ۾ هئا، اتي ئي ويهي رهيا.

انهن ٻن روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته اصحاب سڳورن رضي الله عنهم ۾ حضور  جي حڪم کي مڃڻ جو جذبو ڪهڙي درجي جو هو. ويهڻ يا ويهارڻ جو نه سبب پڇيائون نه انجي علت جي متعلق سوچيائون، بس آواز ٻڌو ۽ تعميل ڪري ڇڏي. اصحاب سڳورن رضي الله عنهم جي ان عمل مان تصوف جي سالڪن اهو ادب سکيو ته جيڪڏهن شيخ جو حڪم نصوص (قرآن ۽ سنت) جي خلاف نه هجي ته دليل پڇڻ کانسواءِ ئي شاگرد کي مڃڻ کپي. ڪڏهن ڪڏهن شاگرد جي ذهن ۾ اهو سبب نه هوندو جيڪو شيخ جي ذهن ۾هوندو آهي، جيئن حضرت موسيٰ ؑ ۽ حضرت خضر ؑ جي قصي ۾ موجود آهي.

## اصحاب سڳورا رضي الله عنهم ۽ تعظيم نبوي

نسيم الرياض شرح شفا 265:2

توفي معاوية  بالشام حاكما بهاسنة ستين وعمره ثمان وسبعون اوست وسبعون سنة وكان عنده ازار رسول الله  وردائيه وشيء من شعره وظفره فكفن برديئه وازاره وحشي شعره وظفره بفيه ومنخره بوصية منه-

امير معاويه □ 76 تا 78 سالن جي عمر ۾ سن 60 هجري ۾ شام ۾ فوت ٿيا، جڏهن ته پاڻ اتان جا حاڪم هئا، وٽن حضور □ جون ٻه چادرون، ڪجهه وار ۽ ننهن مبارڪ هئا. انهن چادرن ۾ ڪين ڪفن ڏنو ويو ۽ ننهن ۽ وار مبارڪ سندن وات ۽ نڪ ۾ رکي ڇڏيا ويا. اهو سڀ ڪجهه سندن وصيت جي مطابق ڪيو ويو.

عوارف المعارف 1: 106 تي آهي ته هڪ چادر حضرت امير معاويه □ حضرت ڪعب بن زهير □ جي اولاد کان 20 هزار درهم ۾ خريد ڪئي هئي، امير معاويه □ ڪعب □ کان اها چادر گهري هئي، پر ان انڪار ڪري ڇڏيو هو، انجي وفات تي انجي اولاد کان 20 هزارن ۾ خريد ڪري ورتي. واقعو هن طرح آهي ته جڏهن ڪعب Ξ □ مسلمان ٿيا ته:

> فرميٰ رسول الله □ بردة كانت عليه فلما كان زمن معاوية □ بعث اليه اي الي كعب بن زهير □ بعنابردة رسول الله □ بعشرة آلاف درهم فوجه اليه ماكنت لاوثر بثوب رسول الله □ احدا فلما مات كعب □ بعث معاوية □ الي اولاده بعشرين الفاً واخذ البردة وهي البردة الباقية عند الامام الناصرلدين الله اليوم عادت بركاتها علي ايام الزاهرة-

حضور □ اها چادر جيڪا اوڍي رکي هئي ڪعب □ Ξ ڏانهن اڇلائي ڇڏي. جڏهن حضرت معاويه□ Ξ جو دور آيو ته پاڻ ڏهه هزار درهم ۾ اها چادر خريد ڪرڻ چاهيائون. حضرت ڪعب□ Ξ جواب ڏنو ته ان چادر جو مان پاڻ کان وڌيڪ حقدار ڪنهن کي نٿو سمجهان. سندن وفات کانپوءِ سندن اولاد کان امير معاويه □ Ξ اها چادر 20 هزارن ۾ خريد ڪري ورتي، ۽ هٿون هٿ هلندي آئي، تان جو شيخ شهاب الدين سهروردي □ جي زماني ۾ مصر جي خليفي الناصرلدين الله وٽ پهچي ويئي.

انهن روايتن مان هيءُ سبق ملي ٿو ته شيخ جي لباس جي به تعظيم ڪرڻ گهرجي، محبت ۽ ادب جي اهائي تقاضا آهي.

نسيم الرياض 157:3 ۽ روض الانف 321:2 ۾ حضور اڪرم □ جي هڪ خط جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪو پاڻ □ هرقل روم جي نالي موڪليو. هرقل باوجود عيسائي هجڻ جي نيين سڳورن 8

جي ادب ڪان واقف هو. هن ان خط جي حفاظت ۽ تعظيم جي وصيت ڪري ڇڏي هئي.

ان هرقل وضع الکتاب الذي کتبه رسول الله  في قصبة من ذهب تعظيماله وانهم لم يزالو يتوارثونه کابراعن کابر

هرقل روم حضور اڪرم  جي خط مبارڪ کي وڏي احترام ۽ تعظيم سان سون جي هڪ نلڪي ۾ رکي ڇڏيو هو ۽ رومي بادشاهن وٽ اهو خط مبارڪ هڪ ٻئي بعد ورثي ۾ ايندو رهيو.
۽ فتح الباري ۾:

وقال هذا کتاب نبيکم الي جدي قيصر مازلنا نتوارثه الي الان واوصانا اٰباؤنا مادام هذاالکتاب عندنا لايزال الملک فينا فنحن نحفظه ونعظمه ونکتمه من النصاريٰ ليدوم الملک فينا-

عيسائي بادشاه چيو هي خط تنهنجي نبي  جو آهي جيڪو هنن اسانجي ڏاڏي قيصر ڏانهن لکيو هو. اسان اڄا تائين هن خط کي ميراث ۾ وٺندا آيا آهيون. اسانجي اجداد (ابن ڏاڏن) اسانکي وصيت ڪئي هئي ته جيستائين هي خط اسان وٽ محفوظ رهندو، حڪومت اسان ۾ قائم رهندي. ان لاءِ اسان هن جي حفاظت ڪريون ٿا، تعظيم ڪريون ٿا ۽ پوشيده رکون ٿا ته جيئن اسانجي حڪومت محفوظ رهي.

فتح الباري ۾ هي بيان ان واقعي جي سلسلي ۾ جيڪو قاضي نورالدين بن صائغ دمشقي بيان ڪيو ته خليفي منصور عباسي مونکي هڪ عيسائي بادشاه جي خدمت ۾ موڪليو، هن هڪ صندوق مان سون جي هڪ نلڪي ڪڍي جيڪا ريشمي رومال ۾ ويڙهيل هئي ۽ ان نلڪيءَ مان اهو خط ڪڍيو جنهن جو ذڪر مٿين عبارت ۾ ڪيو ويو آهي. مون ان خط کي چمڻ گهريو پر بادشاهه اجازت نه ڏني ته خط پراڻو ٿي چڪو آهي، ضائع ٿي ويندو ۽ انجي ضائع ٿيڻ سان اسانجي حڪومت قائم نه رهي سگهندي.

الله وارن ان مان هي نتيجو ڪڍيو. ته جيئن حضور اڪرم  جي خط مبارڪ جي تعظيم جي ڪري دنيا جي حڪومت محفوظ رهي، تيئن شيخ جي خط جي حفاظت ۽ تعظيم سان سالڪ جي

روحاني حڪومت محفوظ رهي ٿي. انڪري مجدد الف ثاني  جي خطن جا سوين نقل ڪري محفوظ ڪيا ويا. انجي مقابلي ۾ خسرو پرويز حضور اڪرم  جي خط مبارڪ جي توهين ڪئي ۽ انکي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ته، اللّٰه تعاليٰ انجي سلطنت جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا ۽ حڪومت انجي هٿ مان ويندي رهي.

اصحاب سڳورا رضي الله عنهم ۽ محبت رسول

بخاري 38:1 مقام حديبيه ۾:

وما تنخم النبي  نخامة الا وقعت في کف رجل منهم فدلک وجهہ وجلده-

اصحابي سڳورا رضي اللّٰه عنهم حضور  جو لعاب دهن (پڪ مبارڪ) زمين تي ڪرڻ نه ڏيندا هئا، هٿن ۾ وٺي پنهنجي منهن ۽ بدن تي ملي ڇڏيندا هئا. ۽ بخاري 31:1

وذا توضاء النبي  کادوا يقتتلون علي وضوئهٖ-

جڏهن حضور  وضو ڪندا هئا ته جيڪو پاڻي ڪرندو هو انکي حاصل ڪرڻ لاءِ اصحاب سڳورا رضي اللّٰه عنهم جهٽيندا هئا.

اهڙا واقعا هن جو دليل آهن ته اصحاب سڳورن رضي اللّٰه عنهم کي حضور اڪرم  سان بي حد محبت هئي.

اصحاب سڳورن رضي الله عنهم جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي مرتبن جو خيال رکڻ ۽ تعليم نبوي جو لحاظ رکڻ

حضرت عبداللّٰه ابن عباس P حضرت ابي بن ڪعب  جي گهر وڃي قرآن مجيد پڙهندا هئا. سندن دستور هو ته دروازو نه کڙڪائيندا هئا بلڪ ٻاهر ويهي رهندا هئا، بنا اطلاع ڏيڻ جي انتظار ڪندا رهندا هئا، حضرت ابي بن ڪعب  Ξ کي اها ڳالهه ڏکي لڳي، انهيءَ ڪري:

فقال له ابي  يوما هلا دققت الباب يا ابن عباس فقال العالم في قومهٖ کالنبي في امتهٖ وقد قال الله تعاليٰ في حق نبيهٖ عليه الصلوٰة والسلام ولوانهم صبروا حتيٰ تخرج اليهم لکان خير لهم- وقد رايت هذه القصة صغيرا فعملت بموجبه مع

مشائخي- (روح المعاني)

هڪ ڏينهن حضرت ابي □ فرمايو، ابن عباس رضي الله عنهما دروازو کڙڪائي ڇڏيندا ڪريو. انهن جواب ڏنو ته هڪ عالم پنهنجي قوم ۾ اهوئي رتبو رکي ٿو جيڪو نبي پنهنجي امت ۾ ۽ الله تعاليٰ پنهنجي نبي □ جي حق ۾ فرمايو جيڪڏهن اهي انتظار ڪن ته حضور □ خود انهن لاءِ گهر مان نڪرن ته اهو انهن جي لاءِ بهتر هو، مون اهو قصو نندپڻ ۾ ڏٺو ۽ پنهنجي مشائخن سان مون انجي مطابق رويو اختيار ڪيو.

۽ محدث طبراني حاڪم ۽ امام غزالي □ احياءالعلوم ۾ باب آداب طالب علم و معلم ۾ بيان ڪيو آهي ته امام شعبي بيان ڪيو ته حضرت زيد بن ثابت □ Ξ هڪ دفعي نماز جنازه پڙهي پوءِ پنهنجي خچر تي چڙهڻ لڳا ته عبدالله بن عباس P ٻي رڪاب جهلي ورتي. پاڻ فرمايائون اي حضور □ جي چاچي جا فرزند رڪاب کي ڇڏي ڏيو. پاڻ فرمايائون ته اسانکي اهوئي حڪم آهي ته عالمن ۽ مشائخن جي تعظيم اهڙيءَ طرح ڪريون. ان تي حضرت زيد□ Ξ سندن هٿ چمي ورتا ته اسانکي به اهوئي حڪم مليو آهي.

شيخ سان ملاقات جي غرض سان شاگرد ٻاهران اچي ته انجي لاءِ آيت ولوانهم صبروا ۽ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي عمل مان اهو سبق ملي ٿو ته شيخ جي گهر جو دروازو کڙڪائڻ شروع نه ڪري بلڪه ان وقت تائين انتظار ڪري، جڏهن شيخ پنهنجي معمول مطابق ٻاهر ملاقات لاءِ نڪري، ها جيڪڏهن ڪو ضروري ڪم سمجهي ته اندر اطلاع ڪرائي ڇڏي، پوءِ به سڏ نه ڪري نه تقاضا ڪري.

اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي سيرت جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته انهن هستين واقعي شاگردي جو حق ادا ڪري ڇڏيو ۽ حضور □ سان محبت، سندن تعظيم ۽ سندن پيروي جا اهڙا مثال ڇڏي ويا جيڪي رهندي دنيا تائين الله وارن لاءِ مشعل راه جو ڪم ڏيندا رهندا، ۽ محبت ۽ اتباع نبوي □ جي ميدان ۾ ان ڪمال جي اوج تائين پهتا، جو انهن جي تقليد ته ضروري آهي مگر اوستائين پهچڻ بس انهن جو ئي ڪم هو.

بنا ڪرد ند خوش رسمي بخاڪ وخون غلطيدن
خـدا رحـمت ڪند اين عاشقان پاڪ طينت را

تصوف وسلوڪ شروع کان انتها تائين ادب ئي ادب آهي

شيخ (مرشد) ۽ سالڪ (مريد) جو تعلق بظاهر استاد ۽ شاگرد جهڙو نظر اچي ٿو، پر حقيقت جي اعتبار سان انهن پنهي ۾ تمام وڏو فرق آهي. تعليم پرائڻ جي سلسلي ۾ هڪ شاگرد جي دل ۾ جيڪڏهن استاد جو احترام نه هجي، تڏهن به علم پرائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نٿي ٿئي، پر هڪ مريد کي پنهنجي مرشد سان جنهن قسم جو قلبي تعلق ٿئي ٿو ان ۾ جيڪڏهن معمولي فرق به اچي ته فيض ملڻ ۾ تمام وڏي رڪاوٽ ٿي وڃي ٿي. شيخ جڏهن سالڪ ڏانهن توجه ڪرڻ لڳي ٿو ته جتي رحمت، شيخ جي طرف متوجه ٿئي ٿي، اتي رب جي رضا به شيخ سان وابسته هوندي آهي. ۽ اهي ٻئي شيون شيخ جي واسطي سان سالڪ جي طرف متوجه ٿين ٿيون. سالڪ ڪٿي ڪيتريون ئي بلند منزلون طئي ڪري وڃي، انجي واڳ ۽ ڏور شيخ جي هٿ ۾ هوندي آهي، جيئن ڪاغذ جو لغڙ هوا ۾ ڪٿي ڪيترو ئي بلند ٿي وڃي، انجي ڏور اڏارڻ واري جي هٿ ۾ هوندي آهي جڏهن چاهي انکي لاهي وٺي. ان تعلق کي عوارف المعارف جلد 2 صفحه 16 تي هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

التصوف كلهٗ ادب ولكل وقت ادب ولكل حال ادب ولكل مقام ادب ومن يلزم الادب يبلغ مبلغ الرجال ومن حرم الادب فهو بعيد من الله ومردود-

۽ تصوف سڄي جو سڄو ادب ئي آهي، هر وقت جي لاءِ ادب آهي، هر حال ۽ هر هنڌ جي لاءِ ادب آهي، جنهن ادب کي لازم پڪڙيو، اهو مردانِ خدا جي درجي تائين پهتو ۽ جيڪو ادب کان محروم ٿيو اهو خدا کان ڏور ۽ مردود ٿيو.

ظاهري علمن ۽ تصوف ۾ هڪ ٻيو فرق پڻ آهي ته بنا استاد جي به ڪجهه نه ڪجهه علم حاصل ڪري سگهجي ٿو، پر تصوف و سلوڪ جي راه ۾ ڪامل مرشد جي رهبري بنا هلڻ محال ۽ قرب الهي جي منزل تائين پهچڻ ناممڪن آهي. امام رازي  اهدنا

الصراط المستقيم صراط الذين انعمت عليهم جي تفسير ۾ فرمايو آهي:

وفي هذا البدل اشارة ان الصراط المستقيم لايتاتي بدون متابتعه اهل الصراط المستقيم ولايكفي فيه الزير والاوراق- وهذا يدل علي ان المريد لاسبيل له الي الوصول الي مقامات الهداية والمكاشفة الااذا اقتدي بشيخ يهديه الي سواء السبيل وينجيه من مواقع الاغاليط والاضلال وذالک لان النقص غالب علي اكثر الخلق وعقولهم غير وافية بادراک الحق وتميز الصواب عن الغلط فلا بد من كامل يقتدي به الناقص بنور عقل ذالک الكامل فحينئذ يصل الي مدارج السعادة ومعارج الكمال-

هن بدل ۾اشارو آهي ته انسان صراط مستقيم تي تڏهن هلي سگهي جستائين هن راه تي هلڻ وارن اڳوڻن ماڻهن جي پيروي نه ڪري. هن راه تي هلڻ جي لاءِ صرف ڪتابن جا پنا اٿلائڻ ڪم نٿا ڏيئي سگهن. ۽ هي ان ڳالهه جو دليل آهي ته مريد ۽ طالب لاءِ هدايت جي رتبن ۽ مڪاشفن تائين پهچڻ جو انجي بغير ڪو ذريعو نه آهي ته ڪنهن شيخ ڪامل جي اقتداء ڪري جيڪو انجي رهنمائي ڪندو ۽ غلطين ۽ گمراهين کان بچائيندو. انجو سبب هي آهي ته گهڻي مخلوق تي نقص غالب آهي ۽ صرف انساني عقل ادراڪ حقيقت کي معلوم ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهي ۽ حق ۽ باطل ۾ چڱي طرح تميز ڪرڻ انساني عقل جي وس جي ڳالهه نه آهي، انهيءَ ڪري ضروري ٿيو ته شيخ ڪامل جي ڳولا ڪري ۽ انجي اقتداء ڪري ته جيئن هن ناقص جو عقل ڪامل جي نوراني عقل سان ڪامل ٿي وڃي ۽ ناقص، سعادت جي درجن ۽ ڪمال جي اوج تائين پهچي سگهي.

هن آيت جي تفسير مان ظاهر آهي ته ڪامل شيخ کان بنان رهنمائي جي سلوڪ جون منزلون طئي نٿيون ٿي سگهن ۽ سالڪ جو مقصد محبوب تائين پهچڻ هوندو آهي. ۽ ارشاد رباني والذين اٰمنوا اشد حباللّٰه جي تحت رب العالمين ئي مومن جو محبوب آهي. ۽ مرشد جيئن ته محبوب تائين پهچائڻ وارو آهي، انڪري مرشد به

محبوب آهي، جنهن مرشد، الله کي سالڪ جو محبوب بڻايو ۽ هو الله جو محبوب بڻيو، جيئن فرمايو: يحبهم ويحبونه، مرشد ڇونه محبوب بڻجي، پر مرشد جي محبت ۾ اظهار محبت ۾ شرعي حدن جو لحاظ رکڻ ضروري آهي. ائين نه ٿئي جو گهڻي محبت ۾ مرشد کي خدا سمجهڻ لڳي يا مرشد کي سجدو ڪرڻ لڳي، پهريون شرڪ، ۽ ٻيو قطعي حرام آهي.

اهو ضروري نه آهي ته شيخ لازماً مريد کان علم ۾ وڌو هجي يا ورع تقويٰ ۾ زياده هجي. ها اهو ضروري آهي ته شيخ کان جيڪي علم حاصل ڪرڻا آهن، انهن ۾ شيخ لازماً ڪامل ۽ مڪمل هجي. ڏسي وٺو حضرت موسيٰ ؑ حضرت خضر ؑ جي مقابلي ۾ علم، ورع ۽ تقويٰ ۾ گهڻو وڌيڪ هئا، پر اهو خاص علم حاصل ڪرڻ لاءِ حضرت خضر ؑ وٽ ويا.

شيخ جي لاءِ اهو به ضروري آهي ته مريد کان هر حال ۾ شريعت جي پوري پابندي ڪرائي، ڇوته شريعت کان هٽي طريقت جو تصور بي ديني ۽ الحاد آهي.

جامع ڪرامات اولياء جلد نمبر 1 صفحه 511 تي ارشاد آهي:

قال الشيخ ابوالعباس لم تكن الاقطاب اقطابا والاوتاد اوتادا والاولياء اولياء الابتعظيم رسول الله ﷺ ومعرفتهم به واجلالهم لشريعته وقيامهم بادابه-

شيخ ابوالعباس فرمايو ته ڪو قطب قطب نٿو ٿي سگهي، نه اوتاد، اوتاد ٿي سگهي ٿو ۽ نه ڪو ولي، ولي ٿي سگهي ٿو، جيستائين انجي دل ۾ حضور اڪرم ﷺ جي تعظيم نه هجي ۽ پاڻ ﷺ جي شريعت ۽ انجا حڪم بجا نه آڻي.

ڪنهن شيخ (مرشد) سان تعلق رکڻ ۽ مدتون گذري وڃڻ جي باوجود جيڪڏهن سالڪ جي دل ۾ نڪي شريعت سان لڳاءُ پيدا ٿئي، نه اسلامي شعائر جي تعظيم جو جذبو ۽ نه شريعت جي حڪمن جي پابندي جو شوق ته نڪي اهڙو شخص ڪامل شيخ آهي نه اهڙو مريد مخلص سالڪ آهي.

سالڪ کي شريعت جي حڪمن جي پابندي ڪرڻ ۽ فرضن ۽ واجبن جي پابندي جو عادي بڻائڻ ۽ سنت جي پيروي جو شوق پيدا

ڪرڻ جي بنيادي ڪم سان گڏ شيخ ڪي پنهنجي بصيرت سان سالڪ جي قلب جي زمين جو جائزو وٺڻ ڪپي. انجي فطري صلاحيت مطابق سندس روحاني تربيت ڪرڻ گهرجي. ذڪر الٰهي خاص ڪري اسم ذات جي ذڪر سان انجي روحاني تربيت شروع ڪري، جيئن هڪ زميندار زمين جي نوعيت مطابق ان ۾ ٻج ڇٽي ٿو ۽ انجي ٻج سان فصل ڦٽندا آهن ، واڌ ويجهه حاصل ڪندا آهن ۽ ڦر ڏيندا آهن. اهڙي طرح جڏهن سالڪ جي قلب ۾ اسم ذات جو ذڪر راسخ (پختو) ٿي ويندو ته انکي سلوڪ جي اعليٰ منزلن جي طرف رهنمائي ڪندو. پوءِ شيخ سالڪ جي استعداد ۽ صلاحيت مطابق ڪنهن کي ذڪر ڪرائي، ڪنهن کي لطيفا، ڪنهن کي فناوبقا ۽ سلوڪ جي اعليٰ منزلن ڏانهن وٺي ويندو. جيڪڏهن شيخ ڪامل سڀني سالڪن کي شروع کان ئي سڀ لطيفا ڪرائڻ شروع ڪري ڏئي ته اها صرف عام دعوت جي فرض جي ادائيگي جي هڪ صورت آهي، جنهن ۾ ڪنهن جي تخصيص نه آهي. ها لطيفن ڪانپوءِ سلوڪ جون مٿيون منزلون سالڪ جي استعداد مطابق ئي ڪرايون وڃن ٿيون. ۽ اها صورت حضور اڪرم ﷺ جي ان سنت جي عين مطابق آهي ته:

كلموا عليٰ قدر عقول الناس

شيخ شهاب الدين سهروردي ؒ عوارف المعارف جلد نمبر 1 صفحه نمبر 44 تي فرمايو آهي:

ورتبة المشيخة من اعلي الرتيب في طريقة الصوفية ونيابة النبوة في طريق الدعوة الي الله وينبغي ان يكون دعوة عامة يدعو لكل احد علي الاطلاق-

مُرشد جو مرتبو تصوف جي اعليٰ مرتبن منجهان آهي. ۽ دعوت الي اللّٰه جي سلسلي ۾نبوت جي نيابت جي حيثيت رکي ٿو، انڪري شيخ جو فرض آهي ته اهو هر ڪنهن کي دعوت عام ڏئي.

روحاني تربيت جو عمل ائين ڪجي جيئن هڪ مهربان پيءُ پنهنجي اولاد جي تربيت ڪندو آهي، بلڪه شيخ جي شفقت ماءُ پيءُ جي شفقت کان گهڻو زياده هوندي آهي، جيئن امام رازي ؒ تفسير ڪبير جلد 1 صفحه 261 تي فرمايو:

ان الشيخ مقدم من الاب والام لان الاباء والامهات يحفظونه من نارالدنيا وآفاتها والمشائخ يحفظونه من نار الاٰخرة واشتدادها-

شيخ (مرشد) جو مرتبو ماءُ پيءُ کان وڌيڪ آهي، ڇوته ماءُ پيءُ دنيا جي باھ ۽ انجي آفتن کان بچائين ٿا ۽ مشائخ انکي دوزخ جي باهه ۽انجي سختي کان بچائين ٿا.

علامه ابراهيم عبيدي مالڪي □ پنهنجي ڪتاب عمدة التحقيق في بشائر آل الصديق جي صفحي 330 تي فرمايو:

الولد علي قسمين ولد صلب وولد قلب وعند العارفين ولد القلب مقدم علي ولد الصلب-

اولاد ٻن قسمن جو ٿئي ٿو، نسبي ۽ قلبي. صوفياءِ عارفين جي نزديڪ قلبي اولاد نسبي کان مقدم(مٿاهون) آهي.

قلبي اولاد جي ان برتري جو سبب هي آهي ته نسبي پيءَ پنهنجي اولاد جي بدن جي پالنا غذا سان ڪري ٿو ۽ اهي ٻئي فاني آهن، ۽ شيخ (مرشد) سالڪ (مريد) جي روحاني تربيت الله جي ذڪر جي غذا سان ڪري ٿو. ۽ اهي ٻئي غير فاني ۽ هميشه رهڻ واريون آهن، ظاهر آهي ته باقي رهڻ واري شئي فنا ٿيڻ واري شئي کان مقدم (مٿاهين) آهي. مولانا جامي □ شيخ ڪامل جي انهيءَ پهلو کي اڳيان رکندي پنهنجي پٽ کي وصيت ڪئي:

بکار نیک گردو یاور تو
بکوئی نیک نامی رہبر
تو
چنین یاری کہ یابی
خاک اوشو
اسیر حلقۂ فتراک اوشو
مکن باصوفیان خام
یاری
کہ باشد کارخامان خام
کاری

هن تفصيل مان معلوم ٿيو ته شيخ هڪ ته روحاني پيءُ آهي،

پيو استاد ۽ سپ کان وڏيڪ هي ته شيخ کان سالڪ کي اها شئي ملي ٿي جيڪا نبين سڳورن 8 جي ميراث آهي.

فيض وٺڻ لاءِ آداب

1: شيخ ڪامل کان فيض وٺڻ ۽ ڪامل تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريائين هي ڳالهه ضروري آهي ته طالب جي دل ۾ شيخ جي پوري عقيدت هجي ۽ هو پوري ثابت قدمي سان انتي ڄميل رهي. تصوف جي اصطلاح ۾ انکي توحيد مطلب چون ٿا.

جامع ڪرامات اولياء الله جلد نمبر 1 صفحه 248 تي ارشاد آهي:

ينبغي للمريد ان يكون راسخ القدم لايزبحة كل شيءِ عما هوفيه ولايتبدل اعتقاده في شيخه بوجه من الوجوه اصلاحتي لوجاء خضر ؑ لايلتفت اليه-

مريد لاءِ ضروري آهي ته اهو راسخ القدم هجي انکي ڪا شيءِ ان رستي کان هٽائي نه سگهي ۽ پنهنجي شيخ جي متعلق انجي عقيدت ۾ تبديلي نه اچي، ايستائين جو جيڪڏهن حضرت خضر ؑ به سامهون اچي وڃن ته انهن ڏانهن به توجه نه ڪري.

اها صورت ان وقت ضروري آهي جڏهن هڪ پاسي شيخ ڪامل هجي ۽ ٻئي پاسي طالب صادق هجي، جيڪڏهن ڪنهن سبب جي ڪري ناقص ماڻهو سان ڪو طالب صادق تعلق قائم ڪري وٺي ۽ انکي ڪو روحاني فائدو نه پهچي. ظاهر آهي ته جيڪو خود ناقص آهي اهو ٻئي کي ڇا سلوڪ سيکاريندو ته اهڙي صورت ۾ طالب صادق کي ڪنهن شيخ ڪامل جي ڳولا ڪرڻ کپي، جيڪڏهن نه ته هي ثابت ٿيندو ته اهو موليٰ جو طالب نه آهي شخصيت پرستي جي مرض ۾ مبتلا آهي ۽ جيڪڏهن هيءَ صورت هجي ته نڪي شيخ ڪامل ۽ نه طالب صادق آهي.ته اهڙو تعلق رڳو هڪ "سيپ" هوندي جنهن جو تصوف ۽ سلوڪ سان ڪو به تعلق نه آهي. پهرين صورت ۾ طالب صادق کي اهو ڏسڻ کپي ته جنهن شيخ سان انجو تعلق آهي انجي هزارن مريدن مان جيڪڏهن ڪي چند به اهڙا نڪا ملن جن کي سلوڪ جي راه ۾ ترقي حاصل ٿي ته

بس سمجهي وٺو ته شيخ جي ناقص هجڻ ۾ ڪو شڪ نه آهي. انڪري اهڙي شيخ کي ڇڏي ڏيڻ فرض آهي. شيخ ڪامل ته انهن ماڻهن کي الله جي فضل سان عارف بالله بڻائي ڇڏي ٿو، جن جون زندگيون ان کان پهريائين فسق و فجور ۾ گذريون هجن.

2: شيخ سان غلط بياني نه ڪري، ڳالهه صاف صاف ڪري.

الصدق اجمل واحسن ولاتستعمل الکذب اياک والکذب علي الشيخ-

(جلد نمبر 1 صفحه نمبر 348)

سچ ڳالهائڻ تمام سٺي ۽ عمدي شيءِ آهي، طالب کي گهرجي ته ڪوڙ نه ڳالهائي شيخ (مرشد) جي سامهون ۽ شيخ جي متعلق ڪوڙ ڳالهائڻ کان بچندو رهي.

3: شيخ سان خيانت جو ورتاءُ نه ڪري، ايستائين جو شيخ جي ڳالهه، راز ۽ اسرار جي معاملي ۾ به امانت جو ثبوت ڏئي جيڪو شخص معمولي شين ۾ خيانت جو مرتڪب هوندو ته، اسرار الٰهي ۽ مناصب باطني جي معاملن ۾ ڪڏهن امين بڻائي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ بي احتياطي سان مناصب به کسجي وڃن ٿا.

4: جيڪو ڪجهه پنهنجي ذات لاءِ سٺو سمجهي ٿو، شيخ جي ذات لاءِ به سٺو سمجهي.

5: شيخ جي ڳالهه غور سان ٻڌي ۽ انتي دل سان عمل ڪندو هجي. شيخ جي مجلس ۾ شيخ جي ڳالهه ٻڌڻ جي نيت سان وڃي، پنهنجي ڳالهه ٻڌائڻ جو شوق کڻي نه وڃي.

حضرت جنيد بغدادي □ فرمايو ته مون هڪ ماڻهو کي ابو حفص نيشا پوري □ جي خدمت ۾ ڏٺو جيڪو نهايت خاموشي سان شيخ ۽ رفقاء جي خدمت ۾ مصروف هو. مون انجي باري ۾ پڇا ڪئي، ته مون کي هڪ رفيق ٻڌايو:

قال هذا انسان يصحب اباحفص ويخدمنا وقدانفق علي الشيخ مائة الف درهم کانت له واستزاد مائه الف درهم اخريٰ وانفقها عليه ولم يتکلم بکلمة واحدة-

هي ماڻهو حضرت ابوحفص □ جي خدمت ۾ رهندو آهي ۽ اسان سڀني جي خدمت ڪندو آهي. ان پنهنجي شيخ لاءِ به لک درهم خرچ ڪري ڇڏيا آهن پر اجان تائين شيخ جي سامهون هڪ اکر به

زبان مان نه ڪڍيو اٿائين.
6: شيخ کان ان ڳالهه جو مطالبو يا تقاضا نه ڪري ته مونکي اڳين سلوڪ جي منزلن ۾ ترقي ڏني وڃي جيئن الله تعاليٰ حضرت موسيٰ ؑ کي فرمايو:

قَالَ يٰمُوْسٰى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِىْ وَ بِكَلَامِىْ ۖ فَخُذْ مَاۤ اٰتَيْتُكَ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ -(الاعراف ـ ١٤٤)

اي موسيٰ مون توکي پنهنجي پيغامن لاءِ چونڊي ورتو آهي، ان لاءِ جيڪو ڪجهه مون توکي ڏنو اهو وٺ ۽ شڪرگزارن منجهان ٿيءُ.

تنهنڪري طالب صادق کي کپي ته جيڪي سلوڪ جون منزلون طئي ٿين ٿيون انهن جي حفاظت ڪري، الله جو شڪر ڪري. الله پنهنجي واعدي مطابق اڃا به عطا ڪندو.
7: شيخ جي مجلس ۾ ويٺو هجي ته شيخ جي منهن ڏانهن اکيون ڦاڙي نه ڏسي، بلڪه پنهنجي دل ۾ متوجه ٿي ذڪر قلبي ۾ مشغول رهي، يا پنهنجي منزلن جي سنڀال ڪري.
8: شيخ کان ڪا ڳالهه پڇي ته سکڻ جي غرض سان ۽ طالب جي انداز سان پڇي، اعتراض طور ڪو سوال نه ڪري، ڇوته شيخ تي اعتراض فيض کان مانع آهي، جيئن شيخ شهاب الدين سهروردي  عوارف المعارف ۾ فرمايو:

من لم يعظم حرمت الشيخ في الجواب حرم بركتھ ومن قال في جواب الشيخ "لا" انه لايفلح ابدا-

جنهن شخص شيخ جي جواب جو احترام نه رکيو، اهو شيخ جي فيض کان محروم ٿي ويو. ۽ جنهن شيخ جي ڳالهه جي جواب ۾ "نه" چئي ڇڏيو اهو ڪڏهن ڪامياب نه ٿيندو.

جيڪڏهن شيخ جي راءِ کان سئي ڪا صورت سالڪ جي معلومات ۾ موجود هجي ته ائين چئي ته هن مسئلي جي هڪ ٻي صورت به آهي، ٿي سگهي ٿو ته اها بهتر هجي.
9: هلڻ وقت شيخ جي اڳيان نه هلي، ڪما قال تعاليٰ لاتقدموا بين يدي الله ورسوله- يعني پنهنجي مربي جي عزت ۽ احترام ڪرڻ الله ۽ رسول  جو احترام آهي.

10: شيخ جي خدمت ۾ جڏهن حاضر ٿئي خالي هٿ نه وڃي جيئن ته تهادواتحابوا ۾ اهو ادب سيکاريو ويو آهي. ها، شيخ جي لاءِ ضروري آهي ته هو مريد جي مال تي اک رکي نه ويٺو هجي، انکي اشراف نفس يا اشراف الي مال المريد چوندا آهن، اهو جائز نه آهي.

11: شيخ جي غير موجودگي ۾ شيخ جي مقرر ڪيل خليفي جو احترام ائين ڪري جيئن شيخ جو احترام ڪري ٿو، ان ۾ ڪوتاهي نه ڪري. خاص ڪري اصحاب مناصب جي عزت ۽ احترام نهايت ضروري آهي، ۽ اهو ادب ۽ احترام شرعي حدن هجي.

12: جنهن شيخ کان فيض وٺندو هجي، ان وٽ مدعي بڻجي نه وڃي. پنهنجي ڪماليت جو اظهار نه ڪندو رهي.

حضرت موسيٰ ؑ ۽ حضرت خضر ؑ جي واقعي ۾ کهڙي نه عمدي تعليم ڏني ويئي آهي. حضرت موسيٰ ؑ جا لفظ غور لائَق آهن:
هَلْ اَتَّبِعُکَ عَلٰی اَنْ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا -(الڪهف ـ ٦٦)

ڇا مان توهانجي پيروي انهيءَ غرض سان ڪريان ته توهان مونکي اهو ڪجهه سيکاريو جيڪا ڀلائي توهانکي سيکاري ويئي آهي.

تابعداري ۽ اطاعت نه ڪرڻ سان انسان انسانيت جي مرتبي کان ڪري پوي ٿو.

فيض الباري 277:3

فالکلب بعد طاعة مالک صارفي حکم المالک اي في حکم الانسان والمالک بمعصية موليٰ صاراسوء من الکلب-

ڪتو پنهنجي مالڪ جي فرمانبرداري جي ڪري انسان جي حڪم ۾ اچي ويو ۽ انسان پنهنجي رب جي نافرماني جي ڪري ڪتي کان به خراب ٿي ويو.

ڏسو شڪاري ڪتو تربيت سان مالڪ جو پوري طرح تابعدار ٿي وڃي ٿو. انڪري جڏهن انکي شڪار تي ڇڏيو وڃي ٿو ته انجو ماريل شڪار حلال هوندو آهي، ڇڻ ڪتو ذبح ڪندڙ انسان جي حڪم ۾ اچي ويو. ۽ بلعم باعور جهڙو انسان پنهنجي رب جي نافرماني ڪري جانورن کان بدتر ٿي ويو.

13: شيخ جي وفات کانپوءِ به شيخ جو ادب ائين ڪرڻ گهرجي

جيئن شيخ جي زندگي ۾ ڪيو وجي تو. ۽ شيخ جي مائٽن جو به ادب احترام ڪرڻ گهرجي.

14: شيخ جي سامهون سندس اچڻ تي اٿي بيهڻ ادب ظاهر ڪرڻ جي هڪ صورت جاري آهي. پر ان ۾ اختلاف به آهي، ان سلسلي ۾ احتياط جي ضرورت آهي جيئن فيض الباري جلد 4 صفحه 65 تي ذڪر ڪيو ويو آهي:

واعلم ان القيام للتوقير رخصة اومستحب اذاكان هذا لمعظم بقصده نحوه ويجي اليه واما اذا كان يذهب لحاجة له فلا-

***

# باب ٻاويهون

## ڪرامتون

الله تعاليٰ جي مخلوق ۾ نبي سڳورا عليهم الصلوٰة والسلام تمام پيارا ۽ برگزيده هستيون هوندا آهن، اهي الله جي بندن جي هدايت جي لاءِ وقت بوقت مبعوث ٿيندا رهيا آهن. تان جو حضور اڪرم ﷺ جي ذات اقدس جي مبعوث ٿيڻ تي هي دين مڪمل ٿي ويو ۽ نبوت جو سلسلو ختم ٿيو. هر نبيءَ کي ان سلسلي ۾ بيحد مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو ايستائين جو پورو معاشرو ۽ وقت جي حڪومت ۽ انجي هر طاقت نبين سڳورن جي مقابلي ۾ حق جي آواز کي دٻائڻ جي لاءِ اٿي بيٺا. هيڏانهن نبي سڳورا هميشه بي سرو ساماني سان عمل جي ميدان ۾ ايندا رهيا. انهن وٽ ڪا دنيا جي طاقت نه هوندي هئي، فوج نه هٿيار نه خزانو. ظاهر آهي ته طاقت جي مقابلي ۾ پنهنجي سچائي ۽ برتري جو ثبوت دنيا جي طاقت جي برتري کان بنا ڇا ٿو ٿي سگهي، پر نبين سڳورن پنهنجي سچائي جي ثبوت جي طور تي هميشه اهڙا معاملا پيش ڪيا جيڪي خرق عادت سان تعلق رکن ٿا، انهنکي اصطلاح ۾ معجزو چوندا آهن. نبين سڳورن جي معجزن سان انساني تاريخ ڀري پيئي آهي. نبين سڳورن جي ميراث سندن تعليمات ۽ سندن معجزا هوندا آهن. ۽ هن دنيا مان انهن جي موڪلائي وڃڻ تي انهن جي ميراث سندن روحاني اولاد ڏانهن هلي وڃي ٿي، بشرطيڪه اهو روحاني اولاد انهن جي ڪامل پيروي ڪندڙ هجي، ڇوته نافرمان اولاد کي ته عاق (بي دخل) ڪري ڇڏبو آهي ۽ هي دنيا جي ورثي کان به محروم ٿي ويندو آهي. انڪري نبي جي ڪامل تابعدار کي ولي چوندا آهن، ۽ اولياءِ ڪرام کي ئي نبين سڳورن جي روحاني ميراث ملي ٿي تنهنڪري نبيءَ جو ”معجزو“ جڏهن وليءَ کي بطور وراثت پهچي ٿو ته انجو

اصطلاحي نالو ”ڪرامت“ هوندو آهي. جيئن نبيءَ جو معجزو انجي نبوت جي سند ۽ ثبوت هوندو آهي، تيئن وليءَ جي ڪرامت انجي ولايت جي سند هوندي آهي ۽ وليءَ جي ڪرامت حقيقت ۾ ان نبيءَ جو معجزو هوندو آهي جنهن جو ولي تابعدار هوندو آهي.

امام رازي  اربعين صفحه 376 تي فرمايو:

انما قلنا ان التقيٰ افضل بقوله تعاليٰ اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللهِ اَتْقٰكُمْ ط (الحجرات -١٣) فاثبات الكرامة مقرونا بذكر التقويٰ يدل علي ان الكرامة معللة بالتقويٰ فحيث كان التقويٰ اكثر وجب ان تكون الكرامة والفضيلة اكثر-

اسان چئون ٿا ته تقويٰ افضل آهي، ڇوته ارشاد باري تعاليٰ آهي ته توهان مان سڀ کان افضل اهو آهي جيڪو سڀ کان زياده متقي آهي. وليءَ جي ڪرامت جو تقويٰ سان ڳنڍيل هجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته متقي صالح جي بنا ٻئي کان ڪرامتن جو ٿيڻ محال آهي جتي تقويٰ وڌيڪ هوندي اتي ڪرامت ۽ فضيلت به وڌيڪ هوندي

اهڙي طرح اليواقيت والجواهر 103:2 تي علامه شعراني  فرمائين ٿا ته:

لايكون حظ الكرامة لولي الاتبعا لمن هو وارثه من الانبياء ولذلک كان خواص هذه الامة-

ڪرامت صرف ان وليءَ کان ظاهر ٿئي ٿي جيڪو پنهنجي نبيءَ جو ڪامل فرمانبردار هجي، انهيءَ ڪري اهو ولي ان امت جي خواص (خاص ماڻهن) منجهان هوندو آهي.

معلوم ٿيو ته ڪرامت متقي، صالح ۽ ڪامل متبع سنت جي بغير ڪنهن کان ظاهر نٿي ٿي سگهي، ڇوته اهوئي نبيءَ جو روحاني اولاد آهي. ۽ اليواقيت والجواهر 165:1 تي آهي ته:

اعطي الله الكرامة للاولياء التي هي فرع المعجزات ماكان معجزة لنبي جازان يكون كرامة لولي-

اولياءِ ڪرام کي الله تعاليٰ ڪرامتون عطا ڪيون آهن، ڪرامت شاخ آهي معجزي جي، جيڪو نبيءَ جو معجزو آهي اهوئي وليءَ جي ڪرامت آهي.

ڪرامت توڙي جو وليءَ جي ذات کان ظاهر ٿئي ٿي، مگر حقيقت ۾ اهو ان نبيءَ جو معجزو هوندو آهي جنهنجو اهو ولي ڪامل تابعدار هوندو آهي.

ولين جون ڪرامتون تواتر سان ثابت آهن

اولياءِ ڪرام جو وجود ڪنهن هڪ دور يا ملڪ سان مخصوص نه آهي، پر هر دور ۾ ۽ هر ملڪ ۾ اولياءِ ڪرام موجود هوندا آهن، تنهنڪري سندن ڪرامتن جو وجود به هر دور ۾ ملي ٿو. انهيءَ ڪري اهي تواتر جي حد تائين پهچي چڪيون آهن.
فيض الباري 198:4

قد تواترت الاخبار فيها اي في الكرامة بحيث لايسوغ منها الانكلار ولكن من يحرم عن الخير يجعل رزقہ انه يكذب بالكرامات والبركات ويزعمه مستحيلا-

متواتر خبرون ڪرامتن جي ظاهر ٿيڻ ۾ ايتريون ته ٿي چڪيون آهن جو انهنجو انڪار جائز ئي نه آهي. ها، جنهنکي الله تعاليٰ چڱائي کان محروم ڪري ڇڏيو هجي انجو حصوئي ڪرامتن کي ۽ ولين جي برڪتن کي ڪوڙو سمجهڻ آهي، ۽ هو انکي محال خيال ڪري ٿو.

امام ذهبي جيڪي جماعت صوفياء جا سخت مخالف آهن، ڪرامتن ۽ انهنجي انڪار جي سلسلي ۾ فرمائين ٿا:

اعلم ان الله تعاليٰ عزوجل قد اخبرنا وهواصدق الصادقين والقائلين بان عرش بلقيس عرش عظيم فقال ولها عرش عظيم وما نحيط الان علما بتفا صيلها اي تفصيل عرشها ولا بمقداره ولابماهيتة وقداتي به بعض رعية سليمان ؑ الي بين يديه قبل ارتداد طرفه كما قال تعاليٰ آنا اتيک به قبل ان يرتد اليک طرفک فسبحان الله العظيم فما ينكر كرامات الاولياء الاجاهل فهل فوق هذه كرامة الي ان قال ولا مجال للعقل في ذلک بل آمنا وصدقنا-

(باب العلو والعرش صفحه 56)

خوب سمجهي وٺو ته الله تعاليٰ اسانکي خبر ڏني ۽ ان کان

زياده سچي خبر ڏيڻ وارو ٻيو ڪوبه نه آهي ته بلقيس جو تخت تمام وڏو هو. ايترو وڏو جو اسان انجو تفصيل نه سمجهي سگهون ٿا، نه بيان ڪري سگهون ٿا، نه انجو مقدار ۽ ماهيت سمجهي سگهون ٿا. ۽ اهوئي عظيم تخت حضرت سليمانؑ جي رعيت جو هڪ ماڻهو ڪٽي آيو هو ۽ اک چنبڻ کان اڳ ۾ حضرت سليمانؑ جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيو. جيئن قرآن شريف ۾ بيان ٿيو آهي. انڪري ولين جي ڪرامتن جو انڪار هڪ جاهل ماڻهو ڪانسواءِ ڪو به نٿو ڪري سگهي. ڀلا ان عظيم تخت کي اک چنبڻ جيتري دير ۾ ڪٽي اچڻ کان وڌي به ڪا ڪرامت ٿي سگهي ٿي؟ اها ڳالهه عقل جي پهچ کان ٻاهر آهي. انڪري اسان ان ڪانسواءِ ڪجهه نٿا چئي سگهون ته اسان ايمان آندو ۽ ولين جي ڪرامتن جي تصديق ڪئي.

انهيءَ ڪتاب جي صفحي نمبر 193 تي امام ذهبي ڪرامتن جي تواتر جي سلسلي ۾ بيان ڪيو آهي:

سمعت الحافظ اباالحسن يقول سمعت الشيخ عزالدين بن عبدالسلام بمصر يقول مانعرف احدا كراماة متواترة كالشيخ عبدالقادر -

مون حافظ ابوالحسن کان ٻڌو اهي چون ٿا ته مون شيخ عزالدين بن عبدالسلام کان مصر ۾ ٻڌو پاڻ فرمايائون ته مونکي تواتر (تسلسل) سان جيترين ڪرامتون شيخ عبدالقادر جيلاني  جون معلوم ٿيون آهن ڪنهن ٻئي وليءَ جون ايترين نه پهتيون آهن.

امام ذهبي جي بيان مان ٻه ڳالهيون واضح ٿي ويون ته:

1: ڪرامات اولياء تواتر سان ثابت آهن.

2: ڪرامتن جو انڪار فقط اهو ماڻهو ڪري سگهي ٿو جيڪو بلڪل جاهل هجي.

ابن الحجر  فتاويٰ الحديثيه صفحي 174 تي شيخ عبدالقادر جيلاني  جي متعلق فرمايو:

ان الله من عليه من المعارف والخوارق الظاهرية والباطنية وما نباء عنه ماظهر عليه وتواتر من احواله-

الله تعاليٰ شيخ عبدالقادر جيلاني  تي جيڪو احسان ڪيو، انجو اظهار سندس معارف ۽ سندن ڪرامتن مان ٿئي ٿو، ۽ انڪان

جيڪي ڳالهيون ظاهر ٿيون، جيڪي اسان تائين پهتيون، اهو سڀ الله جو مٿن احسان آهي، ۽ سندن اهي حالات تواتر سان منقول ٿيا آهن.

۽ امام يافعي شيخ جي ڪرامتن جي متعلق ڪفاية المعتقد صفحي 295 تي فرمايو:

وقد ذکر بعض اهل العلم ان کراماتہ قرب من التوتر قلت قرب حصول العلم بوجودها من العلم القطعي الحاصل بکثرة الرواة البالغين حد التواتر المعروف بکثرة المخبرين عنها-

ڪن عالمن ذڪر ڪيو ته شيخ جيلاني  جون ڪرامتون تواتر جي قريب آهن. آئون چوان ٿو ته سندن ڪرامتن جي وجود جو علم قطعي طور تي حاصل ٿي چڪو آهي، ۽ انجو سبب انهن ڪرامتن جي خبر ڏيڻ وارن راوين جي گهڻائي آهي ۽ اها گهڻائي تواتر جي حد تائين پهچي ٿي.

امام ذهبي، حافظ ابن حجر ۽ امام يافعي ان ڳالهه تي متفق آهن ته حضرت شيخ عبدالقادر  جون ڪرامتون تواترجي حد تائين پهچن ٿيون ۽ ظاهر آهي ته جنهن جو علم سان ٿورڙو تعلق به هجي، اهو متواترات جو انڪار نٿو ڪري سگهي.

علامه شعراني ”اسني المطالب في احاديث مختلفة المراتب“ صفحي 261 تي حضرت علي ڪرم الله وجهه جو هڪ قول نقل ڪيو آهي جيڪو قول فيصل جي حيثيت رکي ٿو. فرمائين ٿا:

لايابي الکرامة الاحمار رواه ديلمي وقال من قول علي-

وليءَ جي ڪرامت جو انڪار فقط هڪ گڏهه ئي ڪري سگهي ٿو.

ڪرامت جي انڪار ۾ معتزلا سڀني کان اڳيرا آهن انهن کانسواءِ تاريخ ۾ به نالا پيا به ملن ٿا هڪ ابن حزم ۽ ٻيو ابواسحاق اسفرائني. انهن جي انڪار جو بنياد ان ڳالهه تي آهي ته جيڪڏهن وليءَ کان ڪرامت ظاهر ٿئي ته نبيءَ جي معجزي ۽ ولي جي ڪرامت ۾ فرق ڇا وڃي رهندو؟ ان حقيقت جو اظهار ابن خلدون پنهنجي مقدمي ۾ صفحي 451 تي فرمايو آهي:

علامه انور شاه ڪاشميري  فيض الباري ۾ 61:2 تي لکيو آهي ته ابن حزم ڪرامتن جو منڪر نه هو ۽ ڪتاب النبوات ۾ ابن تيميه به انهيءَ راءِ جو اظهار ڪيو آهي.

ثم قال ابن حزم اني قائل با ستجابة الدعاء مع انکاره الکرامة قلت اذا اشتمل الدعاء علي امر خارق للعادة فهو الکرامة فلم يبق النزاع الافي التسمية فما الفائدة في انکار الکرامة (فيض الباري 61:2)

ابن حزم ڪرامتن جي انڪار جي باوجود هي چيو آهي ته دعا جي قبوليت جو قائل آهيان، آئون چوان ٿوته جڏهن دعا جي قبوليت خرق عادت جي طور تي ثابت ٿي ويئي ته اهائي ڪرامت آهي پوءِ جهڳڙو فقط لفظن جو وڃي رهيو، پوءِ اهڙي انڪار جو ڇا فائدو؟.

يعني ڪرامت جي حقيقت جو اقرار آهي ۽ لفظ ڪرامت جو انڪار. حالانڪه ڪرامت جي لاءِ اهو شرط ته ڪونهي ته دعا کانسواءِ ئي ظاهر ٿئي، بلڪه دعا به گهڻو ڪري بطور ڪرامت هوندي آهي. ڪرامت جوصاحب ولي، الله تعاليٰ کي هڪ شيءِ جي درخواست ڪندو آهي ۽ پوءِ خدا تعاليٰ جي طرفان ان شئي جو ظهور ٿيندو آهي. جيئن حضرت سليمان ؑ جي وزير پهرين خدا کان دعا گهري پوءِ اهو تخت ڪٽي حاضر ٿيو.

علامه ابواسحاق اسفرائيني جي رد ۾ ابن خلدون لکي ٿو:

”اهو عقلي احتمال آهي ته ڪرامت ۽ معجزي ۾ فرق ڇا رهجي ويندو؟ عقلي بحث حقيقتن کي رد نٿا ڪري سگهن. مشاهدن ۽ واقعن جي سامهون عقلي احتمال ڇا حيثيت رکن ٿا؟ هزارين ولين ۽ صوفين کان ڪرامتون ظاهر ٿيون آهن. سلف صالحين ۽ اصحابن سڀني کان به ڪرامتون ظاهر ٿيون آهن. انهن سڀني مشاهدن کي ڪير ٿو غلط ثابت ڪري سگهي؟ جيڪڏهن ڪوبه شخص اهڙي غلطي ڪري ٿو ته انجو سبب اجايو هٺ، ضد ۽ عناد آهي عقلي احتمال ڪونهي“

ان موقعي تي معجزي، ڪرامت، جادو ۽ ڪهانت ۾ فرق واضح ڪرڻ مناسب معلوم ٿئي ٿو:

1: فرق فاعلي

نبي، پاڪيزه نفس، پاڪيزه صفات، ۽ پاڪيزه اخلاق هوندو آهي، سندس عمل صالح هوندا آهن. هو مخلوق جو خير خواه، داعي الي الله، حق جي طرف رهنمائي ڪرڻ وارو، سچار، پاڪيزه تعليم ڏيڻ وارو، آخرت جو طالب، دنيا تارڪ، ذڪي الطبع ۽ عادل هوندو آهي.

پوپو، و جادوگر خبيث النفس ۽ خبيث الصفات هوندو آهي، پنهنجي فن سان مخلوق کي نقصان پهچائڻ وارو، بداخلاق، بد اعمال، ڪوڙو ۽ دنيا پرست هوندو آهي. هو طاقت ۽ مال جي محبت جو مريض هوندو آهي. ڪما قال الله تعاليٰ:

هَلْ اُنَبِّئُكُمْ عَلٰى مَنْ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيْنُ (٢٢١)ؕ تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ (٢٢٢)ۙ يُّلْقُوْنَ السَّمْعَ وَ اَكْثَرُهُمْ كٰذِبُوْنَ (٢٢٣)ؕ - (الشعراءَ ـ ٢٢١ تا ٢٢٣)

ڇا مان ٻڌايان ته شيطان ڪنهن تي لهندا آهن؟ هر ڪوڙي ۽ گنهگار تي لهندا آهن اهي انهن جي ڳالهين تي ڪن لڳائيندا آهن. ۽ انهن مان گهڻا ڪوڙا آهن.

ظاهر آهي ته جنن جي خبرن جو سرچشمو شيطان هجن اهي ڪوڙ ڪانسواءِ پهرين ته ڇا ٿا ڳالهائي سگهن. ۽ شيطانن کان فيض پرائڻ وارو بدڪار کان سواءِ ٻيو ڪير ٿو ٿي سگهي؟

2: فرق مادي

پوپي جي فن جو دارومدار القاءِ شيطاني ۽ خبيث روحن جي مدد تي هوندو آهي، جيئن مٿين آيت مان ظاهر آهي.

نبيءَ جو معجزو بِلا سبب ۽ بِلا عمل جي هوندو آهي. جيئن يد بيضا ۽ عصاءِ موسيٰ ؑ انهن جو سبب رب العالمين جي قدرت ۽ نبيءَ جي طهارت ۽ پاڪيزگي هئي.

3: فرق صوري

صورت هميشه پنهنجي مادي جي مطابق هوندي آهي. مادو خبيث آهي ته صورت به خبيث، ڪهانت جو مادو امداد و القاءِ شيطاني آهي، تنهنڪري صورت به خبيث هوندي آهي.

نبيءَ جي معجزي جو مادو، رب العالمين جي قدرت آهي ته صورت به پاڪيزه هوندي آهي.

4: علت غائي

علت غائي هميشه ظاهر معاملي جي تابع هوندي آهي، جيئن فرعون ۽ آل فرعون کي ٻوڙي مصر کي ڪفر و شرڪ ۽ ظلم و تعدي کان پاڪ ڪرڻ مقصود هو، ۽ بني اسرائيل کي ان ظلم کان ڇوٽڪارو ڏياري برتري ۽ فضيلت جي انعام سان نوازڻو هو. اها ان معجزي جي علت غائي هئي.

5: ڪهانت ۽ جادو

ڪهانت ۽ جادو موقوف آهي سکڻ سيکارڻ ۽ ذاتي ڪوشش تي ۽ نبوت ۽ معجزي ۾ انهن مان ڪا ڳالهه به نٿي ملي.

6: ڪهانت ۽ جادو جو تعلق خرق عادت امورسان نه آهي، ها عجيب و غريب ڳالهين سان آهي. جنهن شخص اهو علم يا فن نه سکيو هجي، انجي لاءِ ته اهي ڳالهيون عجيب به هونديون ۽ خرق عادت به، پر جنهن ٻئي شخص يا جن شخصن ڪهانت يا جادو جو فن سکي ورتو، انجي لاءِ نه اهي ڳالهيون عجيب هونديون ۽ نه خرق عادت.

نبيءَ جي معجزي جي مقابلي ۾ ڪو انسان يا جن انتي قادر نه هوندو ته اهڙي ڳالهه ڪري سگهي، ڇوته معجزي جو تعلق سکڻ سيکارڻ سان نه آهي اهوته وهبي(بخشيل) هوندو آهي.

7: جادو جي اثر جي ڪيفيت هيءَ هوندي آهي ته جنهن تي جادو ڪيو ويو آهي جيڪڏهن جادوگر ان تان توجه هٽائي وٺي ته جادو جو اثر ختم ٿي ويندو آهي معجزي ۾ اها ڳالهه نه هوندي آهي.

8: جادوگر جڏهن ڪنهن ڪامل هستي جي مقابلي ۾ اچي ته ان وقت صرف جادوءَ جو اثر ئي ختم نٿو ٿئي، پر جادوءَ جا سپ آلات (اوزار) به نيست و نابود ٿي وڃن ٿا. جيئن فرعون جي جادوگرن سان ٿيو. فرعون جي جادوگرن جي ليڊر پنهنجي ايمان آڻڻ جو سبب ٻڌائيندي اهو ڇيو هو ته اسان هميشه جادوگرن سان مقابلا ڪندا پيا اچون، وڏ ۾ وڏ هيئن ٿيندو آهي ته جادوءَ جو اثر ختم ٿي ويندو آهي، اهو منظر ڪڏهن ڪونه ڏٺوسين ته اسان جون سپيئي رسيون، سوٽيون ۽ سپني اوزارن کي لٺ وارو نانگ ڳِهي ويو ۽ ان جي باوجود لٺ وري به لٺ ئي رهي.

9: جادوگر جي غفلت سان جادءَ جو اثر ختم ٿي ويندو آهي. نبيءَ جي معجزي جي اها ڪيفيت نه هوندي آهي. فيض الباري 390:4 تي هڪ واقعو منقول آهي ته هڪ ڇوڪر پنهنجي پيءُ کان پڇيو ته موسيٰ ؑ جي نبي هجڻ جو ڇا دليل آهي؟ پيءُ چيو ته جنهن مهل موسيٰ ؑ ستل هجن ته سندن عصا (لٺ) کڻي وٺجانءِ، جيڪڏهن اها نانگ ٿي ويئي ته معجزو آهي ورنه جادو.

فذهب وجعل يجر عصاء فانقلب ثعبانا وكاد الغلام ان يهلك-

ڇوڪرو ويو ۽ موسيٰ ؑ جي لٺ وڃي کنيائين، اها نانگ بڻجي ويئي. قريب هو ته ڇوڪرو مري وڃي.

معجزي، جادو ۽ ڪهانت ۾ جيڪو فرق آهي اهو اسان اجمالي طور بيان ڪري ڇڏيو آهي.

10. معجزي ۽ ڪرامت ۾ فرق

وليءَ جي ڪرامت اصل ۾ ان نبيءَ جو معجزو هوندو آهي جنهنجو اهو تابعدار هوندو آهي. جيئن اليواقيت والجواهر جي حوالي سان بيان ٿي چڪو آهي. ۽ جڏهن ڪرامت ظاهر ٿيڻ لاءِ نبيءَ جي ڪامل تابعداري شرط آهي ته پوءِ وليءَ جي ڪرامت نبيءَ جي معجزي جي شاخ ليکبي. تنهنڪري اهو سمجهڻ ضروري آهي ته هر عجيب ڳالهه جيڪا ڪنهن کان ظاهر ٿئي، ڪرامت نه هوندي آهي، بلڪه ڪرامت جو اطلاق صرف ان خرق عادت ڳالهه تي ٿئي ٿو جيڪو ڪنهن ڪامل متبع شريعت کان ظاهر ٿئي. معجزي جو اظهار نبي جي اختيار ۾ نه هوندو آهي. اهڙي طرح ڪرامت ظاهر ٿيڻ وليءَ جي اختيار جي شيءِ نه آهي بلڪ الله جي طرفان آهن. الله تعاليٰ پنهنجي قدرت جي اظهار جي لاءِ نبين ۽ ولين جي برگزيده هستين کي چونڊي وٺي ٿو.

ڪرامت جا ٻه قسم آهن، اول معنوي، جنهن کي عقلمند سمجهن ٿا انکان متاثر ٿين ٿا، ۽ اها ئي حقيقي ڪرامت آهي.

اعلم ان اعظم الكرامات واجلها التي للاولياء دوام التوفيق للطاعات والعبادات والحفظ من المعاصي والمخالفات-

خوب سمجهي وٺو ته اولياءَالله جي سڀ کان وڏي ۽ عظيم ڪرامت شريعت جي ڪامل تابعداري ۽ انتي استقامت ۽ خلاف

شرع امور کان بچڻ آهي.

انهن جي اها ڪرامت جڏهن ماحول تي اثر انداز ٿيندي آهي ته الله جي مخلوق جيڪا الله کان پري ٿي چڪي هوندي آهي سا الله جي ياد ۽ الله جي عبادت ڏانهن ڇڪجي ايندي آهي. ۽ انهن جي دلين ۾ يقين ۽ ايمان جي شمع روشن ٿيڻ لڳندي آهي. ۽ انهن کي حقوق الله ۽ حقوق العباد جي ادائگي جو خيال اچڻ لڳندو آهي. رزائل دور ٿين ٿا. فضائل جي حصول جو جذبو ۽ شوق پيدا ٿيڻ لڳندو آهي. اولياءَالله جا حالات پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هڪ هڪ هستي بلڪل ناموافق حالتن ۾ دعوت الي الله جو ڪم ڪري هزارين بگڙي ويل انسانن کي الله جو بندو بڻائي ڇڏيو. عوام تائين اها ڳالهه ئي محدود نه آهي، انهن بي نوا فقيرن ڪيترن ئي بادشاهن کي راهه هدايت تي لڳائي ڇڏيو.

ٻيو قسم ڪرامت حسي آهي. هيءَ عام عوام جي ذهنن کي متاثر ڪري ٿي جيئن ته انهن جي ذهني سطح هيٺ هوندي آهي، انڪري معنوي ڪرامت کي سمجهي ئي نه سگهندا آهن ۽ انهن جي نظر حسيات ۽ ماديات ۾ ئي اٽڪيل رهندي آهي. چنانچه حضرت جنيد بغدادي  جو مشهور واقعو آهي ته هڪ شخص سندن خدمت ۾ ڏهه ورهيه رهيو ۽ آخر مايوسيءَ جي ڪيفيت سان واپس وڃڻ لڳو، حضرت پڇيو ته ڇيائين توهانجي وڏي شهرت ٻڌي هئم ته جنيد وڏو ولي الله آهي پر ڏهن سالن ۾ هڪ به ڪرامت نه ڏٺم.

حضرت  فرمايو ته ان عرصي ۾ جنيد جو ڪو ڪم اهڙو به ڏٺئي جيڪو سنت نبوي  جي خلاف هجي؟ چوڻ لڳو ائين ته نه آهي. فرمايائون اهائي ته سڀ کان وڏي ۽ حقيقي ڪرامت آهي.

ڪرامت جي سلسلي ۾ هڪ سوال گهڻن نابالغ ذهنن ۾ اڀرندو آهي ۽ زبان تي ايندو آهي ته جڏهن وليءَ جي ڪرامت سندس اختيار ۾ نه ٿي هجي ته پوءِ ڪشف قبور به سندس وس جي ڳالهه ڪونهي ڇوته ڪشف به ته هڪ ڪرامت ئي آهي.

انجو جواب هيءُ آهي ته ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سڀني مخلوقات جو مالڪ ۽ مختارِ ڪل الله تعاليٰ جي ذات آهي. انسان

ڏانهن ڏسو، انکي پيدا ڪرڻ، وجود بخشڻ الله جي اختيار ۾ آهي، ڏسڻ جي لاءِ اکيون هڪ آلو (اوزار) آهن، اکيون ڏيڻ ۽ انهن ۾ بينائي پيدا ڪرڻ صرف انهيءَ جي اختيار ۾ آهي، پوءِ ڏسڻ جي قدرت ڏيڻ به انهيءَ جي اختيار ۾ آهي. اک کي ڏسڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ انسان جو ڪم آهي. جڏهن اکيون کليل آهن، انهن ۾ بينائي به آهي ته ظاهر آهي جڏهن ڪابه شئي سامهون ايندي ته ڏسڻ ۾ به ايندي. ها ان شئي ۽ اک جي وچ ۾ ڪو پردو حائل ٿي وڃي ته ٻي ڳالهه آهي نه ته اهو ڪيئن ممڪن آهي ته اک کليل به هجي ان ۾ بينائي به هجي ۽ اها ڏسي نه. اهڙي طرح جڏهن دل جي اک بينا ٿي وڃي ٿي ۽ حجاب هٽي وڃي ٿو ته لطيف شيون ملائڪ، جن، عذاب و ثواب قبر، جنت و دوزخ اجمالي طور تي نظر اچڻ لڳن ٿيون. الله تعاليٰ جيڪو ڏسڻ لاءِ اصول مقرر فرمايو آهي اهوئي اصول بصيرت جي دائري ۾ به ڪم ڪري ٿو. جيئن مٿي جي اک جيڪا بصارت ڏسڻ جي لاءِ آزاد آهي، جيستائين عارضي طور تي ڪنهن حڪمت جي تحت ڪنهن شئي جي ڏسڻ کان روڪي نه ڇڏجي تيئن دل جي اک جنهن ۾ بصيرت آهي، اها لطيف شين کي ڏسڻ جي لاءِ آزاد آهي جيستائين عارضي طور تي ڪنهن حڪمت جي تحت الله تعاليٰ ڪو پردو حائل نه ڪري ڇڏي. ڪنهن ڪامل شيخ جي رهنمائي ۾ الله جو ذڪر جي ڪثرت سان جڏهين دل جي اک کلي وڃي ٿي ته ڪشف يا الهام وجدان جهڙيون نعمتون ملي وڃن ٿيون.

ڪشف و الهام تائين حواس و عقل نٿو پهچي سگهي، انڪري انهن جو انڪار به ڪيو ويندو آهي. ابن خلدون ان سلسلي ۾ ڪارائتي ڳالهه ڪئي آهي، فرمائين ٿا:

”ڪشف و علم مغيبات جو مسئلو آيات متشابهات وانگر آهي جن جو مطلب نٿو کلي ۽ صوفين جي ذوق ۽ وجدان تي انجو دارومدار آهي، جنهنکي انهن صوفين جهڙو ذوق ڪونهي اهو انهن جي لفظن کي ڪيئن ٿو حل ڪري سگهي. لغت ناهيندڙ انهن صوفين جي ڪشفيات ۽ وجدانيات لاءِ ڪي به لفظ وضع نه ڪيا آهن ته انهن سان سندن ڳالهين کي کوليو وڃي. جيئن ته اهل لغت وغيره انهن معناعن جي لاءِ لفظ وضع ڪندا آهن جيڪي حواس ظاهري

سان معلوم ٿي سگهن ٿيون. صوفياءِ ڪرام جي امور باطني جي لاءِ لفظ وضع ئي نه ڪيا ويا آهن. هاڻي جيڪو شخص انهن جي رنگ ۾ رڱجي سندن ڪلام کي شريعت جي روشني ۾ حل ڪري ته ان شخص جي خوش بختي آهي ۽ سڀ کان اعليٰ ڳالهه اها آهي ته صوفين جي ان ڪلام جي ڳجهارت کي سلجهائڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي وڃي. جيڪا ظاهري عالمن جي سمجهه کان مٿي آهي“.

ملا علي قاري  ٺيڪ فرمايو آهي ته جنهن نعمت کان انسان محروم هوندو آهي انجو انڪار ئي ڪري ڇڏيندو آهي. هاڻي اسان ڪجهه الله جي ولين جي ڪرامتن جو ذڪر ڪريون ٿا. اصحابن سڀني Σ جو ذڪر انڪري نٿا ڪريون جو ”اصحابيت“ اهو شرف آهي جو انجي مقابلي ۾ ولايت جي ڪا حيثيت ئي نه آهي.

المرشدي:

سندن اصل نالو محمد بن عبدالله بن ابي المجد ابراهيم آهي، المرشدي جي نالي سان مشهور هئا. علوم ظاهري و باطني جي تڪميل کان پوءِ يمن جي علائقي ۾ مرشدي نالي هڪ ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪيائون. هي ڳوٺ ريگستاني علائقي ۾ اهڙي جڳهه تي هو جتان حاجين ۽ قافلن جو رستو هو. علامه ابن حجر محدث ڪبير حافظ العصر ”دررڪامنه“ 464:4 تي لکيو آهي ته:

قرية صغيرة في طريق الرمل-

ريگستاني رستي تي ننڍڙو ڳوٺڙو آهي.

انهن جي ئي زباني سندن گهر جي حالت به ٻڌي وٺو. دررڪامنه 464:4

ليس له خادم ولاعرف له طباخة ولاقدر مغرقة ولا موقدنار

سندن نه ڪو نوڪر هو، نه ماني پچائڻ واري ڪا بورچياڻي هئي، نه ديگڙي هئي، نه چمچو، نه ڪو باه ٻارڻ وارو هو.

انڪان وڌيڪ بي سروساماني ٻي ڇا ٿي سگهي ٿي؟

هاڻي وَ مَنۡ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجۡعَلۡ لَّهٗ مَخۡرَجًا وَّ يَرۡزُقۡهُ مِنۡ حَيۡثُ لَا يَحۡتَسِبُ ؕ (الطلاق ۲،۳) جاڪجهه منظر ڏسو:

(1) دررڪامنه 424

كانت له احوال وهمة في خدمة الناس وضيافتهم بحيث يطعم

كلا من صغير و كبير وقليل وكثير-

ماڻهن جي خدمت ۽ انهنجي مهمان نوازي سندن خاص وصف هئي. سندن طريقو هو ته جيڪو اتان لنگهندو هو ننڍو هجي يا وڏو، ٺورا ماڻهو هجن يا گهڻا سڀني کي ماني کارائيندا هئا.

(2) امام يافعي  پنهنجا اکين ڏٺا حالات بيان ڪيا آهن ته هڪ ننڍڙو حجرو هو، جڏهن ڪوبه مسافر ايندو هو پاڻ اڪيلا ان حجري ۾ ويندا هئا ۽ ڪجهه منٽن کانپوءِ انجي مزاج ۽ خواهش جي مطابق ماني کڻي حاضر ڪندا هئا.

مراة الجنان 296:4 تي لکيل آهي ته:

ياتيہ الامراء والوزراء وغيرهم من اهل الدنيا لواجتمع عنده اكثر عسكر في الوادي لعجل اليهم في الحال ما احب من القريٰ-

انهن وٽ دنيادار امير وزير پڻ ايندا هئا، جيڪڏهن وٽن مخلوق جا لشڪر ئي اچن ها ته فوراً سندن دل پسند ماني حاضر ڪري ڏيندا هئا.

(3) حافظ ابن حجر  دررڪامنه 486:1 تي بيان ڪيو آهي ته مصر ۾ بڪتمبرالسباتي جي نالي سان هڪ تمام امير شخص هوندو هو، جنهن وٽ هڪ لک غلام هئا سندس گهوڙن جو طنبيلو 95 لک اشرفين سان تيار ٿيو هو ۽ گهوڙن جي خدمت لاءِ هڪ سئوّ سئيس مقرر هئا. اهو امير خادمن ۽ غلامن سان گڏ شيخ المرشدي جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ۽ شيخ انهن سڀني کي ماني کارائيندو هو ۽ ماني به معمولي نه هوندي هئي. حافظ صاحب لکيو آهي ته:

كان يخرج للحاضرين الاطعمة الفاخرة لايوجد الافي القاهره او دمشق- 463:4

حاضرين جي لاءِ اهڙو اعليٰ قسم جو طعام پيش ڪندا هئا جيڪو قاهره يا دمشق جهڙن وڏن شهرن کانسواءِ ڪٿي ڪونه ملي سگهندو هو

اجا وڌيڪ هي ته:

يقدم لكل احد مايقع في خاطره-

هر شخص کي سندس دل جي پسند جي مطابق ماني ملندي هئي.

ان سلسلي ۾ امام يافعي مراة الجنان 293 تي پنهنجو واقعو بيان ڪيو آهي.

كان في نفسي شهوة طعام مخصوص ماكنت ذقته في جميع عمري احضره في ذلک السماط-

وڏي عرصي کان منهنجي دل ۾ هڪ خاص قسم جي کاڌي جي خواهش هئي ۽ سڄي عمر اهو مونکي ميسر نه ٿيو هو. المرشدي اهو کاڌو پنهنجي دسترخوان تي مونکي پيش ڪيو.

(4) هڪ دفعي المرشدي حج جي لاءِ ويا شيخ اعلان ڪيو ته پوري قافلي جي اچڻ وڃڻ جو خرچ منهنجي ذمي هوندو. انجو نقشو امام يافعي  "مراة الجنان" ۾ هن طرح پيش ڪيو آهي.

ينفق كل ليلة عليهم تارة الفا وتارة اكثر وانفق في ثلاث ليالي ماقيمة الف دينار وفي خمس ليالي آخرلي ما قيمة نحوخمسة وعشرين الفا-

هڪ رات ۾ ڪڏهن هڪ هزار ۽ ڪڏهن انکان به وڌيڪ خرچ ايندو هو، ٽن راتين جو خرچ هڪ هزار اشرفيون ۽ بعد جي پنجن راتين ۾ پنجويهه هزار اشرفيون خرچ ڪيائون.

ان سلسلي ۾ به ڳالهيون قابل غور آهن، اول هيءَ ته ماني پچائڻ جو انتظام اعليٰ پيماني تي هجي، سو انجي متعلق بيان ٿي چڪو آهي ته نه ڪو خادم، نه گهرواري، نه ديڳڙي، نه چمچو، بلڪه باهه به ڪونه ٻاري ويندي هئي. ٻي هيءَ ته ڪو وڏو خزانو ساڻ هجي جنهنجو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ممڪن آهي ته ماڻهو نذرانا پيش ڪندا هجن. انهن ٻنهي ڳالهين جي متعلق به بيان پڙهو:

لم يكن يقبل لاحدشيئا-

ڪنهن کان به ڪا شئي قبول نه ڪندا هئا.

2- وكان يخدم الواردين بنفسه ولايدخلها احد غيره وغاب هنيئة واحضر لكل واحد منهم مااقترح-

مسافرن جي خدمت پاڻ ڪندا هئا، ان ڪمري ۾ ڪانئن علاوه ڪوبه داخل نه ٿيندو هو. ٿوري دير جي لاءِ اندر ويندا هئا ۽ هر ماڻهو جي خواهش جي مطابق ماني حاضر ڪري ڏيندا هئا.

انهن ٻن دنيا جي سببن کانسواءِ ڪابه ٽئين صورت باقي نٿي

رهي مگر علامه ابن تيميه هڪ ٻيو احتمال پيش ڪيو آهي. شيخ المرشدي علامه موصوف جا همعصر هئا، جڏهن شيخ جا حالات ٻڌائوِن ته چوڻ لڳا ته جن اهي ڪاڏا آڻيندا هوندا. الائي ڇو علامه موصوف اهو نه سجهيو ته الله تعاليٰ قادر آهي ۽ ان اعلان ڪيو آهي ته ويرزقه من حيث لايحتسب ۽ ان حضرت عيسيٰ ؑ جي لاءِ مانيون آسمان تان نازل ڪري ڇڏيون هيون ۽ حضرت مريم عليها السلام کي بي موسم جا ميوا بغير ڪنهن ظاهري واسطي جي پهچائيندو هو. علامه جي ان عقلي احتمال جي خود سندن ئي هڪ قول ترديد ڪري رهيو آهي. ڪتاب النبوة صفحه 265 تي لکن ٿا:

من يكون اخبره عن شياطين تخبره لايكاشف اهل الايمان والتوحيد واهل القلوب المنورة بنورالله بل يهرب منهم يعترف انه لايكاشف هولاء وامثالهم فاهل الايمان والاخلاص لاسلطان له عليهم ولهذا يهربون-

جن ماڻهن کي شياطين الجن خبرون پهچائيندا آهن، انهن جي متعلق معلوم هجڻ گهرجي ته ارباب ايمان، اصحاب توحيد ۽ روشن ضمير ماڻهو جن جون دليون انوار خداونديءَ سان منور هجن شياطين الجن انهن کان پري ڀڄندا آهن. انهن جي دل جي ڳالهين کان شياطين واقف نٿا ٿي سگهن، اهل ايمان ۽ مخلص ماڻهن تي شياطين غالب نٿا ٿي سگهن بلڪه انهن کان ڀڄن ٿا.

ظاهر آهي ته جڏهن الله جي ولين کان شياطين الجن پري ڀڄن ٿا ۽ انهن جي دلين جي حالات کان واقف نٿا ٿي سگهن ته انهن جي خدمت ڪيئن ٿا ڪري سگهن. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڇا شيخ موصوف ۾ انهن صفتن جو موجود هجڻ ثابت آهي. امام يافعي  مراة الجنان ۾ صفحي 291:4 تي لکن ٿا:

الشيخ الكبير الولي الشهير ذوالعجائب العظيمة والكرامات الكريمة والهمم العالية والشمائل المرضية المكاشفات الجلية والاٰيات الباهرة والانوار الظاهرة-

شيخ ڪبير مشهور ولي الله، عظيم عجائبات جا مالڪ، وڏين وڏين ڪرامتن وارا، بلند همت وارا، اعليٰ صفتن جا مالڪ، وڏن وڏن مڪاشفن ۽ واضح انوار ۽ وڏين ڪرامتن جا مالڪ هئا.

امام ذهبي جي زباني المرشدي جا حالات پڙهو. حالانڪه امام ذهبي صوفين جا سخت مخالف هئا. علامه ابن حجر ”دررڪامنه“ ۾ امام ذهبي جي حوالي سان نقل ڪيو آهي:

ڪان يتڪلم علي الخواطر وڪان قليل الدعويٰ وعديم الشطع حسن المعتقد-

ماڻهن جي دلين جا حال ٻڌائيندا هئا. وڏائي جي دعويٰ نه هئن ۽ سٺي عقيدي جا مالڪ هئا.

معلوم ٿيو ته شيخ المرشدي انهن صفتن جا مالڪ هئا جن وٽ شياطين الجن نه اچي سگهندا هئا، تنهنڪري امام يافعي  علامه جي جواب ۾ لکيو آهي:

فان الجان ليس لهم اطلاع عليٰ خواطرالناس وعليٰ بواطن العباد وما خطرفي بواطنهم نعوذ بالله من سوء الاعتقاد-

جنن کي ماڻهن جي دلين جا حال معلوم نٿا ٿي سگهن نه انهن جي اندر ڪان اهي واقف ٿي سگهن ٿا الله تعاليٰ ان بد اعتقادي ڪان پناه ۾ رکي.

تنهنڪري علامه ابن تيميه جو عقلي احتمال سندن ئي بيان ڪيل قانون جي مطابق غلط ثابت ٿيو. جيستائين دل جي منور هجڻ جو تعلق آهي، انجو تفصيل هي آهي ته جنهن شخص جا لطيفا روشن ٿي راسخ (پختا) ٿي وڃن. پوءِ مراقبات ثلاثه راسخ ٿي وڃن ته جن انتي قبضو نٿا ڪري سگهن ۽ شيطان انڪان پڄندا آهن. ان وقت عارف جو سينو آسمان وانگر ٿي وڃي ٿو ۽ لطائف جا انوار تارن وانگر ٿي وڃن ٿا ته جهڙي طرح الله تعاليٰ تارن کي رجوماللشياطين بڻايو آهي اهڙي طرح الله جي ذڪر سان جڏهن عارف جو سينو منور ٿي وڃي ٿو ته شيطان ۽ جن انڪان پڄي وڃن ٿا. پوءِ المرشدي جهڙي ڪامل عارف وٽ جن اچن ۽ ماڻهن جي دلي خواهش جي مطابق کاڌو آڻين، پلا ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ تنهنڪري اها جنن جي ڪاروائي نه پر شيخ جي ڪرامت آهي.

آخر ۾ هڪ ٻيو واقعو به بيان ڪري ٿا چڏيون ته المرشدي وٽ مصر جو بادشاه الناصر ايندو رهندو هو. علامه عبدالرئوف مناوي ۽ ابن بطوطه انکي چشم ديد واقعي جي طور لکيو آهي.

2: محمد بن حمزه:

سندن اصلي نالو شمس الدين هو. پاڻ روحاني طبيب هجڻ سان گڏوگڏ طب جسماني ۾ به ماهر هئا، فن طب ۾ سندن تصانيف به ملن ٿيون. طب ۾ سندن ريسرچ به ڪرامت جي قبيلي سان آهي. جامع ڪرامات اولياءَ الله 274:1

1- ان الاعشاب كانت تناديه وتقول اناشفاء من مرض الفلاني-

جڙيون ٻوٽيون کين سڏ ڪري ٻڌائينديون هيون ته اسان فلاڻي مرض جي دوا آهيون.

2- سلطان محمد فاتح جڏهن قسطنطنيه تي حملو ڪرڻ ٿي چاهيو ته شيخ کي جهاد ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني. شيخ، سلطان جي قاصد احمد پاشا کي چيو ته فلاڻي ڏينهن، فلاڻي تاريخ ، ڏينهن جو يارهين بجي قلعو فتح ٿي ويندو.

فقال الشيخ سيدخل المسلمون القلعة في موقع الفلان في اليوم الفلان وقت ضحوة الكبريٰ-

شيخ فرمايو ته فلاڻي جڳهه، فلاڻي ڏينهن، ڏينهن جو يارهين بجي جي قريب مسلمان قلعي ۾ داخل ٿي ويندا.

اتفاق ڏسو ته وقت اچي ويو مگر قلعي جي فتح ٿيڻ جي ڪا صورت نظر نه ٿي آئي. شيخ جي اولاد مان هڪ ماڻهوءَ کي فڪر ٿيو ته شيخ جي ڳالهه پوري نه ٿي ته ممڪن آهي بادشاه شيخ تي سختي ڪري، اهو ڊوڙندو شيخ جي خيمي ڏانهن ويو. اندر جهاتي پاتائين ته ڏنائين ته شيخ مٿي اگهاڙا آهن، سجدي مان مٿو ڪنيو اٿن ۽ چئي رهيا آهن:

الحمد لله الذي فتحنا الله فتح القلعة قال فنظرت الي جانب القلعة فاذا العسكر قددخلوا باجمعهم ففتح الله تعاليٰ ببركة دعائه وكانت دعوة تخترق السبع الطباق-

الله جو احسان آهي جو ان قلعي جي فتح نصيب فرمائي. قاصد چئي ٿو ته مون مڙي قلعي ڏانهن ، ڇا ٿو ڏسان ته فوج قلعي ۾ داخل ٿي چڪي آهي. شيخ جي دعا جي برڪت سان قلعي جي پٽ ڦاٽي ڪري پيئي ۽ قلعو فتح ٿي ويو. شيخ جي دعا آسمان کي چيريندي مٿي

پئي ويئي ته قلعو فتح ٿي ويو.

ان فتح ڪانپوءِ شيخ کي درخواست ڪئي ويئي ته حضرت ابوايوب انصاري  جو مدفن (دفن جو هنڌ) ڳولي ڏين. پاڻ فرمايائون فلاڻي جڳهه تي انوار نظر پيا اچن پوءِ مراقبو ڪيائون ۽ فرمايائون ته هيءَ جڳهه آهي ۽ حضرت جي روح سان گفتگو ٿين، پاڻ پهريائين ته فتح جي مبارڪباد ڏنائون. پوءِ چيائون ته شڪر آهي ڪافرن جي قبضي کان مونکي ڇڏايو اٿؤ. جڏهن سلطان محمد فاتح کي ان جو علم ٿيو ته حاضر ٿي عرض ڪيائون ته توهانجي ڳالهه تي يقين آهي پر اطمينان لاءِ ڪا نشاني ٻڌايو. پاڻ فرمايائوّن ته هيءَ جڳهه قبر جي سيراندي آهي، ٻه هٿ زمين کوٽيو، هڪ اڇو پٿر نڪرندو، انتي عبراني يا سرياني زبان ۾ ڪجهه لکيل آهي.

فلما حضروا مقدار ذراعين ظهر رخام عليه خط فقرء من يعرفه وفسره فاذا هو ماقرره الشيخ فتحير السلطان وغلب عليه الحال حتي كاد يسقط لولا اخذوه-

جڏهن انهن ٻن هٿن جيتري زمين کوٽي، هڪ پٿر نڪتو. جيڪو شخص اها زبان ڄاڻندو هو ان پڙهي مطلب ٻڌايو، اهائي ڳالهه هئي جيڪا شيخ ٻڌائي هئي. بادشاه ششدر رهجي ويو. انتي اهڙي حالت طاري ٿي جو ڪرڻ لڳو پر ماڻهن کيس سنڀالي ورتو.

بادشاه ان جڳهه تي مسجد ٺهرائي، ۽ شيخ جي رهڻ لاءِ حجرا ٺهرايا ۽ درخواست ڪئي ته شيخ اتي ئي رهن. پر شيخ انڪار ڪري ڇڏيو ته آئون پنهنجي شهر ۾ رهندس.

3: عمر بن مبارڪ :

پاڻ ولي الله، صالح، متقي خوش الحان واعظ هئا. ڪفاية المعتقد صفحي 414 تي سندن متعلق هڪ واقعو لکيل آهي.

هڪ دفعي حج تي ويا. روضي اطهر تي حاضر ٿي حضور  جي نعت ۾ قصيدو پڙهيائون پوءِ شيخين رضي الله عنهما جي مدح ۾ قصيدا پڙهيائون. جڏهن فارغ ٿيا ته هڪ ماڻهو آيو، عرض ڪيائين منهنجي گهر هلو توهانجي دعوت ڪريان ٿو. پاڻ هليا ويا، جڏهن ڪمري جي اندر ويٺا ته ان تلوار ڪڍي ۽ چيو:

فقال الرافضي اختر اماقطع راسک اولسانک الذي مدحت به الفاعلين الصانعين وشتم وسب فقطع لسانه فاخذه وجاء به الي القبرالشريف وتضرع ونام فراء المصطفيٰ ً في النوم فاعاده فانتبه فوجده کما کان-

رافضي چيو چاهين ته تنهنجو ڪنڌ ڪاٽيان ۽ چاهين ته زبان جنهن سان تو ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنهما جي مدح ڪئي آهي، پوءِ انهن کي گاريون ڏنائين ۽ سندن زبان وڍي سندن هٿ ۾ ڏنائين. پاڻ روضي شريف تي حاضر ٿيا، رنا، ڪين ننڊ اچي ويئي ڏٺائون ته حضور اڪرم  وڍيل ٽڪري کي اصل جاءِ تي رکي جوڙي ڇڏيو. جاڳيا ته زبان بالڪل درست هئي.

ٻئي سال وري ويا. ۽ ساڳيءَ طرح قصيدا پڙهيائون. هڪ ماڻهو آيو، دعوت ڏنائين ۽ گهر وٺي ويو. سڃاڻي ورتائون ته گهر ته ساڳيو گذريل سال وارو آهي. خير، ماني کاڌائون، پوءِ اهو ماڻهو کين هڪ ڪمري ۾ وٺي ويو ڏٺائوِن ته هڪ باندر ٿنڀ سان ٻڌو پيو آهي. ان شخص ٻڌايو ته هيءُ منهنجو والد آهي، جنهن توهانجي زبان ڪاٽي هئي، انهيءَ ئي رات سندس شڪل مسخ ٿي ويئي ۽ اسان کيس هتي ٿنڀ سان ٻڌي ڇڏيو ۽ آئون شيعه مذهب کان تائب ٿيس. توهان الله کان هن جي لاءِ دعا گهرو ته هنجي شڪل وري انساني صورت ۾ بدلجي وڃي. پاڻ خاموش ٿي ويا ۽ اتان واپس هليا آيا.

اهي ٻئي واقعا خرق عادت آهن ۽ ولي الله جون ڪرامتون آهن.

4: محمد بن يوسف بولاقي:

سندن خدمت ۾ هڪ عورت آئي ته حبشين جي هڪ جماعت منهنجو ٻار ڦري ورتو آهي ۽ هاڻي ٻيڙي ۾ چاڙهي سمنڊ ۾ وڃي رهيا آهن. پاڻ جهاز وارن کي آواز ڏنائون ته ٻار سندس ماءُ کي واپس ڪريو، پر ڪير ٻڌي.

ثم قال يا سفينة قفي فوقفت ثم مثيٰ علي الماء واخذ الصبي من السفينة واحضره الي امه-

پوءِ پاڻ فرمايائون اي ٻيڙي بيهي رهه. ٻيڙي بيهي رهي. پاڻ سمنڊ ۾ داخل ٿي ٻيڙي ڏانهن هلڻ لڳا جيئن ڪو سڪل زمين تي

هلندو آهي. پيڙي ۾ پهچي پار ڪي جهليائون، انکي وٺي واپس ڪناري تي آيا ۽ سندس ماءُ جي حوالي ڪيائون.

5: ابو الغيث بن جميل : 

پاڻ هڪ دفعي پنهنجي مرشد جو گڏه ڪاهي جهنگ مان ڪاٺيون ڪرڻ ويا. جهنگ ۾ شينهن آيو ۽ گڏهه کي کائي ويو. پاڻ شينهن کي ڪن کان جهلي ڪاٺيون انتي رکيون ۽ چيائون:

احمل حطبي علي ظهرک فحملھ حتي بلغ المدينة فانزله وقال اخرج واياک ان تضراحدا حتي ترجع موضعک-

آئون تنهنجي پٺيءَ تي ڪاٺيون رکندس. پوءِ ان تي ڪاٺيون رکي روانا ٿيا جڏهن شهر ۾ پهتا ته ڪاٺيون لاٿائون ۽ فرمايائون هليو وڃ، پنهنجي جڳه تي پهچڻ تائين ڪنهن شيءِ کي نقصان نه رسائج.

6: عامر بن عبدالله : 

هڪ قافلو ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. رستي ۾ هڪ جهنگ مان گذر ٿيو، هڪ شينهن آيو ۽ قافلي جو رستو روڪي ڇڏيو. ايتري ۾ عامر بن عبدالله  جو اتان گذر ٿيو.

فقال مالکم؟ قالو الاسد فمراليه ووضع يده علي فمه فمرت القافله-

پڇيائون ڇو بيهي رهيا آهيو؟ قافلي وارن چيو ته شينهن روڪي ڇڏيو آهي. پاڻ شينهن وٽ ويا پنهنجو هٿ انجي منهن تي رکيو ۽ قافلو خيريت سان لنگهي ويو.

7: شيبان راهي : 

هڪ دفعي حضرت سفيان ثوري  شيبان راهي  سان گڏ حج تي ويا. رستي ۾ هڪ شينهن سامهون اچي ويو. سفيان ثوري  ڇوڻ لڳا ته شيبان شينهن ته ويجهو پهچي ويو آهي. فرمايائون ڇا ٿيو اهو به هڪ ڪتو آهي.

فلما سمع الاسد کلام شيبان فبصبص وحرک ذنبه مثل الکلب

فالتفت اليه شيبان وعرک اذنه فقلت له ماهذه الشهرة فقال واي شهرة هذه يا ثوري لولا كراهية الشهرة ماحملت زادي اليٰ مكة الاعلي ظهرة (جامع ڪرامات 127:1)

جڏهن شينهن شيبان  جي ڳالهه ٻڌي ته مٿو جهڪائي ڇڏيو ۽ ڪني وانگر پڇ لوڏڻ لڳو. شيبان  ان ڏانهن متوجه ٿيا، شينهن کي ڪن کان جهلي ورتو. سفيان ثوري  فرمايو شيبان اها ڪهڙي شهرت آهي؟ فرمايائون، ڪهڙي شهرت ثوري! جيڪڏهن مونکي شهرت ناپسند نه هجي ها ته مان پنهنجو زاد سفر (سفر جو سامان) هن جي پٺي تي رکي مڪي تائين وٺي وڃان ها.

8: شيخ عبدالقادر جيلاني:

(فتاوي الحديثيه صفحه 174، فيض الباري 16:2 ۽ قلائدالجواهر 37:3)

مما علمنا بالسند الصحيح المتصل ان الشيخ عبدالقادر الجيلاني اكل دجاجة ثم لما لم يبق غير العظم توجه الي الله في احيائها فاحياها الله اليه وقامت تجري بين يديه كما كانت قبل ذبحها وطبخها- (فتاوي الحديثيه)

اسانکي سند صحيح متصل سان اهو معلوم ٿيو ته شيخ ڪڪڙ جو گوشت کاڌو. پوءِ انجي سپني هڏين کي گڏ ڪري الله تعاليٰ کي عرض ڪيو ته اها جيئري ٿي وڃي چنانچه اها زنده ٿي وئي ۽ گهمڻ ڦرڻ شروع ڪري ڏنو، جيئن اها ذبح ٿيڻ ۽ پچڻ کان اڳ هئي.

۽ جامع ڪرامات (203:2) ۾ اهو واقعو هن طرح بيان ٿيو آهي ته:

فوضع يده علي العظام وقال قومي باذن الله فقامت-

پاڻ ڪڪڙ جي هڏين تي هٿ رکيائون ۽ چيائون الله جي حڪم سان اٿي کڙي ٿيءُ. چنانچه اها اٿي بيهي رهي.

2- شيخ جي مجلس وعظ جو واقعو (فيض الباري 16:2 ۽ خزينة الاسرار صفحو25):

انه كان يذكر الناس اذجائت حديا تصيح حتي شوشت علي الشيخ كلامه فدعاعليه وقال قطع الله عنقک فسقطت علي

الارض ميتة من ساعتها ثم اذا فرغ من الوعظ قام ورٰاها ميتة في فناء المسجد فقال قم باذن الله فطارت-

پاڻ وعظ ڪري رهيا هئا ته هڪ سرڻ گوڙ ڪندي آئي ۽ سندن ڳالهه ۾ رڪاوٽ وجهڻ لڳي. سندن زبان مان نڪتو خدا تنهنجو ڪنڌ ڪپي، هڪدم زمين تي ڪري پيئي ۽ مري ويئي. جڏهن پاڻ فارغ ٿيا ته مسجد جي اڱڻ ۾ انکي مئل ڏٺائون. پاڻ فرمايائون الله جي حڪم سان اٿي ڪڙي ٿيءُ چنانچه اها زنده ٿي اڏامي ويئي.

حضرت انور شاه ڪاشميري  اهو واقعو بيان ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي زماني جي هڪ ولي الله جو واقعو لکيو جنهن سان سندن ملاقات به ٿي.

هكذا جاء رجل في بجنور فقطع عنق طائر حتي فصلها بين اعين الناس ثم ضمها فكانت كما كانت قبلہ واحي الطائر وزارني هذا الرجل

هڪ ماڻهو بجنور ۾ آيو ۽ ماڻهن جي سامهون ان هڪ پکي جو ڪنڌ ڪپيو ۽ وري انکي جوڙي ڇڏيو. پکي زنده ٿيو ۽ اڏامي ويو. ان شخص سان مون ملاقات ڪئي.

9: ذوالنون مصري :

”حلية الاولياء“ ۾ تاج المحدثين ابو نعيم  بيان ڪيو:

خرجت الي شطر نيل مصرفرائيت امراة تبكي وتصرخ فادركها ذوالنون فقال لها مالک تبكين فقالت كان ابني وقرة عيني علي صدري فخرج تمساح فاستلب مني ولدي قال فاقبل ذوالنون علي الصلوة فصليٰ ركعتين فدعا بدعوات فاذاتمساح خرج من النيل والولد معه ودفعه الي امه- (366:9)

آئون نيل ندي جي ڪپ تي ويس. ڏٺم هڪ عورت دانهون ڪري پيئي روئي. ذوالنون ان وٽ ويو ۽ پڇيائين ڇو پيئي روئين؟ ان چيو منهنجو ٻچڙو منهنجي اکين جي ٺڌاڻ منهنجي سيني سان چُهٽيل هئو، مانگرمڇ آيو ۽ ڦُري هليو ويو. ذوالنون ٻه رڪعتون نماز

پڙهي  خدا کان دعا گهري. ڇا ٿو ڏسان ته مانگر مڇ درياء مان نڪتو ۽ ٻار کي صحيح سلامت ٻاهر رکي ڇڏيائين. ذوالنون ٻار ماءُ جي حوالي ڪري ڇڏيو.

ذوالنون  جي نالي رکڻ جو سبب به هڪ ڪرامت آهي.

پاڻ هڪ ٻيڙي ۾ سوار ٿي درياءُ پار ڪري رهيا هئا، ڪنهن جو هڪ قيمتي موتي گم ٿي ويو. حقيقت ۾ اهو درياء ۾ ڪري پيو هو، ان ذوالنون کي چور قرار ڏنو. پاڻ قسم کنيائون پر مالڪ اعتبار نه ڪيو.

فلما اضطر توجه ساعة فاتي حوت من البحر بذالک الجوهر-

جڏهن پاڻ پريشان ٿيا ته الله تعاليٰ ڏانهن متوجه ٿيا ۽ پنهنجي بيوسي پيش ڪيائون. ايتري ۾ درياء مان هڪ مڇي اهو موتي کڻي ٻاهر اچي ويئي.

ان ڪري سندن نالو ئي ذوالنون يعني مڇيءَ وارو پئجي ويو.

## 10: غوث يوسف همداني بغدادي :

ابن خلڪان پنهنجي تاريخ ۾ هيءُ واقعو بيان ڪيو آهي ۽ ڪتاب ”المشروع الدوي“ ۾ به موجود آهي. جامع ڪرامات اولياءَ الله 529:2 تي هن طرح بيان ٿيو آهي:

امام ابو سعيد عبدالله بن عصرون بيان ٿا ڪن ته هڪ دفعي آئون ۽ عبدالقادر جيلاني ۽ علامه ابن سقا، يوسف همداني جي ملاقات لاءِ گهران نڪتاسين. رستي ۾ اسان ابن سقا کان پڇيو ته تون ڪهڙي غرض سان پيو هلين؟ ان چيو ته آئون غوث کان اهڙو سوال پڇندس جنهنجو هو جواب نه ڏيئي سگهندو پوءِ اسان ٽنهي پنهنجو پنهنجو مقصد ظاهر ڪيو.

فقال ابن السقاء لاسئالہ مسئلة لابيري جوابها-

فقال عبدالقادر معاذالله ان اسئلہ شيئاً وانا بين يليہ يليہ انتظر برکة-

وقال ابن عصرون انا اسائلہ مسائلة وانظر ماذا يقول-

ابن سقا چيو ته آئون شيخ کان اهڙو سوال پڇندس جو هو

جواب نه ڏيئي سگهندو.

شيخ عبدالقادر چيو اهڙو سوال پڇڻ کان خدا جي پناه! مان سندن پر ۾ ويهي فيض و برڪت جو انتظار ڪندس.

ابن عصرون چيو ته مان هڪ درخواست ڪندس ۽ ڏسندس ته پاڻ ڇا ٿا فرمائين؟

اها درخواست هئي ته غربت دور ٿئي.

ابن السقاء کي شيخ فرمايو:

اني لاري نارالکفر تتلهب فيک

آئون ڏسان ٿو ته تنهنجي اندر ڪفر جي باه شعلا پيئي هڻي.

بعد جي واقعن مان اها ڳالهه صحيح ثابت ٿي. ابن السقاء روم جي بادشاهه جي سڏ تي مناظري جي لاءِ ويو، بادشاه کائنس ڏاڍو خوش ٿيو. بادشاه جي ڌيءَ تي عاشق ٿي پيو. شاديءَ جي درخواست ڪيائين، بادشاه چيس ته عيسائي ٿيءُ. هي عيسائي ٿيو، پر بيمار ٿي پيو. عيسائين بازار ۾ اڇلائي ڇڏيو. ماني گهرندو وتندو هو، آخر موت ويجهو اچي ويو. اتفاق سان ڪنهن واقفڪار جو اتان گذر ٿيو، ان ڪيس سڃاڻي ورتو. ڏٺائين ته مري رهيو آهي، سندس منهن قبلي ڏانهن ڪيائين، پر ڏٺائين ته فوراً پاسو ڦريس ۽ پٺي قبلي ڏانهن ٿي پيس. پوءِ ان پڇيس ته قرآن ياد اٿئي؟ چيائين بس ايترو ياد اٿم ته ”يود الذين ڪفروالوڪانو مسلمين“ انهيءَ حالت ۾ مري ويو ۽ جهنم ۾ داخل آهي. الله جي ولين جي توهين جو اهڙو ئي انجام ٿيندو آهي.

شيخ عبدالقادر  جي حق ۾ غوث فرمايو ته ڪو وقت ايندو جڏهن تون جامع بغداد ۾ منبر تي ويهي چوندين ته هي منهنجو قدم سڀني ولين جي ڪنڌن تي آهي. آخر ائين ئي ٿيو، ۽ پاڻ برسر منبر چيائون قدمي هذه علي رقبة ڪل ولي الله-

ابن عصرون پنهنجي متعلق بيان ڪن ٿا:

فاحضرني السطان نورالدين شهيد واکرمني علي ولاية الاوقاف فوليتها واقبلت الدنيا اقبالا ڪثيرا فصدق الغوث فينا کلنا-

آئون دمشق ۾ سلطان نورالدين شهيد وٽ آيس. ان مونکي

وزارت اوقاف سونپي ۽ مون وٽ دولت جي اچ وڃ ٿيڻ لڳي.

غوث اسان ٿنهي جي متعلق جيڪو فرمايو هو اهو صحيح ثابت ٿيو.

المشروع الدوي ۾ آهي ته هي قصو متواترات سان ثابت آهي خبر واحد نه آهي جو انڪار ٿي سگهي.

11: حضرت ابراهيم دسوتي:

پاڻ قطب هئا. وٽن هڪ عورت روئندي آئي ته منهنجي ٻار کي مانگرمڇ  کائي ويو آهي. پاڻ درياء جي ڪناري تي آيا ۽ آواز ڏنائون:

يامعشرالتماسيح من ابتلع الصبي فليطلع به فتطلع وحشي الي الشيخ فامره ان يلفظ فلفظہ حيا-

اي مانگرمڇؤ! جنهن ٻار ڳهيو آهي ظاهر ڪري. هڪ مانگرمڇ نڪتو ۽ شيخ ڏانهن آيو. شيخ کيس حڪم ڏنو ته ٻار کي ڪڍ، جانور زنده ٻار ٻاهر ڪڍيو.

12: ولين جي ڪرامتن مان هڪ وڏي ڪرامت ڪلام بالموتي يا ڪلام بالارواح آهي. ان جي متعلق جامع ڪرامات اولياء 409:2 تي درج آهي:

ان الاجتماع مع النبي  ﷺ كرامة من اعظم الكرامات ومن اعلي المقامات ومن نعم الله تعاليٰ-

سڀ کان وڏي ڪرامت نبي ﷺ جي دربار ۾ حاضري ۽ سندن معيت آهي. ۽ اها سلوڪ جي اعليٰ مقامات منجهان آهي ۽ اللّٰه جي نعمت آهي.

اها نعمت سيني وڏن ولين کي عطا ٿيندي رهي آهي. بفضل اللّٰه تعاليٰ اسانجي سلسلي جي گهڻن رفيقن کي اها نعمت عطا ٿي آهي. روحن سان ڪلام ڪرڻ وارن اسانجي رفيقن جو تعداد سوَن تائين پهچي چڪو آهي.

الحمد الله عليٰ نعمائه

***

باب ٽيويھون

# سلسلو اويسيه

ھن وسيع ڪائنات ۾ الله تعاليٰ انسان کي لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِیْٓ اَحْسَنِ تَقْوِیْمٍ (التين ـ ٤) ۽ وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِیْٓ اٰدَمَ (بني اسرائيل ـ ٧٠) جو شرف عطا فرمائي اشرف المخلوقات جي مقام تي فائز ڪيو ۽ انکي خلافت ارضي جو وڏو منصب سونپيو. ھونئن ته الله تعاليٰ جي نعمتن جو ڳاڻيٽو نه آھي پر انسان کي جنھن نعمت سان نوازيو ويو اھا نبين سڳورن 8 جي ذريعي ھدايت جو سامان آھي. حضور اڪرم  جي بعثت سان گڏ الله تعاليٰ جتي اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِیْ (المائده ـ ٣) جو اعلان فرمايو اتي ايمان وارن کي پنھنجو ھي احسان به ياد ڏياريو ته لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ (آل عمران ـ ٦٤) ۽ ان احسان جي تفصيل ۾ ھي فرمايو ته ھن آخري رسول  جي ذريعي الله جي ان نعمت کان مستفيد ٿيڻ جي ھڪ صورت اھا مقرر ڪئي ته ھي رسول  انھن جو تزڪيه باطن ۽ انھن جي روحاني تربيت ڪري ٿو. حضور اڪرم  آيتن جي تلاوت ۽ ڪتاب وحڪمت جي تعليم سان گڏ پنھنجي جليل القدر شاگردن يعني اصحاب سڳورن رضي الله عنھم جي ائين تربيت ڪئي ۽ تزڪيه باطن جا اھي نمونا پيدا ڪيا جو رھندي دنيا تائين انجو مثال نٿو ملي سگھي. جيئن تعليم ڪتاب ۽ تدوين شريعت جو ھي سلسلو اصحاب سڳورن رضي الله عنھم جي جماعت کان اڳتي منتقل ٿيندو ھليو آيو، اھڙي طرح تزڪيه باطن ۽ تربيت روحاني جو طريقو به اصحاب سڳورن رضي الله عنھم حضور اڪرم  کان سکي ڪري ايندڙ نسلن تائين پھچايو ۽ مختلف وقتن جي گھرجن مطابق حديث ۽ فقه جي تدوين وانگر تزڪيه وتربيت واري پاسي جي تدوين منظم صورت ۾ عمل ۾ آئي. سڀ کان اڳ ته اھا صورت

هئي جو اصحابي  يا تابعي  جتي پهتو، معاشري جي تربيت شروع ڪري ڏني. بعد ۾ دين جو هي پاسو جڏهن منظم ٿيو ته تربيت وتزڪيه جا چار وڏا سلسلا اسان وٽ رائج ۽ مقبول ٿي ويا، جنکي قادريه، نقشبنديه، سهرورديه ۽ چشتيه چون ٿا. انهن سلسلن ۾ روحاني تربيت جو بنيادي اصول هڪڙو ئي رهيو آهي ۽ اهو آهي الله جي ذڪر جي ڪثرت، البت الله جي ذڪر جي طريقن ۾ هر صاحب سلسله مختلف رنگ اختيار ڪيا، اهڙي طرح طريقيڪار ۾ جزوي اختلاف جي سبب ڪري چار وڏا طريقا مسلمانن ۾ رائج ٿي ويا. ممڪن آهي ته طريقن تربيت ۾ اختلاف آب وهوا، مزاج ۽ طبائع (طبيعتن) جي اختلاف جي ڪري انتخاب ڪيو ويو هجي، جيئن هڪ ماهر طبيب هڪڙي ئي دوا مخلتف مزاج وارن مريضن کي مخلتف صورتن ۾ ڏيندو آهي.

انهن چئني سلسن ۾ ٻه پاسا هميشه ڌيان ڇڪيندڙ رهن ٿا. اول هيءُ ته ان سلسلي ۾ باطني تربيت جو طريقو ڇا آهي؟ ٻيو هيءُ ته ڪنهن سلسلي جي شيخ کي اهو فن حضور اڪرم  کان ڪهڙن واسطن سان پهتو. انهيءَ ڳالهه تي نگاه رکندي هيءَ ڳالهه لازماً سامهون اچي وڃي ٿي ته هر شيخ اهو فن پنهنجي شيخ جي صحبت ۾ رهي ڪري انکان سکيو هوندو ۽ انجي شيخ کيس هڪ خاص درجي تائين تربيت ڪرڻ کانپوءِ ٻين جي تربيت ڪرڻ جي اجازت ڏني هوندي. ان اجازت نامي کي صوفين جي اصطلاح ۾ ”خرقو“ چون ٿا. خواه انجي صورت ڪهڙي به هجي. جيڪڏهن ڪنهن شيخ بابت اهو معلوم ٿي وڃي ته هن ڪنهن ڪامل کان انجي صحبت ۾ رهي فيض حاصل نه ڪيو آهي ۽ اجازت نامو نه ورتو آهي ته انجو سلسلو منقطع ڳڻيو ويندو آهي ڇوته ان ۾ اتصال ۽ تعلق نٿو ملي.

بظاهر هيءَ ڳالهه قاعدي ڪليه جي صورت ۾ سامهون اچي ٿي، حقيقت ۾ اهو قاعدو اڪثريه ٿي سگهي ٿو، پر قاعدو ڪليه نه آهي، ڇوته اڳ ۾ ته روحاني تربيت روح جو معاملو آهي ۽ روح کان فيض وٺڻ يا فيض جاري ڪرڻ جو مدار بدن سان ملڻ تي نه آهي، ان جا مثال صوفين سڀورن ۾ جڳه جڳه تي ملن ٿا. مثلاً ابوالحسن

خرقاني  ڪي حضرت بايزيد بسطامي  کان روحاني فيض به مليو، تربيت جي اجازت به ملي ۽ سندن خليفه مجاز بڻيا، حالانڪه بايزيد بسطامي  کانئن تقريباً هڪ سئو سال اڳ ۾ دنيا مان موڪلائي چڪا هئا جنهن مان صاف ظاهر آهي ته ابوالحسن خرقاني  پنهنجي شيخ حضرت بايزيد بسطامي  جو نه زمانو ڏٺو، نه انجي صحبت ۾ رهيا، نه کانئن تربيت واجازت ملي، ته پوءِ انجي صورت ان کانسواءِ ڇا ٿي سگهي ٿي ته سندن روح کان فيض ۽ خرقو حاصل ڪيائون.

روح کان فيض حاصل ڪرڻ ڪي صوفين جي اصطلاح ۾ ”اويسي طريقو“ چون ٿا، انمان اها مراد نه آهي ته اهو سلسلو حضرت اويس قرني  سان ملي ٿو، پر ”اويسيت“ مان مراد مطلق روح کان فيض حاصل ڪرڻ آهي. جيئن ته روح کان فيض وٺڻ ۽ اِجرائي فيض ٻئي صورتون ٿين ٿيون، انڪري اويسي سلسلي جون اهي ئي ٻئي خاصيتون آهن. ان اصطلاح ڪي حضرت اويس قرني  سان جيڪڏهن ڪا نسبت ٿي سگهي ٿي ته شايد انڪري جو پاڻ حضور نبي ڪريم  جي صحبت ۾ رهي تربيت حاصل نه ڪئي هئائون، پر حضور  جي روح پر فتوح کان فيض ورتو هئائون. انڪري ڇئي سگهجي ٿو ته پاڻ پهريان اويسي هئا.

اسانجي سلسلي جو نالو نقشبديه اويسيه آهي، جنهنجو مطلب اهو آهي ته آئون پنهنجي شاگردن جي تربيت نقشبندي طريقي مطابق ڪريان ٿو. ۽ مون پنهنجي محبوب شيخ  جي روح کان اخذ فيض ۽ اجازت ورتي آهي. منهنجي ۽ منهنجي شيخ مڪرم  جي وچ ۾ تقريباً 400 سالن جو مفاصلو آهي، مون انهيءَ اويسي طريقي سان پنهنجي شيخ جي روح کان فيض به حاصل ڪيو، خلافت به ملي. ۽ بحمدللّٰه منهنجي محبوب شيخ جو فيض هن وقت دنيا جي گوشي گوشي ۾ پکڙجي رهيو آهي.

حضرت شاهه ولي اللّٰه  همعات جي صفحي 86 تي اويسي سلسلي جي خاصيتن جو ذڪر فرمايو آهي:

1: اين فقيررا آ گاه کرده اند که طريقه جيلانيه بمنزله جوئي است که مسافتي برزمين ميرود ومسافتي ديگر درزمين

مستترمي گردد ودرمسام زمين نفوذ ميکند. بعد ازان بوضع چشمه باز ظاهر مي شود ومسافتي برروئي زمين مي رود ثم هکذا.

وتسلسل خرقه درين طريقه اگر متصل است اماتسلسل اخذ نسبت درين طريقه متصل نيست يک بار سلسله ظاهر ميشود بعد ازان مفقود ميگرد و باز بطريق اويسية ازباطن کسي ظهور مي نمايد اين طريقه بحقيقت همه اويسيه است ومتوسلان اين طريق در روحانيان علو ومهابتي دارند.

واما القادرية فقريبة من الاويسيه الروحانيه

خلاصو هي آهي ته جيئن پاڻي زمين ۾ رهندو آهي ۽ ڪنهن وقت چشمي جي صورت ۾ ٻاهر ڦٽي نڪرندو آهي ۽ زمين کي سيراب ڪندو آهي، تيئن حقيقي تصوف وسلوڪ به ڪڏهن ڪڏهن غائب ٿي ويندو آهي پوءِ الله تعاليٰ ڪنهن ٻانهي کي پيدا ڪندو آهي ۽ انجي ذات جي واسطي سان تصوف وسلوڪ جو چشمو ڦٽي نڪرندو آهي ۽ هڪ مخلوق جي دلين کي سيراب ڪندو آهي. انهيءَ ڪري اويسي سلسلو ظاهري طرح نه هوندو آهي پر حقيقت ۾ اهو متصل هوندو آهي. جيڪي ماڻهو روح کان اخذ فيض ۽ اِجرائي فيض کان واقف نٿا هجن اهي ويچارا ان اتصال جي حقيقت کي ڪيئن ٿا سمجهي سگهن؟ ۽ اخذتهه العزة جي اصول هيٺ جاهلاڻي اعتراض ڪانسواءِ ڪجهه ڪري نه ٿا سگهن.

2: حضرت امام الهند  جي عبارت مان معلوم ٿيو ته سڀ کان وڏيڪ تکي اثر وارو سلسلو اويسيه آهي ڇوته روحاني سلسلو آهي. پوءِ قادريه آهي.

3: اهو به معلوم ٿيو ته اويسي سلسلي جا متوسلين وڏي عظمت ۽ هيبت جا مالڪ هوندا آهن، همعات ۾ صفحي 63 تي انهيءَ ڪري فرمايائون ته بسا است که اويسي عالم ارواح است اجمالا- يعني اويسي سلسلو عالم ارواح آهي.

حضرت شاهه ولي الله  همعات صفحي 21 تي فرمائين ٿا:

حاصل کلام آن اين است که يک خانواده ميان مشائخ عظام اويسي است که اکثر بزرگان درين خوانواده بودند وسردار

سلسله ايشان خواجه اويس قرني است که بجنب باطني از سرور عالم  تربيت يافته پس حضرت شيخ بديع الدين هم پير اويسي است که درباطن تربيت از روحانيت حضرت پيغمبر  يافته است وازکبار مشائخ هندوستان است.

مشائخ عظام ۾ هڪ سلسلو اويسيه به آهي جنهن جا سردار حضرت اويس قرني آهن. ڪين حضور اڪرم  کان روحاني طور تي فيض حاصل ٿيو. ۽ شيخ بديع الدين کي به حضور اڪرم  کان روحاني طور تي فيض مليو ۽ پاڻ هندوستان جي ڪبار (وڏن) مشائخ مان هئا.

معلوم ٿيو ته:

- اويسي اهو هوندو آهي جنهنکي ڪنهن ولي الله جي روح کان فيض حاصل ٿيو هجي.
- وڏا وڏا اولياءَالله انهيءَ اويسي سلسلي جي طريقي سان فيض وٺندا رهيا آهن.
- هن سلسلي وارا حضور اڪرم  جي روح پر فتوح کان به فيض وٺندا آهن.

بحمدلله هن فقير کي هن وقت به حضور اڪرم  جي روح پر فتوح کان فيض حاصل ٿي رهيو آهي.

هن سلسلي جي متعلق اصل ڳالهه جيڪا اڻڄاڻن ۽ نادانن کي کٽڪي ٿي، اها هيءَ آهي ته ڇا روح کان اخذ فيض ۽ اِجرائي فيض ٿي سگهي ٿو؟ انجي جواب جون فقط ٻه صورتون ٿي سگهن ٿيون، يا ته ڄاڻڻ وارن تي اعتبار ڪريو يا ان بحر (درياء) ۾ پاڻ لهي ڏسو.

ٻي صورت ته اهوئي اختيار ڪري سگهي ٿو جنهن ۾ طلب ۽ خلوص هجي البت پهرين صورت جي سلسلي ۾ ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

1: فتاوي عزيزيه 93:1 شاهه عبدالعزيز محدث دهلوي :

سوال: ڪسي صاحب باطن يا صاحب ڪشف برقبور ايشان مراقب شده چيزي از باطن اخذمي تواند يا نه؟

ڪو صاحب باطن يا صاحب ڪشف ڪنهن ولي الله جي قبر تي وڃي مراقبو ڪري ته انکان روحاني فيض وٺي سگهي ٿو يا نه؟

جواب: مي تواند نمود

ها، وٺي سگهي ٿو.

فتويٰ جي زبان ۾ اختصار ملحوظ هوندو آهي انڪري حضرت مختصر جواب ڏنو. انجو تفصيل ”شفاء العليل“ ۾ صفحي 178 تي ڏنو ويو آهي.

”مولانا فرمايو ته مون حضرت ولي نعمت يعني مصنف کان پڇيو ته شيخ ابوعلي فارمدي جيڪي حضرت ابوالحسن خرقاني سان نسبت رکن ٿا، توهان سندن ذڪر ان رسالي ۾ چونه ڪيو؟ فرمايائون اها نسبت اويسيه جي آهي يعني روحي فيض آهي. هن رسالي ۾ غرض هيءُ آهي ته نسبت صحبت جي من وعن عالم شهادت ۾ جيڪا ثابت آهي ذڪر ڪجي، ليڪن اويسيت جي نسبت مضبوط ۽ صحيح آهي.“

2: شيخ ابوعلي فارمدي □ کي ابوالحسن خرقاني □ کان روحي فيض ٿيو آهي، انهن کي حضرت بايزيد بسطامي □ جي روح کان ۽ انهن کي امام جعفر صادق □ جي روحانيت کان تربيت آهي، چنانچه رسالي قدسيه ۾ خواجه محمد پارسا □ ذڪر ڪيو آهي ته:

امام جعفر صادق □ کي سندن ناني حضرت قاسم بن محمد بن ابي بڪر □ کان نسبت حاصل ٿي آهي، انهن کي حضرت سلمان فارسي □ کان، انهن کي حضرت ابوبڪر صديق □ کان ۽ انهن کي حضور اڪرم □ کان. خواجه ابوعلي فارمدي □ کي نسبت اويسيت حاصل آهي ابوالحسن خرقاني □ کان ۽ انهن کي بايزيد بسطامي □ کان روحي فيض پهتو. ۽ انهن جي تربيت امام جعفر صادق □ جي روحانيت سان ٿي. ۽ امام جعفر صادق □ کي سندن ناني قاسم بن محمد بن ابي بڪرالصديق □ سان حاصل آهي ۽ انهن کي حضرت سلمان فارسي □ سان ۽ انهنکي خليفه رسول اللّٰه □ حضرت ابوبڪر بن ابي قحافه P سان ۽ حضرت صديق □ جيڪي ڪجھ حاصل ڪيو، سرور عالم محمد مصطفيٰ □ کان حاصل ڪيو. ان اويسيت جي نسبت کي ”صديقيه نقشبنديه نظاميه قدوسيه“ چوندا آهن.

(تذڪرةالرشيد حصو ٻيو صفحو 108)

حضرت امام رباني قدس سره جو باطني تربيت ۽ روحاني

فيوضات ۾ قطب العالم شيخ عبدالقدوس گنگوهي قدس سره جي ذات بابرڪات سان وڏيڪ مناسبت رکڻ اويسيه و فيضان روحانيه جي نسبت کان علاوه انهيءَ ڪري به آهي جو چئن مشهور سلسلن ۾ حضرت شيخ جو واسطو غالباً قائم آهي. (ايضاً صفحو 109)

3: فتاوي دارالعلوم ديوبند 140:1 تي شفاء العليل جي اها عبارت نقل ڪري لکيو آهي:

”هن عبارت مان واضح ٿيو ته نسبت اويسيه جي معنيٰ روحي فيض جي آهي ۽ اها نسبت مضبوط ۽ صحيح آهي. اهو به معلوم ٿيو ته نسبت اويسيه جي لاءِ اهو ضروري ڪونهي ته خواجه اويس قرني جو ڪو مريد ٿيو هجي. ۽ اهو به واضح ٿيو ته نسبت اويسيه جو انڪار غلط آهي، جيئن ته اويس قرني کي حضور  کان روحي فيض حاصل ٿيو ۽ حضور  جي صحبت کين حاصل نه ٿي. انڪري جنهنکي روحي فيض ڪنهن بزرگ کان حاصل ٿيندو انکي نسبت اويسيه سان تعبير ڪيو ويندو.“

4: ”عقائد علماءِ ديوبند“ مرڪزي ڪتاب آهي جنهن تي مسلڪ ديوبندي جو دارومدار آهي. ان ۾ سوال نمبر 11 روح کان فيض باطني حاصل ڪرڻ جي متعلق ٿيو آهي ۽ علماءِ ديوبند مفصل جواب ڏنو ته اهي روح کان باطني فيض جا قائل آهن ۽ صرف قائل نه پر:

> واما الاستفادة من روحانية المشائخ الاجلة ووصول الفيض الباطنية من صدورهم اوقبورهم صحيح علي الطريقة المعروفة في اهلها وخواصها لابما شائع في العوام-

بهرحال مشائخ کان روحاني فيض حاصل ڪرڻ ۽ فيض باطني جو پهچڻ سندن سينن مان يا سندن قبرن مان صحيح آهي، ان مشهور ومعروف طريقي سان جيڪو انهن ولين ۽ صوفين ۾ مروج آهي ۽ خاص خاص بندن (ٻانهن) کي حاصل ٿيندو آهي. اهو طريقو نه آهي جيڪو عوام ۾ مروج آهي.

هي ته روح کان فيض وٺڻ ۽ فيض جاري ٿيڻ بابت علمي جواب آهن. رهي ٻي صورت ته اها ذوقي شئي آهي ”لطف اين مي شناسي بخدا تانه چشي“ جيڪڏهن ڪو الله جو بندو اهو ذوقي

جواب به چاهي ٿو ته صلاح عام آهي. طلب ۽ خلوص ڪٿي اچي ۽ ممڪن ۾ محال ۾ تميز ڪري. نه ته صرف ڳالهيون گهڙڻ سان اهو حاصل نٿو ٿي سگهي جيڪو عملي طور تي ڪرڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿو.

لباس فهم برلائي اوتنگ، سمند وهم درصحرائي اولنگ نه چندي گنجد آنجا و نه چوني، فرد بندلب از ڪم وزفزوني؟

مشائخ ۽ علماءِ حق جي وصاحتن مان اها ڳالهه ثابت ٿي چڪي ته روح کان فيض وٺڻ ۽ اِجرائي فيض رڳو ممڪن ئي نه بلڪه مجيل حقيقت آهي. ۽ امام الهند شاهه ولي الله  جي عبارت مان معلوم ٿي ويو ته سلسلي اويسيه ۾ روح کان فيض حاصل ٿئي ٿو ۽ انجي لاءِ اتصال ظاهري شرط نه آهي. ها، اتصال نسبت ضرور هوندو آهي. اهائي نسبت اويسيه ٿئي ٿي.

ملتان جي هڪ مشهور پير صاحب اسانجي حلقي جي هڪ مولوي صاحب کي فرمايو ته توهانجو سلسلو متصل نه آهي. مولوي صاحب چيو ته سائين! جنهن سلسلي ۾ شيخ پنهنجي شاگرد جي روحاني تربيت اهڙي طرح ڪري جو انجي لاءِ زمان و مڪان جو قيد ختم ٿي وڃي ٿو ۽ انکي عالم برزخ ۾ پهچائي حضور اڪرم  جي سامهون پيش ڪري ڇڏي ۽ حضور  جي هٿ مبارڪ ۾ پنهنجي شاگرد جو هٿ ڏئي اهو منظر ڏيکاري ته ان الذين يبايعونک انمايبايعون الله اهو سلسلو ته ٿيو منقطع ۽ جنهن سلسلي جي شيخ وٽ مريد مدتن تائين رهي ۽ سڄي عمر وٽس اچڻ وڃڻ ۾ کپائي ڇڏي ۽ شيخ کان ايترو به نه ٿي سگهي جو مريد جي لطيفه قلب کي ئي روشن ڪري سگهي، اهو سلسلو ٿيو متصل ۽ جيڪو الله جو بندو هڪ به نه پر سوين شاگردن کي دربار نبوي  ۾ پهچائي حضوردائمي عطا ڪري انجو سلسلو منقطع فياللعجب.

ع بسوخت عقل زحيرت ڪه اين چه بوالعجبيست است

## تصوف ۽ تصوف وسلوڪ جي بزرگن تي اعتراض ۽ انهن جا جواب

پهريون اعتراض:
تصوف هڪ بدعت آهي

ٻيو اعتراض:
ڪشف ظاهر ڪرڻ جائز نه آهي، تحديث نعمت ۾ اظهار دين، ظاهر نه ڪرڻ جي شرط سان مشروط آهي

ٽيون اعتراض:
جسماني موت کانپوءِ روح جو علم ۾ حافظو موجود رهي ٿو، روح ٻڌي به ٿو، سوال وجواب منڪرين جي وقت روح بدن ۾ موٽي اچي ٿو. قبر ۾ نبين سڳورن 8 جي روحن جو تعلق جسم سان، عذاب قبر جسم ۽ روح ٻنهي کي ٿئي ٿو، سماع موتيٰ تي اجماعِ امت آهي

چوٿون اعتراض:
روح کان فيض وٺڻ ممڪن نه آهي، حضور  جي نبين سڳورن 8 جي روحن سان ملاقات، روح کان فيض حاصل ڪرڻ، روح کان اِجرائي فيض

پنجون اعتراض:

اصحابي □ هجڻ جو شرط، حديث جي حقيقت

ڇهون اعتراض:

قصد رسول □ ۽ قبرن جو ڪشف، مدرسه محمديه □، اصحابن سڀني رضي الله عنهم ڪانپوءِ ڪشف و الهام ۾ واڌاو ڇو ٿي ويو؟

ستون اعتراض:

قرات سلسله مشائخ جي ڪا سند نه آهي

اٺون اعتراض:

اسماء الرجال مان ثبوت، نقلي دليل

نائون اعتراض:

مشائخ جي قبرن تي حاضري ٿيڻ وقت انهن ڏانهن منهن ڪري بيهڻ يا ويهڻ ۽ هٿ کڻي دعا گهرڻ.

تصوف ۽ اصحاب تصوف وسلوڪ تي اعتراض ۽ انهنجا جواب
تصوف هڪ بدعت آهي:

انسان به عجيب ضدن (مختلف شين جو) مجموعه آهي. ان زندگي کي مختلف خانن ۾ ورهائي رکيو آهي ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن جي لاءِ هڪ الڳ اصول قائم ڪري رکيو آهي. ۽ زندگي جي مختلف شعبن جا اصول مختلف ئي نه بلڪه هڪ ٻئي جي ابتڙ به آهن. مثلاً ”جسماني صحت“ هڪ شعبو آهي جنهن لاءِ هي اصول آهي ته صحت بگڙي وڃي ته انجي علاج جي لاءِ ڪنهن ماهر طبيب يا ڊاڪٽر سان مشورو ڪجي. ڪنهن عطائي (نيم حڪيم) کان مشورو وٺڻ ۾ نقصان جو انديشو آهي ۽ پنهنجي سمجهه مطابق به پاڻ علاج شروع نه ڪجي ڇوته ان ۾ جان جو خطرو آهي. اهڙي طرح هڪ شعبو ”قانوني معاملا“ آهن ان سلسلي ۾ حرف آخر ڪنهن ماهرِ قانون جي راءِ کي سمجهيو ويندو آهي. اهي اصول بلڪل درست آهن پر جتي دين ۽ ايمان جو معاملو آيو هر شخص هڪ مجتهد وانگر نهايت اعتماد سان جيڪي وٽيس ڇئي ڏيندو ۽ ته هر بي تڪي ڳالهه کي سند ۽ حرف آخر ئي سمجهندو. دين جي معاملي ۾ ان اصول جي ڪارفرمائي سان عجيب مشڪل پيش اچي ٿي. تصوف کي بدعت چوڻ جو معاملو به ڪجهه انهيءَ قسم جي نام نهاد ”مجتهدن“ جي ذهني ڪاوشن جو نتيجو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن ڪتاب ۾ هڪ باب ”تصوف جو ثبوت“ جي عنوان سان موجود آهي، هن سوال جو تفصيلي جواب ۽ علمي تحقيق جو ذخيرو ان باب ۾ ملندو. جيڪڏهن ڪنهن کي انکان وڌيڪ تفصيل گهرجي ۽ علمي تسڪين چاهي ٿو ته فتح الباري، اقتضاءِ صراط مستقيم، الاعتصام ۽ فتح الملهم جي متعلقه حصن کي هڪ نظر ڏسي وٺي.

حقيقت هيءَ آهي ته تصوف کي بدعت چوڻ دين کي نه سمجهڻ جو نتيجو آهي. ۽ ان سان گڏ جيڪڏهن خود ماڻهو غلط به هجي ته اهو انکان به وڌيون وڌيون ٺوڪرون کائي سگهي ٿو. هيءَ هڪ مجيل حقيقت آهي ته ڪنهن به آئين جي متن ۾ سڀئي ڳالهيون تفصيل سان بيان ٿيل ڪونه هونديون آهن پر رڳو مکيه اصول ۽ قاعدا بيان ڪيل هوندا آهن. اسلام جو آئين (دستور) قرآن آهي، ان ۾

دين جا سڀئي اصول ۽ قاعدا (ڪليات) موجود آهن. انهن اصولن ۽ قاعدن جي عملي سمجهاڻي نبي جي سنت ۾ موجود آهي انهن اصولن ۽ قاعدن مان ننڍين ننڍين ڳالهين (جزئيات) جي حل ڪڍڻ (استخراج) جو طريقو به حضور سيکاريو. علماءِ حق جيڪي انبياءِ ڪرام 8 جا وارث آهن، ان طريقي سان، وقت جي ضرورتن مطابق ننڍن ننڍن مسئلن جا حل ڪڍندا رهيا آهن.

اصول ۽ قاعدا (ڪليات) مقصدن جي حيثيت رکن ٿا. انهن ذريعن ۽ وسيلن کي ڳولي ڪڍڻ جيڪي مقصدن جي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ۽ انهن کي ذريعا سمجهي اختيار ڪجي اهو دين جي خلاف ڪيئن ٿو ٿي سگهي. ها، اهي وسيلا ان صورت ۾ بدعت ٿيندا جڏهن انهن کي دين جو حصو يا اصل دين سمجهيو وڃي. ٻي صورت ۾اهي مقصد حاصل ڪرڻ جا وسيلا هوندا ڇوته ذريعا ۽ وسيلا مقصد تي ئي دارومدار رکن ٿا. مثال جي طورتي، قرآن مجيد ۾ حڪم ٿيو "يا ايهاالرسول بلغ ماانزل اليڪ" يا حضور فرمايو "بلغوا عني ولوآ يه" تبليغ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويوته تبليغ ڪريوپوءِ تبليغ ڪرڻ مقصد ٿيو ذريعن جو تعين نه ڪيو، زباني تبليغ هجي يا تحرير سان، يا عمل سان، منبر تي چڙهي ڪجي يا ڪرسي تي ويهي، مسجد ۾ وڃي ڪجي، يا ميدان ۾، گاڏي ۾ ويهي، يا موٽر ۾، تقرير ۾ لائوڊ اسپيڪر استعمال ڪجي يا نه، وغيره اهي سڀ ذريعا آهن جيئن ته اهي ذريعا دين جي تبليغ لاءِ آهن ان ڪري اهي دين جو (مقدمه) حصو آهن. يا الله تعاليٰ حڪم ڏنو ته "فاذڪروالله ذڪراً ڪثيرا" هاڻي اڪيلو ذڪر ڪريون يا مجلس حلقه ٺاهي، زبان سان ڪريون يا دل ئي دل ۾ روح سان ڪريون، هلندي گهمندي ڪريون يا ويهي ڪريون، ستي ستي ڪريون، آڱرين تي ڳڻي ڪريون يا تسبيح سان ڪريون. سڀ وسيلا ۽ ذريعا آهن، ۽ مقصد آهي الله جو ذڪر. انهن ذريعن کي بدعت چوڻ مقصد جي حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ وجهڻ ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟

مان مسلڪ جي لحاظ کان ديوبندي آهيان. شرڪ ۽ بدعت جو دشمن آهيان، انسان پرستي ۽ قبر پرستي جو دشمن آهيان. نذر نياز

ڪائڻ، مقرر وقتن تي عرس ڪرڻ، ٻين جي مال ۾ اک وجهڻ منهنجي مسلڪ جي خلاف آهي، منهنجو مسلڪ هيءُ آهي ته ساڄي هٿ ۾ قرآن شريف، کاٻي هٿ ۾ سنت رسول الله ۽ سامهون گذريل بزرگن (سلف صالحين) جو اختيار ڪيل سڌو رستو صراط مستقيم ۽ بس. ڪشف جي ڳالهين (امور) تي اعتبار تڏهن هوندو جڏهن قرآن ۽ سنت سان ٽڪراءَ ۾ نه هجي، نه ته شيطاني القاء هوندو. منهنجو سلسلو نقشبندي اويسي آهي جنهن ۾ روح کان به فيض حاصل ڪري سگهجي ٿو. پر روح کان فيض حاصل ڪرڻ جو مطلب اهو ڪونهي جيڪو جاهل سمجهندا آهن. انهيءَ باري ۾ اسان تفصيل سان بحث ڪري چڪا آهيون. ها! اها ٻي ڳالهه آهي ته مبتدي (نون) لاءِ روح کان فيض حاصل ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه (محال) آهي.

مان ”تصورِ شيخ “ جو حامي نه آهيان اسان جي سلسلي ۾ انهيءَ جي ڪا گنجائش ڪونهي. زباني وظيفن ۾ اسان وٽ سڀ کان وڏيڪ وظيفو قرآن مجيد جي تلاوت آهي ان کان پوءِ استغفار ۽ درود شريف، ذڪر جي مجلس ۾ فقط ”الله هو“ جو ذڪر ڪرايو ويندو آهي يا هر مقام تي قرآن جي آيتن جو وظيفو ٻڌايو ويندو آهي، سير ڪعبه ۾ لبيڪ جو وظيفو ۽ فنافي الرسول ۾ درود شريف. سلوڪ جي باقي سڀني منزلن ۾ سواءِ اسم الله جي ٻيو ڪو به ذڪر ڪونه ٻڌايو ويندو آهي.

ساٿين کي گڏ ڪري توجه ڪرڻ، ساهه سان ذڪر ڪرڻ وغيره کي مقصد نه پر مقصد جو هڪ وسيلو ۽ ذريعو سمجهان ٿو، نه ذڪر جي مجلس قائم ڪرڻ (حلقو) بذات خود دين آهي نه توجه ڪرڻ ئي دين آهي ۽ نه نڪ مان ساهه سان ذڪر ڪرڻ ئي دين آهي، ها، اهي دين تائين پهچڻ جا رستا (مقدمات) آهن اسان جي سلسلي ۾ انهن وردن وظيفن جي قطعي ڪا گنجائش ڪونهي جيڪي سنت مان ثابت نه آهن. اسان جيڪي وظيفا يا ٻيا معمولات ڪريون ٿا انهن مان ڪنهن کي جيڪڏهن بدعت چئي سگهجي ٿو ته ثبوت پيش ڪريو. ڪتاب ۽ سنت جي سڌي سئين تعليم اسان جي سامهون آهي، انهن کي ئي رستي جي روشني، هدايت جو سرچشمو

۽ معيار هدايت سمجهون ٿا ۽ بس.

2. ڪشف ۽ الهام جو اظهار جائز نه آهي:

اها ڳالهه هونئن مشهور ٿي ويئي آهي ته ڪشف جي ڳالهين کي ظاهر نه ڪرڻ کپي. عام ماڻهن جي ته ڇا ڳالهه ڪجهي خاص به انهيءَ اظهار کي حرام سمجهندا آهن ۽ تنڪير ڪندا آهن. پر حقيقت ۾ پهرين ڳالهه ته سلوڪ جي علم جو اظهار، نعمت جي اظهار طور ضروري آهي، ٻي ڳالهه ته سلوڪ دين جو حصو (شعبو) آهي ۽ دين جو اظهار ضروري آهي. ٽين ڳالهه ته، اظهار جي ضرورت انڪار جي حالت ۾ پوندي آهي ۽ انڪار حد کان وڌيڪ ٿي چڪو آهي ۽ اهو دين جي شعبي جو انڪار آهي، انڪري اظهار ضروري آهي.

عطا ٿيل (اتحديث)نعمت ۽ دين جو اظهار خدا تعاليٰ جي حڪم مطابق ضروري آهي. تفسير مظهري "واما بنعمة رب فحدث" ۾ لکيو آهي ته صوفياءِ ڪرام جي انهيءَ نعمت جي اظهار تي تنڪير نه ڪجي. ۽ ارشاد الطالبين ۾ لکيل آهي ته:

فمن انکر علي هؤ لاءِ الرجال في مثل هذه المقال فکانه انکر هذه الايۃ،

جنهن به انهيءَ قسم جي ڳالهين ۾ صوفين جو انڪار ڪيو انهيءَ ڄڻ قرآن جي آيت جو انڪار ڪيو.

۽ مشڪاة باب اللباس فصل ٻئي ۾ حضرت عمر و بن شعيب کان روايت آهي ته:

قال قال رسول الله ان الله يحب ان يري اثر نعمته عليٰ عبده-

الله تعاليٰ پسند ڪري ٿو ته بندو (ٻانهو) ان نعمت جو اظهار ڪري جيڪا خدا مٿس ڪئي.

۽ اشعة اللمعات شرح مشڪاة ۾ آهي ته:

ازين جا معلوم شودکہ پوشيده کردن نعمت وکتمان آن روا نيست وگويا موجب کفران نعمت است وہم چنين بر نعمتی کہ وی تعالیٰ بربده داد مثل علم وفضل، بايد کہ ظاہر کند تامردم بشا سند واستفاده نمائينده ودر

مصداق مما رزقنهم ينفقون داخل شود [126]

انهيءَ مان معلوم ٿيو ته نعمت کي لڪائڻ جائز ڪونهي ۽ ائين ڪرڻ چڻ نعمت جي ناشڪري آهي. اهڙي طرح اها نعمت جيڪا اللّٰه تعاليٰ ٻانهن کي عطا ڪئي مثال جي طور تي علم ۽ فضيلت ڪٿي ظاهري هجي يا باطني ان جو اظهار ضروري آهي ته جيئن ماڻهن کي خبر پوي ۽ ان مان فائدو حاصل ڪن ۽ اهو قرآن مجيد جي آيت "جيڪي ڪجهه اسان انهن کي ڏنو آهي انهيءَ مان خرچ ڪن ٿا" جي مصداق ۾ داخل ٿي وڃي.

فائدو:

باطني ڪمالن جو اظهار، جيڪو مخلوق لاءِ فائديمند هجي، جائز آهي ۽ لڪائڻ ناجائز ۽ لڪائڻ وارو پڪڙ ۾ ٿيندو. ها مدار نيت تي آهي. ۽ تفسير جمل ۾ انهيءَ آيت جي ضمن ۾ لکيل آهي ته:

والذالک يجوز لله حل ان يبين نفسه حتي يعرف فيقتبس منه لم يکن من باب التزکيه [127]

انهيءَ ڪري گمنام ماڻهو لاءِ جائز آهي ته پاڻ کي ظاهر ڪري ته ماڻهو ڪيس سڃاڻي، ان مان فائدو حاصل ڪن جيڪڏهن هو پنهنجون خوبيون بيان ڪري ته فخر ۾ شمار ڪونه ٿيندو.

۽ تفسير ابن ڪثير ۾ آهي ته:

قال اجعلني علي خزائن الارض مدح نفسه ويجوز للرجل ذالک اذا جهل امره للحاجة [128]

مون کي خزانن جو اختيار ڏيو"، (حضرت يوسف ؑ جو ائين چوڻ) پنهنجي واکاڻ جو بيان آهي ۽ ماڻهوءَ جي لاءِ اهڙو اظهار ۽ تعريف جائز آهي، جڏهن ماڻهن کي ضرورت هجي ۽ سندس خوبيون لڪيل هجن.

انهي آيت جي تحت تفسير جمل ۾ هيئن آهي:

اما اذا قصد تزکية النفس ومدحها لايصال الخير والنفع الي الغير فلا يکره ذالک ولا يحرم بل بجب عليه ذالک مثاله ان يکون بعض الناس عبده علم نافع ولا يعرف به فانه بجب عليه ان يقول انا عالم .

جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي واکاڻ فقط ٻين ماڻهن کي فائدو

پهچائڻ جي مقصد سان ڪري ٿو ته اهو نه مڪروه آهي نه حرام، اهڙو اظهار ڪرڻ واجب آهي، مثال جي طور تي هڪ ماڻهو وٽ علم آهي، علم به اهڙو جيڪو فائدو ڏئي ۽ ماڻهو ان کان واقف نه آهن ته ان تي واجب آهي ته اهو اعلان ڪري ته مان انهيءَ علم جو عالم آهيان.

اظهار نه ڪرڻ شرط سان مشروط آهي

جيڪو ماڻهو اظهار ۾ فخر محسوس ڪري يا انهيءَ اظهار مان ڪو فائدو وٺڻ چاهي جيڪو شرعاً جائز نه هجي ته سندس اظهار ڏيکاء، پنهنجو پاڻ پڌائڻ فخر ۾داخل ٿيندو ۽ اهو ناجائزآهي. حافظ ابن ڪثير سندس تفسير ۾ هڪ قانون ڏانهن اشارو ڪيو آهي.

> ومن هذا يئوخذ الامر بكتمان النعمة متي يوجد ويظهر كما ورد في حديث استعينوا علي قضاءَ الحوائج بكتما نها فان كل ذي نعمة محسود [129]

ان مان معلوم ٿيو ته نعمت کي ان وقت تائين لڪائڻ ضروري آهي جيستائين اها ظاهر ٿي وجود ۾ نه اچي وڃي، جيئن حديث ۾ آيو آهي ته، پنهنجين حاجتن جي مدد انهن کي (پوري ٿيڻ تائين) لڪائي ڪري ڪريو، ڇوته هر صاحب نعمت تي حسد ڪيل هوندو آهي.

فائدو:

الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن بندي تي انعام ڪرڻ چاهيندو آهي ۽ ان بندي کي ڪشف والهام سان واقف فرمائي ڇڏيندو آهي ته جيستائين اهو انعام حاصل نه ٿي وڃي، اظهار نه ڪري شايد اها نعمت روڪي وڃي.

2: جنهن تي انعام وڏيڪ هوندو، انجا حاسد به انهيءَ اعتبار سان وڏيڪ هوندا.

3. اهي اسرار ۽ رمزون جيڪي الله تعاليٰ ۽ ولي الله جي وچ ۾ خاص آهن. انهن جي اظهار سان مخلوق کي ڪو فائدو نه آهي، الٽو اظهار مخلوق جي فتني جو سبب آهي، ته انهن جو اظهار صحيح نه

آهي. انهن ڳالهين (امور) کي ظاهر نه ڪري ته جيئن صاحب اسرار بڻجي وڃي.

حقيقت هيءَ آهي ته ڪمال ڪٽي ڪهڙي به قسم ۽ ڪهڙي درجي جو هجي، ظاهر ٿي ئي ويندو آهي:

نيڪوروي تاب مستوري ندارد چو بندي درزروزن سربر آرد

جيڪڏهن اظهار نه هجي ته حق وباطل ۾ فرق (تميز) ڪيئن ٿئي. حقيقي صوفياءِ ڪرام ۽ بي معنيٰ مدعيان تصوف ۾ فرق ڪهڙي نموني ظاهر ٿئي، ماڻهن کي ڪيئن خبر پوي ته صحيح اسلامي تصوف ڇا آهي؟ عوام جي ته اها حالت آهي جو هر چرئي کي مجذوب سمجهڻ لاءِ تيار آهن ۽ تصوف جي دعويٰ ڪندڙن مان جنهن کي وڻين قطب زمان سمجهن ٿا.

جڏهن سماع موتيٰ ممڪن ئي ناهي ته ان سان تعلق (رابطو) ڪيئن قائم ڪري سگهجي ٿو؟

ان سلسلي ۾ سڀ کان اڳ اها ڳالهه (اصول) ضروري آهي ته روح جيڪو به معارف يا ڪمال هن دنيا ۾ رهي حاصل ڪندو آهي مرڻ کان پوءِ اهي انهيءَ کان کسيا نه ويندا آهن، پر انهيءَ علم ۽ ڪمال ۾ اچا واڌ ايندي آهي ۽ روح جا ادراڪات وڌيڪ پختا ٿيندا آهن. ها، روح کان اهي سڀ عمل ۽ افعال کسجي ويندا آهن جيڪي بدن جي ذريعي ڪندو هو. دنيا ۾ روح ظاهري اکين ، ڪنن ۽ زبان جو محتاج هو ڇو جو دنيا وارن کي ٻڌائڻ ۽ ڪائڻ وغيره جي ضرورت هئي. جڏهن دنيا کان جدا ٿيو ته دنيا جا اوزار (سلب) کسجي ويا، پر روح ۾ ڳالهائڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوت باقي رهي. اهي روح جون ذاتي صفتون آهن. مطلب ته روح زنده آهي، ڳالهائي ٿو، ڏسي ٿو، ٻڌي ٿو، ڳالهه جو جواب ڏئي ٿو.

اهو هڪ اتفاقي مسئلو آهي حضرت امام غزالي احياءُالعلوم ۾ ان تي مفصل بحث ڪيو آهي جنهن جو حاصل مطلب هيءُ آهي ته:

فقلب المؤّمن لايموت وعلمه عندالموت يمحي وصفاءٌ لايڪدر[130]

مومن جي دل ڪونه ٿي مري انجو علم ڪانئس ڦريو نٿو وڃي. انجي صفائي کي خراب (مڪدر) ڪونه ٿو ڪيو وڃي.

ٻي ڳالهه هيءَ ته مُردن جي ٻڌڻ جو مسئلو (سماع موتيٰ) ڪشف سان تعلق رکي ٿو ۽ ان تي ڳالهائڻ جو حق به ڪشف جي ڌڻين کي آهي. جيئن ڪشف الاستار جي مصنف انهيءَ ڳالهه جي وضاحت ڪئي آهي ته:

واعلم ان اعلي الكلام واقصي المرام ان هذه المسئلة ليست مما يبحث فيه اللفاظون وينقل النقالون بل هومن الانكشاف الصفاتي الذي يكشفه الله تعاليٰ علي بعض اوليائه [131]

چڱي طرح ڄاڻي وٺو ته سڀني کان سٺي ڳالهه ۽ انتهائي مقصد جي هيءُ آهي ته مُردن جي ٻڌڻ جو مسئلو اهڙي ڳالهه ڪونهي جو لفظن سان کيڏڻ وارا انهيءَ تي بحث ڪندا وتن يا فقط نقل ڪرڻ وارا انهيءَ کي نقل ڪن مگر هي ته صفاتي آهي جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجن ڪن ولين تي ظاهر ڪندو آهي.

فائدو:

ان جو مطلب اهو ڪونهي ته ڪشف ڪو مستقل شرعي دليل آهي پر جڏهن اهو قطعي دليل جي مطابق هجي ته صاحب ڪشف لاءِ يقيني حجت آهي.

موت ڪانپوءِ جسماني روح جو علم ۽ حافظو موجود رهي ٿو الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو آهي ته:

قال تعاليٰ- قِيْلَ ادْخُلِ الْجَنَّةَ ؕ قَالَ يٰلَيْتَ قَوْمِيْ يَعْلَمُوْنَ (۲۶) بِمَا غَفَرَ لِيْ رَبِّيْ وَ جَعَلَنِيْ مِنَ الْمُكْرَمِيْنَ (۲۷) (ياسين- ۲٦، ۲۷)

ارشاد ٿيو ته وڃ جنت ۾ داخل ٿي. چوڻ لڳو ته ڪاش منهنجي قوم کي اها ڳالهه معلوم ٿي وڃي ها ته منهنجي رب مونکي بخش ڪري ڇڏيو ۽ مون کي عزت دارن ۾ شامل ڪري ڇڏيائين.

فائدو: ان مان معلوم ٿيو ته قوم جيڪو سلوڪ هن مومن مرد سان ڪيو هو، اهو هن کي ياد هو اها ڳالهه به هن افسوس جو اظهار ڪري ڪئي.

روح ٻڌي به ٿو:

الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته:

وَ اِذْ قَالَ اِبْرٰہٖمُ رَبِّ اَرِنِیْ کَیْفَ تُحْیِ الْمَوْتٰی ؕ قَالَ اَوَلَمْ تُؤْمِنْ ؕ قَالَ بَلٰی وَلٰکِنْ لِّیَطْمَئِنَّ قَلْبِیْ ؕ قَالَ فَخُذْ اَرْبَعَۃً مِّنَ الطَّیْرِ فَصُرْہُنَّ اِلَیْکَ ثُمَّ اجْعَلْ عَلٰی کُلِّ جَبَلٍ مِّنْہُنَّ جُزْءًا ثُمَّ ادْعُہُنَّ یَاْتِیْنَکَ سَعْیًا ؕ (البقره-٢٦٠)

انهيءَ وقت کي ياد ڪريو جڏهن ابراهيمؑ عرض ڪيو اي منهنجا پروردگار مونکي ڏيکار تون مُردن کي ڪيئن جيئرو ڪندين، ارشاد ٿيو ڇا توکي يقين ڪونهي چيائين هائو ليڪن هن ڪري ته منهنجي دل مطمئن ٿئي ته ارشاد ٿيو چڱو تون چار پکي وٺ. پوءِ انهن کي پالي پاڻ سان هيراءِ. پوءِ هر جبل تي انهن جو هڪڙو هڪڙو ٽڪرو رک. پوءِ انهن کي سڏ ڪر. ڏسجئين سپ تو ڏانهن ڊوڙندا ايندا.

امام رازي ان آيت جي تفسير ۾ معتزلن جو رد هنن لفظن سان ڪيو:

ومما دلت الاية عليٰ حصول فهم النداءِ والقدرة علي السعي لتلک الاجزاءِ حال تفرقها - كان دليلا قاطعا علي ان البنية ليست شرطا للحياة (تفسير ڪبير)

آيت انهيءَ حقيقت جو ثبوت آهي ته پکين جي ٽُڪرن آواز ٻڌو، سمجهيو ۽ هلڻ تي قادر ٿيا، انجي باوجود جو اهي ننڍين ننڍين ٽڪرن ۾ ورهايل هئا. انڪري اها آيت انهيءَ ڳالهه جو مضبوط دليل ٿي ته حيات لاءِ وجود جو هجڻ شرط ڪونهي.

آيت پنهنجي مطلب جي لحاظ کان چٽي (واضح) آهي. روح جي ٻڌڻ (سماع) ۾ ته ڪو اختلاف ئي نه آهي اختلاف انهيءَ ڳالهه ۾ آهي ته بدن ٻڌي ٿو يانه. منڪر نڪير جي سوال جواب وقت روح کي موٽايو ويندو آهي جيڪو متواتر حديثن مان ثابت آهي، بس اختلاف هي آهي ته منڪر نڪير جي سوالن کان پوءِ بدن ٻڌي ٿو يا نه.

نڪيرين جي سوال ۽ جواب وقت روح جو بدن ڏانهن موٽڻ:

قال شيخ الاسلام الا حاديث الصحيحة المتواترة تدل علي عود الروح الي البدن وقت السوال وسوال البدن بلا روح قول قاله طائفة من الناس وانكره الجمهور- [132]

شيخ الاسلام فرمايو ته صحيح ۽ متواتر حديثون ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته منڪر نڪير جي سوالن وقت روح بدن ۾ واپس وڌو ويندو آهي. پر هڪ جماعت متواتر حديثن جي مخالفت ڪري ٿي ۽ عالمن جي اڪثريت (جمهور) جي انهيءَ جماعت مخالفت ڪئي آهي.

۽ علامه سيوطي فرمايو:

قال ابن تيميه الاحاديث متواتره علي عود الروح الي البدن وقت السوال وسوال البدن بلا روح قول منهم ابن الزاغوني وحكي ابن جرير وانكره الجمهور-[133]

امام ابن تيميه فرمايو ته منڪر نڪير جي پڇاڻي وقت روح جي بدن ۾ واپس اچڻ جي باري ۾ حديثون صحيح ۽ متواترآهن. هڪ ٽولو روح جي بغير سوالن جو قائل آهي، جهڙوڪ ابن الزاغواني ابن جرير (۽ ڪراميه) ۽ عالمن جي اڪثريت (جمهور) انهن جي مخالف آهي.

قال السلفي- عود الروح الي الجسد في القبر ثابت علي الصحيح لجميع الموتي وانما الخلاف في استمرارها في البدن [134]

علامه سلفي چيو ته قبر ۾ روح جو جسم ۾ واپس اچڻ ثابت آهي ۽ سڀني مُردن (موتيٰ) جي لاءِ آهي ۽ اهوئي صحيح مذهب آهي، اختلاف صرف روح جي بدن ۾ هميشه رهڻ ۾ آهي.

وسئل عن الميت اذا سئل هل يقعد ام سئل وهو راقد فاجاب يقعد وسئل عن الروح هل تلبس الجثة كما كانت قال نعم لكن ظاهر الخبر انها تنحل في نصفه الا عليٰ [135]

شيخ الاسلام علامه ابن حجر کان سوال ڪيو ويو ته سوال جواب وقت مردي کي ويهاريو ويندو آهي يا سٽل کان ئي سوال ڪيا ويندا آهن ته جواب ڏنائون ويهاريندا آهن. وري سوال ٿيو ته ڇا روح بدن ۾ اچي ويندو آهي؟ جواب ڏنائون ها. پر حديثن ۾ اچي ٿو ته روح جو تعلق بدن جي مٿئين حصي سان هوندو آهي.

ڪجهه سٽن کان پوءِ فرمايائون:

وهي لاتزال متعلقة وان بليٰ وتمزق وتقسم وتفرق

۽ بدن ۾ روح جو اهو تعلق هميشه رهندو آهي پلي بدن ذراذرا ٿي ختم ٿي وڃي.

فائدو:

قبر ۾ ميت کان سوال جواب وقت روح جو بدن سان تعلق ٿي ويندو آهي. روح جو تعلق جسم جي مٿئين حصي سان هوندو آهي ڇو ته انهيءَ حصي ۾ دل آهي اها سمجهڻ جو اوزار (آلو) آهي.

قبر ۾ انبياء 8 جي جسم جو تعلق روح سان دائمي هجي ٿو.

فجاءَ ابوبڪر فڪشف عن رسول الله فقبله فقال بابي انت وامي طبت حيا وميتا- والله الذي نفسي بيده لايذيقک الله الموتتين واحسن من هذا الجواب ان يقال ان حياته في القبر لا يعقبها موت بل يستمر حيا والا نبياءٌ احياءُ في قبورهم- [136]

پوءِ حضرت ابوبڪر آيا، حضور اڪرم جي منهن مبارڪ تان چادر هٽايائون چمي ڏنائون ۽ چيائون ته منهنجا ماءُ پيءُ توهان تان قربان ٿي وڃن، توهان زندگي ۾ ۽ زندگي کان پوءِ پاڪ ئي رهيا ۽ انهيءَ ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي اللّٰه تعاليٰ توهان کي ٻيهر موت نه ڏيندو. فتح الباري جي ليکڪ فرمايو ته انهيءَ کان به سٺو جواب هيءُ آهي ته چيو وڃي ته قبر مبارڪ ۾ حضور جي زندگي اهڙي دائمي آهي جنهن کان پوءِ موت ڪونهي ۽ انبياء 8 قبرن ۾ جيئرا هوندا آهن.

فائدو:

قبر ۾ سوال جي وقت روح جو بدن سان جيڪو تعلق ٿيندو آهي اهو انبياء 8 جي جسمن سان دائمي رهندو آهي، ان تعلق کي ٽوڙي نٿو سگهجي. انهي تعلق جي ڪري انبياء 8 پنهنجي قبرن ۾ زنده آهن، نمازون به پڙهندا آهن. اهل سنت والجماعت جو اهوئي مذهب آهي.

قبر جو عذاب جسم روح ٻنهي تي ٿئي ٿو

وانعقد الاجماع عليٰ عذاب القبر علي الروح والجسد جميعا- [137]

ان عقيدي تي سڄي امت جو اجماع آهي ته قبر جو ثواب و

عذاب روح ۽ جسم ٻنهي تي ٿيندو آهي.

وقد دلت الاحاديث مالايحصي عليٰ عذاب القبر وانلعقد عليه اجماع السلف [138]

بيشمار حديثون قبر جي عذاب کي ثابت ڪن ٿيون ۽ ان تي سلف صالحين جو اجماع آهي.

الاول ان الميت حي في قبره فيعذب وهذا هو مذهب اهل السنة والجماعة [139]

پهريائين هيءَ ته ميت قبر ۾ زنده هوندو آهي انکي عذاب ڏنو ويندو آهي ۽ اهوئي اهل سنت والجماعت جو مذهب آهي.

احياءَ الموتي في قبورهم ومسالة منكر ونكير لهم وعذاب القبر للكافر والفاسق كلها حق عندنا واتفق عليه اسلف الامة [140]

قبرن ۾ مُردن جو زنده ٿيڻ، منڪرنڪير جو سوال ڪرڻ، ڪافر ۽ فاسق کي قبر جو عذاب ٿيڻ سڀيئي حق آهن ان تي سلف صالحين جو اتفاق آهي.

فائدو:

قبر جي عذاب ۽ ثواب لاءِ زندگي ضروري آهي، زندگي لاءِ روح جو بدن سان تعلق ضروري آهي. تنهنڪري روح جو بدن ۾ اچڻ ضروري آهي. روح جو واپس اچڻ متواترات مان آهي ۽ قبر جو عذاب ۽ ثواب جيڪو روح ۽ بدن ٻنهي کي ٿيندو آهي، ان تي امت جو اجماع آهي ۽ اهوئي اهل سنت والجماعت جو مذهب آهي

سماع موتي تي اجماع امت آهي

حضور اڪرم امت کي تعليم ڏني آهي ته جڏهن قبرستان جي پرسان لنگهجي ته چئجي السلام عليڪم دار قوم موِّمنين:

وهذا خطاب لمن يسمع ويعقل ولولا هذا الخطاب لكانوا بمنز له خطاب المعدوم والجماد والسلف مجموعون عليٰ هذا وتواترت الآثار منهم بان الميت يعرف بزيارة الحي له ويستبشر ثم قال والخطاب والنداءُ لموجود يسمع ويخاطب ويعقل ويرد وان لم يسمع المسلم الرد ـ [141]

اهو سلام ڪرڻ ان شخص جي لاءِ آهي جيڪو ٻڌي ٿو ۽ سمجهي ٿو جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته اهوسلام چڻ مٽي ۽ پٿرن کي ٿئي ها جيڪو محال آهي مُردن جي ٻڌڻ تي سڄي امت جو اجماع آهي ۽ متواتر حديثن مان ثابت آهي ته ميت ان جيئري کي سڃاڻندو آهي جيڪو سندس زيارت لاءِ اچي ٿو ۽ خوش به ٿئي ٿو. پوءِ ابن ڪثير فرمايو اهو خطاب اهڙي ماڻهوءَ لاءِ هوندو آهي جيڪو ٻڌي ٿو، سمجهي ٿو ۽ سلام جو جواب به ڏيئي ٿو. پوءِ ڪٿي سلام ڪرڻ وارو جواب ٻڌي يا نه ٻڌي.

فائدو:

انهيءَ مان هي به ثابت ٿيو ته قبرجو مطلب اها ئي ڪڏ آهي. انهيءَ ۾ ئي عذاب ٿيئي ٿو بدن ان ئي ڪڏ ۾ آهي. ها، اهو بزرخ جو حصو آهي جيئن انسان دنيا ۾ آباد آهي پر زمين جي ڪنهن حصي ۾ آباد رهندو، تيئن ميت بزرخ ۾ آهي پر ڪنهن حصي ۾ رهيل آهي اهو حصو قبر آهي جنهن ۾ دفن ٿيل آهي.

سوال: جيڪڏهن قبر جو مطلب عالم بزرخ نه ورتو وڃي پر هي ڪڏ مراد ورتو وڃي ته ڪيترين ئي حديثن جي تڪذيب لازم ايندي.. مثال طور جنهن ميت کي جانور کائي ويا، پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو، باهه ۾سڙي ويو ته ان جي قبر ڪٿي ٿيندي؟ انڪري قبر جي اهڙي عام معنيٰ هجي جنهن ۾ سڀيئي انسان اچي وڃن، نيز رسول الله معراج واري رات ڪنهن کي رت واري نديءَ ۾ عذاب پوڇيندي ڏٺو ڪنهن کي تنور وغيره ۾ جڏهن ته اهي قبرن ۾ ڪو نه هئا.

جواب: انما اضيف العذاب الي القبر لكون معظمة يقع فيه ولكون الغالب علي الموتي ان يقبروا

عذاب جي قبر سان نسبت گهڻي پاڳي قبرن ۾ دفن ٿيڻ جي ڪئي ويئي آهي ڇوته گهڻو ڪري قبر ۾ئي عذاب ٿيندو آهي ۽ غالب حڪم اهوئي آهي ته، ميت کي قبر ۾ دفن ڪيو ويندو آهي.

فائدو:

ان مان معلوم ٿيو ته قبر ۾ دفن ڪرڻ هڪ قانون آهي ۽ ان جي خلاف واقعا ٿورا آهن اهي قانون کي ٽوڙي نٿا سگهن.

پاڻي ۾ ٻڏڻ جي باري ۾ قرآن مجيد ٻڌايو ته اغرقوا فادخلو نارا،

فرعوني غرق ڪيا ويا ۽ فوراً باهه ۾ داخل ڪيا ويا. يعني جتي بدن جا ذرا هوندا انهن سان روح جو تعلق عذاب ۽ ثواب لاءِ لازمي هوندو.

باهه ۾ سڙڻ جي باري ۾ صحيح بخاري ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي وصيت جو واقعو موجود آهي جنهن وصيت ڪئي هئي ته منهنجي جسم کي ساڙيو وجي، رک کي پاڻي ۾ اڇلايو وجي ۽ ڪجهه هوا ۾ اڏائي وجي وغيره ته الله تعاليٰ ذرڙن کي گڏ ڪري زنده ڪيو ۽ پڇيو... الخ.. زنده ڪرڻ پڌائي ٿو ته سوال جواب وقت بدن ۾ روح واپس ايندو آهي. وصيت ڪرڻ واري جو روح ته زندهه هو پوءِ ذرڙن کي گڏ ڪرڻ ۽ زنده ڪرڻ پڌائي ٿو ته روح جو بدن سان تعلق قائم ڪيو ويو آهي. رهي اها ڳالهه ته معراج جي رات حضور ﷺ روح تي عذاب ٿيندي ڏٺو جسم تي نه ڏٺو ته ثابت ڪري چڪا آهيون ته روح ۽ جسم ٻنهي کي عذاب ٿيندو آهي، ۽ روح جتي به هجي سندس تعلق بدن سان رهندو آهي. معراج جي رات برزخ ۾ روح کي عذاب ۾ ڏسڻ سان جسم جي عذاب جي نفي ڪيئن لازم آئي. خوب سمجهي وٺو ته جيڪڏهن بدن کي عذاب نه ٿئي ها ته اعاده روح جي حاجت نه هئي. روح جتي هجي ها عذاب ٿي وڃي ها ۽ هي ته قبر مان ڪڏ مراد آهي جيڪڏهن نه ته پوءِ روح جو بدن ڏانهن موٽڻ بي فائدي آهي يعني روح ته اڳ ئي برزخ ۾ هئو. پوءِ برزخ مان برزخ جي طرف ڪيئن موٽيو.

سوال: اِنَّکَ لَا تُسۡمِعُ الۡمَوۡتٰی (النمل- ٨٠) ۽ وَ مَاۤ اَنۡتَ بِمُسۡمِعٍ مَّنۡ فِی الۡقُبُوۡرِ (الفاطر- ٢٢) ۾ ڪافرن کي حقيقي مردن (موتيٰ) سان تشبيهه ڏني ويئي آهي جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ موتيٰ آهن. انهن سان ته نفي سماع (نه ٻڌڻ) يقيناً ثابت ٿئي ٿو. پوءِ اوهان ڪيئن چئو ٿا ته، مردا ٻڌن ٿا؟

الجواب: ان مان ايترو ثابت ٿئي ٿو ته ميت تي حقيقي معنيٰ ۾ موت جو اطلاق ٿي وڃي ۽ ٿيڻ به کپي. رهيو لا تسمع جو معاملو ته اهو حقيقي معنيٰ تي محمول نه ٿيندو پر مجاز مراد ورتو ويندو. قاعدو آهي ته مثبه کي مثبه به سان، هڪ مشهور وصف ۾، جيڪا مثبه به کي لازم آهي، تشبيهه ڏني ويندي آهي، تشبيهه جي حقيقت هيءَ

آهي ”اشتراڪ الشيئين في وصف هولازم لاحدهما ومشهوربه“ جيئن زيد اسد. هتي ڪافرن ڪي موت جي وصف ۾ ته تشبيهه نه ڏني ويئي ڇوته وصف ٻنهي ۾ گڏيل ناهي. ڪافر ته زندگي ۾ آهن. بلڪه هنن کي سماع ۾ تشبيهه ڏني ويئي آهي، سماع ۾ اهي ٻئي شريڪ آهن، پر سماع ڪان مطلق سماع مراد نٿي ٿي سگهي، ڇوته هن وصف ۾ ٻئي مشترڪ نه آهن. ڪافرن جا ڪن هئا، خوب ٻڌندا هئا، پوءِ مطلق سماع جي نفي ڪيئن مراد ٿي سگهي ٿي. ان ڪري هتي ”اطلاق مطلق علي المقيد“ آهي. يعني سماع نافع جيڪو نفع سان مقيد آهي، مطلق سماع مراد نه آهي. تنهن ڪري مٿي ذڪر ٿيل آيت ۾ هي ٻڌايو ويو آهي ته جيئن انبياء 8 جي تبليغ جو مُردن کي ڪو فائدو نٿو پهچي، تيئن انهن جي تبليغ ڪافرن کي ڪو فائدو نٿي ڏئي، ڇوته اهي مرده دل (موتي القلوب) آهن، ثابت ٿيو ته هتي مطلق جي نفي ڪونه پيئي ٿئي، پر ان سماع جي نفي آهي جيڪو انسان جي لاءِ فائدي وارو هجي ۽ اهائي وصف انهن ۾ مشترڪ آهي.

ڪي ماڻهو چون ٿا ته هتي”اسماع“ جي نفي آهي سماع جي ڪونهي. ان بنياد تي ڪن نون مفسرين قرآن جيڪي حقيقت ۾ محرفين قرآن آهن، ۽ جيڪي ڪتاب الله جي تحريف جي فن ۾ يهودين، نصارن ۽ ٻين محرفين کان به اڳتي نڪري ويا آهن اهو نڪتو ڪڍن ٿا ته ”سماع مطاوعه آهي اسماع مان، ۽ مطاوعه تابع ٿئي ٿو پنهنجي مطاوعه جو جيڪو اصل آهي ۽ فرع پنهنجي اصل جي مخالف نٿو هجي“ ان جو جواب اهو آهي ته سماع کي اسماع جو مطاوعه بڻائڻ ئي غلط آهي. حقيقت هيءَ آهي ته هي ازقبيل ترتب احد الفعلين علي الاخرمن غير تاثير آهي جيئن اسمعته فلم يسمع يا هداه فلم يهتد هي افعال ترتب احد الفعلين علي آخر من غير تاثير آهن.

جواب ٻيو:- انساني ڪم ٻن قسمن جا آهن، (1) هڪ عاديه طبعيه يعني عادت جي طور تي ۽(2) ٻيو خرق عادت. ٻي قسم جي ڪمن جو ٿيڻ انسان کان ڪڏي سندس مرضي سان ئي ٿئي، انهن جي نسبت انسان ڏانهن نٿي ڪئي وڃي پر باري تعاليٰ ڏانهن ڪئي ويندي آهي.

مٿئين آيت ۾ انهيءَ حقيقت جو اظهار آهي ته توهين ڪونه ٿا ٻڌائي سگهو مان ٿو، ٻڌائي سگهان. "ولکن الله يسمع من يشاءَ" ۽ ومارميت اذ رميت ولکن الله رمي" ۽ فلم تقتلو هم ولکن الله قتلهم" وغيره. اهڙي طرح الله جا ولي جيڪي برزخ وارن سان ڳالهائيندا آهن اهو به خرق عادت جي طور تي ٿيندو آهي مامور عاديته نه ٿيندو آهي.

سوال: ڪنهن قسم کنيو ته آئون زيد سان نه ڳالهائيندس يا ڪپڙانه پارائيندس يا کيس مار نه ڪڍندس. جيڪڏهن اهي ڪم هو زيد جي مرڻ کان پوءِ ڪري ته حانث ڪونه ٿيندو ڇو ته مُردي ۾ حس ئي ڪونهي نه ٻڌي ٿو نه مارڻ سان تڪليف ۾ پوي ٿو.

جواب: ايمان جو بنياد عرف تي آهي عرف ۾ ڳالهائڻ، مارڻ وغيره جا ڪم دنياوي زندگي سان لاڳاپيل آهن، مثال طور زيد مري ويو، سندس ميراث ورهائجي ويئي، زال ٻيءَ جڳهه تي نڪاح ڪري ڇڏيو پوءِ ڪنهن نبيءَ جي معجزي يا وليءَ جي ڪرامت سان جيئرو ٿي ويو ته کيس نه عورت ملندي نه ميراث، ڇوته انهن جو تعلق گذريل زندگيءَ سان هو، يا مثلاً ڪو ڪافر مري ويو، ڪنهن نبيءَ جي معجزي سان زنده ٿيو هاڻي جيڪڏهن ايمان آڻي ته قبول ڪونه ٿيندو. ڇوته ڪفر ۽ ايمان جو تعلق سندس پهرئين زندگيءَ سان هو. اهڙي طرح انهيءَ قسم (حلف) جو تعلق به دنياوي زندگي سان آهي ان مان اهو ثابت ڪرڻ ته ميت ٻڌي ڪونه ٿو يا تڪليف ۾ مبتلا ڪونه ٿو ٿئي، بيوقوفي آهي، پوءِ انهيءَ دليل کي امامن سڳورن سان منسوب ڪرڻ انهن تي بهتان آهي.

واما ائمتنا فهم بريئون عن افکار هذه الامور وانما حکموا في الحلف بالضرب والکلام والد خول عليه ونحوها بعدم الحنث عند وجود هذه الاشياءَ بالميت لکون الايمان مبنية علي العرف والعرف قاض ان هذه الامور يرادبها ارتباطها مادام الحياة لا بعد الموت في الکلام بالميت وان کان کلاما حقيقة ويوجد فيه الاسماع والافهام لکن العرف يحکم بان المراد بقوله لااکلُمک هو الکلام حالة حياته وکذا الا يلام وان کان يتحقق في الميت لکن العرف قاض عليٰ ان المراد في قول لا ضربک هو ضربة حيا لا ميتا ـ [142])

جيستائين اسان جي امامن جو تعلق آهي اهي انهن ڳالهين جي انڪار کان آزاد آهن، انهن ميت کي مارڻ، انهن سان ڳالهيون ڪرڻ وغيره جي صورت ۾ حانث نه ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ڇو ته ايمان جو بنياد عرف تي آهي ۽ عرف تي ئي انهن ڳالهين جو فيصلو ڪيو ويندو آهي، انهي جو مطلب هي حالي زندگي ورتو ويندو آهي نه موت کان پوءِ ميت سان جيڪي ڳالهيون ڪيون وڃن جيتوڻيڪ اهي حقيقي آهن ۽ انهن ۾ اسماع ۽ افهام لڌو ويندو آهي پر عرف جي مطابق انهي جي قول جو تعلق، ته مان نه ڳالهائيندس، زندگيءَ جي حالت سان آهي ۽ اهائي صورت ايلام (مارڻ) جي باري ۾ آهي. ڪٿي پوءِ اهو عمل ميت ۾ ثابت ٿي وڃي پر عرف جو فيصلو هي آهي ته انهي قسم جي قول مان مراد ته آئون هن کي ڪونه ماريندس هن جو گذريل زندگي سان تعلق آهي نه ڪي موت کان پوءِ

سوال:- حضرت فاروق اعظم ۽ حضرت عائشه رضي الله عنها مُردن جي ٻڌڻ جو انڪار ڪيو آهي، آخر ڇو؟

جواب:- فاروق اعظم جي بيان ڪيل انڪار جو بنياد جنهن روايت تي رکيو ويو آهي، ان جي حقيقت هيءَ آهي ته:

> وكان اذا ظهر علي قوم اقام بالعرصة ثلث ليال فلما كان ببدر اليوم الثالث امر براحلته فشد عليها رحلها ثم مشي واتبعه اصحابه حتي قام علي شفة الركي فجعل يناديهم باسمائهم...... فقال عمر يارسول الله ماتكلم من اجساد لا ارواح لها قال النبي والذي نفس محمد بيده ما انتم با سمع لما اقول منهم ـ[143]

حضور اڪرم جي عادت مبارڪ هيءَ هئي ته جڏهن به ڪنهن قوم تي فتح حاصل ڪندا هئا ته ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون اتي رهندا هئا. بدر ۾ جڏهن ٽيون ڏينهن آيو ته هلڻ جو حڪم ڏنائون سواري تي پاکڙو رکيو ويو. پوءِ پاڻ بدر جي کڏ ڏانهن ويا ۽ ان کوهه جي ڪناري تي وڃي بيٺا جنهن ۾ قريش جي وڏن سردارن ڪافرن جا لاش پيا هئا، پوءِ انهن جا نالا وٺي سڏ ڪرڻ لڳا ته حضرت عمر عرض ڪيو ته يا رسول الله توهان هنن مرده جسمن سان ڪيئن پيا ڳالهايو جن ۾ روح نه آهن ته حضور

جواب ڏنو ته قسم انهيءَ ذات جو جنهن جي قبضي ۾ محمد جي جان آهي تون هنن کان وڌيڪ ڪونه ٿو ٻڌي سگهين ... الخ

فائدو:

ان روايت مان ثابت ٿئي ٿو ته حضرت عمر Ξ جو سوال انڪار ڪرڻ جي لاءِ ڪونه هو پر مسئلو پڇڻ جي لاءِ هو. جڏهن حضور اڪرم جو جواب ٻڌائين ته "تون هنن کان وڌيڪ ڪونه ٿو ٻڌين" ته ڇا عمر فاروقΞ جهڙي ماڻهو جي لاءِ انڪار جي ڪا گنجائش باقي رهي ٿي. ان کان پوءِ انڪار ته ڇا عمر Ξ جي تعجب جو ئي ڪو دليل پيش ڪريو.

ان روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته تعجب ان ڳالهه تي هو ته انهن کي مرندي ٿي ڏينهن گذري ويا آهن، منڪر نڪير جي سوال ۽ جواب جو وقت ته گذري ويو آهي ته ڇا اڃان به اهي ماڻهو ٻڌي سگهن ٿا؟ ان ڳالهه جي شاهدي ٻين روايتن مان به ملي ٿي.

عن ابي هريرته ان امراة سوداءَ كانت تقم المسجد ففقد ها رسول الله فسئال عنها بعد ايام فقيل له انها ماتت ـ [144]

ابوهريره Ξ کان روايت آهي ته هڪ ڪاري رنگ جي مائي مسجد ۾ ٻهاري ڏيندي هئي. حضور هڪ ڏينهن انهيءَ کي نه ڏٺو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ انهيءَ جي باري ۾ پڇيائون ته ٻڌايو ويو ته هوءَ مري ويئي آهي.

ٻي روايت عبدالله ابن مرذوق Ξ کان:-

فمر عليٰ قبرها فقال ما هذا القبر فقالوا ام محجن قال التي تقم المسجد قالوٰ نعم وصف الناس فصلي عليها ثم قال اي العمل وجدت افضل قالوٰ يا رسول الله اتسمع فقال ما انتم با سمع منها فذكر انها اجابته تقم المسجد۔[145]

ابن مرذوق Ξ جي روايت آهي ته حضور ان جي قبر جي پر سان لنگهيا، پڇيائون ته هيءَ ڪنهن جي قبر آهي. عرض ڪيو ويو ته ام محجن رضي الله عنها جي. فرمايائون اها جيڪا مسجد ۾ ٻهاري ڏيندي هئي عرض ڪيو جي ها. پوءِ صفون ٻڌيون ويون. نماز جنازه پڙهي پوءِ ام محجن رضي الله عنها کان پڇيائون ڪهڙو عمل تو سڀني کان بهتر ڏٺو. اصحاب سڀورن رضي الله عنهم

عرض ڪيو يا رسول الله؟ ڇا هيءَ توهان جو آواز ٻڌي پيئي؟ فرمايائون توهان هن کان وڌيڪ ڪونه ٿا ٻڌي سگهو. پوءِ عورت جواب ڏنو مسجد ۾ ٻهاري ڏيڻ جو عمل سڀني کان بهتر ڏٺم.

فائدو:

انهن حديثن مان هميشه سماع جو ثبوت ملي ٿو (جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي) ام محجن رضي الله عنهاکان حضور اڪرم کيترن ڏينهن کان پوءِ پڇيو ته تو ڪهڙي عمل کي سڀني کان بهتر ڏٺو ته هن جواب ڏنو. معلوم ٿيو ته مُردن جي ٻڌڻ (سماع موتي) جي باري ۾ سماع جا منڪر جيڪا وقت جي پابندي لڳائين ٿا سا غلط آهي. مشڪات ۽ الترغيب جون روايتون ملائڻ سان اهو معلوم ٿيو ته مُردن جي ٻڌڻ جو ثبوت حضور کان هڪ صورت ۾ ٽن ڏينهن کان پوءِ ۽ ٻي صورت ۾ ڪئين ڏينهن کان پوءِ ثابت آهي. اها آهي حضرت عمر Ξ جي باري ۾ بيان ڪيل نام نهاد انڪار سماع موتي جي حقيقت.

رهيو حضرت عائشه رضي الله عنها جي انڪار جو سوال ته ان جي زباني هڪ روايت ڏسو:

قالت قال رسول الله مامن رجل يزور قبر اخيه ويجلس عنده الا استانس به ورد عليه ـ [146]

حضرت عائشه رضي الله عنها فرمائين ٿيون ته حضور اڪرم فرمايو ته جيڪو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ جي قبر جي زيارت ڪري ۽ قبر جي پاسي ۾ ويهي ته اهو مردو ان کي سڃاڻڻ لڳندو آهي ۽ سلام جو جواب ڏيندو آهي.

اها حديث مردن جي ٻڌڻ (سماع موتيٰ) جي باري ۾ نهايت چٽي (واضح) آهي پرانڪار ڪرڻ وارا ان تي به آڏي ڇپا ڪن ٿا ته اها ضعيف آهي پر جڏهن ان جا ثبوت (شواهد) ٻين حديثن ۾ موجود آهن ته هيءَ مضبوط ٿي ويئي، جهڙي طرح:

عن ابن عباس P مرفوعا مامن احد يمر بقبر اخيه المسلم كان يعرفه في الدنيا فيسلم عليه الا رد الله عليه روحه حتي يرد ً رواه ابن عبد البر مصححا له عن ابن عباس رضي الله عنهما وعن ابي هريرة قال اذامر الرجل بقبر يعرفه فسلم

عليه رد ؎ [147]

حضرت ابن عباس رضي  الله عنهما کان صحيح طرح سان مرفوعاً روايت آهي ته حضور فرمايو ته جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن اهڙي مسلمان ڀاءُ جي قبر جي پرسان  لنگهي جيڪو ڪيس دنيا ۾ سڃاڻندو هو ۽ ڪيس  سلام ڪري ته الله تعاليٰ ميت جي روح کي جسم ۾ موٽائيندو آهي ۽ اهو انهيءَ سلام جو جواب ڏيندو آهي ۽ حضرت ابوهريره Ξ کان روايت آهي ته حضور فرمايو ته جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن اهڙي ماڻهو جي قبر جي پرسان لنگهي جيڪو کيس سڃاڻندو هجي ۽ اهو سلام ڪري ته مردو ان سلام جو جواب ڏيندو آهي.

ثم قال هذا باب فيه اثاره كثيرة  من الصحابه ـ [148]

پوءِ ابن ڪثير فرمايو ته ميت جي ٻڌڻ جي باري ۾ اصحاب سڳورن کان ڪئين روايتون نقل ٿيون آهن.

فقه جي ڪتابن ۾ مُردن جي نه ٻڌڻ (عدم سماع) جي باري ۾ باب يمين ۾ آهي ۽ هي مشائخ جو  پنهنجواستخراج آهي نه ته امام ابو حنيفه، امام ابويوسف ۽ امام محمد رحمهم الله عليهم کان ڪابه روايت نه ٻڌڻ (عدم سماعت) جي باري ۾ ڪونهي. شرح وقايه جي حاشيه تي حنفيت جو ترجمان مولانا عبدالحي لکنوي فرمائي ٿو:

> وبالجملة لم يدل دليل قوي عليٰ نفي سماع الميت وادرا كه وفهمه وقائمه لا من الكتاب ولا من السنة بل السنة الصحيحة الصريحة دالة عليٰ ثبوتها له والحق في هذا المقام ان هذا كل من تقريرات المشائخ وتوجيهاتهم وتكلفا تهم ولا عبرة بها حين مخالفتها للا حاديث الصحيحة وآثار الصحابة الصريحة [149]

حاصل مطلب هيءُ آهي ته ڪو به قوي  دليل ميت جي نه ٻڌڻ ۽ ادراڪ نه ڪرڻ جي باري ۾ يا ڳالهه نه سمجهڻ جي باري ۾ يا ميت جي متالم نه، ٿيڻ جي باري ۾ نڪي قرآن ڪريم مان ثابت آهي ۽ نه ئي حديث نبوي مان. جڏهن ته ڪيترئون ئي صحيح حديثون ميت جي ٻڌڻ جي باري ۾ ثبوت طور پيش ڪري سگهجن ٿيون حق هيءُ آهي ته، نه ٻڌڻ (عدم سماع) جون سڀئي لکٽيون شيخن جون

پنهنجيون آهن، انهن جا ئي سبب توجيهات ۽ انهن جا ئي دليل (تڪلفات بارده) آهن انهن تقريرن جو ڪوبه اعتبار ڪونهي جڏهن اهي صحيح حديثن ۽ اصحاب سڳورن جي واقعن جي خلاف آهن.

فائدا:

1: قرآن مجيد ۾ ڪابه آيت موجود ڪونهي جنهن جو مدلول ميت جي نه ٻڌڻ جو هجي -

2: قرآن مجيد جون جيڪي آيتون نه ٻڌڻ (عدم سماع) جي دليل ۾ پيش ڪيون وينديون آهن اهي تاويلات باطله جي ارتڪاب ڪانسواءِ پيو ڪجهه به ڪونهن نه ته لازم ٿيندو ته حضور اڪرم جو عقيدو ۽ اصحاب سڳورن جو عقيدو قرآن جي خلاف هو. العياذ بالله.

3: حضرت عزير ؑ ۽ اصحاب ڪهف جي واقعي مان عدم سماع ثابت ڪرڻ انهي قسم جي غلطي آهي، جڏهن ته انهن ۾ علم جي نفي مقصود آهي ٻڌڻ جو انڪار ڪونهي ۽ علم نه هجڻ نه ٻڌڻ کي مستلزم نه آهي. باقي جيتريقدر قرآني آيتون ان سلسلي ۾ پيش ڪيون وڃن ٿيون انهن جو مدلول عدم سماع نه آهي پر عدم مختاريت ۽ عدم الوهيت آهي. ڪافر جيئن ته ڪوڙن خدائن کي مختار ڪل ۽ مختار بالذات سمجهندا هئا، انڪري مختاريت جي نفي ڪئي ويئي آهي.

4: انهن حديثن ۽ آثار صحابه مان ظاهر آهي ته صحابه رضي الله عنهم جو عقيدو سماع موتيٰ جي حق ۾ هو. جمهور عالمن جو به اهوئي عقيدو هو، جيئن ته فتح الباري جي حوالي سان ذڪر ڪيو ويو آهي. فقه جي چئني امامن رحمهم الله عليهم جو مذهب به اهوئي آهي. مولانا عبدالحي لڪنوي جي راءِ ان سلسلي ۾ قول فيصل جي حيثيت رکي ٿي.

تنبيهه:

هي ڳالهه چڱي طرح ذهن ۾ رهي ته سماع موتيٰ جو مطلب اهل قبور ۽ اولياءَ الله کي حاجت روا مشڪل ڪشا سمجهڻ ڪونهي پر انجو مطلب اهوئي آهي جيڪو حديثن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. نه ته

غائبانه پڪارڻ ته شرڪ آهي ۽ قبرن کي سجدو ڪرڻ حرام آهي فاعل مختار صرف الله تعاليٰ جي ذات آهي. انبياء 8 ۽ اولياء سڀ انجا محتاج آهن.

روح کان فيض حاصل ڪرڻ ممڪن ناهي

هي بيان ٿي چڪو آهي ته جيڪي علم معارف ۽ علمي ڪمالات انسان هن دنيا ۾ حاصل ڪيا اهي مرڻ کان پوءِ روح کان کسيل نه هوندا آهن، پر برزخ ۾ وڃڻ کان پوءِ دنيا جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ظاهر ۽ وسيع ٿي وڃن ٿا. هاڻي ڏسڻو هي آهي ته دنيا جو ڪو انسان بزرخ ۾ روح سان ملاقات ڪري سگهي ٿو ۽ انهن کان فيض حاصل ڪري سگهي ٿو يا نه.

حضور اڪرم جي انبياء 8 جي ارواح سان ملاقات

معراج جي واقعي جي سلسلي ۾ حافظ ابن ڪثير لکن ٿا:

ثم لقي ارواح الانبياء عليهم السلام فاثنوا علي ربهم- [150]

پوءِ حضور اڪرم انبياء 8 جي روحن سان ملاقات ڪئي ۽ انهن روحن الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ڪئي.

حضرت ابن مسعود کان روايت آهي ته:

قال لقيت ليلة اسري بي ابراهيم وموسي عليهم السلام فتذاڪروني امر الساعة فردوا امر هم الي ابراهيم ؑ فقال لا علم لي بها ثم الي موسيٰ ؑ فقال لاعلم لي بها ثم الي عيسيٰ ؑ... الخ - [151]

حضور فرمايو مان معراج جي رات حضرت ابراهيمؑ، حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ 8 سان مليس. پاڻ ۾ قيامت جي باري ۾ ڳالهايوسين. سڀني حضرت ابراهيم ؑ ڏانهن اشارو ڪيو پوءِ حضرت موسيٰ ؑ پوءِ حضرت عيسيٰ ؑ ڏانهن اشارو ڪيو پر سڀني حضرات اهو فرمايو اسان کي قيامت جي باري ڪو به علم ڪونهي،

روح کان فيض حاصل ڪرڻ

فمررت عليٰ موسيٰ فقال بما امرت قلت امرت بخمسين صلوٰة كل يوم قال ان امتک لاتستطيع بخمسين صلوة كل يوم واني والله قد جربت الناس قبلک وعالجت بني اسرائيل اشد المعالجة فارجع الي ربک فاسئله التخفيف لامتک ـ [152]

حضور  فرمايو مان حضرت موسيٰ ؑ وٽان لنگهيس پاڻ پڇيائون ته توهان کي خدا ڪهڙي ڳالهه جو حڪم ڪيو؟ مون چيو ڏينهن رات ۾ پنجاه نمازن جو. پاڻ فرمايائون ته توهان جي امت پنجاه نمازن جي طاقت ڪونه ٿي رکي. توهان کان پهرين مون انسانن تي وڏو تجربو ڪيو ۽ بني اسرائيل کي سڌارڻ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي انڪري توهان پنهنجي رب ڏانهن وري وڃو ۽ گهٽ ڪرڻ جي درخواست ڪريو.

فائدو:

حضرت موسيٰ ؑ جي مشوري سان حضور وري وري ويندا رهيا ايستائين جو پنج نمازون وڃي رهيون.

لقيت ابراهيم ؑ ليلة اسري بها فقال يا محمد اقراءَ امتک مني السلام واخبرهم ان الجنة طيبة التربة وعذبة الماء وانها تيعان وان غراسها سبحان الله والحمد لله ولا اله الا الله والله اكبر ـ [153]

حضور فرمائين ٿا ته معراج واري رات منهنجي ملاقات حضرت ابراهيم ؑ سان ٿي. پاڻ فرمايائون پنهنجي امت کي منهنجا سلام پهچاءِ ۽ انهن کي ٻڌاءِ ته جنت پاڪ صاف مٽي آهي، پاڻي مٺو آهي صاف ميدان آهي ان ۾ باغ لڳائڻ وارا ڪلمات (جملا) هي آهن، سبحان الله.... الخ

فائدو:

انهن روايتن مان ثابت ٿيو ته حضور انبياء 8 جي روحن سان ملاقات ڪئي انهن جا نياپا ٻڌا ۽ انهن جي مشورن تي عمل ڪري امت جي لاءِ فرضن ۾ گهٽتائي ڪرائي.

هي اصول سامهون هجي ته جيڪو عمل حضور اڪرم ڪيو يا فرمايو يا انڪار ڪونه ڪيو، يا جيڪو ڪم ڪنهن سندن سامهون ڪيو ۽ پاڻ پسند فرمايائون يا پاڻ ڪنهن ڪم جي باري ۾

اشارو فرمايائون يا سوچيائون يا ڪم جو ارادو ڪيائون، اهي سڀئي حديثن جا قسم آهن ۽ رسول ڪريم□ جي امت سندن هر ڪم ۾ پاڻ ڪريمن□ سان شريڪ آهي جيستائين انهي جي ابتڙ تخصيص جو ڪو دليل قائم نه ٿئي.

حضور اڪرم□ جي هڪ ڪم جو تفصيل ته اسان بيان ڪيو هاڻي امت ۾ ان جا مثال ڏسو:

روح کان فيض جاري ٿيڻ

حره جي جنگ ۾ سعيد بن عبدالعزيز جي زباني حضرت سعيد بن المسيب□ □ جو واقعو پڙو.

قال لما كان ايام الحرة لم يئوذن في مسجد النبي(□) ثلاثا ولم يقم- ولم يبرح سعيد بن المسيب □ المسجد وكان لايعرف وقت الصلواة الا بهمهمة يسمعها من قبر النبي □ - [154]

فرمايائون حره جي ڏينهن ۾ ٽن ڏينهن تائين مسجد نبوي ۾ نه بانگ ڏني ويئي نه تڪبير ۽ سعيد بن المسيب□ □ برابر مسجد نبوي ۾ ئي رهيو ۽ کيس نماز جي وقت جو علم فقط انهيءَ آواز سان ٿيندو هو جيڪو نبي اڪرم□ جي قبر مبارڪ مان پڙڻ ۾ ايندو هوس.

روح کان فيض حاصل ڪرڻ جي باري ۾ علامه ابن تيميه□ فرمائين ٿا:

وقال لا يدخل في هذا الباب مايروي من ان قوما سمعوا رد السلام من قبر النبي□ اوقبور غيره وان سعيد بن المسيب□ □ كان يسمع الاذان من القبر ليالي الحرة ونحو ذلک وهذا كل حق ليس مما نحن فيه والامر اجل من ذالک واعظم وكذالک ايضا مايري ان رجلا جاءَ الي قبر النبي□ فشكا اليه الجدب عام الرمادة فراه وهو يامره ان ياتي عمر فيامره ان يخرج ليستسقي بالناس فان هذا ليس من هذا الباب ومثل هذا يقع كثيرا لمن هودون النبي□ اولغيره من امته - [155]

فرمايائون شرڪ ۽ بدعت ۾ هيءَ شيءِ داخل ڪونهي جيڪا روايت ڪئي ويئي آهي ته ڪن ماڻهن رسول ڪريم□ جي قبر مان

سلام جو جواب ٻڌو، ۽ ٻين اوليائن جي قبرن مان به ٻڌو ۽ اهو ته سعيد بن المسيب حره جي ڏينهن ۾ حضور اڪرم جي قبر شريف مان ٽي ڏينهن ٻانگ جو آواز ٻڌو انهيءَ قسم جا سڀئي واقعا حق آهن پر منهنجو بحث انهن واقعن سان ڪونهي ۽ حقيقت هيءَ آهي ته ان ڪان به وڏا وڏا واقعا ٿيا آهن، جيئن روايت آهي ته هڪ شخص نبي ڪريم جي قبر مبارڪ وٽ آيو ۽ عام رماد (ڏڪار واري سال ۾) ۾ ڏڪار جي شڪايت ڪيائين. ان حضور کي ڏٺو ته پاڻ کيس حڪم پيا ڏين ته "عمر وٽ وڃ چئج ته نماز استسقاء پڙهائي" اهي واقعا شرڪ ۽ بدعت مان نه آهن. انهيءَ قسم جا گهڻا ئي واقعا نبي ڪريم ڪانسواءِ سندن امت جي بزرگن ڪان به ثابت آهن.

اهو ڏڪار واري سال جو واقعو فتح الباري ۾ابن ابي شيبه جي روايت سان ۽ صحيح سند سان لکيل آهي - [156]

فائدو:

انهن حديثن مان روح جو نظر اچڻ، ڳالهائڻ، کيس علم هجڻ، ڳالهيون ياد هجڻ، زنده ماڻهن کي سلام موڪلڻ ۽ روح ڪان فيض حاصل ٿيڻ ثابت ٿيو. نبي ڪريم انبياء 8 جي ارواح ڪان فيض حاصل ڪيو. ڏڪار جي تڪليف ٻڌائڻ واري سجاڳيءَ جي حالت ۾ حضور اڪرم جي زيارت ڪئي، آواز ٻڌائين، حضرت عمر Ξ کي نياپو ڏنائين. سعيد بن المسيب Ξ جا ڳندي ٻانگ جو آواز ٻڌو.

اهي آهن روح ڪان فيض حاصل ڪرڻ جا سمعي دليل. اها آهي نبي جي سنت جنهن کي مسلمان وساري چڪا آهن. اڄ انهيءَ مرده سنت کي جيڪو جياريندو اهو سئو (100) شهيدن جو ثواب حاصل ڪندو. افسوس آهي انهن علماءِ سوءَ تي جيڪي تصوف ۽ سلوڪ کي بدعت چون ٿا. سلوڪ ۽ باطني فيض حاصل ڪرڻ ڪان سواءِ اها سنت جيئري ڪونه ٿي ٿي سگهي.

جيستائين ذوقي دليلن جو تعلق آهي ته سڀئي صوفي ۽ ظاهري علم جا محقق عالم ان تي متفق آهن ته امت جي خاص ماڻهن کي روح ڪان فيض ملندو رهيو آهي باقي رهيو سوال ته ڪيئن ٿو ملي؟ ته اها حقيقت عارفن ڪاملن جو دامن جهلڻ ڪان سواءِ

سمجهڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. انهيءَ جو تعلق ظاهري علم سان ڪونهي جو ڪتابن مان پڙهي ماڻهو اهو طريقو سکي وٺي انهيءَ شعبي ۾ اچي هڪ عام جاهل ماڻهو ۽ ظاهري عالم ۾ ڪو فرق ڪونهي ملائڪ وڏيون مقدس هستيون آهن پر شادي جي ڪيفيت ۽ ماکي جي لذت سمجهڻ کان عاجز آهن. انهيءَ ڪري من ذاق ومن جدوجد. سو روح کان فيض حاصل ڪرڻ جو طريقو اهو آهي جو ڪنهن ڪامل استاد جي شاگردي اختيار ڪريو خدا جي رضا کي مقصد سمجهي. الله جي ذڪر ۾ مشغول ٿي وڃو. رستي جون اهي نشانيون ڏسڻ ۾ اچي وينديون.

پهرين بيان ڪري چڪو آهيان ته ماڻهو خدا جي رضا جو مقصد کڻي ۽ سچي طلب سان اسان جي سلسلي ۾ اچي وڃي ته انشاءَالله تعاليٰ ڇهن مهينن جي عرصي ۾ روح سان ڳالهائي به سگهندو. روح کي ڏسي به وٺندو روح عليين ۾ هجي ۽ بدن صحِيح هجي ته روح جو تعلق بدن سان ڪيئن ٿو ٿئي. ۽ جيڪڏهين بدن صحيح نه هجي ته بدن جي ذرڙن سان روح جو تعلق ڪيئن ٿو رهي. ۽ اهو به ڏسي وٺندو ته نبي ڪريم􀀀 جي روح مبارڪ جو تعلق سندن پاڪ جسم سان جهڙي نموني سان آهي انهيءَ جي ڪيفيت ڇا آهي؟ ۽ پاڻ􀀀 پنهنجي قبر مبارڪ ۾ ڪهڙي ڪيفيت سان زنده آهن. بلڪه اهو به ڏسي وٺندو ته حضور􀀀 جي سيني مبارڪ مان انوار جي برسات ڪيئن ٿي وسي ۽ انهيءَ انوارن جون تارون ڪهڙي نموني سان مسلمانن جي دلين تائين پهچن ٿيون ۽ فيض جون اهي تارون ڪهڙي نموني مومنن جي ايمان کي قائم رکيو اچن.

مون کي خبر آهي ته منهنجي انهن ڳالهين سان ڪجهه ماڻهن کي گهڻي تڪليف ٿيندي، پر اها ڪا تعجب جهڙي ڳالهه ڪونهي ڇوته هم عصر هڪٻئي جي اعمالن کي ڪٿي ٿا مڃين. بلڪه بعيد ناهي ته عجيب پيشه ور فتويٰ باز حرڪت ۾ اچي وڃن . ڇو ته هر زماني ۾ ائين ٿيندو رهيو آهي پر منهنجو مقصد سچ جو اظهار ڪرڻ آهي ۽ اسلامي تصوف ۽ سلوڪ کي حقيقي رنگ ۾ پيش ڪرڻ آهي جنهن کي دنيا کي پوڄڻ وارن دڪاندارن ايترو ميٽي

چڙيو آهي جو هن جي سچاڻپ ڏکي ٿي ويئي آهي. ايندڙ نسل انشاءَ الله تعاليٰ هن مان ضرور فائدو حاصل ڪندا.

سوال: 5: جيڪڏهن صوفياء عارفين رسول ڪريم جي زيارت سان مشرف ٿين ٿا ته اصحابي ٿيا ۽ حضور اڪرم سان ڳالهائين ٿا ته حضور اڪرم کان جيڪي ڪجهه ٻڌن ٿا انکي حديث چئبو، ته پوءِ صحابه ڪرام رضي الله عنهم ۽ انهن صوفين ۾ ڇا فرق ٿيو ۽ حديث نبوي ۽ انهن سان ڳالهه ٻولهه جي سلسلي ۾ حضور اڪرم جي فرمان ۾ ڇا فرق ٿيو؟

جواب: اصحابي ٿيڻ جا شرط: اصحابي هجڻ لاءِ ٻه شرط آهن، پهريون جسماني حياتي ۽ مڪلف هجڻ يعني نماز، روزو، حج، زڪواة وغيره فرض ادا ڪرڻ ۽ احڪام شرعي جي پابندي ڪرڻ، ٻيو انهيءَ عالم آب وگل دنيا ۾ حضور جن جي صحبت جو شرف حاصل ڪرڻ،

ولايلزم من ذالک ان الرائي صحابي لان الشرط الروية في عالم الملک لافي عالم الملکوت

۽ ان سان اهو لازم نٿو ٿئي ته ڏسڻ وارو اصحابي بڻجي وڃي، ڇوته ڏسڻ جو شرط انهيءَ ظاهري دنيا سان مختص آهي، عالم ملڪوت سان ڪونهي.

صوفياءِ ڪرام جي ڏسڻ ۾ اهي ٻئي شرائط گم هوندا آهن، انهن کي اهو صحبت جو شرف عالمِ برزخ ۾ روحاني طور تي ٿئي ٿو، جتي روح جو تعلق بدن سان ته آهي پر تدبيروتصرف جو تعلق ڪونهي، ته پوءِ اصحابي ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

حديث جي حقيقت:

جيڪو ڪلام رسول اڪرم جن روحاني لقاء سان اخذ ڪيو هجي ۽ هن دنيا جي جسم جي زبان سان بيان فرمايو هجي اها حديث آهي، تنهنڪري صوفياءِ ڪرام جي روحاني ڳالهه کي حديث نٿو چئجي البت حضور اڪرم کان صحيح حديث جي تصديق ڪرائي سگهجي ٿي، ان جو مثال موجود آهي. مشڪواة شريف ۾ هڪ واقعو اچي ٿو ته ابي عياش اصحابي لا اله الا الله والله

اڪبر جا فضائل بيان ڪيا، هڪ ماڻهو حضور اڪرم ﷺ کي خواب ۾ ڏٺو ۽ ان جي تصديق ڪرائي.

فراي رجل رسول الله ﷺ فيما يري النائم فقال يا رسول الله ان ابا عياش يحدث عنک کذا وکذا قال صدق ابو عياش - [158]

هڪ شخص حضور اڪرم ﷺ کي خواب ۾ ڏٺو ۽ عرض ڪيو ته حضور ﷺ! ابو عياش ڪلمي لا اله الا الله والله اڪبر جو ثواب هيئن ٿو بيان ڪري حضور ﷺ فرمايو انهيءَ سچ چيو.

فائدو:

خواب ۾ تصديق ٿيل حديث کي حديثن جي ڪتابن ۾ داخل ڪيو ويو آهي پر اها تصديق انهيءَ حديث جي هئي جيڪا پاڻ ﷺ دنيا ۾ بيان ڪري چڪا هئا. انهيءَ تصديق سان پوري طرح پڪ تاڪيد ۽ تائيد ٿي ويئي. برزخي حديث مان ڪوبه نئون حڪم ثابت ڪونه ٿو ٿي سگهي. پر اڳوڻي حڪم جي تاڪيد ۽ تصديق ٿي سگهي ٿي ۽ صوفياءِ ڪرام به ائين ئي ڪندا آهن ۽ جاڳندي جاڳندي تصديق ڪرائي ٿا وٺن. صوفين سڳورن ۾ جيڪي ڪشف جا صاحب هوندا آهن اهي صحيح حديث جي سڃاڻپ هڪ ٻئي طريقي سان به ڪري وٺندا آهن، اهو هيئن جو جڏهن ڪا صحيح حديث پڙهي وڃي ٿي ته انهيءَ سان گڏ انوار هوندا آهن ۽ موضوع حديث سان ظلمت (اونده) شامل هجي ٿي. ڪشف وارن کي اهي انوار ۽ اونداهيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. اهڙي طرح صوفياءِ ڪرام ڪنهن حديث جي صحيح يا غلط هجڻ جي سڃاڻپ ڪري سگهندا آهن.

6: خلافت راشده جي دور ۾ خليفي جي چونڊ جي باري ۾ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جو اختلاف رهيو. پوءِ جنگ جمل ۽ صفين ۾ فتنن جا دروازا کليا ته اصحابي سڳورن رضي الله عنهم حضور اڪرم ﷺ جي روح مبارڪ کان پڇي اهي مسئلا حل ڇو ڪونه ڪرائي ورتا. ٻيو ته اصحابي سڳورن رضي الله عنهم کان اهڙي قسم جا واقعا نقل ڪونه آهن، ته پوءِ جيڪا شئي اصحابي سڳورن Σ کي حاصل ڪونه هئي سا صوفين کي ڪيئن ملي ويئي؟

جواب:. انهيءَ اعتراض جا ٻه حصا آهن. پهرئين اسان انهيءَ ڳالهه جو جواب ٿا ڏيون ته اصحابي سڳورن Σ اهي مسئلا ڇو ڪونه حل

ڪرائي ورتا.

قرآن ڪريم خلافت جو مسئلو بيان ڪيو. خليفن جون صفتون به بيان ڪيون پر خليفي جو نالو ڪونه متعين ڪيو پوءِ حضور اڪرم خلافت جي باري ۾ ڪئين اڳڪٿيون ڪري ٻڌايون . خليفن جون صفتون بيان ڪيون پر سندن نالا ڪونه ٻڌايا ساڳيءَ طرح اچڻ وارن فتنن جي باري ۾ حضور اڪرم بيان فرمايو. دجالن، ڪوڙن ۽ نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪرڻ وارن جو ذڪر فرمايائون پر ڪنهن جو نالو ڪونه ٻڌايائون. يعني حضور اڪرم پنهنجي دنيا جي هن زندگي ۾ خلافت جو مسئلو حل نه فرمايو نه اصحابي سڳورن Σ ان جو حل پڇيو. نه اچڻ وارن فتنن جو حل حضور اڪرم صاف صاف ٻڌايو نه اصحابي سڳورن Σ پڇيو هاڻي ٻڌايو ته جيڪو مسئلو انهيءَ جي اهميت جي باوجود نبي پاڪ جي حياتي ۾ اصحاب سڳورن Σ حل ڪونه ڪرايو. سندن وفات کان پوءِ انهيءَ مسئلي جي باري ۾ پڇڻ ڪهڙي معنيٰ ٿو رکي؟

باقي انهيءَ جي حقيقت سمجهو. حياتي ۾ انهن مسئلن جو حل نه ٻڌائڻ جو سبب هيءُ آهي ته واقعا ظاهر ٿيڻ کان اڳ حل نه ٿا ڪري سگهجن. خليفو مقرر ڪرڻ امت جو فرض آهي وقت جي تقاضن مطابق مسئلن کي حل ڪرڻ به امت تي فرض آهي. ها، حل ڪرڻ جا طريقا خود الله تعاليٰ ۽ رسول الله ٻڌائي ڇڏيا مسلمان انهيءَ ڳالهه جا پابند آهن ته پنهنجي اختيار ۽ صلاحيتن کي انهن طريقن مطابق ڪم آڻين جيڪي خدا ۽ رسول ڇڏيا آهن.

اعتراض جو ٻيو حصو هيءُ آهي ته اصحابي سڳورن رضي الله عنهم کان انهيءَ قسم جا ڪشف جا واقعا نقل (منقول) ٿيل نه آهن ته ان جو جواب ٻڌو:

(1) امام رازي حضرت صديق اڪبر جي تدفين جو واقعو تفصيل سان لکيو آهي. جڏهن غسل ۽ ڪفن مان واندا ٿيا ته اصحابي سڳورن رضي الله عنهم کٽ کڻي ۽ ان حجري جي دروازي تي رکي ڇڏي جنهن ۾ حضور اڪرم مدفون هئا.

لما حمل جنازه الي باب قبر النبي ونودي السلام عيلک يا

رسول الله هذا ابوبكر بالباب فاذ الباب قد انفتح واذا بهاتف يهتف من القبر ادخلو الحبيب الي الحبيب - [159]

جڏهن حضرت ابوبڪر جو جنازو ڪڻي نبي  جي قبر شريف جي دروازي جي سامهون رکيو ويو ۽ آواز ڏنو ويو السلام عليڪ يا رسول اللهٰ هي ابوبڪر دروازي تي آهي ته اوچتو دروازو کلي ويو ۽ قبر شريف جي اندران آواز آيو حبيب کي حبيب جي ويجهو آڻيو.

فائدو:

جوار رسول اللهٰ جي موضوع تي شيعن جي جواب ۾ مڪمل بحث رسالي الفاروق ۾ اچي چڪو آهي. هڪ ڊزن ڪتابن جي حوالن سان اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته صديق اڪبر رسول اللهٰ جي روضي مبارڪ ۾ سندن (حضور اڪرم) جي اجازت سان دفن ٿيا هئا. انهيءَ وقت هزارين اصحابي سڳورا رضي اللهٰ عنهم موجود هئا جن اهو آواز ٻڌو.

(2) فاروق اعظم جي باري ۾ ابن ڪثير ۽ ابن حجر هڪ روايت بيان ڪئي آهي ته هڪ جوان مسجد نبوي ۾ رهندو هو سو وفات ڪري ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حضرت عمر کي خبر پيئي پاڻ سندس والد سان تعزيت ڪيائون ۽ سندس قبر تي ويا:

فذهب فصلي علي قبره بمن معه ثم ناداه عمر فقال يا فتي لمن خاف مقام ربه جنتان فاجابه الفتي من داخل القبر يا عمر اعطا نيها ربي عزوجل في الجنة مرتين [160]

پوءِ فاروق ان جي قبر تي ويا، ساٿين سان گڏ جنازي نماز پڙهيائون. پوءِ ان جوان کي مخاطب ٿي آيت ”ولمن خاف...الخ“ پڙهيائون ته جوان قبر جي اندران جواب ڏنو اي عمر! منهنجي رب مونکي جنت ۾ اها نعمت ٻه دفعا عطا فرمائي.

(3) حضرت سعيد ابن المسيب جو واقعو اچي چڪو آهي. پاڻ ٽن ڏينهن تائين لاڳيتو مسجد نبوي ۾ رهيا ۽ حضور اڪرم جي قبر مبارڪ مان ٻانگ جو آواز ٻڌي نماز جو وقت سڃاڻندا رهيا ۽ نماز ادا ڪندا رهيا.

(4) هڪ اهڙي شخص جو واقعو به بيان ٿي چڪو آهي جيڪو ذڪار جي شڪايت ڪٽي حضور اڪرم جي قبر مبارڪ تي آيو. حضور اڪرم جو جواب ٻڌائين ۽ حضرت عمر ڪي نياپو پهچايائين.

(5)عن ابن عباس رضي الله عنهما قال ضرب بعض اصحاب النبي خباءَ.علي قبر وهو لايحسب انه قبر فاذافيه انسان يقراءَ سورة تبارڪ الذي ـ [161]

ابن عباس رضي الله عنهما فرمائين ٿا ته حضور اڪرم جي ڪنهن اصحابي سڳوري قبر تي خيمو لڳايو. ڪيس قبر جي ڪا خبر ڪونه هئي اوچتو چا ٿو ڏسي ته انسان قبر ۾ سورة تبارڪ الذي پيو پڙهي.

انهن پنجن روايتن کي غور سان پڙهو، صديق اڪبر، فاروق اعظم، سعيد ابن المسيب ، هڪ مرد ۽ ڪنهن اصحابي سڳوري جي روح سان ڳالهائڻ جا نمونا پيش ڪيا آهن صديق اڪبر جي واقعي ۾ ته ٻڌڻ وارا هزارين اصحابي سڳورا رضي الله عنهم هئا جن روح جو آواز "ادخلو الحبيب الي الحبيب" ٻڌو، ۽ فاروق اعظم سان گڏ هڪ جماعت هئي، جنهن انهيءَ جوان جو جواب ٻڌوجنهن قبر جي اندران حضرت عمر جو نالو وٺي خطاب ڪيو ۽ جواب ڏنو. چا اجا به شڪ آهي ته اصحابي سڳورن رضي الله عنهم کي روحاني ڳالهه ٻولهه ڪونه نصيب ٿي؟

رسول الله جو ارادو (قصد) ۽ ڪشف قبور

حضرت عائشه رضي الله عنها مشرڪين جي اولاد جي باري ۾ پڇيو ته حضور اڪرم فرمايو:

ان شئت اسمعتڪ تضا غيهم في النار ـ [162]

جيڪڏهن تون چاهين ته مان توکي دوزخ مان انهن جا آواز ٻڌرايان.

۽ ان کان علاوه مشڪاة ۾ حضرت زيد بن ثابت جي روايت موجود آهي ته:

فلو لا ان تدا فنوا لدعوت الله تعاليٰ ان تسمعكم من عذاب القبر

الذي اسمع منه.

جيڪڏهن اهو ڊپ نه هجي ته توهان مردا دفن ڪرڻ ڇڏي ڏيندا ته مان الله تعاليٰ کان دعا گهران ۽ توهان کي قبر جو عذاب ائين ٻڌڻ ۾ اچي جيڪو مونکي ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

انهن ٻنهي حديثن مان ثابت ٿيو ته جيڪڏهن حضرت عائشه رضي الله عنها چاهي ها ته نبي ڪريم جي دعا سان، بغير ڪنهن محنت جي ڪشف ٿي وڃي ها ۽ جيڪڏهن اهو خوف نه هجي ها ته اصحابي سڳورا رضي الله عنهم دفن ڪرڻ ڇڏي ڏيندا ته نبي جي دعا سان هر اصحابي سڳوري کي بنا مجاهدي جي ڪشف ٿي وڃي ها. پهرئين بيان ڪري چڪا آهيون ته قصد رسول به سنت آهي هتان ثابت ٿئي ٿو ته حضور ڪريم قصد (ارادو) ته فرمايو (تنهنڪري) انهيءَ سنت رسول کي زنده ڪرڻ عين سنت جي پيروي آهي.

مدرسه محمديه ()

حضور اڪرم جي ذات پاڪ علم ۽ ڪمالات جو مجموعو هئي. پاڻ ڪريمن جي خدمت ۾ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف طبيعتن، ذهني صلاحيتن ۽ مختلف عملي قوتن جا ماڻهو حاضر ٿيندا هئا. سندن صحبت ۾ گذران ۽ دنيا آخرت جي ڪم ڪار جي شعبن جي باري ۾ معلومات ۽ حقيقتون ملنديون هيون.

پر ڪنهن هڪ ماڻهو ۾ نه ته اهڙين صلاحيتن ۽ اهليت جو هجڻ ممڪن هو ۽ نه ئي خدا جي اها حڪمت ۽ مرضي هئي ته اهي سڀئي علم ۽ ڪمال جيڪي نبي ڪريم جي ذات مبارڪ ۾ موجود هئا سي ڪنهن هڪ ئي ماڻهو ۾ گڏ ٿي وڃن. ان ڪري ٿيو هيئن ته هر ڪنهن کي سندس فطري صلاحيتن ۽ خدا جي مرضي مطابق حساب سان حصو مليو. ڪنهن کي هڪ علم سان طبعي لڳاءُ ۽ مناسبت هئي، ته انهيءَ کي علم ۾ مهارت حاصل ٿي. ٻئي کي ڪنهن ٻئي علمي شعبي ۾ ڪمال حاصل ٿيو. پنهنجي پنهنجي لياقت مطابق ڪنهن کي گهٽ مليو ڪنهن کي وڌيڪ، ڪو مبلغ، ڪو مدرس، ڪو محقق ۽ مدقق ٿيو ته ڪو ڪشف ۽ الهام جو صاحب

صوفي ۽ عارف ٿيو ته، ڪو سپاهي، ڪو جنرل، ڪو سلطنت جو وزير، ڪو رياست جو صدر. مطلب ته، نڪي سڀئي اصحابي سڳورا رضي الله عنهم مفسر ۽ فقيهه هئا، نه سڀ جا سڀ اصولي جنرل يا رياست جا صدر هئا، نه وري سڀني اصحابن سڳورن رضي الله عنهم ڪشف والهام ۽ سلوڪ وتصوف ۾ هڪ جهڙي مهارت حاصل ڪئي پوءِ حيرت آهي ته ماڻهو ائين ته ڪونه ٿا چون ته سڀ اصحابي سڳورا رضي الله عنهم مفسر، محدث ۽ محقق ڪونه هئا، پر ائين بنا ڪٿڪي جي چون ٿا ته سڀ اصحابي سڳورا Σ ڪشف والهام جا صاحب ۽ صوفي ڇو ڪونه هئا.

بسوخت عقل زحيرت ڪه اي چه ابوالعجبي ست

ٻي اصولي ڳالهه ذهن ۾ رکو ته هر شعبي بابت نبي ڪريم جيڪا تعليم ڏيندا هئا اها بنيادي اصولن جي تعليم هوندي هئي. انهن اصولن ۽ قاعدن سان نندين نندين ڳالهين ۽ مسئلن جي حل ڪڍڻ جي ذميداري علماءِ حق ۽ مجتهدينِ امت جي ذمي رهڻ ڏني ۽ الله تعاليٰ جي سنت اهائي آهي ته نبي 8 قاعدا ئي بيان ڪندا آهن، ۽ انهن اصولن ۽ ڪليات مان علمي ۽ عملي مسئلا ۽ انهن جا حل ڳولڻ جا وسيلا ۽ ذريعا تلاش ڪرڻ جي ذميداري انهن ماڻهن جي هئي جيڪي انهن اصولن مان جزئيات جي استخراج جي صلاحيت رکندا هئا. ٽين ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته حضور اڪرم ۽ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي زماني ۾ سڀئي علم ۽ فن اصولي ۽ بنيادي اجمالي شڪل ۾ هئا. انهن جو تفصيل ڪونه هو. ڪنهن فن جي مستقل جوڙجڪ ڪونه ٿي هئي. تفسير، حديث، فقه، اصول، صرف ونحو، معاني وغيره ڪوبه فن اڃا مدون ڪونه هو، جهڙي طرح حالتن جي تقاضا پٽاندڙ ٻيا علم و فن پنهنجين نندين نندين ڳالهين ۽ تفصيلات ۽ جزئيات سميت ترتيب وار ٿهندا رهيا اهڙي طرح تصوف ۽ سلوڪ به آهستي آهستي جڙندو رهيو. هتي وري اها حيرت ٿي ٿئي ته ماڻهو ائين ڪونه ٿا چون ته اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي زماني ۾ تفسير، فقه، صرف ونحو، اسماءُالرجال جڏهن ته مستقل فن جي حيثيت نه رکندا هئا ته هاڻي ڇو ٿا پڙهن پر اهو اعتراض ڪرڻ ۾ نهايت بيباڪ آهن ته جڏهن

حضور اڪرم ﷺ ۽ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي زماني ۾ علم تصوف ۽ سلوڪ جو وجود ڪونه هو ته هاڻي اهو هڪ مستقل علم جي شعبي جي صورت سان ڪيئن وجود ۾ اچي ويو. ڳالهه هيءَ آهي ته ٻين علوم و فنون جي ماهرن وانگر صوفياءِ ڪرام سلوڪ ۽ احسان جي شعبي جي اصولن کي وڪريل ڏٺو ته انهن انکي سميٽيو ۽ انهن اصولن مان ننڍن جزوي مسئلن جا حل (استخراج) ڪڍيا پوءِ انکي حاصل ڪرڻ لاءِ ذريعا ۽ وسيلا ڳوليا . اهڙي طرح اهو فن به وجود ۾ آيو، ها! انهن وسيلن کي ڪوبه محقق صوفي اصل مقصد ڪونه ٿو سمجهي. جهڙي طرح عوام مان چوٽي جا عالم ۽ فاضل انسان ٿورا هوندا آهن، اهڙي طرح انهن عالمن مان مختلف خاص علمن ۾ خاص مهارت رکڻ وارن فردن جو تعداد اڃا به گهٽ هوندو آهي.۽ اهو اصول هر زماني ۾ لاڳو رهيو آهي. حضور اڪرم ﷺ جي زماني ۾ به هر اصحابي سڳوري ﷺ کي سندس مزاج ۽ استعداد مطابق حصو ملندو هو، چنانچه:

> ومن ثم کان حذيفة ﷺ صاحب السر الذي لا يعلمه غيره حتي خص بمعرفة اسماءِالمنافقين وبكثير من الا مور الاتية -
> [163]

انهيءَ ڪري حضرت حذيفه ﷺ صاحب اسرار رازدان هئا انهن اسرارن (رازن) کي ڪائنن علاوه ڪوبه ڪونه ڄاڻندو هو، ايستائين جو منافقين جي نالن جي خبر رکڻ ۽ گهڻن اچڻ وارن واقعن جي ڄاڻ رکڻ ۾ پاڻ مخصوص هئا. ٻين اصحابي سڳورن رضي الله عنهم کي انهن جو علم ڪونه هو.

ڏسو حضرت حذيفه ﷺ کي ڪشف و الهام ۽ علم اسرار مان اهڙو گهڻو حصو مليو جيڪو ڪنهن ٻئي اصحابي سڳوري ﷺ کي ڪونه مليو هاڻي جيڪڏهن هيئن چيو وڃي ته سڀني اصحابي سڳورن کي صاحب اسرار ڇو ڪونه بڻايو ويو ته اهو سڌو سنئون خدا جي مرضي ۽ حڪمت تي اعتراض آهي.

چوٿين اصولي ڳالهه هيءَ آهي ته تصوف ۽ احسان دين جو اهم شعبو آهي، هيءُ قاعدوآهي ته اذاثبت الشيءُ ثبت بلوازمه ۽ ڪشف ۽ الهام جو هجڻ تصوف جي لوازمات مان آهي - (164). انهيءَ

ڪري دين کي مڃڻ سان گڏ دين جي اهم جزي تصوف ۾ احسان کي مڃڻو پوندو. ڇوته هي لازم وملزوم آهن، شرط اهو آهي ته شيخ ڪامل هجي ۽ طلب صادق هجي. انبياءِڪرام 8 جا ڪمالات وهبي هوندا آهن. انهيءَ ڪري انهن سان گڏ ويهڻ وارن کي انهن جي صحبت جو فيض قدرتي طور تي بنا محنت جي حاصل ٿيندو آهي . پر هتي به نيت جي صفائي ۽ خلوص ضروري شرط آهي نه ته ماڻهو ’عبدالله بن ابي‘ ٿي رهجي ويندو ۽ اولياءَالله جا ڪمالات ڪسبي هوندا آهن انهيءَ ڪري انهن سان گڏ ويهڻ وارن کي انهن جي صحبت جو فيض محنت ۽ مجاهدي کان پوءِ حاصل ٿيندو آهي. هن سڄي بحث جو خلاصو هيءُ آهي ته صوفياءِ ڪرام روحن سان ڳالهائڻ جي مسئلي ۾ نبي ڪريم جي سنت ۽ اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي سنت جي صحيح پوئيواري ڪن ٿا. صوفياءِ ڪرام ان تي عمل ڪرڻ لاءِ جيڪي ذريعا اختيار ڪيا آهن اهي نوان ته آهن، پر آهن وسيلا ۾ جيئن ته انهن جو مقصد نيڪ آهي تنهنڪري اهي وسيلا به ڀلارا آهن ڇوته ذريعا مقصد جي حڪم هيٺ ايندا آهن ۽ الله جي ولين جو سمورو سرمايو الله ۽ رسول الله جي محبت آهي ۽ رسول الله جي زيارت اصل ۾ رسول الله جي محبت جو نتيجو ئي آهي ته انهن رسول الله سان محبت ڪرڻ وارن کي رسول الله جي زيارت نه ٿئي ته پوءِ ڪنهن کي ٿئي. انهن جو حال هيءُ هجي ٿو ته

> لكن اكثر منهم اذا ذكر النبي اشتاق النبي روية بحيث يو ثرها علي اهله وولده وماله ووالده ويذل نفسه في الامور الخطيرة ويجد مخبر ذلک من نفسه وجد اذالا تردد فيه وقد شوهد من هذا لجنس من موِّثر زيادة وروِّية مواضع اثر علي جميع ماذكرنا لما وقر في قلوبهم من محبة غير ان ذلک سريع السوال بتوالي الغفلة ـ [165]

انهن ۾ گهڻا اهڙا ماڻهو ملندا آهن جو انهن جي سامهون جيڪڏهن نبي ڪريم جو ذڪر ڪيو وڃي ته رسول الله جي زيارت جا مشتاق ٿي وڃن ٿا ۽ پنهنجي گهر ٻار، ماءُ پيءُ، مال و دولت کي ڇڏي ڏين ٿا ۽ پاڻ کي سخت خطري جي جڳهه تي آڻي

ڇڏين ٿا ته ڪنهن طرح زيارت نصيب ٿئي ۽ ان جي خبر ڏيڻ وارو ان جي ذات سان وجدان صحيح آهي ۽ ڏٺو ويو آهي ته اهڙي قسم جا ماڻهو رسول اللهﷺ جي زيارت، قبر مبارڪ جي زيارت ۽ انهن جڳهين جي زيارت جتي رسول اللهﷺ ويٺا يا بيٺا پنهنجي جان ومال ۽ گهر ٻار کان وڌيڪ سمجهن ٿا ڇوته انهن جي دل جي اونهائين ۾ رسول اللهﷺ جي محبت ٿي ويئي آهي، ها! غفلت طاري ٿيڻ سان اها ڪيفيت جلد زائل (ختم) ٿي ويندي آهي.

فائدو:

رسول اللهﷺ جي قبر مبارڪ جي زيارت رسولﷺ جي محبت ۾ داخل آهي ۽ انهن جاين کي ڏسڻ جتي حضور اڪرمﷺ پير مبارڪ رکيا، رسولﷺ جي محبت ۾ شامل آهي. جڏهن رسول اللهﷺ جي قبر مبارڪ جي مٽي جي زيارت پاڻ سڳورن جي محبت ۾ داخل آهي ته خود رسول اللهﷺ جي محبت ۽ سندن روح مبارڪ جي محبت جو ڇا شان هوندو. پر اها دولت ان وقت نصيب ٿيندي آهي جڏهن رسول اللهﷺ جي پيروي ڪرڻ جو جذبو ڪمال جي حد تائين پهتل هجي. ڇوته رسول اللهﷺ جي محبت جي انتها سندن سنت جي پيروي ڪرڻ ۾ آهي. من احب سنتي فقد احبني [جنهن منهنجي سنت سان محبت رکي ان مون سان محبت رکي]. ها! اها محبت ان وقت ختم ٿي ويندي آهي جڏهن دل تي غفلت جا پردا چڙهي وڃن. صوفياءِڪرام ان غفلت کي هٽائڻ جو طريقو سيکاريو، اهي وسيلا ۽ ذريعا ٻڌايا جن کي استعمال ڪرڻ سان غفلت کي هٽائي سگهجي ٿو، محبت کي زندهه ڪري سگهجي ٿو. پوءِ نبي ﷺ جي دربار ۾ حاضري، زيارت ۽ ڳالهه ٻولهه جو شرف به حاصل ٿئي ٿو. الله تعاليٰ جو مڪمل فضل شامل هجي ته انهيءَ مقام تي پهچڻ کان پوءِ اهو تعلق هميشه قائم رهي ٿو، اسان جي سلسلي ۾ اهوئي طريقو هلندڙ آهي. اسان جو چوڻ ته هي آهي ته جيڪڏهن نبي ﷺ جي زيارت جو شرف حاصل ڪرڻ، نبي ﷺ جي دربار ۾ حاضر ٿيڻ ۽ حضور اڪرمﷺ سان گفتگو ڪرڻ معاذالله گناهه آهي ته اها منزل حاصل ڪرڻ لاءِ صوفياءِڪرام جيڪي طريقا اختيار ڪيا آهن اهي به گناهه هوندا ۽ جيڪڏهن گناهه نه پر ايمان ۽ ڪامل ايمان

آهي ته انهن ذريعن کي اختيار ڪرڻ به ايمان جو دليل آهي.

صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي دور کان پوءِ ڪشف ۽ الهام ۾ واڌارو ڇو ٿي ويو؟

هن موقعي تي هڪ سوال هي به ٿئي ٿو ۽ انجو جواب ڏيڻ ضروري آهي. اهو هڪ مجيل مسئلو آهي ته ڪشف ۽ ڪرامتون انهن اوليائن کان وڌيڪ ظاهر ٿيون، جيڪي صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي دور کانپوءِ هن دنيا ۾ آيا.

انجو سڀ کان وڏو سبب هيءُ آهي ته انهن ڳالهين جو تعلق عوام جي ايمان جي طاقت ۽ ضعف سان آهي. ايمان مضبوط هجي ته ڪشف ۽ ڪرامتن جي ظاهر ٿيڻ ۽ ظاهر ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ڪونهي، ايمان ضعيف ٿيو ته پوءِ انهن ڳالهين جي ضرورت ٿي جيڪي خرق عادت جي قبيلي مان آهن. صحابه ڪرام جي دور ۾ انهن جا ايمان حضور اڪرم جي صحبت جي فيض ڪري تمام مضبوط هئا. ڪين انهن ڳالهين جي ضرورت ڪونه هئي، پوءِ ايمان ڪمزور ٿي ويا ته الله جي ولين کان اهڙين ڳالهين جا مطالبا ٿيڻ لڳا. اها ڳالهه ياد رکڻ کپي ته خرق عادت معاملا نه ولي هجڻ لاءِ شرط آهن ۽ نه ولايت جا جزا، ها! ولايت جي نشانين ۽ دليلن جي طور تي بطور سند عطا ڪيا ويندا آهن.

اسان اهو بيان ڪري چڪا آهيون ته ڪشف ۽ الهام وحي جا نائب ۽ خليفا آهن. صحابه ڪرام جي دور ۾ جڏهن وحي خود موجود هئي. حضور اڪرم جي برڪتن پري وحي سج وانگر چمڪي روشني پکيڙي رهي هئي ته وحي جي نائب جي ڪهڙي ضرورت هئي. ۽ سج جي مقابلي ۾ انهن چنڊ تارن، ڏيئن ۽ قنديلن جي ڪهڙي ضرورت هئي. قاعدو هيءُ آهي ته سج جي لهڻ کانپوءِ روشنيءَ جي ضرورت پوندي آهي، ۽ هڪدم اونداهي ڪونه ٿي ويندي آهي، پر آهستي آهستي روشني گهٽجندي ويندي آهي ۽ هوريان هوريان اونداهي ڇانئجي ويندي آهي. اهائي صورتحال صحابه ڪرام رضي الله عنهم، تابعين تبع تابعين رحمهم الله عليهم ۽ انهن کان پوءِ اچڻ وارن مسلمانن جي معاملي ۾ پيش آئي. پوءِ صوفياءِ ڪرام اچڻ وارين اونداهين ۾ روشني پکيڙڻ جو اهتمام جاري رکيو. سندن فيض

سان ڪٿي ڪو ڏيئو ٻريو، ڪٿي ڪا مشعل، ڪٿي ڪو تارو اڀريو ۽ ڪٿي ڪو چنڊ نڪتو، بهرحال سندن قدمن جي برڪتن جي روشني ڪٿي گهڙي درجي جي موجود رهي. اسان ته بهرحال اهو ٿا ٻڌائڻ چاهيون ته ڪشف ۽ الهام جي گهٽ وڌائي ايمان جي طاقت ۽ ڪمزوري جي مناسبت سان هوندي آهي. تنهنڪري ظاهر آهي ته صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي دور کان پوءِ ڪشف ۽ ڪرامتن جو اظهار اصولاً وڌيڪ ٿيڻ کپندو هو ۽ ٿيو به ائين. ان موضوع تي جيڪڏهن وڌيڪ معلومات درڪار هجي ته مولانا جامي ؒ جو ڪتاب شواهد النبوه صفحو 147: فتاويٰ الحديثيه صفحو 261 پڙهڻ جو مشورو ڏينداسين.

سوال: سلسلي جي مشائخ جا نالا پڙهڻ جو ڪوبه ثبوت ڪونهي بلڪه اهو شرڪ آهي

جواب: خدا تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي ته:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللهُ (آل عمران - ٣١)

توهان چئو ته جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ سان محبت ڪريو ٿا ته منهنجي پيروي ڪريو، الله تعاليٰ توهان سان محبت ڪرڻ لڳندو.

فقال النبي ﷺ واسئلک حبک وحب من يحبک و قدورد في السنة ذکر للا سباب التي يتسبب بها العباد الي محبة الله تعاليٰ سبحانه وساله حب من يحبه فانه لا يحب الله عزوجل الا المخلص من عباده فجبهم طاعة من الطاعات و قربة من القربات لان من احب الشيءَ اکثر ذکره وداوم عليه -[166]

حضور اڪرم ﷺ دعا گهري ته اي الله مان توکي تنهنجي محبت لاءِ عرض ڪريان ٿو ۽ انهن ماڻهن جي محبت لاءِ عرض ڪريان ٿو جيڪي توسان محبت ڪن ٿا ۽ حديث ۾ انهن ذريعن جو ذڪر آيوآهي. جن کي اختيار ڪرڻ سان انسان الله تعاليٰ جي محبت تائين پهچندو آهي ۽ حضور اڪرم ﷺ به خدا تعاليٰ کان انهن ماڻهن جي محبت گهري جيڪي خدا کي پيارا آهن (۽ ظاهر آهي ته خدا جا پيارا اهي ئي ٿيندا آهن جيڪي مخلص آهن) بس اهڙن ماڻهن جي محبت الله جي اطاعت به آهي ۽ سندس قرب به. ڇو ته جيڪو شخص ڪنهن شئي کي محبوب سمجهندو آهي انجو ذڪر زياده

ڪندو آهي ۽ ان تي هميشگي ڪندو آهي.

فائدو:

قرآن مجيد جي مٿي بيان ٿيل آيت ۽ حديث نبويﷺ مان ٽي ڳالهيون ثابت ٿيون.

(1) الله تعاليٰ جي ذڪر جي لاءِ ذريعا استعمال ڪرڻ ۽ انهن ذريعن جو الله جي ذڪر ۾ شامل هجڻ.

(2) الله تعاليٰ جي ولين جي محبت ۽ انهن جو ذڪر خدا تعاليٰ جي اطاعت ۽ قرب ۾ داخل آهي.

(3) جنهن شئي کي انسان محبوب سمجهندو آهي انجو گهڻو ذڪر ڪندو آهي.

بس، الله جي ولين جي سلسلن جو شريعت مطابق هجڻ به ثابت ٿيو.

حديث جي علم ۾، حديث جي متن کان پهريائين جيڪا سند پڙهي ويندي آهي اها پڙهڻ ثواب آهي ڇوته نبي ﷺ جي حديث جو نبي ﷺ سان لاڳاپو ڳنڍڻ جو واحد سبب اهائي سند آهي. جيڪڏهن سند نه هجي ته حديث جو متن بي ڪار ٿي وڃي ڇوته سچ ۽ ڪوڙ جو فرق ناممڪن ٿي وڃي. حديث جي فن ۾ جيڪا عظمت ۽ اهميت حديث جي سند جي آهي اهائي حيثيت تصوف ۽ سلوڪ ۾ مشائخ عظام جي سلسلن ۽ شجرن کي پڙهڻ جي آهي. تصوف، جنهن کي حديث جبرائيلؑ ۾ ”احسان“ جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ جيڪو دين جو خلاصو ۽ عبادت جو ثمره آهي، اهو سلاسل جي ذريعي ئي معلوم ڪري سگهجي ٿو. جڏهن سلسلي کي انجي شيخ کان رسول ڪريمﷺ تائين پهچايو وڃي تڏهن انجي صدق (سچي) يا ڪذب (ڪوڙي) هجڻ جو فيصلو ڪري سگهجي ٿو، جيئن محدثين ڪرام ڪنهن به حديث جي صحيح يا غلط هجڻ جو فيصلو ڏيڻ کان پهريائين سلسله رواة (راوين) جي چڱيءَ طرح جاچ پڙتال ڪندا آهن.

حديث جي تاريخ ۾ هڪ مشهور واقعو آهي ته امام علي رضاؒ جڏهن نيشا پور ويا ته حافظ حديث امام ابو ذرعهؒ ۽ امام مسلم طوسيؒ حاضر ٿي عرض ڪيو ته هڪڙي حديث توهان

پنهنجن ابن ڏاڏن کان وٺي رسول ڪريم تائين پڙهو. پاڻ پڙهيائون ۽ ويهن هزارن جي لڳ ڀڳ حاضرين انکي لکيو. ان متعلق امام احمد بن حنبل فرمائن ٿا ته ”ولو قريٰ هذالاسناد عليٰ مجنون لافلق من جنونه“يعني هيءَ سند جيڪڏهن لڳاتار ڪنهن چريئي تي پڙهي وڃي ته انجو جنون (چريائي) ختم ٿي ويندو - [167]

تنبيهه:

سلاسل مشائخ ۾ اولياءَ الله جا نالا ان نيت سان پڙهيا وڃن ته انهن جي ذريعي اسان کي خدا تعاليٰ جو قرب نصيب ٿئي ۽ اهي انسان الله تعاليٰ جي محبت پيدا ڪرڻ ۽ رسول الله جي سنت تي تابعداري ڪرڻ جا وسيلا ۽ ذريعا آهن ته اهو ثواب جو ڪم آهي ۽ جيڪڏهن ڪو شخص انهن انسانن کي سڀ ڪجهه ڪرڻ وارا مرضي جا مالڪ ماڻهن جا ڪم ڪرڻ وارا ۽ حاضر ناظر سمجهي شجرو پڙهي ته ان پنهنجو دين برباد ڪيو ۽ عاقبت خراب ڪئي.

سوال: چيو وڃي ٿو ته تصوف تواتر سان ثابت آهي. جڏهن ته امام حسن بصري جي ملاقات حضرت علي سان ثابت ئي ڪونهي ته تواتر ڪيئن ٿو ثابت ٿئي؟

جواب: صوفياءِ ڪرام ته سڀ جا سڀ متفق آهن ته ملاقات ٿي آهي. سيد احمد قشاشي ”العقد الفريد في سلاسل اهل التوحيد“ ۾ ڊگهي بحث کان پوءِ ثابت ڪيو آهي ته حسن بصري جي ملاقات ٿي آهي ۽ حضرت شاهه ولي الله ان ڳالهه تي صوفياءِ ڪرام جو اجماع ٻڌايو آهي.

والحسن البصري ينسب الي سيدنا علي عند اهل السلوک قاطبة وان کان اهل الحديث لايثبتون ذالک - [168]

سلوڪ وارن وٽ امام حسن بصري جي نسبت مڪمل طور تي حضرت علي سان ثابت آهي اگرچه محدثين اهو ثابت نه ٿا ڪن.

فائدو:

اهل سلوڪ ۽ محدثين جي فيصلن ۾ فرق هي آهي جو اهل سلوڪ وٽ ته ملاقات جو يقيني ثبوت آهي، پر اهل حديث وٽ

ثبوت نه هجڻ يقيني ڪونهي. ڇوته ثبوت به موجود آهي.

محدثين وٽ ملاقات ۽ ڏسڻ بالانفاق ثابت آهي. ها ڊگهي وقت لاءِ صحبت بالاتفاق ثابت ڪونهي. جيڪڏهن فيض لاءِ ڊگهي وقت جي صحبت کي شرط قرار ڏنو وڃي ته پوءِ به باطني فيض ڪنهن واسطي سان جي نفي ۽ منع ڪٿان لازم ٿي.

اهڙي طرح حديث پڙڻ (سماع) ۽ حديث جي روايت ۾ به اختلاف آهي پر راجح ۽ صحيح ڳالهه اها آهي ته سماع ثابت آهي.

هاڻي رهيو هي سوال ته جيڪڏهن ڪنهن واسطي سان فيض حاصل ڪرڻ جي اصول کي مڃيو وڃي ته اهو واسطو ڪهڙو آهي؟

جواب هيءُ آهي ته حضرت علي ڪرم الله وجه سان ملڻ وارا هزارين صحابه ڪرام رضي الله عنهم حضرت امام حسن بصري سان مليا هئا. ڪنهن کان به فيض حاصل ڪري ورتائون. اها ڪا ظاهري شئي ته نه آهي، جو ظاهري شئي جي نفي سان باطني فيض جو انڪار ٿي وڃي، ڇوته علم نه هجڻ ۽ وجدان نه هجڻ سان عدم معلوم ۽ عدم موجود لازم نٿو اچي. جڏهن روايت ۽ ملاقات بالاتفاق محدثين ڪرام کان به ثابت آهي ۽ سماع حديث به راجح آهي ته ان ڳالهه ۾ ڪهڙي شئي روڪيندڙ آهي ته فيض حاصل ڪرڻ جي ابتدا حضرت علي کان ڪئي هجي ۽ پوءِ واسطي سان ترقي ڪندا ويا هجن.

اسماءَ الرجال مان شواهد

1.ملاقات ۽ سماع:

قال ابن سعد ولد سنتين بقايا من خلافة عمر ونشا بوادي القري وكان فصيحا وراي عليا - [169]

خلافت فاروقي جا به سال باقي هئا ته حضرت امام حسن بصري پيدا ٿيا. وادي القريٰ ۾ پرورش ورتي، ڏاڍا فصيح هئا، حضرت علي سان ملاقات ڪئي.

2.روايت حديث:

راوي عن ابي بن كعب وسعد بن عبادة و عمر بن الخطاب

رضي الله عنهم. ولم يد رڪهم وعن ثوبان و عمار بن ياسر وابي هريرة و عثمان بن ابي العاص ومعقل بن يسار ولم يسمع منهم و عن عثمان و علي.

امام حسن بصري، ابي بن ڪعب، سعد بن عبادة ۽ عمر بن الخطاب رضي الله عنهم کان روايت ڪئي پر ملاقات نه ٿي ۽ ثوبان، عمار بن ياسر، ابو هريره، عثمان بن ابي العاص ۽ معقل بن يسار کان روايت ڪئي پر حديث نه ٻڌي ۽ عثمان ۽ علي کان روايت ڪئي.

3. سئل ابو زرعة هل سمع الحسن احدا من بدريين قال راهم روية راي عثمان و عليا. وقيل سمع منهما حديثا قال لا راي بالمدينة و خرج علي الي الكوفة والبصرة ولم يلقه الحسن بعد ذالک. وقال الحسن رايت الزبير يبايع عليا و قال علي بن المديني لم ير عليا الا اذا كان بالمدينة

امام ابو زرعه کان پڇيو ويو ته امام حسن بصري ڪنهن بدري کان ڪا حديث ٻڌي هئي. چيائون، اصحاب بدر کي ڏٺو ته هوائون پر انهن کان حديث نه ٻڌي هئي ۽ حضرت عثمان ۽ حضرت علي کي ڏٺو آهي پر انهن کان حديث نه ٻڌي ۽ حضرت علي کي مديني ۾ ڏٺو هو. پوءِ حضرت علي ڪوفي ۽ بصره هليا ويا ۽ امام حسن جي ملاقات انهن سان ڪونه ٿي. امام حسن چيو ته مون حضرت زبير کي حضرت علي جي بيعت ڪندي ڏٺو هو، علي المديني چيو ته امام بصري حضرت علي کي مديني ۾ ڏٺو هو.

فائدو:

1. ملاقات ۾ ڏسڻ بالاتفاق ثابت ٿيو.
2. حديث ٻڌڻ (سماع) ۾ اختلاف آهي.
3. راجح سماع، مرجوع عدم سماع. ڇوته ملاقات ٿي ته يقيناً سماع هوندو ڪا ڳالهه ته ٻڌي هوندي.
4. تهذيب الڪمال جي حاشيي ۾ هيءَ روايت موجود آهي.

عن يونس بن عبيد سئالت الحسن قلت ابا سعيد انک تقول

قال رسول الله و انڪ لم تدرڪه قال يا ابن اخي لقد سالتني من شيء ما سالني عنه احد قبلڪ ولولا منزلتڪ مني ما اخبرتڪ. اني في زمان ڪما تري و ڪان في زمن الحجاج. ڪل شيء سمعتني اقول قال رسول الله فهو عن علي ابن ابي طالب غيراني في زمان لا استطيع انا ذڪر عليا.

يونس بن عبيد چيو ته مون امام حسن بصري کان پڇيو ته توهان چئو ٿا ته ”رسول ڪريم فرمايو“ حالانڪه توهان حضور ڪريم کي ڏٺو ڪونه هو. امام جواب ڏنو ته منهنجا پائٺيا! تو مون کان اهڙي ڳالهه پڇي جيڪا توکان پهريائين ڪنهن ڪونه پڇي. جيڪڏهن منهنجي دل ۾ تولاءِ عزت نه هجي ها ته مان توکي هرگز ڪونه ٻڌايان ها. ٻڌ! مان اهڙي دور ۾ آهيان (پاڻ حجاج جي دور ۾ هئا) جو تون ڏسين پيو. انهيءَ ڪري جيڪا حديث تون مون کان هيئن بيان ڪندي ٻڌين ته حضور اڪرم فرمايو ته اها حديث علي ابن ابي طالب جي روايت هوندي. ڳالهه رڳو ايتري آهي ته مان اهڙي دور ۾ آهيان جو برملا (وڏي واڪ) حضرت علي جي نالي وٺڻ جي همت ڪونه ٿو ساريان.

فائدو:

1. اهو هڪ مجيل اصول آهي ته مثبت دليل، دليل نافي کان مقدم هوندو آهي، تنهنڪري هتي سماع (ٻڌڻ) ۽ ڏسڻ (ڏسڻ) جون روايتون عدم سماع ۽ عدم ڏسڻ جي روايتن کان وڌيڪ اهميت رکن ٿيون.
2. امام حسن بصري ٻه سال خلافت فاروقي ۾ پوءِ ٻارنهن سال خلافت عثماني ۾ پوءِ ابتدائي خلافت علوي تائين مديني ۾ رهيا، تنهنڪري ڪنهن اصحابي يا بدري اصحابي يا حضرت علي کان ڪا حديث نه ٻڌڻ قياس و عقل جي خلاف آهي. انهيءَ ڪري ملاقات سان سماع ۽ روايت به يقيني آهي. توڙي پيو احتمال به آهي پر خلافِ عقل آهي انڪري مرجوح آهي.

علامه سيوطي فرمائين ٿا:

انڪر جماعة من الحفاظ سماع حسن البصري عن علي وتمسڪ بهذا بعض المتاخرين واثبته جماعة وهو الراجح

عندي لوجوه و قد رجحه ايضا الحافظ حياء الدين مقدسي في المختاره فانه قال الحسن البصري عن علي الوجه الاول ان العلماءَ ذكروا في اصول وجوه الترجيح ان المثبت مقدم علي النافي لان معه زياده علم. الثاني ان الحسن ولد للسنتين يبقين من خلافة عمر باتفاق و كانت امہ خيرة مولاة ام سلمة فكانت ام سلمة تخرجہ الي الصحابة يباركون عليه و اخرجته الي عمر فد عاله (اللهم فقهه في الدين) وحببه الي الناس. قال الحافظ جمال الدين المزي في التهذيب انه اي الحسن حضر يوم الدار وله اربعة عشرة سنة ومن المعلوم انه من حين بلغ سبع سنين امر بالصلوة فكان يحضر الجماعة و يصلي خلف عثمان الي ان قتل عثمان و علي اذ ذاک بالمدينة فانه لم يخرج منها الي الكوفة الا بعد قتل عثمان فكيف يستنكر سماعہ منه وهو كل يوم يجتمع بہ في المسجد خمس مرات من حين الي ان بلغ اربع عشرة وزيادة علي ذالک ان عليا كان يزور امهات المومنين رضي الله عنهن و منهن ام سلمه رضي الله عنها والحسن في بيتها هو وامہ۔ [170].

حفاظ حديث جي هڪ جماعت حضرت علي کان حضرت حسن بصري جي سماع جو انڪار ڪيو آهي ۽ ڪن متاخرين انهيءَ انڪار سان استدلال ڪيو آهي ۽ ٻي جماعت سماع جو اثبات ڪيو آهي ۽ منهنجي نزديڪ اهوئي راجح مذهب آهي. ان جا ڪيترائي سبب آهن. حافظ حياءالدين مقدسي ”مختاره“ ۾ ان کي ترجيح ڏني آهي ته حسن بصري حضرت علي کان روايت ڪئي. پهريون سبب: علماءِ اصول وجوه ترجيح جي باري ۾ فرمايو آهي ته دليل مثبت، دليل نافي تي مقدم ٿيندو آهي ڇوته ان وٽ زياده علم هوندو آهي. ٻيو سبب: حضرت حسن بصري ان وقت پيدا ٿيو جڏهن خلافت فاروقي جا ٻه سال باقي هئا. ۽ سندن والده ام المومنين حضرت ام سلمه رضي الله عنها جي ٻانهي هئي ۽ حضرت ام سلمه رضي الله عنها حضرت حسن کي برڪت جي دعا لاءِ صحابه ڪرام وٽ موڪليندي هئي. هڪ دفعي حضرت عمر وٽ

موڪليائين، جن هن لاءِ دعا ڪئي ته يا الله هن کي دين جي سمجهه عطا فرماءِ ۽ ماڻهن وٽ هن کي محبوب بڻاءِ. حافظ جمال الدين مزي ”تهذيب“ ۾ چيو آهي ته امام حسن بصري حضرت عثمان جي گهيري وارن ڏينهن ۾ چوڏهن سالن جا هئا. اها پڪي ڳالهه آهي ته جڏهن پاڻ ستن سالن جا هئا تڏهن کان کين نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ امام حسن بصري جماعت ۾ حاضر ٿيندا هئا. حضرت عثمان جي پويان نماز پڙهندا رهيا ايستائين جو حضرت عثمان شهيد ٿي ويا ۽ حضرت علي جي پويان به ايستائين نماز پڙهندا رهيا جيستائين پاڻ مديني ۾ رهيا ۽ حضرت عثمان جي شهادت کانپوءِ حضرت علي ڪوفي روانا ٿي ويا. پوءِ حضرت علي سان امام جي سماع جو انڪار ڪيئن ٿو ڪري سگهجي جڏهن ته امام حسن حضرت علي سان گڏ پنج وقت نماز پڙهندا رهيا. اهو معمول سمجهه جي عمر يعني چوڏهن سالن جي ڄمار تائين رهيو. وڏيڪ هيءُ ته حضرت علي امهات المومنين رضي الله عنهن جي زيارت لاءِ ويندا هئا ۽ حضرت امه سلمه ϖ به انهن مان هڪ هئي ۽ حضرت ام سلمه رضي الله عنها وٽ امام حسن سندس والده سان گڏ رهندا هئا.

نقلي دليل:

علامه سيوطي چند حديثون نقل ڪيون آهن. جيڪي امام حسن بصري حضرت علي کان روايت ڪيون آهن.

1. حدثنا يونس عن الحسن عن علي قال سمعت رسول الله رفع القلم عن ثلاثة.
2. عن قتادة عن الحسن عن علي ان النبي قال افطر الحاجم والمحجوم.
3. حدثنا العوف عن الحسن عن علي ان النبي قال لعلي يا علي قد جعلنا اليک هذه السبغة بين للناس... دار قطني....
4. عن الحسن عن علي قال الخلية والبرية والبتة والبائن والحرام ثلاث لاتحل لھ حتي تنكح زوجا غيره... دار قطني....
5. عن الحسن قال قال علي ان وسع الله عليكم فاجعلوه صاعا من

برو غيره يعني زكوة الفطر... دار قطني.....

6. عن الحسن عن علي قال ليس في مس الذكر وضوء رواه الطحاوي.
7. عن الحسن عن علي قال طوبي لكل عبد شومه عرف الناس ولم يعرف الناس... الحلية.
8. عن الحسن عن علي قال كفنت النبي في قميص ابيض وثوبية وحبرة.
9. قال الحافظ ابن حجر ووقع في مسند ابن يعلي يقول اي الحسن سمعت عليا يقول قال رسول الله مثل امتي مثل المطر.
10. عن الحسن قال شهدت عليا بالمدينة وسمع صوتا، فقال ما هذا قالو قتل عثمان قال اللهم اشهداني لم ارض.

انهن ڏهن حديثن مان حضرت حسن بصري جي حضرت علي سان ملاقات ثابت ٿي.

تلڪ عشرة ڪامله

و قال ابو زرعة كان الحسن البصري يوم البيعة لعلي ابن اربع عشرة سنة وراي عليا بالمدينة قلت و في هذا القدر كفاية ويحمل قول نافي علي ما بعد خروج علي من المدينة

امام ابو زرعه رحه چيو جنهن ڏينهن حضرت علي جي خلافت جي بيعت ٿي امام حسن بصري چوڏهن سالن جي عمر جو هو، ۽ پاڻ حضرت علي ڪي مديني ۾ ڏٺائون. علامه سيوطي فرمائين ٿا، مان چوان ٿو ته حضرت علي سان امام حسن بصري جي سماع، حديث جي روايت ۽ ملاقات جو شاهد ٿيڻ لاءِ اهي ڏهه حديثون ڪافي آهن. ۽ اهو قول جيڪو ملاقات نه ڪرڻ ۽ روايت نه ڪرڻ تي دلالت ڪري ٿو انجو اطلاق ان دور تي هوندو جڏهن حضرت علي مدينو ڇڏي ڪوفي هليا ويا.

نائون اعتراض:

ڪجهه ماڻهو چون ٿا ته مشائخ جي قبرن تي ۽ ٻين قبرن تي وڃي انهن ڏانهن منهن ڪري بيهڻ يا ويهڻ ۽ هٿ کڻي دعا گهرڻ منع آهي.

جواب: انهيءَ اعتراض جا ٻه حصا آهن. پهريون اهو ته قبر وٽ وڃي هٿ کڻي دعا گهرڻ منع آهي. ٻيو اهو ته قبر ڏانهن منهن ڪري دعا لاءِ هٿ کڻڻ منع آهي. سڀ کان پهريائين اهو سمجهو ته دعا گهرڻ جا ڪجهه خاص طريقا آهن انهن طريقن کي سامهون رکي دعا گهرڻ سنت جي پيروي ۾ داخل آهي.

قال النووي قال العلماء السنة في كل دعا لدفع البلاءِ ان يرفع يديه جا علا ظهور كفيه الي السماء واذا دعا بسوال شيءِ تحصيله ان يجعل كفيه الي السماءِ (فتح الباري 252:2).

امام نووي چيو ته عالمن جيئن چيو آهي ته سنت طريقو هيءُ آهي ته هر اها دعا جيڪا ڪا مصيبت ٽارڻ لاءِ هجي ان ۾ هٿ هيئن کڻجن جو هٿن جي پٺ آسمان ڏانهن هجي ۽ هر اها دعا جيڪا ڪا شئي گهرڻ لاءِ گهري وڃي ان ۾ هٿ ائين کنيا وڃن جو هٿن جون ترِيون آسمان ڏانهن هجن.

۽ علامه شوڪاني فرمائين ٿا ته:

> وبسط يديه ورفعها حذو منكبيه. اقول يدل علي ذلک ما وقع منه من رفع يديه في نحو ثلاثين موضعا في ادعية متنوعة.

هٿن کي ڪلهن تائين کڻي سڌو ڪرڻ کپي. مان چوان ٿو ته ان ڳالهه جي باري ۾ اهي ٽيهه حديثون ئي دليل آهن جيڪي مختلف قسم جون دعائون گهرڻ جي سلسلي ۾ حضور اڪرم کان نقل ٿيل آهن.

عن سلمان قال قال رسول الله ان الله حي كريم يستحيي اذا رفع الرجل اليه يديه ان يردهما صفرا خائبتين رواه الحاكم و قال صحيح علي شرط الشيخين

حضرت سلمان فارسي فرمائين ٿا ته حضور اڪرم فرمايو ته الله تعاليٰ تمام (گهڻي) حياء وارو ۽ سخي آهي. جڏهن ٻانهو هٿ مٿي کڻي ان کي سوال ڪري ٿو ته ان جي هٿن کي خالي موٽائڻ ۾ الله تعاليٰ کي حياءُ ٿو اچي.

حضرت انس فرمائين ٿا:

> عن انس قال قال رسول الله ان الله رحيم كريم يستحيي من عبده ان يرفع اليه يديه ثم لا يصنع فيهما خيرا.

فرمايائون ته حضور فرمايو ته الله تعاليٰ تمام گهڻو رحيم ۽ ڪريم آهي. ان کي حياءُ ٿو اچي ته جڏهن ٻانهو انجي اڳيان هٿ کڻي ته هو انهن هٿن ۾ ڪا شئي نه وجهي

عن مالک بن بشار قال قال رسول الله اذا سئالتم الله فاسئلوه ببطون اكفكم ولا تسئلوه بظهورها.

مالڪ بن بشار فرمائين ٿا ته حضور فرمايو ته جڏهن الله تعاليٰ کان ڪجهه گهرو ته هٿن کي ائين جهليو جو هٿن جون تريون آسمان ڏانهن هجن ۽ پٺ آسمان ڏانهن نه هجي (تحفه الذاڪرين 42)

فائدا:

انهن روايتن مان ثابت ٿيو ته:

1. دعا گهرڻ وقت هٿ کڻڻ سنت آهي.
2. مصيبت ٽارڻ لاءِ دعا گهرڻ وقت هٿن جي پٺ آسمان ڏانهن هجڻ کپي ۽ ڪا شئي گهرڻ وقت هٿن جون تريون آسمان ڏانهن هجڻ تي سڀئي عالم متفق آهن ته ائين ڪرڻ سنت آهي.

رهيو اهو سوال ته دعا گهرڻ وقت هٿ ڇو کنيا ويندا آهن ته انجو جواب متڪلمين جي زباني ٻڌو:

فان قيل فما بال الا يدي ترفع الي السماءِ وهي جهة العلو.
اجيب بان السماءِ قبلھ الدعاء تستقبل بالايدي كما ان البيت قبلة الصلواة تستقبل بالصدر والوجہ. (مسامره صفحه 30)

جيڪڏهن چيو وڃي ته دعا گهرڻ وقت آسمان ڏانهن هٿ ڇو کنيا ويندا آهن جڏهن ته آسمان بلنديءَ جي نشاني آهي يعني الله تعاليٰ لاءِ جهت ثابت ٿئي ٿي، جواب هيءُ آهي ته آسمان دعا جو قبلو آهي انهيءَ قبلي ڏانهن هٿن جو رخ ڪيو ويندو آهي جيئن ڪعبو نماز جو قبلو آهي انڪري نماز ۾ منهن ۽ سيني جو رخ انهيءَ ڏانهن هوندو آهي.

امام غزالي فرمائين ٿا ته:

فكذالک السماءَ قبلة الدعا كما ان البيت قبلة الصلواة والمعبود بالصلوت والمقصود بالدعا منزه عن الحلول في البيت والسماءِ (الاقتصاد في الاعتقاد.23)

اهڙي طرح آسمان دعا جو قبلو آهي جهڙيءَ طرح ڪعبو نماز

جو قبلو آهي ۽ نماز ۾ جيڪو معبود آهي ۽ دعا ۾ جيڪو معبود آهي اهو ان ڳالهه کان پاڪ آهي جو ڪعبي يا آسمان ۾ حلول ڪري.

فائدو:

1. معلوم ٿيو ته جهڙي طرح ڪعبي ڏانهن منهن ڪرڻ کان بغير نماز پڙهي وڃي ته نماز ڪونه ٿيندي ۽ نه ئي قبول ٿيندي اهڙي طرح جنهن کي گهرڻ وقت فقيراڻي صورت بڻائڻ پسند نه هجي ته اهو وٺڻ لاءِ ڇو تڪو ٿئي؟

2. انهن ڳالهين مان اهو ثابت ٿيو ته جيڪڏهن قبر وٽ هٿ کڻي دعا نه گهرجي ته اها قبول نه ٿيندي ۽ جيڪڏهن دعا ئي قبول نه ٿي ته پوءِ ميت کي ثواب ڇا جو پهچندو. مطلب ته قبر وٽ وڃي هٿ کڻڻ کان سواءِ دعا گهرڻ هڪ بيڪار ڳالهه آهي.

بس، ثابت ٿيو ته دعا جي لاءِ هٿ کڻڻ سنت آهي ۽ انلاءِ قبر وٽ هجڻ يا نه هجڻ ضروري ڪونهي. قبر جي ويجهو وڃي دعا گهرڻ جي سلسلي ۾ حضور ڪريم جي عملي سنت هيءَ آهي.

> عن عائشة رضي الله عنها... ثم انطلقت علي اثره حتي جاءَ البقيع فقام. فاطال القيام ثم رفع يديه ثلاث مرة ثم انحرف. قال النووي فيه استحباب اطالة الدعا و تكريره و رفع اليدين فيه ان الدعا القائم اكمل من دعاءِ الجالس في القبور (مسلم 31:1)

حضور ڪريم رات جو جنت البقيع ۾ ويا ته آئون به سندن پٺيان هلي ويس. ايستائين جو پاڻ جنت البقيع ۾ پهتا. گهڻي دير تائين بيٺا رهيا پوءِ هٿ کڻي ٽي دفعا دعا گهريائون پوءِ واپس هليا آيا.

امام نووي رحه فرمايو ته اها قبول پيل ڊگهي دعا ، وري وري گهرڻ ۽ هٿ مٿي کڻي دعا گهرڻ جو دليل آهي. ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته قبر جي پرسان بيهي دعا گهرڻ، ويهي دعا گهرڻ کان وڌيڪ بهتر آهي.

قبر جي پرسان دعا گهرڻ جي انڪار ڪندڙن دعا گهرڻ وقت قبر ڏانهن پٺ ڪرڻ جو جيڪو نظريو پيش ڪيو آهي ان کي حضرت امام ابوحنيفه ڏانهن منسوب ڪري، پنهنجي دعويٰ کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي آهي انجي حقيقت

هيءَ آهي.

صحيح آهي ته علامه ڪرماني ۽ ابوالليث سمرقندي انهيءَ خيال جو اظهار ڪيو آهي، پر اهو ڪٿي جو انصاف آهي ته انهن ٻنهي جي راءِ ڪي امام ابو حنيفه جو مذهب قرار ڏجي جڏهن ته امام صاحب جو پنهنجو قول انجي بلڪل ابتڙ موجود هجي ۽ اهو قول هيءُ آهي:

عن ابي حنيفه عن نافع عن ابن عمر قال من السنة ان تاتي قبرالنبي من قبل القبلة و تجعل ظهرک الي القبلة وتستقبل القبر بوجهک ثم تقول السلام عليک ايها النبي ورحمة الله وبرکاته (مسند امام اعظم ص. 27)

امام ابوحنيفه فرمائين ٿا ته ابن عمر فرمايو ته سنت طريقو هيءُ آهي ته توهان حضور ڪريم جي قبر مبارڪ تي قبلي واري پاسي کان اچو ته جيئن پٺ قبلي ڏانهن ۽ منهن مزار مبارڪ ڏانهن هجي. پوءِ چئو اسلام عليڪم......

وقال بعضهم رايت انس بن مالک اتي قبر النبي فوقف فرفع يديه حتي ظننت انه افتتح الصلوات

ڪنهن اصحابي ؓ چيو ته انس Ξ بن مالڪ کي ڏٺم ته، حضور ڪريم جي مزار مبارڪ تي ويو ۽ ٻئي هٿ کڻي قبر مبارڪ جي ويجهو بيهي رهيو ايستائين جو مون ڀانيو هو ته شايد پاڻ نماز شروع ڪري ڇڏي اٿن.

قال مالک في رواية ابن وهب اذا سلم علي النبي ودعا يقف وجعه الي القبر لا الي القبلة (شفا في حقوق المصطفي. صفحه 235)

امام مالڪ ابن وهب کان روايت ڪئي آهي،ابن وهب جڏهن حضور ڪريم جي خدمت ۾ سلام پيش ڪندو هو ته پنهنجو منهن قبر مبارڪ ڏانهن ۽ پٺ قبلي ڏانهن ڪري دعا گهرندو هو.

فائدو:

انهن روايتن مان ثابت ٿيو ته امام ابو حنيفه جو مذهب ۽ هڪ جليل القدر اصحابي جو عمل اهوئي آهي ته قبر جي پرسان وڃي، منهن قبر ڏانهن ۽ پٺ قبلي ڏانهن ڪري انهيءَ حالت ۾ دعا گهرو.

آخر ۾ علامه شوڪاني جو فيصلو ڏسو.

وجرب استجابة الدعاءِ عند قبور الصالحين بشروط معروفة _ [171]

تجربي سان ثابت ٿي چڪو آهي ته ولين جي قبرن جي پرسان وجي، پهرئين طئي ٿيل ڪجهه شرطن سان دعا گهرجي ته جلد قبول ٿئي ٿي.

مطلب ته قبر ڏانهن منهن ڪري بيهي يا ويهي هٿ مٿي ڪٽي دعا ڪرڻ سنت آهي. امام ابو حنيفه جو اهوئي مذهب آهي، اهو خيال رهي ته دعاء الله تعاليٰ کان گهرڻي آهي قبر کان ڪونهي گهرڻي.

حرف آخر

”ان الله مع الذين اتقو والذين الطاعات عندنا محصورة في نوعين التعظيم لامرالله والشفقه علي خلق الله كما قال تعاليٰ هم محسنون“ و افضل الا عمال في الخيرات امران المواظبۃ علي الاعمال المشعرت بتعظيم المعبود والسعي في ايصال النفع الي الخلق. التعلق القلبي. بشيءِ مما سوي الله تعاليٰ في طريق العبودية يقرب من ان يكون تعلقا بالوثن فلذالک قال اهل السلوک هو شرک خفي و للسالكين امران البداية والنهاية اما البداية فالاشتغال بالعبودية و اما النهاية فقطع النطر عن الاسباب و تفويض الامر كلها الي مسبب الاسباب وذالک هو المسمي بالتوكل علي الله- و هذين المقامين ذكر في قوله تعاليٰ ”فاعبده و توكل عليہ“ وفي هذه الاية تنبيه علي ان ايمان العبد لا يكمل الا عند الاعراض عن الاسباب والاقبال بالكليۃ علي مسبب الاسباب لان حب الدنيا لايجتمع سعادة الاخرت فبقدر ما يزداد احدهما ينقص الاخر و ذالک لان الدنيا لا تحصل الا باشتغال القلب بطلب الدينا و سعادت الاخرت لاتحصل الا بفراغ القلب من كل ماسوي الله تعاليٰ وامتلائہ من حب الله تعاليٰ وهذان الامران لا يجتمعان والتمرغ في وصول الدنيا من اخلاق الهالكين- والاخبار في

ذالک کثیر- لان الانسان دخل في الدنيا كالتاجر الذي يشتري بطاعة سعادت الاخرت لان قصد الاقصيٰ من الخلق العبادت كما قال تعاليٰ "وما خلقت الجن و الانس الاليعبدون"- والمقصد الا عليٰ في العبادت حصول محبة الله تعاليٰ كما ورد في الحديث "لايزال عبدي يتقرب الي بالنوافل حتيٰ احبہ" وكل من كان قلبه اشد امتلاء من محبة الله تعاليٰ فهو اعظم درجتٗه عند الله لكن للقلب ترجمان وهو لسان- وللسان مصدقات وهي الاعضاءُ ولهذا المصدقات مزكيات- فاذا قال الانسان اٰمنت باللسان فقد ادعيٰ محبة الله تعاليٰ في الجنان- فلا بد من شهود- فاذا استعمل الاركان في الاتيان بما عليه بنيان الايمان حصل لہ عليٰ دعواه شهود ومصدقات فهي الاعفاءُ فاذا بذل في سبيل الله نفسه وماله ومازكيٰ بترک ماسواه اعمالہ زكيٰ شهود الذين صدقوه- فيما قالہ فيحرر في جرائد المحبين اسمہ و يقرر في اقسام المقربين قسمہ و اليہ اشار بقوله تعاليٰ- "اَحَسِبَ النَّاسُ اَنۡ يُّتۡرَكُوۡۤا اَنۡ يَّقُوۡلُوۡۤا اٰمَنَّا وَ هُمۡ لَا يُفۡتَنُوۡنَ‏" - (العنکبوت ٢)

اسان جي خيال ۾ اطاعت جو دارومدار ٻن ڳالهين تي آهي الله تعاليٰ جي حڪمن جي عزت ڪرڻ ۽ الله تعاليٰ جي مخلوق تي شفقت ڪرڻ. جهڙي طرح الله تعاليٰ فرمايو آهي ته "الله تعاليٰ انهن ماڻهن سان گڏ آهي جن تقويٰ اختيار ڪئي ۽ جيڪي احسان ڪرڻ وارا آهن" نيڪ ڪمن مان بهترين عمل ٻه آهن، پهريون انهن ڪمن کي مستقل اختيار ڪرڻ جن سان الله تعاليٰ جي عظمت جو اظهار ٿئي ٻيو انجي مخلوق کي نفعو پهچائڻ لاءِ جدوجهد، بندگي جي معاملي ۾ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي اڳيان ڪنڌ نمائڻ اصل ۾ بت پرستي جي ويجهو آهي. انڪري سلوڪ وارن انکي "شرڪ خفي" قرار ڏنو آهي. ۽ سالڪن جي لاءِ ٻه حالتون هونديون آهن، ابتدا ۽ انتها. ابتدا عبادت ۾ مشغول ٿي وڃڻ آهي ۽ انتها وسيلن تان نگاهه کڻي ڇڏڻ ۽ سڀني مسئلن کي مسبب الاسباب جي حوالي ڪرڻ آهي. انهيءَ جو نالو توکل علي الله آهي. انهن ٻئي ٻن مقامن جو بيان الله تعاليٰ جي ڪتاب ۾ هنن لفظن سان ٿيو

اهي ته ”انهيءَ جي عبادت ڪر ۽ انهيءَ تي توڪل رک“. هن آيت ۾ تنبيهه ڪيل آهي ته ان ڳالهه کان سواءِ انسان جو ايمان ڪامل ڪونه ٿو ٿي سگهي ته هو سببن کان نظر هٽائي ڇڏي ۽ سبب پيدا ڪرڻ واري تي سندس نگاهه چڱيءَ طرح ڄميل رهي. ڇو ته دنيا جي محبت ۽ آخرت جي سعادت هڪ ئي جاءِ تي نٿيون گڏ ٿي سگهن. جيئن جيئن انهن مان هڪ ۾ واڌارو ٿيندو، ٻيءَ ۾ ان ئي حساب سان گهٽتائي ٿيندي، انجو سبب هيءُ آهي ته دنيا حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته دل کي دنيا جي طلب ۾ مشغول رکجي ۽ آخرت جي ڀلائي ان ّوقت تائين حاصل نٿي ڪري سگهجي جيستائين دل کي الله کان سواءِ ٻين ڳالهين کان بلڪل خالي نه رکجي ۽ دل ۾ الله جي محبت کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه رهي ۽ اهي ٻئي ڳالهيون هڪ ئي وقت ۾ گڏ ڪونه ٿيون ٿي سگهن. دنيا کي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ هر وقت مشغول رهڻ مري وڃڻ وارن جي نشانين مان هڪ آهي. ان سلسلي ۾ حديثون ۽ ٻيون روايتون گهڻيون ئي ملن ٿيون ڇو ته انسان هن دنيا ۾ هڪ اهڙو واپاري بڻجي آيو آهي جنهن کي اطاعت جي بدلي ۾ آخرت جي سعادت حاصل ڪرڻي آهي. ظاهر آهي ته مخلوق جي پيدائش جو مقصد عبادت آهي. جهڙيءَ طرح قرآن حڪيم ۾ آيل آهي ته ”۽ مون انسانن ۽ جنن کي فقط پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي“. ۽ عبادت جو مقصد الله تعاليٰ جي محبت حاصل ڪرڻ آهي. جهڙي نموني سان حديث قدسي ۾ آيو آهي ته ”جڏهن منهنجو ٻانهو نفلن جي ذريعي منهنجو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو ته مان ان سان محبت ڪرڻ لڳان ٿو“ ۽ جنهن دل ۾ الله تعاليٰ جي محبت چڱيءَ طرح  پرپل هوندي اهو ئي الله وٽ قدر جي لائق هوندو. پر دل جو هڪ ترجمان آهي ۽ اها آهي زبان. زبان جي تصديق ڪرڻ وارا ٻيا عضوا آهن ۽ انهن مصدقات جا پاڪ ڪندڙ به آهن. جڏهن انسان زبان سان چئي ٿو ته ”مون ايمان آندو“ ته هن ڄڻ پنهنجي دل ۾ الله جي محبت موجود هجڻ جي دعويٰ ڪئي، ته ان جي شاهدي پيش ڪرڻ به لازمي آهي. جڏهن انسان پنهنجن سڀني عضون سان انهن اصولن تي عمل ڪري ٿو جيڪي ايمان جو بنياد آهن تڏهن هن پنهنجي دعويٰ جي

شاهدي پيش ڪري ڇڏي. جڏهن هن الله تعاليٰ جي راهه ۾ مال ۽ جان خرچ ڪيو ۽ الله تعاليٰ کانسواءِ ٻين جي محبت کان پنهنجي عملن کي پاڪ ڪيو ته هن پنهنجي شاهدين جي سچي هجڻ جو ثبوت پيش ڪري ڇڏيو. هاڻي سندس نالو الله تعاليٰ سان محبت ڪرڻ وارن ۾ لکيو وڃي ٿو ۽ االله تعاليٰ جي ويجهو هجڻ وارن جي ٽولي ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. الله تعاليٰ ان حقيقت ڏانهن اشارو فرمايو آهي ته ”ڇا ماڻهو اهو سمجهي ويهي رهيا آهن ته ڪين رڳو ائين چوڻ تي ڇڏي ڏنو ويندو ته اسان ايمان آندو ۽ انهن کي آزمائش ۾ ڪو نه وڌو ويندو“

# حضرت شيخ المڪرم جا معزز خط سوالن جي جوابن ساڻ

افغانستان کان هڪ عالم دين جو خط
پهرين سوال جو جواب، ٻئي سوال جو جواب
ٽئين سوال جو جواب
چوٿين سوال جو جواب
پنجين، ڇهين، ستين سوال جو جواب
اٺين سوال جو جواب

ڪابل (افغانستان) کان هڪ عالمِ دين جو خط

خدمت ۾ جناب شيخ المڪرم حضرت مولانا ڪاشف اسرار شريعت و طريقت وحاوي للفروع والاصول السلام عليڪم ورحمته الله و برڪاته. دام فيوضڪم و برڪاته علينا و علي الناس اجمعين.

مون کي دلاور خان جي ذريعي ”دلائل سلوڪ“ ڏسڻ جو موقعو مليو جنهن سان منهنجي دل ۾ ايمان جي نور جي هڪ لهر اٿي ۽ حيران ٿي ويس ته هن ظلماتي ۽ الحادي دور ۾ ههڙو هيرو، انمول موتي، درِ يڪتا، وحيد الدهر ۽ سراج منير هن سرزمين پاڪ و هند ۾ روشن ٿيو. جيڪڏهن مان پاڻ پنهنجين اکين سان ڪتاب نه ڏسان ها ۽ ڪو ٻيو ماڻهو مونکي زباني اهي ڳالهيون ٻڌائي ها ته يقيناً دل قبول ڪونه ڪري ها ۽ نه ئي اهڙيون ڳالهيون قبول ڪرڻ جهڙيون هيون. ظاهراً ته ڇڻ اهو اهل سنت و جماعت جو مذهب آهي ته زمين اهڙن ماڻهن کان خالي ڪونه رهندي آهي پر اهڙي جامع شريعت و حقيقت هستي جو هن دور ۾ موجود هجڻ جيڪڏهن محال نه هو ته ناياب ته يقيني طور تي هو ۽ آهي.

مان پاڻ به انهيءَ مرض جو پراڻو مريض آهيان. دل جي طبيب

جي تلاش ۾ سالن کان رڙل آهيان پر جيڪو مليو آخر اهو دڪاندار ئي ثابت ٿيو. انڪري منهنجي ٻيڙي ڪناري نه لڳي سگهي ۽ نه ئي مرض کان ڇوٽڪارو مليو. جيڪڏهن ڪا صورت حاضريءَ جي هٿ آئي ته خدمت ۾ حاضر ٿيندس. وقت هاڻي آخري آهي، ڪجهه سوال پيش ڪري جواب وٺڻ چاهيان ٿو.

1. ڇا اذڪار و اشغال مشائخن جي ذڪر جي مجلس جو نمونو، ٻه وقت ذڪر ڪرڻ ۽ گڏجي ذڪر ڪرڻ جو وجود قرون ثلاثه ۾ ملي ٿو، جيڪي قرون مشهود باالخير آهن، جيڪڏهن انهن ڳالهين جو وجود قرون ثلاثه ۾ ڪونه هو ته پوءِ ڪين بدعت چوڻ کپي؟
2. ڇا آخرت ۾ ڇوٽڪاري لاءِ ۽ ٻين سڀني ڪمالن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪتاب الله ۽ سنت رسول ڪافي ڪونهي جو وڏيڪ مشائخن جي پابندين ۽ اشغالن ۽ خصوصيتن مان حاصل ڪجن جڏهن ته انسان ڪتاب الله ۽ سنت رسول تي عمل ڪندڙ آهي.
3. ڇا علم سلوڪ وتصوف دين جو جزو آهي؟ جيڪڏهن "ها" ته پوءِ قرون ثلاثه ان کان خالي ڇو رهيا؟ جيڪڏهن "نه" ته پوءِ انکي حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو؟
4. جيڪڏهن سلوڪ جو علم دين جو جزو آهي ته پوءِ اهو علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڪامل ولي يا مرشد وٽ وڃڻ ڪٿان ثابت آهي؟ اهو ته قرآن، سنت ۽ تصوف جي ڪتابن مان حاصل ڪري سگهجي ٿو.
5 اهو ته صحيح آهي ته سلوڪ جو علم هڪ باطني علم آهي پر علم حاصل ڪرڻ لاءِ زنده انسان ڪافي آهن، باطني علم جي عالمن کان اهو حاصل ڪري سگهجي ٿو. پر جيڪو صوفين ۽ اوليائن ۾ مشهور آهي ته "فيض روح کان به حاصل ڪري سگهجي ٿو" ته اهو قبر وارن کان ڪيئن ٿو حاصل ٿي سگهي، جڏهن ته (مري ويندي) وقت به گهڻو گذري ويو آهي ۽ ان کان علاوه فقيهن ۾ ته ڪي شروع کان سماع موتيٰ(مري ويلن جي ٻڌڻ) جو بلڪل انڪار ڪن ٿا. جڏهن اهو حال آهي ته پوءِ

فيض ڪيئن ٿو حاصل ڪري سگهجي؟ ۽ امام صاحب جو مذهب به ڪي عدم سماع جو ٻڌائين ٿا.

6. اللّٰه تعاليٰ سوال ڪرڻ کان بغير ئي انسان جي پيدائش، جنن ۽ شيطانن جي باري ۾قرآن ۾ ٻڌايو پر روح جي پيدائش ۽ حقيقت پڇڻ جي باوجود ڪونه ٻڌائي. جنهن مان چڱيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿو ته روح، ملائڪ ۽ جن کان به ڪا وڌيڪ لطيف شئي آهي ته اهڙي لطيف هستي کان فيض حاصل ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. فيض حاصل ڪرڻ لاءِ پهريائين ته روح وٽ وڃجي، پوءِ انکي ڏسجي اهو ڏسڻ ۾ اچي، پوءِ ان سان ڳالهائجي، ان جون ڳالهيون ٻڌجن، پوءِ ان کان فيض حاصل ڪيو وڃي. ڇه جائيڪه ان (روح) کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيو وڃي. جنهن جو ڪو مثال جيڪڏهن توهان وٽ هجي ته ٻڌايو جڏهن ته عدم سماع جو نظريو به سامهون آهي.

7. ڇا روح تي موت ڪونه ٿو اچي؟ قرآن ۾ ”ڪل نفس ذائقة الموت“ موجود آهي، توهان روح کي انهيءَ اصول کان جدا ڪيئن ٿا قرار ڏيئي سگهو؟ ڇا روح جي لاءِ به روح آهي، جڏهن ته حياتي جو مکيه عنصر ئي روح آهي؟

8. فنا في الرسول، فنا في الله ۽ بقا باالله ۽ مراقبن جي به ڪا حقيقت آهي؟ صوفين وٽ اهي منزلون حاصل ڪرڻ جي صورت ڪهڙي آهي؟ ڪيئن ٿيون حاصل ڪري سگهجن؟ ڇا اهو طريقو توهان اسان کي لکي موڪلي سگهو ٿا؟ ته جيئن اسان به اهي منزلون حاصل ڪري خدا جي خاص ٻانهن ۾ شامل ٿي وڃون. توهان کان تمام پري ويٺل آهيون، تنهنڪري مهرباني فرمائي تفصيل سان لکو. ان ڪانسواءِ ملائڪن، جنن ۽ قبرن جو ڪشف جن وظيفن سان حاصل ٿئي ٿو اهي به لکجو ته مهرباني ٿيندي، مان توهان جي حلقي جو ماڻهو آهيان.

خط جو جواب

حضرت العلام مولانا الله يار خان

پهرئين سوال جو جواب:

سڀ ڪان پهريائين بدعت جو مطلب سمجهڻ ڪپي، هر اها ڳالهه جيڪا شرعي وجود جي لحاظ ڪان قرون ثلاثه (يعني نبي پاڪ جي دور، صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي دور ۽ تابعين ڪرام رحمهم الله عليهم جي دور) ۾ موجود هئي سا سنت آهي ۽ هر اهو حڪم جيڪو انهن ٽنهي زمانن ۾ موجود ڪونه هو سو بدعت آهي.

شرعي وجود جو تفصيل: اصول فقه جي اصطلاح ۾ ”شرعي وجود“ اُن ڳالهه کي چوندا آهن جيڪا رسول ڪريم جي بيان کانسواءِ معلوم نه ڪري سگهجي ۽ عقل جي حس جو ان ۾ ڪو دخل نه هجي. ان شئي جو وجود حضور اڪرم جي بيان ۽ فرمان تي ئي موقوف هوندو. پوءِ اهو بيان کڻي خاص طور تي انهيءَ جي باري ۾ هجي، اشارتاً يا دلالتاً هجي يعني بيان جو ڪهڙو به طريقو مليو ته اُن حڪم جو بنياد ثابت ٿيندو ۽ ان حڪم جو وجود شريعت ۾ اچي ويو، پوءِ کڻي انوقت ان حڪم جي جنس ئي خارج ۾ موجود نه هجي، چه جائيڪه انجو ڪو جزو به ضروري هجي. بس جنهن حڪم جو بنياد اصولي طور تي ثابت ٿي ويو اهو حڪم سڄني جزن سان ثابت ٿي ويو پوءِ کڻي انجو ڪو جزو ڪنهن ظاهري شڪل ۾ قرون ثلاثه ۾ موجود هجي يا نه. جيڪڏهن ان اصول جو ڪو جزو انهن ٽن زمانن کان پوءِ خارج ۾ وجود ۾ آيو ته اهو سنت ۾ داخل هوندو بدعت نه هوندو.

هونئن ته حديث جي قسمن ۾ رسول الله جو قول، رسول الله جو فعل، رسول الله جي تقرير، رسول الله جون انساني ضرورتون، رسول الله جو عزم (ارادو) ۽ رسول الله جا خيال ۽ سوچون سڀئي شامل آهن پر ذڪر ته اها سنت آهي جنهن جو ثبوت سراسر رسول ڪريم ۽ صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي دور ۾ ۽ خيرالقرون ۾ ملي ٿو. اهي اذڪار ۽ اشغال جن جو بنيادي اصول قرآن ۽ سنت ۾ موجود هجي ۽ انهن جا ننڍا ننڍا لاڳاپيل اصول انهن بنيادي اصولن مان بزرگن ڪڍيا هجن، اهي سنت ۾ ئي شامل هوندا ڇو ته وسيلا ۽ ذريعا مقصد جي حڪم ۾ شامل آهن.

ٻي ڳالهه هيءَ سمجهي وڃي ته الله تعاليٰ سان تعلق، الله تعاليٰ سان نسبت ۽ الله تعاليٰ ڏانهن توجه اهي سڀ ڳالهيون الله تعاليٰ جي

طرفان ئي عطا ٿينديون آهن اگرچه ڪلي مشڪڪ آهي جنهن جو ادنيٰ درجو مندوب آهي ۽ اعليٰ درجو فرض آهي ۽ سوين قرآني آيتن ۽ احاديث نبوي مان انهن جو الله جي طرفان حڪم هجڻ ثابت آهي، بلڪه سچي شريعت جو خلاصو هيءُ آهي ته مال ۽ اولاد سان تعلق حفاظت جو هجي ۽ الله تعاليٰ سان تعلق عبادت ۽ تابعداريءَ جو هجي. جيڪو ماڻهو قرآن مجيد ۽ حديث شريف ۾ غور ڪري ان کي اهڙيون سوين آيتون ۽ حديثون ملنديون جن مان انهن ڳالهين جو خدا تعاليٰ طرفان هجڻ ثابت ٿيندو ۽ الله تعاليٰ کانسواءِ ٻي هر طاقت سان قلبي تعلق ٽوڙڻ جو ثبوت ملندو.

ٽئين ڳالهه اها سمجهي وٺو ته مامورٻه ۽ مامور من الله مقصود لذاته آهي. ۽ جيڪا شئي مامورٻه هجي انکي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي ذريعا ۽ وسيلا اختيار ڪيا ويندا يا جيڪو طريقو اختيار ڪيو ويندو، اهو به مامورٻه هوندو. جهڙي نموني سان وضو ڏسو، مقصود لذاته ته نماز آهي ۽ نماز جو دارومدار وضوءَ تي آهي، انڪري وضو جي لاءِ پاڻي مهيا ڪرڻ واجب هوندو ڇوته اهوئي طهارت جو وسيلو ۽ ذريعو آهي. ساڳي طرح نماز جي لاءِ اوگهڙ جو ڍڪيل هجڻ فرض آهي، انڪري لباس جو بندوبست ڪرڻ به فرض ٿيو. الله تعاليٰ جي ذڪر جي سلسلي ۾ بزرگن جيڪي وسيلا ۽ ذريعا اختيار ڪيا يا جن ذريعن کي اصل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ۽ سنواريو، اصل مقصد کي ذهن ۾ رکندي، ته اهي به مقصدن ۾ شامل ٿيا انهن کي بدعت ڪونه چيو ويندو. اهو دين ۾ نئين شئي داخل ڪرڻ ڪونه هوندو. ها، دين جي لاءِ ڪا نئين شئي استعمال ڪرڻ احداث للدين هوندو. جهڙي طرح حڪيم هر زماني ۽ موسم ۾ دوائون بدلائي ۽ تجويز ڪري ٿو. طبيب جو اصل مقصد ته انساني بدن جي صحت آهي. اهڙي طرح ذڪر جو اصل مقصد الله تعاليٰ سان تعلق ۽ الله تعاليٰ ڏانهن توجه پيدا ڪرڻ آهي، جنهن طريقي سان حاصل ٿئي انکي اختيار ڪرڻ فرض جي حڪم ۾ داخل هوندو. يا مثال جي طور تي الله تعاليٰ جي ڪلمي جو اعلان هڪ مقصد آهي ۽ جهاد به ان جو هڪ ذريعو آهي. جهاد جي لاءِ جنهن جنگي

سامان جي ضرورت هوندي آهي ان کي حاصل ڪرڻ به فرض آهي. جيئن اڄڪلهه جي حالتن مطابق توپ، ٽينڪ، هوائي جهاز وغيره کي انهيءَ ڪري بدعت نٿو چئي سگهجي جو رسول الله، يا صحابه ڪرام رضي الله عنهم يا تابعين ڪرام رحمهم الله عليهم جي زماني ۾ انهن شين جو وجود ڪو نه هو، ته بس تلوار ۽ نيزن کان ڪم وٺڻ ئي سنت هوندي. معلوم ٿيو ته مقصد جڏهن الله تعاليٰ جي ڪلمي جي اعلان لاءِ جهاد ڪرڻ آهي پر ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ حالتن مطابق انهن ذريعن جو بندوبست ڪرڻ جن جي ضرورت هجي، اهي به واجب آهن انهيءَ کي بدعت نٿو چئي سگهجي.

چوٿين ڳالهه هيءَ سمجهو ته حديثِ جبرائيل ؑ ۾ احسان کي دين جو حصو قرار ڏنو ويو آهي انڪري ان کي حاصل ڪرڻ مسلمانن تي واجب آهي. احسان رڳو دين جو حصو ڪونهي، پر دين جو روح ۽ حاصل مطلب آهي. جنهن انکي حاصل نه ڪيو ان جو دين ناقص آهي. چوته احسان جي حقيقت هيءَ بيان ڪئي ويئي آهي ته تعبد ربک کا انک تراه فان لم تکن تراه فانه يراک پنهنجي رب جي عبادت ائين ڪر جڻ تون هن کي ڏسين پيو ۽ جيڪڏهن تون ڪونه پيو ڏسين ته هو ته توکي ڏسي ئي پيو. جبرائيل ؑ واري حديث ۾ دين جي ٽنهي حصن جو ذڪر آهي. ايمان، جيڪو اصل (بنياد) آهي، اعمال جيڪي اسان کان ٿين ٿا (شاخون) آهن ۽ احسان جيڪو دين جو جوهر آهي. احسان کي ڇڏي ڏيڻ ائين آهي جيئن ڪو ماڻهو مغرب جي نماز ۾ به فرض پڙهي واندو ٿي ويهي رهي. ظاهر آهي ته انجي نماز ڪونه ٿيندي. ساڳي طرح احسان کي ڇڏي ڏيڻ دين جي هڪ اهم حصي کي ڇڏي ڏيڻ آهي انڪري دين ناقص رهجي ويندو.

پنجين ڳالهه هيءَ سمجهي وٺو ته حضور اڪرم جي زماني ۾ احسان جو درجو فقط رسول الله جي صحبت سان ئي حاصل ٿي ويندو هو. رڳو فرضن جي پابندي رسول الله سان گڏ ٿي ويئي ته احسان جو درجو حاصل ٿي ويو ۽ اهوبه اهڙي شان وارو جو وڏي کان وڏو ولي به هڪ ادنيٰ درجي واري اصحابي سڳوري جي

مرتبي کي نٿو پهچي سگهي. جڏهن نبوت جو سج لهي ويو تڏهن محنت، مجاهدي ۽ رياضت جي ضرورت محسوس ٿي ته جيئن دين جو هي اهم حصو جيڪو دين جو اصل، ڪمال جو اعليٰ درجو ۽ عبادتن جو مقصد آهي اهو حاصل ڪري سگهجي.

رهيو به وقت ذڪر ڪرڻ جو سوال ته اهو نص مان ثابت آهي. مثال جي طور تي ڏسو:

اِنَّا سَخَّرْنَا الْجِبَالَ مَعَهٗ يُسَبِّحْنَ بِالْعَشِيِّ وَ الْاِشْرَاقِ. (ص: ١٨)

اسان جبلن کي حڪم ڪري ڇڏيو هو ته ان سان صبح ۽ شام تسبيح ڪندا رهن ۽ انهن پکين کي به جيڪي گڏ ٿي ويندا هئا.

ان حقيقت کي صحيح ڪشف جي پٺڀرائي به حاصل آهي. الله جي ولين ان آيت مان ٻه ڳالهيون ثابت ڪيون آهن:

پهريون: اجتماعي ذڪر. ان ۾ ذڪر ڪرڻ وارن جي انوار جا عڪس هڪٻئي تي پوندا آهن جنهن سان نحوست دور ٿئي ٿي، قلب ۾ سرور پيدا ٿئي ٿو، همت زور وٺي ٿي ۽ ان اجتماعي ذڪر ڪرڻ سان جيڪي اثر ٿين ٿا اهي لفظن ۾ بيان ڪونه ٿا ڪري سگهجن، اها ڪيفيت چشدني (محسوس ڪرڻ جهڙي) آهي گفتني (ٻڌائڻ جهڙي) ڪونهي.

دوم: وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّ خِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ. (الاعراف : ٢٠٥)

هن آيت ۾ قلبي ذڪر ڪرڻ جي هدايت ڪيل آهي ڇو ته خوف جو تعلق دل سان آهي زبان سان ڪونهي. ٻيو ته صبح ۽ شام ذڪر ڪرڻ جو حڪم آهي. آخر ڳالهه هيءَ نڪتي ته جيڪو ماڻهو ائين ذڪر نٿو ڪري اهو خدا تعاليٰ کان غافل آهي. ظاهر آهي ته خدا تعاليٰ کان غافل ٿيڻ کان وڌيڪ محرومي ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي. انهيءَ غفلت جي ڪري دين ۾ جيڪو نقص پيدا ٿئي ٿو ان تي ڪلام (بحث) جي ڪهڙي گنجائش آهي؟

3: وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ (الڪهف : ٢٨)

4: وَلَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِيِّ . (الانعام : ٥٢)

هونئن ته هر حالت ۾ ذڪر ڪرڻ ۽ گهڻي ذڪر ڪرڻ جو

حڪم آهي پر ڪه وقت ذڪر ڪرڻ جو بندوبست ڪرڻ جي خاص طور تي تاڪيد ڪيل آهي.

اجتماعي ذڪر ڪرڻ جي باري ۾ صحيح حديث موجود آهي ته:

لا يقعد قوم يذكرون الله الاحفت بهم الملائكة وغشيتهم الرحمة و تنزلت عليهم السكينة هم قوم لايشقي جليسهم.

ان حديث ۾ اجتماعي ذڪر جو ثبوت موجود آهي پوءِ ان نعمت جي ڳالهه ٿيل آهي ته ان مجلس کي ملائڪ گهيرو ڪري وٺندا آهن. اللّٰہ تعاليٰ جي رحمت ۽ سڪينه ۽ دلي سڪون نازل ٿيندو آهي، ايستائين جو اهڙي محفل ۾ ويهڻ وارو ڪه بدبخت ڪونه ٿو رهي سگهي.

صحيح حديث ۾ اهو ڪه موجود آهي ته ملائڪن جي هڪڙي ٽولي ذڪر جون مجلسون ڳولڻ لاءِ ڦرندي رهندي آهي، جتي ڪه ڪا ذڪر جي مجلس ڏسندا آهن ته ٻين ملائڪن کي ڪه اوڏانهن سڏيندا آهن ۽ پوءِ ان مجلس ۾ ويهي رهندا آهن.

مختصر ڳالهه هيءَ آهي ته ذڪر جو خدا تعاليٰ جي طرفان هجڻ ۽ صبح و شام ذڪر ڪرڻ قرآن مان ثابت آهي.

ٻئي سوال جو جواب:

گهڻو ذڪر ڪرڻ جنهن ۾ سڀيئي وقت شامل آهن ۽ ڪه وقت صبح شام ذڪر ڪرڻ جو حڪم خدا تعاليٰ طرفان هجڻ قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي. جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته اهو ذڪر ڪرڻ ڪه قرآن ۽ سنت تي عمل ڪرڻ آهي. انهن ٻنهي ڳالهين کي هڪ ٻئي کان جدا ڇو سمجهيو وڃي؟ حديث جبرائيلؑ مان ثابت آهي ته عقيدن ۽ عملن کان علاوه دين جو هڪ حصو آهي جنهنجو پورو ڪرڻ ۽ ان فرض کي بجا آڻڻ ضروري آهي جنهن کي احسان چيو ويو آهي، انکي ئي تصوف چوندا آهن. معلوم ٿيو ته انسان پوري طرح ڪتاب ۽ سنت تي عمل ڪرڻ وارو ٿي ئي نٿو سگهي، جيستائين گهڻي ذڪر خاص طور تي صبح ۽ شام پابندي نه ڪري.

ٽئين سوال جو جواب:

پهرئين سوال جي جواب ۾ بيان ڪري چڪا آهيون ته تصوف دين

جو حصو آهي.

چوٿين سوال جو جواب:

ڪو به علم يا فن ڪنهن استاد جي شاگردي اختيار ڪرڻ ڪانسواءِ نٿو سکي سگهجي. الله تعاليٰ جي ڪتاب ۽ رسول الله ﷺ جي سنت جو صحيح مفهوم حاصل ڪرڻ جو دارومدار ڪنهن ڪامل ۽ ماهر استاد جي تعليم تي آهي. فقط ڪتابن جي مطالعي سان قرآن جا اسرار ۽ سنت رسول الله ﷺ جي حقيقت سمجهه ۾ نٿي اچي سگهي. پوءِ ان قاعدي ڪان جدا تصوف ڪي چو ڪجي ۽ اهو علم سکڻ لاءِ ڪامل مرشد جي ضرورت جو انڪار چو ڪجي، جڏهن ته هو اهو علم سيکارڻ جي مهارت ۽ اهليت رکي ٿو. تصوف جي ڪتابن مان نشانِ راهه (رستي جو نشان) ته ملي سگهي ٿو پر منزل تائين رسائي نٿي ٿي سگهي. حالات، واردات، ڪيفيات ۽ روحاني ترقي جي لاءِ مراقبا ڪتابن مان سکڻ جي شئي ئي نه آهن چوته واضع ان لاءِ الفاظ وضع ئي نه ڪيا آهن. اهي ڪمالات شيخ ڪامل جي سيني مان حاصل ٿين ٿا، شيخ جي باطن مان ۽ ان جي روح مان حاصل ٿين ٿا، جنهن ولايت ۽ معرفت جو عملي نمونو ڏٺو ئي نه هجي اهو عارف ڪيئن بڻجندو. ها، ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شيخ ڪامل هجي، دل جو انڌو نه هجي، قلب مضبوط هجيس، جنهن جي قلب جي انوار ۾ ايتري طاقت هجي جو سالڪ جي روح ۽ سندس باطن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهي.

پنجين، ڇهين ۽ ستين سوال جو جواب:

ولين جي روحن کان ۽ سندن قبرن مان فيض حاصل ڪرڻ اهل سنت و جماعت جو متفق معاملو آهي. انجي باري ۾ سوال ڪرڻ اهل سنت جي مذهب کان ناواقف هجڻ جو دليل آهي. رهيو بُعدالدارين (ٻنهي جو زمانو هڪ ٻئي کان پري هجڻ) جو اشڪال، ته اهو بُعد جسم لاءِ آهي، روح لاءِ ڪونهي. معراج شريف جي باري ۾ ايتريون ساريون حديثون ڇا توهان ڪونه ڏٺيون آهن؟ حضور اڪرم ﷺ مختلف جڳهين تي برزخ وارن کي ڏٺو. انهن کي راحت جي حالت ۾ ڏٺائون، انبياء 8 جي امامت به ڪرايائون، انهن سان ڳالهه ٻولهه به ڪيائون جڏهن ته اهي برزخ ۾ هئا ۽ حضور

اڪرم ﷺ هن دنيا ۾ هئا. اها ٻي ڳالهه آهي ته هن مسئلي ۾ محدثين جو اختلاف آهي ته مسجد اقصيٰ ۾ انبياء 8 جا روح حاضر ٿيا يا روح ۽ جسم ٻئي حاضر ٿيا. ذاتي طور تي مان ٻئي ڳالهه جو مجيندڙ آهيان. ڏسو حضرت موسيٰ ؑ کان ڪيترو فيض مليو جو پنجاهه جي جڳهه پنج نمازون فرض ٿيون. ڇا انڪان پوءِ به روح کان فيض حاصل ڪرڻ ۾ ڪو شڪ رهجي سگهي ٿو.

رهي اها ڳالهه ته سالڪ روح کي ڏسي ڪيئن ٿو، ڳالهه ٻولهه ڪيئن ٿي ٿئي، فيض ڪيئن ٿو ملي، سوال جواب ڪيئن ٿا ٿين، روح جي حياتي ڪهڙي نموني جي آهي، وغيره؟ ته اهي ڳالهيون ٻڌائي نٿيون سگهجن، البت سکي ۽ سيکاري سگهجن ٿيون. آئون تصوف کي جزوِ دين ۽ روحِ دين سمجهان ٿو ۽ تحديثِ نعمت جي طور تي چوان ٿو ته جنهن کي سلوڪ سکڻو هجي بندي وٽ انهن شرطن سان اچي رهي جيڪي آئون پيش ڪندس. انشاءَالله تعاليٰ اهو ڏيکاري ڇڏيندس ته روح کان فيض ڪيئن حاصل ڪيو ويندو آهي. اهو شخص روح سان ڳالهائيندو. قبر جي عذاب ۽ انعام کي ڏسي وٺندو. انبياء عليهم الصلواة وسلام جي پاڪ روحن سان ملاقات ڪندو ۽ حضور اڪرم ﷺ جي هٿ مبارڪ تي روحاني بيعت ڪرائي ڇڏيندس بشرطيڪه اهو شخص سنت جو تابعدار هجي ۽ اخلاص سان اچي. پوءِ سماع موتيٰ (مُردن جي ٻُڌڻ) جو مسئلو به حل ٿي ويندو. اگر چه دلائل سمعيه به سماع جا موئيد آهن، انهن جو انڪار صرف جاهل ۽ ضدي ئي ڪري سگهي ٿو.

صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي دور ۾ ڪشف ۽ الهام ڪنهن محنت ۽ مجاهدي کانسواءِ ئي حاصل ٿي ويندو هو. رسول الله ﷺ جي صحبت جي هوندي ڪنهن ٻي شئي جي ضرورت ڪو نه هئي.

روح جي حياتي جي حقيقت هيءَ آهي ته روح جي زندگي "نور" سان آهي. جهڙي طرح انساني بدن کي حرڪت ۾ رکڻ واري شئي روح آهي، اهڙي طرح روح کي حرڪت ۾رکڻ واري شئي نور آهي ۽ نور کي حرڪت ۾ رکڻ واري ذات الله تعاليٰ جي آهي. روح جو بدن کان جدا ٿيڻ سان بدن سان تصرف ۽ تدبر

جو تعلق ختم ٿي ويندو آهي. انهيءَ جدائيءَ کي موت جو نالو ڏنو ويندو آهي. روح فاني ڪونهي، روح جي فنا آني (وقتي) آهي ۽ بقا زماني آهي.

كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ؕ(آل عمران -١٨٥) جي حقيقت به سمجهي وٺو. قانون اهو آهي ته ذائق مذوق کانپوءِ زنده رهندو آهي. جهڙي نموني سان انسان ذائق آهي ۽ ماني مذوق، ماني کاڄي ويئي ۽ انسان زنده موجود آهي. ساڳي طرح روح ذائق آهي ۽ موت مذوق آهي، انڪري موت کان پوءِ به روح زنده رهندو آهي.

سماع موتيٰ (مُردن جي ٻڌڻ) جي مسئلي ۾ امام صاحب  جي باري ۾ جيڪا غلط فهمي آهي ته پاڻ ان عقيدي جي خلاف هئا، اها ڳالهه غلط آهي. ڏسو عرف شذي صفحو 386

واشتهر علي السنة الناس ان الموتيٰ ليس لهم سماع عند ابي حنيفه  وصنف ملا علي القاري  رسالة و ذكر فيها ان المشهور ليس له اصل من الائمة اصلا

۽ ماڻهن ۾ اها ڳالهه مشهور ٿي ويئي آهي ته امام ابوحنيفة  سماع موتيٰ کي نه مڃيندا هئا (ته ان باري ۾) ملا علي قاري  هڪ مستقل ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ لکيل آهي ته امام صاحب جي باري ۾اها ڳالهه ته پاڻ عدمِ سماع جا قائل هئا مشهور آهي، انجو ڪو ثبوت ڪونهي ۽ اها هڪ بلڪل بي بنياد ڳالهه آهي.

۽ اهل سنت و جماعت جو اجماعي عقيدو آهي ته ميت کي عالم بزرخ ۾ دنيا جي حالتن جي خبر هوندي آهي. ڏسو عرف شذي صفحو 387

في شرح المقاصد ان علم الميت مجمع عليه

شرح مقاصد ۾ آهي ته ميت کي دنيا جي حالتن جو علم هجڻ اجماعي عقيدو آهي ۽ ظاهر آهي ته علم زندگيءَ بنا محال آهي.

ساڳيو ڪتاب ساڳيو صفحو:

والمحققون ان ابا حنيفة  لاينكر سماع الاموات.

محققين جو مذهب هي آهي ته امام ابوحنيفه  سماع موتيٰ جا انڪاري نه هئا

۽ شيخ عبدالحق محدث دهلوي  لمعات 3: 401 تي فرمائين

تا:

”وبا لجمله ڪتاب و سنت مملوو مشحونند که دلالت مي ڪنند بروجود علم موتيٰ رابد نيا واہل آن پس منکر نہ شود آنرا مگر جاہل باخبار و منکر دین و مشائخ گفتہ اند ہر کہ این اعتقاد ندارد ایمان بحقیقت نبوت ندارد“

معلوم ٿيو ته روح زنده آهي، جيڪي ڪيس دنيا ۾ ڪمال عطا ٿيندا آهن جسماني موت کانپوءِ به روح کان اهي کسيا نه ويندا آهن. جيڪو علم هن دنيا ۾حاصل ڪيو هو برزخ ۾ ان کان حاصل ڪري سگهجي ٿو. شرط اهو آهي ته حاصل ڪرڻ وارو برزخ ۾ روح سان رابطو قائم ڪرڻ جي طاقت رکندو هجي. جهڙي نموني سان نبي ڪريم کي نمازن جي تعداد ۾ گهٽتائي ڪرڻ جو عرض ڪرڻ ۽ گهٽ ڪرائڻ جو فائدو ٿيو.

اٺين سوال جو جواب:

فنا في الرسول، فنا في الله ۽ بقا باالله سلوڪ جون اهي منزلون آهن جن تائين پهچڻ لاءِ الله تعاليٰ جا هزارين ٻانها پاڻ پتوڙيندا رهيا، مجاهدا ۽ رياضتون ڪندا رهيا ۽ آخر اها خواهش دل ۾ کڻي هن دنيا مان روانا ٿيندا رهيا. انهن منزلن تائين پهچڻ جي سچي تڙپ انسان جي سعادت جو سڀ کان وڏو دليل آهي. پر اهي منزلون فقط زباني ورد وظيفن سان حاصل نه ٿينديون آهن. اهو قلب ۽ روح جو معاملو آهي ۽ صرف زباني ذڪر سان قلب جي صفائي ۽ باطن جي اُجرائي حاصل نٿي ٿئي. انهن ماڳن تي رسائي حاصل ڪرڻ جا شرط ڪي ٻيا آهن. سڀ کان پهريائين دل جي صفائي جي ضرورت آهي جنهن جي صورت هيءَ آهي ته قلبي ذڪر گهڻو ڪيو وڃي. شريعت جي پوئيواري ۽ سنت جي پيروي جو بندوبست ڪيو وڃي. دل جي صفائي اهڙو ڪمال آهي جيڪو شيخ ڪامل جي رهنمائي کانسواءِ حاصل ٿي نٿو سگهي:

مولوی ہرگز نہ شد مولائی روم، تا غلام شمس تبریزی نہ شد

۽

کیمیا پیداکن از مشت گلی بوسہ زن بر آستان کاملي

هست محبوبی نہان اندر دلت چشم
اگرداری بیا بنمائمت

شيخ ڪامل جي رهنمائي هٿ اچي وڃي ته سنت جي پيروي جي پابندي لازمي طور تي ڪئي وڃي.

محال است سعدی کہ راہ صفا توان رفت جز درپی مصطفيٰ

ڪامل مرشد ان رستي تي اهڙي ترتيب سان هلائيندو آهي جو سڀ ڪان اڳ سالڪ کي لطيفا ڪرائيندو آهي. جڏهن اهي روشن ٿي ويندا آهن ته پوءِ ”احديت“ جو مراقبو ڪرائيندو آهي. جڏهن اهو رابطو چڱي طرح مضبوط ٿي وڃي ته پوءِ شيخ هن جي روحاني قوت سان طالب کي ”معيت“ ۽ پوءِ ”اقربيت“ جو مراقبو ڪرائيندو آهي. پوءِ ٿي دائرا، پوءِ اسم ظاهر وباطن جو مراقبو. اهي مراقبا شيخ ڪامل عالم ملڪوت مان لنگهائي ڪرائيندو آهي. پوءِ سير ڪعبه جو مراقبو، پوءِ سير صلواة، پوءِ سير قرآن ۽ ان ڪان پوءِ فنا في الرسول جو مراقبو ڪرائيندو آهي. دربار نبوي ۾ حاضري ٿيندي آهي. فنا في الرسول جو مطلب هي آهي ته انسان حضور اڪرم جي محبت ۽ سندن سيرت ۾ فنا ٿي وڃي. پوءِ شيخ ڪامل روحاني توجه سان فنا في الله ۽ بقا بالله جو مراقبو ڪرائيندو آهي. اهي منزلون زباني ذڪر سان حاصل نٿيون ٿي سگهن پر ڪنهن ڪامل مرشد جي توجهه سان، الله تعاليٰ جو ذڪر قلبي ڪرڻ سان اهي مقام حاصل ٿين ٿا. فنا بقا جي مراقبي ۾ عجيب ڪيفيت هوندي آهي. سالڪ جو وجود ته زمين تي هوندو آهي پر روحاني طور تي ائين لڳندو آهي ڄڻ عرش برين تي الله تعاليٰ جي سامهون سجدي ۾ ڪري پيو آهي ۽ سبحان ربي الاعليٰ ۽ سبحان ربي العظيم چئي رهيو آهي. عرش معليٰ، الله تعاليٰ جي ذاتي انوار ۽ تجلين جو مرڪز آهي. اهي انوار سرخ مائل سونهري رنگ جا معلوم ٿيندا آهن. ڪائنات جي ڪيفيت هيئن معلوم ٿيندي آهي ڄڻ هر شئي وڻ، پٿر، حيوان، ملائڪ سڀئي سبحان ربي الاعليٰ ۽ سبحان ربي العظيم چئي رهيا آهن. اها هڪ گونج اٿندي آهي ۽ سالڪ دنيا جي سڀني شين ڪان غافل ٿي ويندو آهي. ڪائنات جي هر شئي جو تسبيح ۽ تحميد ڪرڻ ڪا تعجب جي ڳالهه ڪونهي. علامه ابن تيميه

فرمائين ٿا:

قد فطر الله الجمادات عليٰ تسبيحه و تحميده تنز يهہ لطافا و تسبيحها تسبيح حقيقي

اهڙي طرح انسانن جي باري ۾ تسبيح جا اهي ئي لفظ استعمال ٿيا آهن. مخلوق ٻن قسمن جي آهي هڪ عقل رکڻ واري ٻي عقل نه رکڻ واري. عقل رکڻ واري مخلوق يعني انسان، الله تعاليٰ جي معرفت ۽ سندس عبادت لاءِ پيدا ٿي آهي ۽ عقل نه رکڻ واري مخلوق الله تعاليٰ جي تسبيح ۽ تهليل لاءِ پيدا ڪئي ويئي آهي.

اسان جي سلسلي نقشبندي اويسي ۾ هڪ مراقبو جمادات و اشجار به آهي. مان اهو مراقبو ڪرائيندو ئي ڪونه آهيان ڇو ته عام ماڻهو جي لاءِ نقصان جو خطرو هوندو آهي. انهيءَ مراقبي ۾ پٿرن، وڻن، پاڻي ۽ هوا جي ٻولي سيکاري ويندي آهي ۽ ”ڪامل صوفي“ انهيءَ مراقبي ۾ انهن بي عقل شين سان ڳالهائي سگهي ٿو ۽ سندن ڳالهه سمجهي سگهي ٿو.

ملائڪن، جنن، شيطانن ۽ روحن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ته سلوڪ جون ابتدائي ڳالهيون آهن. ها، ان سلسلي ۾ جدا جدا انسانن جون جدا جدا طبعيتون هجڻ جي ڪري نتيجا به جدا جدا هوندا آهن. ڪجهه سالڪ اهڙا به هوندا آهن. جن کي سلوڪ جون انتهائي اعليٰ منزلون حاصل ٿي ويندئون آهن، ايستائين جو اهي عالم امر ۽ عالم حيرت جون منزلون به طئي ڪري وڃندا آهن پر انهن کي مشاهدو نصيب ڪونه ٿيندو آهي اهو به الله تعاليٰ جو شان آهي ۽ ان ۾ به الله تعاليٰ جي ڪا حڪمت لڪيل هوندي آهي. ڪجهه سالڪ اهڙا هوندا آهن جن کي بلڪل شروع ۾ مشاهدن جي نعمت سان نوازي ڇڏيندو آهي، اهڙن ماڻهن کي روئيت اشڪال (مختلف شڪليون ڏسڻ) جو مراقبو به ڪرايو ويندو آهي. ان مراقبي ۾ روح جي اصلي شڪل جيڪا موت ڪانپوءِ به هوندي سا سامهون اچي ويندي آهي. هن مادي پرستي جي دور ۾ اهڙا ماڻهو تمام گهٽ ملندا آهن جن جو روح انساني شڪل ۾ هجي. نعوذ باالله من ذالڪ ڪجهه عالم به انهن ڳالهين جو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن. انجو سبب يقيني علم نه هجڻ آهي. قبر جي ڪشف ۾ جڏهن روح سان

ڳالهه ٻولهه ٿيندي آهي ته روح به سامهون ايندو آهي ۽ سندس آواز به ٻڌڻ ۾ اچي ويندو آهي.

جمادات ۾ شعور جي موجودگي جو ثبوت قرآن مجيد ۽ حديث ۾ موجود آهي.

قال الله تعاليٰ: تُسَبِّحُ لَہٗ السَّمٰوٰتُ السَّبۡعُ وَ الۡاَرۡضُ (بني اسرائيل ـ ٤٤)

وَ اِنۡ مِّنۡ شَیۡءٍ اِلَّا یُسَبِّحُ بِحَمۡدِہٖ وَ لٰکِنۡ لَّا تَفۡقَہُوۡنَ تَسۡبِیۡحَہُمۡ ؕ (بني اسرائيل ـ ٤٤)

اَلَمۡ تَرَ اَنَّ اللّٰہَ یَسۡجُدُ لَہٗ مَنۡ فِی السَّمٰوٰتِ وَ مَنۡ فِی الۡاَرۡضِ وَ الشَّمۡسُ وَ الۡقَمَرُ وَ النُّجُوۡمُ وَ الۡجِبَالُ وَ الشَّجَرُ وَ الدَّوَآبُّ وَ کَثِیۡرٌ مِّنَ النَّاسِ ؕ وَ کَثِیۡرٌ حَقَّ عَلَیۡہِ الۡعَذَابُ ؕ ،(الحج ـ ١٨)

ڪجهه مفسرن جو چوڻ آهي ته سجدي مان دلالت علي الصانع مراد آهي، پر هي قول صحيح نٿو لڳي، ڇوته الناس سان ڪثير جي قيد هن تاويل کي اڏائي ڇڏيو آهي، ڇوته صانع (پيدا ڪندڙ) تي ته سڄو جهان دلالت ڪري ٿو، مصنوع دال علي الصانع ٿئي ٿو، ۽ ڪثير من الناس مان ظاهر آهي ته ڪجهه اهڙا به آهن جيڪي دال علي الصانع نه آهن ۽ هيءَ ڳالهه اصولاً غلط آهي، مصنوع هجي ۽ دال علي الصانع نه هجي اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو. ان ڪري اهو قول غلط ٿيو. تنهنڪري سجدو ۽ تسبيح حقيقي ثابت ٿي.

ترمذي ۽ ابن ماجه ۾ هيءَ حديث موجود آهي:

عن سهل بن سعد  قال قال رسول الله ما من مسلم تلبي الا لبي ما عن يمينه و شمائله من حجر او شجر او مدرحتي تنقطع الارض من ههنا و ههنا.

حضرت سهل  Ξ فرمائين ٿا ته حضور ڪريم فرمايو ته جڏهن ڪو مسلمان تلبيه (لبيڪ اللهم لبيڪ) چوي ٿو ته سندس ساڄي ۽ کاٻي پاسي جا سڀ پٿر، وڻ ۽ پٿريون تلبيه چون ٿيون ايستائين جو اوپر ڪان اولهه تائين سڀ تلبيه چون ٿا (حاجي جو تلبيه ٻڌي)

انهيءَ حديث مان ڪشف وارن جي هن ڪشف جي تصديق

ٿئي ٿي ته پٿرن ۽ وڻن وغيره ۾ شعور ۽ حس موجود آهي جنهن سان اهي حاجيءَ جي تلبيه جو آواز ٻڌن ٿا ۽ خود ڳالهائين ٿا.

ابو دائود ۾ آهي:

عن ابي هريرة  قال قال رسول الله ان الحصات تناشد الله الذي يخرجها من المسجد ليد عها.

حضرت ابو هريره Ξ کان روايت آهي ته حضور ڪريم فرمايو جڏهن ڪو ماڻهو مسجد حرام مان پٿريون ڪڍي ٻاهر وڃڻ چاهي ته اهي پٿريون ڪيس خدا تعاليٰ جو واسطو ڏين ٿيون ته ڪين اتي ئي رهڻ ڏنو وڃي ٻاهر نه ڪڍيو وڃي.

هيءَ حديث به ڪشف وارن جي تصديق ڪري ٿي ته پٿرين ۾ شعور ۽ سمجهه هوندي آهي.

هڪ حديث بخاري ۽ ترمذي ۾ آيل آهي:

عن انس  قال قال رسول الله ان احد جبل يحبنا و نحبه

حضرت انس  Ξ کان روايت آهي ته) حضور ڪريم فرمايو ته احد هڪ اهڙو جبل آهي جيڪو اسان سان محبت ڪري ٿو ۽ اسان به احد سان محبت ڪريون ٿا.

هن حديث ۾ محبت جو لفظ ان ڳالهه جو دليل آهي ته جبلن وغيره ۾ شعور ۽ حس موجود آهي. "نحبه" جو مطلب آهي ته حقيقي محبت ۽ "نحبنا" ۾ به محبت جو لفظ حقيقي معنيٰ رکي ٿو. ها، هي مسئلو ظني آهي تنهنڪري عقيدن ۾ شامل نه آهي.

پٿرن ۽ وڻن وغيره کي تسبيح و تهليل ۽ تحميد و تنزيه جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ۽ اهي پنهنجي تخليق جو مقصد پورو ڪري رهيا آهن، جڏهن ته انسان جيڪو الله تعاليٰ جي معرفت حاصل ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي سو خدا تعاليٰ کان غافل ٿي ويو. انسان جيڪڏهن پنهنجو مقام سڃاڻي وٺي ۽ الله تعاليٰ جو قرب ۽ سندس رضا حاصل ڪرڻ ۾ لڳي وڃي ته سندس دنيا به سينگارجي وڃي ۽ آخرت به ٺهي وڃي ۽ انجو اڪيلو ذريعو الله تعاليٰ جي ذڪر جي گهڻائي آهي.

اهو خيال رهي ته مشاهدا ٿيڻ، روحن ۽ جنن وغيره سان ڳالهيون ڪرڻ ۽ ڪشف ٿيڻ يا پٿرن، وڻن سان ڳالهيون ڪرڻ اهي

ڪي ڪمال جون ڳالهيون نه آهن پر اصل ڪمال جي ڳالهه اها آهي ته انسان کي الله تعالىٰ جو قرب ۽ سندس رضا حاصل ٿئي.

الله تعالىٰ جي تابعداري ۽ عبادت تي مضبوط رهڻ ڪامل صوفي جي لاءِ ضروري آهي. کيس گهرجي ته بدنظري ۽ ٻين اهڙين شين کان نظر بچائيندو پنهنجي اصل منزل يعني الله تعالىٰ جي قرب ڏانهن وڌندو رهي ۽ اهو مقصد ڪامل مرشد جي رهبري سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو.

# سلسله نقشبنديه اويسيه

1. الٰهي بحرمت حضرت محمد رسول اللّٰه ﷺ
2. الٰهي بحرمت حضرت ابوبڪر صديق ؓ
3. الٰهي بحرمت حضرت امام حسن بصري ؒ
4. الٰهي بحرمت حضرت دائود طائي ؒ
5. الٰهي بحرمت حضرت جنيد بغدادي ؒ
6. الٰهي بحرمت حضرت عبيد اللّٰه احرار ؒ
7. الٰهي بحرمت حضرت مولانا عبدالرحمان جامي ؒ
8. الٰهي بحرمت حضرت مولانا ابو ايوب محمد صالح ؒ
9. الٰهي بحرمت حضرت سلطان العارفين خواجه اللّٰه دين مدني ؒ
10. الٰهي بحرمت حضرت مولانا عبدالرحيم ؒ
11. الٰهي بحرمت حضرت مولانا اللّٰه يار خان ؒ
12. الاهي بحرمت ختم خواجگان خاتمه من و خاتمه حضرت محمد احسن بيگ و حضرت سيد بنياد حسين بخير گردان

و صلي اللّٰه عليٰ حبيبه محمد و آله و اصحابه اجمعين برحمتڪ يا ارحم الراحمين.

ديني ۽ دنيوي جائز مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، مصيبتون ٽارڻ لاءِ، مشڪلون حل ڪرائڻ لاءِ ۽ ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ تهجد جي معمول (اللّٰه جي ذڪر) کانپوءِ سلسله نقشبندي جي مٿين بزرگن جا نالا نمبر 11 تائين پڙهي پوءِ (سلسله خواجگان) پوري خشوع ۽ خضوع، دل جي اندران، عاجزي ۽ انڪساري سان دعا گهربي ته اللّٰه تعاليٰ جي فضل سان قبول پوندي. عام حالتن ۾ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ سلسلي جي بزرگن سان پنهنجي نسبت مضبوط ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن پڙهي ته نمبر12 واري سٽ به شامل ڪري ته

الله تعاليٰ سندس فضل ۽ ڪرم سان خاتمو ايمان سان فرمائيندو.

# عکس سندات

خلفاء شیخ سلسلہ ؒ

## حضرت محمد احسن بیگ مدظلہ العالی

اور

## حضرت سید بنیاد حسین نقوی مد ظلہ العالی

توسل عام

حسب کہ یہ شخص باعزت اور عام کی اصحاب [illegible] اور اپنی زندگی ہو گا کہ
جب تیر مخالفین ہر سے گروہوں کو تنگ کریا [illegible] دین [illegible]
اور ان کو ہر قسم کی امداد کرینگے جاتی مال زبان جس شخص نے [illegible]

بات سن کر محمود بر ملا نہ کی تو سمجھا یا گیا کہ یہ [illegible]
مجھ کو [illegible] روحانی تعلق رہے

نجیب اللہ یار خان [illegible] 12/83 7

تو اس کا خاص

جماعت کو ہر شخص مانوس اور بر خاص کر احباب پیاز اور ایسی زندہ ہوگا کہ
جان جب ہر کے خالصین ہر سے گرد اون کو شک کریں اور زیادہ ایسی تر وہ جگہ ادا
ان کی ہر قسم کی امداد کریں جاتی مال زبان جس شخص کو ذرا اس
حکم کی بات سن کر محمد ور ہر حال میں تو سمجھا جائے گا کہ یہ کہ جماعت کا اثر دیتی ہے
تو دین بھی کرے گا کے مساوات روحانی تعلق رہے

نیچپن العربار خان
12/83 ء

# حواشي

حوالو نمبر

1. جنهن منهنجي وليءَ سان دشمني رکي آئون انجي خلاف جنگ جو اعلان ٿو ڪريان.
2. ماڻھين اهڙي شئي کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳي جنهن کي سمجهي نه سگهي.
3. ۽ جنهن ڳالهه جي پڪ نه ڪئي هجي انتي عمل نه ڪر.
4. منهنجو شڪر ڪرڻ وارا ٿورڙا آهن.
5. روض الرياحين: امام يافعي (الطبقات الڪبريٰ :علامه عبدالوهاب شعراني جي اردو ترجمي جي حوالي سان)
6. مشڪواة، ڪتاب الايمان
7. اللمعات شرح مشڪواة: 45، شاهه عبدالحق محدث دهلوي، 3 نمبر تفهيمات الٰهيه:13
8. تفهيمات الٰهيه 130، 2 تفهيمات الٰهيه: حضرت شاهه ولي الله محدث دهلوي.
9. تفسير مظهري 4: 324، 2 تعليم المتعلمين 21، 3 التڪشف عن مهمات التصوف:7
10. شامي در مختار جلد پهريون بحث علم القلب، 2 تفسير جمل 1: 497. 3 تحفه اثناعشريه .37
11. اها ڳالهه چڱي طرح سمجهڻ لاءِ ڏسو هن ڪتاب جي صفحي نمبر تي اعتراض نمبر 8
12. فيض الباري جلد 149:1 ، 150، اذڪار، اشغال، نسبت سلاسل تصوف جو بيان.
13. فيض الباري جلد 304:1
14. هنن اصطلاحن جي تشريح مقامات سلوڪ جي بيان ۾ ڏسو.
15. تفسير ڪبير :390
16. ڪتاب الروح. ابن قيم  :220
17. روض الانف 198:1 ، 2 تفسير ڪبير 445:5 ، تاسيس التقديس
18. تفسير ڪبير 445:5

19. تفسير ڪبير، نمبر 1 رسالو روح
20. تفسير مظهري 407:14
21. ڪتاب الروح. ابن قيم 265
22. فتح الباري مع بخاري 315:12
23. ابن ماجه، باب ترجيع الاذات، نمبر 2 احياءالعلوم 45:3
24. استاد محترم روح پرواز جي طاقت پيدا ڪرڻ ۽ ڪيس ڏسڻ جي لاءِ ڇهن مهينن جو وقت مقرر ڪيو آهي پر ان سان شرط هيءُ رکيو آهي ته ”جيڪڏهن ڪو طلبِ صادق ڪٺي اچي“ پوءِ ان ڪوشش جي نتيجي کي پنهنجي اختيار جي سان نه پرالله تعاليٰ جي حوالي ڪبو پوءِ انشاءَ الله هو ڏسي وٺندو ته ....الخ. اها ڪا نئين ڳالهه ڪونهي . هر تجربي ڪار استاد ۽ فن جو ڄاڻو پنهنجي تجربي ۽ فن جي ڄاڻ هجڻ ڪري اهڙي قسم جو اندازو لڳائي سگهي ٿو ۽ اها ڳالهه واقعي صحيح آهي. پر جيئن ظاهري علم ۽ فن ۾ عزم ۽ استعداد جي اختلاف جي ڪري جدا جدا ماڻهو جدا جدا وقت ۾ علم وفن سکن ٿا، تيئن تصوف ۽ سلوڪ ۾ به شيخ ڪامل جي سکيا سان عزم و استعداد جي اختلاف جي ڪري مختلف سالڪ مختلف وقتن ۾ گوهر مراد ماڻيندا آهن. حضرت استاد مڪرم جي شاگردن مان اسان اهڙا ماڻهو به ڏٺا جيڪي الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان نون (9) ڏينهن، ۽ هڪڙي هفتي جي اندر ئي انهيءَ لائق ٿي ويا جو سندن روح ۾ پرواز جي طاقت پيدا ٿي ويئي ۽ پنهنجي انهيءَ روحاني اڏام کي ڏسڻ لڳا. ذالڪ فضل الله يوتيه من يشاء [اهو الله تعاليٰ جو فضل آهي جنهن کي وڻيس انهيءَ کي عطا ڪري) ۽ اها ڪا نئين ڳالهه ڪونهي.

(1). مولانا ٿانوي ”الابقا“ ۾ بيان ڪيو آهي ته مولانا غلام رسول ڪانپوري ”رسول نما“ جي لقب سان مشهور هئا ڇو ته سندن ڪرامت هئي ته هر ڪنهن شخص کي سجاڳيءَ ۾ رسول ڪريم جي زيات ڪرائي وٺندا هئا.

(2) امام يا فعي رحه ڪفايت المعتقد ۾ صفحي نمبر 53 تي فرمايو آهي ته مناقب شيخ عبدالقادر ۾ لکيل آهي ته هڪ شاگرد جي روايت آهي ته هڪ رات پاڻ ٻاهر نڪتا آئون پويان لڳس. شهر جا دروازا پاڻهي پاڻ کلندا ۽ بند ٿيندا ويا، هڪ جڳهه تي پهتا اتي هڪڙي ميت کي پيش ڪيو ويو پوءِ هڪ ماڻهو سامهون آندو ويو، ان کان شهادتن جو اقرار ڪرايو پوءِ فرمايائون ته مرڻ واري جي جڳهه تي هيءُ هوندو. پوءِ واپس هليا آيا. ٻئي ڏينهن مون پڇيو ته پاڻ فرمايائون ته اسان نهاوند وياسين، ستون ابدال فوت ٿي ويو هو، نئون ماڻهو قسطنطنيه جو عيسائي هو، انکي مسلمان ڪيوسين ۽ ڪيس ستون ابدال مقرر ڪيوسين. اهو واقعو الحاوي للفتاوي ۾ علامه سيوطي ۽ الجزالدال ۾ ۽ حڪيم الامت حضرت ٿانوي رحه الابقا ۾ شايع ڪيوهو.

ڏسو، ڪيئن نه هڪڙو ماڻهو الله تعاليٰ جي فضل ۽ شيخ ڪامل جي فيض نظر سان هڪ ئي ڏينهن ڪفر مان نڪري اسلام جي دائري ۾ آيو ۽ سلوڪ جون

منزلون طئي ڪري انهيءَ ئي ڏينهن ابدال جي منصب تي فائز ٿي ويو. مايفتح الله للناس من رحمة فلاممسڪ لها
(3) فوائد الفواد ۾ 72، 71 تي هڪ واقعو لکيل آهي:
”بعد ازان در بزرگئي شيخ بهاءُالدين ذڪريا سخن در پيوست فرمود ڪه درهفده روز آن نعمت ها يافت ڪه ياران ديگر بسا لها نيافته بودند تا چنانڪه بعضي ياران قديم مزاج بتغير ڪردند ڪه ماچندين جا ڪرديم مارا چندي نعمت نرسيد و هندوستاني بيامد دراند ڪ شيخي يافت و نعمت فراوان اين خبر بسمع شيخ رسيد ايشان را جواب فرمود ڪه شما هيزم ا تر آورده بوديد و درهيزم ترڪي بيا ڪه آتش گيرد اما زڪريا، هيزم خشڪ آورده بود بيڪ نفخ در گرفت“
ڏسو! طلبِ صادق ۽ صلاحيتون ڪٽي اچڻ واري سالڪ ڪي شيخ ڪامل جي فيض سان الله تعاليٰ سترهن ڏينهن ۾ ڪامل بڻائي ڇڏيو.
(4) حضرت مولانا گنگوهي رحه فرمائين ٿا:
"جيڪڏهن ڪو سچو طالب چاليهن ڏينهن تائين لڳاتار سپني شرطن سان نبي  جي سنتن تي عمل ڪري ته انشاءَالله ان تي ڪشف جا دروازا کلي ويندا. سپ ڪان پهريائين روحاني انوار ۽ تجليون ڏسڻ ۾ ايندين، پوءِ ملائڪن جو مشاهدو ٿيندو پوءِ صفاتن جو مشاهدو ٿيندو ۽ انهيءَ جي صدقي سالڪ کي ڪجهه حقيقتن جي خبر پوندي. اهي سپ ڳالهيون ذڪر جو ئي ڦل آهن. (امداد السلوڪ 31)
(5) مولانا احمد علي لاهوري فرمائين ٿا:
”اي نوجوان يا ته تون مجي وٽ ته حضور  جو فرمان بلڪل ٺيڪ آهي ته قبر يا ته جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي ۽ يا جهنم جي کڏن مان هڪ کڏ آهي يا چوڏهن سالن جو خرچ پاڻي مون وٽ جمع ڪرائي ڇڏ. اي نوجوان تون چوڏهن سال پيءُ جي ڪمائي کائي بي. اي جي ڊگري حاصل ڪئي، هتي به ائين ڪرڻو پوندئي. اسان ماڻهن کان خيرات وٺي توکي مفت ۾ ڇو کارايون. پهريائين توکي ٽيسٽ ڪنداسين ته توهِ فطرت جو نور وسامي ته ڪونه ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته فطرت جو نور ئي وسامي ويندو آهي انجو ذڪر قرآن مجيد ۾ آيل آهي. ان الذين ڪفرو سواءٌ عليهم اانذرتهم ام لم تنذرهم لايومنون. جيڪڏهن فطرت جو نور وسامي نه ويو آهي ۽ تون مسخ ۽ ميسارجي نه چڪو آهين ته پوءِ توکي ڪنهن ڪامل وٽ وٺي وينداسين ۽ انکي عرض ڪنداسين ته سائين! هيءُ نوجوان اندر جو انڌو آهي هن جي تربيت ڪريو. اهي تربيت ڪندا. جنهن ڏينهن تنهنجي روحاني تڪميل ٿي ويندي ۽ ڪامل توکي تربيت مڪمل ٿيڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏيندو، تنهن ڏينهن تون مياڻي صاحب جي قبرستان ۾ وچي اٺ ڏهه قبرون گهمي ونجانءِ ته هڪ منٽ کان به پهريائين توکي خبر پئجي ويندي ته هن جي قبر دوزخ آهي ۽ هن جي بهشت آهي“ مجلس ذڪر حصو ڏهون صفحو 91، 90 ڏسي وٺو.

صوفياءِ ڪرام ڪشف جو دروازو کلڻ لاءِ وقت به مقرر ڪندا آيا آهن ۽ سچي طلبِ، صلاحيتون ۽ شيخ جي ڪماليت جدا جدا هجڻ جي ڪري طالبن جي سڪيا پوري ٿيڻ لاءِ وقت به ڪٿي هڪڙو لمحو، ڪٿي هڪڙو ڏينهن، ڪٿي 17 ڏينهن، ڪٿي 40 ڏينهن ۽ ڪٿي 14 سال مقرر ڪيو ويو آهي. نمبر (29) شيخ ڪامل جي سڃاڻپ لاءِ خصوصيت 6، 7 ۽ 8 مان صاف ظاهر آهي ته شيخ ڪامل جو مطلب هتي صرف اهو شيخ آهي جيڪو شاگردن کي تصوف ۽ سلوڪ جي رستي تي هلائڻ جي لائق هجي ۽ سلوڪ جون منزلون طئي ڪرائڻ جي لائق هجي ۽ تصوف ۽ سلوڪ جون منزلون طئي ڪرڻ لاءِ فنا في الرسول جو مراقبو بنيادي حيثيت رکي ٿو. جيڪو مرشد ايترو نٿو ڪري سگهي. اهو پڪ سان شيخ طريقت جي اعتبار کان ناقص آهي جهڙي طرح (الابريز صفحو 43) پاڻ هڪ دفعي فرمايائون ته جيستائين سيد الوجود  جي معرفت حاصل نه ٿئي ان وقت تائين الله تعاليٰ جي معرفت حاصل نٿي ٿي سگهي.

حضرت شاهه رفيع الدين بيعت نالي ڪتاب ۾ اها ڳالهه تفصيل سان بيان فرمائي آهي:

”بيعت ڪه پيش صوفيه معتبر و مقبول است چهار قسم يافته مي شود هرقسم رامشروط عليحده است و ثمرات ديگر. 1 بيعت وسليت، 2 بيعت شريعت، 3. بيعت طريقت، 4. بيعت حقيقت. و سوائي اين آنچه برائي تحصيل مال و جاهه يا برائي تحصيل حاجات دنيوي از مرشد باشد في الحقيقت اعتباري ندارد“

2. بيعت شريعت: ضرورت مردي ڪه باوجود علم و تقوي دو صفت داشته باشد، يڪي عدم مساهلت و مداهنت در مقام امر بالمعروف و نهي عن المنڪر، دوم شناختن آنچه بحال طالب افضل و اسهل است، ثمره آن رسيد ن است به نجات ڪلي در عقبي... الخ.

3. بيعت طريقت: پس حقيقتش آنڪه مرد خوش همت هرگاهه فضائل و مناقب اولياء و تصرفات عجيبه ايشان مثل حصول مراد مرد م و قوت و همت و تصرف بر د لها و ڪشف احوال موتيٰ و ڪشف مستقبلات حوادث و ملاقات ارواح طيبه و فائته مي شود و شوق تحصيل آن در دل او غالب مي شود از قبيل متعارف است ڪه هم صنعتي بغير مزاولت و اخذ آن از ماهران آن فن بڪمال نمي رسد. پس چيزي ڪه مانند آن در دست هيچ ڪس ديده نمي شود از فڪر ناقص خود مصدر اين آثار باشد واين امور مراد را سهل الحصول باشد استاذ خود ساخته حق متابعت انها ادا نمايد و مقصود خود رسد و ثمره آن مصفا ساختين وجه روح است از ڪدورت جسماني. ومنور و مڪمل ساختن آن بانواروحاني و اسماءِ رباني و مبدءِ فيض الاهي گشتن برائي بندگان الاهي وحل مشڪلات آنهاتابه طفيل آن درجناب الاهي بحڪم الخلق عيال الله فابهم الي الله انفعهم لعياله. مستحق فضليت محبوبيت مشرف گشتن وباز مره اولياء و صلحاء شريڪ فضائل شدن و مناسبت صفائي بايشان پيدا ڪردن.

4. بيعت حقيقت: شرط اين فنا وجود و قطع تعلقات ڪرني و حظوظ نفساني وبي

تعلقي از مال وجاه و علاقه داران و ثمره آن موجود بودن بنور تجليات الاهي و فنا گشتن حجب وجود ظلماني است"

معلوم ٿيو ته بيعت طريقت ۽ حقيقت لاءِ شرط پيا آهن ۽ بيعت شريعت جي لاءِ پيا. جيڪو ماڻهو انهن شرطن تي پورو نٿو لهي اهو طريقت ۽ حقيقت جي بيعت وٺڻ جو لائق ڪونهي، انهيءَ ميدان ۾ ناقص آهي.

شيخ عبالقادر جيلاني رحه فرمائين ٿا:

"اي آخرت جي رستي جا مسافر تون هر وقت رهبر سان گڏ رهه ته جيئن هو توکي ڪنهن ماڳ تي رسائي. سچو رستو انهيءَ جو خادم بڻجي رهه. ان سان عزت ۽ احترام سان پيش اچ. ان جي ڏسيل رستي کان پاسيرو نه ٿج چوته اهو توکي واقف ڪار بڻائي ڇڏيندو ۽ توکي خدا جي ويجهو پهچائي ڇڏيندو. ان کانپوءِ تنهجي شرافت سچائي ڏسي توکي رستي ۾ نائبي عطا ڪندو، يعني توکي قافلي ۾ سردار ۽ قافلي وارن جو سلطان ڪري ڇڏيندو. بس تون قائم رهندين تان جو توکي تنهجي نبي وٽ آڻيندو ۽ توکي پاڻ ڪريمن جي حوالي ڪري ڇڏيندو. پوءِ پاڻ ڪريمن جون اکيون تو کان ٺڏيون ٿي وينديون. انکان پوءِ حضور جن توکي نائب مقرر ڪندا، قلب جي ڪيفيتن ۽ معنيٰ جي بنياد تي. بس تون حق تعاليٰ ۽ سندس مخلوق جي وچ ۾ سفير ۽ نبي ڪريم جي خدمت ۾ حاضر ۽ سندن خدمتگار بڻجي ويندين جو ڪڏهن مخلوق ڏانهن ايندين ۽ ڪڏهن خالق ڏانهن. اها شئي بناوٽ ۽ هوس سان حاصل نه ٿيندي آهي پر ان ڳالهه سان حاصل ٿيندي آهي جيڪا سينن ۾ جڳهه وٺندي آهي ۽ عمل انهيءَ جي تصديق ڪندو رهندو آهي"

پوءِ فرمائين ٿا:

"شيخ ٻن قسمن جا هوندا آهن هڪ مشائخ شريعت ۽ ٻيومشائخ معرفت. شيخ شريعت توکي مخلوق جي دروازي تي وٺي ويندو ۽ شيخ طريقت توکي خدا جي قرب جو رستو ٻڌائيندو"

۽ مولانا رشيد احمد گنگوهي فرمائين ٿا:

"مشائخ جي لاءِ مقامات (رتبن)، منزلن، تلوينات، تمڪينات ۽ وضوءَ جي قاعدن کي سمجهڻ، مشاهدن ۽ معائنن مان لنگهي فناء الفنا ۽ بقاء البقا جي مرتبي تائين پهچڻ ۽ عظمت ۽ ڪبريائي، وحدانيت ۽ فرديت جي سڃاڻپ به ضروري آهي ته جيئن سالڪن جي تربيت ۽ طالبن جي رهنمائي ڪري سگهي ۽ پير بڻجڻ جي لائق ٿي وڃي (امداد السلوڪ صفحو 27)"

۽ حضرت سلطان باهو فرمائين ٿا ته:

"۽ ياد رکو ته فقير فنا في الله حضور جو صاحب هوندو آهي، الله تعاليٰ جي وحدانيت ۾ غرق ڪرڻ ۽ محمد  جي مجلس ۾ پهچائڻ انهيءَ لاءِ ڪا مشڪل ڳالهه ڪونهي، پر سَوَلي آهي ۽ صرف ذڪر ۽ فڪر، زهد ۽ تقويٰ سان اها ڳالهه حاصل ٿيڻ ڏکي آهي، چوته ڪامل ۽ مڪمل مرشد الله جي طالب جو هٿ جهلي ڪيس سندس منزل تائين پهچائي سگهي ٿو. جنهن شخص ۾ اها طاقت نه

هجي انکي ڪامل چوڻ غلط آهي، اهو ته ماڇهين رهزن آهي“ (عين الفقر صفحو 6)

۽ امام رباني رحه فرمائين ٿا:

علم به تفصيل احوال و مقامات و معرفت به حقيقت مشاهدات وتجليات و حصول ڪشف والهامات و ظهور تعبيرات واقعات از لوازم اين عالي مقام است وبدونها خرط القتاد (مڪتوبات دفتر اول حصه چهارم صفحه 221 )

انهي تفصيل ڪانپوءِ اها اڻتڻ نه رهڻ ڪپي ته شيخ ڪامل جي لاءِ جيڪي شرط حضرت استاد مڪرم بيان فرمايا آهن اهي ڪي نوان آهن. ها، هي خيال پيدا ٿي سگهي ٿو ته صوفياءِ ڪرام جن ماڻهن ڪي پنهنجا ”مجاز خليفا“ مقرر ڪندا آهن، انهن سڀني ۾ ته اهي (خاصيتون)شرط موجود ڪونه هوندا آهن پوءِ ائين چو ٿو ڪيو وڃي؟ انجي حقيقت هيءَ آهي ته اهل الله صوفياءِ ڪرام ڪڏهن ڪڏهن فقط ظاهري علم جي عالمن ڪي به مجاز خليفا بڻائي ڇڏيندا آهن اهو بيعت شريعت ۽ بيعت وسيلت جي لاءِ هوندو آهي. بيعت طريقت جي اعتبار سان ته اهي واقعي ناقص هوندا آهن، جيڪڏهن اهڑو ڪو خليفهءِ مجاز سادگي (اڻجاڻائي) سان پنهنجي نالي سان گڏ شيخ طريقت لکڻ شروع ڪري ڇڏي ته ان سان حقيقت ڪونه ٿي بدلجي (مرتب)

25. ايضاً

26. انما يخشي الله من عباده العلماء. قال الشيخ شهاب الدين في هٰذه الايه تعريضا اليٰ انه من لاخشية له فهو ليس بعالم

27. ولا تطع من اغفلنا قلبه عن ذڪرنا واتبع هواه- ان شخص جي پويان نه لڳ جنهن جي دل الله جي ذڪر کان غافل هجي ۽ اهو نفس جي خواهشن جو غلام هجي.

28. باب 30: درمختار 105:1

29. فتح الباري: 301:1

30. روض الانف :343

31. فتح الباري 1-301

32. فتح الباري 408:2

33. ابن ڪثير 468:3

34. ابن ڪثير 23:3

35. يسبحون اليل والنهار لايفترون (الانبياء)

36. خدا هي ڪو فقط حاصل هئي حق دلبري- (اڪبر)

ديا دل جس ني دنيا ڪو حقيقت مين وه مشرڪ هئي.

37. تفسير مظهري 101:2

38. فتاوي الحديثه

39. فتاوي الحديثه 277:2

40. الالي المصنوعه 332:3

41. الخبر الدال..سیوطي 15
42. ایضاً 23
43. ایضاً 14
44. معارف لدنیه، از امام رباني 44
45. تفسیر مظهري 62:15
46. الخبر الدال:23
47. مکتوبات 2:2
48. مشکواۃ کتاب العلم
49. الترغیب 547:2
50. الترغیب 548:2
51. تحفه الذاکرین: 41
52. الترغیب 559:2
53. فتح الباري 22:3
54. فتح الباري 27:3
55. فتح الباري 23:3
56. الترغیب 19:4
57. ایضاً 19:4
58. ایضاً 20:4
59. ایضاً 20:4
60. ایضاً 20:4
61. ایضاً 22:4
62. ایضاً 178:4
63. فتح الباري مع بخاري 272:11
64. ایضاً 273:11
65. تفسیر کبیر.
66. فتح الباري 273:11
67. تفسیر کبیر 471:5
68. تفسیر مظهري 22:12
69. فتاوي الحدیثیه 285:2
70. الترغیب 444:3
71. روح المعاني
72. الترغیب 53:3
73. ابن کثیر 495:3
74. تفسیر مظهري 410:3
75. ایضاً 41:3
76. ایضاً
77. حاشیه تفسیر کبیر 504:4

78. ایضاً 504:4
79. الترغیب 160:4
80. ایضاً 537:4
81. بخاري 948:2
82. مشکواة 427
83. فتاوي الحدیثیه 25:1
84. کتاب الاذکار نووي 19
85. کتاب الاذکار 20
86. تفسیر تبصیر الرحمان
87. بهجة النفوس
88. مشکواة 192
89. عبقات 8
90. تفسیر کبیر 419:6
91. کتاب الروح 29
92. تفسیر کبیر جلد 142:1
93. المرشد الامین واحیاء العلوم جلد 3
94. الفتح الرباني وعظ:18 ذیقعد سنه 545ع
95. مکتوبات شیخ الاسلام جلد 3: مکتوب 3
96. المنقذمن الضلال صفحه 5
97. فتح الباري 315:12
98. ایضاً 315:12
99. ایضاً 315:12
100. ابن کثیر 682:2
101. کتاب الروح 319
102. الفوز الکبیر 47
103. المنقذمن الضلال: 50
104. الیواقیت والجواهر 133:1
105. ایضاً
106. الحاوي للفتاوي 45:2
107. ایضاً 448:2
108. فتح الباري مع بخاري 310:12
109. الحاوي للفتاوي 445:2
110. الحاوي للفتاوي 443:2
111. ایضاً 444:2
112.الحاوي للفتاوي 442:2
113. اشعة اللمعات 239:3
114. فتاوي الحدیثیه 255:2

115. ایضاً 256:2
116. تفسیر ابن کثیر 468:5
117. ایضاً
118. فتح الباري 292:6
119. روح المعاني
120. فتح الباري 347
121. اشعة اللمعات 640:3
122. فتح الباري 7:1
123. فتاوي الحديثيه 256:2
124. اشعة اللمعات 24:3
125. الانتباه في سلاسل اولياءَ الله :7
126. اللمعات شرح مشکواة 548:3
127. تفسير جمل 445:2
128. تفسيرابن کثير 482:2
129. ايضاً 469:3
130. احياءُ علوم الدين: 15
131. کشف استار حاثيه در مختار. باب السمين وفي الضرب والقتل
132. کتاب الروح: 62
133. شرح الصدور في احوال الموتي والقبور 20
134. ايضاً 97
135. ايضاً 20
136. فتح الباري مع بخاري 20
137. تفسير مظهري 77:8
138. ايضاً 77:10
139. حاشيه خيالي 118
140. شرح مواقف 715
141. تفسير ابن کثير 439:3
142. شرح وقايه حاشيه مولانا عبدالحق 254
143. مشکواة باب حکم الاسراءِ 345
144. الترغيب:196
145.ايضاً 197:1
146. تفسير ابن کثير 347:3 ۶ کتاب الروح 5
147. تفسير ابن کثير 483:3
148. ايضاً 439:3
149. شرح وقايه 254
150. تفسير ابن کثير 18:3
151. ايضاً 16:3

152. مشڪواة باب المعراج 568
153. مشڪواة 202
154. مشڪواة 545
155. اقتضائي صراط مستقيم
156. فتح الباري بخاري 338:2
157. فتاوي الحديثيه 206
158. مشڪوات 210
159. تفسير ڪبير 465
160. تفسير ابن ڪثير 279:2 ۽ الزواجر عن الڪبائر 19:1
161. مشڪواة 157. ڪتاب فضائل القرآن
162. ابن ڪثير 31:3
163. فتح الباري 29:13
164. اخبران ابصار القلب و جلائڻ يحصل بالذڪر ونه يتمڪن من الذڪر بالتقوي- فاالتقوي باب الذڪر والذڪر باب الڪشف والڪشف مفتاح الفوز الڪبير (احياء غزالي)
165. فتح الباري 45:1
166. تحفة الزاڪرين 331
167. صواعق محرقه، علامه ابن حجر
168. الاتباه في سلاسل اولياءَ الله 310
169. تهذيب التهذيب ترجمه حسن بصري
170. الحاوي للفتاوي 191:2
171. تحفة الذاڪرين 55

***

# ڪتابيات

ڪتاب جو نالو — مصنف جو نالو

## الف

| | |
|---|---|
| الحاوي للفتاوي | علامه جلال الدين سيوطي 911 هجري |
| المسامره في شرح المسايره | ڪمال الدين محمد ابن ابي الشريف 905هه |

| | |
|---|---|
| الشفاء في حقوق المصطفيٰ□ | قاضي عياض □ 544ھ |
| الاقتصاد في الاعتقاد | حجة الاسلام امام محمد الغزالي □ 505ھ |
| شرح الصدور في احوال الموتٰي والقبور | علامه جلال الدين سيوطي□ 911 ھ |
| الخبر الدال علي وجودالقطب والاوتاد والنجباء والابدال ................. | ايضاَ |
| الالي المصنوعه | ................. ايضاَ |
| احياء علوم الدين | حجة الاسلام امام محمد الغزالي□505 ھ |
| الانتباھه في سلاسل اولياءَ الله | حضرت شاھه ولي الله □ |
| اقتضاء صراط مستقيم | علامه ابن تيميه □ 728ھ |
| الفوز الكبير | شاھه ولي الله محدث دھلوي □ 1176ھ |
| الترغيب و الترھيب | علامه عبدالعظيم منذري □ |
| المنقذ من الضلال | امام غزالي □ |
| اشعته للمعات شرح مشكوات | شيخ عبدالحق محدث دھلوي □ 1052 ھ |
| الرفع والتكميل | علامه سيوطي |
| الروح وماھيتها | سيد محمد حريري بيوني □ |
| الجامع الصحيح البخاري | ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري□ 256 ھ |
| اربعين في اصول الدين | امام فخرالين رازي □ 606 ھ |
| الزواجر عن الكبائر | علامه احمد بن حجر الھيتمي □ |
| اليواقيت والجواھر | امام عبدوالوھاب شعراني □ 972 ھ |
| التكشف عن مهمات التصوف | مولانا اشرف علي ثانوي □ |
| الروض الباسم | علامه وزير □ |
| الطالع السعيد | علامه الكمال □ |
| المخ الالٰهيه | ابن فارس □ |

ب

| | |
|---|---|
| بهجته النفوس شرح بخاري | عبدالله بن ابي جمره □ 597 ھ |
| بلغة الحيران | مولانا حسين علي □ |

ت

| | |
|---|---|
| تفسير كبير (مفاتيح الغيب) | امام فخرالدين رازي □ 606 ھ |
| تفسير ابن كثير | حافظ عماد الدين ابو الفداء اسماعيل ابن كثير 774ھ |
| تفسير مدارك التنزيل حافظ الدين محمود ابو البركات النسفي □ 686ھ | |

| | |
|---|---|
| تفسير جمل | حافظ الدين محمود ابوالبركات النسفي □ 686ھ |
| تفسير تبصير الرحمان | علامه مهميني □ |
| تفسير روح المعاني | علامه شهاب الدين محمود آلوسي □ 1291ھ |
| تفسير مظهري | قاضي ثنا اللہ پاني پتي □ 1225 ھ |
| تاسيس التقديس | امام فخرالدين رازي □ 606 ھ |
| تهذيب التهذيب | حافظ ابن حجر عسقلاني □ 852 ھ |
| تهذيب الكمال | حافظ جمال الدين مزي □ 742 ھ |
| تحفه اثنا عشريه | شاهه عبدالعزيز محدث دهلوي□ 1239ھ |
| تعليم المتعلمين | امام غزالي □ |
| تحفته الذاكرين | علامه شوكاني □ 1250ھ |
| تفهيمات الاهيه | شاهه ولي اللہ محدث دهلوي□ 1176ھ |

خ

| | |
|---|---|
| خيالي | ..... |

د

| | |
|---|---|
| درمختار | ..... |

ر

| | |
|---|---|
| روض الانف شرح | علامه ابو القاسم سهيلي |
| سيرت ابن هشام | 581ھ |

س

| | |
|---|---|
| سنن ابن ماجه | ابو عبداللّٰه محمد بن يوسف ابن ماجه قزويني□ 273ھ |

ش

| | |
|---|---|
| شامي | علامه ابن عابدين شامي |
| شرح مواقف | سيد شريف علي بن محمد جرجاني □ 816ھ |
| شرح وقايه | .... |

ط

| | |
|---|---|
| طبقات الكبريٰ (اردو ترجمو) | امام عبدالوهاب شعراني □ |

ع

| | |
|---|---|
| عبقات | شاهه اسماعيل شهيد □ 1247ھ |

ف

| | |
|---|---|
| فتح الباري شرح بخاري | حافظ ابن حجر عسقلاني □ 852 ھ |

| | |
|---|---|
| فتاویٰ الحدیثیه | علامه احمد بن حجر الهیتمي مکي □ 975ه |

ک

| | |
|---|---|
| کتاب الاذکار | محي الدین ابو زکریا نووي □ 676ه |
| کتاب الروح | حافظ ابن قیم □ 751ه |

م

| | |
|---|---|
| معارف لدینه | امام رباني مجدد الف ثاني □ 1034ه |
| مکتوبات | ایضاً |
| معجم | شیخ برهان الدین بقاعي □ |
| موطا | امام مالک □ 179ه |
| مشکواة المصابیح | ولي الدین محمد بن عبدالله لقب الخطیب عمري تبریزي□ 737ه م تالیف ختم کئي |

ن

| | |
|---|---|
| نقش حیات | مولانا حسین احمد مدني □ |
| نسیم الریاض | امام محمد غزالي □ |

## دلائل سلوڪ تي رايا

(1) دلائل سلوڪ جي ڪن جاين ڪي ڏٺو. ڪتاب جو مؤلف اڪابر ديوبند جي مسلڪ سان منسلڪ معلوم ٿئي ٿو. ڪتاب جا مضمون باحوالا ڏنا ويا آهن. تصوف ۾ به پين ديني علمن وانگر هن دور ۾ الحادي فضا جي ڪري افراط و تفريط جو ارتڪاب ڪيو ويندو آهي. افراط ۾ توحيد باري تعاليٰ جي مسئلي تي ڌڪ لڳي ٿو ۽ تفريط ۾ تصوف کي بدعت قرار ڏنو ويو. حضرت حڪيم الامت مولانا ٿانوي جن التڪشف عن مهمات التصوف ۽ مسائل السلوڪ علي هامش بيان القرآن ۾ مهمات التصوف کي قرآن و حديث سان ثابت ڪيو آهي. جنهن کي نجدي عالمن ڏسي اقرار ڪيو آهي ته جيڪڏهن تصوف جي حقيقت اها آهي ته اسان انجو انڪار نٿا ڪريون. هي ته ڪتاب و سنت جي عملي شڪل آهي. مونکي دلائل السلوڪ ۾ تصوف جي متعلق انهيءَ اعتدال جي راءِ جي بوءِ محسوس ٿئي ٿي.

(حضرف علامه مولانا شمس الحق افغاني سابق شيخ التفسير دارالعلوم ديو بند)

(2) مون ڪتاب دلائل السلوڪ از افادات حضرت مولانا الله يار خان صاحب مرتبه حافظ عبدالرزاق صاحب جو مطالعو ڪيو. ڪتاب ۾ نهايت عمده مضمون آهن. گهڻن ئي مفيد مسئلن کي حل ڪيو ويو آهي. الله تعاليٰ حضرت مولانا ممدوح ۽ جناب حافظ صاحب موصوف کي جزائي خير عطا فرمائي ۽ الله تعاليٰ هن ڪتاب جي فيوض و برڪات کان خاص و عام امت مسلمه کي مستفيد فرمائي.

(محمد یوسف شاهه میر واعظ کشمیر)

(3) دلائل السلوڪ جي مطالعي کان اڄ فارغ ٿيو آهيان ۽ منهنجا تاثرات هي آهن:

پهريون: تصوف تي بحث فاضلاڻو آهي. مصنف تزڪيه روح قلب تي زياده زور ڏنو آهي ۽ زهد خشڪ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي، انداز اقرب الي القرآن آهي.

ٻيون: مونکي مصنف سان ان ڳالهه تي اتفاق آهي ته تصوف بنا انسان ائين لڳي ٿو جيئن شاخ بي نم (بغير پاڻي) ۽ گل بي رنگ هي انسانيت جو نچوڙ ۽ شريعت جو ما حاصل (مقصد) آهي.

ٽيون: تصوف تي اهل علم جا رايا محنت سان جمع ڪيا ويا آهن ۽ ماخذ جو پورو اهتمام ڪيو آهي.

چوٿون: ڪتاب ۾ روح تي بحث ايترو مفصل آهي جو جيڪڏهن روح جي حقيقت کي حاصل ڪرڻ ممڪن هجي ها ته شايد مصنف ڪامياب ٿي وڃي ها.

پنجون: ڪتاب جا بيشتر مباحث فڪر جديد جي زياده قريب آهن باوجود انجي جو زير بحث مسئلن جو تعلق غير مرئي دنيا سان هو. پوءِ به مصنف انهن کي سمجهڻ لائق بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڇهون: ڪتاب جي زبان اديبانه آهي.

(ڊاڪٽر غلام جيلاني برق. ايم اي پي ايچ ڊي)

(4) دلائل السلوڪ تصوف جي فن ۾ نهايت سٺو ۽ وڏيڪ ئي بهتر آهي. الله تعاليٰ حضرت شيخ طريقت کي خداداد قابليت سان گڏ هن موضوع تي لکڻ جي خاص توفيق عطا فرمائي آهي. هن ڪتاب جي پڙهڻ ساڻ تصوف جي حقيقت ۽ انجي سهڻن نتيجن مان ڪامل بصيرت حاصل ٿئي ٿي. الله تعاليٰ مسلمانن کي زياده کان زياده هن ڪتاب کي پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ سهڻن نتيجن سان فيضياب ڪري.

(حضرت مولانا مفتي بشير احمد پسروري ، خليفه اعظم حضرت مولانا احمد علي صاحب لاهوري )

(5) مون مولانا الله يار خان جي لکيل ڪتابن دلائل السلوڪ، اسرار الحرمين، علم و عرفان جي گھڻن موضوعن کي ڏٺو. انهن جي مضمونن کي اڪابر ديو بند جي مسلڪ جي موافق لڌو. قرآن و حديث سان ٽڪراءَ ۾ نه ڏٺو.

(مولانا محمد فريد صاحب مفتي دارالعلوم حقانيه اڪوڙه خٽڪ)

# تبرڪاتِ شيخ

## شيخ مڪرم  جي خطن جو انتخاب

هي مڪاتيب (خط) حضرت شيخ  سن 1971-74ع ۾ پنهنجي محبوب خليفي جناب ميجر محمد احسن بيگ مد ظله العالي جي نالي لکيا هئا، جڏهن هو هندوستان ۾ قيد جا ڏينهن گذاري رهيو هو.

ڪن مڪاتيب (خطن) جا مخاطب ڪي ٻيا دوست آهن جيڪي اتي ئي انهيءَ دور ۾ سلسله عاليه ۾ شامل ٿيا ۽ زير تربيت رهيا. هنن ۾ ڪجهه ڳالهيون تصوف، طريقت جي اصولن ۽ شيخ جي ادب متعلق وچ ۾ اچي ويون آهن. انهن کي هن ڪتاب ۾ برڪت خاطر شامل ڪيو وڃي ٿو ته جيئن قارئين انهن کان مستفيد ٿي سگهن. مڪاتيب (خطن) جو نقل بطور اصل پهريون دفعو شامل ڪيو پيو وڃي.

خط (1) نالي حضرت ميجر محمد حسن بيگ صاحب مدظله العالي
23 فيبروري 1972ع

خط (2) نالي حضرت ميجر احسن بيگ صاحب مدظله العالي ۽ ڪرنل فتح محمد خان 27 جنوري 1973ع

خط (3) نالي حضرت ميجر محمد احسن بيگ صاحب مدظله العالي
11 جولائي 1973ع

خط (4) نالي ميجر غلام سرور صاحب 11 جولائي 1973ع

PAKISTAN RED CROSS SOCIETY

MESSAGE FORM

Enquirer

Name: MAULVI ALLAHYAR KHAN

Street: SARJAL

Locality: CHAKRALA

County: MIAN WALI (PUNJAB)

Country: PAKISTAN

Message

(Not over 25 words, family news of strictly personal character).

---

Date: 22 FEB 1972

ADDRESSEE

Name: MRS. MUHAMMAD AHASSAN BEG

Street: C/o 99 APO

Locality: CAMP NO 93 P.W

County: P.O.W. NO 36286

Country: INDIA

REPLY OVERLEAF

Please write very clearly



از [illegible] فقیر اللہ یار خان

[illegible] پاکستان

بخدمت [illegible] جناب [illegible] السلام علیکم

[illegible] محمد حسن [illegible] صاحب [illegible]

[illegible] خط [illegible] خط کا جواب نہیں [illegible] دو ماہ

سے تقریباً [illegible] شدید [illegible] خطوط [illegible] تمام [illegible]

[illegible] جناب [illegible] کو ملنے [illegible] بندہ کو عزیزم

بیگم رشید [illegible] صاحب کا خط ملا [illegible]

[illegible] تمام کمالات کے دروازے بند ہو چکے

[illegible] دروازہ کھلا ہوا [illegible] ابدالیت

نجبائیت، نقبائیت [illegible] قطبیت

غوثیت، قیومیت [illegible] فردیت، قطب وحدت و صدیقیت

[illegible] مقام [illegible] زبان سلوک میں

ان تمام مناصب [illegible] محمد رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم کی [illegible]

ملتے ہیں [illegible] مناصب جو بیان کئے [illegible]

ان شاء حصول کا معمولی شرط بھی نہیں ہے
دو اصول اتباع شریعت محمدی صلی اللہ علیہ وسلم
یعنی اتباع سنت رسول صلی اللہ علیہ وسلم
دوسرے یہ کہ ذکر علی الدوام کرے خلوص قلب با شیخ
شیخ سے چونکہ تعلق قلبی ہوتا ہے اور بیعت ہی
کا ذریعہ تعلق ہوتا ہے اس لئے خیال کیا جاتا ہے کہ بیعت
اب لوگوں کے شیخ اور مرید میں حجاب ہے مگر احسن یہ ہے
نہیں رہتا اگر بندہ تک اسے تو ان کا توسط طلب کرے
اسے ان کا ادب تعظیم ملحوظ رکھنا ضرور ہوتا ہے
بندے سب جانتے ہیں تمہاری محبت زندگی کی ان مال سے
سے رب رکھتا ہی دل ہوا رب العالمین کا
ہے کہ دریافت حصول سلوک میں محبت اور
توجہ عبادت سے حاصل ہوتا ہے

دو لال صاحب کو یہ خط [illegible]

پهريون خط مورخه 23 فيبروري 1972ع

ميجر احسن

السلام عليڪم.

سچي جماعت برزخ تائين دربار نبوي  ۾ دعا ۾ مصروف آهي. توهان جماعت جي دل آهيو. جواب خلاصي تفصيل سان محال آهي.

بيننا و بينهم حجاب الفساد

جماعت جو السلام عليڪم ۽ دعا قبول.

الله يار

(دستخط حضرت جن  جو)

ٻيو خط

از چڪڙاله پاڪستان

الداعي الي الخير ناچيز الله يار خان

(دستخط حضرت جن  جو)

بخدمت عزيزم ڪرنل مطلوب حسين صاحب السلام عليڪم!

ڪجهه ڏينهن پهريائين جناب ميجر محمد احسن بيگ صاحب ۽ ڪرنل فتح محمد خان صاحب جو خط مليو. ان خط جو جواب مون ڏيئي ڇڏيو آهي. مون انهن ٻن مهينن ۾ تقريباً اٺاويهه (28) خط توهان جي نالي لکيا آهن هڪ هڪ ڪري، ڪاش ته جناب عزيزان کي ملن ئي گهٽ ٿا. اڄ وري بندي کي عزيزم ميجر رشيد جعفر جو خط مليو آهي. آئون توهان کي به ۽ ان کي به بلڪه سچي جماعت کي عرض ڪندس ته سڀني ڪمالات جا دروازا بند ٿي ويا آهن. سواءِ اتباع محمدي  جي ڪو به دروازو کليل نه آهي. ابداليت، نجبائيت، نقبائيت، اوتاديت، ارشاديت، قطبيت، غوثيت، قيوميت، فردست، قطب وحدت ۽ صديقيت ان کان اڳيان به قربيت، جنهن کي مقام اسرار چيو

وجي ٿو سلوڪ جي زبان ۾ . اهي سڀ مناصب محمد رسول الله ﷺ جي جُتين جي خاڪ مان ملن ٿا. ياد رکجو اهي مناصب، جيڪي مون بيان ڪيا آهن، انهن جي حصول جا ٻه ئي شرط آهن.

(1) اتباع شريعت محمدي ﷺ بمع اتباع سنت رسول الله ﷺ.

(2) ذڪر علي الدوام جي خلوص با شيخ شيخ سان چوته تعلق قلبي ٿئي ٿو ۽ بلڪل ئي نازڪ تعلق ٿئي ٿو، ان جو خيال ڪيو وڃي. هن وقت توهان ماڻهن جا شيخ ۽ مربي جناب ميجر احسن بيگ صاحب آهن. توهان جيڪڏهن بندي تائين آيا ته انجي ذريعي سان آيا. ان جو ادب تعظيم ملحوظ رکجو ۽ خدا جا بندا بڻجي وڃو، توهان جو موت زندگي في الحال (سوال آهي)، هاڻي هڪڙو ئي دروازو رب العالمين جو آهي. ياد رکجو حصول سلوڪ ۾ موت اچي ته اهو حيات آهي، حيات آهي. سڄي جماعت کي هيءُ خط ٻڌائجو. توهان جو خط جنهن ۾ ذڪر جو سوال هو، جواب مفصل ڏنو هو.

ٽيون خط

از چڪڙاله    مورخه 11 جولاءِ 1973ع

فراموشي مڪن اي يارجاني
اگر دورم مرا نزديڪ داني

بخدمت عزيزم محمد احسن بيگ صاحب ۽ ڪرنل فتح محمد صاحب ۽ ڪرنل مطلوب حسين صاحب، السلام عيڪم! مون گهڻائي خط توهان صاحبن جي خدمت ۾ موڪليا گهڻو ڪري ملي چڪا هوندا. هيءُ خط مناره ويندي موڪليو آهي. آئون انشاءَ الله 14 جولاءِ 1973ع جو مناره هليوويندس. ۽ اتي چاليهه ڏينهن لڳاتار رهندس. توهان صاحبن کي عرض آهي. معاملو نازڪ صورت اختيار ڪري چڪو آهي. توهان بهرحال خدا جي ياد ۾ همه تن باقاعده مصروف ٿي انکي ياد ڪريو ظاهراً باطناً.

ظاهر اتباع شريعت، باطن ۾ لطائف ۽ مراقبات تي پورو زور ڏجو.

آئون پوري جماعت سان مخاطب آهيان. توهان سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گهمو ڦرو، سڄي دنيا ۾ڳولا ڪريو، توهان کي ڪامل

عارف نه ملندو. محال آهي، محال آهي، ۽ خوب ياد رکجو، بيگ صاحب توهان وٽ آهي جيڪو موجوده حالت ۾ توهان صاحبن جو شيخ مرشد آهي. ان جي عزت سڀني مشائخن جي عزت آهي. ۽ خوب ياد رکجو انجي ڪامليت ۾ ذري برابر به شڪ محال آهي. ٻڌايو جنهن شخص کي مراقبه احديت، معيت، اقربيت ٿي وڃي ٿو، چه جائيڪه فنا في الرسول ٿي وڃي، سالڪ المجزوبي ٿي وڃي، پوءِ بيگ جي ڪامليت ۾ شڪ ڪري ٿو، ته اهو احمق نه آهي ته ٻيو ڪير آهي. جيڪو شخص عالم خاڪي مان ڪڍي، بلڪه عالم ملڪوتي مان به ڪڍي ڪري، عالم برزخ ۾ ڪٽي وڃي دربار رسالت ۾ پيش ڪري ڇڏي ٿو، ميدان حشر ڏيکاري ڇڏي ٿو، ان جي ڪامل هجڻ ۾ شڪ ۽ شبهو ڪرڻ، پوءِ به انکان ڪرامت طلب ڪرڻ بيوقوفي نه ته ٻيو ڇا آهي.

عزيزو! حالت نازڪ صورت اختيار ڪري چڪي آهي. توهان چڱي طرح بيگ سان چنبڙي وڃو. ان جي صحبت سان ئي توهان کي جيڪو ڪجهه حاصل ٿيندو، سو ٿيندو. خدا جا بندا بڻجي وڃو. نوڪري بلڪه دنيا جي ڪابه قوت خدا کان پري نٿي ڪري سگهي. نوڪري ڪريو، خدا کي ياد ڪريو، عزيزو! دنيا ته اها شئي آهي جيڪا خدا کان پري ڪري ٿي ڇڏي.

چيست دنيا ولباس دنيوي از خدا غافل شدن اي مولوي
چيست دنيا از خدا غافل شدن ني لباس نقره و فرزند وزن

نماز جي سخت پابندي ڪجو. اڳوڻن صوفين جو خيال ڪجو، انهن جي محنت کي نظر ۾ رکجو، انهن جي کاڌي، انهن جي لباس، انهن جا مجاهدات تخليه اختيار ڪجو وغيره. توهان ماڻهن کي هر طرح جي آزادي آهي.

هن دفعي مناري ۾ وڏي جماعت هوندي. مناري کانپوءِ آئون وري گلگت ويندس. چين جي سرحدن تي، اتي به جماعت آهي. اهي (ماڻهو) آيا هئا دعوت ڏيئي ويا آهن. پوءِ واپسي تي ڪاغان ويندس، انشاءَ الله تعاليٰ. پوءِ قاري صاحب جي شادي تي ضلع ساهيوال ۾، پوءِ رمضان المبارڪ اچي ويندو. پوءِ حج جو ارادو مضبوط آهي، 90 ماڻهن جي جماعت لارين تي ويندي. باقي خدا حافظ.

(ق)

## چوٿون خط

بسم الله الرحمان الرحيم
حضرت مولانا الله يار خان صاحب
چڪڙاله ضلعو ميانوالي تاريخ 11 جولاءِ 1973ع

بخدمت عزيزم ميجر غلام سرور صاحب

السلام عليڪم! ڪافي عرصي کان ڪو اوهان جوخط موصول نه ٿيو.آئون انشاءَ الله تعاليٰ 14 جولاءِ 1973ع جو مناري معمول مطابق پنهنجي جماعت ۽ طالبن سان گڏ هليو ويندس ۽ چاليهه (40) ڏينهن جو پروگرام خود جماعت وارن ئي بڻايو آهي، باقي سڀ خيريت آهي، زندگي جو اعتبار ناهي انڪري چاليهه ڏينهن مقرر ڪيا آهن ته جيڪي رفقاء صاحب استعداد آهن انهن جي ترقي جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ ٻين جي اصلاح ڪئي وڃي.

تصوف نالو ئي ظاهري ۽ باطني تزڪيه جو آهي، ظاهراً ۾ شريعت جي تابعداري ۽ باطن ۾ تزڪيه باطن، ذڪر باطني، لطائف مراقبات. عزيزم! دين 3 شين جو مرڪب آهي، ۽ 3 شين جو نالو دين آهي.

نمبر 1: عقائد دين جا بنياد آهن.
نمبر 2 اعمال ۽ احڪام ظاهري جن کي فروعات سان تعبير ڪيو وڃي ٿو.
نمبر 3: تزڪيه باطن جنهن کي علم تصوف چيو وڃي ٿو.

اهي 3 رڪعتون آهن انهن مان هڪ رڪعت رهجي ويئي ته نماز نه ٿيندي.ڪو شخص نماز مغرب جي هڪ رڪعت ڇڏي، يا وتر جي ته ان جي نماز نه ٿيندي. اهڙي ئي طرح تصوف ۽ دين کي سمجهو. خيال ڪجو ميجر بيگ صاحب جو دامن مضبوطي سان جهلجو، ان جي عزت دل ۾ هجي، ائين نه ٿئي جو ڪنهن کي پنهنجي ميجري جو خيال هجي، ڪنهن کي ڪپتاني جو ڪنهن کي ڪرنلي جو.

شعر:درادين را فلان ابن فلان چيزِ نيست

اهڙو شخص ملي وجي ته ان جي جُتي جي ڌُوڙ (مٽي) بڻجي وڃي:
چنين ياري کہ يا ذي خاک او شو اسير اسير حلقهءِ فتراک اوشو
که باشد دوست آن يارِ خدائي, د دلش روشن زنورِ آشنائي
نمازءِ ذڪر جي پابندي (ءِ) بيگ کي ترياق خيال ڪجو. توهان ماڻهن کي جيڪو ملندو، اهو بيگ جي صحبت سان ملندو. سلوک جي مسئلي ۾جنهن تي بيگ راضي تنهن تي سڀ مشائخ راضي، جنهن تي بيگ ناراض سڀ مشائخ ان تي ناراض بلکه خدا رسول به ناراض.

الله يار

(دستخط حضرت جن  جو)